# مقالاتِ عزيز

عزيز جعفراڻي



ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# مقالاتِ عزیز

# مقالاتِ عزيز

ليکڪ
**عزيز جعفراڻي**

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
ڪراچي- 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: مقالاتِ عزيز
ليکڪ: عزيز جعفراڻي
سال: 2012ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
قيمت: -/400 روپيا

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو ڪتاب گهر
سامهون ايم.پي.اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي- 74400، سنڌ.
فون: 021-99206073

# فهرست


پبلشر نوٽ ........ 5
سهيڙيندڙ پاران ........ 7

## مضمون ۽ مقالا

رسول اڪرم حضرت محمد ﷺ هندو مصنفن جي نظر ۾!! ........ 11
ايمان جو سفر شيخ عبدالمجيد سنڌي ........ 16
مولوي حاجي احمد ملاح جو سجاول سان لاڳاپو ........ 22
قائداعظم جي حياتيءَ جو سامراج دشمن پاسو ........ 28
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا چند عرب مداح ۽ معترف ........ 35

## شاهه لطيف

شاهه سائين جا ٺٽي ضلعي تان ڦيرا ........ 41
شاهه جي ڪلام ۾ جعفرافيائي اهڃاڻ ........ 49
فخر سنڌ - حضرت پٺائي گهوٽ ........ 61
شاهه لطيف ۽ رحمان بابا جي درميان فڪري هم آهنگي ........ 76

## تاريخي ۽ ادبي مضمون

سجاول جو علمي ادبي جائزو ........ 85
سجاول جون لائبريريون ........ 93
ٺٽي ضلعي ۾ لائبريريون ........ 98
سجاول ........ 102
چوهڙ جمالي ........ 108
ميرپور بٺوري جا ڪجهه آڳاٽا احوال ........ 113
مغليين عرف جاتي ........ 122
جاتي تعلقي جو سرسري جائزو ........ 126
مگرپين، مغل پين ۽ جاتي ........ 135
سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ مگرپين موزون جڳهه آهي! ........ 137
ڪراچي ضلعي جو جاتي تعلقو: 1899ع ۾ ........ 146
شاهه ڪپور عرف محمد طور ........ 153
ڪيٽي بندر ........ 158
لاڙ جا بندرگاهه ........ 164

نندڪوٽ جو تاريخي قلعو تحقيق جي ضرورت ........ 171
سمن جي ڏينهن ۾ ٺٽي جو علمي عروج ........ 176

## سياسي مضمون

ٺٽي ضلعي جو تحريڪ پاڪستان ۾ حصو........ 187
مولانا شبير احمد عثماني ۽ تحريڪ پاڪستان ........ 194
"الوحيد" جي حوالي سان: ٺٽي ضلعي جو ٽيهه سالا سماجي ۽ سياسي جائزو" 207
"الوحيد ۾ ٺٽي ضلعي جي ڪوريج" ........ 217
جاتي تعلقي جو مختصر سياسي جائزو ........ 230
پاڪستان جو تاريخي ڪردار........ 237

## صحافتي مضمون

جنگ آزاديءَ ۾ صحافت جو ڪردار........ 259
سجاول ۽ "عوامي آواز" ........ 268
سجاول ۽ "جاڳو" ........ 277
ذڪر خير- اڄ کان 60 سال اڳ جي تعليمي ڪانفرنس جو........ 283
تعليمي ماحول کي بهتر بنائڻ لاءِ چند تجويزون ........ 287

## خاڪا

جڙيو جيءُ جاتيءَ سان !جيئومل گرگلاڻي........ 295
محمد خان مجيدي باباءِ تاريخ........ 309
ڪنهن سان سور سليان سرويچ سجاولي........ 316
محترم اي- ڪي بروهي........ 325

## ڪتابن جا مهاڳ

مرڪٽهارو ماٺهو........ 329
ٻه اکر) هڪ قلمي ڪتاب جو مهاڳ( ........ 332
مقدمو) معارف الانوار(........ 334
مهاڳ سنين ذات جو تاريخي ۽ شجرائتي احوال ........ 361
اياز هڪ پختو شاعر........ 364
جاتيءَ جي ڪلراٺي زمين مان ڦٽندڙ خوشبودار ٻوٽا موتي مٺيادار جو مهاڳ 366
مهاڳ پلتيا، پور پرين جا ........ 369

## افسانا

عهد شاهجهاني جو هڪ سچو افسانو"ناظم خان ۽ انجي محبوبه" ........ 377
"ڪوڙ زنده باد" ........ 381
نديءَ جو ٽيون ڪنارو(برازيلي ڪهاڻي)........ 385

# پبلشر نوٽ

سنڌ جيئن تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو رهي آهي، تيئن ثقافتي اهڃاڻن جو محور ۽ علم ۽ ادب جو مرڪز پڻ رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هتي وڏا وڏا علمي مرڪز جڙيا جتان علمن جي آبياري ٿيندي رهي. ننو شهر انهن علمي مرڪزن ۾ بيحد اهم رهيو آهي. سمن جي دور ۾ هڪ وقت اهڙو به آيو جو هتي هڪ ئي وقت تي سو وڏا علمي مرڪز ۽ مڪتب قائم هئا. ان ساڳئي ٺٽي شهر ۽ ان جي آسپاس جون علمي روايتون اڄ به ختم نه ٿيون آهن. ٺٽي ضلعي جي سجاول شهر کي سيد عبدالرحيم شاهه، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، مولانا نور محمد سجاولي، جناب سرويچ سجاولي ۽ جناب عزيز جعفراڻي جهڙين علمي شخصيتن جي سڃاڻ حاصل آهي. سجاول شهر جي تاريخ تي هڪ ڀرپور ڪتاب لکڻ جناب عزيز جعفراڻي جو هڪ اهم ڪارنامو آهي پر ساڳي وقت ان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي مقالا، مضمون، مهاڳ، خاڪا ۽ ٻيون تحريرون لکيون. هن لڳاتار لکيو ۽ سندس زندگي شاهه چواڻي ”جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي“ جو تعبير هئي.

15 مئي 2012ع تي سجاول شهر ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي پاران جناب عزيز جعفراڻيءَ جي ٽين ورسي ملهائي علمي ۽ ادبي ڪاوشن تي ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو. ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو ان موقعي تي خصوصي شرڪت ڪئي هئي.

هي ڪتاب جناب عزيز جعفراڻيءَ جي مختلف وقتن تي لکيل تحريرن تي مشتمل آهي جنهن ۾ سنڌ جي ثقافتي روح جا مختلف رنگ به رچيل آهن. قديم آثارن ۽ واقعن جو تذڪرو به آهي ته وري ٺٽي ضلعي ۽ سجاول جي ماڻهن، علمي ۽ ادبي ماحول ۽ شخصيتن جو احوال به آهي. هيءَ معلومات سنڌ جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ ذخيرو آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب پڙهندڙن کي استفادي جا ڀرپور موقعا فراهم ڪندو.

**عبدالعزيز عقيلي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# مضمون مقالات

# رسول اڪرم حضرت محمد ﷺ
# هندو مصنفن جي نظر ۾!!

حال ئي ۾ منعقد ڪيل ”انٽرنيشنل سيرت ڪانگرس“ جي افتتاحيه اجلاس ۾ پاڪستان جي معروف قانوندان مسٽر اي ڪي بروهيءَ پنهنجي پرمغز مقالي "The Prophet of Islam and his Prophetic Mission" ۾ لکيو آهي تہ: ”رسول ﷺ جن جي شخصيت ڪي دنيا جي ممتاز ترين شخصيت جاچائڻ لاءِ هونئن تہ ڪيترائي معيار آهن ليڪن منهنجي خيال ۾ سڀ کان اعليٰ معيار هي آهي تہ محمد ﷺ دنيا جي واحد شخصيت آهي جنهن جي زندگيءَ جي منٽ منٽ جو رڪارڊ مسلمانن وٽ محفوظ آهي ۽ پاڻ سڳورن جي سيرت طيبہ تي نہ صرف سندن پوئلڳن پر دنيا جي تقريبن هر مهذب قوم ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور لکيو آهي. علم سوانحہ حيات جي تاريخ ۾ رسول ﷺ جن جي پرنور شخصيت سڀ کان مٿانهين نظر ايندي“ بروهي صاحب جي مٿينءَ راءِ جي تصديق يونيسڪو طرفان تازو شايع ڪيل شهره آفاق ڪتاب History of human kind جي انهيءَ اقتباس مان پوي ٿي، جنهن ۾ مصنفين هن راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ ”محمد ﷺ دنيا جي واحد شخصيت آهي، جنهن جي زندگيءَ متعلق انسانذات کي سڀ کان وڌيڪ جاڻ آهي. هن جي عهد معصوميت کان مشن جي پايہء تڪميل تائين مطلب تہ هر ڳالهہ واضح آهي تہ دنيا کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ هو دنيا جو عظيم مصلح هو“.

مٿين ٻن اقتباس مان اهو معلوم ٿيو تہ جيترو ڪجهہ سيرت پاڪ تي دنيا جي مختلف زبانن ۾ لکيو ويو آهي اوترو ٻي ڪنهن تي بہ نہ لکيو ويو آهي. دنيا اندر سيرت طيبہ تي جن بہ لکيو آهي، انهن مان اڪثريت غيرمسلمن جي آهي، انهن ۾ عيسائي سرفهرست آهن. اهو چوڻ غلط آهي تہ

غير مسلمن اسلام سان صحيح انصاف نہ ڪيو آهي. واقعي ڪن متعصب ۽ تنگ نظر غير مسلم مصنفن اسلام ۽ ان جي رسول ﷺ خلاف هر هرزه سرائي کان ڪم ورتو آهي. مسلمان هئڻ جي حيثيت سان اسان جو فرض آهي تہ اسان انهن غير مسلمن جي خيالن کي يڪجا ڪريون جن غيرجانبداري سان گڏوگڏ بنا ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي رسول ﷺ جن جي عظمت واضح ڪئي آهي.

اجوڪو هن مختصر مضمون ۾ آئون صرف هندو مصنفن ۽ دانشورن جا رايا پيش ڪندس. مون صرف هندو دانشورن جو ان لاءِ انتخاب ڪيو آهي تہ هندو اسان کي ويجهي قوم آهي. اسان ان متعلق ڪافي ڪجھ ڄاڻون ٿا. اسان انهن جي ذهنيت کي محسوس ڪندي آزادي حاصل ڪئي. هوڏانهن هندن مسلمانن جي تهذيب و تمدن کي ختم ڪرڻ جون سرتوڙ ڪوششون ڪيون، ليڪن سياسي، اقتصادي ۽ سماجي رقابتن جي باوجود هندن جا دانشور اسلام جي حقانيت جي انڪار ڪرڻ کان قاصر رهيا. انهن کي محمد ﷺ جن ۽ ان جي انقلاب آفرين تعليم کي تسليم ڪرڻو پيو.

هندن جي مذهبي ڪتابن ۾ رسول ﷺ جن جي ظهور جو ذڪر آيل آهي. ڊاڪٽر تارا چند، هندستان جو هڪ مشهور مورخ ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي ڪتاب Influence of Islam on Indian Culture جي ديباچي ۾ لکيو آهي تہ ”ويدن ۾ آيل آهي تہ اي انسانو! ياد رکو تہ اوهان مان هڪ صاحب تعريف (محمد) اٿاريو ويندو جنهن جي صداقتن جي نشاني آسمان ڏيندو“. ساڳيو ئي مصنف ڪبير ۽ گرو نانڪ جي اصلاحي قدمن کي اسلام جي فلسفہ توحيد جي اثر هيٺ ڏيکاري ٿو.

مهاتما گانڌي هندستان جو مشهور سياستدان ۽ ليڊر ٿي گذريو آهي. هو آخري دم تائين سناتن ڌرمي رهيو. هن لاءِ جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ”جديد سياست جا نو رتن“ ۾ لکيو آهي تہ ”هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ايترا پوئلڳ پيدا ڪيا جو نبي بہ پيدا نہ ڪري نہ سگهيو“. اهو ساڳيو گانڌي پاڻ سڳورن لاءِ چوي ٿو تہ: ”آئون پوري يقين ۽ وثوق سان چوان ٿو تہ اسلام پنهنجي سربلندي ۽ سرفرازيءَ لاءِ تلوار کي استعمال نہ ڪيو. بلڪ ان جو بنياد آهي نبيءَ جو خلوص، سندن خود اعتمادي، واعده وفائي، غلام ۽ دوست سان هڪجهڙي محبت، سندن جرئت ۽ بيباڪي، الله ۽ پاڻ تي يقين محڪم جهڙيون بلند صفتون“.

اهي ٽئي وصفون هيون جن جي مدد سان مسلمان تمام پابندين ۽ رڪاوٽن جي باوجود پيش قدمي ڪندا اڳتي وڌندا رهيا“.

Vindication of the Prophet of Islam. P: 26_27

سوامي وويڪا نند، هڪ مشهور هندو مصلح ٿي گذريو آهي، پڳتي تحريڪ ۾ سندس وڏو حصو هو. هن جي اصولن ۽ نظرين تي دهلي مان سٽن جلدن ۾ هڪ مربوط ڪتاب شايع ٿيو آهي. ڪتاب جي چوٿين جلد جي صفحي نمبر 130 تي سوامي صاحب لکي ٿو ته:

”ان ڪانپوءِ پيغمبر مساوات محمد ﷺ تشريف آندي، توهان پڇو ٿا ته ڇا هن جو مذهب سٺو آهي؟ جيڪڏهن ان جو مذهب سٺو نه هجي ها ته پوءِ اهو ڪيئن زنده رهي ها؟ صرف چڱن ماڻهن کي ئي دائمي حياتي ملندي آهي. بري انسان جي زندگي ڪڏهن به طويل نه هوندي آهي، نيڪ انسان، لافاني انهيءَ ڪري آهي جو هن ۾ تقدس ۽ صداقت جو جوهر لڪل ٿئي ٿو. اسلام ۾ جيڪڏهن سنائي نه هجي ها ته هو هڪ ڏينهن به قائم رهي نه سگهي ها. محمد ﷺ مساوات ۽ انساني اخوت جو علمبردار آهي“.

سردار ديوان سنگهه مفتون هڪ مشهور هندو صحافي ٿي گذريو آهي. صحافتي بيباڪيءَ ۽ جرئت ۾ هن جو شمار مولانا ظفر علي خان ۽ محمد علي جوهر جهڙن صحافين سان ڪري سگهجي ٿو. هن جي هفته روزه ”رياست“ جا پرچا هن جي بيباڪي جا گواهه آهن، هو لکي ٿو ته:

”آئون هڪ مقدمه جي سلسلي ۾ دهلي جيل ۾ هيس. احرارين جي تحريڪ جاري هئي. مولوي عبدالقيوم ڪانپوري به انهيءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ دهلي جيل ۾ داخل ڪيو ويو. هن کي به ان ڪمري ۾ رهايو ويو جتي آئون هئس. جيل ۾ انسان کي حالتن تي غور ڪرڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جو ڪافي وقت ملي ٿو. مولوي عبدالقيوم صاحب مون سان ڳالهيون ڪندي ڪندي مون کي اسلام متعلق ٻڌائيندو رهيو جن کي ڪڏهن آئون ٻڌندو رهيس ته ڪڏهن گنوائيندو رهيس.

هڪ ڏينهن مولوي صاحب مونکي رسول ﷺ جن جي اها حديث ٻڌائي جنهن ۾ پيغمبر اسلام اهو ٻڌايو هو ته: ”اشرف الجهاد اعلا، ڪلمته الحق عند سلطان الجابر“ مون جڏهن اها حديث ٻڌي ته مون غور ڪيو ته ان شخصيت جي بلنديءَ جو ڇا اندازو هوندو جنهن وقت هُن حاڪم جي اڳيان حق ۽ صداقت جي آواز کي دنيا ۾ سڀ کان وڏو جهاد قرار ڏنو هوندو.

جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ مون "رياست" ۾ رسول الله جي ارشاد جي متعلق هڪ نوٽ لکيو ان نوٽ ۾ هي لفظ به هئا. انهيءَ زبان جي قدر و قيمت جو ڪو اندازو ئي ڪو نه ٿو ڪري سگهجي، جنهن وٽان اهي الفاظ نڪتا."

"آئون سک خاندان ۾ پيدا ٿيس ۽ نسل جي اعتبار کان مون کي سک ئي سمجهڻ گهرجي. مگر ذاتي اعتبار سان، آئون حضرت مسيح ۽ پيغمبر اسلام جو ايترو ئي معتقد آهيان جيترو ڪو عيسائي يا مسلمان ٿي سگهي ٿو". (ماهه نو- سيرت نمبر ص-162)

"پارت سماچار" بمبئيءَ جي مشهور ڊرمي اخبار آهي. ان جي ايڊيٽر پنڊت گوپال ڪرشن 1946ع ۾ عيد ميلاد جي موقعي تي پنهنجي اخبار ۾ مها پرش "محمد" نالي هڪ مضمون رقم ڪيو. ان مضمون جا چيده چيده اقتباس هوبهو هن ريت آهن:

شری محمد ﷺ کی زندگی پر جب ہم وچار کرتے ہیں تو یہ بات صاف نظر آتی ہے کے ایشور نے ان کو سنسار سدھارنے کے لئے بھیجا تھا۔ ان کے اندر وہ شکتی موجود تھی، جو ایک گریٹ ریفارمر (مصلح اعظم) اور ایک مہاپرش (ہستی اعظم) میں ہونی چاہیے۔

آپ کے جیون پر تو میں یہ عجیب بات بھی نظر آتی ہے کے امن اور شانتی کے دشمن کو آپ ﷺ نے کبھی معاف نھیں کیا، مگر جو آپ کا ذاتی دشمن ہوتا اس سے کبھی بدلہ نہ لیا، آپ نے اپنی ذات کیلئے کبھی کوئی فائدہ نھیں اٹھایا۔ آپ کی تعلیم میں ایک چمکتا ہوا ستارہ یہ بھی ہے کے امیر و غریب کو ایک ہی سطح پر زندگی بسر کرنے کا سبق سکھاتے تھے۔ برابری اور غریب نوازی کے یہ تحریک آج بھی زندہ ہے، کسی مسجد میں جاکر دیکھئے، یہی وہ خوبیاں ہیں جنہیں سمجھ والے لوگ پسند کرتے ہیں اور ان کی عزت کرتے ہیں۔

شری محمد کی جئے، بولو۔۔۔

پنڊت سندر لال هڪ مشهور هندستاني صحافي آهي. ڪجهه عرصو اڳ هو "امرت بزار پتريڪا" ڪلڪتي جو ڪراچيءَ ۾ نمائندو هو. هن جو هڪ مضمون ماهنامه بصير ڪراچي ۾ شايع ٿيو آهي، هو لکي ٿو ته: "محمد ﷺ جن جي خاص عادت اها هوندي هئي ته ننڍي کان ننڍي ماڻهوءَ جي عزت ڪندو هو. هن جي دل ڪشادي ۽ هٿ کليل هوندا هئا. انهن خوبين هن کي وڏي عروج تي پهچايو".

(بصير ڪراچي، رسول نمبر، آڪٽوبر 1972ع، ص-73).

پنڊت جواهر لال نهروءَ پنهنجي شهره آفاق ڪتاب Glimpses of

Caplet world History ۾ لکي ٿو تہ:

”محمد ﷺ جو آندل انقلاب، هڪ اهڙي طاقت هئي، جنهن عربن کي غفلت مان جاڳايو ۽ سندن دل کي خوداعتمادي سان پُر ڪيو“.

پروفيسر لالا هرديال، ايم اي، پي ايچ ڊي جو هڪ مضمون The Ideal of Islam جنهن کي محمد امين بار ايٽ لا Glory of Islam ۾ ايڊٽ ڪيو آهي، لکيو آهي تہ:

”پيغمبر اسلام صبر جو هڪ سهڻو مثال هو. هن جي پوري طاقت جو راز صبر ۾ سمايل هو. انسان ذات جي هن استاد جو ڪردار ۽ علم انسانيت لاءِ هڪ قيمتي ورثو آهي“.

آخر ۾ رانا ڀڳوان داس جي هڪ نعت سان هي مقالو ختم ڪريان ٿو.

السلام اے شمع انوار جہاں   السلام آئینہ دار کن فکاں
السلام اے سید کون و مکان   السلام اے واقف سر نہاں
السلام اے منموامہ پیغمبراں   السلام اے مظہر رب جہاں
السلام اے گنہگاں   السلام اے شافع بے چارگاں
السلام اے مالک ھر و جہاں   السلام اے وجہ تخلیق زماں
السلام اے تاجدار مرسلاں   السلام اے رازدار کن فکاں
السلام اے محسن نوع بشر   السلام اے نکتہ حس جہاں
السلام اے شہریار دین حسن   السلام اے خسرو نورانیاں
السلام اے جاں بگھوان السلام
السلام اے سجدہ گاہ عاشقاں

# ايمان جو سفر
# شيخ عبدالمجيد سنڌي

ولين، درويشن ۽ مسجدن جي شهر ٺٽي تان، رات جو تاريڪي پنهنجو پردو آهستي آهستي کڻي رهي هئي. 7 جولاءِ 1889ع جو صبح پنهنجي وٽندڙ روشنيءَ سان شاهجهاني مسجد ۽ مڪلي جي ڪوهسار کي هلڪو هلڪو روشن ڪري رهيو هو. مسجد مان الله اڪبر جي صدا اچي رهي هئي ۽ مندرن ۾ گهنڊ وڄي رهيا هئا. عين انهيءَ وقت ديوان ليلا رام قانونگو جي گهر "ڄيٺانند" نالي هڪ ڇوڪر جنم ورتو. مهراج هن جي جنم پتري کان مايوس نظر اچي رهيو هو. هن ننڍڙي ڄيٺانند جي پيشانيءَ تي نور محمدي چمڪندو ڏٺو ۽ هو خاموش، خاموش ئي هلندو رهيو.

ننڍڙو ڄيٺانند اڃ ننڍو سيان وڏو...جڏهن اسڪول ويندو هو ته بنا ارادي شاهه مسڪين جي درگاهه وٽ ويهي ڪجهه سوچيندو اڳتي هليو ويندو هو. هڪ ڀيري ڪنهن ڪلاسيءَ کان ڪيس قرآن شريف ۽ بائيبل مليا. "اڙي! مصلو ٿي ويو آهين ڇا؟ جو قرآن کڻي ڪنيو اٿئي؟!" هڪ هندو دوست طنزيه لهجي ۾ کانئس پڇيو...هن جون اکيون هن کي گهورڻ لڳيون....دل جو دل ۾ سوچيائين ته "قرآن کي ضرور پڙهي ڏسبو".

وقت گذرندو ويو....ڄيٺانند مئٽرڪ پاس ڪري وڃي ڏيپچند اوجها وڪيل وٽ ڪلارڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو انهيءَ دوران هو مذهبن جي عام سچاين کي تلاش ڪندو رهيو. هڪ دفعي پنهنجي پاءُ ديوان گيانچند کي لڪ ڇپ ۾ نماز پڙهندو ڏسي ڪري، ڄيٺانند کانئس سوال ڪري وڌو:

هي وري ڇا ٿو ڪرين؟"

"ڀڳوان کي راضي ڪريان ٿو".

پوءِ ڀڳوان کي راضي ڪرڻ مون کي به سيکار".

”اڄ تہ توکي ميان تاج محمد سان ملايان جو ننڍي ميونسپل ۾ آڪٽراءِ انسپيڪٽر آهي“.

ميان تاج محمد چيتانند کي دين حق جي خوبين کان روشناس ڪيو. الله تعاليٰ جي وحدانيت، بت پرستيءَ جي قباحت، رسول ﷺ جي حياتي ۽ اخلاق محمدي جا تفصيل ٻڌايا. جنهن سان هن جو قلب منور ٿي ويو ۽ پاڻ صدق دل سان اسلام جي حقانيت کي قبول ڪرڻ لڳو.

هاڻي سندس دل ۾ انقلاب اچي چڪو هو. ذهن تيار هو....فقط عملي قدم جي ضرورت هئي. بقول جي ايم سيد ”هن 10 فيبروري 1908ع تي فيصلو ڪيو تہ هو حلقہ اسلام ۾ داخل ٿي دين محمدي جي خدمت ڪندو“.

10 فيبروري 1908ع واري رات ختم ٿيڻ واري هئي، هو اوچتو بستري تان اٿيو قميص جي کيسي مان پگهار واري رقم ڪڍي وهاڻي هيٺ رکي پوءِ خط لکڻ لڳو:

”پياري ماتا ۽ پيارا پتا“

”هي ٻہ ٽي لفظ لکندي هٿ ڌڪي رهيا آهن. اوهان جي مامتا ۽ پيار عمر ڀر پلائي نہ سگهندس. الله جي رستي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان وڃي رهيو آهيان، پرارٿنا ڪجو تہ ڪامياب ٿيان. اوهان جي قدمن جي خاڪ. چيتانند“.

خط لکي وهاڻي هيٺ رکيائين ۽ پوءِ غلسخاني ۾ وڃي وضو ڪيائين ۽ بعد ۾ آهستي آهستي گهر جي ڀاتين کي ڏسندو آخر ۾ ماءُ پيءُ جي پيرن کي چهندو، ڪُنڊي ڪڙي کي کوليندو اباڻي وطن جي در و ديوارن تي نظرون وجهندو، وڃي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم وٽ نڪتو جنهن سندس ڪهاڻي ٻڌي، مٿس ”عبدالمجيد“ نالو رکيو. شيخ عبدالرحيم تي پڻ ان وقت ڪيترا ڪيس هلي رهيا هئا، ان ڪري نو مسلم عبدالمجيد کي پهريائين، نوڙهي چاڙهيءَ جي مسجد ۾، پوءِ جامع مسجد، صدر حيدرآباد ڏانهن منتقل ڪيو ويو جيڪا جاءِ وري بہ سلامتيءَ واري ڏسڻ ۾ آئي ٿي.

هوڏانهن ننڍو، حيدرآباد ۽ ڪراچي جا پائيبند اُٿي ڪڙا ٿيا. چوطرف هوءِ هوءِ شروع ٿي وئي، نہ ڇڏيائون ڪو مدرسو نہ مسجد. جتي ڪٿي ”عبدالمجيد“ جي تلاش ٿيڻ لڳي. اهو حال ڏسي، شيخ عبدالمجيد کي پهريائين لاهور پوءِ لڌيانہ روانو ڪيو ويو. مسلسل سفر ۽ اونداهين هُجري ۾ رهائش ۽ خوراڪ جي ڪميءَ سبب هو بيمار ٿي پيو ۽ آخر ريل ذريعي

ڪراچي پهتو.
ڪراچيءَ ۾ سندس عارضي رهائش غلام محمد پٽوري جي هوٽل هئي. واسطيدار همدردن جو تعلق جاري هو. انهيءَ موقعي تي ضرورت پئي ته سندس عمر جو سرٽيفڪيٽ ورتو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽري معائني ڪانپوءِ جيئن اسپتال کان همدردن سان گڏ موٽيا پئي تيئن سندس چاچي ڪٽي ٻانهن ۾ هٿ وڌس ۽ چيائينس:
"جينوا هوڏ ڇڏ! پيڊي ماتا جو ڏيان ڌر تنهنجي جدائيءَ ۾ هن جو جيون مشڪل ٿي پيو آهي، جينوا!"
چيئانند، جيڪو هاڻي شيخ عبدالمجيد هو چاچي جي گرفت مان زبردستي جند ڇڏائي، اچي جهونا مارڪيٽ سهڙيو ۽ پوءِ مدرسه ڪڏي ۾ رهڻ لڳو.
شام جو وقت هو ڪڏي جي مدرسي جي ڪشادي ميدان ۾ ڪيترائي مسلمان ۽ مدرسي جا طالب العلم، هڪ نو مسلم کي سنت وهارڻ واري تقريب ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا. وڌ ڪانپوءِ هرطرف خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي، پر اتفاق اهڙو ٿيو جو خون بند ٿئي ئي نه! هڪ طرف، هي حال هو ته ٻئي طرف ڏيڍ سئو سپاهي مدرسي کي گهيري ۾ وٺي رهيا هئا. ڪا به طبي امداد ملڻ ڏکي ٿي پئي. ٻي ڪا واهه نه ڏسي، نو مسلم عبدالمجيد، بارگاهه ايزديءَ مان دعا گهري ته: "اي پروردگارا جيڪڏهن منهنجي زندگي، اهل اسلام جي خدمت لاءِ ڪارگر ٿي هجي ته مونکي صحت بخش، نه ته مونکي ترت موت ڏئي ۽ هن عذاب کان نجات ڏي!"
اجا دعا گهرئي هئي ته رت بند ٿي ويو هيءُ هڪ اهڙو معجزو هو جنهن سان اشارو ٿي مليو ته هن نوجوان کي خدا تعاليٰ اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت لاءِ چونڊيو آهي.
هندن جو ڪيس اجا هلندڙ هو. رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي هاڻي شيخ صاحب جو وڪيل ٿي چڪو هو. مقدمي واري ڏينهن، هزارها هندو ۽ مسلم ڪورٽ جي احاطي ۾ موجود هئا. ٻنهي طرفن کان زبردست دليل بازي هلي ۽ عمر جي سرٽيفڪيٽ جي باوجود ڪورٽ شيخ صاحب کي مائٽن جي تحويل ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. بقول قاضي عبدالمجيد عابد جي، بازي هٿن مان ويندي ڏسي، رئيس ڀرڳڙيءَ انتهائي جرئت کان ڪم وٺي، ڪورٽ کي چئلينج ڪيو ته: "هو هڪ ٻئريسٽر جي حيثيت ۾ پنهنجي

موڪل جي تحويل جي پوري ذميواري پاڻ تي کڻڻ لاءِ تيار هو. پوءِ ڪورٽ ڪهڙي قانون هيٺ ڇوڪري جي مرضيءَ خلاف ڪيس زبردستي مائٽن جي حوالي تي ڪيو؟

رئيس جي انهيءَ ولوله انگيز اعلان مئجسٽريٽ کي پنهنجي فيصلي بدلائڻ تي مجبور ڪيو ۽ شيخ صاحب کي هن وٽ رهڻ جي اجازت ڏني وئي. بس پوءِ ته الله اڪبر جي نعرن ۾ شيخ صاحب کي سرگس جي شڪل ۾ رئيس صاحب جي قيام گاهه تي پهچايو ويو ۽ هاڻي هو آزاديءَ سان اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ڪرڻ لڳو.

1916ع ۾ ريشمي رُمال تحريڪ جي سلسلي ۾ شيخ صاحب کي ڊفينس آف انڊيا رولس هيٺ ٽن سالن لاءِ رتناگري جيل ۾ موڪليو ويو، جتان هو جنوري 1919ع ۾ آزاد ٿيو.

هوڏانهن ٺٽي مان نڪرندي ڪيس يارنهن سال ٿي چڪا هئا. هن جيننانند جي حيثيت سان 10 فيبروري 1908ع تي ٺٽي کي خيرباد چيو هو. ٺٽي جا ماڻهو روڊ رستا، مسجدون ۽ مقبرا، مڙهيون ۽ مندر، باغ ۽ ميوا ۽ سڀ ڪان وڏيڪ ماءُ جي مامتا ۽ پيءُ جي شفقت ۽ دوستن جي سڪ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ڏاڍو ستايو ٿئي....پر، اصول ۽ نظريه جي محبت اڳيان اهي سڀ محبتون هيچ هيون.

هي آڪٽوبر 1920ع جو زمانو هو. برصغير ۾، تحريڪ خلافت ۽ تحريڪ ترڪِ موالات زور هيون. خلافت ڪميٽي حيدرآباد هڪ وفد تشڪيل ڏنو جنهن جو سربراهه شيخ عبدالمجيد کي چونڊيو ويو. هن تبليغي وفد جو ڪم هو ته سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي ماڻهن کي خلافت ۽ ترڪِ موالات بابت سمجهاڻيون ڏنيون وڃن.

24 آڪٽوبر 1920ع جي شام هئي، خلافت ڪميٽيءَ جو تبليغي وفد شيخ عبدالمجيد جي اڳواڻيءَ ۾ ٺٽي پهتو. شيخ صاحب جي ٺٽي ۾ آمد 12 سالن 8 مهينن ۽ 14 ڏينهن ڪانپوءِ ٿي هئي، سو شيخ صاحب جو ٻڌي هزارها هندو ۽ مسلمان اچي مسجد خضرحيات واري چوڪ تي گڏ ٿيا. جيئن ئي ماڻهن جي شيخ صاحب تي نظر پئي ته مسلمانن گلن جي ورڪا سان سندس استقبال ڪيو. مشهدي ۽ علوي سيد نوجوانن هڪ مرحبائي گيت پيش ڪيو:

قوم تان تو پاڻ کيو قربان، اي عبدالمجيد.
آفرين هن همتِ مردان، اي عبدالمجيد.
تون بہ ٿي وئين ظالمن جي ظلم جو هڪدم شڪار
تو بہ ڪيو جيڪي هو منجهہ امڪان، اي عبدالمجيد.
قوم جا پيارا هجي توکي مبارڪ صد هزار،
قوم جو آندو بجا فرمان، اي عبدالمجيد.
ساهہ سر صدقو ڪيئي اسلام تان اي شير مرد
تنهنجي لئہ اسلام اڄ شادان، اي عبدالمجيد.
شل هجن توتي رسول الله جون لک رحمتون
شل قوي تنهنجو هجي ايمان، اي عبدالمجيد.
قوم تنهنجون خدمتون اڄ ياد هردم ٿي ڪري
قوم جا اي يوسفِ زندان، اي عبدالمجيد.

روزانہ ”الوحيد“ ڪراچي، پنهنجي 27 آڪٽوبر 1920ع واري اشاعت ۾ ”شيخ عبدالمجيد: ٺٽي ۾“ جي هيڊنگ سان شيخ صاحب جن ٺٽي واري دوري جي پوري روئداد ڏني آهي، جيڪا قارئين ڪرام جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪرڻ ڪانپوءِ هن مقالي جو اختتام ڪندس:

”حيدرآباد جو تبليغي وفد زير سرڪردگي شيخ عبدالمجيد صاحب ننگر ٺٽي پهتو جنهن ۾ مولانا محڪم الدين، قاضي خدا بخش، ميان محمد هاشم مخلص شامل هئا. ٺٽو سنڌ ۾ پهريون اهو اسلامي شهر آهي، جنهن ۾ اسلام جو آفتاب جلوه گر ٿيو. خلافت تحريڪ ٻن سالن کان جاري آهي، پر ڪنهن خدا جي بندي هن ڏانهن منهن ڪٽي نہ نهاريو. هنن تي حق هو تہ پهرين پهرين ٺٽي ڏانهن پنهنجو توجهہ مبذول ڪن ها. خير، شڪر آهي جو وري بہ ”دير شود۔درست شود“ وارو مقولو نهايت سچو رهيو.

جلسي جو انتظام پير محمد باقر شاهہ علوي ۽ سيد زمان شاهہ مهدوي رضويءَ نهايت خوش اسلوبيءَ سان خضر حيات جي مسجد ۾ ڪيو جنهن جي وسيع صحن ۾ تخمينا هڪ هزار ماڻهن جو ميڙو هو. الحمد الله، جو اسان جا هندو پائر بہ تمام خاص تعداد ۾ آيل هئا. مسلمانن مان گهڻو حصو غريب خدا جي بندن جو هو باقي دنيا پرست ۽ حڪم پرست جي حڪامن جي درن تي نرڙ گهرڙڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿا، تن جو وجود ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. سيد محمد زمان شاهہ هڪ دلاويز نظم پڙهيو، تنهن ڪانپوءِ مسٽر مخلص

پنهنجو جوڙيل غزل پڙهيو. قاضي خدا بخش اٽي تقرير ڪئي. تنهن کانپوءِ شيخ عبدالمجيد صاحب اٿيو. شيخ صاحب جو اصل وطن ننگر ٺٽو آهي، جنهن ۾ هُو 12 ورهين کانپوءِ داخل ٿيو هو. تنهن ڪري وطن جا جذبات هن کي اهڙو تہ ويڙهي ويا جو هر حرف کانپوءِ اهي جذبا ظاهر ٿي رهيا هئا. شيخ صاحب پنهنجي تقرير سان حاضرين کي محوِ حيرت بڻائي ڇڏيو ۽ پنهنجي صداقت دلي ۽ فصاحت زبانيءَ سان هندو مسلمانن کان داد آفرين حاصل ڪري رهيو هو. تقرير کانپوءِ شيخ صاحب هڪ نظم.

"جادو جگر اسان جو۔ نام و نشان ترڪي" اهڙي دردناڪ آواز ۽ لهجي ۾ پڙهيو جو ماڻهن کي ماٺ لڳي وئي. مولود خواني سان آخر ۾ جلسو ختم ٿيو.

ٺٽي ۾ ٻئي ڏينهن بہ ساڳي مسجد ۾ هڪ عظيم الشان ڪامياب جلسو ٿيو. ان موقعي تي ٺٽي ۾ هميشہ لاءِ خلافت ڪميٽي بہ قائم ڪرڻ ۾ آئي، جنهن جو صدر: مولوي محمد حسين، نائب صدر پير محمد باقر قريشي ۽ سيڪريٽري سيد محمد زمان شاهہ مهدوي چونڊيو ويو.

بسلسلہ ورسي شيخ عبدالمجيد سنڌي، ٺٽو 19۔مئي 1980ع
محمد بن قاسم لائبريري، سجاول. 19۔5۔1985 رات هڪ وڳي.

# مولوي حاجي احمد ملاح
# جو سجاول سان لاڳاپو

عالم جا ڌڻي، آهيون تنهنجي آسري،
اياڪ نعبدو و اياڪ نستعين، وائي مون وٺي
آڪا تنهنجي عفو ۾، اسان آس گهڻي،
خطرا خام خيال مون، خالق بخش ڪٽي،
توکان بعد تٽي، قادر ڪانهي ڪنهن جي.

هيءُ بيت لاڙ جي ان عظيم فرزند ۽ شاعر بي مثال توحيد جي پرستار، عشق رسول ﷺ سان سرشار، باطل سان برسرِ پيڪار، زاهد ۽ پرهيزگار مولوي حاجي احمد ملاح مرحوم جي قرآن جي منظلوم سنڌي ترجمي مان ورتو ويو آهي، جنهن تي لاڙ وارا بجا طور فخر ڪري سگهن ٿا.

مولوي حاجي احمد ملاح ولد نانگيو ملاح 1879ع ڌاري ڳوٺ ڪنڊي تعلقي بدين ۾ ڄائو. شيخ سومار سماهي "مهراڻ" جي شاعر نمبر ۾ مولانا مرحوم جو تعارف ڪرائيندي لکي ٿو ته: "مولانا سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم بعدمي پڳڙا ميمڻ، توها، بدين سجاول ۽ ٻين جڳهين تي ورتي. مدرسن ،مان فارغ التحصيل تي پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي موٽي آيو ۽ بعد ۾ مختلف مدرسن ۾ درس و تدريس ۾ مشغول ٿي ويو. ان وقت خلافت جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، ان تحريڪ ۾ زوردار حصي وٺڻ ڪري جيل پڻ ويو".

مولانا مرحوم جيئن ته عالم بي بدل ۽ شاعر بي مثل هو ان ڪري هن جي عقيدتمندن جو ٻه هڪ وسيع حلقو هو جيڪو پوري سنڌ ۾ ڪڇ تائين پکڙيل هو. هن مختصر مقالي ۾ مولانا مرحوم جي حلقه احباب کي پيش ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ان ڪري مون پنهنجي مقالي ۾ مولانا موصوف جي ذات کي فقط سجاول ۽ آسپاس تائين محدود ڪيو آهي. مولانا مرحوم کي

شعرو شاعريءَ جو ننڍپڻ کان ئي شوق هو. جيئن پنهنجي منظوم سوانح عمري ۾ لکن ٿا:

ننڍپڻ کان نظم تي، منهنجي طبيعت هئي تيار،
پوءِ پڙهڻ سان پاڻ ٿيو، ان ۾ اضافو اهتمام.

سندن شاعري ان وقت عروج تي پهتي جڏهن خلافت تحريڪ جو زور هو. ان وقت سندن خلافتي نظم ڪراچيءَ کان وٺي ننگرپارڪر تائين مشهور هوندا هئا. لاڙ ۾ خلافت تحريڪ جو ڪو به جلسو ٿيو ته مولانا مرحوم جو نظم ضرور پڙهايو ويندو هو. ان زماني ۾ لاڙ جا شعله بيان مقرر مولانا خير محمد نظاماڻي، مولانا عبدالله جتوئي، مولانا فتح علي جتوئي ۽ مولانا محمد عثمان ڪتي بنورائي مولانا مرحوم جي شعر سان پنهنجن تقريرن کي سينگاريندا هئا.

تحريڪ خلافت دوران اهڙو ئي هڪ جسلو سجاول ۾ شاهه جي باغ ۾ ٿيو جنهن جي صدارت مولانا حامد الله ٻيلوي مرحوم جن فرمائي، جنهن ۾ ڊاڪٽر اڪبر پناڻ، مولوي محمد عثمان ڪتي بنورائي، مولوي فتح علي جتوئي، مولوي محمد يوسف، مولوي علي محمد مهيري، حاجي عبدالله ٽيٻو رپ وارو ۽ ٻين ڪيترن ئي اڪابرن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. انهيءَ موقعي تي ڊاڪٽر اڪبر پناڻ مولانا مرحوم جي مشهور خلافتي شعر "ستار سان سودو لڳو" جي حوالي سان جيڪا جوشيلي ۽ ولولي انگيز تقرير ڪئي، ان جي سحر انگيزي ڪافي وقت تائين جاري رهي. مولانا جو اهو نظم سندس ڪتاب "گلشن احمد" جي صفحي 84 تي موجود آهي. مولوي عبدالله جوٽيجو جيڪو مولانا مرحوم جي ڪتابن جو ناشر آهي، اهو لکي ٿو ته: "اهو نظم خلافت تحريڪ جي وقت ۾ آيت "اِن الله اشتريٰ مِن المؤمنين انفسهم وَ اموالُهم بان لهم الجَنته" کان متاثر ٿي چيل آهي. مولانا مرحوم پنهنجي شعر ۾ فرمائي ٿو ته:

"جان جو سامان جو ستار سان سودو لڳو،
ساهه سرجو ساهه جي سنيگار جو سودو لڳو،
جان جو سامان جو سانگو ڪريون ڪهڙي سبب؟
جن ٻنهين جو خوب خلقڻهار سان سودو لڳو".

اهڙيءَ ريت مولانا مرحوم جو انقلابي شعر لاڙ جي چپي چپي ۾ ڦهلجي ۽ جلسن جلوسن جي زينت بڻجي ويو. ان زماني ۾ سجاول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ

سياسي سرگرمين ۾ مولانا جا ڪيترائي شعر ضرب المثل بڻجي چڪا هئا. مسلمانن جي درميان اتحاد ۽ ٻڌي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ مولانا مرحوم جو هيءُ شعر:

”ڪن مچر ميڙو تہ ماري هوند هاٿيءَ کي هٽن،
ان طرح ايرن اَجهو آڌار آهي انتفاق“.

عام طور تقريرن ۾ پڙهيو ويندو هو.

مولانا مرحوم 1932ع ۾ مدرسہ مظهرالعلوم بدين کي خيرباد چيو. سيپٽمبر 1936ع ڌاري غريب آباد بدين ۾ پنهنجو مدرسو قائم ڪيو. مدرسي ۾ پهريائين عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويندي هئي. بعد ۾ ان ۾ سنڌي برانچ بہ قائم ڪئي وئي. ان سنڌي برانچ جو پهريون هيڊ معلم منهنجو والد محترم محمد جمن جعفراڻي سجاولي هو. جڏهن تہ عربي ۽ فارسي شعبي جو سربراهہ مولانا عبدالغفور سيتائي هو.

مولانا مرحوم جي سجاول جي حلقہ احباب مان سائين حاجي عبدالرحيم شاهہ، مولوي عبدالله ميمڻ، مرحوم مولوي حاجي محمود خادم صاحب ۽ استاد نور محمد صاحب جن اچي وڃن ٿا. مولوي عبدالله صاحب سان مولانا مرحوم جون ڪيتريون ڪچهريون ٿيون. مولانا مرحوم ڪيترائي دفعا مولوي صاحب جو سجاول ۾ مهمان ٿي رهيو آهي ۽ مولوي صاحب بہ مولانا نظاماڻي سان گڏ ڪيترا دفعا مولانا مرحوم وٽ ترسيو آهي. سجاول ۾ سنڌن بيٺڪ مدرسہ هاشميہ هوندي هئي، جتي مولانا مرحوم وقت جي اهم مسئلن تي گفت و شنيد سان گڏ معززين کي پنهنجي شعرن خصوصاً مزاحيہ شعرن سان وندرائيندا هئا.

مولانا مرحوم جا مرحوم مولوي حاجي محمود خادم پيش امام جامع مسجد سجاول سان بہ دوستاڻا تعلقات هئا. سندس اڪثر گفتگو مسلمانن جي موجوده صورتحال تي ٿيندي هئي. سندن خط و ڪتابت ۾ بہ شاعرانہ ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي. هي 1958ع ۽ 1959ع جو ذڪر آهي، مون کي ڪنهن مقالي لکڻ جي سلسلي ۾ مولوي حاجي محمود سان ملڻو پيو. موضوع وچي شاعري نڪتو. چيائين تہ ڪجهہ وقت اڳ مون مولانا مرحوم کي چند هيٺيان مزاحيہ شعر موڪلي ڏنا.

نيڪ تي چٽرون ڪرائڻ، هي بہ اج فيشن ۾ آهہ.
راهہ ۾ ڪنهن کي رلائڻ، هي بہ اج فيشن ۾ آهہ.

مولانا جو ھي نظم ”مغربي تعليم“ جي عنوان سان بعد ۾ ”گلزار احمد“ ۾ شايع ڪيو ويو. مولانا مرحوم ۽ مولوي حاجي محمود خادم جا تعلقات آخر تائين جاري رھيا.

مولانا مرحوم جي سليس، سادي ۽ سلوڻي ٻوليءَ جو اثر ھتان جي جن شاعرن قبول ڪيو آھي، انھن ۾ آدم ھنگورجو صدر الدين ھنگورجو ۽ سرويچ سجاولي شامل آھن، پر سرويچ جي شاعري مولانا ملاح جي ٻوليءَ کان وڌيڪ متاثر آھي. اھڙو اظھار سرويچ صاحب پنھنجي ڪتاب ”آليون اکيون اٽيا وار“ ۾ بہ ڪيو آھي.

ھيءُ مولانا ملاح مرحوم جي شاعريءَ جو انداز آھي:

”سانگ سانگيئڙا، سڌاريا، ساوڪون ساٽيھ ٽيون،
سور تن، سوراخ ڪيو ٽن، جيئن سِبي تن کي سُئي.
سڪ سنگھارن جي سڪان، سنگھار کھڙي سانگ ويا،
مون مٿو ويڙھيو؟ نہ ويڙھيان ڏار، ڏارين ۾ ڏُئي“

ھيءُ سرويچ جي شاعري جو انداز آھي:

”پوڄاريءَ جو پات پٽن تي، ڏو ڏو ڏونرن جي ڏدڪار
ويل وچين جي وانديارين تي، وھ وا، واحد ڪئي وسڪار
چپ چپ چاڇر چيل چٽن ۾، چولين جي تون ٻڌ چيچڪار
مڪليءَ پنھنجي ماءُ مٿي اڄ، جھڙ ڦڙ، جھڙ ڦڙ ميگھ ملھار.
دم دم وسندي وڏندي رھي ھي، سنڌ سلامت ھوءِ شال!
آءَ تہ ٻڌايان توکي پنھنجن، ماروئڙن جي قيل مقال!

انھيءَ مسدس مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ سرويچ جي شاعري مولانا مرحوم جي ٻوليءَ کان ڪيتري قدر نہ متاثر ٿيل آھي. مولانا مرحوم کانپوءِ سريچ تجنيس حرفيءَ کي جنھن پائي سان نياھيو آھي اھو قابل داد آھي.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آھي تہ سائين عبدالرحيم شاھ سجاول سان پڻ مولانا مرحوم جا پائراٽا تعلقات ھئا. سجاول جو ھي بي تاج بادشاھ، سخاوت جو اٿاھ سمنڊ، غريب پرور ۽ عشق رسول سان سرشار 14 ربيع الاول 1291ھ مطابق 18 مارچ 1878ع تي تولد ٿيو ۽ 69 سالن جي عمر ۾ 2 شعبان سنہ 1366ھ مطابق 22 جون 1947ع تي وفات ڪيائين. سندن مزار مڪليءَ تي آھي. سجاول جو مدرسو ھاشميہ ۽ جامع مسجد سندن دين پروريءَ جا

زندھ جاويد ثبوت آهن. سندن زندگي ۾ جڏهن بہ مولانا مرحوم جو سجاول اچڻ ٿيندو هو تہ وٽن ضرور ويندا هئا. مولانا مرحوم سجاول جي هن سخي مرد متعلق ڪهڙا جذبات رکندو هو انهيءَ جو اندازو سندس انهيءَ نظم مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪو سيد نجم الدين شاھ ندويءَ طرفان شايع ٿيل ڪتابچي "سيد عبدالرحيم شاھ" ۾ ڏنو ويو آهي. واضح رهي تہ اهو نظم مولوي حاجي محمود جي معرفت حاصل ڪيو ويو هو جيڪو هن ريت آهي:

سخي مرد سادات عبدالرحيم،
ڀلارو ڀلي ذات، عبدالرحيم.
ڀلو بحر برڪات، عبدالرحيم،
سجاول جي سوغات، عبدالرحيم.

*بسلسلہ ورسي مولوي حاجي احمد ملاح*

# قائداعظم جي حياتيءَ جو سامراج دشمن پاسو

هن مضمون لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ باباءِ قوم جي حياتيءَ جي انهن پهلوئن کي اجاگر ڪيو وڃي جيڪي سندس انقلابي سوچ ۽ سامراج دشمنيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا ۽ جن مان پنهنجن لاءِ تڙپ ۽ ڌارين لاءِ نفرت سندس جرئت، بيباڪي ۽ عزم جي پختگي ظاهر ٿئي ٿي.

برصغير جي جديد سياسي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ پورچوگيزن طرفان، هندستان ڏانهن سڌو بحري رستو ڳولهڻ کانپوءِ، هي علائقو يورپي قومن جي واپاري تسلط هيٺ رهيو. 1612ع ۾ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ پنهنجي سڀ کان پهرين ڪوٺي سورت ۾ قائم ڪئي. کين واپار جو بهانو ڪري سياسي اقتدار حاصل ڪرڻو هو. انگريز پنهنجي واپار سان گڏ، مسيحيت جي تبليغ ڪندا رهيا ۽ ڏيهي معاملن ۾ دلچسپي بہ وٺندا رهيا. رفتہ رفتہ اهي اهڙن گروهن جي مدد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جن کين برصغير تي مڪمل ڪنٽرول ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ڏني. پنجاب ۾ سک-انگريز اتحاد، انهيءَ جو ثبوت هو. انهيءَ اتحاد سکن کي بہ قوت بخشي ۽ نيٺ سندن جارحيت جو نتيجو معرڪہ بالاڪوٽ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ انگريز سامراجيت، برصغير کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيندي رهي. 1843ع ۾ سنڌ تي فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ واپار جي بهاني آيل هيءَ قوم برصغير جي ڪروڙن انسانن جي تقدير جي مالڪ بڻجي وئي.

چوڏهن سالن جي وقفي کانپوءِ هندستان جي ٻن وڏين قومن هندن ۽ مسلمانن ملي ڪري انگريزن خلاف علم بغاوت بلند ڪيو. 1857ع واري جنگ آزادي، غلط ۽ جذباتي منصوبابندي باعث ناڪام ٿي وئي ۽ انگريز سرڪار انهيءَ لاءِ مسلمانن کي ذميوار تصور ڪيو. ڇاڪاڻ تہ انهن

(انگريزن) اقتدار مسلمانن کان ئي کسيو هو! انهن مسلمانن تي خاص طور ڪرڙي نظر رکي ۽ آهستي آهستي هندن کي اعتماد ۾ وٺي مسلمانن تي تهذيبي، سياسي ۽ تعليمي وار ڪرڻ شروع ڪيا. انگريزن جي انهيءَ امتيازي پاليسيءَ ٻنهي قومن کي مختلف زاويہ فڪر اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. برطانيا سرڪار، هندن جي مزيد حمايت چاهي ٿي. ان جي پش نظر لارڊ هيوم نالي هڪ رٽائرڊ انگريز عملدار جي سرڪردگيءَ هيٺ انڊين نيشنل ڪانگريس جو وجود عمل ۾ آندو ۽ هندو ان ۾ ڏڏا ڏڙ شامل ٿيندا رهيا. مسلمانن ڪانگريس جي اصل مقصد کي تاڙي ورتو تہ اها اڳتي هلي، اڪثريت راڄ جو مطالبو ڪندي، ان ڪري اهي عملي طور ان کان ڪناره ڪش رهيا. انهن جي نظر ۾، اها انگريزن جي هاشيہ بردار تنظيم هئي! ڪانگريس جي درپرده مقصدن جي خبر مسلمانن کي ان وقت پئي جڏهن ڪانگريس ننهن چوٽيءَ جو زور لڳرائي، بنگال جي تقسيم کي رد ڪرايو. جڏهن تہ بنگال جي تقسيم سبب مسلمانن جو معاشي سڌارو ۽ ملڪي انتظام ۾ زردست سهوليت پيدا ٿي چڪي هئي. انگريز سرڪار ۽ ڪانگريس جي انهيءَ ريشہ دوانين جي پس منظر ۾ مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي جي لهر پيدا ٿي ۽ نتيجي ۾، مسلم مفاد جي تحفظ خاطر 1902ع ۾ مسلم ليگ جو بنياد پيو.

اها هئي برصغير جي سياسي صورتحال، جتي برطانوي استعماريت پنهنجا پير مضبوط ڪري چڪي هئي. ان وقت هڪ جسماني ڪمزور ليڪن هڪ نڊر بيباڪ ۽ بلند حوصلہ صفت انسان برصغير جي سياسي اسٽيج تي نمودار ٿئي ٿو جنهن جي پرزور دليلن جي هٿيار سان برطانوي سامراجيت جي قلعي ۾ ڏار پئجي وڃن ٿا ۽ انگريز سرڪار اهو محسوس ڪرڻ لڳي ٿي تہ ان کي اوبر يا سوير هندستان ڇڏڻو ئي آهي!

اهو باهمت ۽ غيور انسان محمد علي جناح هو، جنهن کي بعد ۾ قوم قائداعظم جو خطاب ڏنو. انگريز سرڪار سان هن جي پهرين جهڙپ، وائسرءِ هند لارڊر منٽو سان 1910ع ۾ ٿي، جڏهن هو امپريل ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ برطانيا سرڪار طرفان ڏکڻ آفريقا ۾ هندستانين تي ٿيل مبينا ظالمانہ ڪاروائين متعلق بحث ۾ حصو وٺي رهيو هو. لارڊ منٽو قائداعظم طرفان ڳالهايل لفظ "ظالمانہ" تي شايد اعتراض ڪندي کيس عرض ڪيو تہ هو پنهنجي جذبات کي نرم لفظن ۾ پيش ڪري، ان تي قائداعظم کيس نہ پهہ

جواب ڏنو تہ: ”جناب آئون هن ڪان بہ وڌيڪ سخت بولي استعمال ڪري سگهان ٿو پر مون کي ڪائونسل جي قانون جو احترام آهي پر ساڳئي وقت آئون اهو بہ چوندس تہ برطانيا ڏکڻ آفريقا ۾ رهندڙ هندستانين سان جيڪو رويو اختيار ڪيو آهي اهو ناقابل تصور آهي ۽ ان سلسلي ۾ منهنجا ۽ پوري ملڪ جا جذبات هڪجهڙا آهن!“ هيءُ اهو پهريون معرڪو هو جنهن ۾ هن انگريز سرڪار سان ٽڪر کاڌو!

اپريل 1912ع ۾ ”ابتدائي تعليم وارو بل“ متعلق بحث ۾ حصو وٺندي، هن انگريز سرڪار کي ذهن نشين ڪرايو تہ. ”جيڪڏهن بل ۾ ضروري ترميمون نہ ڪيون ويون، جيڪي منهنجي خيال ۾ مسلمانن جي مفاد عامہ وٽان نہ آهن، تہ پوءِ هن هال ۾ آئون پهريون شخص هوندس، جيڪو ان بل جي مخالفت ڪندو“. بعد ۾ اهو بل قائداعظم جي ڪن ترميمن سان بحال ٿي ويو.

1928ع ۾ بمبئي جي ميئر صوبي جي سبڪدوش ٿيندڙ گورنر لارڊ ولنگٽن جي خدمتن جي اعتراف جي سلسلي ۾ ٽائون هال ۾ هڪ ٺهراءُ پيش ڪرڻ چاهيو جڏهن تہ هو هميشہ هندستاني ماڻهن جي جذبات سان کيڏندو رهيو هو. قائداعظم انهيءَ ٺهراءَ جي پرزور مخالفت ڪئي. هال ۾ گوڙ ٿي پيو پوليس کي مداخلت ڪرڻي پئي. خود قائداعظم انهن ماڻهن ۾ شامل هو جيڪي پوليس جي زد ۾ اچي ويا هئا. ليڪن هو خاموش نہ رهيو. هن هڪ ٻي پبلڪ ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن ۾ هن بمبئي جي ميئر جي پرزور مذمت ڪئي. ميٽنگ ۾ پوليس ڪارروائيءَ کي پڻ ننديو ويو. ٺهراءُ جي آخر ۾ چيو ويو تہ ”بمبئي جي شهرين جو هي اجلاس، لارڊ ولنگٽن جي انتظام کي سخت لفظن ۾ نندي ٿو ۽ انهيءَ تجويز جي پرزور مخالفت ڪري ٿو تہ لارڊ ولنگٽن جي اعتراف ۾ ڪو يادگار قائم ڪيو وڃي“.

قائداعظم جي انهن قومي جذبن جو قدر ڪندي بمبئيءَ جي عوام سندس نالي هڪ يادگار هال تعمير ڪرايو جيڪو اڄ بہ ”جناح پيپلز هال“ جي نالي سان قائم آهي. هال جو افتتاح مشهور قومي ليڊر مسز سروجني نائيڊو ڪيو ۽ مبارڪباد جي تار قائداعظم کي موڪلي وئي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ ”هڪ پيغمبر کي پنهنجي دور ۾ پنهنجي عوام کان عزت بخشي وئي آهي“.

پهرين عالمگير لڙائيءَ دوران وائسراءِ هند جنگي حالتن تي صلاح

مشوري ڪرڻ جي خيال سان مهاتما گانڌي ۽ قائداعظم کي دعوت ڏني. مهاتما گانڌي انگريز جي جنگي حڪمت عملي جي حمايت ڪئي، جڏهن ته قائداعظم انگريز سرڪار جي انهيءَ روش جي حمايت, انهيءَ شرط تي ڪئي ته اهي هندستانين کي ”هوم رول“ ڏيندا. جيتوڻيڪ هن جو شرط مسترد ڪيو ويو, ليڪن هو ڪڏهن به دل شڪسته نه ٿيو ۽ پنهنجي موقف تي ائين جو ائين قائم رهيو.

قائداعظم هميشه قانون جو احترام ڪندو هو. بي قانوني هن جي طبيعت ۾ ئي شامل نه هئي. هو صاف گو ۽ راست باز شخص هو. هو هميشه هر مسئلي جي گهرائيءَ ۾ لهي ويندو هو ۽ پنهنجي مُدعا بيان ڪرڻ ۾ ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو. مجوزه جيمسفورڊ سڌارن آڏو وقت هن ٻٽي-اختياريءَ واري سسٽم جي سخت مخالفت ڪئي ۽ رايو ڏنو ته ”مجوزه سڌارن ۾ جيڪا اسڪيم پيش ڪئي وئي آهي، اها اسيمبليءَ جي روح جي خلاف آهي. انهن سڌارن ۾ ڪانگريس ۽ ليگ جي تجويز ڪيل مسودن خصوصاً انتظاميا ۽ بجيٽ کي بلڪل وساريو ويو آهي. آئون مطالبو ٿو ڪريان ته گورنر جنرل کي فقط انهن بلن کي منظور ڪرڻ گهرجي جن جو واسطو ملڪ جي امن، خوشحالي ۽ سلامتيءَ سان هجي“.

سن 1919ع ۾ رولٽ ڪميشن جي سفارش تي امپيريل ڪائونسل ۾ بحث ۾ حصو وٺندي، هن فرمايو ته ”ڪميشن جون سفارشون انصاف ۽ قانون جي بنيادي اصولن جي خلاف آهن. انهن سفارشن عدليه کي انتظاميا جي ماتحت بڻائي انصاف جو قتل ڪيو آهي. هن جهڙو قبيح مثال ڪنهن به مهذب ملڪ ۾ ملي نه سگهندو.“

قائداعظم ڪميشن جي سفارش تي اعتراض نه صرف ڪائونسل اندر ڪيا پر ڪيترن عام جلسن ۾ پڻ هن انگريز سرڪار جي انهيءَ روش کي ننديو.

جڏهن ملڪ ۾ احتجاجي جلوسن جي باوجود سفارشن کي وائسراءِ هند جي منظوري ملي وئي ته قائداعظم انهيءَ صورتحال جي پيش نظر احتجاج طور امپيريل ڪائونسل تان استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. هن پنهنجي احتجاجي خط ۾ لکيو. ”انهيءَ بل جي پاس ٿيڻ سان انصاف جي بنيادي تقاضائن کي پائمال ڪيو ويو آهي ۽ دستوري حقن کي ختم ڪيو ويو آهي. ان صورتحال ۾ آئون اهو محسوس ڪريان ٿو ته منهنجو هن

ڪائونسل ۾ رهڻ نہ منهنجي لاءِ ۽ نہ منهنجي عوام لاءِ فائديمند آهي“.

1935ع ۾ سائمن رپورٽ پيش ٿي، جنهن جي بنياد تي 1935ع وارو انڊس ائڪٽ ٺهيو. فيبروري 1935ع ۾ اها رپورٽ هائوس ۾ پيش ڪئي وئي. ڪانگريس انهيءَ اسڪيم کي ان بنياد تي قبول نہ ڪيو تہ انهيءَ ۾ ڏيهي آباديءَ کي مڪمل اختيار منتقل ڪرڻ جي ڪا بہ واضح ڳالهہ نہ آهي. ان جي برعڪس مسلم ليگ، ان جي وفاقي تجويز کي رد ڪندي ائڪٽ جي باقي فقرن خصوصاً صوبائي خودمختياريءَ کي قبول ڪري ورتو پر ان جي قبول ڪرڻ کان اڳ قائداعظم صوبن جي خودمختياريءَ متعلق ڪجهہ ترميمون پيش ڪيون، جيڪي قبول ڪيون ويون.

وفاقي تجويز رد ڪرڻ سان قائداعظم هڪ تير سان بہ شڪار ڪيا. هڪ طرف انگريز جي سازش کي ناڪام بڻايو ويو تہ ٻئي طرف انهيءَ تجويز جي قبول ٿيڻ ڪري هندو اڪثريت جي راڄ ٻڌجڻ واري لڪل پلان کي بہ خاڪ ۾ ملايو ويو!

انگريز سرڪار ۽ قائداعظم درميان تلخ معرڪو پنجاب ۾ پيش آيو جتي انگريزن شهري سياستدانن کي ٻهراڙين ۾ وڃڻ لاءِ ڪجهہ رڪاوٽون وجهي ڇڏيون هيون، جيئن اهي ٻهراڙي جي عوام کي انگريزن جي خلاف ڀڙڪائي نہ سگهن، جتان انهن کي پنهنجي فوج لاءِ ڪيترائي ماڻهو ملي رهيا هئا.

انگريزن پنهنجي مفاد خاطر يونينسٽ پارٽيءَ جي حمايت شروع ڪئي. 1936ع ۾ جڏهن قائداعظم مسلم ليگ جي ڪمان پنهنجي هٿ ۾ ڪئي تہ هن سر فضل حسين (جيڪو مشهور يونينسٽ ليڊر هو) کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هو انگريزن سان ناهہ سبب ۽ پنجاب کي پنهنجي گرفت ۾ رکڻ خاطر هر قسم جي ناهہ کان لهرائيندو رهيو. ليڪن قائداعظم پنهنجي ذهانت سان فضل حسين جي پوئين سر سڪندر حيات سان هڪ اهڙو معاهدو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن اڳتي هلي پنجاب ۾ انگريزن جي حاشيہ بردار يونينسٽ پارٽيءَ جي ڪمر ٽوڙي ڇڏي. اهڙي نموني انگريزن جي پيدا ڪيل پارٽي قائد جي خداداد صلاحيتن سبب پنهنجي موت پاڻ ئي مري وئي.

هي اهو وقت هو جڏهن برطانوي استعماريت جو نانگ برصغير سان گڏوگڏ عرب دنيا کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي چڪو هو. پورو عالم اسلام

مسئلا ئي مسئلا ٻڌجي چڪو هو. فلسطين جو مسئلو سرفهرست هو. قائداعظم عالمِ اسلام جي انهي مشترڪ مسئلي تي ڪڏهن بہ خاموش نہ رهيو. هن مولانا شوڪت عليءَ ڏانهن هڪ خط ۾ لکيو تہ. "اسان پنهنجن عرب ڀائرن سان گڏ آهيون. جيڪي پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن".

برطانيا جي توسيع پسند پاليسيءَ جي مذمت ڪندي هن مسلم ليگ جي لکنوءَ واري اجلاس (16- آڪٽوبر 1937ع ۾ ظاهر ڪيو تہ "اسان برطانيا سرڪار کي تنبيھ ٿا ڪريون تہ جيڪڏهن ان فلسطين ۾ يهودي نواز پاليسيءَ کي ترڪ نہ ڪيو تہ اسان مسلمان پنهنجن ٻين مسلم ڀائرن سان گڏ. برطانيا کي عالم اسلام جو دشمن قرار ڏيندا سون ۽ پنهنجي ايمان مطابق هر ضروري عمل اختيار ڪندا سون".

31 جولاءِ 1938ع واري مسلم ليگ جي اجلاس ۾ مسئلہ فلسطين تي خوب بحث ڪيو ويو ۽ ايندڙ جمع کي "يومِ فلسطين" ڪري ملهائڻ جو سڏ ڏنو ويو. اهڙي نموني لاهور جي تاريخي اجلاس ۾ ايران تي برطانيا ۽ روس جي جارحيت کي پڙ ننڊو ويو. اهڙن ئي جذبن جو اظهار هن انڊونيشيا جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ ڪيو.

26 ڊسمبر 1943ع تي قائداعظم مسلم ليگ جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي فرمايو تہ: "مسلم ليگ، برطانيا سرڪار کان اهو مطالبو ٿي ڪري تہ اٽليءَ کان تازو آزاد ٿيل علائقا جهڙوڪ ڪرونيشيا، لبيا ۽ ٽرپولي واپس اٽليءَ جي حوالي نہ ڪيا وڃن. پر انهن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو درجو ڏنو وڃي". نهراءَ ۾ وڌيڪ چيو ويو تہ: "هي اجلاس، فرانس کان مطالبو ٿو ڪري تہ موراڪو الجيريا ۽ تيونس کي جلد آزادي ڏني وڃي".

مٿين اقتباس مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ قائداعظم برطانيا سرڪار جي استعماريت پسندي ۽ توسيع پسند عزائم کان بخوبي واقف هو. هن جو اهو عزم مصمم هو تہ اهي ڏينهن پري ناهن، جڏهن برطانوي شهنشاهيت جو سج غروب ٿيندو ۽ مسلم ملڪن ۾ آزادي جو سج طلوع ٿيندو!

ٻي عالمگير جنگ برصغير جي سياست تي گهرو اثر ڇڏيو. جاپان جو ملايا ۽ برما ۾ پهچڻ انگريز سرڪار جي برصغير ۾ پوزيشن کي وڏو ڌڪ رسايو. ان موقعي تي انگريز سرڪار پنهنجي چالاڪيءَ سان هندستاني سياسي ليڊرن جي حمايت حاصل ڪرڻ چاهي تہ جيئن انهن جي گڏيل مدد

سان مشترڪ دشمن ”جاپان“ جو مقابلو ڪري سگهجي. ان ڪانگريسي ليڊرن کي اها مخفي لالچ ڏني ته جيڪڏهن اُهي برطانيا سان سهڪار ڪندا ته کين جنگ کانپوءِ مڪمل طور اختيار منتقل ڪيا ويندا. ڪانگريس انهيءَ چڪر ۾ اچي وئي. ليڪن قائداعظم، جيڪو انگريز جي شاطرانه سياست جو نبض شناس هو تنهن معامله فهميءَ کان ڪم وٺي برطانيا سرڪار کان مطالبو ڪيو ته ”مسلم ليگ، اهو ضروري سمجهي ٿي ته برطانيا سرڪار ۽ عوام کي اهو تاڪيد ڪيو وڃي ته ٩ آگسٽ 1940ع جي ڪيل اعلان ۾ مسلمانن سان طئي ڪيل پاليسيءَ ۾ ڪا به ردو بدل ٿي يا پوري هندستان کي مخفي يا اعلانيه هڪ يونٽ ۾ تبديل ڪيو ويو ته برصغير جا مسلمان انهيءَ جي هر طرح سان مزاحمت ڪندا ۽ اها مزاحمت، برطانيا سرڪار جي جنگي پاليسيءَ ۾ هڪ اهم رڪاوٽ ثابت ٿيندي“.

اهڙي نموني قائداعظم برطانوي ۽ ڪانگريسي سازشن کي هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري ڇڏيو.

انگريز قوم پنهنجي چالاڪي ۽ عياريءَ سبب مشهور آهي، جتي ڪو ماڻهو ڪنهن به نموني سندن دام ۾ اچي نه سگهندو آهي ته اتي اها هن جي ضمير خريد ڪرڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪري ٿي! اهوئي حربو قائداعظم تي پڻ آزمايو ويو. برطانيا سرڪار جڏهن اهو محسوس ڪيو ته هو ڪنهن به نموني سندن حمايت ڪري نٿو سگهي ته کيس ”سر“ جو خطاب ڏڻ جي آڇ ڪئي. ليڪن هن غيور انسان لارڊ ريڊنگ کي اهو ڪتو جواب ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيو ته: ”آئون سر محمد علي جناح کان فقط محمد علي جناح کي ترجيح ڏيان ٿو.“

آزاديءَ کان ٿورو اڳ آخري وائسراءِ هند لارڊ مائونٽ بيٽن کيس گڏيل هندستان جي گورنر جنرل ٿيڻ جي آڇ ڪئي، ليڪن هن اها آڇ به ٺڪرائي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته دنيا جي ڪا به لالچ يا طاقت کيس پنهنجي عزم کان هٽائي نه ٿي سگهي. نيٺ لارڊ مائونٽ بيٽن کي پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڏنل هڪ انٽرويو ۾ تسليم ڪرڻو پيو ته: ”هي، اهو فولادي شخص هو جيڪو نه خريد ٿي سگهيو ٿي ۽ نه ئي سوديبازي جي چڪر ۾ اچي سگهيو ٿي. هو هر لالچ کان آزاد هو ۽ مبرا هئو“.

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
# جا چند عرب مداح ۽ معترف

سنڌ جي تاريخ ڄاڻڻ لاءِ مشرقي لسانيات جي ڄاڻ تمام ضروري محسوس ڪئي وئي آهي. هيل تائين جن به سنڌ جي تاريخ و تمدن ۽ تهذيب و ثقافت تي تحقيق ۽ جاکوڙ ڪئي آهي، پوءِ چاهي اهي ملڪي محقق حضرات هجن يا مشرقي حضرات، انهن سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح سنڌ جي متعلق انهن تاريخي ماخذات مان استفادو حاصل ڪيو آهي، جيڪي عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن. چچ نامي کان وٺي تحفتہ الڪرام تائين، تاريخ معصوميءَ کان وٺي لُب تاريخ سنڌ تائين تمام ڪتابن مان ڪي عربيءَ ۾ آهن ۽ ڪي عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهن.

هن صديءَ ۾ جن علمي شخصيتن پنهنجي عربي ۽ فارسي فهميءَ جا سنڌ جي سُنهري تاريخ تي ابدي اثرات مرتب ڪيا آهن انهن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڊاڪٽر هرومل سندارنگاڻي، مولانا غلام محمد گرامي، مولانا غلام مصطفيٰ دادوي، پير حسام الدين شاهہ راشدي، مخدوم غلام احمد، نياز همايوني، علامہ عبدالعزيز ميمني ۽ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جا نالا قابل ذڪر آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي همہ گير شخصيت جو هڪ پهلو سنڌي لغت نويسيءَ ۾ عالم آشڪار آهي. تعليقات و حواشي چچنامي ۽ تعليقات معصومي ۾ سندن فارسي دانيءَ جو عنصر پڻ ملي ٿو. ديوان ابوالعطاء سنڌيءَ جي ترتيب ۽ تشريح سندن عربي علوم تي عبور جو بين ثبوت آهي.

1943ـ1945ع ـ علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ سندن تحقيقي مقالي جو عنوان هو "عربن جي دور ۾ سنڌ جي تاريخ" انهيءَ مان پڻ سندن عربي علوم تي دسترس هئڻ جو ثبوت ملي ٿو. واضح رهي تہ سندن اهو مقالو ملڪ

جي مشهور و معروف فاضل علامہ عبدالعزيز ميمني، جيڪو ان وقت علي ڳڙهہ مسلم يونيورسٽيءَ ۾ عربي شعبي جو سربراهہ هو ان جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ٿيو.

1995ع ۾ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجو سعودي عرب وڃڻ ٿيو مڪي ۾ رهائش دوران مڪي جي مختلف لائبررين ڏسڻ جو اتفاق ٿيو.

شارع ستين ۽ شارع اُمُ القريٰ جي ڪراسينگ جي پرسان مڪتبہ الحرم شريف (حرم شريف جي لائبريري) جي بہ ماڙ عاليشان عمارت موجود آهي. لائبريريءَ ۾ جديد قسم جون تقريباً سڀ سهولتون موجود آهن. لائبريري ۾ اڪثر ڪتاب عربي زبان ۾ موجود آهن. انگريزي يا ٻين زبانن ۾ ڪتاب نهايت مختصر آهن. تقريباً تمام علوم تي ڪتاب وافر مقدار ۾ موجود آهن. شعبہ تاريخ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهي. اوچتو منهنجي نظر انهيءَ شعبي ۾ رکيل هڪ ڪتاب "موسوعتہ التاريخ اسلامي والحضارة اسلاميہ لبلاد سند والبنجاب في عهد العرب" تي پئي، جيڪو سنڌ متعلق هو. ڪتاب جو مصنف الدڪتور عبدالله مبشرالطرازي آهي، جيڪو جامع ملڪ عبدالعزيز جده ۾ ڪليتہ الامڪاب والعلوم الانسانيہ ۾ پروفيسر آهي. منهنجي حيرت جي انتها نہ رهي، جڏهن ان ڪتاب ۾ پيرومل آڏواڻي، ڊاڪٽر دائود پوٽا ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا حوالا ڏنل هئا ۽ هڪ هنڌ تي ڊاڪٽر بلوچ متعلق فٽ نوٽ پڻ نظر مان گذريو.

مڪي جي رهائش دوران ئي مڪي ۾ 60 سالن کان رهندڙ هڪ علمي شخصيت جناب احمد علي صاحب سان ملاقات ٿي. هن صاحب وٽ ناياب ڪتابن جو ذخيرو ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهيءَ سان گڏ بيت الله شريف جون ڪيترين ئي اٽلي ۽ ناياب تصويرون موجود هيون. احمد علي صاحب اصل ۾ پنجاب جي اوڪاڙه شهر سان تعلق رکي ٿو. ڪيس سعودي شهريت حاصل آهي. علمي گهراڻي سان تعلق هئڻ ڪري ڪتابن جو گڏ ڪرڻ ۽ مطالعو ڪرڻ اڄ بہ سندس دلچسپيءَ ۾ شامل آهي. هن صاحب اسان کي ٻہ ڪتاب ڏيکاريا. جنهن مان هڪ "محمد طاهرالڪردي" جو ڇهن جلدن تي ڪتاب "تاريخ التقويم لمَڪتہ و بيت الله ڪريم" ۽ ٻيو ڪتاب "تاريخ ادب العربيہ في الهند والباڪستان" هو. پوئين ڪتاب جو مصنف ڊاڪٽر فتحيہ عبدالقدوس العطاس آهي. ڪتاب ۾ هندو پاڪ جي عربي عالمن جو

تذڪرو ۽ عربي ادب جي حوالي سان انهن جي ڪوشش جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ علامہ ابوالحسن ندوي، مولانا ظفر احمد انصاري، خليل حامدي، علامہ عبدالعزيز ميمني، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وغيره جا نالا شامل آهن. ڊاڪٽر صاحب جي ضمن ۾ سندن ڪتاب "نطف من شعر ابي عطاء السندي" جو تذڪرو ڪيو ويو آهي.

مڪي شريف ۾ ئي مشهور عالمي اسلامي تنظيم "رابطا عالم اسلامي" جو صدر دفتر شارع جده تي واقع آهي. رابطي جي شعبي قرآن ڪريم ۾ صوبي سرحد جي هڪ اسڪالر سيد عنايت شاهہ ڪاڪا خيل سان سندن دفتر ۾ ملاقات ٿي. هن صاحب رابطي شعبي نشر و اشاعت جي سربراهہ سيد محمد احمد السوداني سان ملاقات ڪرائي. رابطي جي اشاعتي سلسلي جو ذڪر ڪندي هن ٻڌايو تہ رابطي جي طرفان ايندڙ منصوبن ۾ "اسلام ڪيئن پهتو ۽ پکڙيو" جي عنوان هيٺ هڪ اشاعتي سلسلو شروع ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ مختلف مصنفن جون تصنيفون عربي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ڪرايون وينديون. هن صاحب جتي ٻين صاحب حضرات جو ذڪر ڪيو اتي هن صاحب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب Islam in Indonesia جو پڻ ذڪر ڪيو. اهو ڪتاب پڻ رابطي جي اشاعتي پروگرام ۾ شامل آهي.

سيد عنايت شاهہ ڪاڪا خيل سان گڏجي رابطي جي لائبريريءَ جو معائنو ڪيو ويو. لائبريريءَ جي شعبہ تاريخ ۾ هڪ ڪتاب "موسوعتہ العلماء ڪبير۔ متخصيصين في العلوم العربيہ في بلاد اسلاميہ" نظر مان گذريو. ان ۾ علامہ عبدالعزيز ميمني سان گڏ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو تذڪرو موجود آهي. اهو ڪتاب مراڪش جي فيض يونيورسٽيءَ جي شعبہ عربي ادب جي استاد "الدڪتور ياسين صبوحي بعل بڪي" جو لکيل آهي ۽ انهيءَ کي دارالشروک فيض طرفان شايع ڪرايو ويو آهي.

رابطي جي ئي لائبريريءَ ۾ هڪ رسالو "الزيت العربيہ" نظرن مان گذريو رسالو عربين آئل ڪمپني سعودي عرب دمام مان شايع ٿئي ٿو. رسالو تيل ۽ ان جي مصنوعات ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن تي مشتمل هوندو آهي پر ان سان گڏ هڪ بہ علمي، ادبي ۽ ثقافتي مضمون بہ شامل هوندا آهن. رسالي ۾ هڪ مضمون "اقليم سندهہ" تحرير و استطلاع ابوزيد بخران نظرن مان گذريو اصل مضمون ڪويت مان شايع ٿيندڙ رسالي مان ورتو ويو آهي،

جيڪو نار جي جنگ ڪانپوءِ بند ٿي ويو. انهيءَ مضمون ۾ پڻ ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي علمي ڪاوشن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

مونکي اعتراف آهي تہ هن مختصر مقالي جي حوالي سان آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي علمي شخصيت سان ڀرپور انصاف ڪري نہ سگهيو آهيان. پنهنجي سعودي عرب جي دوري دوران پنهنجي ڊائري ۾ جيڪي ڪجهہ سنڌ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ متعلق نوٽ ڪري سگهيس اهو پيش ڪيو اٿم.

محمد بن قاسم لائبريري، پوسٽ آفيس سجاول، ضلعو ٺٽو- سنڌ

# شاه لطيف

# شاهه سائين جا ٺٽي ضلعي تان ڦيرا

زندگي مسلسل سفر جو ٻيو نالو آهي. سفر ۽ مشاهدو لازم ملزوم آهن. مشاهدات، تجربات ۾ تبديلي ٿي، انسان کي حقيقي ڄاڻ سان نوازين ٿا. اهوئي سبب آهي جو سير و سفر کي عملي تعليم سان ڀيٽيو ويو آهي.

پلارو پٽ ڏٺي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي سرزمين جو وڏو سيلاني هو. هن سنڌ جي اڪثر علائقن کي گهمي ڦري، اتان جي حالتن جو مشاهدو ماڻيو ۽ وقت جي وڏن وڏن عالمن جي صحبت مان فيض پرايو. اهڙن علائقن ۾ موجوده ٺٽو ضلعو پڻ شامل آهي.

شاهه سائين جي سوانح حيات مان اسان کي ٺٽي جي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم معين ٺٽوي، مير عطا محمد اسير خاني ٺٽوي ۽ شاهه سائين جي لاڳاپن جي خبر پوي ٿي. هنگلاج ڏانهن ويندي ڪينجهر کان لنگهندي، نوريءَ جي نياز تماچيءَ جي پيار ۽ ڪينجهر جي سونهن کي ڳايو اٿس. سسئيءَ جي ياد ۾ پنيور کي پنهنجي ڪلام سان نوازيو اٿس. هنگلاج کان موٽندي سنڌ جي قديم رياست ڪڪرالہ (يعني پراڻي شاهبندر سب ڊويزن) جي گاديءَ واري هنڌ "ديري" ڏانهن پڻ شاهه صاحب جن ويل ڏسجن ٿا. جاتي تعلقي جي ڳوٺ ملان ۾ شاهه لطيف جي دائري جو هئڻ، ان طرف سندن وڃڻ ثابت ڪري ٿو تہ شاهه سائينءَ ٺٽي ضلعي جي ساحلي علائقن جو بہ سفر ڪيو آهي ۽ جهوڪ جي شهيد شاهه عنايت صوفيءَ سان پڻ ملاقي رهيا آهن.

سندن حياتيءَ جي احوال مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ سندن خدمت چاڪري لاءِ وٽن ڪيترائي فقير رهندا هئا. ڪن ڪتابن ۾ انهن جو تعداد 25 اچي ٿو. انهن فقيرن مان سومر فقير ٺٽي ضلعي جي پير پٽي جو رهاڪو

هو جيڪو سيني فقيرن ۾ وڏو بزرگ ۽ برک ليکيو ويندو هو. سندن ڏينهن ۾ جيڪو بہ ماڻهو مريد ٿيڻ لاءِ وٽن ايندو هو تہ هن کي سومر فقير جي حوالي ڪندا هئا ۽ جيڪو ئي هن کي باطني شغل سان لڳائيندو هو. ٽتي جو امين فقير گهراڻو بہ شاهہ جي فقيرن ۾ ممتاز حيثيت رکندو هئو.

شاهہ سائين جي زماني ۾ ٺٽو پنهنجي علم و ادب سبب "عراق ثاني" ليکيو ويندو هو. مختلف ڪتابن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ سائين جن جو ٺٽي ۾ اچڻ ۽ ڪن بزرگن سان رهاڻيون ڪرڻ، تاريخي طور ثابت حقيقتون آهن.

شاهہ سائين ۽ سندس فقير جڏهن ڀٽ تي ديرو ڄمائي وينا تڏهن باقاعده راڳ ۽ سماع جون محفلون ٿيڻ لڳيون. علامہ دائود پوٽو مرحوم لکي ٿو تہ "اها ڳالهہ ٺٽي جي مخدوم معين الدين عرف مخدوم ناري جي ڪن پئي جو وقت جو هڪ وڏو عالم هو سو يڪدم اچي ڀٽ سهڙيو تہ جيئن شاهہ صاحب کي انهيءَ غير شرعي ڪم يعني سماع کان منع ڪري سگهي. شاهہ صاحب کي جيئن ئي مخدوم صاحب جي اچڻ جي خبر پئي، فقيرن کان سيئي ساز وٺي هڪ ڪوٺيءَ ۾ تالو ڏئي بند ڪري ڇڏئين. جڏهن مخدوم نارو اتي آيو تڏهن ان ڪوٺيءَ مان ساز جو آواز نڪرندو ٻڌائين پڇيائين "قبلا! سازيندڙ ڪير آهن؟" شاهہ فرمايو تہ "جڏهن واڍوڙيل ۽ ڪٺل پاڻ ۾ گڏجي وايون ڪندا آهن، تڏهن ڪاٺ ڪوڪندو آهي". "يا ڪريم يا ڪريم" ۽ تندون تنوارينديون آهن: "تونهين تون".

"وڍيل تي وايون ڪري، ڪُٺل ڪوڪاري،
هن ڀن پنهنجا ساريا، هيءَ هنجون هڏن لئہ هاري".

انهن لفظن مخدوم ناري جي دل تي اهڙو عجيب اثر پيدا ڪيو جو هو هڪدم شاهہ جو مريد ٿي پيو.

شاهہ سائين کي مخدوم معين جي وعظ سان بہ ڏاڍي پوندي هئي. ڪوشش ڪندو هو تہ مخدوم صاحب جي وعظ کان هو محروم نہ رهي، هڪ دفعو هو ڪنهن سبب ڪري حاضر ٿي نہ سگهيو. وعظ ٻڌندڙن جي دلين تي مخدوم جي وعظ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. پڇڻ تي مخدوم صاحب فرمايو تہ "اهو شخص جو دل جان سان وعظ ٻڌندو هو سو غائب آهي". ٻئي ڏينهن شاهہ اچي مجلس ۾ حاضر ٿيو ۽ هر ٻڌندڙ تي وعظ ڏاڍو گهرو اثر ڪيو. وعظ جي آخري ۾ مخدوم سيني کي سڏي شاهہ ڏانهن اشارو ڪيو جو سامين جي پوشاڪ ۾

وينو هو ڇا ڏسن! تہ شاھہ جي سڄي پوشاڪ، رت سان پري پئي آھي.

هڪ ڀيرو شاھہ سائين، مخدوم معين ٺٽويءَ سان گڏجي، پير پٺي ۽ شاھہ وجياءالدين عرف ڏاتار جي مقبرن جي پڻ زيارت ڪئي. انهيءَ سفر ۾ سندن فقير، محمد امين گهراڙو ٺٽوي پڻ شامل هو.

شاھہ سائين، هنگلاج کان موٽندي، ٺٽي ۾ اچي مخدوم صاحب جي صحبت ۾ رهيو ۽ سندن اها سنگت پڇاڙي تائين قائم رهندي آئي. شاھہ صاحب ۽ علامہ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جو پاڻ ۾ ايڏو تہ روحاني لاڳاپو هو جو جڏهن مخدوم صاحب جي وفات جو وقت ويجهو آيو، تڏهن هڪ دفعو اوچتو شاھہ صاحب پنهنجي جماعت کي چيو تہ "هلو، پنهنجي يار سان پوئين ملاقات ڪري اچون". پاڻ، فقيرن سميت ٺٽي پهتا. فقيرن، سماع جي صحبت شروع ڪري ڏني. مخدوم محمد معين تي انهيءَ صحبت جو ايڏو اثر ٿيو جو راڳ کي ڇڏي، ذوق واري حالت ۾ مجلس مان اُٿي اندر ويو ۽ هڪ پل بہ نہ گذريو تہ سندس روح جو پکي پرواز ڪري ويو. شاھہ صاحب پنهنجي دوست جي جنازي نماز پڙهائي ۽ پوءِ پٺ ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ فرمايائين تہ: "بابا! اسان ٺٽي ۾ مخدوم جي ڪري ايندا هئاسون، هاڻي مشڪل آهي". شاھہ صاحب ۽ مخدوم صاحب جي درميان "وحدت الوجود" جي مسئلي تي ٿيل خط و ڪتابت هڪ ڪتاب "رسالہ اويسيہ" ۾ درج آهي جيڪو پير جهنڊي واري لائبريري ۾ موجود آهي.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بہ پنهجي ضلعي جو ناميارو عالم ٿي گذريو آهي. هي 10 ربيع الثاني سن 1140هہ ۾ ميرپور بٺوري ۾ ڄائو. آخر ۾ ٺٽي ۾ مستقل سڪونت پذير ٿيو. مڪليءَ جي شهر خموشان ۾ ابدي آرامي آهي. شاھہ سائين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي درميان راڳ ۽ سماع بابت اهڙو ئي واقعو ڪتاب ۾ مذڪور آهي جهڙو اسان هن مقالي ۾ مخدوم ٺاري جي بيان ۾ لکيو آهي. جيئن تہ شاھہ صاحب راڳ ۽ سماع جو قائل هو ۽ مخدوم صاحب انهن ڳالهين کي خلاف شرع سمجهندو هو. انهيءَ مان اندازو آهي تہ سندن صحبت ۾ شايد ايتري گهرائپ نہ هجي. جيتري مخدوم ٺاري سان هئي.

"تحفتہ الڪرام" ۾ ٺٽي جي هڪ مشهور شاعر، سيد مير محمد عطا امير خاني ۽ شاھہ لطيف جي تعلقات جو ذڪر آيل آهي، ڪتاب مذڪور مان معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ دفعي شاھہ صاحب "مير محمد عطا جي اوطاق جي

متئين طبقي ۾ مقيم هو تہ هڪ مست حبيب شاهہ نالي، مير صاحب جي حويلي جي ڏيڍيءَ ۾ چادر تاڻي اچي سمهي پيو ۽ برابر ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن اتي ستو پيو هو. ماڻهو اچي تنگ ٿيا انهن اچي اها ماجرا شاهہ کي ٻڌائي. شاهہ صاحب مست جي سيراندي کان ويهي چوڻ لڳو تہ مست! هيءَ ننڊ ڪنهن کان سکيو آهين، توکي جيڪي ننڊ ۾ حاصل آهي سو اسان کي تہ جاڳ ۾ بہ نصيب ڪونهي! شاهہ صاحب جو ايئن چوڻ تہ مجذوب جو اٿي هلڻ شروع ڪرڻ اهڙيءَ ريت اهو مجذوب روانو ٿي ويو!

صوفي شاهہ عنايت شهيد ولد مخدوم فضل الله سنڌ جي مشهور درويشن صدو لانگاهہ جي اولاد مان آهي. هي درويش ميرانپور جي ڳوٺ ۾ رهندو هو جيڪو ميرپور بٺوري تعلقي جي هاٽوڪي جهوڪ جي ڳوٺ نزديڪ آهي. شاهہ لطيف پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ صوفي صاحب جي بزرگي ۽ درويشيءَ جي هاڪ ٻڌي ساڻس ملاقات ڪئي. هونئن بہ ميرانپور جو ڳوٺ شاهہ ڪريم بلڙيءَ کان ڏيڍ ميل پنڌ تي هو جتي شاهہ صاحب اڪثر ڪري پنهنجي پڙڏاڏي جي درگاهہ تي زيارت لاءِ ايندو هو.

"لطف اللطيف" جو مصنف مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو تہ "شاهہ سائين ۽ شاهہ عنايت صوفيءَ جي پهرين ملاقات ۾ ئي صوفي صاحب شاهہ سائينءَ کي پروڙي ورتو ۽ چيائينس تہ:

"ڏسي ڏونگر ڏار، متان هلڻ هيري ٿئين،
ڪي مجازاٽيون، موتيون، سُٽي پنڌ پچار
پويون پائج پرين کي، حقيقي هار
سگهي لهندي سار آريچا "عنايت" چئي.

جواب ۾ حضرت ڀٽائيءَ فرمايو:

"پسي ڏونگر ڏاهہ، متان هلڻ ۾ هيري ٿيئين،
پُڇي پورج سسئي، مهندا بلوچاڻي باهہ،
ان وڙائتي وَر جو آسرو هَڏمَ لاهہ،
اکين اوڏو آهہ، پرين پَراهون مَ چوين.

شاهہ عنايت صوفي 1133هہ ۾ شهادت ماڻي ان وقت شاهہ سائين جي ڄمار 31 سال هئي. صوفي صاحب جي شهادت واري واقعي جو شاهہ سائين جي طبيعت تي ايڏو اثر ٿيو جو "لطيفيات" جي ڪن ڄاڻن جو چوڻ آهي تہ شاهہ سائين، سر رامڪليءَ جا هينيان شعر انهيءَ واقعي کان متاثر ٿي چيا آهن.

"اج نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هو جي جيءَ جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

---

عشق نہ آهي راند، جيئن ڪي ڪيڏن ٻِيرو،
جيءُ، جُسي ۽ جان ڪي، پڇي جو هيڪاند،
سسي نيزي پانڌ، اُڇل تہ اڏ ٿئي!

شاهہ سائين، سنڌ جو سيلاني هو. هو فقيرن ۽ سنياسين سان گڏ هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان جو سير سفر ڪرڻ لاءِ نڪتو. واٽ تي هيلايا ۽ ڪينجهر وٽان سندس لنگهڻ ٿيو تہ اُتي ڪيس سنڌ جي مشهور تاريخي رومانوي داستان نوري ۽ ڄام تماچي جي ياد دل تي تري اچي ٿي. ڄام تماچي ۽ نوري جي لازوال محبت جو منظر سندس سامهون ڦري اچي ٿو. ڪينجهر کي ڏسندي هو چوي ٿو تہ:

"هيٺ جرُ، مٿي ميجرُ، ڪنڌيءَ ڪونر ترن،
ورئي وَاُهوندن- ڪينجهر ڪتوري ٿئي!"

---

هيٺ جر، مٿي ميجر، پاسي ۾ وڙاهہ،
اچي وجي وچ ۾، تماچي جي ساءِ،
لڳي اُتر واءُ- تہ ڪنيجهر هندورو ٿئي!

هنگلاج جي انهيءَ سفر ۾ واٽ تي پنيور پڻ آيو پنيور. گهاري ڪان تي ميل اولهہ طرف، گهاري ڪاري جي ڪناري، هڪ زبون حالت ۾ ڍڙو آهي. ڪوٽائيءَ ڪان اڳ هن کي سسئي جو تڪر ڪري چيو ويندو هو. هيءُ اهو هنڌ آهي، جنهن سان سسئي پنهونءَ جو رومانوي داستان منسوب آهي. شاهہ صاحب جڏهن پنهنجي ساٿ سان ان هنڌ پهچي ٿو تہ ڪيس سسئيءَ سان همدردي پيدا ٿئي ٿي. سسئي جي معذوريءَ جو احساس ڏاريندي پنيور کي مخاطب ٿيندي چيو اٿس:

"هيڏا هاجا تين! بري هن پنيور ۾!"

۽ پوءِ همت افزائي ڪندي چوي ٿو:

ويهہ مَ! منڌ! پنيور ۾! ڪرڪو واڪو وس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينديءِ ڏس،
پنهون اُٿي پس! سِرَ پر هلي سسئي!

هنگلاج کان موٽندي، شاهه سائين جن مخدوم محمد معين ٺٽويءَ وٽ ٺٽي ۾ ڪجهه وقت لاءِ ترسيا. بعد ۾ ڪڪرالي پرڳڻي جي سير و سفر لاءِ روانا ٿيا. ان سلسلي ۾ هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته لاڙين کان اتڪل ڏهه ميل ڇيچ جهان خان کان چار ميل، ميان عثمان جي قبن کان ٻه ميل ۽ ڳوٺ عبدالرحيم گيانچه جي پرسان ”ديرو“ نالي هڪ ٿٽل بستي جا نشان آهن، جنهن کي هن وقت سرڪاري رڪارڊ ۾ ”ٿٽل ديرو“ چئجي ٿو. اهو ديرو شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ ڪيهر قوم جي طاقت جو مرڪز هو. اتي جا ڪيهر حاڪم نهايت سرڪش هئا. ايتريقدر جو غريب جتن جون ڏاچيون جڏهن سندن پاسي اينديون هيون ته انهن کي باهه جو موڙا ٻڌرائي ڇڏيندا هئا ته پل رڙيون ڪري سڙي مرن. هڪ دفعي ڀٽائي گهوٽ انهن جتن فقيرن جي جهوپڙين ۾ ٽڪيل هو ته ڪي اُنيون رڙنديون وٽاڻ تي آيون پڇا ڪرڻ تي جتن حقيقت ڀٽائيءَ صاحب کي ٻڌائي ۽ چيائونس ته ”سائين! هي گگدام هاٽي توهان کي دانهن ڏين ٿيون“. اهو ٻڌي ڀٽائي صاحب کي نهايت ڪهڪاءُ آيو ۽ بي اختيار ٿي چيائين:

کوءِ هوءِ محل، کوءِ ماڙيون، جيءُ سي ڏکا پن،
اُست جو انين جو سورهيو اٿم من،
جيءَ سي جت رهن، بي پر ٻِ ٿٽي پاس ٿئي!

پوءِ انهن غريب جتن کي مخاطب ٿي چيائين ته ”ابا جتي آهن ڪيهرن جا ديرا اُتي تيندا انين جا پيرا“. چون ٿا ته ان بعد سگهوئي ڪيهرن جي اچي ٿتي ۽ سندن ”ديرو“ تباهه ٿي ويو. هي حڪايت لفظ به لفظ نه معلوم ڪيتري قدر سچي آهي، پر مقامي ماڻهن ۾ ان جي مشهوري ڪم از ڪم ڀٽائي صاحب جي اتي وڃڻ جي شاهد آهي.

ڪڪرالي جو سير ڪندي شاهه صاحب سنڌو نديءَ جي چوڙ واري ايراضيءَ ۾ پڻ پهتو آهي. جتي ڪارو ۽ منو پاڻي ملي ٿو جنهن لاءِ چيو اٿس.

ڪاري ڪيڙائو مٺي منيءَ موتيا،
سودو ڪن نه سون جو وڏا وهائو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو
سامونڊن سائو لنڪا لوپي آئيا.

شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ سنڌ جو واپار خشڪي خواهه سمنڊ وسيلي ڪيترن ملڪن سان هلندو هو. لاهري بندر، اورنگا بندر ۽ وستي بندر ان

وقت سنڌ جا وسندڙ بندر هئا، جن تي گهڻو واپار هلندو هو. شاهه صاحب ان طرف وڻج واپار ۽ وڻجارن جي اقتصادي ۽ تمدني حالتن جو نقشو سر سامونڊي ۽ سريراڳ ۾ چٽيو آهي. ان زماني ۾ سنڌ جي ڏاکڻين حصي يعني ڪڪراله مان سمنڊ مان سچا موتي ليندا هئا. شاهه سائين ان ڏانهن اشارو ڪندي چيو ٿو ته:

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون، سوجهي ڪڍيون، پاتارن پيهي،
ليندا سيهي، اَمل اکڙين سين.

شاهه صاحب، سر ديسيءَ ۾ سسئيءَ جي سورن جو ذڪر ڪندي ٺٽي ضلعي جي ٻن جبلن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي جنگشاهيءَ طرف آهي، پاڻ فرمائين ٿا:

ڇَپَرَ چمرا! پائيان، ڪانيو ۽ ڪارو
پَبُ وجهنديس پُٺ تي، صبح سوارو
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.

جاتي تعلقي جي ڳوٺ ملان ۾ شاهه لطيف جو دائرو آهي، جنهن مان پڻ شاهه صاحب جي هن طرف اچڻ جي شاهدي ملي ٿي. شاهه صاحب ملان ڳوٺ ۾ ڪنهن وٽ آيو، ڪنهن وٽ ترسيو ۽ ڪيترو عرصو رهيو، اهي سڀ سوال اڃا تحقيق طلب آهن. البت اتان جي ٻڍڙن کان اها روايت ملي آهي ته شاهه سائين ميان هدايت الله عباسيءَ سان ملڻ آيو هو، جيڪو وقت جو وڏو عالم هو.

شاهه جي رسالي جو جيڪڏهن غور سان جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته شاهه سائين سر سريراڳ ۽ سر سامونڊيءَ ۾ جيڪو سنڌ جي ساحلي علائقي جي ماڻهن سندن ڌنڌن، تهذيب و تمدن جو ذڪر ڪيو آهي، اهو سارو ذڪر ٺٽي ضلعي جي موجوده ساحلي علائقي سان تعلق رکي ٿو. سر سسئي ۽ سر ڪاموڏ جو تعلق به ٺٽي ضلعي سان آهي. جهرڪ جي استاد ”لالڻ جهرڪائي سر سامونڊي ۽ سر سريراڳ کي سامهون رکي پنهنجو ناول ”موتي ماڳ نه آيا“ لکيو آهي، جيڪو 1980ع ۾ شايع ٿيو آهي.

شاهه سائينءَ جي ٺٽي ضلعي تان انهن پيرن ۽ ڦيرن جي ڪري هتان جا ڪيترائي شاهه جا شيدائي سندس ڪلام کي سيني سان سانڍيندا پيا

اچن. مرحوم ميان حاجي جمعو جت لڳ راتيون، شاهہ جي ڪلام جو حافظ هو. هن دور ۾ ميان محمد هاشم جت، حاجي خميسو خان چانڊيو ۽ فقير امداد علي سرائي، شاهہ جي ڪلام جي چنڊڇاڻ ۾ مشغول آهن. تازو فقير امداد علي سرائي، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جي هدايتن تي فقيرن جي هڪ ٽيم وٺي هندستان جي ڪڇ واري علائقي مان شاهہ جي ڪلام تي تحقيقات ڪرڻ ويو. ٽيم جي ميمبرن، ڪڇ مان، شاهہ جا ڪيترائي ناياب بيت هٿ ڪري سنڌي ادب ۽ عوام تي وڏو وڙ ڪيو آهي. سائين عبدالله گندري، سونهري واري شاهہ جي ڪيترين گم ٿيل واين ۽ بيتن کي هٿ ڪيو آهي.

ان ڪانسواءِ ٻيا ڪئين اهڙا پٿائيءَ جا شيدائي ملندا، جن کي شاهہ جي رسالي تي خاصو عبور حاصل آهي، جن کي عام طور ”شاهہ جي بيتن جا ڪاريگر“ ڪري سڏيو ويندو آهي. انهن ۾ عثمان پيان، سڄاول وارو علي مراد پالاري ۽ سوڍو پالاري، غلام الله وارا، طيب فقير لاڏين وارو محمد بخش خليفو سخي بادشاهہ تعلقي سڄاول وارو ابوبڪر جاکرو ڪوٽ عالم وارو حاجي پيروز لڪاٽي ڳوٺ پيراٽو خان بلوچ وارو آدم لنڊڻ لڳہ ٻني وارو رمون پالاري ڪيٽي ڪوس وارو عبدالله مسڻ نٿي وارو سيد علي گوهر شاهہ گهوڙاٻاري وارو محمد جمن مگڻهار اونگر وارو ۽ حاجي سوڍو بلوچ ميرپور ساڪري وارو شامل آهن.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.

(بسلسلہ يوم لطيف)

# شاهہ جي ڪلام ۾ جعفرافيائي اهڃاڻ

شاهہ لطيف پنهنجي ذاتي وصفن ۽ شعري فن جي ڪمال سبب هڪ همہ گير شخصيت جو مالڪ آهي. هن جو رسالو اسان جي تهذيب جو محافظ ۽ سنڌي زبان جو بي بها خزانو آهي. اهو شاهہ سائين جو ڪمال آهي جو سندس شعر ايترين خوبين سان مالامال آهي جو هرڪو ان مان پنهنجو مطلب وٺي سگهي ٿو. هڪ عارف بالله صوفيءَ لاءِ شاهہ جو رسالو رهنما ۽ مرشد آهي تہ هڪ باشريعت عالم کي ان ۾ پنهنجو عڪس نظر اچي ٿو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندڙ ان مان پنهنجو مطلب ڪڍن ٿا تہ تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ اُن ۾ ڪنئين تاريخي اهڃاڻ ملن ٿا. جديد سائنس جو طالب علم بہ ان مان فيض پرائي ٿو تہ جاگرافيءَ جي شاگرد کي بہ ان مان جاگرافيءَ جا اشارا ملن ٿا. مطلب تہ شاهہ صاحب نہ رڳو ڪامل درويش ۽ ولي الله هو پر هڪ سياح، جاگرافيدان ۽ مورخ پڻ هو.

لطيف سائين جي سياحت، جاگرافيءَ جي علم ۽ تاريخي ڄاڻ کيس هڪ فطرتي شاعر بڻجڻ ۾ وڏي مدد ڏني. هن مضمون ۾ ڏسڻو هيءُ آهي تہ شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ ڪيتري حد تائين جاگرافيائي اشارا ملن ٿا.

جاگرافي هڪ اهڙو علم آهي، جيڪو ڪائنات متعلق وسيع ڄاڻ ڏئي ٿو. ان وسيلي انسان کي ڪائنات جي طبعي تبديلين ۽ ڪنهن ملڪ جي آبادي، ٻولي، قوم، آبهوا، مينهن، ڍنڍن، آبپاشي نظام، زراعت، ٻيلا، وڻ ٽڻ، گاهہ ٻوٽا ۽ وليون، مڇي، پکي، جيت جڻا، لباس، کاڌ خوراڪ، زيورن، هٿيارن، مذهب، رهائش، هنرن، ڪاريگرين، ڌنڌن، واپارن ۽ بين الاقوامي لاڳاپن جي خبر پوي ٿي.

مذڪوره حوالي سان جڏهن شاهہ جو رسالي جي مطالعو ٿو ڪجي تہ پڙهندڙ کي نہ صرف طبعي جاگرافيءَ، پر سنڌ جي جاگرافيءَ جي پڻ مفيد معلومات ملي ٿي.

## 1_ نظام شمسي:

نظام شمسي فزيڪل جاگرافيءَ جو بنيادي ايڪو آهي. شاهه سائينءَ پنهنجي بيتن ۾ نظام شمسيءَ متعلق نفيس انداز ۾ اشارا ڏنا آهن. آسمان ۾ تارن جي ميڙن ڏانهن اشارو ڪندي فرمائين ٿا:

ڪتين ڪر موڙيا، تيڙو اُيا تيئي،
اُيي اُيارٿام، نکٽ سپ نئي ويا.

"چنڊ جي ڪلائن" جو ذڪر ڪهڙي نه سهڻي انداز ۾ ڪيو اٿس:

ڪڏهين ايرين سنهڙو ڪڏهن ايرين ٻڇ.

چوڏينهنءَ جي چنڊ جو ذڪر ملاحظ فرمايو:

"اڄ پڻ اچائي، چوڏهين ماهه چنڊ جي".

انهن ڪانسواءِ رسالي ۾ سج چنڊ جو ايرڻ لهڻ، آڌي رات جي اونداهي ۽ پرهه جي ڦٽڻ جا اشارا ملن ٿا.

## 2_ طبعي ياڱا:

شاهه جي رسالي جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه سائين سنڌ کي ميداني، ريگستاني، ڪوهستاني ۽ ساحلي طبعي ياڱن ۾ تقسيم ڪيو آهي. سنڌ جو ميداني علائقو وسندڙ ۽ شاداب هو. "مئي متي مهراڻ" جي ڪري آباديون سنيون ٿينديون هيون. خوشي ۽ خوشحالي جو دور هو. ورنئڻ ڪثرت سان ٿيندا هئا.

ڪوءِ ڪتڻ ٻن ڪپاهه، ڪوءِ آتڻ ٻنَ جيڏيون
ساجن منهنجو ساهه، هاجي منجهه هٽي ويو.

سنڌ جي ريگستان کي شاهه صاحب خوب ڳايو آهي. سر سارنگ ۽ مارئي، ريگستان جي طبعي ۽ تهذيبي تذڪرن سان مالامال آهن. ٻنهي سرن ۾ شاهه سائينءَ وري ريگستان کي طبعي ياڱن ۾ ورهايو آهي، ڍٽ، پائر، ڪاٺر ۽ ملير ٻڌايو اٿس تہ اُتي آبادي برسات تي ٿئي ٿي:

سارنگ کي سارين، ماڙهو مرگهه مينهون.

۽ برسات ڪانپوءِ:

هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار.

۽ پوءِ:

باجهر پڪي، باجهه ٿي، لٽو ڏٿائو.

ڪوهستاني ڀاڱي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

ڪرڙا ڏونگر، ڪهڙ گهٽي، جت ماتر مٿانهين.
سُڃن تا، سيد چئي، اتي مرون، مهائين.

***

ڀاڙي ناهي پنڌ گهٽو اڳيان رائو رڳي رُڃ.

ڪوهستان جو ذڪر ڪندي سنڌ ۾ پروارن علائقن جي جبلن جو ذڪر ڪيو اٿس:

- تون جي ڀهڻ ڀپ جو ته لڳ منهنجا لوهه.
- ڇپرُ، ڇمر ڀانئيان، ڪانيو ۾ ڪارو.
- هورن هاڙهو لنگهئو ڳوريون پاسي ڀُڪوٽ.
- لمون ڏوري لَس، سُتي سگر ڀيين.

ساحلي علائقي ۾ اتان جي ماڻهن جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿن:

لڳي اُتر هير، سامونڊين سڙهه سنياهيا،
لنگر ڪٽي ناڪئا، ٿئا سٽاوا سير،
هينئڙي نت اُڪير، ڪاري ڪيڙائن جي.

سنڌ جي جابلو خواهه ساحلي علائقن مان جيڪا معدني پيدائش ملندي هئي، شاهه سائين، ان جو به ذڪر ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور:

ياقوت، موتي، لعلون، شيهو ميٽ، لوڻ فيروزه پٿر ۾ ڏاء (ڪنيارڪو رنگ)

- ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجهه مهار.
- سئين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال.
- پايم ته پيلو مُنڪي ڏاء ڏتاريو.
- فيرزوان فقيرن تان، گهوري سڀ گهورياڻون.

3_ ٻولي:

ڪو شڪ ناهي ته شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائي ويندي هئي، پر فارسيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت حاصل هئي. شاهه صاحب ان کي غلاميءَ جو طوق تصور ڪري ٿو:

جي فارسي سکئو گولو توءِ غلام.

شاهہ جي ڪلام مان اها ڳالهہ بہ پڌري ٿئي ٿي تہ ان زماني ۾ سرائيڪي، براهوي ۽ بلوچي تہ سنڌ ۾ ڳالهايون ۽ سمجهيون وينديون هيون، خود شاهہ صاحب جا شعر ان ڳالهہ جا گواهہ آهن:

برو تازا بات جن جي، ٿانگو روان شيشي،
ڏيو پارسيون پاڻ ۾، آليزا بليشي.

داسا، داڪا داڙي، هنڌاڙي هئام.

## 4۔ قومون:

شاهہ سائين جي رسالي جي مطالعي مان سنڌ اندر رهندڙ قومن جو وڏو وستار معلوم ٿئي ٿو: شاهہ صاحب جن قومن کي ڳايو آهي، اُهي هي آهن: سيد، سوڍا، گجر، مهاڻا، ملاح، ڄان، بلوچ، جت، سومرا، برفت، بروهي، ٻانڀڻ، ڪوري، لنگها، لورا، مڱڻهار، ناڪر، جوڳي، ڪاپڙي، مينڌرا، سامي، ريٻارا، برهمڻ، سمان، گندرا، اوڏ ۽ اوٺا.

- اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون.
- نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، نہ اوٺي.
- وٺي ور، واٽ وٺا، برفت، بروهي.
- وينو ٻني پنڌو ڪر پيرو متي ڄان.

## 5۔ آبهوا:

”ارضيات سنڌ“ جو مشهور ماهر ايم ايچ پنهور پنهنجي ڪتاب ”گرائونڊ واٽر ان حيدرآباد سکر ڊويزنس“ ۾ لکي ٿو تہ ”سنڌ هوائي پٽي ۾ داخل آهي، جتي اڪثر مغربي هوائون لڳن ٿيون. سياري جي مند ۾ اتر جون هوائون ۽ اونهاري ۾ لڪون ۽ جهولا عام آهن. شاهہ سائين آبهوا جي انهيءَ چڪر کي هيٺين بيتن ۾ پيش ڪيو آهي:

- ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪتوري ٿئي.
- لڳي اوتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.
- لڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن.

## 6۔ برسات:

وڏن جبلن نہ هئڻ ڪري سنڌ ۾ برسات هميشہ گهٽ پوي ٿي. شاهہ سائين، سر سارنگ ۽ سر مارئي ۾ برسات کان اڳ ۽ پوءِ وارين حالتن جو واضح بيان ڪيو آهي.

سارنگ کي سارين، ماڙهو مرگهہ، مينهيون،
آڙيون ابر آسري تاڙا تنوارين،
سپنون جي سمونڊ ۾، نئي سج نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي.

***

تر ونا، بر ونا، ونيون ترايون،
پرهہ جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون، رايون
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سُهن پنهنجي.

برسات ڪانپوءِ قسمين قسمين جهنگلي ٻوٽيون ڦٽي پون ٿيون ۽ سنڌ جو ريگستان، سرسبز ۽ سائو ٿيو پوي، ماروئڙن کي انيڪ اڻ ملهيا ڦل ميسر ٿين ٿا، جهڙوڪ ڏونرا، گولاڙا، ڦنگيون، ٻاڳا، راڳا، ليار، چيڙ، پپون، گدريون، هنداڻا، متيرا وغيره.

## 7 ـ نديون ۽ نيون:

شاهہ صاحب جي ڪلام جي مطالعي مان اها خبر بہ پوي ٿي تہ سر سهڻيءَ جو واسطو درياءِ سنڌ سان آهي، جنهن کي هو "مهراڻ" سڏي ٿو.

ـ مئي متي مهراڻ ۾، پؤ ٽپو ڏيئي.

هو مهراڻ جي دهشت، پاڻيءَ جي ڪڙڪي ۽ ان ۾ خوفناڪ دريائي جانورن جو ذڪر پڻ ڪري ٿو:

ـ دهشت دم درياءَ ۾، جت سٽاڻا سيسار،
ـ بيحد ٻاگو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ـ درندا درياءَ ۾، واڪا ڪيو وَرَن.

"سر سهڻي" جي مطالعي سان دريائي زندگيءَ جي پوري خبر پوي ٿي. شاهہ سائين درياءَ سان واسطو رکندڙ ڪيترين حقيقتن کي پنهنجي انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي. مثلاً، تک، اونهائي، ڪنڌي، واهڙ، ڪُن، تڙ، پاتار، گولو (غوطو)، ٻڏڻ ۽ ٻوڙڻ، ڇِڪَ، لڙ، سير، تار، ٻئي پار ترڻ، تُرهو لهريون، ٻار، لس، لبٽ، اوپار، پيٽ، ڇِڪڻ، ٻيڙا، ملاح، مڪڙي، نوڙ تانگهو جهڪ ۽ جهول، سيٽاهہ، مال ۽ چڙا.

رسالي ۾ مهراڻ ڪانسواءِ ٻين ندين جو به ذڪر ملي ٿو جيئن:

- گنگا پيتي گومتي، سامي سير ٿيا.
- آئون هيڪلي "حب" ۾ نه مون مٺ نه ڪاڪو.

شاهه سائينءَ مهراڻ جي پراڻن وهڪرن ۽ ڍورن جو به ذڪر ڪيو آهي:

- "پنهيل" تو ۾ پور، اڳيون ناهي آب جو.
- وڻا پٽ "پراڻ" جا، وٺيون ساماري.
- "ڍاڳي" ۽ "ڍور"، ٻئي وهن ٻلهيار ۾،
ڪنڌيءَ اڪ ٿلاريا "سانگهه" سکو ساهه.

ندين سان گڏوگڏ "مانباڻ" نالي هڪ نئن جو به ذڪر ملي ٿو جا بقول ڊاڪٽر گربخشاڻي "لس بيلي" جي ذڪڻ طرف آهي.

## 8_ ڍنڍون:

شاهه سائين جي رسالي ۾ ندين ۽ نين سان گڏ، ڪن ڍنڍن جو به ذڪر ملي ٿو جهڙوڪ:

- ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪتوري ٿئي.
- خالق ڪيو خاصو چيهو چُڪيءَ ڪنڌيئن.
- پريائين ڪن ڪراڙ جا، وٺو وارياسو.

مٿي ڪينجهر، چُڪي ۽ ڪراڙ ڍنڍن ڏانهن اشارو آيل آهي، ڍنڍن جو ذڪر ڪندي شاهه صاحب ڍنڍ جي پئدائش مڇي، گند، پابوڙوءِ ڪوٽيءَ کي به نه وساريو آهي.

## 9_ ٻيلا:

سر سهڻي ۾ شاهه صاحب سنڌ جي ٻيلن جو به اشارة ذڪر ڪيو آهي.
هو ٻڌائي ٿو ته مهراڻ جون ٻئي ڪنڌيون ٻيلن سان ڇانيل آهن. جتي:

- چوڌاري چَڙا، ٻُرن ٻيلائين جا.
- جوءِ جا جاندارن جي، ٻيلا ٻهه ٻهه ڪن.

## 10_ وڻ ٽڻ:

شاهه سائينءَ جي ڪلام مان، اسان کي ڪيترن وڻن جي جاڻ ملي ٿي، جيڪي اڳي جيئان، اڄ به سنڌ جي سرزمين تي موجود آهن. مثلاً:
ميندي، ڪنڊ، ٻير، لوت، ليار، ڪبڙ، ڪرڙ جاڻو جمر، ميٺ، آسر، لئو توهر، اڪ ۽ ساڏوئي.

- رئان رت مجث، هائي تن پرين ڪي.
- تڏيون وليون ٽرن ۾، ڪوڙين ڪرڙ ڪرير.

### 11_ گاھ، ٻوٽا ۽ وليون:

شاھ جي ڪلام ۾ گاھن ٻوٽن ۽ ولين جو گهڻو ذڪر ملي ٿو. شاھ سائين جڏهن مارئيءَ جو ذڪر ڪري ٿو تہ اُتان جي ئي گاھن، ٻوٽن ۽ ولين کي ساراهي ٿو جيڪي وسڪاري تي ڦٽن ٿا. ڍنڍين جو ذڪر ڪندي "جر ۽ مجر" کي سهڻي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. سر سهڻيءَ ۾ درياء جي ڪنڌيءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽن جهڙوڪ: سَرَ ۽ ڪانهن جو ذڪر ملي ٿو.

شاھ سائين، ڪن ٻوٽن جو تہ ايتري باريڪ بينيءَ سان مشاهدو ڪيو آهي جو پڙهندڙ محسوس ڪري ٿو تہ هو ڪو ٻوٽن جي علم جو وڏو ماهر هو. مثال طور "سر" ۽ ان جي نسرڻ کي وٺو.

- سر، لوهيڙا، ٻِيئيا، ڪُسَر نسريا.
- سر نسريا پاند، اتر لڳو! آءُ پرين.

شاھ سائينءَ جي ڪلام مان هيٺين گاھن، ٻوٽن ۽ ولين جو ذڪر ملي ٿو. وونئڻ، چندن، لاٽيءَ سر، لوهيڙا، توھ، ڪانديرو ڪانهن، جر، کھ، مانڌاٽو مڪٽي، سائون، لنب، للر، ڦوڳ، آراڙي، سيارچ، ڳنڍير، ڳم، چيهو چيڙُ چٻر، ڦرھ، پان، ڪٿوري ۽ ڳگر تہ گلن ۾ وري: گلاب، چنبيلي، ڪنٺهار ۽ آڪ جا گل اچي وڃن ٿا.

### 12_ جانور:

شاھ سائين جي ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ اُٺ، مينهن، ڪُتو، خچر، رڍ، گهوڙو، گڏھ ۽ ٻڪريون، ان وقت جي پالتو جانورن ۾ شمار ٿيندا هئا. جڏهن تہ سيسار، لوهٽيون، واڳو ۽ لڌڙا، درياء سنڌ ۾ عام هوندا هئا. ٻيلن ۽ جبلن ۾ سوئرن جو عام هئڻ بہ ثابت ٿئي ٿو:

هو مرون، هيءُ ماھ، ڪين ڪميٺيءَ رکئو.

"اٺ" ۽ "مينهن" جو ذڪر ڪندي شاھ صاحب انهن جي مختلف قسمن تي بہ تفصيلي بحث ڪيو آهي.

### 13_ مڇي:

لطيف سائينءَ، سر ڪاموڏ ۾ مهاڻن ۽ مڇين جو ذڪر ڪيو آهي. تاهم شاھ سائين سنڌ جي ڍنڍين ۽ دريائن ۾ جرڪي، ڏنيري ۽ وڏين مڇين

جي هڻڻ جي شاهدي ڏئي ٿو:

- جنگهه جرڪي وات ۾، سيسي ڪي سيار.
- مڙيا مڇ هزار، ياڳا تيندي سهٽي،
- جتي ڏنيرن جي، اڳي هئي آڪٿُ
- ڪانڌي ڪنگ تياس، وهڻ جنازو سهٽي

## 14- پکي:

شاهه سائين هڪ فطرتي شاعر هو. هن پنهنجي ماحول جي هر چيز کي ڪنهن نه ڪنهن انداز ۾ پيش ڪري هميشه لاءِ زنده رکي ڇڏيو آهي. هن پکين جي عادتن جو مطالعو ڪري انسانذات کي ان مان سبق وٺڻ جي هدايت ڪئي آهي.

پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

بهرحال، شاهه جي ڪلام مان اسان کي هيٺين پکين جو ڏس پتو پوي ٿو: ڪانگ، شهباز ٻگا، ٻاٻيهو ڪونج، تاڙو آڙي، تتر، هُد هُد، هنج، ڳجهه، باز مور، ڀهڙو ۽ چتون.

- تتر لنئي، ڇڪَ ٿئي، مٿان وسي مينهن
- ڳاهه ڳجهن جو ٿئي، ويني جن ورهيه تيا.
- ويا مور مري،هنج نه رهيو هڪڙو.

## 15- جيت جٺا:

جيتن جڻن کي ڪير ٿو اهميت ڏئي پر شاهه سائين انهن جي به عادتن جو مطالعو ڪري، انسانذات کي انهن مان سبق پرائڻ جي نصيحت ڪئي آهي.

- ڪتو طالب ڏونڊ جو اسين ڪُتي ڪِيڙَ
ڇُهتي آهي چِيڙَ ڪاراڻي جي ڪُن ۾.

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ پتنگ، پونر، ڏينيو سِپَ، ڪوڏن ۽ نانگ جو ذڪر ڪيو آهي.

## 16- لباس:

انسان جي رهڻي ڪرڻي جاگرافيءَ جي محتاج آهي. گرم علائقي جا ماڻهو ويڪرا ڪپڙا پائيندا هئا. جابلو ۽ ٿري، سياري ۾ هٿ سان نهيل، ڪوهين ۽ ڪتن سان سيءُ جو مقابلو ڪندا آهن. ساحلي ۽ دريائي علائقي جا

ماڻهو گنجي ۽ گوڏ پهرين. اقتصادي طور خوشحال ماڻهو جو ڪپين سو پائين.
- گند جنين جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪ.

انهيءَ قاعدي پٽاندر شاهه سائينءَ جي حوالي سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي واريءَ سي ٿوڙي جابلو علائقي ۾ ”ڪنجرو“ يڪسان مقبول عام هو. رڍن ۽ اُنن جي گهٽائي هئڻ ڪري اوني ڪپڙي جو رواج هو. شاهه سائينءَ جي دور ۾، لاڪ رتي لوئي، سائي شال، پانڌٽي گندي چُني، لانگوٽي ۽ پاروڙي جو پڻ رواج هو.

- ڪلهي پاتم ڪنجرو، مٿو اگهاڙو.
- سهسين سيبا ڪنجري، لويون ليڙ ٿيام.
- پرم پاروڙي رهي، . جنهن ۾ اچي اُن.

مارئيءَ جي حوالي سان اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته ان وقت سنڌ ۾ ريشمي ڪپڙو به استعمال ٿيندو هو پر اُن جو واهپو محلن تائين محدود هو. مارئيءَ جي واتان شاهه صاحب چورائي ٿو:

- ارم هڏ نه اوڍيان، پٽولا پٽ چير،
پانڌٽائي ٻِنِ ڏيان، ارغچ ۽ عنبير.

مردن ۾ ”پهراڻ“ جو رواج عام هوندو هو جنهن کي به ”چولو“ چيو ويندو هو. مرد پڳ پهريندا هئا.

17- رهائش:

شاهه جي ڪلام مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته عام ماڻهو ڪچن گهرن ۾ ۽ سرندي وارا ماڙين ۾ رهندا هئا.

- ور ري واندين اڏيا، پڪا سي مَ پُسن.
- اوچڻ گهرجي آجڪو جهوپو جهلي نه سيءُ.
- پکن جي پريت، ماڙئين مور نه مٽيان.

18- زيور:

لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي عورتن جي زيورن جي به خبر ڏني آهي.

- چوڙا، پيڙا، پانهيون، ٻئنسر بي بيان.
- هٿ وڏولا، هس ڳچين ۾، دهريون، در دوان.
- مڙهيائون مالهائن م موتي ۽ مرجان.
- هوت پروچي لاءِ، ڪنين ڪُنر پائئيان.

19ـ هٿيار:

انسان کي پنهنجي تحفظ لاءِ هٿيارن جي ضرورت، شروع کان وٺي ٿي رهي آهي. شاهه صاحب جي مشاهدي مان اسان کي هيٺيان هٿيار سنڌ ۾ استعمال ٿيندي نظر اچن ٿا. خنجر، تبرون، (ڪهاڙيون)، ڪُنڌ (ڀالا)، مصري تراں ڀاڻ، پاکر (زره) ڪان ڪمان، سينگ، چٽيون، بندوق، ڍال ۽ ڪات.

- گجر کي گجميل جون، تارن ۾ تبرون.
- ساجن! انهيءَ سينگ سان، ڦٽيئي گهٽا فقير.
- هڻ ڀالا، وڙهه پاکرين، آڏي ڍال مَ ڍار.

20ـ ساز ۽ سنگيت:

سنگيت جو انسان سان شروع کان وٺي واسطو پئي رهيو آهي. شاهه جي رسالي جي حوالي سان اسان کي هيٺين سازن جي آگاهي ٿئي ٿي: دف، طبل، چنگ، رباب، چڙا، دهل، نقارا، سرندو شرنائي، سنڌڙو سارنگي، ڪينر، سڱيون، تنبوڙي، مرلي، نڙ، گهنڊ ۽ برچنگ

- شرنايون ۽ سنڌڙا، ٻنهي پاسي ٻُرن.
- رڳو ٽيون رباب، وڄن ويل سپ ڪنهن.
- ساز سارنگيون، سرندا، وڄائي برچنگ

21ـ هنر، ڪاريگريون ۽ ڌنڌا:

شاهه سائينءَ کي پورهيتن سان بـ ڏاڍو پيار هوندو هو. هن پورهيتن جي پورهئي کي ساراهيندي انسانذات کي جدوجهد جي تلقين ڪئي آهي.

شاهه سائينءَ جي ڪلام مان اسان کي هيٺين ڌنڌن، هنرن ۽ ڪاريگرين جي خبر پوي ٿي:

- پُوڄ ڪرڻ: جي ماسو جڙيئي مال، تـ پوڄارا پُر ٿئين.
- هاريپ ڪرڻ: هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار.
- ٽوبل هڻڻ: اي گت غواصن، جنءَ سمنڊ سو جهيائون.
- واپار ڪرڻ: وکر، وڻجارا، پاڻ پرائو چاڙهيو.
- ٻيڙي هلائڻ: ناکئا نگهبان، معلم منجي خبرون.
- سونارکو ڪم ڪرڻ: ٿا صراف سُڄن، پاڻ ڪونائين جوهري.
- ڪنيارکو ڪم ڪرڻ: پڪا رڄ ڪنيار جا، پڪي نهائين.
- وِنڌڻ: وياسي وينجهار هيرو لعل ونڌين جي.

- بيڙا: پانهپ پري پيڙيون، هلڪا جوپ جوان.
- دنگي: دنگي وچ درياءَ، ڪي ٻڏي، ڪي اپڙي.

ان ڪانسواءِ "ڏولي" ڪي بہ شاهي سواري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

## 24۔ واپار:

لطيف سائينءَ جو ڪلام، سنڌ جي تاريخ جو ماخذ آهي. ان جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت سنڌ ۾ وڻج واپار زورن تي هو. شاهہ سائينءَ جا بہ سر: سريراڳ ۽ سامونڊي متئينءَ حقيقت جي شاهدي لاءِ ڪافي آهن. سنڌ جي ماڻهن جا سلون، بنگال ۽ چين سان تجارتي تعلقات رهيا آهن.

- لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا اوهيريا
سُٽي سون لنڪا جو سک نہ سامونڊين،
وڏي ياڳ پرن، ڪهيا ڪاروبار ڏي.

شاهہ جي ڪلام ۾ سنڌ جي وڻج واپار متعلق جن شين جو ذڪر آيو آهي، اهي هيءَ آهن: ڪاغذ، چانور، قرڦل (لونگ)، ڦوٽا، ڪپهہ، ڪڪوهہ (شراب جو قسم)، ڪافور، ڪجل، مشڪ، جبات (هڪ قسم جو مشڪ) بخمل، بافتو ڪتي، ايلاچيون، کهنبو سرمون ۽ لوبان وغيره.

شاهہ سائينءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هالاري ڪپڙو ملير جي ميندي، مصر جون ترارون ۽ گجيل جون تبرون (ڪهاڙيون) مشهور هونديون هيون.

## 25۔ مڪان ۽ ماڳ:

شاهہ جي رسالي ۾ جابجا سنڌ جي اندروني مڪانن، ماڳن ۽ ٻين شهرن ۽ ملڪن جو ذڪر ملي ٿو. مثال طور: ڀنڀور، ملير، جيائو واڳيون، ڪيٽائو ڪارو رتو ويڙهيجهپ، لُلاٽي، ڪنڊيو ٻلهيار ماڪاٽي، ونگو ولاسو ڏت، گڙنگ، هڏا ڪتيان، بداماٽي، پڏام رائڪ، لوتڙي، ڪامارو وٽ، مهراڻو سامروٽي، ڇاڇرائي، پارڪران، ڪارو ڪاڪ، ليااڻو سامارو مڪو مدينو اُچ، ڪاسي، ڪروت، دوارڪا، ناني، نارائڻ سر، ڪوٽير، لاهوت، پوربندر هنگلاج، گجميل، مڪران، وڻڪار ڪيچ، وندر جهونا ڳڙهہ.

# فخر سنڌ - حضرت پٺائي گهوٽ

واديءِ سنڌ کي هميشہ اهو پئي فخر رهيو آهي، جو هوءَ ڪيترن ئي بينظير انسانن کي پنهنجي گود ۾ پيئي پاليندي آهي. هميشہ وادي سنڌ ڪيترن الله وارن، بزرگن اولياءِ ڪرام جن جي آماجگاهہ پئي رهي آهي ۽ سندس تهذيب و تمدن هن پاڪ سرزمين لاءِ باعث صد افتخار آهي. اهڙي مهذب ۽ متمدن دور ۾ شهنشاهہ سنڌ حضرت پٺائي گهوٽ رحمت الله عليہ جو نالو قابل ذڪر آهي، جتي ڪيس هر سال 14 صفر تي خراج عقيدت پيش ٿيندو رهي ٿو. شاهہ پٺائي رحہ جن هالا تعلقي پئي پور ڳوٺ ۾ تولد ٿيا، جتان ئي سندن زندگيءَ جو دور شروع ٿئي ٿو. شاهہ صاحب اصل کان ئي بزرگانہ طبيعت ڏي مائل هو. فقيرن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري، ڪيس جا خوشي ۽ قرار ايندو هو. تنهن جو اندازو ڪرڻ نهايت ڪٺن آهي. شاهہ صاحب جيتوڻيڪ اڻ پڙهيل هو، مگر سندس ڪلام انهن لاجواب شاعرٽين صنفن سان لبريز آهي، جنهن جي بيان ڪرڻ لاءِ وقت ڪپي!

شاهہ صاحب طبيعت جو نهنو ۽ حليم، سادو ۽ سادگي پسند انسان هوندو هو. چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن منجهند جي وقت شاهہ جن آرام ۾ هئا تہ ٻاهران ڪنهن بڪاريءَ هوڪو ڏنو تہ:

"سائا! پالڪا! چوڪا!".

شاهہ صاحب انهيءَ آوزا تي ڇرڪ ماري اٿيو. فقيرن کي عجب لڳو ۽ سبب پڇيائون فرمايائين تہ: ابا اوهان بڪاريءَ جو هوڪو نہ ٻڌو ڇا!؟ هن چيو ٿئي تہ:

"سوئا! پالڪا! چوڪا!"

نہ بلڪ:

"پلڪ ستو سو چڪو"

انهيءَ ڪانپوءِ وري ڏينهن ڏني جو ننڍ نہ ڪيائين ۽ بين کي بہ صلاح ڏيندو هو تہ گهڻو سمهڻ چڱو نہ آهي!!

شاهہ صاحب ننڍ توپي ۽ ناز نخري کان پري رهندو هو.

”ڏول تنين جي گس، هيناهيون هلن جي“.

ڪڏهن ڪڏهن مريدن کي چوندو هو تہ:

”نمي نمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
صبر ۾ سي سک، جي سنواري سمجهين“.

مطلب تہ شاهہ صورت سيرت مان هڪ جهڙو هو.

## ”شاهہ ۽ سندس شعر“

شاهہ ۽ سندس شعر، سنڌ واسين لاءِ رحمت پروردگار آهي، جنهن جي هبڪار سان ساري فضا معطر بڻجي وئي آهي. سندس شعر سنڌ جي گلشن ادب ۾ شگفتہ بڻجي ٻهڪي رهيو آهي. سندس شعر نہ صرف ظاهري آهي پر باطني بہ آهي. تشبيهہ سان واسطو رکي ٿو تہ تمثيلي پڻ آهي. عشقي آهي تہ مداحي پڻ آهي. جي رسم و رواج مطابق آهي تہ نفسانفسيءَ کان بہ خالي ڪونهي.

شاهہ جو شعر هڪ لاجواب تصنيف آهي، جنهن ۾ شاعرانيون صنعتون ڪم آندل آهن. منجهس نج سنڌي الفاظ ڪتب آٽي گويا سنڌي ٻوليءَ جي فصاحت ۽ بلاغت جو ثبوت ڏنو اٿس. مطلب تہ نج سنڌي شاعري، ”شاهہ جي شاعري“ آهي.

ڪڏهن سسئيءَ کي سالڪ بڻائي ٿو ڪڏهن مارئيءَ کي روح سڏي ٿو ڪڏهن ليلان سان قرب اٿس، ڪڏهن ڪؤنرو جو ڪمال ياد اٿس، ڪڏهن نوري نماڻيءَ جي نياز ۽ نوڙت جي ياد ستائي رهي اٿس، ڪڏهن شهيد ڪربلا جي غم ۾ پيو ڳوڙها وهائي، ڪڏهن وري انهيءَ ۾ بہ چڱائي ٿو سمجهي، پنهنجي نقش نگاري شروع ڪري ٿو:

شمع ٻاريندي شب، پره ٻاکون ڪييون
موت مران تي مينڌرا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي تاب طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا!

اُيي اُياريام نڪت سي نيئي ويا،
هڪ ميو ٻيو مينڌرو سڃي رات ساريام
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪييون.

سهڻي مهراڻ جي ڪپ تي بيٺل آهي. رات اوندهہ سان ڇانيل آهي. مينهن اوهيڙو ڪيو پيو وسي. شاهہ صاحب شعر وسيلي تصوير ڪينچي ٿو:

ڪاري رات ڪچو گهڙو مٿان وسي مينهن،
هڪ پيئو بيراهہ جو پيو سانپارا سيهہ،
شال مَ ڇجي نينهن، گهڙان گهوريون جندڙو.

هاڻي سهڻي درياهہ ۾ الله توهار ڪري گهڙي پوي ٿي، جتي سندس هر عضوو هيبتناڪ جانورن جي پلئہ آهي. هاڻي شاهہ جي منظر نگاري تہ ڏسو:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي توهار
جنگهہ جرڪي وات ۾، سسي ڪي سيسار
چوڙا بيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙيس وار
لکين ڇُهتيس لوهٽيون، ٽيليون ٽر نئون ڏار
مڙيا مڇ هزار پاڳا ٽيندي سهڻي.

---

دوست ڪهائي دادلا، محب مارائي،
خاصن خليلن کي سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز سو ڪري جو چاهي،
انهيءَ ۾ آهي، اونهي ڳالهہ اسرار جي.

ڪڏهن ڏاتار جي قدرت جي هاڪ اٿس:

جيڏو تنهنجو ناڻ، پاڃهہ بہ اوڏايائي مڱاڻ،
ري ٽنيين ري ٽوٽئين، تون ڇپر تون ڇاڻ،
ڪڄاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم سيڪا.

مذڪوره بيتن جي پڙهڻ ڪانپوءِ هي معلوم ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام ۾ ڪيتري رواني ۽ سلاست آهي، ڇا تہ سندس تجنيس حرفيءَ ۾ ڪمال آهي!!

جيتوڻيڪ سندس وفات کي 200 سال گذري چڪا آهن، مگر هن سدا حيات شاعر جي شاعري مشرق خواهہ مغرب، جنوب توڙي شمال ۾ ڳائجي رهي آهي. هندو توڙي مسلمان "اديون شاهہ لطيف چئي" صداقت سان ٻولي رهيا آهن. سندس ڪلام مقبول ٿيڻ جو هيءَ بہ سبب آهي تہ سندس ڪلام نج سنڌيءَ تي مبني آهي. ڪٿي تجنيس حرفي، ڪٿي لفظي ڪيميا، ڪٿي حقيقت بيان ڪئي اٿس، ڪٿي وري پنهنجي وطن وارن سان وفاداري جو ثبوت ڏنو اٿس ۽ سنڌ کي ياد ڪيو اٿس:

موتي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار
وچون وسڻ آئيون، چوڏس تي چوڌار
ڪي اُتي ويئون استبول ڏي، ڪنين ڪڏيا مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمر قنڌين سار
ڪي رمي ويئون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار
ڪي دهلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار
سائين سدائين ڪرين سنڌ مٿي سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

ڪٿي وري شاعراڻي صنعتن مان "تضمين" ڪم آندي اٿس:

وس بادل وس، تو وسندي وس ٿئي،
اجايون "عنايت" چوي رات تنين ڪي رس.

مطلب تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شعر ۾ جيڪي ظاهري خوبيون آهن، تن تي مڪمل بحث ڪرڻ لاءِ ڪو وقت گهرجي. انهيءَ جي علاوه ڇا سنڌس شاهڪاري ڪي ڏسجي!!

الغرض: "ڇا سنڌس شاهڪاري آهي... هرطرف معياري آهي".

## "شعر جي نقش نگاري"

ظاهر آهي تہ شاهہ واقعہ نگاري، منظر نگاري مصوري يا نقش نگاريءَ جو اهڙو تہ افلاطون آهي، جو سنڌس شعر پرهڻ سان آئينو پيو معلوم ٿيندو ڄڻڪ پڙهندڙن جي اکين اڳيان ساڳيو نظارو آهي.

چوڏهين جو چنڊ پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ آهي، سنڌس جمال ۽ جلوو چڪور کي مست ۽ موهت بڻائي رهيو آهي، شاهہ صاحب "بدر" کي ڏسي پنهنجي محبوب جو جلوو ياد ڪري ٿو ۽ چٽُ ٿو چئي:

چوڏهين چنڊ تون اُيرين، سهسين ڪري سينگار
پلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلا ڪرين هزار
جهڙو تون سڀ ڄمار، تهڙو دم دوست جو.

اڳتي فرمائي ٿو:

چنڊ چوائين سچ، جي مَنو مُور نہ پائئين،
ڪڏهن ايرين سنهڙو ڪڏهن ايرين ڳچ،
منهن ۾ ٻريئي مچ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرين جي.

پنهنجي محبوب مهہ لقا جو جوهر ۽ جلوو سيني کان اعليٰ ۽ اوچو ڄاڻي، شاهہ صاحب ان جي تصوير ڏيکاريندي چوي ٿو تہ:

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جُهڪيون ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

ڪنيار جي نهائين ڏسي هي تخيل ويهي ڇٽيائين تہ:

نهائين ڪان نيهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاف نہ نڪري

لوهار وٽان لانگهائو ٿيندي ڪيس حقيقت جي راهہ ۾ پتڪيل انسان جي ياد پوي ٿي، ڪيس ڏس ڏئي ٿو تہ:

ڏنءُ، ڏنءُ ڌمڻ وار، اڄ پڻ اڳڙين جي،
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون آڳار،
ڏوڏائا ٿي م ڏار، جو ڪچو رُڪُ ڪٽيون ڪري

ميدان ڪربلا آهي. بربريت غم و الم جو دور آهي. تلوارن جي نڪا نڪي پئي پوي، ڪتي جوڌا جام شهادت پي هميشہ لاءِ آرامي وڃي ٿيا آهن تہ ڪتي دويدو مقابلو آهي. اهو وقت شاهہ کي ڪهڙو نہ ياد آهي، ڪهڙي نہ تصوير ڪينچي اٿس:

بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڪَ ڪِلوڙِ ڪن،
وڄهن ڏڙَ ڏڙن تي، هاڪارِن هٽن.
ڪِرن ڪنڌ نچن، رِڻُ گجيو راڙو ٿيو.

مطلب تہ جنگ جي طوفان ۾ ڌڌڪي ۾ ائين پئي پانيو تہ ڌرتي ٿي ڏبي. آسمان ۾ ترٿلو مچي ويو آهي. وري ٿو شاهہ فرمائي:

ڪامل ڪربلا ۾، آ ٿيا جنگ جوان،
ڌرتي ڏٻي لرزي، ترٿلو آسمان.

ميدان ڪربلا ۾ يزيد وارن امام جن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو. امام جن ير واري نديءَ تان پاڻي پيئي ٿو تہ هڪ تير چٽي ٿو جيڪو سندن سونهاري مبارڪ تي لڳي ٿو. ڏاڙهي مبارڪ ۾ ڏند رت سان ڳاڙها نظر اچي رهيا آهن. شاهہ صاحب، انهيءَ جي تصوير اها ڪينچي آهي جنهن جي پڙهڻ سان ازخود روئڻ اچيو وڃي. فرمائي ٿو:

"ڏاڙهي رت تياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ گل جيئن"

مومل کي پنهنجي راڻي جو انتظار آهي.

"الانتظار اشد من الموت"

وارو پهاڪو ياد ڪندي انتظاري ۾ آڌي رات تي وئي اٿس. سندس اکين مان آب جاري آهي.... شاهہ صاحب نقش نگاري شروع ڪري ٿو:

شمع بارينديِ شب، پرهہ باکون ڪيون،
موت مران تي مينڌارا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي تاب طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

هنگلاج، ڪيچ ۽ مڪران جا سفر ڪندي شاهہ صاحب کي سسئي وارا سور ياد پيا آهن، جن کي پنهنجي نقش نگاري ۾ ويهي اهڙو تہ چٽيو اٿس، جو ائين پيو سمجهہ ۾ اچي تہ بيت جو مڪمل مفهوم بلڪل روبرو آهي.

شام جو وقت آهي، سج لهڻ وارو آهي. سسئي پنهونءَ جي تعاقب ۾ آهي، سج کي لهندو ڏسي چوندي هئي تہ "اي سج! مان پنهون کي ملي ئي ڪو نہ آهيان، تنهن ڪان اڳ ۾ تو لهين- اي پيارا! خيال ڪر! اي سج! توکان پيو تہ ڪين ٿو پُڇي، پر هيئن ڪر، منهنجا سنيها ۽ سلام پنهون کي وڃي ڏي تہ "سسئي هتي دردن ۾ ماندي آهي". شاهہ صاحب اهي حالات اهڙي تہ سهڻي انداز ۾ رچيا آهن جو پڙهندڙ خود کي "گهائل" سمجهي پيو. فرمائي تہ:

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج،
آئون جي ڏيان سنيها، نيئي پريان ڏج.
وڃي ڪيچ چئج، تہ ويچاري واٽ مئي.

ڪينجهر ڍنڍ تي سير ڪندي ڪيس نوري ۽ تماچيءَ جو احوال ياد پيو. مساوات جو سبق مليس، ماڇن سان ملاقات ٿيس، هاڻي ماڇن جي شڪل ۽ صورت ويهي چٽي اٿس. فرمائي ٿو تہ:

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون، مور نہ موچاريون،
وني وينيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
انين جون آريون، سمي ري ڪير سهي؟

ڪينجهر جي مهاڻن جو ڪاج ۽ خوراڪ ڏسي تصوير ڪڍي ٿو تہ:

ڪاج جنين جو ڪکيون، مال جنين جو مڏ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيٺا جنين جا هڏ،
جام پرتئي لڏ، سانگين جي سيد چئي.

مطلب تہ شاھہ جو اھو سر خالي ڪونهي، جنهن ۾ تمثيل نگاري، مصوري، نقش نگاري، منظر نگاري ۽ واقع نگاري نہ هجي. جيڪڏهن سندس هر هڪ سرڪي دل جي اکين سان جاچبو تہ منجهس انيڪ صورتون ۽ مناظر ڏسڻ ۾ ايندا.

## شاھہ بحيثيت موجد:

جيتوڻيڪ سائين بادشاھہ جن اڻ پڙهيل هئا، مگر سندس ڪلام پڙهڻ کانپوءِ هي معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ حديث ۽ قرآن جو گهڻو اڀياس ڪيو هئائين. گويا ايئن پيو معلوم ٿئي تہ:

شعر تنهنجو آھہ پڻ قرآن جو تفسير ٿيو
ٿو ملي جنهن مان مونکي جامِ مسرت، اي لطيف.

(شمس)

شاھہ جو ڪلام گويا "سنڌ جو قرآن" ۽ "سنڌين لاءِ قرآن" آهي، جنهن لاءِ سندس هي بيت ڪافي تصديق ڪري ٿو تہ:

جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهين،
نيون من لائين، پرينءَ سندي پار ڏي

شاھہ صاحب اسلام جو سچو شيدائي، پيغمبر۔ اسلام تان جانثار ۽ سرويچ هو. سندس شعر مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو جڻ عشق الاهي جو زندھہ جاويد مثال هو يا هڪ اهو خدا پرستي جو گل هو جنهن جي سڳنڌ ڪان اوپر توڙي اولهہ اتر خواھہ ڏکڻ جو چپو چپو واسجي ويو.

هڪ هنڌ فرمائين ٿا تہ:

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائج،
آسرو مَ لاهيج، سجڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

يعني! اي انسان! اگر پڪارن، آهن، دانهن، روڄ راڙي، آھہ و زاري کانپوءِ بہ پنهنجو مقصد حاصل نہ ٿئي تہ هن خداوند ڪريم کي هٿان نہ ڇڏج، ڇو تہ ان جهڙو ٻاجهارو ٻيو ڪونهي.

ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ:

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجھہ بہ اوڏائي مڱانءِ،
ري ٽنيين، ري ٽوٽئين، تون ڇپر تون ڇانءِ،
ڪچاڙو ڪهانءِ، توکي معلوم سيڪا.

هو ڏک سک ۾، هو سفر خواهہ حضر ۾، خدا کي ياد ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿو. فرمائي ٿو تہ:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب! منهنجي جيءَ اندر، آزار جا انواع
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي.

فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن اي بندا! تو پنهنجا سيئي ڪم ڪار الله جي حوالي ڪيا ڪاميابي تنهنجا پير چمندي ايندي. جيئن فرمائي ٿو تہ:

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪر حاج جو.

ڏاتار جي وڏائي بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙئي مڱڻا،
مينهن مدائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين سون، تہ ميريائي مان لهان.

معنيٰ تہ اي خدا اصل ۾ تہ رڳو تون ئي ڏاتار ۽ داتا آهين، باقي ٻيا سڀ سوالي آهن. تنهنجي فضل و ڪرم جي نہ آهي موسم ۽ نہ حساب.

شهنشاهہ جهان جي توصيف بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

”جيڪي منجهہ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانہ،
عدلان چٽان آئون نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

اي الله ! هن دنيا ۾ جو ڪجهہ آهي سو سڀ تنهنجو آهي. اسان کي تنهنجو آسري آهي تو وٽ ڪنهن بہ شيءِ جي ڪمي نہ آهي. مون ڏانهن ڪو فضل جو ڦيرو ڪج. آخر ۾ کي ٻاڏئيندو چوي ٿو تہ:

ستر ڪر ستار! آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پانڌُ پناهہ جو.

يعني اي ستار! آئون عيبن ڀريو آهيان، تون پنهنجي پناهہ جو پانڌُ ڏئي منهنجون مدايون ميٽ.

جيڪڏهن شاهہ جو رسالو باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڀٽائي جو ڪلام وحدانيت جي واديءَ ۾ خدا پرستي جي آب سان لبريز آهي.

**شاهہ جا قاصدءِ پيغامات:**

اهو ظاهر آهي تہ هرڪو عاشق پنهنجي محبوب ڪي ڪنهن قاصد يا تخيل ذريعي پنهنجا دل گهريا پيغامات موڪليندو رهي ٿو. شاهہ صاحب هڪ سچو عاشق هو الاهي عشق ۾ رڱيل هو. صاحب موصوف پنهنجو پهريون قاصد "قمر المنير" (چنڊ) کي بڻائي ٿو. ڪيس محبوب وٽ وڃڻ کان اڳ ۾ سجاڳ ڪري ٿو تہ متان وڃي محبوب وٽ ڪا گستاخي ڪري، تنهن ڪري چويس ٿو:

چڱا چنڊ، چئيج، سينها کي سڄڻين،
متان اگڙ اُيري پرين جي پئيج.
جهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجهي هٿڙا.

اڳتي هلي چوي ٿو:

آئون جي ڏيئن سنيها، سي تو پلئہ پنڊ.
چئج حال حبيب کي، نئي نوڙائي ڪنڌ.
توتيڏانهن پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو.

هاڻي تو محبوب ڏانهن پيغام موڪلي:

ناسيدي نظر، پهرين ڪج پرين ڏي،
قمر ڪهيج قريب کي، تہ نست آئون نبر،
جي پيٽي ناهم پر، اکيون اوهان جي آسري.

يعني چنڊ جي قاصد کانپوءِ سرڪار سنڌ، پتائي گهوٽ "ڪانءُ" کي پنهنجي پرينءَ جو قاصد نهرائي ٿو. اڳئين وانگر هدايتون ڏيندو رهي ٿو تہ:

ڪري ڪانگ ڪُرنشون، پيرين پرينءَ پئيج،
آئون جي ڏيئن سنيهو، وڃ مَ وساريج.
الله لڳ لطيف چئي، ڳُجهو ڳالهائيج،
چُٺان تيئن چئيج، تہ ڪنياتا! خوشِ هئين.

ڪانگل کي نياپي جي نصحت ڏئي يڪدم سندس احسان مڃي ٿو چوي ٿو تہ:

زاغ! تنهنجي ذات جو تورو مٿي مون،
اڏامج عبداللطيف چئي، صبح سيٽين ڏون،
ڪج وينتيون وِترَيون، باجهائج ٻهون،
تہ لالن! ڪو نہ لهون، جِهو تو جهان ۾.

اهڙيءَ ريت شاهه يٽائي محبوب ڏانهن ڪئين پيغامات تخيل، توڙي پکيئڙن جي وسيلي موڪليا آهن، جن مان اسان کي سندس تخليات جي پرروڙ پوي ٿي.

## شاهه ۽ ڳوٺاڻا:

شاهه هڪ ڳوٺ ۾ جاتو هو اتي نپنو هو تنهن کري اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته ”شاهه کي ڳوٺن جي بلڪل پوري خبر هئي. پاڻ نهايت پرامن ڳوٺاڻو هئو“. چو ته لازمي آهي ته اهو انسان جيڪو هڪ ڳوٺاڻي ماحول ۾ جمي ۽ نپجي، انهيءَ کي جا ڳوٺ جي خبر چار هوندي، تنهن کان وڌيڪ ڪو شهري واقف نه هوندو.

سارنگ جي موسم آهي، اوهيڙا وسي ويا آهن، هر هنڌ گاهه لڳو پيو آهي، ڳوٺاڻا اجوڪي تهذيب و تمدن کان پري هٽيل آهن، سادگيءَ تي قائم آهن. تڪليف و مشقت جا ڏينهن صبر و تحمل سان برداشت ڪن ٿا. رُکي ڊوڊي ۽ لسي پاڻيءَ سان سندن وقت گذري ٿو. شاهه صاحب سندن اها سادگي هن بيت ۾ آندي آهي:

منڊ ٿي منڊل منڊيا، ڪئي اوهيڙن اوڪ،
چاچر ٿي چَنن ۾، مينهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پُوپو پائِن طوق،
ميها، چيڙ، ڦنگيون جت ٿين سيپئي ٿوڪ
لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا!!

ريگستان واري ياڳي جي ڳوٺاڻن جو گذران برسات تي آهي. سارنگ نه پوڻ تي ٿر ۾ بيابان ٻڻجي ويندا آهن. اوهيڙن کان بعد ۾ ڳوٺاڻا پنهنجو مال ڪاهيندا آهن. خوشيءَ ۾ نچندا ٽپندا آهن. شاهه صاحب الاهي حقيقت جي تصوير ڪينچي، ڳوٺاڻن کي محبت ڀرئي لهجي ۾ چوي ٿو ته:

آگميو آهي لڳهه پَسُ! لطيف چئي،
وَنو مينهن وڏو ڦُڙو ڪيو ڏڻ ڪاهي،
چَنَ چڏي ٻَٿِ پئو سمر سنياهي،
وهو م لاهي، آسرو الله مان.

هاڻي ٿر تي مينهن وسي ويو آهي. رب جي مهربانيءَ سان هر پاسو خوشحال نظر اچي رهيو آهي. خلستان جيءَ بجاءِ گلستان آهي. بهارستان

پنهنجو نئون باب کوليو آهي. قسمين قسمين جهنگلي ٻوٽيون ٽيون آهن، مال انهي حالت ۾ نهايت خوش ۽ متارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو: شاهه صاحب ڳوناٽن جي اها حالت ڏسي چوي ٿو تہ:

بروڻا، ٽروڻا، وڻيون ترايون،
پرهہ جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٽڙا، سنگهاريون سايون
ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون رانيون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سُنهَن پانهنجي.

جيڪڏهن شاهہ جو سر سارنگ خصوصاً ۽ ٻيا سر عموماً گهري نظر سان ڏنا وڃن، تہ جيڪر خبر پوي تہ شاهہ جن کي ڳوناٽن سان ڪيترو پيار آهي.

## شاهہ بحيثيت سچو سيلاني:

مني مهراڻ جي موجن ۾ پرورش پائيندڙ انسانن کي هميشہ سير و سياحت جو شوق پئي رهيو آهي. فخرِ سنڌ ڀٽائي گهوٽ بہ اهڙن انسانن مان هڪ آهي، جيڪو سنڌ جي تهذيبي، تمدني معاشرتي، اقتصادي حالت کان بخوبي واقف آهي. اهو ظاهر آهي تہ سير سفر ۾ تعليم آهي، پر جو اکيون کولي نہ هليو، تنهن جهڙو سير سفر ڪيو تهڙو نہ ڪيو واديءِ نيلم، واديءِ چنار، واديءِ ڪاغان، واديءِ گلگت ۾ سير ڪندڙ سياح صرف ظاهري حقيقت معلوم ڪري ايٿار ڪن ٿا. ناهہ ناهين ٿا، مگر شاهہ اهو سچو سيلاني هو جنهن سير و سفر ڪندي فطرت جي ذري ذري، سنڌ جي چپي چپي جو نقش ويهي پنهنجي جادو بيان ۽ سحر آميز شڪر ۾ وينجهارن وانگر پويو اٿس. گويا سندس مڪتب فطرت هو سندس علم الاهي هو سندس استاد قدرت هئي، چڻ تہ جيڪو سير سفر ڪيو اٿائين، سو اندر جي اکين سان ڪيو اٿائين نہ ظاهري طور.

زالن ۽ ڇوڪرين کي سٿيءَ سان سبندو ڏسي سٿي جو اهو ڳڻ ڳولي لڌو اٿس، جنهن کي اڳي ڪنهن بہ ظاهر نہ ڪيو آهي. منجهانئُس حقيقي ۽ مجازي معنيٰ ڪيئن نہ پيئي بکي!

پاڇائي نہ پاڙيان، سرتيون سٿيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪائين پاڻ،
ٻيهر ڇاپي ڇاڻ، ابر جي اوصاف کي.

ڪانءُ جيڪو سجو ڏينهن ”ڪان ڪان“ ويٺو ڪري جنهن جو اسان کي نہ خواب نہ خيال، اهو پڪي شاهہ صاحب جو محبوب پڪي آهي. سندس محبوب جو قاصد آهي، فرمائي ٿو تہ:

ڪانگل ڪڏي تو ڏيان، هنئون ساڻ هٿن،
وڃي ڪاءُ ولايت ۾، اڱيان عجيبن،
پرين ماڻ پڇن، هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي؟

***

ڪانگل سيئي ڪوٽ، پرين جي پرڏيهہ ويا،
جنين ري جهان ۾، اکڙين اروٽ،
الله لڳ لطيف چئي ڪج ڳاراچو ڳوٽ،
جي ڏمريا ڪنهن ڏوٽِ، سي اڏامي آڻ پرين.

اڏرا! الله لڳ، ويلو ڪر م وچ ۾،
آئون جو ڏئي سنيهو سانڊ برابر ساهہ،
سندي ڳچهاندر ڳال، کهج بہ قريبن کي؟

ڪتي پڙاڏو ٻڌئين تہ ڪيس وحدانيت جي وادي ياد اچي وئي آهي، چيائين تہ:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو لهين،
هئان اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا؟

شاهہ صاحب جن جي وقت ۾ تير اندازي عام هئي تير کي ڏسي ڪيس اهائي عشق جي باهہ جاڳي.

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ڪنهن وقت ڪونجن جو ولر ڏسي ”اتحاد“ ياد پيو اٿس. چوي ٿو:

ولرڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڻهئان ميٺ گهڻو.

ڪنهن ڪلال خاني وٽان اچي لنگهيو آهي تہ مَڌُ جو ذڪر ڪندي روحاني راز ۾ گهڙي پيو آهي. ايتريقدر جو پنهنجي تن، من، ڌن قربان ڪرڻ لاءِ چوي ٿو تہ:

ملھ مھانگو قطرو، سڪڻ شھادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جي.

اڳتي ھلي وري چوي ٿو:

ڪاتي جن ڳري، مان لَنءُ لڳو تن سين،
محبت جي ميدان ۾ وڃان پيو پري
اڏي سر ڏي، مان ڪھان سپرين.....

ڪڏھن لوھار وٽان لنگھندي فرمائي ٿو تہ:

سر سنداڻ ڪري، پڇج گھر لوھار جو،
ڏڪن ھيٺ ڏري، مان گڏينئي رڪ سين!

جھازن ۾ ٻيڙين وسيلي درياءَ جو سير ڪيو ھئائين، تہ اتي وري ڪيس درياءُ ھيءَ دنيا سمجھڻ ۾ آئي آھي، جتي ئي ھر انسان کي آخرت جي پوک پوکڻي آھي. اتي فرمائي ٿو:

دھشت دم درياءَ ۾، جتي جايون جانارنِ،
نڪو سنڌو سير جو مَپُ نہ ملاحن،
درندا درياءَ ۾ واڪا ڪيو وَرنِ،
سڄا ٻيڙا بارِ ۾ ھليا ھيٺ وڃن،
پرزو پئدا نہ ٿئي، تختو منجھان تن،
ڪو جو ٿھر ڪُنن ۾ ويا ڪين وَرنِ،
اتي اڻ تارن، ساھڙ سير لنگھاءِ تون..

مطلب تہ شاھ صاحب، ھڪ مھذب و متمدن سياح ھو. ظاھري سياح نہ ھو بلڪ باطني سياح ھو. سندس سير و سفر اندر جي عين ۾ بصيرت، من جي مشاھدي ۾ قلب، جي سچائي تي مبني آھي.

**شاھ بحيثيت ڪيمياگر:**

ڪيمياگر، ان کي چيو وڃي ٿو جيڪو دوائن جي رستي تامي چاندي کي سون بڻائي، مگر ھتي شاھ صاحب کي "شاعري جو ڪيمياگر" چوڻ بيجا نہ ٿيندو، جڏھن تہ سندس ڪيميا ھڪ لاجواب آھي.

اگرچہ "ڙ" سنڌي ٻولي ۾ نھايت ئي کھرو آھي، مگر شاھ لطيف، انھي اکر کي ھڪ اھڙي پائيدار ۽ پختي ٻولي ۾ منتخب ڪيو آھي، جنھنجو شايد مثال ئي نہ ملي:

جا هڙ اندر جيءَ، ساهڙ ڏني ساه کي،
سا هڙ ڇُڙي نہ ساھہ جي، سا هڙ ساهڙ ريءَ،
سا هڙ ميڙِ سميع! تہ ساهڙ ڇُڙي ساھہ جي.

نوري گندري، ڪينجهر جي ڪَڙَ تي اها بي مثل راڻي هئي. جنهنجو ثاني ملڻ مشڪل آهي. پنهنجو اصل لڪائڻ ناپسند اٿس. سمين راڻين وٽ بہ چوندي رهي تي تہ:

ڪِڪيءَ هاڻيون ڪاريون، ڇِڇيءَ هاٽا ڇج،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو تئي لَج،
سمو ڄامُ سُهجَ، اُيو ڪري اُنِ سين.

❊❊❊

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مُور نہ موچاريون،
وٺي وينيون واٽ تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريون،
اُنين جون آريون، سمي ري ڪير سهي؟
اها تہ آهي " شاھہ جي شاعراڻي ڪيمياگري"

عمر مارئيءَ کي تنگ ڪري ٿو سون ۽ بيشمار جواهرات سندس اڳيان پيش ڪري ٿو. اتي شاھہ صاحب، مارئي کان ڪهڙو نہ مدلل جواب ڏياري ٿو:

ايءَ نہ مارن ريت، جي سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

عمر، مارئي کي قسمين قسمين قيمتي ڪپڙن پهرڻ جو حڪم ڏئي ٿو.
مگر مارئي ڇا تي جواب ڏئي؟ هڪ ترياڻيءَ جو جواب وقت جي بادشاھہ کي، شاھہ صاحب ڪهڙو نہ سهڻو ڇيو آهي:

عمر اڇا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪيئن ڪن،
جنين جا ترن ۾، ور تا ويڻ سهن،
هو جي حق پچن، سي ڪيئن ستيون؟ سومرا!

ڇا تہ سندس "ڪيمياگري" آهي! " لفظي ڪيميا" تہ نهيو، پر تخليات تي بہ ڪيڏو نہ ناز اٿس!
آخر ۾ هيئن چوڻ ڪو بہ مبالغو نہ ٿيندو تہ شاھہ هڪ اولياءُ الله، هڪ عظيم شاعر، هڪ بزرگ، هڪ مصور هڪ نقاش، هڪ اديب، هڪ عالم .

هڪ موحد هو.

سندس شعر جي سٽ سٽ، بي پناهه جذبي، جوش ۽ رنگينيءَ، فصاحت ۽ بلاغت سان ٽمٽار آهي. غم والم سان گڏوگڏ بيباڪي، سلاست ۽ رواني، عشق و مداح جو جڙڪ مهراڻ وهي رهيو آهي.

آخر الذڪر تہ ڀٽائي گهوٽ جي زندگي " مجمع البحرين" آهي، جنهن ۾ هر قسم جا علوم ۽ فنون ملن ٿا.

خدا ڪري! اسان کي شهنشاهہ سنڌ حضرت شاهہ ڀٽائي رحہ جي عارفانہ اقوالن تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي:

اڄ سندس آستاني تي:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لٿو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.

# شاهہ لطيف ۽ رحمان بابا
# جي درميان فڪري هم آهنگي

برصغير ۽ ان جي مختلف علائقن ڪي تہ مسلم بادشاهن فتح ڪيو پر مقامي ماڻهن جي دلين کي فتح ڪرڻ وارا، اُهي گودڙي پوش بزرگ هئا جي ظاهر ۾ تہ درويش هئا پر اندر ۾ بادشاهن جا بادشاهہ هئا. انهن پاڪيزه هستين پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار، سلوڪ ۽ ورتاءُ ۽ شعرو سخن وسيلي مسلم ۽ غير مسلم عوام جي دلين کي مسخر ڪري ورتو ۽ انهن جي اندر هڪ اهڙي جوت جاڳائي، جنهن سان هدايت جو نور پوري برصغير ۾ ڦهلجي ويو ۽ نتيجي طور هيءُ خطو اسلام جو قلعو بڻجي ويو.

هيءُ اُهي ماڻهو آهن، جنهن کي اسان ”صوفياءِ ڪرام“ سڏيون ٿا، جن جي ابدي آرامگاهن تي اڄ بہ انسانن جا ميڙا آهن، هزارين عقيدتمند انهن جي مزارن تي حاضري ڏئي محبت ۽ اخوت جو سبق حاصل ڪن ٿا ۽اجتماعي توڙي انفرادي طور پنهنجي وجود جي تطهير ڪندا رهن ٿا.

اها اسان جي خوش قسمتي چئبي جو سرزمين پاڪستان، اهڙين صوفين سان مالامال آهي. سنڌ جا شاهہ لطيف، قلندر ۽ سچل سرمست، پنجاب جا خواجہ فريد، شاهہ حسين، بلي شاهہ، وارث شاهہ، بابا فريد ۽ مهر علي شاهہ گولڙوي، سرحد جا رحمان بابا ۽ خوشحال خان خٽڪ، آزاد ڪشمير جو ميان محمد بخش شاهہ همدان ۽ بلوچستان جو ڄام درڪ، سڀ جا سڀ آفاقي شاعر هئا، جي پنهنجي اندر حساس دل رکندا هئا. زماني جي تلخين، سيرو سياحت جي سختين ۽ پنهنجي آسپاس جي ماحول انهن جي اندر هڪ اهڙو جذبو پيدا ڪيو جو انهن جو هر نقطو اسان لاءِ مشعل راهہ بڻجي ويو انهن ادب، تصوف، غنائيت ۽ بصيرت جي هم آهنگيءَ سان انساني فڪر کي اهڙو سرمايو مهيا ڪيو آهي، جو اسان جو گڏيل ورثو آهي.

انهن شاعريءَ جي ذريعي محبت ۽ اخوت جو سبق ڏنو جنهن ۾ رنگ، حسن، دل آويزي، سيرت، پاڪيزگي، بلند ڪرداري، فڪر و تدبر، سوزو گداز، علم و حڪمت، تخيل، جازبيت ۽ وجداني صلاحيتون سمايل آهن ۽ انهيءَ ۾ تاريخ، ادب، فلسفي ۽ تصوف جا نازڪ ترين خيالات نهايت خوش اسلوبيءَ سان نيايا ويا آهن.

نيڪي جي تبليغ بذريعي شعر و سخن جي هيءَ تسلسل سنڌ کان وٺي ڪشمير تائين واضح طور ڏنو وڃي ٿو. پنجاب سان تعلق رکندڙ هڪ دانشور غضنفر مهدي پاڪستان جي تمام زبانن جي آفاقي شاعرن جي درميان فڪري هم آهنگيءَ تي بحث ڪندي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”واديءَ سنڌ جي ماڻهن جو مزاج، ذهن، سوچ، فڪر، تهذيب و تمدن، صدين کان مشترڪ آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ملڪ جي ٻين صوفي شاعرن، غافل مسلمانن کي هڪ خدا، هڪ رسول، هڪ قرآن ۽ هڪ ڪعبي طرف موٽڻ جي دعوت ڏني. سچ ته اهو آهي ته انهن انسانذات کي اخوت ۽ محبت جو پيغام ڏنو ۽ خودشناسيءَ کي خداشناسيءَ جو بهترين ذريعو قرار ڏنو“.

ادبيات پاڪستان جي چيئرمين پروفيسر پريشان خٽڪ، انهيءَ تسلسل کي آفاقيت جو نالو ڏنو آهي. تنظيم فڪر و نظر سکر طرفان 1980ع ۾ منعقد ٿيل شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي چيو هئائين ته ”انهيءَ آفاقيت جو وڏو سبب صرف ۽ صرف هڪ آهي ۽ اُهو آهي وحدت“.

انهيءَ تسلسل کي وري پروفيسر محمد نواز طائر چيئرمين پشتو اڪيڊمي پشاور هن انداز ۾ پيش ڪري ٿو : ”ظلم، جنهن به صورت ۾ هجي، زيادتي ڪهڙي قسم جي به هجي ۽ جڏهن اها انسانذات سان هجي ته حساس دل رکڻ وارا اهل نظر انهيءَ جي خلاف آواز اٿارين ٿا. اهو طريقو رويو ۽ انداز اسان جي تمام مفڪرن وٽ مڪجهڙو رهيو آهي. خوشحال خان خٽڪ، رحمان بابا ۽ پشتو جي ٻين بي شمار شاعرن جي ڪلام ۾ اسان کي آفاقيت جو اهو رنگ نظر اچي ٿو. اهي سڀ محنت ۽ خدمت خلق جا داعي آهن. اها دعوت پشتو زبان ۾ جهڙي طرح اسان کي ملي آهي، تهڙيءَ طرح حضرت شاهه عبداللطيف ۽ حضرت سچل سرمست، هوبهو سنڌيءَ زبان ۾ اهل سنڌ کي ڏني آهي“.

واديءِ ڪشمير جو هڪ دانشور ڊاڪٽر تبسم ڪاشميري لکي ٿو ته: ”صوفياءِ ڪرام حقيقت ۾ وحدت الوجودي اثرن هيٺ انسانذات لاءِ گهري

همدرديءَ، خلوص ۽ پيار رکندا هئا. اُهي نفرت جي بجاءِ محبت جو سبق ڏيندا هئا.

بلوچستان سان تعلق رکندڙ هڪ دانشور ڈاڪٽر انوارالحق ڪوثر لکي ٿو تہ: ”اسان جي صوفين جو طرز احساس يڪسان هو. چاهي انهن جي زبان ڪهڙي هجي ۽ اهي ڪهڙي خطي سان چو نہ واسطو رکندا هجن“.

ميجر راورٽي جنهن پشتو ادب تي وڏو ڪم ڪيو آهي، لکي ٿو تہ ”مشرق جي شاعري ۽ خصوصاً مسلمانن جي شاعري مغرب جي شاعريءَ کان بلڪل الڳ نوعيت جي آهي، اُها قديم زماني جي عربن جي شاعريءَ وانگر بنهہ سادي آهي. پشتو شاعر هجي يا ٻي ڪنهن ايشيائي زبان جو شاعر، هڪ عام مضمون، جو انهن کي پسند آهي، اُهو عشق آهي. هيءُ عشق، انساني عشق نہ آهي پر عشق الاهي هوندو آهي، جنهن ۾ ”خدا سان تعلق“ اصل موضوع هوندو آهي.

مٿين حوالن جي روشنيءَ ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ سرزمين پاڪستان جا صوفي شاعر، هڪڙي ئي طرز احساس جا مالڪ آهن. انهن جي درميان، هڪ تهذيبي وحدت موجود آهي. روحاني طور اُهي هڪ اهڙي سلسلي سان مليل آهن جتي انهن جون دليون هڪ ئي رفتار سان ڌڙڪن ٿيون.

هن مختصر مقالي ۾ مون شاهہ لطيف ۽ پشتو جي عظيم صوفي شاعر رحمان بابا جي خيالن ۾ يڪسانيت تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اصل مواد پشتو ۾ هئڻ سبب ديوان رحمان بابا جو اردو ترجمو (امير حمزه شنواري) منهنجي زير نظر رهيو. جڏهن تہ ماهنامہ ”پشتو“ جي ڪن پرچن مان پڻ رهنمائي ملي.

شاهہ لطيف ۽ رحمان بابا جي دور تي نظر ٿي وجهجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف اجا مس جواني کي پهتو هو تہ رحمان بابا لاڏاڻو ڪيو ۽ شاهہ لطيف 41 سال وڌيڪ زندگي ماڻي راهہ عدم ڏانهن راهي ٿيو پر جنهن دور ۾ رحمان بابا ۽ شاهہ لطيف اکيون کوليون، اهو ساڳيو دور هو. انسانن جا انسانن تي ظلم ۽ انسانذات جي نيڪيءَ کان بيگانگي ۽ آسپاس جي ماحول بنهي درويشن کي حقيقي معنيٰ ۾ انقلابي شاعر بنائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي. هوڏانهن وري روحاني طور ٻئي بزرگ ”مجاز“ کان نڪري حقيقت تائين ۽ ”خبر“ جي حد ٽپي نظر تائين پهچي چڪا هئا.

جيئن جيئن عشق الاهي ۾ مستغرق ٿيندا ويا، تيئن تيئن، انهن جي

فڪري پرواز ۾ بلندي اچڻ لڳي ۽ هو هر ڪنهن جي دل جون ڳالهيون شعر و سخن وسيلي عام فهم زبان ۾ پيش ڪندا رهيا ۽ انهن جو آواز هر ڪن ۾ پهچڻ لڳو. اج بہ عورت هجي يا مرد، پوڙهو هجي يا جوان، پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ رحمان بابا ۽ لطيف جي نالي تان فدا آهن ۽ انهن جا سينا رحمان ۽ لطيف جي ڪلام سان سرشار آهن.

هيءُ بہ عجيب اتفاق آهي تہ جيئن شاهہ لطيف جي شاعريءَ لاءِ چيو ويو آهي تہ اها قرآن جي تفسير آهي، تيئن رحمان بابا جي شاعريءَ لاءِ پشتو سالڪن جو چوڻ آهي تہ ڪلام مجيد جي بجاءِ، جيڪڏهن ٻئي ڪلام ۾ نماز جائز هجي ها تہ پشتون رحمان بابا جا شعر قرئت ۾ پڙهن ٿا. انهيءَ نقطي جي شاهدي خود لطيف ۽ رحمان جي شاعري مان پڻ ملي ٿي:

تو جي بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي

رحمان بابا انهيءَ تخيل کي هن انداز سان پيش ڪيو آهي. اردو ترجمو پيش خدمت آهي:

مخلصوں کو جو دیتا ہے، علم غیب سے
یہ سبھی الہام کی صورت ہے، نام اخلاص کا
اس سبب سے ہی تو ہے، شیریں رحمان کا کلام
جو کلام اس کا ہے، گویا ہے کلام، اخلاص کا۔

وحدانيت ڪانپوءِ عشق رسول، صوفياء ڪرام جو محبوب ترين موضوع آهي. شاهہ سائين توحيد سان گڏ رسالت کي مڃن لاءِ زور ڀريو ٿو. سندس نظريو آهي، جنهن بہ رسول خدا ﷺ جي پيروي ڪئي، اهو ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندو.

وحده لا شريڪ له، جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نہ اولئا.

رحمان بابا جن جو چوڻ آهي تہ:

ڪہ رندا ده پيروي دَ محمد صہ ده
ڪهہ نئي نشتہ پہ جهان بد رندا.

دنيا ۾ پيروي ڪرڻي آهي تہ فقط محمد ﷺ جن جي ڪرڻي آهي. هن

ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي پيروي ڪري ئي نہ ٿي سگهجي.

انساني زندگي متعلق بہ ٻنهي جا خيال هڪجهڙا آهن. شاهہ سائين فرمائي ٿو:

جر تي ڦوٽو جيئن، لهرن لڳي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

رحمان بابا، انهيءَ موضوع ڪي هن نموني نپايو آهي:

تيار تلہ ددے جهان نہ بل وار نشتہ
بل وار نشتہ بل وار نشتہ دار دے دا.
دا حيات عمر دي او ڪوري چہ خو دي،
ڪہ خوک شمار ڪاندي، دَ عمر شمار دے دا.

(انهيءَ دنيا ۾ ٻيهر ڪنهن کي اچڻو ناهي، فقط هڪ دفعوئي اچڻو آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻو آهي. ڦوٽي جي زندگي کي ذرا ڏسو تہ هن جي ڪيتري زندگي آهي. بس، زندگي جو اهوئي شمار آهي).

خدا جي برگزيده بندن ڪڏهن بہ دين کي دنيا ڪارڻ قربان نہ ڪيو آهي. انهن تہ انهيءَ فعل جي مذمت ڪئي آهي. شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪئو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

تہ رحمان بابا جو انداز وري هيئن آهي:

*سمجھ نہ تاجر نادان تو ایسا رحمان کو*
*متاع دین کے بدلے، جو لے زر و دینار۔*

”علم ۽ عمل“، صوفي شاعرن وٽ وڏي اهميت رکي ٿو. علم، عمل سان ئي آهي. شاهہ لطيف بي عمل انسانن متعلق فرمائي ٿو:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق ورائن وترا.

رحمان بابا، انهيءَ موضوع تي پنهنجو خيال هن ريت ظاهر ڪري ٿو:

علميت دَبے عالمانو
گويا ڪخ دَ ڪتابونو پہ زره جارشہ

يعني، اُهي جن کي علم حاصل آهي مگر عمل نہ آهي. اهي انهيءَ گڏهہ مثل آهن، جنهن تي ڪتابن جو بار پيل آهي.

اسلامي، تصوف صوفي شاعرن جو دلپسند موضوع آهي. اهي عشق الاهي ۾ مستغرق هوندا آهن. انهن وٽ عسق، عاشق ۽ معشوق هڪ ئي چيز جا جدا جدا نالا آهن. شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب،
پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.

رحمان بابا فرمائي ٿو ته:

عشق یہ ہے کہ عاشقوں کیلئے، عشق معشوق ہو گیا، کیا خوب،
اس سے کیا ہو سوال ھجر و وصال، خود محب ہو جو، اور خود محبوب۔

انهيءَ نموني جيڪڏهن لطيف ۽ رحمان بابا جي شاعريءَ جو موازنو ڪبو ته اهڙا ڪئين نڪتا ملندا، جتي هي ٻئي اهل نظر، هم خيال نظر ايندا. هونئن به سندن ساري زندگي عوام الناس جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ وقف هئي. اهوئي سبب هو جو حياتي ۾ توڙي وفات کانپوءِ سندن ديري تي عقيدتمندن جا انبوهه لڳا پيا هوندا هئا. خود شاهه لطيف شاهدي ڏئي ٿو ته:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڱهه اچيو ان جي.

انهيءَ خيال کي رحمان بابا، هن انداز ۾ پيش ڪيو آهي:

ھسے گرم بازار بل پہ جہان نشتہ
لکہ گرم د بازار، د درویشانو
ھمرہ خلق پہ ئے زیارت کہ ئیں لہ کہ
چہ بزار وی پہ مزار، د درو یشانو۔

يعني ساري دنيا ۾ ايترو جوش و خروش ڪٿي به ڏسڻ ۾ نه آيو جيترو درويشن وٽ. انهن جي وصال کانپوءِ ماڻهن ۾ ايتري قدر هجوم انهن جي مزارن تي اچي ٿو گويا هڪ ميلو لڳي وڃي ٿو.

شاهه لطيف ۽ رحمان بابا جي شاعري جي جائزي مان اها به ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هيءَ شاعري وحدانيت جو سبق، محبت و اخوت جو پيغام ڏئي ٿي. انهيءَ ۾ فڪري ۾يگانگت ۽ قومي اتحاد جي جذبن کي فروغ ڏيڻ جي پوري پوري صلاحيت موجود آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته انهيءَ پيغام کي عام ڪيو وڃي.

هیڅ ئے پکار نه دی، رحمان غواری دلبره،
دازما رضاده، باقي هر چه ستا رضا.

هن کي ٻيو ڪجهه نه گهرجي. دلبر رحمان ته فقط تنهنجو طالب آهي. اها منهنجي مرضي آهي ۽ باقي تنهنجي مرضي آهي. اهوئي نقطو شاهه سائين جي لفظن ۾ هيئن پيش ڪري سگهجي ٿو:

واڪا ڪرڻ وس مون، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.

# تاريخي ۽ ادبي مضمون

# سجاول جو علمي ادبي جائزو

سجاول ڏينهن ۾ ڏورن جو ديس پئي رهيو آهي. سرسبزي ۾ ساوڪ جي ڪري ان کي ماڃر بہ چيو ويو آهي. جيڪو مغلن جي ڏينهن ۾ ٺٽي سرڪار جو هڪ پرڳڻو بہ رهيو آهي. تازو سنڌ جي هڪ مشهور علمي ادبي شخصيت محترم ايم- ايڇ پنهور جو سومرا دؤر تي هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ هن نودي ٻارڻ کي سومرن جي دؤر واري قتل ڳوٺ جي نشاندهي ڪئي آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ سجاول جو علائقو ڪافي قديم آهي. سمن جي دؤر حڪومت ۾ ڳوٺ مرادپور جو ذڪر ملي ٿو. ان کان پوءِ ٽالپرن جي دور تائين تاريخ سجاول جي ذڪر کان خاموش آهي. سجاول جو ننڍڙو ڳوٺ سجاول خان خاصخيليءَ جي نالي پويان 19 صدي جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ قائم ٿيو جيڪو اڳتي هلي موجوده منزل تائين پهتو آهي.

تاريخي مواد جي کوٽ هئڻ سبب 19 هين صديءَ جي سجاول جي سماجي، ثقافتي ۽ علمي ادبي تاريخ جو ڪو احوال نٿو ملي. مون جڏهن ان سلسلي ۾ تحقيق ڪئي تہ مون کي فقط 1886ع جي ”سنڌ سڌار“ اخبار ۾ ديوان گلاب راءِ پرشن ڀيلوي جو نالو مليو جيڪو معلوم تاريخ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ سجاول علائقي جو پهريون لکندڙ هو. 20 هين صديءَ ۾ سجاول جي علمي ادبي ميدان ۾ جنهن شخصيت سڀ کان پهرين پاڻ ملهايو اهو هو ڏنّي بخش ناقص سجاولي، جيڪو نہ صرف زميندار هو پر هڪ بهترين قسم جو شاعر، صحافي ۽ سياسي ڪارڪن هو جنهن جا شعر اڪثر وقت جي حالتن پٽاندڙ هوندا هئا جنهن ۾ خاص ڪري مسلم قوم کي سجاڳيءَ جو سڏ ڏنل هوندو هو اڄوڪي هن تقريب جو شاعر اياز امر شيخ پڻ ڏنّي بخش ناقص جي پوٽين مان آهي.

ان کان پوءِ پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ، ساقي سجاولي محمد خان مجيدي، عبدالڪريم شورو، پروفيسر عبدالرحيم ڏيٿو چندي رام باراڻي برک سجاولي، سيد علي حسن شاهہ احسن، ڪشن آر شرما، چاند سجاولي، چيلا رام چمن سجاولي، لوڪو مل، گلاب سجاولي، مولوي حاجي محمد خادم، سائينداد نوحاڻي ۽ ناتو شيدي چريتاڻي واري جا نالا ملن ٿا.

1960ع کان پوءِ سرويچ سجاولي، عزيز جعفراڻي، مريم مجيدي، مشتاق شورو، شوڪت حسين شورو، نورمحمد درس بيلوي، عبدالڪريم آزاد سنڌي، الهڏنو ملاح، محمد حسين شاهہ سجاولي، حڪيم نورمحمد کتري، مشتاق ڪاملاڻي، محمد صالح، شمس الدين تراب، محمد يوسف لاغر، فاطمہ سرويچ، منگهارام عاجز، محمد عثمان شاعر، سيد گل محمد شاهہ گل، والجي مل آٿو مل، گل محمد نهڙيو ۽ نور محمد نيازي سجاول جي علمي ادبي آسمان تي چمڪندا نظر اچن ٿا.

1980ع کان پوءِ ڪيترن نوجوانن علم و ادب ۾ پيرپاتو. انهن ۾ ارشاد ساگر، ارشاد حسين شاهہ ارشاد، حبيب الله سانگي، محمد موسيٰ بيلوي، اياز کتري، محمد جمن سنڌي، گل حسن گهائل، پرديسي ۽ ڪريم بخش پريمي جانالا اچي وڃن ٿا.

1990ع کان پوءِ جيڪي دوست علم و ادب جي ميدان ۾ پاڻ پتوڙي رهيا آهن، انهن ۾ ذوالفقار سورج سجاولي، امداد بخاري، دائود امر، طفيل ڪنول، فريد گل شاعر، عبدالله عبد، ڊاڪٽر هوت چند ڪيشواڻي، عبدالواحد سوز حسن سارنگ، بدر جميل ميندرو ابراهيم خليل، مس گل بانو گل سجاولي، سڄڻ سرائي، سانول سنڌي، اشرف شاعر ۽ بابو غلام مصطفيٰ کٽي شامل آهن.

سجاول عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو شهر آهي تہ ان سان گڏوگڏ هتان جي سگهڙن بہ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. فقير الهڏنو ڏيٿو علي محمد ڳنڀير، پنهون جماري، گل محمد لونئيو ۽ صالح محمد لغاري هن علائقي جا سٺا سگهڙ آهن.

سجاول ۾ باقاعدي ڪنهن ادبي تنظيم جي قائم ٿيڻ جو اهڃاڻ بزم رحيمي جي نالي سان ملي ٿو. جيڪا سعيد عبدالرحيم سجاوليءَ جي وفات کان پوءِ ان جي ياد ۾ قائم ٿي، جنهن کي ڏٽي بخش ناقص ۽ ساقي سجاوليءَ وارا هلائيندا هئا. جنهن جون سرگرميون 1960ع تائين قائم

رهيون. 1961ع ڌاري سنڌي ادبي سنگت جو بنياد سرويچ سجاولي. شوڪت حسين شوري. مگهن لال شرما ۽ هن مقالي لکندڙ جي ڪوشش سان پيو. سنگت طرفان 1964ع ۾ موجوده اردو اسڪول جي ميدان تي هڪ وڏو مشاعرو منعقد ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت عزيز احمد بلوچ ڪئي. سنگت جون سرگرميون ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ ٿينديون رهيون آهن. ڪجهہ سال اڳ سنگت طرفان سرويچ سجاوليءَ سان شام ملهائي وئي. جنهن جي صدارت شمشيرالحيدريءَ ڪئي. تازو 9 اپريل 2006ع تي سنگت طرفان محمد خان مجيديءَ جي ٽين ورسي ملهائي وئي. جنهن جي صدارت رسول بخش پليجي ڪئي.

سنڌي ادبي سنگت سان گڏوگڏ سجاول ۾ نوجوانن طرفان مختلف علمي ادبي انجمنون قائم ٿينديون رهيون. جن ۾ بزم تنوير ادب (عزيز جعفراڻي. شوڪت حسين شورو ۽ حسن تنوير) بزم شعر ادب (خواجہ ممتاز ناز شمس جعفراڻي. محسن قريشي ۽ دائود بلوچ). بزم پيغام ادب (عبدالڪريم حامداڻي. سيد فدا علي زيدي. حافظ محمد موسيٰ. حسين عامر. علي محمد ميمڻ). بزم تحريڪ تعمير ادب (پير محسن شاهہ قريشي). بزم رهبر ادب (علي محمد جتوئي. يوسف پرديسي. حسين عامر. ارشاد سوز سجاولي). گلن جهڙا ٻارڙا سنگت (شهابت الله شاهہ) ٻارڙن جي ٻاري (عبدالصمد ميمڻ ۽ محمد يعقوب کتي). چلڊرن ڪلب آف پاڪستان (بدر جميل مينڊرو). ينگ رائٽرز ڪلب (اياز کتري. حسين عامر. منظور عمراڻي) ۽ ينگ سوشل ويلفيئر سوسائٽي (فاروق جعفراڻي. اقبال کتري. محمد حسن هنگورجو ۽ ٻيا شامل آهن.

جيستائين سجاول مان ڪتابن رسالن ۽ اخبارن جي شايع ٿيڻ جو تعلق آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڏٽي بخش ناقص جو نالو اچي ٿو. جيڪو روزنامہ ”الوحيد“ جو سب ايڊيٽر ۽ ”سرگم“ رسالي جو ايڊيٽر هو. ان کان پوءِ ساقي سجاوليءَ جو نالو اچي ٿو جنهن جا تقريباً 20 ڪن ڪتاب شايع ٿيل آهن. پروفيسر غلام مصطفيٰ شاه سنڌ جي انهن چند شخصيتن مان هڪ آهي. جن انگريزي ٻوليءَ کي پنهنجي قلم جو ذريعو بڻايو ان ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. هن جي ادارت ۾ نڪرندڙ Sindh Quarterly سنڌ جي انگريزي صحافت ۽ تحقيقي رسالن ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. 1962ع ۾ مجيدي پبليڪيشن پاران ”سنڌڙي ۽ ان جون قومون“ شايع ٿيو. شوڪت

حسين شوري ۽ مشتاق شوري جي افسانن جا مجموعا سنڌ جي افسانوي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ادب (خواجه ممتاز ناز ۽ شمس جعفراڻي) طرفان چونديل گل ۽ رشو جو رانديڪو شايع ٿيا. نوجوان اديب ڊاڪٽر حسن تنوير جو ڪتاب ”هيمون“ لاٽ پبليڪيشن طرفان شايع ٿيو جيڪو پوءِ ضبط ٿيو. هندو نوجوانن طرفان قائم ٿيل هري شيوا منڊلي طرفان 21 ڪتاب شايع ٿيا. 1971ع ۾ لاڙ پبليڪيشن طرفان سرويچ سجاوليءَ جو ”آليون اکيون، اڻيا وار“ ڪتاب شايع ٿيو. 1978ع ۾ اياز کتري جي سجاول پبليڪيشن طرفان ”ڏات جي ڏيهه مان“ نالي هڪ رسالو شايع ڪيو ويو. 1980ع ۾ باهمت پبليڪيشن ايريگيشن ڪالوني جي سلطان احمد ميمڻ ”مرادون ۽ منزل“ ڪتاب شايع ڪرايو. 1985ع ۾ محمد بن قاسم لائبريري طرفان عزيز جعفراڻي جو ڪتاب تاريخ سجاول شايع ٿيو. 1989ع ۾ سجاول هاءِ اسڪول طرفان مئگزين شايع ٿيو. ارشاد ساگر پبليڪيشن طرفان مريم مجيدي جو سُروم دکم دکم ۽ محمد خان مجيديءَ جو ”مٽي منهنجي مٽي آهي.“ شايع ڪرايا ويا. لڏي ميمڻ ڪاري طرفان سرويچ سجاولي جو ڪتاب آليون اکيون اڻياوار ڪي سجاول پبليڪيشن طرفان نئين سر شايع ڪرايو ويو. 2001ع ۾ سپاهه صحابه رضه سجاول طرفان مولوي عبدالغفور قاسميءَ جي تقريرن تي مشتمل ڪتابچا شايع ڪرايا. مولوي صاحب جي تقريرن جو هڪ مجموعو ٽنڊوالهيار مان پڻ شايع ٿيو آهي. 2003ع محمد بن قاسم لائبريري طرفان عزيز جعفراڻي جو ”تاريخ جاتي جا نوان ورق“ نالي ڪتاب شايع ڪيو ويو تازو 2005ع ۾ اياز امر شيخ جو ڪتاب ”سونهن موڙيون آرسيون“ شايع ڪيو ويو آهي.

جيستائين سجاول مان اخبارن نڪرڻ جو تعلق آهي ته ان سلسلي ۾ گذريل 15 سالن ۾ جيڪي اخبارون شايع ٿيون انهن ۾ اياز کتري جي ”الذوالفقار“ لڏي ميمڻ ڪاري جي ”سجاول“ ۽ جي ايم مغل جي ”ڌرتي“ شامل آهن.

سجاول جي انهيءَ علمي ۽ ادبي چرپر مان محسوس ڪري سگهجي ٿو ته اسان جو هي خطو هميشه علمي طور مردم خيز رهيو آهي، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان پنهنجي پوئين ۽ موجوده علمي ورثي کي زندهه رکڻ لاءِ جدوجهد ڪندا رهون ۽ ٿي سگهي ته انهيءَ ورثي کي قلمبند ۽ شايع ڪرائيندا رهون.

سجاول- تاريخ جي آئيني ۾!

ٺٽو ضلعو ۾ پنهنجي عظمت ۽ قدامت کان برصغير جي تاريخ جو هڪ روشن بابت رهيو آهي. ضلعي کي سنڌو ندي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ٿي، هڪ حصي ۾ ٺٽو سب ڊويزن ۽ ميرپور ساڪرو سب ڊويزن اچي وڃن ٿيون ۽ ٻئي حصي کي سجاول سب ڊويزن چئجي ٿو جنهن جو صدر مقام سجاول شهر آهي.

سجاول- سنڌ جي انهن شهرن مان هڪ آهي جيڪي اڃا ترقيءَ جون ابتدائي منزلون طئي ڪري رهيا آهن. هي شهر ارڙهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي دوران سجاول خان ولد پريو خدمتگار جي ٻن ٽن گهرن سان هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ جنم ورتو. سجاول خان مير صوبدار خان جو خاص خدمتگار هو جنهن جو ذڪر "شاهنامہ سنڌ" ۾ اچي ٿو.

سجاول جي آسپاس وارن علائقن کي پنهنجي سرسبزي ۽ شادابيءَ ڪري "ماجر" چيو ويجي ٿو. انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن "ماجر" کي شاهبندر ضلعي جي هڪ پرڳڻي جي حيثيت حاصل هئي ۽ ٻيلو ان جو صدر مقام هو. انگريزن جڏهن نئين سر انتظامي جوڙ جڪ ڪئي تڏهن ٻيلي کي تعلقي جي حيثيت ملي ۽ سجاول، ٻيلي تعلقي جو هڪ ڳوٺڙو هو. 1871ع ۾ سجاول جي آدمشماري 312 ماڻهن تي مشتمل هئي.

1880ع ڌاري ٻيلي کي درياءَ پائڻ سبب سجاول کي تعلقي جي حيثيت ملي ۽ ان جي ترقي جون راهون آهستي آهستي کلڻ لڳيون.

1887ع ۾ هتي سينيٽري ڪميٽيءَ جو بنياد پيو جيڪا 1940ع ڌاري نوٽيفائيڊ ايريا ۾ تبديل ٿي وئي ۽ اڳتي هلي 1960ع ۾ ٽائون ڪميٽي جي صورت اختيار ڪيائين.

هن شهر جي هڪ خاص خصوصيت هتان جي عوام جو ديني شعور آهي، جنهن جو زندهہ مثال 1919ع کان قائم شده مدرسہ دارالفيوض هاشميہ آهي، جيڪو سنڌ جي سخي مرد ۽ فياض سيد عبدالرحيم شاهہ سجاوليءَ جو يادگار آهي. هڪ طرف مدرسي جا فارغ التحصيل علماءَ هندستان ۾ مدرسي جو نالو روشن ڪري رهيا آهن تہ ٻئي طرف مدرسي جي هاڪ عالم اسلام ۾ پکڙجي چڪي آهي. مشهور مصري اديب محمد امين "فهمي" سجاول ۽ مدرسہ هاشميہ جو ذڪر پنهنجي جريده "الحقائق" ۾ وڏي شد و مد سان ڪيو آهي. سائين عبدالرحيم شاهہ جنهن کي سجاول جو عوام سجاول

جو بي تاج بادشاهه چوي ٿو. پنهنجي پوري املاڪ مدرسي ۽ مسجد جي لاءِ وقف ڪري اهو مثال پيش ڪيو ته هڪ شخص خدا جي رضا لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهي ٿو. هن مرد مجاهد 1946ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار مڪليءَ تي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي پاڙي ۾ آهي.

تعليم جي ميدان ۾ هتي 1877ع ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو. 1910ع ڌاري پرائمري اسڪول سان اي وي ڪلاسز شامل ڪيا ويا. 1946ع ۾ هتي هاءِ اسڪول قائم ٿيو جيڪو بعد ۾ نئين شفٽ ڪيو ويو. 1952ع ۾ هتي محمد يوسف چانديو هاءِ اسڪول برپا ٿيو جنهن کي 1984ع ۾ گورنمينٽ پنهنجي تحويل ۾ ورتو. جيڪو هن وقت شهر جو مکيه درسگاهه آهي. شهر ۾ هن وقت چار پرائمري اسڪول، هڪ گرلس پرائمري، گرلس سيڪنڊري اسڪول ووڪيشنل اسڪول، ليڊيز انڊسٽريل ڪارپيٽ سينٽر قائم آهن. سجاول انٽر ڪاليج 1967ع ۾ قائم ٿيو.

صحت جي ميدان ۾ هتي ٽرڊ ڪلاس ڊسپينسري قائم ٿي، 1933ع ۾ مارگريٽ گيسن ليڊي اسپتال قائم ٿي. 1964ع ۾ تعلقي اسپتال قائم ٿي جيڪا هن وقت سب ڊويزنل اسپتال جي حيثيت رکي ٿي. صحت جي ميدان ۾ حڪيم عبدالاحد عثمانيءَ جون خدمتون وساري نٿيون سگهجن.

صنعت ۽ تجارت جي ميدان ۾ هيءُ شهر اناج جي منڊيءَ جي حيثيت رکي ٿو. هن وقت هتي تقريبن ڏهاڪو کن رائيس ملون ۽ ويهارو کن چڪيون آهن. ان کانسواءِ هي خطو پکن، تڏن، تونرين ۽ تيج لاءِ مشهور آهي. هتان جا ڏِير جا تڏا سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن.

سماجي ادارن ۾ هتي ڪميونٽي سينٽر شهر جي پڙهيل نوجوانن جي واحد تفريح گاهه آهي. ٻين تفريح گاهن ۾ پبلڪ پارڪ، ٽي وي پارڪ ۽ پئرا ڊائيز سئنيما اچي وڃن ٿيون. جماعت مهراڻ الخدمت، سجاول اوپن اسڪائوٽ گروپ، سجاول آرٽ سرڪل، هري شيوا منڊلي، پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن.

هيءُ شهر علم ۽ ادب جو مرڪز پئي رهيو آهي. هن شهر جتي حافظ محمد عمر ڪيچي جهڙا قرآن سان عشق رکندڙ مولوي نور محمد صاحب جهڙا جيد عالم ۽ مولوي حاجي محمود جهڙا شعله بيان خطيب پيدا ڪيا، اتي سيد غلام مصطفيٰ شاهه جهڙي ماهر تعليم، سيد مهر علي شاهه جهڙي سياستدان، ساقي سجاوليءَ جهڙي منفرد طنز نگار ڏٽي بخش ناقص جهڙي

بيباڪ مدير، سيد محبوب شاھ بخاري جھڙي قابل مصور، سرويچ سجاوليءَ جھڙي عوامي شاعر، محمد خان مجيدي ۽ عزيز جعفراڻيءَ جھڙن اديبن کي جنم ڏنو آھي.

سجاول جي سدابھار شخصيت مولوي حاجي عبدالله ميمڻ کي وسارڻ سجاول جي تاريخ سان ھٽ چراند ڪرڻ جي برابر آھي. مولوي صاحب مدرسہ هاشميہ جو شاگرد آھي. سجاول کي ھن سپوت تي ناز آھي، جنھن پوري ھندستان ۾ امتيازي سند سان عالم جي سند حاصل ڪئي. عالم ۽ فاضل ھئڻ سان گڏوگڏ سندس شھري مسئلن سان دلچسپيءَ جو اندازو انھيءَ امر مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ھو 1959ع کان 1990ع تائين متواتر نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽيءَ جو چيئرمين تي رھيو ۽ ھن وقت بہ ٽائون ڪميٽي جو چيئرمين آھي. مولوي صاحب جي جدوجھد جي نتيجي ۾ 1957ع ۾ سجاول کي ٽيليفون ۽ 1959ع ۾ بجلي جھڙيون سھوليتون ميسر ٿيون. اڄ بہ ھو صاحب پنھنجي وس آھر ھن شھر جي بي لوث خدمت ڪري رھيو آھي.

سجاول جي محمد بن قاسم لائبريري، عالم اسلام جي چڱين لائبريرين مان ھڪ ليکيجي ٿي. ان لائبريري کي اھو شرف حاصل آھي تہ ان کي مڪ مڪرمہ مان شايع ٿيل عالم اسلام جي لائبريرين جي ڊئريڪٽري ۾ شامل ڪيو ويو آھي. ٽائون ڪاميٽي طرفان قائم ٿيل پبلڪ لائبريري، نئين انتظام ھيٺ نئي ضلعي جي لوڪل ادارن جون قائم ٿيل لائبريريون بہ سرفھرست آھن.

سجاول ھڪ پرامن شھر آھي، ھن ۾ ھندو ۽ مسلمان تقريبن $\frac{1}{3}$ جي مناسبت سان رھن ٿا. انھن جي ڀائيچاري ۽ ھڪبئي سان قرب ضرب المثل آھي. سيد عبدالرحيم شاھ ھن شھر کي امن جو شھر قرار ڏنو ۽ سجاول واسين شاھ مرحوم جي ھدايت تي عمل ڪري ڏيکاريو. سيد ھاشم شاھ، سيد نور محمد شاھ، سيد عبدالقادر شاھ، سائين نواز علي شاھ، سيٺ جمع سرھيہ، ماما يعقيوب ميمڻ، حاجي يوسف ڪتي، حاجي محمد وريل ڪتي، قاسم عباس، مکي جيٺانند، ڪاڪا راءِ صاحب، ڪاڪا سندو مل ۽ نارو مل بلاشبہ ھن شھر جا مشاھير ڪوٺي سگھجن ٿا. جن وقت بہ وقت ھن شھر جي پرامن فضا کي برقرار رکڻ ۾ ڪوشش پئي ڪئي آھي.

سجاول نہ صرف سب ڊويزنل ھيڊڪوارٽر آھي پر ھڪ مشھور پڪنڪ اسپاٽ پڻ. ھن علائقي جي شادابي ۽ قدرتي منظرن جي مُشاھدي

ماڻڻ لاءِ ڪيترائي ملڪي ۽ غيرملڪي سربراهہ پنهنجا پير هن ڌرتي تان گهمائي ويا آهن. جن ۾ مرحوم لياقت علي خان، خواجہ ناظم الدين، ايوب خان، شاهہ ايران، ڊيوٽ آف ايڊبرا ۽ ابوظهبي جا شيخ شامل آهن.

سجاول جي ترقياتي ڪمن جي سلسلي ۾ هتي 1958ع ۾ ٽيليفون ۽ 1959ع ڌاري بجلي جو نظام بحال ڪيو ويو. ٽائون ڪميٽي سجاول طرفان شاپنگ سينٽر لوڪاسٽ هائوسنگ اسڪيم، ووڪيشنل اسڪول، گرلس اسڪول، ليڊيز انڊسٽريل هوم، واٽر سپلاءِ اسڪيم، ڊرينيج سسٽم، پارڪ، لائبريري ۽ ٻيا ڪم مختلف دورن ۾ ٿيندا رهيا آهن.

شهر جي وڌندڙ آدمشماريءَ جي پيش نظر ٽائون ڪميٽي جون ضروريات ۽ خرچ تي پڻ وڏو اثر پيو آهي. آڪٽراءِ جي محدود آمدنيءَ مان پورائو ٿيڻ مشڪل آهي. بهتر ٿيندو تہ شهر جي صورتحال کي مدنظر رکندي ٽائون ڪميٽيءَ کي وڏيڪ گرانٽ ڏني وڃي، جيئن اها پنهنجن ترقياتي منصوبن کي عملي جامو پهرائي سگهي.

# سجاول جون لائبريون

سجاول بہ ٺٽي ضلعي جو مشهور شهر آهي. سجاول جي ئي ويجهو شاهہ يقيق، شاهہ عنايت جهوڪ وارو، شاهہ ڪريم بلڙي وارو ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو اوائلي مدرسو بهرام پور بہ مشهور ماڳ مڪان ۽ تاريخي يادگار آهن.

علمي ۽ ديني لحاظ کان بہ سجاول پاڻ پريو علائقو آهي، جتي ديني مدرسا، عالم فاضل، پير فقير، استاد ۽ شاعر جهجهي تعداد ۾ علم و ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

سر دست سجاول ۽ ان جي آسپاس ذاتي، تعليمي ادارن، سرڪاري آفيسن ۽ پبلڪ لائبريرين جو مختصر احوال درج آهي. جيڪو اتان جي تعليمي ماهر استاد عزيز جعفراڻي جي مشهور ڪتاب "تاريخ سجاول" تان ورتو ويو آهي. (مرتب)

**سجاول جا ذاتي تعليمي ادارا، سرڪاري آفيس ۽ پبلڪ لئبرريون**

**1۔ مولانا حامدالله ٻيلويءَ جي لائبرري:**

مولانا حامدالله ٻيلوي سجاول تعلقي جو هڪ جيد عالم ٿي گذريو آهي. سندس ذاتي ڪتب خاني ۾ ڪيئن ناياب ڪتاب موجود هئا. انهن مان ڪجهہ سندس پوٽي مولانا عبدالله مهتمم مدرسہ نور، بدين وٽ محفوظ آهن.

**2۔ مولوي حاجي عبدالله ولهاريءَ جي لائبريري:**

ماجر جو هيءُ جيد عالم خالصاً ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. جنهن لائبريريءَ ۾ ڪيترائي قلمي ۽ ناياب ڪتاب هئا، جن مان ڪي هينئر سندس پوٽي محمد عيسيٰ وٽ محفوظ آهن.

**3۔ علي محمد ڳنڀير جي لائبريري:**

مولانا علي محمد ڳنڀير، ٻيلي جي پرسان رهندو هو. وٽس هڪ ضخيم لائبرري هئي. ليڪن سندس پويان، ان جي حفاظت نہ ڪري سگهيا، ڪيئن

ڪتاب ضايع ٿي ويا يا ڪي ڪٽي ويا جيڪي واپس نہ مليا. سندس پٽ محمد صالح ڳنڀير وٽ ڪجهہ ڪتاب محفوظ آهن.

**4_ مولانا غلام محمد ڪوٽائيءَ جي لائبريري:**

مولانا غلام محمد ڪوٽائي، ڪوٽ عالمون تعلقي سجاول جو وينل هو. سندس ذاتي لائبريري ۾ ڪيترا ناياب ڪتاب موجود هئا. جن مان ڪجهہ سندس ويجهي عزيز مولوي عبدالرزاق عباس (دڙو تعلقہ ميرپور بٺورو) وٽ موجود آهن. ڪجهہ ڪتاب سندس پٽ مولانا حاجي محمد بچل وٽ آهن.

انهن کان سواءِ استاد محمد يعقوب ميمڻ، استاد نور محمد، مولوي عبدالله محمد خان مجيدي، مولوي عبدالغفور، محمد جمن جعفراڻي ۽ ٻين ڪيترن وٽ قديم توڙي جديد ڪتابن جو ڪافي ذخيرو آهي.

**تعليمي ادارن جون لائبريريون:**

هر تعليمي اداري سان گڏ لائبريري هوندي آهي، جيئن استاد ۽ شاگرد پنهنجي مطالعي کي وسيع ڪري سگهن.

**5_ سنڌي اسڪول ٻيلي جي لائبريري:**

هن ۾ 300 ڪتاب آهن، جن مان اڪثر پراڻا ۽ ناياب آهن، ان جي نظرداري جو ڪم غلام مصطفيٰ ميمڻ جي حوالي آهي.

**6_ سنڌي اسڪول سجاول جي لائبريري:**

هيءَ لائبريري 1898ع ۾ قائم ٿي، ڪجهہ سال اڳ ان ۾ اخبار تعليم جو مڪمل فائيل هو. هن وقت 500 کن ڪتاب آهن. لائبريري جو انچارج محمد صالح اوياڙو آهي.

**7_ هاءِ اسڪول سجاول جي لائبريري:**

هي لائبريري 1964ع ۾ قائم ٿي، هن وقت ان ۾ 200 ڪتاب آهن. سيد هارون شاهہ لائبريري جو انچارج آهي.

**8_ گورنمينٽ انٽر ڪاليج لائبريري:**

هيءَ لائبريري 1968ع ۾ قائم ٿي. هن وقت ان ۾ 3080 ڪتاب آهن. عبدالمجيد مگٺهار ان جو لائبريرين آهي.

**9_ مولانا آزاد لائبريري مدرسہ هاشميہ سجاول:**

مولانا ابوالڪلام آزاد جي ياد ۾ هيءَ لائبريري مدرسہ هاشميہ جي قيام سان گڏ مدرسي اندر قائم ڪئي ويئي.

هن لائبريريءَ جو انتظام مدرسي جي مجلس شورا ۽ مجلس عاملہ جي حوالي آهي، جن جي طرفان مقرر ڪيل حافظ محمد يوسف ڪتي لائبريري کي هلائي ٿو. لائبريري ۾ 4700 ڪتاب موجود آهن، جن مان اڪثريت عربي درسي ڪتابن جي آهي. لائبريري ۾ ڪابہ مستقل اخبار خريد ڪئي نٿي وڃي البت ڪجھہ رسالا ايندا رهن ٿا.

لائبريري مختلف هنڌن تي ورڇيل آهي، ڪجھہ ڪتاب دارالافتاء ۾ تہ ڪجھہ مهتمم جي آفيس ۾ تہ ڪي وري لائبريريءَ ۾ موجود آهن. لائبرري جي لاءِ نئين بلڊنگ زير تعمير آهي.

لائبريري ۾ بہ قلمي قرآن شريف ۽ هڪ حمائل شريف موجود آهن ٿنهي نسخن تي نہ ڪتابت جو نالو ۽ نہ وري سن ڪتابت لکيل آهي، البتہ عالمن اهو اندازو لڳايو آهي تہ اهي نسخا مغليہ دؤر سان تعلق رکن ٿا.

**سرڪاري آفيس جون لائبريريون**

سجاول ۾ ڪن سرڪاري آفيسن ۾ پڻ لائبرريون آهن.

جهڙوڪ:

**10 ـ مختيارڪار آفيس جي لائبريري:**

هن آفيس ۾ روينيو سان تعلق رکندڙ معاملن تي ڪافي ڪتاب آهن، اسسٽنٽ مختيارڪار ان کي سنڀالي ٿو.

**11 ـ اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس جي لائبريري:**

هن لائبريري ۾ روينيو جي قاعدن ۽ قانونن تي ۽ مختصر تعداد ۾ ٻين موضوعن تي بہ ڪتاب موجود آهن. لائبريري جو استعمال نہ ٿيڻ جي برابر آهي، اسسٽنٽ ٿو اي سي ان کي سنڀالي ٿو.

**12 ـ اريگيشن آفيس لائبريري:**

هن لائبرري ۾ آبپاشيءَ تي ناياب ڪتاب، نقشا ۽ فائيل موجود آهن، لائبريري صاحب ڏنو خان ٽالپر جي چارج ۾ آهي.

**پبلڪ لائبريريون**

سجاول ۾ بہ پبلڪ لائبريريون ڪم ڪري رهيون آهن.

**13 ـ محمد بن قاسم لائبريري:**

آگسٽ 1967ع ۾ سنڌي ادبي سنگت تان نظرياتي بنيادن تي استعيفيٰ ڏيندڙن دوستن جي هڪ ٽولي هن ڪتاب لکندڙ عزيز جعفراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ اداري پيغام ادب جو بنياد وڌو ۽ ان طرفان 20 نومبر 1967ع تي

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شاپنگ سينٽر جي هڪ دوڪان ۾ محمد بن قاسم لائبريري قائم ڪئي. 14 فيبروري 1968ع تي ان جو باقاعدي افتتاح ٽائون ڪاميٽيءَ جي چيئرمين مولوي حاجي عبدالله ڪرڙ فرمايو انهيءَ موقعي تي پوري دنيا مان عالمن، فاضلن ۽ اديبن جا آيل چاليهارو کن پيغامات پڙهي ٻڌايا ويا.

هي لائبريري 3 اخبارن ۽ 210 ڪتابن سان شروع ڪئي وئي، جنهن ۾ هن وقت 27 روزاني اخبارون 244 ماهنامہ ۽ سماهي رسالا اچن ٿا. جڏهن تہ ڪتابن جو تعداد 14732 آهي.

لائبريري ۾ ڪيترن ملڪي ۽ غير ملڪي اخبارن ۽ رسالن جي فائيلن کان سواءِ دنيا جي مختلف ملڪن جي قومي ترانن جا ٽيپ رڪارڊ، جهنڊا، وال پوسٽر، پمفليٽ، سڪا ۽ ٽڪليون موجود آهن.

لائبريري جي شعبي نشر و اشاعت طرفان مختلف موقعن تي 13 پمفليٽ پڻ شايع ڪيا ويا آهن. ڪجهہ سال اڳ، لائبريريءَ طرفان "الهديٰ" لائبريري جي شعبہ قرآن مجيد ۾ شاهہ ايران مرحوم طرفان عطيہ طور مليل قرآن شريف ڏسڻ جهڙو آهي. ان کان سواءِ 27 زبانن ۾ قرآن شريف جا ترجما پڻ موجود آهن. لائبريري هيل تائين اٽڪل 2700 قرآن شريف جا نسخا عوام ۾ تقسيم ڪري چڪي آهي، جيڪي وقت بہ وقت مختلف ملڪن کان تحفي ۾ ملندا رهيا.

لائبريريءَ جي ڪارڪردگيءَ کان متاثر ٿي "رابطا عالم اسلامي" مڪي مڪرمہ طرفان شايع ٿيل "عالمي اسلامي ادارن جي ڊائريڪٽري" ۽ مسلم ملڪن جي ثقافتي اداري "السيڪو" (رباط) طرفان "اسلامي دنيا جي لائبريرين جي ڊائريڪٽري" ۾ پڻ هن لائبرري کي شامل ڪيو پيو وڃي، ان کان سواءِ "سنڌي ڪتب خانن جي مختصر تاريخ" ۾ پڻ هن لائبريري جو تذڪرو موجود آهي.

هن لائبريري تي آخوند عبدالرسول پنهنجي ٿيسز لکي ايم- ايل- سي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

اداره پيغام ادب جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ لائبريري جو انتظام سجاول ڪلچر سوسائٽي طرفان قائم ٿيل لائبريري بورڊ هلائي ٿو. جنهن جو صدر هن ڪتاب جو لکندر ۽ سيڪريٽري حسين "عامر" آهي. جڏهن تہ فاروق جعفراڻي، اقبال کتري، حنيف ميمڻ ۽ گل محمد ٿمبراڻي مختلف شعبا

سنيالين ٿا.

آس پاس گٽريج هئڻ ڪري لائبريري پنهنجو ڏيک وڃائي چڪي آهي، جيڪڏهن ان کي ڪا موزون جڳهه ملي وڃي ته اها لائبريري هڪ مثالي ادارو بڻجي، سڄاول جو ماڻ مٿانهون ڪري سگهي ٿي.

**14 ـ پبلڪ لائبريري سڄاول:**

هي لائبريري 1961ع ۾ ٽائون ڪاميٽي سڄاول طرفان پي ايل 480 پروگرام هيٺ قائم ٿي. شروعاتي دؤر ۾ ان ۾ 500 ڪتاب ۽ ڪجهه اخبارون رکيون ويون. ديوان چنيراءِ ۽ ان کان پوءِ پليڏنو دايو ان جو انتظام هلائيندا رهيا. 1968ع کان 1974ع تائين هيءَ لائبريري بند رهي، مسٽر علي نواز افغان ائڊمنسٽريٽر ٽائون ڪاميٽي جي ڏينهن ۾ هن اداري کي عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ ٻيهر زنده ڪيو ويو. لائبريري جو انچارج عبدالعزيز مينڊرو مقرر ڪيو ويو. هن وقت، اها لائبريري جنهن خوبصورتيءَ سان ڪم ڪري رهي آهي، اها هن اڪيلي شخص جو نتيجو آهي جڏهن ته هو خود معمولي پڙهيل ڳتيوالو آهي.

لائبريري جي لاءِ 82ـ1983ع ۾ 20236 رپيا بجيٽ رکي ويئي. ٽائون ڪاميٽيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻيا مالي ادارا پڻ ان جي مدد ڪن ٿا.

لائبريري ۾ هن وقت 10834 ڪتاب موجود آهن.

لائبريري ۾ 13 روزانه اخبارون 36 هفته روز 19 پندره روزه، 133 ماهنامه ۽ 21 سماهي ۽ سالنامه اچن ٿا.

لائبريري ۾ "شاهه جي رسالي" جي هڪ قلمي نسخي کان سواءِ ٻين کان مليل عطيه طور قرآن شريف جا نادر نسخا موجود آهن. تازو لائبريري طرفان 700 قرآن شريف، ضلعي جي مختلف مدرسن ۽ اسڪولن جي حوالي ڪيا ويا.

لائبريريءَ ۾ مختلف نقشا، تصويرون، پوسٽر، سڪا، وڊيو ڪارڊس، ڪوٽيشن ڪارڊس، الميڪ بوڪ ڪئٽلاگ، قرآن جا ڪيسٽ، فلم سلائيڊس ۽ پلاسڪ رڪارڊس پڻ شامل آهن.

هن لائبريريءَ تي عبدالڪريم ڪٽي، پنهنجي ٿيسز لکي ايمـ ايلـ سي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

تربيت يافته عملي سان هيءَ لائبريري عوام جي بهتر خدمت ڪري سگهي ٿي.

("تاريخ سڄاول" محمد بن قاسم لائبرري سڄاول، سال 1986ع)

# ٺٽي ضلعي ۾ لائبريريون

ٺٽو- سنڌ جي تاريخ جو اهڙو باب آهي، جنهن کي وسارڻ سان سنڌ جي تاريخ مڪمل چئي نه ٿي سگهجي. ٺٽي سنڌ کي اهو ڪجهه ڏنو جنهن تي سنڌ کي اڄ به ناز آهي.

ٺٽو چوڏهينءَ کان ارڙهين صدي عيسوي تائين سنڌ جو علمي مرڪز رهيو آهي، جنهن جي ساک ۽ هاڪ جي ڌاڪ، پري پري علائقن تائين پکڙيل هئي. سما خاندان (1540_1340)، ارغون (1520_1055)، ترخان (1555_1092) ۽ مغل خاندان (1739_1592) جي عروج ۽ زوال، ٺٽي جي علمي تاريخ تي وڏا اثر ڇڏيا. انهيءَ عرصي دوران ٺٽو نه صرف واپاري مرڪز رهيو پر هڪ اهڙي علمي اٿاهه مها ساگر جيئان هو جتي پري پري کان علم جا پياسا ڪهي اچي، پنهنجي اڃ اجهائيندا هئا.

مغلن جي دور حڪومت ۾ سرڪاري توڙي خانگي لائبريرين ۾ اضافو ٿيو ۽ خطاطي جي فن کي عروج حاصل ٿيو. ڪتابت ۽ جلد سازيءَ ۾ ٺٽو پنهنجو مثال پاڻ هو. ان دور جي مشهور خطاطن ۽ جلد سازن ۾ شجاع ٺٽوي، ملا عبدالرحيم هراتي ۽ ملا محمد امين مشهديءَ جا نالا نمايان حيثيت رکن ٿا.

اليگزنڊر هئملٽن جنهن 1699ع ۾ ٺٽي جو دورو ڪيو هو پنهنجي سفر نامي ۾ لکي ٿو ته ”ان دور ۾ ٺٽي شهر ۾ 400 کان مٿي ڪاليج هئا جيڪي اعليٰ تعليم جا مرڪز هئا، جتي فلسفي، سياحت ۽ سائنس جي مختلف شعبن جي تعليم ڏني ويندي هئي“.

ٺٽي جو اهو علمي عروج ڪلهوڙن جي دور حڪومت جي شروع ٿيڻ تائين قائم رهيو. بعد ۾ جڏهن ٺٽي جي بجاءِ خدا آباد کي سنڌ جو دارالخلافه بڻايو ويو ته ٺٽي جي مرڪزي حيثيت ختم ٿيڻ لڳي جنهن جي نتيجي ۾ ٺٽو علمي طور پڻ زوال پذير ٿيڻ لڳو. پوءِ تاريخ اهو زمانو به ڏٺو جڏهن 400 ڪاليجن واري شهر ۾ هڪ به ڪاليج نه رهيو. ڪيڏانهن وئي ڪتابت ته

ڪيڏانهن ويا جلد ساز. انهيءَ علمي ويرانيءَ ۾ وري برصغير جي سياسي تحريڪن ڪجهه ساوڪ پيدا ڪئي. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ طرفان ضلعي جي مختلف شهرن ۾ لائبريريون قائم ڪيون ويون جتي پنهنجي پنهنجي نقطئہ نظر جي پرچار ڪئي ويندي هئي. اهڙن شهرن ۾ نئون سجاول، ميرپور بٺورو ۽ ٻنون شامل هئا.

آزاديءَ کان اڳ ۾ ڪنهن بہ پبلڪ لائبريري جو ذڪر نہ ٿو ملي. البت، مختلف سماجي تنظيمن طرفان وقتي طور قائم ڪيل لائبريرين جو ڪٿي ڪٿي ذڪر ملي ٿو. جيئن محمد اسماعيل زرگر طرفان انجمن خدام اسلام دڙو طرفان قائم ٿيل "اسلاميہ لائبريري دڙو".

قيام پاڪستان کانپوءِ بہ لائبريري کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪا بہ عملي ڪوشش نہ ڪئي وئي. 1960ع ۾ بنيادي جمهوريت جي نظام تحت مڪاني ادارن طرفان مختلف شهرن ۾ لائبريريون قائم ڪيون ويون. جن ۾ سڀ کان اڳ نئون ميونسپل طرفان نيشنل هاءِ وي لڳ لائبريري قائم ڪئي وئي، جيڪا پوءِ اڳتي هلي، چيف آفيسر ميونسپل جي رهائشگاهہ بڻجي وئي. اهڙي قسم جي ٻي لائبريري سجاول ٽائون ڪاميٽي طرفان 1962ع ۾ قائم ڪئي وئي جيڪا اڄ بہ قائم آهي. انهيءَ لائبريري ۾ 12000 کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن. جڏهن تہ فري ريڊنگ روم ۾ اندازي مطابق بہ سئو رسالا ۽ اخبارون اچن ٿيون. اها لائبريري، سرڪاري خرچ سان هلندڙ واحد پبلڪ لائبريري آهي. هن جو نوجوان انچارج عبدالعزيز مينڊرو لائبريري کي ڏينهن رات ترقي وٺرائڻ لاءِ ڪوشان آهي. ٻنوري واري پبلڪ لائبريري اڳتي هلي ختم ٿي وئي.

مڪاني ادارن طرفان لائبريرين قائم ڪرڻ جي ٻي ڪوشش جناب عبدالقادر ابڙو ڊي سي نئون طرفان ٿي آهي. هن صاحب جي هدايتن هيٺ جناب عبدالقادر منگي اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول، سجاول سب ڊويزن ۾ لائبريري کي قائم ڪرڻ ۾ وڏي دلچسپي ورتي آهي. هن صاحب جي ڪوشش سان جاتي ٽائون ڪميٽي چوهڙ جمالي ٽائون ڪميٽي ۽ ميرپور بٺورو ٽائون ڪاميٽيءَ طرفان لائبريريون قائم ڪيون ويون آهن، جيڪي ابتدائي مرحلي ۾ آهن.

خانگي ادارن يا سماجي تنظيمن طرفان لائبريريون قائم ڪرڻ واري روايت هن ضلعي ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سجاول ڪلچرل سوسائٽي طرفان قائم ڪيل "محمد بن قاسم لائبريري" پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ واري اصول

تي ضلعي ۾ نمايان حيثيت رکي ٿي. لائبريري ۾ هن وقت پندرنهن هزارن کان مٿي مختلف موضوعن تي ڪتاب آهن. جڏهن ته فري ريڊنگ روم ۾ 23 اخبارون ۽ 276 رسالا باقاعدگيءَ سان اچن ٿا. لائبريريءَ جي قرآن شريف جي شعبي ۾ 27 زبانن ۾ قرآن پاڪ جا ترجما يا تفسير موجود آهن. لائبريري طرفان سجاول جي تاريخ تي هڪ ضخيم ڪتاب "تاريخ سجاول" پڻ شايع ڪرايو ويو آهي. انهيءَ ڪي جيڪڏهن جاءِ جي سهولت ڏني وڃي ته اها اڃا به بهتر نموني ڪم ڪري سگهي ٿي. فاروق جعفراڻي، حسين عامر، لائبريري جي ڪمن ڪارين کي سنڀالين ٿا. جڏهن ته مجموعي ذميواري هِن مضمون جي لکندڙ جي حوالي آهي.

سماجي تنظيم جي ڪارڪنن ۽ نئو سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان قائم ڪيل لائبريريون اڃا بنيادي مرحلي ۾ آهن. مڪليءَ ۾ مڪلي ڪلچرل ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ طرفان قائم ڪيل "سيد حسام الدين شاهه راشدي لائبريري" تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. جڏهن ته مولانا طفيل احمد طرفان قائم ڪيل اصحابي پبلڪ لائبريري، درگاهه عبدالله شاهه اصحابي مڪلي پڻ شروعاتي ڏاڪي ۾ آهي.

تازو دڙو ۾ قائم ٿيندڙ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي پبلڪ لائبريري" جو سنگ بنياد ڊي سي ٺٽو جناب عبدالقادر ابڙو صاحب رکيو. هن لائبريري جي پوبان جناب عبدالغفور ميمڻ سنڌي جي قوت آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اها لائبريري اڳتي هلي، سنڌ ۾ ٺٽي ضلعي جو مان مٿانهون ڪندي

ڪن سماجي ۽ علمي تنظيمن طرفان اڪثر لائبريريون ڪجهه وقت هلي پوءِ ختم به ٿي ويون، جيئن ارباب نور محمد پليجو لائبريري ٻنون، خالد بن وليد لائبريري جاتي، باب الاسلام لائبريري ميرپور بٺورو طارق بن زياد لائبريري چوهڙ جمالي ۽ محمد يوسف چانڊيو پبلڪ لائبريري چوهڙ جمالي.

انجمن غلامان مصطفيٰ چوهڙ جمالي طرفان هلندڙ المصطفيٰ پبلڪ لائبريري ۽ چوهڙ جمالي جي هندو نوجوانن طرفان هلندڙ "لطيف لائبريري" به پنهنجي پڄت آهر سٺي خدمت ڪري رهيون آهن.

چوهڙ جماليءَ ۾ حافظ حبيب سنڌيءَ طرفان العمر پبلڪ لائبريري قائم ڪئي پئي وڃي.

اهو ته ٿيو سرڪاري ۽ خانگي لائبريرين جو جائزو پر ٺٽو ضلعو "ذاتي لائبريرين" جي اعتبار کان پڻ نمايان مقام رکي ٿو. ٺٽي شهر ۾ مولوي

عبداللطيف ۽ مفتي عبدالرحمان صاحب لڪاٽو بهراڻي، امين شيخ، محمد موسيٰ عباسي، محمد اسماعيل شيدي، سونڊا ۾ قاضي محمد صالح، سونهري ۾ عبدالله گندرو جهرڪ ۾ لالڻ جهرڪائي، جهمپير ۾ رسول بخش درس، ڪينجهر ۾ عزيز ڪينجهرائي، گهارو ۾ محبوب علي جوکيو، جنگشاهي ۾ رسول بخش پليجو، مالهاڙي ۾ محمد الياس جوکيو، ميرپور ساڪرو ۾ نور محمد نگار، ڪيٽي بندر ۾ پير عبدالخالق، غلام الله ۾ مولوي محمد سليم، مڪليءَ ۾ ڊاڪٽر محمد مسعود، مولانا طفيل احمد، سجاول ۾ مولوي نور محمد صاحب، مولوي عبدالغفور قاسمي، عبدالڪريم ڪٽي، اياز ڪتري، مگهن لعل شرما، منگهارام عاجز، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، ميرپور بٺورو ۾ فقير محمد عيسيٰ مست سروري، عبدالله رنگريز، عبدالفتاح عبد، غلام حسين رنگريز، محمد رمضان راغب، پتر سنڌي، غلا محمد جوهر، دڙو ۾ عبدالغفور ميمڻ ۽ يوسف سنڌي، ٻنون ۾ ارباب عبدالحي پليجو راهوٽ ۾ ارشاد حسين شاهه راهوني، ٻيلو ۾ محمد قاسم ميمڻ، جاتي ۾ رسول بخش تميمي، ذاڪر حسين ڪٽي ۽ محمد نسيم، چوهڙ جماليءَ ۾ حافظ حبيب سنڌيءَ جون ذاتي لائبريريون مختلف فنون جي ڪتابن سان ڀريل آهن.

جڏهن ذاتي لائبريرين جو ذڪر نڪتو آهي ته ميرپور بٺوري جي "الوحيد" لائبريري جو ذڪر نه ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. هيءَ لائبريري شهر جي ڪٽي پاڙي جي معزز شخصيت غلام محمد جوهر جي اباڻي ملڪيت آهي. هن لائبريريءَ جي اهميت انهيءَ ڪري آهي جو انهيءَ ۾ مشهور سنڌي روزنامي "الوحيد" جا 1920ع کان 1956 تائين جا اڪثر پرچا محفوظ آهن، جيڪي ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن به هنڌ نه آهن. انهيءَ ۾ ته "هلال پاڪستان" جو پهريون پرچو به محفوظ آهي، انهيءَ لائبريري مان ڪيترائي عالم ۽ فاضل مستفيد ٿي ڊاڪٽر بڻجي چڪا آهن. مطلب ته ڏيهين ۽ پرڏيهين انهيءَ مان خوب لاڀ حاصل ڪيو آهي. ضرورت هن امر جي آهي ته انهيءَ لائبريريءَ کي هڪ شاندار عمارت مهيا ڪئي وڃي جيئن سنڌ جو اهو تاريخي ورثو اُڏوهيءَ جي ڪاج کان بچي سگهي.

بهتر ٿيندو ته سنڌ جي ثقافت کاتي طرفان نئي ضلعي ۾ سرڪاري غير سرڪاري ۽ ذاتي لائبريرين جو معائنو ڪري انهن کي بهتر بنائڻ لاءِ عملي ڪوششون ڪيون وڃن.

# سجاول

نئين ضلعي کي سنڌو نديءَ جاگرافيائي توڙي انتظامي لحاظ کان ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ٿي. هڪ حصي کي ٺٽو سب ڊويزن ۽ ٻئي حصي کي سجاول سب ڊويزن چيو ويجي ٿو. ان جو صدر مقام سجاول شهر آهي.

سجاول هڪ نئون آباد ٿيل شهر آهي، هن جا آسپاس وسندڙ ۽ شاداب آهن. هتي ڪنهن به تاريخي بستيءَ جا آثار نه ٿا لڀن. البت، هن علائقي کي "ماجر" چوڻ سان ماجر قوم جي ماڻهن جي وابستگي ظاهر ٿئي ٿي" قديم سنڌ" جي مصنف جي چوڻ مطابق ته "ماجر" دراوڙي نسل جو لفظ آهي ۽ ماجر قوم مڇي مارڻ جو ڪم ڪري ٿي. جيڪڏهن ائين آهي ته شايد سنڌجي قديم تاريخن ۾ جن "جت" ۽ "مبد" قومن جو ذڪر اچي ٿو ته "مبد" هن نسل سان تعلق رکندڙ هجن. اڄ سجاول تعلقي ۾ ملاحن ۽ ميربحرن جي اڪثريت آهي.

سجاول شهر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ انهيءَ جي تحقيق ڪندي معلوم ٿيو آهي ته هي شهر اوڻوهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ سجاول خان خاصخيليءَ جي نالي پويان هڪ ڳوٺ جي حيثيت ۾ قائم ٿيو. سجاول خان خاصخيلي، سنڌ جي ميرن جو خاص خدمتگار هو. سجاول تعلقي جي روينيو رڪارڊ ۾ سجاول خان جي زمين جا جيڪي تفصيل مليا آهن انهن ۾ "خدمتگار" لکيل آهي. سنڌ جي ميرن جو هن طرف ڌيان پئي رهيو آهي. شاهبندر مغلبين شاهڪپور ۽ ميرپور بٺوري ۾ ميرن جي دلچسپيءَ جا ڪيترا ثبوت ملن ٿا. سجاول تعلقي ۾ ٽنڊو عالم نالي ڳوٺ آهي انهيءَ مان به ثبوت ملي ٿو ته ميرن جو هن علائقي سان واسطو پئي رهيو آهي. سجاول خان خاصخيلي جنهن کي تاريخ ۾ رايو به لکيو ويو آهي مير فتح علي خان جو خاص ماڻهو هو. مير فتح علي خان، سنڌ جو پهريون ٽالپر حڪمران هو ۽ اولاد جو سڪايل هو. خدا جي قدرت ڏسو! جنهن رات سندس وفات ٿئي ٿي،

ان رات سندس پٽ تولد ٿيو. سجاول خان کيس مبارڪباد پيش ڪري ٿو ۽ مير صاحب پنهنجي پٽ جو نالو صوبدار خان رکي ٿو. انهيءَ خوشيءَ ۾ هن سجاول خان کي هڪ تلوار ۽ ٻيو ڪيترو انعام ڏنو جنهن ۾ ديهه سجاول ۾ ديهه جهول واريون زمينون اچن وڃن ٿيون. "سنڌ جو شاهبندر" (مرتب غلام نبي ايڊووڪيٽ) جي صفحي 77 تي سجاول خان کي انعام ملڻ جو ذڪر هن ريت اچي ٿو:

"سجاول جڏهن آندي هي تهميت،
گهڻو خوش ٿي ويو ميرزا، جي جهت،
رکيائيس هن پنهنجيءَ وجا قرار،
سجاول کي سا ڏيئي ڪئين ڪامگار".

سجاول خان انهيءَ ڪانپوءِ پنهنجي زمين تي جنهن جڳهه هاڻي اردو اسڪول آهي اتي وينو ۽ آهستي آهستي ڳوٺ وڌندو رهيو ۽ سجاول خان جو ڳوٺ سڏجڻ ۾ آيو. وقت جي تيز رفتاريءَ سان ڳوٺ شهر ۾ تبديل ٿي ويو. هن وقت نه صرف تعلقي جو هيڊڪوارٽر پر سب ڊويزنل هيڊڪوارٽر پڻ آهي.

سجاول کي جڏهن تپي جي حيثيت حاصل هئي، ان وقت ٻيلو تعلقو هو. سجاول جي هڪ مشهور شخصيت سائين نواز علي شاهه بخاري، وٽ مون هڪ اهڙو دستاويز ڏٺو آهي جنهن ۾ 1869ع تائين ٻيلي کي ڪراچي ضلعي جي تعلقي جي حيثيت هئي. سجاول ڪڏهن تعلقو ٿيو؟ انهيءَ لاءِ حتمي ڪو ثبوت ملي نه سگهيو آهي. پر هڪ سروي رپورٽ جيڪا 1883ع ۾ سنڌ سرڪار کي پيش ڪئي وئي، ان مان اندازو آهي ته 1880ع ڌاري سجاول کي تعلقي جي حيثيت ملي.

چوهتر ايڪڙن تي مشتمل سجاول شهر آهستي آهستي ترقي ڪئي آهي. 1881ع ۾ 1450 ماڻهو ۽ 1927ع ۾ 1553 ماڻهو رهندا هئا. جڏهن ته 1941ع ۾ 4331 ماڻهو ۽1961ع ۾ 7319 فردن تي هي شهر مشتمل هو. هن وقت شهر جي آدمشماري 15390 آهي. هتي هندو ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا. شهر ۾ ٽيون حصو هندن جو آهي. مسلمانن ۾ هتي ميمڻ، کٽي ۽ عمراڻي قومون اڪثريت ۾ رهن ٿيون. ملاح ڪافي تعداد آسپاس کان لڏي اچي هتي وينا آهن. شهر کي گهوٽارو واهه (جنهن کي هينئر گندي نالي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي) ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو جنهن متعلق پيرو مل "غريب" "قديم سنڌ" ۾

چيو آهي:

سجاول ۾ واهه گهوٽارو وهي وچان بازار،
ماڃر وٿامڇريون مانيءَ منجهه هرار.

هن وقت انهيءَ گندي نالي شهر کي گندي بڻائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر ڪا نہ ڇڏي آهي. ڪاڪي پيرو مل جو ستر سال اڳ چيل شعر اڄ بہ سچو پيو محسوس ٿئي!

تعليم ۽ ترقي لازم ۽ ملزوم آهن. هي علائقو هميشہ پسمانده پئي رهيو آهي. تعليم جي ميدان ۾ هتي 1870ع ڌاري پرائمري اسڪول قائم ٿيو. 1912ع ڌاري اي وي ڪلاسز شروع ٿيا. پهرين جون 1949ع تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول سجاول کي شفٽ ڪري هاءِ اسڪول ٺٽي سان ملايو ويو. 1952ع ۾ چانڊيا هاءِ اسڪول قائم ٿيو جنهن کي 1964ع ۾ گورنمينٽ پنهنجي تحويل ۾ ورتو. هن وقت هاءِ اسڪول سجاول، ٺٽي جي تعليمي ادارن ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو فرنيچر ۽ سائنس جي سامان جي ڪميءَ کي پوري ڪرڻ سان گڏوگڏ، جيڪڏهن استادن جو تعداد وڌايو وڃي تہ ڏاڪٽين سنڌ ۾ هيءُ اسڪول هڪ مثالي ادارو بڻجي سگهي ٿو. ديني تعليم ۾ سيد عبدالرحيم شاهہ سجاولي رحہ جو قائم ڪيل مدرسہ دارالفيض الهاشميہ سجاول جو نڪ آهي. منجهائس ڪئي عالم، فارغ التحصيل ٿي نڪتا آهن. مدرسي جي ضرورتن مان رهيل جڳهہ جي تعمير مدرسہ کي وقف ڪيل جڳهين جي مرمت ۽ گرانٽ ۾ اضافو سرفهرست مسئلا آهن. هتي چار پرائمري اسڪول ۾ هڪ اردو اسڪول آهي. پرائمري اسڪولن ۾ فرنيچر جي کوٽ پوري ڪرڻ سان گڏ گرانٽ بہ ڌيڻ گهرجي. نياڻين جي تعليم لاءِ هتي ووڪيشنل پرائمري ۽ مڊل اسڪول آهن. ليڊيز انڊسٽريل هوم پڻ آهي. گرلس هاءِ اسڪول جو قيام هتان جي نياڻين لاءِ اعليٰ تعليم جي حصول جو ذريعو بڻجي سگهجي ٿو. 1967ع ڌاري هتي انٽر ڪاليج قائم ٿيو. ڪاليج جي شاگردن جو چوڻ آهي تہ ڪاليج کي انٽر تائين امتحاني مرڪز ۽ ڪاليج کي ڊگري ڪاليج بڻايو وڃي.

شهري انتظام لاءِ ٽائون ڪميٽي آهي. شروع ۾ هتي سينٽري ڪميٽي قائم هئي. پهرين آگسٽ 1946ع کان نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي وجود ۾ آئي. پهرين اپريل 1959ع تي نوٽيفائيڊ ايريا کي ٽائون ڪميٽيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو. ٽائون ڪميٽي شهر جي صفائي، روشني ۽ فلاح و بهبود لاءِ ذميوار آهي.

روشنيءَ لاءِ اسٽريٽ لائيٽ آهي، ليڪن بجلي جي روايتي اڪبوت سبب شهري ڏاڍا پريشان آهن. شهرين کي اها بہ شڪايت آهي تہ ڪين بجليءَ جا بل وقت سر نٽا ملن ۽ جي ملن ٿا تہ اهي بغير ميٽر ريڊنگ جي. بجلي جي نظام کي سڌارڻ لاءِ ڪو منظم طريقو ڳوليو وڃي تہ بهتر ٿيندو. جيريقدر صفائيءَ جو تعلق آهي تہ ان بابت ايترو چوڻ ضروري آهي تہ شهر اندر جيڪڏهن واٽر سپلاءِ آهي تہ ڊرينيج جو هئڻ لازم ملزوم آهي. ڊرينيج سسٽم جي نہ هئڻ سبب سجاول کي ٺٽي ضلعي جو غليظ شهر چئي سگهجي ٿو. انهيءَ کي ٽائون ڪميٽي بہ چا ڪري صفائي وارو عملو ڪٽي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري ٿو پر پاڻي جي گهٽي واهپي سبب اهي پورا پئجي نٽا سگهن. ٽائون ڪميٽي وقتي طور ڪو ٽينڪر خريد ڪري سگهي ٿي ۽ اسپري ڪري شهرين کي مڇرن کان بچائي سگهي ٿي. پر هن مسئلي جو صحيح حل هي آهي تہ ٽائون ڪميٽي پنهنجين سيني اسڪيمن ۾ ڊرينيج کي اوليت ڏئي، گورنمينٽ کان خصوصي گرانٽ حاصل ڪري ڊرينيج کي پايہ تڪميل تي پهچائي.

ٽائون ڪميٽيءَ طرفان 1964ع ۾ ”شاجهان ڪريم لو ڪاسٽ هائوسنگ ڪالوني جوڙي“ ان تي ڪيترا هزار رپيا خرچ ڪيا ويا. شهر جي هن واحد ڪالونيءَ جي حالت نهايت خستہ آهي. مين روڊ تي نهرايل شاپنگ سينٽر جي دڪاندارن جيان ڪالوني ۾ رهندڙ ڪرائيدارن بہ مطالو ڪيو آهي تہ ڪالونيءَ توڙي دڪانن جي مرمت ڪرائي وڃي، جڏهن تہ ڪرائي ۾ ڪيترا دفعا اضافو اچي چڪو آهي.

شهر جي گهٽين جي حالت بہ رحم جوڳي آهي. اسڪول ۽ اسٽينڊ لنڪ روڊ بہ ترت مرمت طلب آهن.

صحت جي لحاظ کان هتي پنجاهہ بسترن واري سب ڊويزنل اسپتال 1964ع کان قائم آهي. 1975ع جي اعداد و شمار مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسپتال مان 1604 اندرين ۽ 34481 ٻاهرين مريضن جو علاج ڪيو ويو. جڏهن تہ 194 ننڍا وڏا آپريشن ڪيا ويا. اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ سان گڏوگڏ وڏن آپريشنن لاءِ اوزارن جي ڪمي، ليڊي ڊاڪٽر ۽ نرسن جي عدم موجودگي، اسپتال جا مکيہ مسئلا آهن. جن کي حل ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. سنڌ صحت کاتو جيڪڏهن انهن مسئلن کي حل ڪري تہ هيءَ اسپتال جيڪا 4120 چورس ميلن ۾ 180635 رهندڙ باشندن لاءِ تعمير ڪئي وئي آهي،

واقعي قابل تعريف طبي ادارو بڻجي سگهي ٿو. شهر ۾ الڳ ويم گهر جو هئڻ نهايت ضروري آهي. هوڏانهن وٽرنري اسپتال جي حالت خستہ آهي. دوائن جي کوٽ ۽ ٻهراڙي ۾ اچڻ وڃڻ جو مسئلو بنيادي نوعيت جا مسئلا آهن. هتي اُنن ۽ گهوڙن ۾ "ساڙو" ۽ ٻين جانورن ۾ "ريج" جي بيماري عام آهي.

صحت ۽ پاڻيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو تعلق آهي. هتي شهرين کي جيڪو پاڻي ملي ٿو ان ۾ زندهہ جيوڙا ڪثرت سان ملن ٿا. فلٽر اسٽيشن ڪافي عرصي کان بند آهي، تلائن جي صفائي ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ٿو ڏنو وڃي.

سجاول وارو علائقو ڳاڙهن ڇانورن جي پيدائش کان مشهور آهي. نئي شگرمل جي تعمير ڪانپوءِ هتي ڳاڙهن ڇانورن جي کوٽ ٿيندي. ان ڪري ضروري آهي تہ هن علائقي ۾ ڳاڙهن ڇانورن لاءِ ڪي علائقا مخصوص ڪيا وڃن، جيئن هتان جي اُپت مهيا ٿيندي رهي. هتي اناج جو واپار خاصو ٿئي ٿو. شهر ۾ ڏهہ رائيس ملون ۽ ڏاهڪو کن ڇڪيون آهن پر شهر ۾ جيڪو اٽو ملي ٿو ان کان عوام مطمئن نہ آهي. هن وقت شهر ۾ گيهہ جي کوٽ آهي، جنهن لاءِ ڇيو پيو وڃي تہ گيهہ ڪارپوريشن شهر جي ڪوٽا ۾ ڪمي ڪئي آهي.

هتان جي شهرين ۾ پان ۽ بيڙي جي عادت آهي. اوهان کي حيرت لڳندي تہ هتي سڀ کان زياده ڪاروبار پان بيڙيءَ جو ٿئي ٿو. هن وقت شهر ۾ 80 کن ڪئبنون آهن. سجاول جا شهري ۽ آسپاس جا رهاڪو هڪ سروي مطابق ماهانہ 3 لک رپيا چانهن، پان ۽ بيڙي تي وڃائين ٿا. بهتر ٿئي جيڪر انهيءَ باالفضوليءَ خلاف قومي سطح تي ڪا مهم شروع ڪئي وڃي.

سجاول هڪ مرڪزي جڳهہ آهي. هتان ڪراچي، حيدرآباد، جاتي، شاهہ يقيق، بدين، دڙو ۽ ٻيلو لاءِ ڪم ازڪم 100 کن بسون اچن ۽ وڃن ٿيون. شهر جو بس اسٽينڊ جيڪو 83 هزار رپين جي خرچ سان تعمير ڪرايو ويو هو ۽ سنڌ جي بهترين اسٽينڊن مان هڪ لکيو ويندو هو اهو اڄ حاڪمن جي سرد مهريءَ تي ماتم ڪري رهيو آهي. ڪيڏانهن ويو مرڪزي باغيچو؟ ڪيڏانهن ويا رستا؟ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي جو پيئڻ جي پاڻي واري ٽانڪي بہ مسواڙ تي ڏئي ڪئبن لڳائي وئي آهي. هوڏانهن بسن وارن کان روزانو هڪ رپيو اوڳاڙيو وڃي ٿو پر مرمت ندارد تہ ٻئي طرف بسن ۾ رڪارڊنگ ۽ ٻڪر ٻوساٽ جاري آهي. شهر ۾ تقريبن 50 کن سوزوڪيون آهن، پر انهن ۾ بہ سفر ڪرڻ خطري کان خالي ڪونهي. اسان جي

ٽرانسپورٽ ڪي ڪير سڌاري؟ اهو حڪام جو فرض آهي.

شهر جون تفريح گاهون. شهر جي سونهن هونديون آهن. شهر جي وچ ۾ ٽيليويزن پارڪ قائم آهي ليڪن آسپاس جي مانڊڻين ان کي بدصورت بنائڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. هن وقت تي وي بہ غائب آهي. اسٽينڊ وارو سرڪاري پارڪ ڏاڍو دلڪش هوندو هو پر ذميوار حڪام جي غير ذميداري سبب پڙپانگ آهي.

شهر ۾ بہ لائبريريون آهن. پبلڪ لائبريري ٽائون ڪميٽي طرفان هلي رهي آهي. محمد بن قاسم لائبريري هڪ خانگي ادارو آهي. پبلڪ لائبريريءَ جي پيٽ ۾ هن ۾ ڪافي علمي ادبي مواد موجود آهي. ادب جي لحاظ کان هن شهر ڪيترن اديبن ۽ شاعرن کي جنم ڏنو آهي، جن ۾ غلام مصطفيٰ خان ساقي سجاولي، ڏٽي بخش ناقص، سرويچ سجاولي، شمس جعفراڻي، محمد خان مجيدي، مگهن لعل شرما، محمد خان مخمور ۽ ٻيا شامل آهن. هن وقت ادبي سرگرميون مانيون آهن. سب ڊويزنل سوشل ويلفيئر ڪميٽيءَ طرفان لطيف جي ورسي جو پروگرام رٿيو پيو وڃي. ڪهڙو نہ بهتر ٿئي جو بدين جي ثقافتي ميلي جيان ”ٺٽي ضلعي جو ثقافتي ميلو“ منعقد ڪري ٺٽي ضلعي جي مختلف حصن جي تاريخ ۽ ثقافت کي روشناس ڪرايو وڃي.

# چوهڙ جمالي

بلوچ هڪ بهادر ۽ جنگجو قوم آهي. اها بلوچستان کان علاوه سنڌ ۾ پنجاب جي مختلف حصن ۾ مقيم آهي. بلوچ، جيتوڻيڪ پنهنجين خصوصيتن جي حامل قوم آهي، پر سنڌ ۾ رهندي اها پنهنجي انفراديت کي قائم رکڻ سان گڏوگڏ هتان جي رهاڪن سان اهڙي تہ ضم ٿي وئي آهي جو سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ ۽ سنڌين ۾ ڪو بہ فرق ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. بلوچن جا مختلف قبيلا سنڌ ۾ آباد آهن. جمالي بہ انهن مان هڪ آهي. جسٽس مير خدا بخش بجاراڻي مري بلوچ پنهنجي ڪتاب ”سرچ لائيٽ آف بلوچز ائنڊ بلوچستان“ (ص_222) ۾ لکي ٿو تہ: ”هيءَ قبيلو رندن مان آهي. هن قبيلي جا سردار، نصيرآباد ۾ ڪوسا، بليدي ۽ جکراڻي قبيلن جي پاڙي ۾ رهن ٿا. خان آف قلات طرفان نصيرآباد ڊويزن کي برطانيا جي حوالي ڪرڻ کان اڳي اهو قبيلو خان آف قلات جي تابع هو. کير ٿر ڪئنال نڪرڻ کانپوءِ جمالين ۽ ٻين بلوچ قبيلن کي ڪافي فائدو پهتو. انهيءَ قبيلي جا فرد سنا آبادگار آهن، اهي خانہ بدوشي جي بجاءِ مختلف هنڌن تي پنهنجا ڳوٺ جوڙي ويٺا آهن، اهو هڪ خاصو موچارو قبيلو آهي، انهيءَ جا ڪيترا فرد جيڪب آباد ۽ ڏاکڻين سنڌ ۾ رهن ٿا، ۽ مختصر تعداد ۾ پنجاب ۾ پڻ آباد آهن.

ڏاکڻين سنڌ جي ٺٽي ضلعي ۾ شاهبندر تعلقي ۾ جمالين جي ڪثرت آهي، شاهبندر تعلقي جو وڏي ۾ وڏو شهر ”چوهڙ جمالي“ جمالين جي آباديءَ جي علامت آهي. چوهڙ جمالي، سجاول کان 10 ميل ڏکڻ اولهہ طرف شاهہ واهہ جي ڪپ تي آباد آهي. چوهڙ جمالي تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ هڪ روايت مطابق عطر خان جي بغاوت وقت شاهبندر علائقي ۾ رهندڙ جمالين غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مدد ڪئي ۽ غلام شاهہ انهيءَ مدد جي صلي ۾ انهنکي ستاهہ ڦاٽ جي ڪاڇي ڪناري جاگيرون عطا ڪيون. انهن جاگيرن سانگي جمالي بہ

اچي اتي رهيا. انهن جمالين جو وڏو چوهڙ خان هو. جمالين جو اهو ڳوٺ ”چوهڙ جمالي“ جي نالي سڏجڻ لڳو. چوهڙ خان جمالي وارا پاڻ کي سومرالي جمالي چوائين. شاهبندر تعلقي ۾ چتا خان جمالي، حمزو خان جمالي، حاجي اميد علي جمالي ۽ جيوڻ خان جمالي جا ڳوٺ چوهڙ جمالي جي پوين جي نالي پوبان قائم آهن. چوهڙ خان جي پوين مان چاچو حاجي حمزو پٽيل ۽ ڏاڙهون جمالي حال حيات آهن. چاچي حاجي حمزي جمالي جي چوڻ مطابق چوهڙ جمالي هڪ وڏو زميندار هو. پنهنجي پٽ چتا خان جمالي جي جمڻ جي عرصي ۾ هن ديوان راءِ بهادر مينا رام کي سوين ايڪڙ زمين سوکڙي طور ڏئي ڇڏي. چوهڙ خان جي تربت ابن شاهہ تي آهي“.

هن وقت شهر ۾ ميمڻ ۽ کتي بہ وڏيون برادريون رهن ٿيون. ميمڻ گهڻو ڪري پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڳوٺ ٺادر ڏني ۽ آسپاس کان آيل آهن. ميمڻن ۽ هندن جو واپار تي قبضو آهي. کتي واپار بہ ڪن تہ پنهنجو اباڻو ڏنڌو بہ. لوهر ۽ ڪنيار هتان جا پراڻا رهاڪو آهن. شيدي ڊرائيونگ لائين ۾ آهن. بروهي ۽ لورا جنڊيءَ جو ڪم ڪن. باقي ٻيون برادريون زراعت جي پيشي سان منسلڪ آهن. آسپاس ۾ رهندڙ چانڊيا ۽ ڪيهر اثر رسوخ واريون برادريون آهن. مرحوم محمد يوسف چانڊيو هن علائقي جو معزز ماڻهو ٿي گذريو آهي. اقليتن مان ديوان مينارام ۽ ديوان نارائڻداس جي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي.

چوهڙ جمالي جو آسپاس وسندڙ ۽ شاداب آهي، جتي آباديون ۽ وسنديون آهن. اتي پراڻيون بستيون ۽ مقام هن خطي جي تاريخي اهميت کي ظاهر ڪن ٿيون. چوهڙ جمالي کان پنج ميل اوير طرف جاتي چوهڙ جمالي رود تي شاهہ يقيق جي درگاهہ آهي. تحفتہ الڪرام ۾ اچي ٿو تہ ”هيءُ مشهور معرف بزرگ اورنگا بندر کان اٽڪل ڇهہ ڪوهہ اتر طرف دفن ٿيل آهي“. سندس درگاهہ تي حاجتون پوريون ٿين ٿيون ۽ هر قسم جي بيمارن لاءِ ڪرامت جو شفاخانو آهي. اهڙو ئي ذڪر ”تحفتہ الطاهرين“ ۾ ملي ٿو. درگاهہ هن وقت اوقاف جي حوالي آهي. روزانہ سوين گاڏيون ڪراچي کان اچن ٿيون هاٽي بہ بازارون لڳيون پيون آهن ۽ شاهہ يقيق جي درگاهہ هن وقت لاڙ جي عظيم تفريح گاهہ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.

چوهڙ جمالي کان 3 ميل ڏکڻ طرف گهاڙ واهہ جي ڪپ تي ابن شاهہ جا تڪر واقع آهن. لاڙ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪاٻي ڪپ تي ابن شاهہ جون

تڪريون واحد اوچي جڳهه آهي، جيڪا زمين جي مٿاڇري کان 75 فوٽ اوچي آهي. ابن شاهه جي ٽڪرين جو سلسلو "پڪو چام" پير جي مقبري سان شروع ٿئي ٿو جيڪو هينئر زبون حال آهي. قبر مٿان پڪو اڏيل آهي. پڪي چام جو ميلو 11 پوهه تي لڳندو آهي. ميلي جي خصوصيت هيءَ آهي تہ ڪندوري، ديڳين مان ڪڍي هڪ پليءَ ۾ پائي آهي جنهن کان پوءِ ماڻهن کي ڏني ويندي آهي.

ان ڪانپوءِ هڪ مسجد نما قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ زبون تربتون محسوس ڪجن ٿيون. مسجد سان لڳو لڳ ڪيهرن جو قبو آهي جنهن تي ڪو بہ ڪتبو يا سن لکيل ڪو نهي. قبي جي اتر طرف چام پڪي جي مسجد آهي، ان جي ڏکڻ اولهہ طرف بہ قبا نهايت خستہ حالت ۾ آهن. ابن شاهہ جي مقبري اوريان "مائي پاتياٽيءَ" جي چنڙي آهي. اولهہ ۾ پنجاهہ پهلوانن جون قبرون آهن ۽ ڏکڻ طرف ونهين ڪوهياري ۽ چراغ جا ٽڪر واقع آهن.

ابن شاهہ جو ٽڪر انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان وڏو ٽڪر آهي. ان جي اوچائي 90 فوٽ ڪن ٿيندي. ٽڪر تي ابن شاهہ جي مزار آهي ۽ پاسي ۾ ڪيئين قبرون آهن. مقبري تائين پهچڻ لاءِ بہ چاڙهيون اڪرٽيون پون ٿيون. تحفتہ الڪرام ۾ اچي ٿو تہ سيد ابن شاهہ، شيخ بهاءالدين ذڪريا ملتانيءَ جي ڏهٽاڻ ۽ بدين واري شيخ اسماعيل جي اولاد مان هو. اورنگابندر کان اٺن ڪرهن تي ڪوچي جو ڳوٺ هو، جتي هو رهندو هو. اهوئي ڳوٺ هو جتي هن وقت بزرگ جي مزار آهي.

ابن شاهہ جي اولهہ طرف راجن شاهہ جو مقبرو آهي. جنهن کي "تحفتہ الڪرام" ۾ "شيخ راجن" ڪري لکيو ويو آهي. ڪتاب لکي ٿو تہ: "شيخ راجن، شيخ بهاءالدين ملتانيءَ جي اولاد مان آهي. ڪڪرالا جا سيئي چام سندس مريد آهن ۽ سندس اولاد مان گهٽن کي سڱ ڏنا اٿن. پاڻ هڪ وڏو شاعر پڻ هو. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي "سنڌ جو سينگار" ۾ سنڌ جي گمنام شاعرن جي سري هيٺ سيد راجن جا چند بيت پڻ ڏنا آهن.

هوڏانهن لئمبرڪ: "سنڌ: هڪ تعارف" (ص_47) ۾ لکيو آهي تہ :"سڪندر اعظم جڏهن بٺيلا ڪانپوءِ سمنڊ جي سير تي نڪتو تہ هن پنهنجيون بيڙيون هڪ کلي سمنڊ ۾ اچي بيهاريون، جنهن جي پرسان ڏيڍ ميل نندين نندين ٽڪرين جا جهڳٽا نظر پئي آيا. منهنجي خيال مطابق اهي ٽڪريون اهي آهن جن کي اڄڪلهہ ابن شاهہ جا ٽڪر چئجي ٿو. ڇاڪاڻ

تہ پير پٽي ڪانپوءِ درياءَ سنڌ جي چوڙ واري علائقي ۾ کليل ميدان ۾ صرف اهي ٺڪريون ئي واقع آهن“.

چوهڙ جماليءَ کان 16 ميل ڏکڻ طرف ”قتل ديرو“ نالي بستيءَ جا آثار آهن جيڪا اڳوڻي زرخيز رياست ”ڪڪرالہ“ جي گادي جو هنڌ هئي. اولهہ ڏکڻ طرف، اٽڪل 22 ميلن جي مفاصلي تي ”شاهبندر“ جا تاريخي آثار آهن.

1819ع واري تباهہ ڪن زلزلي ڪانپوءِ شاهبندر جو اوج گهٽبو رهيو. نيٺ ڊسمبر 1892ع ۾ تعلقي هيڊڪوارٽر شاهبندر مان تبديل ڪري ”لاڏيون“ آندو ويو تہ ان وقت چوهڙ جمالي، هڪ چڱيرو ڳوٺ هو، آدمشماري 400 کن جي قريب هئي. جڏهن تہ ان وقت بہ ”لاڏيون“ ۾ سڄ واڪا پٽي ڪندي هئي. ڪجهہ مهينا اڳي، مشهور صحافي جناب گرداس واڌواڻيءَ هلال پاڪستان جي ”جهاتيون“ ڪالم ۾ سنڌ جي مشهور مورخ پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي هن علائقي جي سير و سفر جو ذڪر ڪيو هو. هو لکي ٿو تہ: ”چاچو پيرو مل 1911ع ۾ ”لاڏيون“ ويل هو. هو پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جو سيلاني“ ۾ لکي ٿو تہ: ”لاڏين ۾ ڊاڪٽر جي اسپتال هڪ ڪکائين پکي ۾ هئي. مختيارڪار جنهن جاءِ ۾ رهيو ٿي، سا مٽيءَ جي نهيل هئي. چوطرف سڄ ئي سڄ لڳي پئي هئي؟ ڪاڪي پيرو مل لاڏيون تي هڪ گيت ناهي، مختيارڪار لاڏيون کي پيش ڪيو جنهن ۾ هن لاڏين ۾ سڄ سان گڏوگڏ، چوهڙ جماليءَ متعلق هڪ بند پڻ چيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ:

تعلقــي ســجي ۾ ڳــوٺ آهــي عــالي،
نـــالو تـــنهن جـــو چـــوهڙ جمـــالي،
اتـــي تـــو ســـونهين ڪـــردار“.

هن وقت پڻ تعلقي جو هيڊڪوارٽر ”لاڏيون“ آهي. پر مختيارڪار ”چوهڙ جماليءَ“ ۾ رهندو آهي.

چوهڙ جمالي هڪ ڳوٺ جي حيثيت سان وڏي شهر جي صورت اختيار ڪئي آهي. 1921ع ۾ 1025، 1951ع ۾ 2237 ۽ 1971ع واري آدمشماري مطابق هتي 6748 ماڻهو رهن ٿا. شروع ۾ هتي 1892 ڌاري سينيٽري ڪميٽي قائم ٿي. بعد ۾ نوٽيفائيڊ ايريا ڪميٽي ۽ يونين ڪائونسل وجود ۾ آئي. 24 جون 1974ع تي ٽائون ڪميٽي قائم ٿي. ڏيڍ لک رپين جي بجيٽ واري ٽائون ڪميٽي شهر جي صفائي ۽ روشنائيءَ ۾ ايتري ڪامياب نہ وئي آهي،

جيتري وڃڻ ڪپي. تعليمي سرگرمين ۾ هتي 20 آگسٽ 1904ع ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيو. 52_1953ع ڌاري اي وي ڪلاسز شروع ٿيا. 1962ع ۾ مڊل اسڪول قائم ٿيو جنهن کي وري 15 اپريل 1974ع تي اپ گريڊ ڪري هاءِ اسڪول بڻايو ويو. شهر ۾ گرلس پرائمري اسڪول ۽ ٻه ديني مدرسا قائم آهن. سنڌي اسڪول کي وڌيڪ ڪمرن جي ضرورت آهي. جڏهن ته هاءِ اسڪول کي ڪمپائونڊ وال ۽ سائنس جي سامان جي ضرورت آهي. هتان جي جتوئي ۽ آخوند خاندانن جون علمي خدمتون وساري نه ٿيون سگهجن.

شهر ۾ ”رورل هيلٿ سينٽر“ قائم آهي، جنهن جي بلڊنگ گذريل سال تيار ٿي آهي. دوائن جي کوٽ سينٽر جي بنيادي مسئلن مان هڪ آهي. چوهڙ جمالي هڪ واپاري مرڪز آهي. ان جي آسپاس وٽدڙ ۽ شاداب آهي. هتي چانور حربو ۽ تيلي ٻج جو ڏو واپار ٿئي ٿو. اڳئين وقت ۾ جڏهن آمد رفت جي تڪليف هئي ته هتان جو سامان باگاڙن کان ٻيڙي رستي ڪيٽي بندر ويندو هو. شهر ۾ چار رائيس ملون ۽ هڪ ڪاٺ چيرڻ جي مشين آهي. هتان سجاول ۽ جاتيءَ پڪا روڊ وڃن ٿا.

ادبي ميدان ۾ ”برم شعر ادب“ هن خطي جي ڪافي علمي خدمت ڪئي. سائينداد ”نماڻو“ عبد ماڇوئي، مسعود شاهد ۽ حزب الله ناشاد هتان جا نوجوان لکندڙ آهن. تازو ينگ رائيٽرز گلڊ جي شاخ قائم ٿي آهي، جنهن جو آرگنائيزر غلام مصطفيٰ آخوند آهي.

شهر ۾ ڪا به تفريح جي جڳهه ناهي، ڪجهه عرصو اڳ شاهه واهه جي لڳ ڪاري موريءَ پرسان هڪ ننڍڙو پارڪ ٺهرايو ويو هو پر اهو حڪام جي سرد مهري تي ماتم ڪري رهيو آهي. چوهڙ جي آسپاس نهايت وسندڙ آهي جيڪڏهن شهر جي اولهه طرف شاهه واهه لڳ، ڪنهن ترتيب سان ڪو تفريح گاهه ٺهرائجي ته هوند اهو سجاول سب ڊويزن جو مثالي تفريح گاهه بڻجي سگهي ٿو. شهر ۾ جيڪڏهن بجلي اچي وڃي ته شهر جي سونهن ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو. شهر جا رستا ۽ گهٽيون ٽائون ڪميٽي کي پلانڊ پيون وجهن ته آهي ڪو سندن مرمت ڪري! چوهڙ جمالي ۽ شاهبندر روڊ تي ارٽ ورڪ جي شديد ضرورت محسوس ڪجي ٿي. علمي ذوق اجارڻ لاءِ ٽائون ڪميٽي کي هڪ لائبريري قائم ڪرڻ گهرجي، سڀ کان بهتر ٿيندو ته چوهڙ جماليءَ کي تعلقي جو صدر مقام بڻايو وڃي.

# ميرپور بٺوري جا ڪجهه آڳاٽا احوال

ميرپور بٺورو سنڌ جي قديم شهرن مان هڪ آهي. ميرپور بٺوري شهر کان اڳ بٺوري پرڳڻي جو نالو تاريخن ۾ اچي ٿو. آئينِ اڪبري ۾ بٺوري کي ٺٽي سرڪار جو هڪ پرڳڻو ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي. مغل بادشاهه همايون جو بٺوري جي قلعي تي ڪاهه ڪرڻ جو واقعو پڻ تاريخ سنڌ ۾ مذڪور آهي. بٺوري جو قلعو شايد اهو ڏڙو آهي، جيڪو شير خان لنڊ جي ڳوٺ جي سامهون آهي. همايون شير شاهه سوريءَ کان شڪست کائي سنڌ ڏانهن رخ ڪيو. ان وقت سنڌ تي ارغونن جي بادشاهي هئي، هو 1550ع ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿيو. اُچ، روهڙي، بکر، پاٽ، سيوهڻ ۽ عمرڪوٽ کان ٿيندو هو جڏهن ماتلي ويجهو جوڻ جي علائقي ۾ پهتو ته اتي ساٽس مرزا شاهه حسن جي فوجين جو مقابلو ٿيو. پر ٻنهي فوجين ۾ ڪا باقاعدي جنگ نه ٿي، جيئن ته همايون پاڻ سان گڏ وڏو لشڪر ڪنيو هو. ان سان گڏ ڪيترا گهوڙي سوار به شامل هئا ڪاڏي پيٽي جي اٽاٽ محسوس ڪندي همايون کي خيال پيدا ٿيو ته اهو ڪنهن ويجهي هنڌ تان حاصل ڪجي. انهيءَ دوران همايون بادشاهه کي اطلاع مليو ته بٺوري جي ننڍڙي قلعي ۾ اناج ۽ ٻي کاڌ خوراڪ تمام گهڻي آهي ۽ اها آساني سان هٿ اچي سگهندي انهيءَ اطلاع ملڻ تي همايون پنهنجا خاص عملدار جهڙوڪ: شيخ علي بيگ، آسن تيمور سلطان کي ڳچ جيترا سپاهي ڏيئي بٺوري جي قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو. مرزا شاهه حسن کي به اها خبر پئجي ويئي، جنهن سلطان محمود خان بلوي کي فوج ڏيئي بٺوري جي قلعي جي حفاظت لاءِ اُماٽيو ۽ خود شاهه حسن پڻ قلعي جي حفاظت لاءِ اچي پهتو. اجا همايون جو لشڪر پهتو ئي ڪو نه هو ته ان کان اڳ ۾ شاهه حسن جو لشڪر قلعي کي گهيرو ڪري ويهي رهيو ان وقت سلطان محمود سان لنڊ، ميندرا ۽ ساڪرا قوم جي ماڻهن جو وڏو تعداد اچي شامل ٿيو. هڪ آڌي رات جو سلطان محمود خان جي فوج وچي همايون جي فوج تي ڪڙڪي ۽ ان کي سخت نقصان پهچايو. انهيءَ

شڪست همايون کي ڏاڍو دل شڪستہ ڪيو. آخرڪار سندس وزير بيرم خان جي معرفت ڪيس مرزا شاھہ حسن سان ناھہ ڪرڻو پيو.[1]

محمد صديق مسافر جي ڪتاب "سنڌ ۾ مغلن جا نواب" (1942ع) ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ: "مغل سرڪار طرفان شاھہ جهان جي دؤر ۾ ٺٽي تي نواب امير خان عرف مير ابوالبقا خان ٺٽي جو نواب يا گورنر مقرر ٿي آيو. ان جي حوالي سان هي ڄاڻايو ويو آهي تہ "هڪڙي ڏينهن امير خان ڪنهن بيابان مان اچي سوار ٿي لنگهيو تہ اتي جيڪي ڏنار ماڻهو رهند اهئا. تن پنهنجي حال سارو نواب امير خان جون ڏاڍيون خدمتون ڪيون. نواب تمام خوش ٿيو ۽ انهن ڏنارن کان حال احوال پڇندي معلوم ٿيس تہ انهيءَ بيابان ۾ مال جي گاھہ خاطر هو رهن ٿا ۽ ڏکيو وقت گذارين ٿا. انهيءَ ڪري نواب امير خان انهيءَ بيابان ۾ اميرپور نالي شهر بڌائي انهن ڏنارن کي اتي جايون جوڙائي ڏنيون ۽ بنورو بهرام پور ڏرڪ ۽ پليجا پرڳڻن جو هيڊڪوارٽر اميرپور کي مقرر ڪيائين."[2] نواب امير خان عرف مير ابوالبقا خان طرفان هن شهر جي بڌجڻ جو تذڪرو پير حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "تذڪرا امير خاني" ۾ پڻ ڪيو آهي. اهو دؤر 1037ھہ مطابق 1627ع جو آهي. منهنجو اندازو آهي تہ هن کان اڳ بنوري کي پرڳڻي جي حيثيت حاصل هئي، بعد ۾ اهو اميرپور بنورو سڏجڻ لڳو جيڪو بعد ۾ ميرپور بنورو سڏجڻ ۾ اچي ٿو.

بنوري جي پرڳڻي واري حيثيت انگريزن جي اچڻ تائين يعني 1843ع تائين رهي. بنوري تي اهو نالو ڪيئن پيو ان لاءِ ڪا حتمي ڳالھہ چئي نٿي سگهجي. پر هڪ خيال اهو بہ آهي تہ انهيءَ علائقي ۾ بنارا ذات جا ماڻهو زياده رهندا هئا. جنهن جي مناسبت سان اهو علائقو بنارا يا بنورو سڏجڻ ۾ آيو.

ڪلهوڙا دؤر حڪومت ۾ سن 1717ع مطابق 1130ھہ ۾ هن علائقي جي مشهور صوفي بزرگ شاھہ عنايت شهيد جي شهادت جو واقعو پيش آيو. ان وقت ٺٽي جي مغلن طرفان اعظم خان ولد صالح خان نواب مقرر ٿيل هو انهيءَ واقعي هڪ دفعو وري بہ بنوري کي برصغير جي تاريخ دهرايو.[4]

ٽالپري عهد ۾ ليفٽيننٽ ڊل هائوسي 1831ع ۾ هڪ سروي ٽيم ونئي مانڊوي "ڪڇ" کان خيرپور تائين سفر اختيار ڪيو. اها ٽيم مغل پين کان ٿيندي ستيون ڳوٺ ڪراس ڪندي، ميرپور بنوري پهتي، جنهن لاءِ ٽيم پنهنجي ڪار گذاري رپورٽ ۾ لکيو آهي تہ ميرپور بنورو ميرنارين خان جي حدن اندر واقع آهي، جيڪو سندس اڏايل آهي. شهر ۾ 200 ڪن ماڻهو رهن

ٿا، هتي انهن کي هي علائقو نهايت سرسبز ڏسڻ ۾ آيو ۽ انهن کي هتان جي فقيرن ڏاڍو تنگ ڪيو بعد ۾ ٽيم اڳتي حيدرآباد لاءِ رواني ٿي.[5]

ميرٽاري خان تان ميرپور بٺورو آباد ٿيڻ واري روايت منهنجي خيال ۾ غلط آهي ۽ انهيءَ سان شهر جي قدامت پڻ اثرانداز ٿئي ٿي. انهيءَ روايت کي بعد ۾ سنڌ جي سيني گزيٽيئرن ورجايو آهي.

انگريزن پنهنجي انتظامي جوڙجڪ ۾ 1856ع ۾ جيڪي روينيو جي حساب سان ضلعا ترتيب ڏنا هئا. انهن جو هڪ ضلعو ڪوٽ عالمون بہ هو انگريز سرڪار جي انتظامي جوڙجڪ متعلق ڪن خاص خاص لک پڙهن کي بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. اهڙو هڪ ڪتاب 1905ع ۾ ”پري ميونٽي رڪارڊس“ بہ آهي. جنهن جي صفحي 105 مطابق ڪوٽ عالمون ان وقت ضلعي جي حيثيت رکندو هو. جنهن جو انتظامي سربراهہ ليفٽيننٽ فينگ هو. اهو ضلعو وري هيٺين پرڳڻين ۾ ورهايو ويو ہنون، لاڻپور، ڏچر واليشاهہ، ٽئين، ميرانپور، کيرال، ڪوٽ عالمون لانٽا، ٻيلا، ڏڏڪو چور واهہ، کور واهہ، گولائي، ٻهرام پور، سيراٽي، ميرپور بٺورو ڏڪ، گاجا، آمڙا، شاهہ ڪپور، ڪجي، لکت، ميرواهہ.[6]

انهيءَ کان اڳ انگريز سرڪار پاران 1850ع جي ايڪٽ نمبر 26 تحت جن شهرن جي آدمشماري 800 کان مٿي هئي. اتي ميونسپل ڪاميٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهيءَ مطابق شاهہ بندر سب ڊويزن موجوده (سجاول سب ڊويزن) ۾ 1876ع ۾ ميرپور بٺورو مغل پيين، شاهبندر، سجاول، ہنون، چوهڙ جمالي، دڙو ۽ گونگاٽي ۾ ميونسپل ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون هيون. مٿين ايڪٽ ۾ 1884ع ۾ ترميم ڪئي وئي. ان سبب ڪيترييون ميونسپل ڪاميٽيون بند ٿي ويون، جن ۾ ميرپور بٺورو ميونسپل پڻ شامل هئي، ان کان پوءِ سينٽري ايڪٽ 1889ع تحت شهرن جو انتظام سينٽري ڪاميٽيءَ سنڀاليو.[7]

تعلقي جي پهرين سيٽل مينٽ سروي 84_1883ع ۾ ڪئي وئي. جنهن تحت تعلقي جي زمين تي ڍلن جا مختلف اگهہ مقرر ڪيا ويا، بعد ۾ سرڪار نامدار مٿين سروي ۾ ترميم ڪرڻ جي ارادي سان اسسٽنٽ ڪليڪٽر شاهبندر ”ايم ايچ لارينس“ کي حڪم ڪيو تہ هو پنهنجي تعلقي تي مفصل رپورٽ لکي. انهيءَ مطابق اسسٽنٽ ڪمشنر شاهبندر پنهنجي آفيس ليٽر 5690 بتاريخ 8 نومبر 1887ع تي ڪليڪٽر ڪراچي مسٽر آر گلس کي هڪ نهايت ئي جاندار ۽ وزندار رپورٽ موڪلي، جنهن

جا اقتباسات هيٺ ڏجن ٿا. جن جي پڙهڻ سان تعلقي ميرپور بٺوري جي هڪ صدي اڳ جي صورتحال جي خبر پئجي سگهندي.

1. تعلقي جي سراسري ڊيگهه 27 ميل ۽ ويڪر 10 ميل آهي. جيڪا ڪل 27, 269 اسڪوائر چورس ميلن تي مشتمل آهي.
2. تعلقي ۾ 67 ديهون آهن. جن مان 4 ديهون ٻيلن ۾ اچي وڃن ٿيون. 1881ع جي آدمشماري مطابق تعلقي جي آدمشماري 32188 ۽ 1891ع جي آدمشماري موجب تعلقي ۾ 35196 ماڻهو رهن ٿا. 1891ع ۾ بٺوري شهر جي آدمشماري 3200، دڙو 1289، ٻٺون 608، جهوڪ 839، ڏچر 531 ۽ لائقپور 518 ماڻهن تي مشتمل آهي.
3. تعلقي جي اڪثر زمين آباديءَ لائق آهي، جيڪا پڇاري ۽ مولچند ڪئنالن تي آباد ٿئي ٿي، زمين جي سطح سجاول جي مقابلي ۾ مٿانهين آهي.
4. چانور هتان جي مکيہ پيدائش آهي، جيڪي ميرپور بٺوري ۽ دڙي کان ٺٽو ڪيٽي بندر ۽ سندي بندر موڪليا وڃن ٿا. بار برداريءَ لاءِ بيل گاڏيون ۽ اُٺ ڪتب اچن ٿا. ميرپور بٺورو ڏڙو ۽ لائقپور ۾ واٽين جون وڏيون ڪريون آهن. جتي جنڊين تي چانور صاف ڪيا وڃن ٿا. ميرپور بٺوري ۾ ڪپڙن تي ڇُر ڪرڻ جي وڏي صنعت هوندي هئي، جيڪا هن وقت ڪن مخصوص ڪتين جي گهرن تائين رهي آهي. انهيءَ صنعت لاءِ ڪپڙو انگلينڊ کان درآمد ٿيندو هو. پوءِ ان کي رڱيو ويندو هو ۽ پوءِ ان تي ڇُر ڪئي ويندي هئي.
5. گذريل 10 سالن ۾ سراسري 7 انچ 15 سينٽي ميٽر مينهن پيو آهي.
6. تعلقي ۾ پيئڻ جو پاڻي اڪثر ڪري واهَہ مان حاصل ڪجي ٿو. ليڪن تنهن هوندي بہ تعلقي ۾ 16 واهيون آهن. جن مان پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪجي ٿو تعلقي ۾ زير زمين پاڻي 18 فٽن تي ملي ٿو. جيڪو پيئڻ لائق آهي.
7. آبادي جي تناسب سان 1857ع کان 1862ع تائين سراسري 44263 رپيا ڍل وصول ٿي، جيڪا 83_1882ع ۾ وڌي ڪري 61593 رپيا ٿي. 1883ع کان 1897ع تائين 35807 ايڪڙ 4 گهٽن تي آبادي ٿي ۽ سراسري طور 6971 رپيا 15 پئسا آبادگارن کي معافي ڏني وئي.
8. 87_1886ع ۾ ڳاڙها چانور في خرار 20 رپيا، ٻاجهر 37 رپيا، تِر 80 رپيا ۽ جانيو 35 رپيا ملندا هئا. 1897ع ۾ ڳاڙها چانور 316 رپيا، ٻاجهر 85 رپيا،

آئون انهيءَ ڍپ کان بيمار تي پيس، مون کي خبر هئي ته هاڻي هن کي وري پيو ڪو ٻڌي نه سگهندو نه هن متعلق ڪو ڄاڻي سگهندو. ڇا! هن کي ناڪام ٻڌائڻ کان پوءِ به آئون انسان رهي سگهندس؟ منهنجي هينئر اهڙي ناقابل بيان حيثيت آهي، جيڪا اڳ ۾ ڪڏهن به نه هئي. منهنجي خيال ۾، هاڻي نجات حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي دير لڳندي. پر مون کي دنيا جي گهري پاڻيءَ ۾ زندگي وڃڻ جو خطرو آهي. ڪم از ڪم، جڏهن موت اچي، ته اُهو مون کي هڪ پڳل تتل ٻيڙي ۾ وجهي، ندي ۾ لوڙهي ڇڏي ۽ اها ٻيڙي ندي جي لامحدود ڪنارن جي درميان پاڻي ۾ ترندو رهي. آئون پلي انهيءَ ندي جي حوالي ٿي وڃان، نديءَ کان پري نڪري وڃان ۽ ندي ۾ هليو وڃان.

**

نديءَ جي ڪري اهڙو مجرم ڇو محسوس ڪري رهيو آهيان. اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. آئون پنهنجي ٻڍاپي جو ڦل کائي رهيو هئس. مون کي طرحين طرحين جون بيماريون ورتي ويون. ڪمزور ٿي پيس ۽ بابو ته مون کان به ڪمزور ٿي ويو هوندو پر همت ۾ مون کان جوانُ! ”هن جي ٻيڙي، نديءَ جيَ اُٿاهه لهرين ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندي هلندي، انهيءَ خطرناڪ هنڌَ تائين پهچندي، جتي موت، هن جو انتظار ڪندو هوندو.“ منهنجي دل ۾ وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا. پر هو هن مان به منهنجي مدد کان سواءِ پار لنگهي ويو. مون کي خبر پئجي نه سگهي انهيءَ ڪري آئون پاڻ کي مجرم تصور ڪري رهيو هئس. ڪاش! آئون ڄاڻان ها! ۽ پوءِ آهستي آهستي، دل ۾ عجيب و غريب خيالات اچڻ لڳا.

آئون وڏيڪ عرصي تائين اُتي رهي نه سگهيس ڇا آئون چريو هئس! نه بلڪل نه. اسان جي گهر ۾ لفظ ”چريو“ نه ڳالهايو ويندو هو يا ته ڪوبه چريو ڪونهي يا سڀ چريا آهن. مون پنهنجو پاڻ کي هڪ تختي سان گڏ لهرن جي حوالي ڪيو. منهنجي دل ۾ سڀ ڪجهه هو. مون صبر ڪيو ڪافي وقت کان پوءِ ”هو“ ظاهر ٿيو هن جي غيرواضح شڪل، هاڻي صاف ڏسڻ ۾ آئي. هو ٻيڙي جي اڳئين حصي ۾ ويٺل هو ۽ مون کان سڏ ڪن پنڌ پري هو. مون هن کي ڪافي سڏ ڪيا. مون هن کي قسم ڏنا. پلاند وڏا مون وڏي واڪي چيو ته:

”بابا، توهان هاڻي پوڙها ٿي چڪا آهيو. توهان پنهنجو وقت پورو ڪيو.... توهان هاڻي موٽي اچو.. توهان کي هاڻي هتي وڌيڪ عرصي لاءِ رهڻ نه کپي.... توهان موٽي اچو.... هاڻي، آئون ئي سڀ ڪجهه ڪندس، جيئن ۽ جتي اوهان چاهيندا... ۽ اهو ئي اسان ٻئي جڻا چاهيون ٿا. آئون ٻيڙي ۾ توهان جي به جڳهه رکندس“..... آئون جنهن وقت اهو چئي رهيو هئس، منهنجي دل انهيءَ سچي حقيقت جي احساس سان ڌڙڪي رهي هئي.

هن منهنجو آواز ٻڌو هو اٿي بيٺو. هن مون طرف ٻيڙي جو ونجهه هلايو مون کي ڊپ کان سخت ڏڪڻي وٺي ويئي، جڏهن هن پنهنجون ٻانهون ڦهيريون ۽ مبارڪباد لاءِ وڌايون... مون تي ڊپ ڇائنجي ويو... آئون ڀڄس.... ۽ چريائي جي حالت ۾ ڊڙندو ڊڙندو اڳتي نڪري ويس ڇاڪاڻ ته ين سمجهيو ته هو ٻئي جهان مان اچي رهيو آهي ۽ آئون هاڻي معافي لاءِ ائي رهيو آهيان.

هئس تہ هميشہ ڳُجهہ سنو چوندو هو.

"اهو بابو ئي هو جنهن مون کي اهو ڪم انهيءَ انداز سان ڪرڻ سيکاريو." جيڪڏهن هو اسان کي وڏيڪ عرصي لاءِ ياد رکي نہ تو سگهي ۽ نہ ئي اسان متعلق ڪا خبر رکي سگهي ٿو تہ اسان ڪيئن آهيون تہ پوءِ ايترو پري چو نڪري ويو جتي هو ڪڏهن بہ ليجي نہ سگهندو؟ اهو فقط هو ئي ڄاڻي سگهي ٿو. جڏهن منهنجي پيڻ کي پٽ ڄائو تہ هن، ننڍڙي معصوم کي هٿن ۾ جهليو ڄڻڪہ هن ناني کي پنهنجو ڏوهٽو ڏيکارڻ چاهيو پئي، اسان سيئي گڏجي، ندي جي ڪناري وياسون، هڪ ڊِب تي بيناسون ڏينهن صاف هو منهنجي پيڻ کي سفيد عروسي وڳو پهريل هو. هن ننڍڙي کي ٻن ٻانهن ۾ جهلي مٿي ڪنيو ۽ هن جو مڙس، ٻنهي مٿان ڪنهن شيءِ سان ڇانءَ ڪيو بينو هو اسان بابي کي سڏيو ڏاڍو انتظار ڪيوسون، پر، بابو نہ آيو پيڻ ۽ اسان روئڻ ۾ چِتڪي پياسون.

انهيءَ کان پوءِ منهنجي پيڻ، پنهنجي گهرواري سان ڪافي پرپرو نڪري ويئي ۽ منهنجي ڀاءُ اهو فيصلو ڪيو تہ هو هاڻي شهر ۾ رهندو وقت گذرندو رهيو امان بہ وچي پيڻ وٽ رهڻ لڳي ۽ هوءَ بہ هاڻي وڏي عمر جي ٿي چڪي هئي. هاڻي خاندان مان صرف آئون اڪيلو رهجي ويس. جيڪو پنهنجي اصلوڪي جاءِ تي رهندو هئس زندگيءَ جي سازو سامان جي بوجهہ، مون کي جهڪائي ڇڏيو مون کي خبر هئي تہ بابي کي منهنجي ضرورت پوندي جڏهن هو چريائيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نڪري گهمندو ڦرندو.

جڏهن، مون اهو پڪو ارادو ڪيو تہ هاڻي ڪيئن بہ ڪري بابي کي ڳولي لهبو تہ مون کي اهو افواهہ ٻڌڻ ۾ آيو تہ بابي، پنهنجو راز انهيءَ واڍي کي ٻڌايو هوندو جنهن سندس بيڙي تيار ڪئي هوندي. پر اهو بہ مري چڪو هو ۽ ٻئي ڪنهن کي اهو شروعاتي منظر مشڪل سان ياد هجي جڏهن نديءَ ۾ سخت مينهن سبب اُٿل آئي هئي ۽ ماڻهن اهو سمجهيو هجي. تہ شايد دنيا ختم ٿيڻ واري آهي ۽ بابي کي خدائي وَحي ملي هجي، جيئن حضرت نوح کي ملي هئي، ان ڪري هن وقت کان اڳ بيڙي تيار ڪرائي هجي. آئون صرف اڏوگابري ڳالهہ ياد ڪري سگهيس، مون پنهنجي پيءُ تي ڪو بہ الزام نہ لڳايو ۽ هاڻي منهنجا وار بہ سفيد ٿي رهيا آهن.

آئون هڪ اهڙو شخص هئس جنهن جي هر لفظ مان غم ٽپڪي رهيو هو. آئون پاڻ کي بابي جي عدم موجودگيءَ جو احساس يا هميشہ وهندڙ انهيءَ

سگهياسين. آئون پنهنجو پاڻ اندازو لڳائي رهيو هئس ۽ منهنجي خيالن هڪ پيرو بہ مون کي بابي ڏانهن ڇڪي آندو. آئون اهو سوچي رهيو هئس تہ هو ڪيئن گذاريندو هوندو؟ اونهاري جي گرمي هجي يا سياري جي سردي، هن جي سر تي اهو ئي پراڻو ٽوپلو هوندو. اهڙي نموني هو پنهنجي زندگي بي خبريءَ جي عالم ۾ بسر ڪندو هوندو. بابو ڪڏهن بہ ڪنهن زمين جي ٽڪري تي يا گاهہ واري زمين تي نہ لٿو. اهو سچ تي سگهي ٿو تہ، هن ٿورڙي ننڊ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻيڙي جو ڪنهن ٻيٽاري تي لنگر هنيو هجي. پر هن ڪڏهن بہ ڪناري تي ڪا ٻاهہ يا تيلي وغيره نہ ٻاري. اسان هن لاءِ جيڪي کاڌو وٽن جي پاڙن يا وري ٽڪرن ۾ رکندا هئاسون، انهيءَ کي صرف هو ڇکيندو هو پر کائيندو نہ هو ۽ اهو هن کي جيئري رکڻ لاءِ ڪافي نہ هو. ڇا هو دائمي مريض هو؟ پوءِ پلا، هن جي ٻانهن ۾ کهڙي سگهہ هئي، جيڪا هن کي سالم رکندي هئي ۽ هن جي ٻيڙيءَ کي انهن وڏين وڏين لهرين مان اڪاري پار ڪندي هئي، جيڪي پاڻ سان گڏ مئل جانورن جا لاش ۽ وڻن جا ٽُڙ ۽ ٽاريون، الائجي ڪٿان ڪٿان ڪٽيون ايندڙيون هيون ۽ ندي هڪ پوائنٽو ڏيک پيش ڪندي هئي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن جاندار سان نہ ڳالهايو ۽ نہ هن ڪڏهن پنهنجي متعلق ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، فقط اسان هن لاءِ سوچيندا رهياسون. بابو ڪڏهن بہ وسري نہ ٿي سگهيو. جيڪڏهن ڪنهن وقت هو ذهن تان لهي ٿئي ويو تہ هن جي يادگيريءَ وري بہ هن کي ياد ڪرڻ لاءِ اسان کي مجبور ٿي ڪيو.

منهنجي ڀيڻ شادي ڪئي پر منهنجي ماءُ ان موقعي تي ڪو خاص جشن نہ ڪيو. اسان جڏهن ڪو پرلطف طعام کاڌو ٿي تہ خصوصاً ان وقت بابي جي يادگيري آئي ۽ رات جو جڏهن اسان گرم ڪپڙا پهريا ٿي تہ، اسان کي اهي غيرمحفوظ ٿڌيون راتيون ۽ سخت مينهن ياد ٿي آيا جن ۾ بابو، پنهنجن هٿن سان ٻيڙيءَ ۾ ساموندي طوفان وسيلي داخل ٿيل پاڻي کي ڪڍندو هو ۽ هاڻي جيڪي بہ اسان جي ويجهو هئا، انهن اهو ڏٺو تہ آئون بہ پنهنجي پيءُ وانگر گهري نظر رکان ٿو. منهنجي ذهن ۾، هاڻي خيال ايرڻ لڳا تہ بابو هاڻي وحشي ٻڄي چڪو هوندو، سندس ڏاڙهي، وڏيل وار اٿيا ۽ پريشان، ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا هوندا.

”ڇا هو اسان کي وساري وينو آهي؟ هن کي پنهنجي گهر سان ڪو پيار ناهي؟“ آئون اڪثر سوچيندو هئس پر جڏهن آئون ڪو ڇڱو ڪم ڪندو

لاءِ آئون ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪاڏو ضرور ڪڍندس. جڏهن اسان جي ڪٽنب نديءَ جي ڪناري تي ويهي، ڪائين جو مچ ٻاري بابي جي اچڻ لاءِ دعائون گهريون هيون، انهيءَ کان پوءِ هر روز آئون ٽورڙي ڪنڊ، ماني ۽ ڪيلن سان نديءَ جي ڪناري ويندو رهيس. هڪ دفعو هڪ ڪلاڪ جي شديد انتظار کان پوءِ مون بابي جي هڪ جهلڪ ڏٺي مون محسوس ڪيو تہ هو ٻيڙي جي هينئين حصي ۾ دنيا و مافيها کان بي خبر ويٺل هو. هن مون کي بہ ڏٺو پر هن ڪو بہ اشارو وغيره نہ ڏنو.

مون ڪائڻ وارين شين کي ڪٽي ۽ ندي ۾ پيل هڪ ٻوڙي پٿر جي وچ ۾ رکي ڇڏي، جيئن اهي مينهن ماڪ ۽ جانورن کان محفوظ رهي سگهن. آئون، انهيءَ مشق کي ڪن ڏينهن تائين هلائيندو رهيس، جڏهن اها خبر پيم تہ انهيءَ مشق جي امان کي بہ خبر آهي تہ ڏاڍو متعجب ٿيس. پر، مزي جي ڳالهہ تہ امان بہ مون کي ڪجهہ نہ چيو هوءَ پاڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ شيون اهڙي هنڌ رکي ڇڏيندي هئي، جيڪي هن جي خيال ۾ آئون ضرور لهي سگهندو هئس، امان اسان تي ڪڏهن بہ اهو ظاهر نہ ڪيو تہ هوءَ ڇا سوچي رهي آهي.

آخرڪار هن اسان جي هڪ چاچي ۽ اسان جي ياءُ کان پنهنجي ٻنيءَ ۽ مالي مسئلن جي مدد وٺڻ شروع ڪئي ۽ اسان ننڍڙن لاءِ هڪ ٽيوٽر جو بندوبست ڪيو. هن هڪ پادريءَ جو بہ بندوبست ڪيو جنهن جي ذمي اهو ڪم هو تہ هو جُبي ۾ اچي نديءَ جي ڪناري تي ويهي، بابي جي مٿان بدروحن جي پاڇي کي ختم ڪرڻ لاءِ پراٿنا ڪري تہ جيئن هو انهيءَ خيال (ٻيڙي ۾ اڪيلو ندي ۾ رهڻ) کان پاسيرو ٿي وڃي. هڪ موقعي تي هن ٻن سپاهين جي مدد سان بابي کي ڊيڄاريو بہ سهي. ليڪن ڪا بہ اٽڪل ڪامياب ٿي نہ سگهي، بابو پري کان گذرندي مس ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو هو پنهنجي ٻيڙي ۾ ويٺل هو. هن جي خبر ڪنهن کي بہ نہ هئي، ايتري قدر جو جيڪي سندس قريب هئا، اهي نہ هن کي ڇهي سگهيا ٿي نہ ڳالهائي سگهيا ٿي. رپورٽر، جيڪي هن جون تصويرون وٺڻ لاءِ هڪ لانچ ۾ روانا ٿيا، اهي بہ ٻين وانگر ناڪام ٿي موٽيا. بابو نديءَ جي ٻي ڪناري تي پهچي چڪو هو ۽ هن پنهنجي ٻيڙي هڪ پٿريل علائقي سان ٻڌي ڇڏي، جيڪو ڪن ميلن تائين پکڙيل هو جنهن متعلق صرف بابو ئي ڄاڻندو هو.

اسان ان پٿريلي ٽڪر کي استعمال ڪرڻ تي چاهيو پر اهو سر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هو ۽ اسان انهيءَ جي پهچڻ تائين ڪو بہ بندوبست ڪري نہ

پنهنجو ٽوپلو (هئٽ) هيٺ ڪري الوداع ڪيو هو ٻيو ڪجھ نہ ڳالهايو نہ ڪاڏو ڪنيو نہ ٻيو ڪو سازو سامان ۽ نہ هن ڪا الوداعي هدايت ڏني اسان سمجھيو تہ امان ئي هن وقت لاءِ موزون آهي، پر، هن بہ ڏند پيڪوڙيندي نهايت تلخ لهجي ۾ چيو ”وڃ ياتوس! جيڪڏهن تون وڃين ٿو تہ پوءِ هميشہ لاءِ واپس نہ اچج!“ بابي، پنهنجو جواب چپن ۾ چيڙيو هن مون تي هڪ مٿاڇري نگاهہ وڌي ۽ مون کي اشارو ڏيندي چيو تہ هو هن سان ڪجھ قدم گڏجي هلي. مون کي امڙ جي ڪاوڙ جو ڊپ هو پر مون بابي جي چوڻ کي نہ موٽايو. وقت کي غنيمت سمجھي مون ڪانئس پڇيو تہ بابا مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندا؟ پر، جواب ۾ هن مون تي هڪ ڏکي نگاهہ وڌي، جنهن مان سمجھيم تہ هو مون کي دعائون ڏيندي واپس وڃڻ لاءِ اشارو ڏئي رهيو آهي. مون وڃڻ جو ارادو ڪيوَ پر ان جي بدران هڪ ننڍڙي ڪڏ ۾ ٻيهي رهيس، جنهن جي چوڌاري ننڍا ننڍا ٻوٽا هئا ۽ بابي کي تڪيندو رهيس. ڏٺم تہ بابو ٻيڙي ۾ چڙهيو آهي ۽ هاٿي ونجھ هلائڻ شروع ڪيو اٿس، ٻيڙي هڪ پاڇي جيان ندي جي مٿاڇري تان سڌو سڌو سفر ڪندي نظرن کان غائب ٿي وئي.

اسان جو بابو وري هرگز نہ موٽيو. هو ٻئي ڪنهن هنڌ نہ ويو هو. هو ندي جي انهيءَ حصي ۾، انهيءَ ٻيڙي ۾ موجود هو ۽ هو ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪتو. انهيءَ حقيقت اسان سڀني کي پريشان ڪري وڌو، جيڪو ڪڏهن بہ نہ ٿيو سو هينئر ٿيو. اسان جي سڀني رشتيدارن، واقفيت وارن ۽ پاڙيسرين وٽ اها ڳالهہ مرڪز بڻيل هئي.

امان، حالتن کي سٺي نموني منهن ڏنو. ايتريقدر جو ڪنهن کي بہ ايئن چوڻ جي جرائت نہ ٿي تہ هو ڪو چريو هو فقط ڪن جو خيال هو تہ هن کا باس باسي آهي يا هن کي ڪوڙهہ جو وچڙندڙ مرض ٿي پيو آهي، جنهن ڪري هن پاڻ کي ٻين انسانن ويندي پنهنجي خاندان کان ئي، جدا رکيو آهي. جيترا وات اوترديون ڳالهيون خبر ملڪ ملڪ پهچي وئي. مسافرن يا ندي جي ڪناري تي رهندڙن جو چوڻ هو تہ هو ڪڏهن بہ ڪنهن ٻيٺاري تي نظر نہ آيو ۽ هميشہ ان ٻيڙي ۾ هوندو هو. آخر، اسان ۽ ٻين عزيزن، اهو محسوس ڪيو تہ جيڪو کاڌي جو سامان هن پنهنجي ٻيڙي ۾ رکيو هو شايد هاڻي اهو کٽڻ وارو هجي تنهن ڪري يا تہ هو ٻئي ڪنهن هنڌ ڏانهن هليو وڃي يا تي سگھي ٿو تہ هو وري موٽي اچي.

پر اهي غلط هئا. مون، انهيءَ پهرين رات ئي اهو ارادو ڪيو هو تہ بابي

Estorias نالي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو 1967ع ۾ سندس وفات کان 3 مهينا اڳ شايع ٿيو جنهن ۾ چاليهه کن ڪهاڻيون شامل هيون. جڏهن ته Estas Estories، نون مختصر ناولن جو هڪ مجموعو 1969ع ۾ شايع ٿيو. وقت گذرڻ سان گڏ، جوؤ ڪهاڻي جي لکڻ ۾ به اقتصادي اصولن کي استعمال ڪيو. جڏهن هن کان 'Into the Mainstream' لاءِ انٽرويو ورتو ويو ته ان وقت هو هڪ طبي مخزن لاءِ ٻن صفحن جي ڪهاڻي لکي رهيو هو.

ڪيترن ڪهاڻي نويسن جيان هي به ترجمي جي اثر هيٺ هو. هيءُ مشهور ماهر لسانيات هو. چيو وڃي ٿو ته هن پورچوگيز کي اهڙي نموني نئين سر جياريو جهڙي نموني Joyce اڳئين وقت ۾ انگلش کي جياريو هو.

***

مون جڏهن مختلف ماڻهن کان پنهنجي پيءُ متعلق ڪجهه معلوم ڪرڻ چاهيو ته انهن هن ڳالهه جي تصديق ڪئي ته هو ننڍپڻ کان ئي پروسي جوڳو، پرامن، ۽ باعمل شخص هو. مون کي ياد ناهي ته جن ٻين بابت اسان کي ڄاڻ آهي، انهن کان ڪو بابو وڌيڪ جُوڌي يا چريو هو. هو وڌيڪ نه ڳالهائيندو هو اسان جي ماءُ. نه صرف حڪم هلائيندي هئي، پر هر وقت مون تي ٻيڻ تي ۽ منهنجي ڀئي ڀاءُ تي الزام تراشي ڪندي رهندي هئي، هڪ ڏينهن بابي، پنهنجي لاءِ هڪ هلڪي ٻيڙي (ٻتيلو) جو آرڊر ڏنو.

هو هن مسئلي ۾ نهايت سنجيده هو هن پنهنجي ٻيڙي هڪ نهايت مضبوط ڪاٺ مان تيار ڪئي هئي. ٻيڙي ايتري تنگ هئي، جو ان ۾ فقط هلائيندڙ (وانجهيءَ) ويهي سگهيو ٿي. ٻيڙيءَ جو هر حصو نهايت مضبوطيءَ سان جوڙيو ويو هو جيئن اهو پاڻيءَ ۾ ڪم از ڪم ويهن کان ٽيهن سالن تائين رهي سگهي. "ماءُ هن خيال تي ڏاڍي برهم ٿي. اهو شخص زندگي جي ان موڙ تي مڇي جي شڪار لاءِ ڪيئن وڃي سگهي ٿو جنهن ڪڏهن ايڏانهن منهن ئي نه ڪيو هجي!" ماءُ پنهنجي برهميءَ جو اظهار ڪيو بابو خاموش رهيو اسان جو گهر نديءَ جي بلڪل ويجهو هو اها ندي جيڪا تمام اونهي ۽ خاموش هئي ۽ اها ايتري ته ويڪري هئي، جو توهان هن جو ٻيو ڇيڙو هرگز ڏسي نه سگهندا. آئون اهو ڏينهن وساري نٿو سگهان جڏهن ٻيڙي بلڪل تيار هئي.

بابو جيڪو نه خوش نه معتجب. نه مايوس ڏسڻ ۾ پئي آيو تنهن

# نديءَ جو ٽيون ڪنارو
# (برازيلي ڪهاڻي)

## جوؤ گئيماريس روزا

جوؤ گئيماريس روزا (1968_ 1908) برازيل جي سرتائو متانهين پٽ جي ڪناري واقع مناس گيرائس جي صوبي جي ڪارڊ سبرگو نالي شهر ۾ ڄائو. زراعت ۾ پلجي وڏو ٿيندڙ جوؤ جواني ۾ طب، جو مطالعو ڪيو ۽ هڪ مقامي جنگ ۾ ان جي پرئڪٽس ڪئي. 1934ع ۾ هن طب کي ڇڏي، ڊپلوميٽڪ سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي. هن هئمبرگ، ڪولمبيا، پئرس ۽ يونيسڪو ۾ پنهنجي ملڪ جي نمائندگي ڪئي. 1953ع تائين هو وزارت خارجہ ۾ ڪئبنيٽ چيف جي عهدي تي هو ان بعد هن کي سرحدي حدبندي جو محڪمو سپرد ڪيو ويو. جنهن دوران هن کي ڪيترائي دفعا، پنهنجن حدن کي وري وري گهمڻ جو موقعو مليو. اهڙن حدن ۾ مناس گيرائس جو متانهون پٽ بہ شامل هو. ”سنگارانا“ هن جي پهرين ڪهاڻي 1946ع ۾ شايع ٿي. ساڳئي عنوان هيٺ هن جي ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو ان مجموعي ۾ ”سرتائو“ جي زندگي متعلق ڪهاڻيون هيون. انهن ڪهاڻين ۾ هن پاڻ کي هڪ اهڙي سٺي ڪهاڻيڪار جيان ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي اڳيئن ڪهاڻين جي پيٽ ۾ هن وقت آزادانہ اسٽائل جو قائل آهي. 1956ع ۾ هن جي سٽن ننڍڙن ناولن جو مجموعو (Corpode Baile)شايع ٿيو. ساڳئي سال سندس مشهور طويل ناول (پوين پٽن ۾ شيطان جو پيڇو) شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ شيطان، سرنائو جي متانهين پٽ ۾ هن جو پيڇو ڪري ٿو. هن ناول کي ذڪرڻ آمريڪا جي ناولن ۾ ممتاز حيثيت حاصل آهي. 1962ع ۾ ”ندي جون ٽيون ڪنارو“ نالي، 21 ڪهاڻين جو هن جو هڪ مجموعو شايع ٿيو. انهن ڪهاڻين ۾ اڪثر ڪري هن سرتائو جي زندگيءَ تي روشني وڌي آهي، پر انهن جا عنوان اڪثر ڪري مافوق الفطرتي (ديومالائي) آهن، جيئن هن ڪهاڻيءَ جو عنوان آهي. Tutameja: Terceiras

توکي ڪهڙو غم آهي، ڇا ٿيو؟ بابا حيرت مان ڇيو:

"پٽ! ڪلهه شام جو جيئن منهنجو پوٽو محسن پنجن رپين جو اٽو وٺڻ لاءِ بازار وڃي رهيو هو تيئن واٽ تي شمو لوفر ۽ تنهنجو پٽ هن کان پنج رپيا وٺي ڀڄي ويا، هن روئي اچي مونکي ٻڌايو. اسان وٽ ايترو پئسو ڪونهي جو اٽو وٺي ماني کائون.

ڪالهه کان وٺي اسين فاقا ڪاٽي رهيا آهيون. اسان غريبن جو داد ڪر". پوڙهي روئڻهارڪو منهن ڪري ڇيو.

بابا تہ پوڙهيءَ کي يڪدم ڏهہ رپيا ڪڍي ڏنا. پوڙهي خوش ٿي گهر راهي ٿي.

بابا انهيءَ پوڙهي جو مغموم فرياد ٻڌي هيڪاري تپي لوهہ تي ويو. مونکان پڇڻ لڳو.

"جيڪي پوڙهي عورت تنهنجي باري ۾ چيو سو ٺيڪ آهي؟"

"ها بابا" مون ڇيو.

ڇا قرآن ۾ ڪو نہ پڙهيئم تہ "يا ايهاالذين آمنوا انماالخمر والمبسر والانصاب ولازلام رجس من عمل الشيطان ڧاجتبوه لعڪم تفلحون. تہ اي ايمان وارو! بيشڪ شراب ۽ جوا ۽ پوڄا جا آستانا ۽ ڊارا ناپاڪ شيطاني ڪمن مان آهن. جيڪڏهن انهن کان پاسو ڪندا تہ اوهين ڪامياب ٿيندا". بابا مطمئن نموني ۾ ڇيو.

"ڏسين ٿي پُٽهن جا حال جو لوفرن سان گڏجي ڌاڙو پيو هڻي". بابا، امان کي معتدل نموني ۾ ڇيو "ڪهڙو ڪارو منهن ڪريونس پئيمان (بي ايمان) کي سمجهائي سمجهائي بيهي رهي آهيان پوءِ سمجهي ئي ڪو نہ ٿو. "مان بابا کي معتدل نموني ۾ ڇيو. بابي کي اڳيئي جوش هو سو ماءُ جو مٿيون جملو ٻڌي هيڪاري جنبش کٽي ويس. يڪدم مونتي موچڙن جو زيپٽ شروع ٿي ويو. بابي جي مار بہ اڌ ڪلاڪ هلي. جنهن منهنجا هڏ گڏ ڀڃي وڌا. آئون بيمار ٿي بستري تي ڪري پيس. مونکي نمونيا وٺي وئي. ڪٽ تي پيو آهيان تہ بہ ماءَ جي ڦٽڪٽ، پيءُ جي لعنت سهندو رهيس. ڪنهن مهل اوچتو دل ۾ خيال نمودار ٿيو تہ "تحقيق ڪوڙ زندهہ باد، سچ مرده باد".

بس! هينئر بہ جنهن وقت اهو وقت ياد پوندو آهي تڏهن اکين مان روئڻ ايندو آهي ۽ دل ۾ "ڪوڙ زندهہ باد" جا نعرا بلند ٿيندا آهن.

تحقيق "ڪوڙ زندهہ باد"

تحقيق "ڪوڙ زندهہ باد".

ٻڌائڪ هنيو ڦريو ٿو وڃي.

نيٺ بابا ۽ آئون گڏجي گهر پهتاسون.

امان بابا جي اهڙي جوشيلي ڇهري مان سمجهي ويئي ته اڄ ضرور هن نياڳي ڪو نه ڪو ڪتراڳ ضرور ڪيو هو. امان مونکي ٺڙ پڙ ڇوڙڻ لڳي ڇورا نياڳا! اڄ به ڪو نياڳ ڪيو اٿيئي؟

آئون: ها امان!!

ماءُ: ها امان جا سڳا؟! ڇا ڪيو اٿيئي جو پٺيءَ ڪي ايڏي ڇڙ وني وئي آهي؟

(مون ته رات ڪان اهو ارادو ڪيو هو ته اڄ ڪان وني ڪوڙ هرگز نه ڳالهائيندس)

آئون: امان! رات آئون جوا تي ويو هوس. جنهن جي ڪري اسڪول جو ڪم نه تي سگهيو. تنهن ڪري هيڊ ماستر اسڪول کان ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو خواجه اسٽريٽ وٽ بابو به گڏجي ويو. ان سان به ساڳئي حقيقت ڪيم. جنهن به ڏاڍي جٺ ڪئي.

ماءُ: (غصي ۾) ڪارو اٿئي منهن؟ پڙهي اڪ ڪارا ڪري ڇڏءِ. اهو ڏنڌو متان ڇڏين؟ نالائق...بي شرم...نا...نا...نا...نا اوچتو ست ڪڙيو پادر نڪاءِ ٿيو. آئون وڃي در تي لڳس. مٿو ڦاٽي پيو. رت تمائيندو گهوڙا گهوڙا ڪرڻ لڳس.

هينئر ڇا لاءِ ٿو روئين؟ جڏهن جوا ڪئي تي تڏهن گد گد هئين؟ بي شرم...ڪميٽا...؟!

بابا ڪڙڪيدار آواز ۾ ڇيو "جوا مان ڪيترو ڪتئي؟" امان غصي مان پڇيو "پنج رپيا هارايم" مون جواب ڏنو. اهو ڏنڌو ڪندو اڇج انهيءَ مان پرائيندين؟" امان سخت غصي ۾ ڇيو.

ايتري ۾ اوچتو دروازي تي ڪڙڪو ٿيو نڪ...نڪ در ڪوليو...در ڪوليو...در ڪوليو."ڇورا نياڳا! ڏسين پيو ته در تي ڪو ماٺهو بيٺو آهي. تڏهن به وينو آهين. شايد! پادر مليائي ڪو نه اٿيئي". امان ڪاوڙجي ڇيو نا...نا...نا اوچتو ست ڪڙيو وري پادر نڪاءِ تي ويو. روئندو روئندو دروازي وٽ پهتس، دروازو کوليم. ڏسان ته پاڙي واري پوڙهي عورت بيٺي آهي. جنهن جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. سو اندر گهڙي آئي. انهيءَ وقت بابا به وينل هو. پڊڙي عورت ايندي شرط اچي بابا جي اڳيان ڪري پئي.

وات مان "فرياد رس- فرياد رس" جا الفاظ اچاريا پئي ويس. "ڏاڏي ٻڌاءِ

آئون: سائين! ڪلهہ صبح کان وني ٻنپهرن تائين گهر جو ڪم ڪندو رهيس. باقي منجهند بعد آئون دوستن سان جوا کيڏڻ ۾ مصروف هوس.
هيڊ ماستر: ڇا تون مئٽرڪ جو شاگرد ٿي ڪري جوا کيڏندو آهين؟
آئون: نہ سائين نہ صرف ڪالهہ ئي ڪڏيس.
هيڊ ماستر: ڪيتري دير راند ڪڏءِ.
آئون: سائين ٻنپهرن جي ماني کان وني رات جو دير تائين.
هيڊ ماستر: اترو وقت! ڇا توکي مائٽن جي مفلسيءَ جو ڪو بہ ڏپ ڏاءُ نہ هو. بي شرم! نالائق. نڪري وڃ ڪلاس مان!!
آئون روئندو روئندو گيٽ (دروازي) کان ٻاهر نڪتس. اچا ٿورڙو ئي پنڌ مس ڪيم، تيستائين خواجہ اسٽريٽ ۾ بابا بہ گڏجي ويو.
”ڇا توهان کي اسڪول مان سويري موڪل ملي آهي“. بابا حيرت انگيز نگاهن ۾ پڇيو.
آئون: نہ بابا...
بابو: پوءِ ڇو؟!!
آئون: هيڊماستر اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو.
بابو: هان؟!!(حيرت ۾)
آئون: جي ها!
بابو: سو وري ڪيئن؟ ڇا توکو نياڳ ڪيو آهي؟
آئون: (ڪجهہ روئٹهارڪو منهن ڪري) بابا نہ!
بابا! اون، اون، اون ڪري روئي پيس.
بابو: جلدي ٻڌاءِ ڇا ڪيو اٿيئي؟ او ڇورا؟
آئون: بابا! اسڪول جو ڪم ڪو نہ ڪيو هو؟
بابو: ڪلهہ شام جو ڪيڏانهن رلڻ ويو هئين؟
آئون: بابا! جوا ٿي دوستن سان گڏجي.
بابو ٻڌندي شرط ٿيپي لعل ٿي ويو.
بابو: (غصي ۾ لعل ٿي) ڪلهہ جو شام جو تون گهر ڪين آئين، سو تون جوا ۾ مصروف هئين؟
آئون: جيءُ ها!
بابو: نالائق....بي شرم اسان جون اميدون خاڪ ۾ ملائيندي ڇا؟ اسان کي چوين آئون وڃان ٿو مدرسي شبينہ درالقرآن ۾ قرآن شريف جي تعليم وٺڻ پر تون وڃين دوستن سان جوا ٿي. شرم ڪو اچيئي ٿو جو مائٽن کي

# ڪوڙ زنده باد

ڊسمبر جو مهينو هو اتر جي ٿڌ ڪان لڳ ڪانڊرجي ويا ٿي. آسمان ۾ ڪڪرجهڙ لايو بيٺا هئا. رات انڌوڪاريءَ سان ڇانيل هئي. يارهين بجي آئون اڇي گهر پهتس. مون لاءِ هڪ ڇنل کٽ تي فراسي وڇايل هئي، کٽ تي ليٽي رهيس. ليٽندي شرط ڪن عجيب خيالن ۾ مبتلا ٿي ويس. ڪنهن مهل اوچتو خدائي ڊپ نمودار ٿيو. بس! پنهنجا عيب دل تي تري آيا. ماضيءَ جي افسوس ڪان اکين مان پڇتاءُ جا لڙڪ جاري ٿي ويا. ڪيل گناهن کي ياد ڪري رهيو هوس، پنهنجا عيب ڳڻيندي ڳڻيندي مونکي واعدي شڪني، دغابازي ۽ ڪوڙ منجهن عيبن ۾ ڪا بہ "ويئليو" Volue ڪو نہ ٿي رکي سگهيا. بس! عجيب ارادو ٿيو تہ اڄ ڏينهن کان وٺي ڪوڙ نہ ڳالهائيندس". انهيءَ خيال جي تعميل ڪرڻ واسطي صبح لاءِ منصوبا سٽڻ لڳس تہ ڪيئن آئون پنهنجي انهيءَ ارادي کي عملي جامو پهرايائين؟ انهيءَ فڪر ۾ صبح کي ياد ڪندي ڪنهن مهل ننڊ ڪٽي ويم. صبح ٿي ويو ڏندڻ پاڻيءَ بعد رکي سکي ماني کائي اسڪول روانو ٿي ويس، منهنجو اجا اسڪول ۾ پير پائڻ- تيستائين گهنڊ جو لڳڻ اسيمبليءَ کان فارغ ٿي ڪلاس ۾ اچي ويس.

"يار احمد! اسڪول جو ڪم ڪيو اٿئي؟ هيڊماستر اچڻ وارو هوندو!" منهنجي ير واري ڇوڪر چيو. آئون اها خبر ٻڌي وائڙو ٿي ويس سوچڻ لڳس تہ خدا کي خبر هاڻي ڇا ٿيندو؟ اجا اهي پئي خيال پچايم تہ هيڊ ماستر بہ اچي ويو منهنجو آباقي هوش بہ ويو هليو.

"ڇوڪرؤ! ڪلهہ اسڪول جو مليل ڪم ڪيو اٿو" هيڊ ماستر ڪڙڪندڙ آواز سان چيو "هائو سائين هائو!" فقط مون ڪانسواءِ ٻين ڇوڪرن چيو "اڙي احمد! تو اسڪول جو ڪم نہ ڪيو آهي ڇا؟" هيڊ ماستر مون کان رعبدار آواز ۾ پڇيو "نہ سائين" مون روئڻ هارڪي منهن سان چيو.

هيڊماستر: ڇا ڪلهہ سڄو ڏينهن پنئين پئي ڇا؟"

آئون: "نہ سائين"

هيڊ ماستر: پوءِ ڇو اسڪول جو ڪم ڪيئُہ نہ؟

شينهن وانگر اتي بيهي رهيو ۽ ناظم خان کي پنهنجي چادر سان لڪائي، چوڻ لڳو تہ: آئون اها ساڳي بدنصيب آهيان جيڪا هن فتني جي پاڙ آهيان مان ناظم خان جي هاڻي سڀ ڪجهہ آهيان ۽ هاڻي انهيءَ جو وار وانگو بہ نہ ڪرڻ ڏينديس“. ناظم خان کي هاڻي معلوم ٿيو تہ اها منهنجي پياري ”محبوبہ“ آهي، مگر مرزا ولي خان عورت جي عرض کي نڪرائي ڇڏيو ۽ ناظم خان ۽ ان جي محبوبہ کي گرفتار ڪري زندہ شهنشاهہ جي خدمت اقدس ۾ حاضر ڪيائين.

دربار شاهجهانيءَ ۾ مقدمو داخل ڪيو ويو: عورت پنهنجو رنگين داستان روئندي شروع ڪيو.

”آئون ئي آهيان، جيڪا هن فساد جي پاڙ آهيان، مون ناظم خان جي زندگي تبديل ڪري ڇڏي، مون هن کي محسوس ڪرايو تہ ڏاڪو هڪ خدائي مجرم آهي ۽ هي ڪا بہ خدمت خلق ڪري نٿو سگهي، هي جنهن جي تلاش ۾ هو سا تلاش مون هن جي پوري ڪئي. هاڻي هن سڀ عادتون ترڪ ڪري ڇڏيون. هن وقت هي سزا نہ، مگر انعام جو مستحق آهي. آخر ۾ منهنجي دربار ۾ هي التجا آهي تہ مرزا ولي خان هن کي گرفتار نہ ڪري!!“

شهنشاهہ شاهجهان عورت جو مغموم فرياد ٻڌندي، سندس اکين مان لڙڪ شبنم جيئان وهڻ لڳا ۽ مغموم حالت ۾ فيصلو ڪندي فرمايو تہ ”مرزا ولي خان ڪو بچڙو ڪم نہ ڪيو. ڇو تہ ناظم خان ڪنهن وقت حڪومت جو مجرم رهي چڪو هو....مگر جڏهن هن سڀ ڳالهيون ترڪ ڪيون آهن تڏهن آئون هن کي معاف ڪريان ٿو. معاف ڪرڻ جي بجاءِ التو هن کي بنگال جي فوج جو ڪمانڊر اعليٰ مقرر ڪيان ٿو“. انهيءَ فيصلي تي امير امراءَ سڀ متفق ٿيا ۽ شهنشاهہ شاهجهان قاضيءَ کي فرمايو تہ ”ناظم خان ۽ انجي محبوبہ جو نڪاح وڏو وڃي“.

خير....هاڻي ناظم خان کي پنهنجي محبوبہ ملي چڪي هئي، هاڻي هو ڏاڪو نہ هو. مگر هو پياري محبوبہ جو پاسبان هو ۽ مليٽري جو اعليٰ آفيسر هو....اڄ بہ تواريخ سندس حالات زندگي سونهري الفاظن ۾ قلمبند ڪري ٿي.

زندگيءَ جي هڪ ناڪاميابي انسان جي دماغي توازن لاءِ زهر قاتل ثابت ٿئي ٿي. هڪ ناڪاميابي رهبريءَ کي رهزني ۾ تبديل ڪري ٿي.

صاف چوڻ لڳي تہ ”آئون ڪنهن بہ قيمت تي توسان شادي نہ ڪنديس“ انهيءَ ڪانپوءِ هُو ڦرلٽ ڪرڻ لڳو. شهنشاهہ کي هي پڻ معلوم ٿيو تہ نوجوان ڇوڪريون بہ انهيءَ ڪري ڀڄائي ٿو تہ متان انهن ۾ سندس ”محبوبہ“ اچي وڃي ۽ هيءَ بہ خبر پيس تہ ناظم خان اصل ۾ فوج جو ملازم هوندو هو. مگر جڏهن عشق جا رنگين داستان شروع ٿيا. تڏهن ملازمت ڇڏي هن ڌاڪي زني اختيار ڪئي.

شهنشاهہ شاهجهان پنهنجي رعب و تاب سان دهلي جي تخت تاج تي رونق افروز ٿي چڪو هو. ناظم خان جا فرياد اچڻ لڳا. دربار شاهيءَ ۾ ناظم خان جو معاملو پيش ٿيو. امير امراءَ ۽ ايمان سلطنت مشورو ڏنو تہ ”دهلي کان فوج رواني ڪئي وڃي تہ ڌاڪو ناظم خان گرفتار ٿئي“. انهن الفاظن شهنشاهہ شاهجهان جي دل تي بلڪل گهرو اثر ڪيو ۽ تامل سان فرمائڻ لڳو. ”ڇا هي بہ ڪا حڪومت آهي جو هڪ ڌاڪوءَ جي گرفتاري لاءِ دارالحڪومت کان فوج رواني ٿئي؟ نہ....نہ....مگر هي تہ سوال بلڪل سولو آهي...مون ٻڌو آهي تہ ڌاڪو ناظم خان هڪ عورت سان محبت ڪري ٿو. اگر اها عورت انهيءَ جو علاج ڪري تہ پوءِ جنگ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو!“

اهو نيڪ مشورو ڪيترن اميرن وزيرن قبول فرمايو. مگر ڪي اهڙا بہ هئا جن چيو تہ ”حڪومت جي انتظام ۾ خلل بند ڪرائڻ لاءِ جبر و استبداد کان ڪم وٺڻ گهرجي“ مگر بااصول شهنشاهہ پنهنجي راءِ تي قائم رهيو ۽ مرزا ولي خان کي فرمايو تہ ”ناظم خان جي محبوبہ سان ناظم خان جي متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪر ۽ انهيءَ کي يڪطرفو فيصلي تي مائل ڪر“.

مرزا ولي خان، فرمان شاهي جي تعميل خاطر انهي عورت کي گهرايو ۽ چيائينس تہ ”ناظم خان جي مرضي رک هو توکي هر وقت خوش رکندو“. عورت جواب ۾ فرمايو ”حضور اعليٰ: مونکي ناظم خان پسند آهي، ليڪن مونکي انهيءَ جو ظلم پسند ناهي، اگر مونکي جرئت ٿي تہ آئون هن کي صراط المستقيم تي هلائينديس“ عورت بہ بااصول هئي. انهيءَ جو ناظم خان کي گهرائڻ سندس اصول وٽان نہ هو...تنهن ڪري مرزا ولي خان کي التجا ڪندي چيائين تہ ”ناظم خان کي مون ڏانهن موڪليو وڃي ۽ منهنجي پوري طرح حفاظت ڪئي وڃي ڇو تہ مونکي شڪ ٿو پوي تہ متان مونکي ناظم خان کو نقصان پهچائي“.

اها ڳالهہ مرزا ولي خان کي بلڪل پسند پئي، جنهن هڪ وڏي احتياط

# عهد شاهجهاني جو هڪ سچو افسانو
## ”ناظم خان ۽ انجي محبوبه“

مغل شنهشاهيت جو سونهري دور هو دهليءَ جي تخت و تاج جو مالڪ شهنشاهه شاهجهان ٿي چڪو هو. پارت ونش جي اقتصادي توڙي معاشي حالت سني نظر اچي رهي هئي. حقيقتاً هندستان ۾ هر طرف امن جي هوا چالو هئي جڻڪ هندستان جنت الفردوس جو پارٽ، ادا ڪري رهيو هو. انهيءَ دوران بنگال مان شهنشاهه جهان کي خبر پهتي تہ: ”هڪ شخص نالي ناظم خان بغاوت ڪڙي ڪئي آهي، جنهن ڊاڪ زني بہ شروع ڪري ڇڏي آهي. ڪيترين نوجوان ڇوڪرين پجائي وجي تو ۽ سرڪاري آفيسرن کي قتل ڪري ٿو.“ شهنشاهه شاهه جهان اها خبر ٻڌندي تپي لعل ٿي ويو...مگر...ڪجهه سوچڻ بعد بنگال جي صوبيدار مرزا ولي خان کي فرمايو ويو تہ ”ڊاڪوءَ کي زنده گرفتار ڪيو وڃي“ هڪ مهينو گذري ويو مگر ناظم خان گرفتار نہ ٿيو مگر جيئن پوءِ تيئن ڦرلٽ وڌندي وئي، ”چري ڪيئن، جي چري ويران ويران ول“. جي مصداق ڪيترن قسمين جا فرياد دهليءَ ۾ وري وري اچڻ لڳا....مگر....مرزا ولي خان پنهنجين ڪوششن ۾ ناڪامياب ٿيندو رهيو.

ائين شاهجهان کي معلوم ٿيو تہ ناظم خان ڪنهن عورت جو ڪنل آهي، جا حسين ۽ پاڪباز عورت آهي ۽ ان عورت ساري عمر ڪنواري رهڻ جو قسم ڪنيو آهي ۽ مردن کان متنفر آهي. اهو بہ معلوم ٿيس تہ اوچتو ناظم خان جي نظر متس پئي آهي. جڻڪ انهي نظر شادي جو پيغام ڏنو آهي. مگر پاڪباز عورت انهيءَ جي ڇنبي ۾ نہ اچي سگهي. ناظم خان ان کي ڌمڪي ڏني آهي تہ هوءَ مون سان شادي ڪري، بي حالت ۾ ڪيس مجبورن شادي ڪرڻي پوندي. اها ڌمڪي عورت کي ناپسنديده بہ لڳي ۽ جا ڪيس صاف

# افسانا

اهڙيءَ ريت سندس ٻئي غزل مسعور ڪن نظر اچن ٿا ۽ سندس هن مجموعي اندر ٻيو جيڪو به ڪلام آهي سو اهڙو ئي پرنمڪ آهي. سادي زماني سازي ڪندي دنياداريءَ طرف راغب ڏسجي ٿو. هڪ جاءِ تي هڪ مرحبائي شعر ۾ سياسي ليڊرن جي آءُ ڀڳت ڪندي چوي ٿو ته:

هر قدم تي گل ڇٽي ورڪا ڪٿوريءَ جي ڪريان،
ڇيج مان ڇٽڪاريان، اڄ مشڪ عنبر مرحبا.

سندس ايڪتاليهون غزل ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان والهانه پيار جو اظهار ڪرڻ جي سلسلي ۾ آهي.

اسين سادا سچا ماڻهو، اسان جو پيار پي پيءَ سان،
ابوجهن آهي ايرن جو، سچو سهڪار پي پيءَ سان.

هن غزل اندر مختلف سياسي ليڊرن ۾ ڊاڪٽر عبدالواحد سومري، غلام قادر پليجي ۽ محترمه سسئي پليجو جو تذڪرو آهي. ان کان سواءِ تقريبن 60 قومن ۽ قبيلن جو پڻ ذڪر ڪري ٿو.

جمال جو 43 هون غزل پنهنجي قومي سردار چيف آ ڪلمت جي لاءِ ۽ ان جي ساراهه ۾ مخصوص آهي جنهن ۾ چيف سردار جي پڳ ۾ 353 پاڙن مان پنهنجي غزل ۾ 23 سڪيه پاڙن جو ذڪر ڪيو اٿس سندس ڪلام ۾ پاڃوڪڙ سياسي ليڊرن بابت چيل هڪ غزل.

ورهين ڪانپوءِ ويچارو ڪٽي اڄ ڪار آيو آ.
وني جو ووٽ ويو اڳ ۾ پيگل پوتار آيو آ.

اهو هن جي مجموعي جي آخري ۾ 45 هون غزل آهي، جيڪو پنهنجي تر ۾ ڏاڍو مشهور به ٿيو. جمال صاحب پنهنجي مجموعي ڪلام جي آخر ۾ ”مخمس“ ۽ ”مسدس“ شامل ڪيا آهن. انهن مان سندس مخمس ته الله تبارڪ و تعاليٰ جي حضور ۾ التجا آهي. باقي مسدس جا مختلف موضوع رکيا اٿس، جيڪي پنهنجي پنهنجي موضوع جي مناسبت جي ڪري اهم آهن. پر آخري مسدس جيڪو شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت تي چيو اٿس، سو ڏاڍو دل لپائيندڙ ۽ پرسوز آهي. بهر ڪيف اهڙيءَ ريت سندس سمورو مجموعو ڪلام سنڌي ادب جي شعر و سخن جي باب ۾ ئي گرانقدر اضافو چئجي ته ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. دعا آهي ته الله پاڪ جمال کي اڃا به ذوق سليم ۽ زور قلم عطا فرمائي جيئن سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهي آمين.

هن غزل ۾ پاڻ قافئي ۽ رديف سان خوب نڀايو اٿس. انهيءَ غزل جي آخري مقطعي ۾ ڪجهه هن طرح رقم طراز آهي:

حسن و "جمال" ۽ عقل سڀ انسان کي حاصل ٿيا،
"الله" جو انسان تي ڪيڏو وڏو احسان آ.

ان کان علاوه جمال صاحب پنهنجي باڪمال شاعريءَ ۾ سنڌ جي الهامي ۽ آفاقي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ لاءِ عقيدت جا گل به نڇاور ڪيا آهن. اسان کي سندس هن مجموعي ۾ 2 اهڙا عاليشان غزل پڙهڻ ملن ٿا، جن ۾ پاڻ لاکيڻي لطيف جي شعره آفاق رسالي جي 28 سُرن جو تذڪرو ڪيو اٿس. مثال طور پاڻ پنهنجي غزل ۾ چوي ٿو ته:

"ڪاهوڙي"، "ڪاپائتي"، "ڪيڏارو"، "ڪارايل"، "ڪنيات"،
۽ "يمن ڪلياڻ"، "ديسي"، ڏار آ عبداللطيف.

جيتوڻيڪ لطيف سرڪار جي رسالي ۾ ڏنل سُر ته اهي سيئي آهن، پر ترتيب جي لحاظ کان ڪجهه فرق نظر اچي ٿو. جيڪڏهن جمال صاحب انهن سرن کي ترتيب مطابق پنهنجي شعرن ۾ بيان ڪري ها ته بهتر هو. بهرحال پوءِ به محترم دوست جي محنت ڪي جس آهي. لطيف سرڪار جن لاءِ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي انهيءَ غزل جي نالي واري بند ۾ رقم پذير آهي ته:

سُنخور گوهر فشان جو چا لکان حسن و "جمال"!
چند جملن ۾ لکيم، اشعار آ عبداللطيف.

لطيف گهوٽ تي چيل سندس غزل ۾ هيءُ شاهڪار غزل چئي سگهجي ٿو. هن غزل ۾ پاڻ سهڻي لطيف کي دنيا جي مختلف عظيم شاعرن، سعدي شيرازي، حافظ شمس الدين شيرازي ۽ عمر خيام کان علاوه جلال الدين روميءَ سان به ڀيٽا ڏني اٿس. انهيءَ غزل جو هڪ بند آهي:

سنڌ جو سعدي، ۽ حافظ ۽ عمر خيام آ،
ناهي روميءَ کان جدا، هي لال لاکيڻو لطيف.

انهيءَ غزل جي آخري بند ۾ جمال صاحب پنهنجي نالي واري مصرع سان گڏ پنهنجي شعر جي آخري مصرع ۾ به خوب نڀايو آهي.

جنهن به ڪئي تنهنجي ثنا، سو خوب خوش هوندو "جمال"،
خوش خدا جنهن کان سدا، هي لال لاکيڻو لطيف.

هن طرح لکيو اٿس:

جن ڏنو ڪڌهين نہ هو بس، سچ چنڊ ساري چمار،
ڪامي خيمان ويا سندن ۾ قيد خانو دنگ آ.

جمال پنهنجي ٻي منقبت ۾ وري حضرت امام حسين رضہ جن کي مخاطب ٿيندي هن طرح قلمراني ڪري ٿو:

تنهنجو شاهي شانُ اعليٰ، شاهہ مردان شيردل،
تون امام اولاولياءَ اڳواڻ، افسر يا حسين!

انهيءَ منقبت اندر وري ٻين شهيدن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

تنهنجي اصغر، تنهنجي اڪبر تنهنجي قاسم ڪي ڪُهي،
سر ڪٽي سختيون ڏنيون، ميدان اندر يا حسين.

جمال پنهنجي هن مجموعي ۾ امامن سڳورن جي ياد ۾ انهن جي لازوال قربانين لاءِ عقيدت جا گل نڇاور ڪندي، پنهنجي آخري منقبت ۾ ڪربلا جي ڪيس جو ذڪر ڪندي يزيدين جي گرزن، گزن ۽ نيزن کي بہ بيان ڪيو آهي هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

گرزگر، تيزي تکا، سل سل ڪري سينو ويا،
نيمچا نيزا هٽي، تن ناز ڪن کي ڪيا نشان.

هن منقبت جي آخري بند ۾ پنهنجي نالي جو استعمال بہ ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪيو اٿس، جمال پنهنجي نالي واري مصرع ۾ لکيو آهي تہ:

سئو دفعا هو سچ ڪان وڏ، تن جو جوهر ۾ ”جمال“
ڪوفين کي ڪهڙي طاقت، اصل هي هو امتحان.

بزم جيلانيءَ جو اهو بہ دؤر هو جڏهن مشاعرا بہ زورن تي هئا ۽ هر مهيني ڪنهن نہ ڪنهن جي طرح مصرع تي مشاعرو ٿيندو رهندو هو. ان دؤر ۾ محترمہ جمال بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريا هئا. سندس مذڪوره 45 غزلن مان اڪثر اهي غزل آهن جيڪي پاڻ طرح مصرعن طور ناهيا هئائين ۽ پاڻ مختلف ماهوار مشاعر پڙهيا هئائين. اسان انهن غزلن جو جائزو مختصر طور تي هتي پيش ڪيون ٿا. جيئن سندس پلوڙ شاعريءَ مان محظوظ ٿي سگهجي.

جمال جي هڪ طرح تي چيل غزل جو بند آهي:

انسان جي ڪردار تي انسانيت نالان آ،
انسان جنهن ۾ اُنس ناهي سو تہ بس حيوان آ.

جمال جي پنهنجي مجموعہ ڪلام جي ايڪتاليهين غزل بعنوان ”پيءَ سان“ ۾ ساڪري جي تقريبن 64 قومن ۽ برادرين جا نالا ڳنڍيا آهن. هيءَ غزل ٽلهہ سميت 12 بندن 24 مصرعن تي مشتمل آهي، جنهن جو آخري نالي وارو بند پيش ڪجي ٿو.

”جمال“ آهي سڄي جڳ سان، دعا گهرندڙ اوهان جي لئہ
نيو هڻ ”تير“ تي ناهي، نہ ڪر انڪار پي پيءَ سان“.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان عشق جي حد تائين والهانہ پيار رکندڙ جمال وري بہ مارئيءَ جي ماروئڙن کان جدائي ۽ ان جي ڏک ۽ درد جي ڳالهہ ڪري ٿو. سندس 42 هين غزل ۾ مارئيءَ جي ملڪ جي سلوٽن سنگهارن سانگيئڙن، پٽن، لين لاٽن، مورن ۽ ڍيلن جي تلڻ قمرين، طوطن ۽ ڪوئل جي ڪوڪن کان سواءِ ڪارن ڪانگن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هيءَ غزل ٽوٽل 13 بندن ۽ 26 مصرعن تي مشتمل آهي، هن غزل جو آخري مقطعو ملاحظہ ڪريو:

”مائٽيءَ کان پيي مٿي آ، مال ملڪيت تي جمال،
آهي دولت جي نشي ۾، مال وارن منهن مٽيو“.

جمال پنهنجي هن مجموعي اندر چيف آف ڪلمت کي سلام پيش ڪيو آهي. هن غزل مان پتو پوي ٿو تہ ڪلمتي قوم جو سردار، جيڪو ٽيويهن ”پٽن“ ۽ 353 پاڙن جي قومي سرداريءَ جو شرف رکي ٿو. ان کي سلام پيرغلام جيلانيءَ پاران ڏنل طرح مصرع.

”ٻڌايو ڪي منا مون کي پرينءَ جي پار جون خبرون“. جي طرح تي جمال اهو خوبصورت غزل پڙهو هو ۽ هن راقم عاجز بہ پنهنجي ڪم علميءَ ۽ ايري حال سارو غزل پڙهيو هو. هن غزل ۾ محترم جمال ڪافئي کي ڏاڍي ڪاريگريءَ ۽ فراست سان نڀايو هو. هن ڪتاب ۾ بہ سندس اها نعتيہ غزل موجود آهي. بهرڪيف، سندس نعتيہ غزلن کان علاوه منقبتون دلپذير آهن. هن ڪتاب اندر پاڻ 3 عدد قصيدا ڏنا اٿس، جيڪي حضرت امام صاحبن شهداءِ ڪربلا جي شان ۾ چيا اٿس. پهرين منقبت ۾ جمال داستان ڪربلا جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

داستانا پيا بہ ٿيا، هي داستانو دنگ آ،
ڪربلا ميدان جو، هڪ هڪ ديوانو دنگ آ.

انهيءَ منقبت ۾ ڪربلا واري جنگ جي منظر نگاري ڪندي ڪجهہ

جو شعر تصحيح ڪري ۽ پاڻ وري انڪساريءَ کان ڪم ونندي پنهنجو ڪلام ٻئي ڪنهن سنيئر ۽ پڪي شاعر کان پنهنجو تصحيح ڪرائي اهائي ان جي نوڙت آهي.

جمال پنهنجي نالي جيئان پنهنجي ڪلام ۾ چوند جمالياتي جوهر ڏيکاريا آهن. جنهن مان سندس جمالياتي حسناڪين جا جلوا پڻ جهلڪندي نظر اچن ٿا. حسن تخيل، پسمنظر ۽ بهترين خيالن جي پختگي ۽ لفظن جي هم آهنگي مان پتو لڳي ٿو تہ جمال باقاعده هڪ پڪو پختو، پر ناهوڪو شاعر آهي. بهرحال هن نئي جي ماضيءَ جي شاندار ۽ تابناڪيءَ جو ڀرم رکيو آهي اج بہ اسان چئي سگهون ٿا تہ اسان جيڪڏهن نئي جي ماضيءَ واري علمي شاهوڪاري ۽ شاهڪاريءَ جو مثال طور نمونو جمال گبول جهڙي خوبصورت شاعر کي پيش ڪري سگهون ٿا.

جمال جو هيءَ ڪتاب هڪ حمد شريف، چار نعتون شريف، ٽي قصيدا، نوَ عدد مخمس، يارنهن مسدس ۽ پنجيتاليهہ غزلون پيش ڪري ٿو. جنهن مان سندس شعري صنفن ۾ قابليت جو اندازو ٿئي ٿو. جمال جي هن ڪتاب ۾ ڏنل مُنڍ واري حمد شريف تہ الف وار عربيءَ واري الف-بي وار ۽ 40 هين غزل ۾ ٽليهہ ساڻ 15 بند آهن. جن ۾ پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوارن جي ڪاميابيءَ تي کين مبارڪباد سان گڏ وري انهن جي اچڻ تي مبارڪون پيش ڪيون آهن. جنهن ۾ ايم پي اي محترمہ سسئي پليجو صاحبہ ۽ ايم اين اي جناب ڊاڪٽر عبدالواحد سومري صاحب کي نالا وٺي مبارڪ ڏني اٿس. جيئن محترمہ سسئي پليجو کي مبارڪباد ڏيندي ۽ مرحبا چوندي لکي ٿو تہ:

”آهي قدرت جي طرف کان ”ساڪري“ ساري اندر،
سوڀ ”سسئيءَ“ کي سري، آهي سراسر مرحبا“.

اهڙيءَ ريت انهيءَ غزل اندر محترم ڊاڪٽر عبدالواحد سومري کي هيءَ مرحبائي ۽ مبارڪن جا الفاظ پنهنجي شعر ۾ رقم ڪيا اٿس:

”واهہ!! جي هيءَ آهي ”واحد“ ملهہ مخالف کي هنئين!
سوچي سوچي سڌ چڏي ويو، سو تہ سڀاجهر مرحبا“.

اهڙيءَ طرح انهيءَ ۾ چاليهين طويل غزل ۾ ملڪ جي مهربانين ۽ فردساڻي ساداتن جي دعا ۽ ”عمر اسلم“ جو تذڪرو بہ ڪري ٿو تہ ساڳئي وقت جناب غلام قادر پليجي جو ذڪر ڪرڻ بہ کين وساريو اٿس.

# پلتيا پور پرينءَ جا

زير نظر ڪتاب ”پلتيا پور پرينءَ جا“ پنهنجي پياري ياڻرن جهڙي عزيز دوست محترم جمال مراد ڳبول جي پهرين ڪاوش آهي. ڏاڍيءَ در دعا آهي تہ رب ڪريم ڪيس مزيد زور قلم عطا فرمائي آمين. سندس اندر جو آواز منظرعام تي اچي. هونءَ بہ هڪ شاعر جو ڪلام ان جي جذبات، امنگن ۽ سوچن جي عڪاسي هوندو آهي ۽ سندس شاعري انهن محسوسات جو مظهر هوندي آهي هيءَ ڪتاب بہ جمال جي اهڙن احسان جو مجموعو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي اندر جا اڌما اوريا آهن.

جمال پنهنجي ضلعي جي قديم شاعرن جي تاريخ ۽ تابناڪ ماضيءَ جي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي ۽ پابند شاعريءَ واري روايت کي برقرار ڪندي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس هن انمول شاعريءَ ۾ نئين جي قديم غزل گو شعراءُ جو رنگ موجود ملي ٿو. سندس ڪلام پڙهڻ سان اهوئي لطف ملي ٿو جيڪو ڪلاسيڪي شاعري، گائيڪيءَ جي انداز ۾ ملندو هجي. جمال جي شاعريءَ ۾ سندس استادن مرحومين: مرحوم محمد هاشم لهر ڪيشوي (خاصخيلي) مرحوم عبدالله اسلم ساڪرائي (سندس مامو) ۽ مرحوم سائين شمشاد ساڪرائيءَ کان علاوه ساڪري جو الهامي ۽ قادرالڪلام برک شاعر مرحوم مغفور عبدالرشيد ساڪرائي (ڳورهي بلوچ) جو تاثر پڻ پليءَ پت پروڙي سگهجي ٿو.

مذڪوره بالا انهن پڪن ۽ پختن شاعرن جي صحبت جي ڪري سندس ڪلام علم عروض جي ماپن ۽ اصولن تي پورو لهندي نظر اچي ٿو. ڪٿي بہ بحر ۽ وزن جي اوڻائي يا کوٽ ڪو نہ ٿي ملي. ان جي باوجود هيءُ مانيٽو ڪم گو ۽ فقير منش انسان پنهنجي شاعري ڳاهي بڳاهي مختلف شعراءُ حضرات کي پڻ ڏيکاريندو ۽ تصحيح ڪرائيندو رهندو آهي، جيڪو سندس عاجزانہ خلق آهي، ورنہ هڪ استاد شاعر جيڪو خود بين

محمد حيات ٿھيم، خواجہ بخش علي ”شاد“ عبدالسلام ”عبد“، الھڏنو ”اداسي“، احسان نھڙيو زين العابدين قريشي، غلا علي سميجو نواز شيخ، الھرکيو شاھہ ”عاجز“ عمر ھنگورجو احمد ”عجيب“ جت ۽ زاھد اسحاق سومرو اڇي وڃن ٿا. مرحوم محمد عمر ”مقتول“، مرحوم ”بادل“ خواجہ ۽ مرحوم آدم ھنگورجو ماضي قريب جا جاتي تعلقي جا شاعر ٿي گذريا آھن.

جاتيءَ ۾ وقت بہ وقت علمي ادبي انجمنون قائم ٿينديون رھيون آھن. ھن وقت سنڌي ادبي سنگت، بزم شعراءِ سنڌ، بزم طالب المولىٰ ۽ مغليين ادبي سوسائٽي قائم آھن پر سندن سرگرميون نہ ھئڻ جي برابر آھن. البتہ مغليين جي ساليانى ميلي جي موقعي تي سنڌي ادبي سنگت يا مغليين ادبي سوسائٽيءَ طرفان ادبي ڪانفرنسون ٿينديون رھنديون آھن، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جھڙا بلند پايہ اديب شرڪت ڪري چڪا آھن.

ويجھي عرصي ۾ ذاڪر حسين ڪٽي ”درگاھہ مغليين جون ريتون رسمون“، ”راقم الحروف“ جو ”تاريخ جاتي جا نوان ورق“ ۽ قادر بخش جت جو ”مخمور اڪيون“ ۽ خواجہ بخش علي ”شاد“ جو ”شاھبندر جا اسماعيلي خواجہ تاريخ جي آئين ۾“ نالي ڪتاب اڇي چڪا آھن.

جاتيءَ مان ھن وقت اسڪولن مان رسالن نڪرڻ جو سلسلو جاري آھي، پھرين ھائير سيڪنڊري اسڪول جاتي طرفان ”مگرپين“ رسالو جاري ٿيو. ان ڪانپوءِ مغليين پرائمري اسڪول ”پيچ پياٽي“ نالي سان پنھنجو رسالو ڪڍيو. تورو اڳ ۾ مين پرائمري اسڪول جاتي طرفان ”جاتي“ جي نالي سان مئگزين جو اجراءُ ڪيو ويو ۽ ھاٽي ڪميونٽي بيسڊ اسڪول طرفان ”العلم“ نالي مخزن نڪرڻ جون تياريون زور شور سان آھن.

ھتان جي طالبہ مس پروين ٽالپر مقابلا مضمون نويسيءَ ۾ سنڌ ۽ پاڪستان ليول تي پنج، پنج ھزار رپيا انعام حاصل ڪري چڪي آھي. سندس ھڪ مضمون کي عالمي مقابلا مضمون نويسيءَ ۾ پڻ شامل ڪيو ويو آھي. سندس مضمون ۽ انٽرويو تي مشتمل ننڍڙو ڪتاب ”موتي مٽيادار“ اميد تہ جاتي جي علمي ادبي تاريخ ۾ نمايان اضافو ڪندو.

جي ڳوٺ ٽنڊو خواجہ سان آهي، سندس ڪتاب ”لاڙ جي ادبي تاريخ“ سنڌي ادب ۾ اهميت واري جڳهہ والاري ٿي ۽ سندس ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن.

هندستان لڏي ويل سنڌي هندن مان جاتي جو ڄيٺانند عرف ڄيٺو پٽ منگلداس هندستان جو هڪ مشهور اديب آهي، جنهن جا جديد زراعت تي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. پاڻ انگريزي ٻولي جو هڪ بهترين شاعر آهي، هو ورلڊ پوئٽري ايسوسيئيشن جو نائب صدر رهي چڪو آهي. جاتي جو هڪ ٻيو اديب جيڪو اجمير (ڀارت) ۾ رهي ٿو ۽ پاڻ کي ”خوشحال“ جاتوي نالي سان سڏائي ٿو ان جا اڪثر مضمون راقم ”سنڌ واسي“ ۽ ”سنڌو ڌارا“ اخبار ۾ ڏٺا آهن.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ هتي جي نوجوانن ۾ ادبي هلچل پيدا ٿي. شروع ۾ ”بزم روح ادب“ قائم ٿي. ان جي خاموش ٿيڻ کانپوءِ ”لطيف ادبي سنگت“ قائم ٿي، جنهن بعد خالد بن وليد لائبريريءَ جو بنياد پيو. انهنَ سرگرمين ۾ محمد نسيم کتري، رسول بخش ٿهيم ”تميمي“، ابو عثمان ٿهيم ۽ راقم الحروف سرگرم هئا. انهيءَ ڏهاڪي دوران جاتيءَ جي حاجي محمد ميمڻ وڪيل جا انگريزي گرامر تي ڪجهہ ڪتاب شايع ٿيا. 1980ع جي ڏهاڪي دوران جاتي ۾ ”چانڊوڪي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن“ قائم ٿي، جنهن تحت ڪيترائي ثقافتي پروگرام ٿيا. انهيءَ دوران ٽنڊو خواجہ ۾ ”الڪريم لائبريريءَ“ جو بنياد پيو.

1990ع واري ڏهاڪي ۾ جاتيءَ ۾ جيڪي اديب پيدا ٿيا انهيءَ ۾ رسول بخش تميميءَ جو نالو سرفهرست آهي. هن ”شيخ سلامت عرف مغليين“، ”تاريخ جاتي“، ”ننڍو صدين ڪان“ ڪتاب لکي پنهنجو علمي مقام پيدا ڪيو. جڏهن تہ سندس شهرت جو سبب سيرت پاڪ ﷺ تي لکيل بي نقاط ڪتاب ”محمد رسول الله“ آهي جنهن تي کيس صدارتي ايوارڊ ملي چڪو آهي.

اقبال شاهين جاتيءَ جو نوجوان اديب ۽ شاعر آهي. سندس اردو نعتن تي مشتمل ڪتاب ”شمع فروزان“ ڇپجي چڪو آهي. حاجي نور احمد سومري جا انگريزي گرامر تي ڇپيل ڪتاب پڻ وڏي اهميت رکن ٿا.

جاتيءَ جي موجوده اديبن، شاعرن ۾ تميمي ۽ اقبال شاهين کانسواءِ ذاڪر حسين کٽي، محمد نسيم کتري، قادر بخاري، وفا حسين جت، حاجي صدر الدين هنگورجو ارباب احمد هنگورجو رمضان ميمڻ، نورالدين نفيس،

# جاتيءَ جي ڪلراٺي زمين مان ڦٽندڙ خوشبودار ٻوٽا
# موتي مٽيادار جو مهاڳ

سنڌ جيتري قديم آهي اوترو سندس علم ۽ ادب پڻ. سنڌ ۾ وري ٺٽي کي خاص اهميت حاصل آهي. اتان جي عالمن ۽ فاضلن جا علمي شهپارا اڄ به مسلم دنيا جي لائبريرين جي زينت بڻيل آهن. ٺٽي ڪانسواءِ ٺٽي ضلعي جو چپو چپو پنهنجي انفرادي حيثيت رکي ٿو.

ٺٽي ضلعي جو جاتي تعلقو جيتوڻيڪ سنڌ جي ساحلي پٽيءَ تي واقع آهي پر ان جي ڪلراٺي ۽ لوڻياٺي زمين به اهڙا گل پيدا ڪيا آهن، جن جي سڳنڌ سان سنڌ جو علمي ادبي باغ ٻهڪي رهيو آهي. معلوم تاريخ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته جاتي جو پهريون لکندڙ مخدوم غازي بن راڌو ڪنيار آهي، جنهن مغليين جي سوانح حيات فارسي زبان ۾ "مقصود العارفين" جي نالي سان 610 هه ۾ لکي. فقير قيصر ولد ميان ڏنو قريشي ۽ فقير سلطان ولد ميان ڏنو قريشي جاتي جا مشهور ڪاتب ٿي گذريا آهن، جن 1224 هه ۽ 1226هه ۾ متين ڪتابن کي نقل ڪيو.

جاتيءَ ۾ سنڌي نثر نويسي جي شروعات جاتي جي قديم علمي، ادبي قاضي خاندان کان ٿي، انهيءَ خاندان جي هڪ فرد قاضي ڪمال الدين عباسيءَ متئين ڪتاب کي وڏي ماڪر پٽي خليفي جي چوڻ تحت سنڌي زبان ۾ نثراٺي نظم ۾ ترجمو ڪيو.

قاضي خاندان مان قاضي محمد اڪبر مشهور ڪاتب هو جنهن مير نصير خان جي چوڻ تي مشهور تاريخ "حبيب السير" کي ٽن جلدن ۾ ۽ قاضي گل محمد "روضہ الشهداءَ" نالي ڪتاب کي نقل ڪيو. پاڻ فارسيءَ جو وڏو شاعر هو. سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي جڏهن نظر وجهجي ٿي ته ان ۾ شاهه شريف پاڌائيءَ جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. شاهه شريف جاتي تعلقي جي پاڌ ڳوٺ جو رهاڪو هو. سندس رسالو سنڌ الاجي طرفان شايع ڪيو ويو آهي. لوڪ ادب جي ميدان ۾ اسر فقير جا بيت مشهور آهن. سنڌي زبان ۽ صوتيات جي ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو تعلق پڻ جاتي تعلقي

مسلسل محنت ۾ لڳاءَ سان فڪري توڙي علمي شعور اڳتي وڌندو نظر اچي ٿو. اياز هڪ پختو شاعر آهي، هن جي زبان عام فهم ۾ علمي ادبي آهي. هن جي شاعري هڪ طرف فڪر سان مالامال آهي ته ٻئي طرف شعري صفتن سان ٽمٽار آهي. سندس شاعريءَ ۾ جيڪڏهن رومان آهي ته سندس شاعري انقلاب جا به ڏس ڏئي ٿي. تمام سادين تشبيهن سان هنجي شاعري سنڌ تي آيل پيڙائن ۾ عذابن جو ذڪر ڪندي سنڌي قوم جي فردن کي حوصلي ۾ همت جو درس ڏئي ٿي.

سندس هي ٻيو ڪتاب ”سنڌ جو چنڊ“ سندس غزلن ۾ نظمن جو مجموعو آهي، جيڪو نه صرف سندس شاعريءَ جي پختگيءَ کي پر سندس سنڌ دوستيءَ کي به ثابت ڪري ٿو. اُميد ته سجاول جو نوجوان شاعر اڳتي هلي نه صرف لاڙ پر سنڌ جي شعري ادب ۾ نمايان مقام حاصل ڪندو.

# اياز هڪ پختو شاعر

ڪنهن بہ قوم يا زبان جي شاهوڪاري ان جي علم و ادب سان وابستہ هوندي آهي، مايا ۽ دولت ڪڏهن بہ پائيدار ترقي ۽ شاهوڪاريءَ جون ضامن ثابت نہ ٿيون آهن. تاريخ اسان کي اهڙا ڪيئن هنڌ ٻڌائي ٿي، جيڪي پنهنجي دور ۾ وڏا آباد ۽ خوشحال هئا پر اڄ انهن جي عظمت جو ڪو نشان ئي نہ بچيو آهي. البتہ اتان جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جون لکيون اڄ بہ نہ صرف زندهہ آهن پر انهيءَ گمشده تاريخ جون گواهہ بہ آهن. علمي ادبي چرچو ملڪن توڙي شهرن کي سونهن بخشي ٿو ۽ دنيا جي تهذيبن ۾ انهن کي نمايان حيثيت ڏياري ٿو. يونان، مصر، بغداد، دمشق، تاشقند، بخارا ڄ بہ پنهنجي علمي اوڄ سبب سڃاتا وڃن ٿا. ڀٽ شاهہ سيوهڻ، درازا جي اڄ بہ جيڪا حيثيت آهي اها انهن درويش صفت انسانن جي مدفن جي ڪري آهي، جن پنهنجي قلم جي آبياري سان سنڌ جي بنجر علمي زمين کي سيراب ڪيو.

سنڌ جي لاڙ وارو حصو جنهن علم و ادب جي ميدان ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مير علي شير قانع ٺٽوي، مولوي حاجي احمد ملاح ۽ محمد صديق "مسافر" جهڙين شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. اتي ماضي قريب ۾ ڏني بخش ناقص سڄاولي، محمد خان مجيدي، سرويچ سڄاولي، محمد مبين پنائي، ابراهيم منشي ۽ مريم مجيديءَ جي انقلابي ۽ مزاحمتي شاعري سنڌ جي قومي تحريڪ کي جلا بخشي آهي. انهيءَ فڪري ميدان جوهڪ پانڌيئڙو اياز امر شيخ بہ آهي، جيڪو سڄاول جي اوائلي شاعر ڏني بخش "ناقص" جو نسلي تسلسل پڻ آهي.

شيخ ڏني بخش "ناقص" جي خاندان جو هي فرد هن کان اڳ "سونهن موڙيون آرسون" نالي هڪ شعري مجموعي جو مصنف پڻ آهي، پنهنجي

سگهجي ٿو پر ڪتاب جي پڙهڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته ڪتاب جي تحقيقي مواد جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضروري هئي؟ فاضل مصنف مختلف ڪتابن مان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته سنيا قديم سٿين قبيلي جي باقيات آهن. ڪتاب ۾ ڪيترن عالمن ۽ اديبن جا سڄا سارا ۽ هوبهو خط شامل ڪيا ويا آهن جن کي مختصر ڪرڻ کپندو هو. فاضل مصنف جي محنت مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن صاحب تمام گهڻو فيلڊ ورڪ ڪيو آهي ۽ ان کي جيڪو به مواد جتان به مليو آهي. اهو بنا ڇنڊڇاڻ جي ڪتاب ۾ آندو ويو آهي. ڪتاب جي پهرين حصي کي 25 بابن ۾ جڏهن ته ٻي حصي ۾ 75 ڳوٺن جي مڪمل سروي ڏني وئي آهي. اهڙي ريت فاضل مصنف هن تاريخي قبيلي تي مفصل لکي سنڌ جي ذاتين بابت هڪ معلومات جو خزانو مهيا ڪيو آهي، جيڪو ايندڙ محققن لاءِ سنيا قبيلي تي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ مشعل راهه ثابت ٿيندو.

ذاتين مختلف قبيلائي نالا اختيار ڪيا، جيڪي اڳتي هلي سماٽ ليکجڻ لڳا. عرب فوج سان گڏ ايندڙ ڪيترن ئي قبيلن سنڌ ۾ پنهنجا اثر ڇڏيا جيئن ٿهيمن لاءِ مشهور آهي ته اهي تميمي قبيلي سان تعلق رکن ٿا. ان کانسواءِ سنڌ هميشه مختلف قومن جو لنگهه پئي رهي آهي. ساڳئي وقت اها حملي آورن جي زد ۾ پڻ رهي آهي، ان ڪري سنڌ ۾ ٻاهران آيل ذاتين جو به وڏو تعداد موجود آهي. جيئن سيد، مغل، پٺاڻ وغيره بلوچي علائقن جو سنڌ سان قديمي واسطو رهيو آهي، ان ڪري سنڌ ۾ بلوچن جو وڏو تعداد رهي ٿو.

ذاتين يا قبيلن جي تاريخ لکڻ جو رواج سنڌ ۾ سڀ کان پهرين شجره نويسيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي، جيڪي اڪثر ڪري سيدن يا درگاهن سان واسطو رکن ٿا، جنهن جو بنيادي مقصد پنهنجو پاڻ کي درگاهه جو حقيقي وارث ثابت ڪرڻ هوندو آهي. اهو سلسلو اڄا به جاري آهي. انهن شجرن مان ان قوم جي تاريخ جو ته پتو ڪو نه ٿو پوي پر ڪنهن حد تائين ان جي قدامت جو پتو پوي ٿو. ان کانسواءِ سنڌ ۾ پڻ ڀانن ۽ چارڻن جي قصن ڪهاڻين وسيلي مختلف قومن جا شجرا بيان ڪندا هئا جن مان به سنڌ جي ڪيترين ذاتين جي پروڙ پوي ٿي. انگريزن سنڌ ۽ آسپاس جي نسلن ۽ ذاتين تي پنهنجي ماتحت عملدارن کان مختلف رپورٽون لکرائي سنڌ ۽ آسپاس جي ذاتين ۽ نسلن جي تاريخ محفوظ ڪرڻ جي ابتدا ڪئي جنهن ۾ شيخ صادق علي شير علي انصاري، ايم ايل ڊيمز، رچرڊ برٽن ۽ ڊينزل ايسٽن جا ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا. ان کانسواءِ سنڌ تي لکيل تاريخن ۾ پڻ سنڌ جي ڪيترن ذاتين ۽ برادرين تي انفرادي ڪم به ٿيڻ لڳو آهي. جيئن جتن جي تاريخ (غلام رسول مير جت)، تاريخ خاصخيلي (محسن علي "محسن" خاصخيلي)، کٽري قوم جي تاريخ (مترجم: حافظ حبيب سنڌي)، ذاتين جي انسائيڪلوپيڊيا (خير محمد ٻرڙو) ۽ سماٽ (ڊاڪٽر الهه رکيو ٻٽ) وغيره. سنڌ ۾ رهندڙ مختلف قبيلن جي حوالي سان بلوچ قوم تي انگريزي ۽ اردو ۾ ڪافي ڪتاب اچي چڪا آهن. جڏهن ته سنڌ جي علائقائي تاريخن ۾ اتان جي رهندڙ ذاتين تي به ٿوري گهڻي روشني وڌي وئي آهي.

اسان جي فاضل دوست جناب اميد علي سنيو صاحب سنڌ جي قديم ذات سنيو تي تحقيق ڪري "سنين ذات جو تاريخي ۽ شجرائتي احوال" نالي ڪتاب لکيو آهي. هن جي محنت، جفاڪشي ۽ جذبي کي ته داد ڏئي

# مهاڳ
# سنڌين ذات جو تاريخي ۽ شجرائتي احوال

انساني تهذيب جي شروعات تڏهن کان ٿي جڏهن انسان غارن مان نڪري آزادانه زندگي گذارڻ شروع ڪئي، جيئن جيئن انسان ۾ شعور وڌندو رهيو تيئن تيئن انهن ۾ اجتماعي زندگي گذارڻ جو تصور پيدا ٿيڻ لڳو. انهيءَ تصور اڳتي هلي خاندان يا ڪٽنب جو روپ اختيار ڪيو پوءِ جيئن جيئن آدمشماري وڌڻ لڳي ته هڪٻئي جي سڃاڻپ مشڪل ٿي پئي پوءِ ڪٽنبن يا خاندانن پنهنجو پاڻ لاءِ هڪ نالو تجويز ڪيو ته جيئن هڪٻئي جي سڃاڻپ ۾ آساني پيدا ٿئي. فطرت جي انهيءَ اصول کي قرآن شريف سورة حجرات ۾ هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

وَجَعلناَ کُم شُعُوباً وَ قَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا (13)

يعني ”اسان قبيلا ۽ برادريون پيدا ڪيون ته جيئن توهان هڪٻئي کي سڃاڻي سگهو“. اهڙي ريت سماج ۾ قبيلن ۽ خاندانن جو رواج پيو پر ساڳئي وقت انسان کي اهو به ٻڌايو ويو ته خدا جي اڳيان فقط اهوئي پسنديده شخص آهي جيڪو پرهيزگار ۽ متقي آهي. انهيءَ خيال سان ڪو به قبيلو خاندان، ذات، برادري يا قوم هڪٻئي کان افضل نه آهي.

برصغير ۾ ذاتين جي تاريخ آرين کان شروع ٿئي ٿي جن ۾ برصغير کي چئن ذاتين برهمڻ، کشتري، ويش ۽ شوڏر ۾ تقسيم ڪيو. جيئن ته سنڌ به برصغير جو هڪ حصو رهي آهي. تنهن ڪري ذات پات جو اهو نظام سنڌ ۾ به رائج رهيو. پوءِ جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي ۽ اسلامي سلطنت پنهنجا پير مضبوط ڪيا ته سنڌ جي باشندن اسلام قبول ڪري هڪ نئين خانداني نظام کي جنم ڏنو. ڪن خاندانن پراڻين ذاتين کي توڙي ڦير گهير سان جيئن جو تيئن برقرار رکيو جيئن کشتري مان کتري ته ٻين آريائي

33. ڏسو! مقدمہ عوارف المعارف، ترجمو: مخدوم عبدالجبار صديقي صاحب
34. ڏسو! مقدمہ حديقة الاوليا، از: پير حسام الدين راشدي مرحوم.
35. وڌيڪ تفصيل ۽ حوالي لاءِ ڏسو! معارف الانوار باب ڇهون، ذڪر آئمہ اثنا عشر رضي الله عنهم ۽ سادات موسوي، انجوي ۽ شيرازي ۽ قطب الاقطاب حضرت شاھ مراد شيرازي رحہ ۽ حضرت حسن مثني رضي جي باقي اولاد جي سري هيٺ
36. نئو صدين ڪان، مصنف: رسول بخش تميمي ص، 251.

پشاور. ص 48.

13. ڏسو! مولانا محمد نورالحق جو مضمون: صوفي ۽ تصوف. پندرهن روزه الحسن پشاور. صہ 48.

14. ڏسو! تصوف جي تاريخ. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي. ص 108.

15. ڏسو! ديوان حافظ شيرازيؒ. ص 275.

16. ڏسو! الغزالي. مترجم: پروفيسر غلام عباس سريوال. ص 162.

17. ڏسو! الغزالي. مترجم: پروفيسر غلام عباس سريوال. ص 170.

18. ڏسو! سيد احمد رفاعيؒ. جو ڪتاب بُنيان المشهيد. سنڌي ترجمو: عرفان جي واٽ. مترجم: ڊاڪٽر گل حسن لغاري. ص 51.

19. ڏسو! عوارف المعارف. از: شيخ الشيوخ حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهرورديؒ. مترجم: عبدالجبار صديقي. ص 98.

20. ڏسو! ڪشف المحجوب باب ٽيون. ص 43_44.

21. ڏسو! تصوف جي تاريخ. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي. سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد. ص 105.

22. ڏسو! مولانا محمد نورالحق قادريءَ جو مضمون: صوفي ۽ تصوف. پندرهن روزا الحسن پشاور ص 47_48. شمارو نمبر 345_346. جلد 29 يڪم تا 31 مارچ سنہ 2004ع بمطابق صفر المظفر 1467ھ. هن بزرگ جو نالو ابوبڪر ابن ابي اسحاق محمد بن ابراهيم ابن يعقوب البخاري الڪلابازيؒ آهي. شهر ڪلابازي جي بخارا محلي ۾ سنہ 385ھ ۾ وفات ڪيائين. سندن تصنيفون. بحرالفوائد في الآثار ۽ التعرف جا قلمي نسخا لنڊن. پئرس ۽ استنبول جي لائبريرين ۾ محفوظ آهن. (مقدمہ نگار)

23. ڏسو! ڪتاب الله ڪي سفير. از: خان آصف. ص 76_77.

24. ڏسو! عوارف المعارف. از: حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهرورديؒ. ص 85.

25. ڏسو! عوارف المعارف. از: حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهرورديؒ. ص 88.

26. ڏسو! ڪتاب الله ڪي سفير. از: خان آصف. ص 93.

27. ڏسو! ڪتاب الله ڪي سفير. از: خان آصف. ص 93.

28. ڏسو! تصوف جي تاريخ. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي. ص 371 کان 416 تائين.

29. ڏسو! تصوف جي تاريخ. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي. ص 471 کان 457 تائين.

30. ڏسو! الغزالي. ترجمو: پروفيسر غلام عباس سريوال. ص 1 کان 41 تائين

31. ڏسو! انوار اصفياءِ. اداره تصنيف و تاليف: شيخ غلام علي اينڊ سنز. ص 97 کان 114.

32. ڏسو! انوار اصفياءِ. اداره تصنيف و تاليف: شيخ غلام علي اينڊ سنز. ص 115 کان 131.

بورڊ ۽ سنڌ لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد پاران ڪين مختلف فارسي قلمي ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ جي آڇ ڪئي ويئي آهي.

آخر ۾ انهيءَ چوڻ ۾ مبالغو نہ ٿيندو تہ هيءُ ڪتاب ٺٽي جي خصوصاً ۽ سنڌ جي عموماً شيرازي خاندان جي هڪ تفصيلي تاريخ آهي. جنهن ۾ تاريخ سان گڏوگڏ انهن بزرگن جي صوفيانہ سلوڪ جو بهترين اظهار آهي، جن مان نہ صرف ٺٽي وارا مستفيض ٿي سگهن ٿا، پر سنڌ جي تاريخ ۽ تصوف سان دلچسپي رکندڙ حضرات پڻ مستفيد ٿي سگهن ٿا تہ ساڳئي وقت سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ صاحب ذوق حضرات ڪي فارسي زبان سيکارڻ لاءِ استاد جو ذريعو پڻ بڻجي سگهي ٿو.

خادمِ علم و ادب

عزيز جعفراڻي

سجاول: ضلعو ٺٽو

تاريخ 14 فيبروري 2008ع

## حوالا ۽ واڌارا


1. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 70 از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد.
2. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 73. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي.
3. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 78. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي.
4. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 79_80. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي.
5. تصوف جي تاريخ، از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، ترجمو: عبدالجبار عبد. ص27، باب پهريون.
6. ڏسو! هندستان ڪا ثقافتي ورثہ ج 1، از: شري شنڪر اچاريہ، ص 42.
7. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 27_28 از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد.
8. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 38 از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد.
9. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 39_40 از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد.
10. ڏسو! تصوف جي تاريخ، ص 63 فصل چوٿون. از: پروفيسر يوسف سليم چشتي، سنڌي ترجمو: عبدالجبار عبد.
11. محترم قلندر شاهہ لڪياري صاحب جن انگريزي ڪتاب مان اها ڳالهہ پڙهي ٻڌائي.
12. ڏسو! مولانا محمد نورالحق جو مضمون: صوفي ۽ تصوف، پندرهن روزه الحسن

محترم رسول بخش تميمي صاحب پنهنجي ڪتاب اُنٽو صدين ڪان’ ص: 351 تي حافظ صاحب جي تصنيف، ترجمو ۽ ترتيب ڏنل ڪتابن جو تعداد 26 ڄاڻايو آهي، جنهن جو تفصيل هن ريت آهي: ديوانِ حبيب (1970ع)، بدائي منظوم (فارسي) مان سنڌي ترجمو (1966ع)، ڪريما (فارسي مان سنڌي ترجمو) (1973ع)، قواعدِالنحو (اردو مان سنڌي ترجمو: 1974ع)، نامِ حق (فارسي مان سنڌي ترجمو: 1975ع)، راهِ حبيب نورالدنيا جو ترجمو: 1977ع)، شجره تميصيه قادريہ فارسي (تاليف: 1978ع)، پندنامہ (فارسي مان سنڌي ترجمو: 1978ع)، حقيقة الفقہ بہ حصا، (تاليف: 1979ع)، شجره مراديہ فارسي، (تاليف: 1978ع)، تحفة الطالبين عربي تاليف، ٻاراڻو ادب: 1979ع)، واحداڻي خاندان جي تاريخ، سنڌي (تاليف: 1980ع) گنجينة الاولياءَ فارسي مان ترجمو: 1980ع، تاريخ شاهبندر تحقيق و تصنيف، 1980ع، تاريخ اولياءِ شاهبندر (تاليف: 1981ع)، گلدستہءِ قرآن، اردو مان ترجمو 1990ع، ٺٽائي جي ڪلام ۾ سنڌ جي هنرن جو ذڪر، (تحقيق و تاليف: 1990ع)، ٺٽي ضلعي جي کتري برادري (اردو ۽ سنڌي تصنيف: 2000ع)، ويا سي وينجهار (تصنيف: 2004ع)، ٺٽي ضلعي جون ديني درسگاهون (تصنيف: سمن جي دؤر کان موجود دؤر تائين 2004ع)، اڃي وچن ٿيون، جڏهن تہ سندن ڇپيل تصنيفن ۾ سوانح حيات حضرت شاهہ يقيق شهيد (سنڌي تاليف: مطبوعہ 1987ع، کتري قوم جي تاريخ، (ترتيب: 1992ع)، ماڇر ڪڪرالہ ۽ کاري جي ٻولي، (تصنيف: 2004ع)، سوانح حيات حضرت شاهہ يقيق، (اردو مطبوعہ 2005ع)، آدميت احترام آدمي (اردو مان ترجمو: 2005ع)، سنو مسلمان ڪيئن بڻجي...؟ (اردو مان سنڌي ترجمو: 2005ع)، قابل ذڪر آهن ۽ زير نظر ڪتاب پڻ سندن محنت جو نتيجو آهي. (66)

ان کان سواءِ سندن جا چاليهہ مقالا ۽ مضمون ڇپجي چڪا آهن ۽ اڻ ڇپيل مقالن جو تعداد بہ 50 جي قريب آهي.

مذڪوره ڪتابن جي فهرست مان معلوم ٿئي ٿو تہ: فاضل مترجم کي عربي ۽ فارسيءَ ٻوليءَ تي ترجمي ڪرڻ جو عبور حاصل آهي. اهو ئي سبب آهي جو فاضل مترجم جو هيءُ ترجمو ڪيل ڪتاب ايئن پيو محسوس ٿئي ڄڻ تہ ڪتاب لکيو ئي ”سنڌي“ ۾ ويو آهي. سنڌ ۾ فارسي ڄاڻندڙن ۾ حافظ صاحب جو نالو نمايان آهي. تازو سنڌ جي ناميارن ادارن، سنڌي ادبي

بن ابي طالب (رضوان الله عنهم) اهي مصنف جي "آل مطهر" آهن. يعني "آلِ صالح" مان آهن. اڳتي هلي سندن شجره نسب حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني ﷫ جن سان حضرت دائود الاصبر جي پٽ ۾ وڃي ملي ٿو. (65)

**ڪجهه ڪتاب جي مترجم بابت:** ڪتاب جو مترجم اسان جو فاضل دوست حافظ حبيب سنڌي 22_2_ 1954ع تي چوهڙ جمالي، ضلعي ٺٽي ۾ تولد ٿيو. سندن اصل نالو احتشام الحق عرف حبيب الله سنڌي آهي ۽ سندن والد جو نالو مولانا محمد عثمان ولد مولانا محمد عمر ڪٽي آهي. سندن تعلق ٺٽي ضلعي جي برک عالم مخدوم محمدجلال (متوفي 1180هه) ڪٽي جي خاندان سان آهي.

حافظ صاحب جي ابتدائي تعليم ۽ تربيت پنهنجي ڏاڏي علامه مولانا محمد عمر واحداڻي نقشبندي وٽ ٿي ۽ پوءِ مختلف مدرسن، مدرسه نورالحق، مدرسه نورالاسلام مجدديه چوهڙ جماليءَ ۾ ديني تعليم حاصل ڪيائون. اول ۾ پاڻ حفظ قرآن ڪيائون، بعد ۾ عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪري مولوي فاضل جو امتحان پاس ڪري فارغ التحصيل ٿيا.

حافظ صاحب جي استادن " سندن ڏاڏي محترم کان سواءِ مولانا حاجي عبالله گوپانگ نقشبندي، مولانا حاجي عبدالرحمان جمالي نقشبندي رحه، ميان حاجي محمد الرحيم جمالي مرحوم، ميان جي محمد ايوب جمالي، مولانا قاضي محمد عثمان ميمڻ ۽ مفتي ابوالفضل عبدالرحمان ميمڻ ٺٽوي نقشبنديءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. پاڻ سنه 1989ع ۾ مدرسه دارالعلوم عثمانيه ٺٽوي مان سَند الفراغ حاصل ڪيائون ۽ سنه 1991ع ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون، جڏهن ته شهادة العالميه به ساڳئي مدرسي مان سنه 1991ع ۾ پاس ڪيائين.

فاضل مترجم سنه 1968ع کان وٺي مسلسل لکندو پيو اچي. سندس عملي تربيت ۾ سندن ڏاڏي مولانا محمد عمر رحه، ياءُ حزب الله مظفر ۽ دوست عزيز جعفراڻيءَ جو وڏو هٿ رهيو. سندن ڪوشش سان ئي چوهڙجماليءَ ۾ بزم شعاع ادب، شاهبندر ادبي سوسائٽي ۽ ايجوڪيشنل اينڊ سوشل ويلفيئر سوسائٽيءَ جا بنياد رکيا ويا. هن وقت 2007ع ۾ به العمر ميموريل پبلڪ لائبريريءَ جا پاڻ منتظم اعليٰ ۽ هلائيندڙ آهن. پاڻ مقامي، ضلعي ۽ سنڌ سطح تي قائم ٿيل ڪيترين علمي تنظيمن سان وابسته رهيا آهن.

هر باب جو نہ صرف سليس سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، بلڪ هر باب ۾ آيل مواد جي تحقيقي ۽ تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪري مواد جي وضاحت طور هر بابت ۾ اضافا، واڌارا ۽ حاشيا پڻ ڏنا آهن. جن سان ڪتاب ۾ آيل سموري روايتي مواد جي وڌيڪ توثيق ٿئي ٿي ۽ ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت وڌي ويئي آهي ۽ ڪتاب جي آخر ۾ حافظ صاحب چار قيمتي ضميما ڏيئي ڪري ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

**ٻوليءَ جو اسلوب:** حافظ صاحب، معارف الانوار جي فارسي ٻوليءَ کي اهڙي پيرائي ۽ اسلوب سان سنڌي ٻوليءَ جو لباس پهرايو آهي، جو بيڪ نظر خبر ئي نٿي پوي تہ آيا اهو ترجمو آهي يا اصل سنڌيءَ ۾ ئي ڪتاب لکيو ويو آهي! مطلب تہ ڪا بہ اوپرائپ نٿي محسوس ٿئي ۽ ان کان سواءِ ڪتاب اندر تحرير جو انداز بہ دل لڀائيندڙ آهي. هن روان ترجمي ۾ ٺيٺ لاڙي سنڌي اسلوب ۽ لهجو اختيار ڪيو ويو آهي ۽ ڪتاب ۾ عربي تحريرن، قرآني آيتن، حديثن ۽ عبارتن جو ترجمو بہ عام فهم انداز ۾ ڪيو ويو آهي، جيڪو هڪ عام قاريءَ لاءِ بہ پڙهڻ ۾ آسان آهي. انهيءَ مان فاضل مترجم جي ترجمي نگاريءَ جي قابليت ۽ معيار جو بخوبيءَ اندازو ٿئي ٿو.

**معارف الانوار جو مصنف ۽ ان جو خاندان:** هن ڪتاب جو اصل مصنف نٿي جو برک عالم ۽ محقق مُلا صالح بن ذڪريا آهي، افسوس سان لکڻو پوي ٿو تہ هيڏي وڏي عالم جو ذڪر سنڌ توڙي نٿي جي ڪنهن بہ تذڪري ۾ نٿو ملي. البتہ معارف الانوار جي مطالعي مان اشارتاً احوال پاڻ ڪيو اٿس تہ ”ملا صالح بن ذڪريا رحمة الله عليه ”حسني سيد“ آهي ۽ سندس تعلق حضرت امام حسن رضي الله عنه جن جي پٽ مان آهي.“

مُلا صالح بن ذڪريا رحمة الله عليه معارف الانوار جي ڇهين باب، ذڪر آئمہ اثنا عشر رضي الله عنهم ۾ حضرت حسن مثنيٰ رضي الله عنه جي باقي اولاد جي سري هيٺ مُلا صالح بن ذڪريا رحمة الله عليه پنهنجي خاندان جو تذڪرو بلڪل مختصر لفظن ۾ ڪندي لکي ٿو تہ: ”حضرت موسي الجون رحمة الله عليه “جي فرزند صالح بن موسيٰ رحمة الله عليه سان منهنجو (مصنف جو) تعلق آهي مذڪوره صالح بن موسيٰ رحمة الله عليه جو اولاد ”بيخ“ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ رهي ٿو ۽ صالح اپس جو امير هو. هن جي اولاد کي ”صالحيون“ سڏين ٿا. اهي وريءِ محمد بن حسن بن ادريس بن موسيٰ بن شيخ صالح بن موسيٰ الجون بن عبدالله بن المحض بن حضرت حسن مثنيٰ بن حضرت امام حسن بن حضرت علي ڪرم الله وجہ

سڳوريءَ ۾ پڻ اهڙي قسم جون تحريرون ڪثير تعداد ۾ ملن ٿيون. جن جو اسان مجموعي تذڪرو مختصر طور تي هيٺ ڪريون ٿا.

(الف) عمومي تذڪرا: سنڌ ۾ عام تذڪرن جو رواج صدين کان جاري آهي، جيڪي لاتعداد آهن. جن مان ڪي ته پنهنجو وجود ئي گم ڪري چڪا آهن ۽ ڪي وري پنهنجي نالن جي نشانين سان تاريخ ۾ اڃ به پڪاريا وڃن ٿا ۽ ڪي تذڪرا وري پنهنجي مڪمل وجود سان تاريخ ۾ ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا. اهڙن تذڪرن جو ذڪر ڪندي مرحوم حسام الدين راشدي، حديقة الاولياءَ جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته، سنڌ جي عمومي تذڪرن ۾ تذڪرة الاولياءَ (علامه قاضي محمود ٺٽوي سنه 980هه)، حديقة الاولياءَ (سيد عبدالقادر ٺٽويؒ سنه 1016هه گلزارِ ابرار (غوثي حسن مابدوي سنه 1027هه)، تحفت الڪرام (مير علي شير قانع ٺٽويؒ (81ـ16هه) تذڪره غياثيه مولانا غياث الدين سنڌي، (1191هه) طور مار سلاسل گزيده (مير علي شير قانع ٺٽويؒ سنه 1616هه) معيارِ سالڪان طريقت (1202هه) شجره اطهر اهلبيت (تاليف: 1202هه) گلشنِ اولياءَ (خليفو محمود نظاماڻي سنه 1258هه)، سراج العاشقين، (خليفو محمد ملوڪ ۽ تحفة الباصرين (سيد لطف الله شڪر الاهي ـ 1888ع) جو نالو قابلِ ذڪر آهي. جڏهن ته سنڌ جي خصوصي تذڪرن جي فهرست تمام ڊگهي آهي، پر اسان هتي رڳو ٺٽي جي خاص تذڪرن جو ذڪر ڪنداسون.

(ب) خصوصي تذڪرا: مرحوم حسام الدين راشديءَ پنهنجي تحقيق سان ٺٽي جو خاص طور ذڪر ڪجهه هن طرح فرمايو آهي: تذڪرة المراد (شيخ حسين صفائيؒ) آداب المريدين سنه 954هه، سيد علي ثانيؒ معااف الانوار، مُلا صالح بن ذڪريا ٺٽويؒ 1140هه، تحفة الطاهرين، (شيخ محمد اعظم ٺٽويؒ، 1190هه)، تڪمله مقالات الشعراءَ (مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽويؒ) منية العارفين (سيد احمد بن سيد رفيع الدين بن سيد جلال محمد سنه 1020هه)، فتوحاتِ احمديه سيد احمد رفيعي، شجره مبارڪ (سيد جلال بن رفيع الدين ۽ حالاتِ خاندان جا نالا اسان ڪي سنڌ جي تاريخ ۾ ملن ٿا. (64) اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻين علاقائي حصن ۾ پڻ وقت جي عالمن، اديبن ۽ صوفين سڳورن تذڪرا لکيا آهن.

تذڪرا بالا ڪتاب جيئن ته ٽوٽل ٻارنهن بابن ۽ هڪ خاتمي تي مشتمل آهي. جڏهن ته حافظ صاحب محنت، عرق ريزيءَ ۽ جان فشانيءَ سان

دستگير) ﷫ جن جي آهي. (هن بزرگ جي ولادت باسعادت گيلان وايران ۾ سنه 470هه/ 471هه ۾ ٿي ۽ سندن رحلت بغداد شريف ۾ سنه 561هه ۾ ٿي.) سندن ٻيون به ڪافي تصنيفون آهن. مذڪوره بالاتصوف جي هن تصنيف کان سواءِ سندن غنية الطالبين به ڪافي مشهور آهي.[62]

(13) عوارف المعارف: هيءَ تصنيف، حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهرورديؒ جن جي آهي. (پاڻ ايران جي مشهور شهر سهرورد ۾ سنه 539هه ۾ رجب جي آخر شوال جي اوائل ۾ ڄائو سهرورد جو اهو ڳوٺ زنجان صوبي ۾ سلطانيه جي پرسان سجاس جي ڀرپاسي ۾ آهي.) هن بزرگ جي وفات ڀهرين محرم الحرام سنه 632هه بمطابق 20-9-1234ع اڱاري جي ڏينهن بغداد ۾ ٿي. لکين ورديه جي مشهور قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. هن بزرگ جي تصنيف جو تعداد "21" ٻڌايو وڃي ٿو.[63]

جيئن صوفياءِ ڪرام پنهنجي فقيريءَ جي ذريعي خلق خداوندي جي اخلاقي ۽ روحاني اصلاح ڪئي، تيئن هنن پنهنجن تعليمات کي تحريري صورت ۾ آڻي ديني خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. جنهن جو ذڪر اسان مختصر طور اڳيان ڪري چڪا آهيون. اهڙي ريت صوفين سڀني تصوفي تعليمات جا تذڪرا لکي ڪري ديني، اسلامي ۽ روحاني خدمتن سان گڏوگڏ علمي ۽ ادبي خدمتون پڻ بخوبي سرانجام پئي ڏنيون آهن. جڏهن تذڪرن جو ذڪر نڪتو آهي ته اسلامي، توڙي دنياوي تاريخ ۾ ٻن قسم جي تذڪرن جو ذڪر ملي ٿو: هڪڙا عمومي تذڪرا ۽ ٻيا خاص تذڪرا:

(1) عام تذڪرا: عمومي تذڪرن اندر گهڻين ۽ عام ڳالهين جو احوال هوندو آهي. مثال طور هڪ کان وڌيڪ بزرگن جا سوانحي خاڪا ڏنا وڃن ٿا، جن جو تعلق ڪنهن خاص هنڌ يا ماڳ سان نه بلڪ مختلف علائقن سان هجي. انهن سڀني جي احوالن کي گڏي ان کي ڪتابي صورت ۾ "عمومي تذڪرو" چئبو آهي.

(2) خاص تذڪرا: خصوصي تذڪرن ۾ وري ڪنهن هڪ خاص موضوع، شخصيت يا وري خاص خاندان لاءِ مخصوص هجي، اهڙي قسم جي تذڪرن کي "خصوصي تذڪرا" چئجي ٿو.

دنيا جي تاريخ جيان برصغير هندستان ۾ ۽ پوءِ وري اسان جي سنڌ

"اقائق طريقت" (طريقت جي باريڪ مسئلن تي مشتمل) قرار ڏنو آهي.
حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جهڙي عظيم شخصيت به پنهنجي ڪتاب "فتوح الغيب" لاءِ هن ئي ڪتاب تان استفادو ڪيو آهي. هن جو مواد انيتاليهه فصلن ۽ 114 موضوعن تي منحصر آهي. 386هه تائين تصوف ۾ اهڙو جامع ڪتاب ٻيو ناهي.[58]

(9) رساله قشيريه: هيءُ رسالو امام زين الاسلام ابو القاسم عبدالڪريم بن هوازن بن عبدالمالڪ بن طلحه بن محمد القشيري الشافعيؒ (پاڻ ربيع الاول سنه 376هه ۾ ڳوٺ استوا تولد ٿيا ۽ آچر جي ڏينهن 16 ربيع الثاني سنه 465هه 89 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون.) جي تصنيف آهي. سندن ڪل "15" تصنيفون آهن. انهن مان رساله قشيريه گهڻو معروف آهي. هيءُ ڪتاب ائن بابن تي مشتمل آهي. جڏهن ته سندن 3 ڪتاب اداره تحقيقاتِ اسلامي پاڪستان تازو شايع ڪرايا آهن.[59]

(10) مڪاشف القلوب: هيءَ تصنيف حضرت امام حجة الاسلام محمد بن محمد بن احمد الغزاليؒ جو لکيل آهي. (هيءُ بزرگ خراسان ضلعي جي هڪ تعلقي طوس، انهيءَ جي هڪ شهر طاهران ۾ سنه 450هه ۾ تولد ٿيا ۽ سومر جي ڏينهن 14 جمادي الثاني سنه 505هه تي وفات فرمايائون.) سندن تصنيف جو تعداد 78 ملي ٿو. سڀ کان آخري تصنيف "المستصفي في اصولِ فقه" آهي ۽ مشهور تصنيفن ۾ تصوف ۽ اخلاق تي احياءُالعلوم الدين، ڪيميائي سعادت ۽ مڪاشف القلوب گهڻو مشهور آهن.[60]

(11) ڪشف المحجوب: هيءَ تصنيف حضرت ابوالحسن علي بن سيد عثمان بن علي بن عبدالرحمان بن شهاب الدين بن شاهه شجاع بن ابوالحسن علي بن اصغر بن سيد زيد شهيد بن امام حسن رضي الله عنه. هن بزرگ جي ولادت سنه 400هه ۾ ۽ رحلت سنه 465هه تي، پاڻ داتا گنج بخش لاهوريءَ جي ۽ علي هجويريءَ جي نالي سان مشهور آهن. سندن اهو شاهڪار ڪتاب تقريباً 21 بابن تي مشتمل آهي. برصغير ۾ سندن هيءُ تصنيف ڏاڍي مشهور ٿي ۽ ڪيترائي راهه ڀليل راهِ راست تي اچي ويا. سندن هيءَ تصنيف سندن جيئري جاڳندي ڪرامت چئجي ته ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.[61]

(12) فتوح الغيب: هيءَ تصنيف حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني (پيران پير

(1) ڪتاب الرعاية: هيءُ ڪتاب حضرت ابو عبدالله حارث بن اسيد المحاسبي الجنزي (165هه 243هه) جو لکيل آهي. هن ڪتاب جو پورو نالو "ڪتاب الرعاية في التصوف" آهي. سندن ٻيا ڪتاب مَن اناب الي الله پاريہ از: ڪتاب الصبر والرضا ۽ ڪتاب التوهم. اهي سيئي تصوف ۽ تصوف جي تعليمات تي مشتمل آهن.[51]

(2) ڪتاب الصدق: هيءُ ڪتاب، صوفي بزرگ حضرت ابو سعيد احمد بن عيسيٰ الخراز جو تحرير ڪيل آهي. هن بزرگ جو تعلق ٽين صدي هجريءَ سان آهي. پاڻ سنہ 286هه ۾ رحلت فرمايائون. سندس لقب "لِسان الصدق" آهي. مولانا جامي رحمة الله عليه نفحات الانس ۾ بہ تذڪرو ڪيو آهي.[52]

(3) امثال القرآن رسائل: شرح شطحيات ۽ تصحيح الارادة کان سواءِ سندن 21 ٻين ننڍين وڏين تصنيفن جو تذڪرو ملي ٿو انهن ناياب شهپارن جو مصنف حضرت ابوالقاسم الجنيد، ابن محمد ابن الجنيد الخزار القواريري رحمة الله عليه جن آهن. (215هه 298هه) ڪين سيدالطاءِ پڻ چون. حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه بن المحاسبيءَ جا شاگرد آهن.[53]

(4) ڪتاب الواسطين: هن ڪتاب جو مصنف حضرت ابوالمغيظ حسين ابن منصور الحلاج المصلوب سندن شهادت بابت مختلف روايتون آهن، پر متفق راءِ مطابق چوٿين صدي هجري آهي.[54]

(5) ڪتاب المواقف والمخاطبات: هن ڪتاب جو مصنف حضرت محمد ابن عبدالجبار ابن الحسن النفري رحمة الله عليه (المتوفي: 354هه) جن آهن. هن ڪتاب ۾ "77" موقف بيان ڪيا ويا آهن.[55]

(6) ڪتاب اللمع: هن ڪتاب جو مصنف، حضرت طائوس الفقراء ابونصر السراج رحمة الله عليه (المتوفي: 378هه) آهي. هيءُ ڪتاب تصوف جي دنيا جو وسيع موضوعات تي مشتمل ۽ شهير ڪتاب آهي. اڪثر صوفي بزرگ پنهنجي تصنيفات لاءِ هن ئي ڪتاب مان استفادو حاصل ڪن ٿا.[56]

(7) ڪتاب التعرف المذهب اهل تصوف: هيءُ شاهڪار تحرير حضرت ابوبڪر ابي اسحاق الڪلاباذي (المتوفي: 285هه) جن جي آهي.

(8) قوت القلوب: هن تصنيف جو مصنف حضرت امام ابوطالب محمد بن علي بن عطيہ الحارثي المڪي رحمة الله عليه (المتوفي: جمادي الاخر سنہ 386هه) آهي. تاريخدانن سندن هن تصنيف کي "اسرارِ طريقت" ۽

سامهون سرجهڪائيندو رهي ٿو ان ڪري هن جي هيءَ نياز مندي هن جي دل صاف ڪري ڪدورتن کي دور ٿي ڪري.[49]

15. مشهور صوفي ابو سعيد ابن الخير فرمائي ٿو ته، ”صوفي“ اهو آهي، جيڪو الله جي رضا تي راضي رهي.[50]

(ھ) صوفين جي تعليمات:

اسلام جي جيڪا پاڪيزا تعليم ڪتابن ۾ درج آهي ۽ مدرسن ۾ پڙهائي وڃي ٿي، صوفين صاحبن وري پنهنجي خانقاهن ۾ ان تي عمل ڪري دنيا کي ڏيکاريو. صوفين هر زماني ۾ اسلام جي اخلاقي ۽ روحاني نظام کي زنده رکيو ۽ صوفين ڪرامن کان وڌيڪ، تبليغ ۽ سيرت جي تعمير جو فرض ڪنهن جماعت سرانجام نه ڏنو. اهي حقاني صوفي حضرات جن بادشاهن جي اڳيان علي الاعلان حق جو ڪلمو چوڻ کان ڪين ڪيٻايو.

جڏهن مسلمانن ۾ عقليت جو لاڙو آيو ۽ انهن قرآن کي پنهنجي عقل جي تابع بڻائڻ شروع ڪيو ته صوفين محبت الاهيءَ جو درس ڏيئي ڪري عقليت جي خطرناڪ نتيجن جو ازالو ڪيو، پوءِ جڏهن فقيهن دين جي ظاهري ڳالهين تي زور ڏنو ته صوفين باطني اصلاح ۽ قلبي طهارت جو سبق ڏيئي قوم کي اعتدال جو رستو ڏيکاريو ۽ صوفين هر دؤر ۾ غيراسلامي عقيدن، شرڪ ۽ بدعت جي ترديد ڪئي.

تاريخ اسلام ۾ حق وارن صوفين جيڪي شاندار علمي، ديني ۽ تبليغي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، اهي ايتريقدر آهن، جو انهن جو تفصيل لاءِ هڪ الڳ دفتر لکڻ جي ضرورت آهي. صوفياءِ ڪرام جو پهريون ڪارنامو اهو آهي ته انهن اسلامي تعليم جي حقانيت کي ڳالهه ٻولهه بدران پنهنجي عمل سان ثابت ڪيو انهن جون زندگيون اسلام جي جيئري جاڳندي زنده و جاويد تصوير آهن.

اسلامي تصوفي صوفين سڀورن نه صرف قرآن و حديث ذريعي ماڻهن کي روحاني تعليم ڏني، بلڪ هنن پنهنجي تحرير ذريعي پڻ عوام الناس کي اسلامي تصوف جي تعليم ڏني. هتي اسان اسلامي تصوف جي مکيه صوفي بزرگن جي مشهور تصنيفن جو تذڪرو ڪرڻ به ضروري سمجهون ٿا:

7. حضرت منصور حلاج ﷫ جن فرمائين ٿا ته، ”صوفي“ اهو شخص آهي جنهن کي نه ڪو پسند ڪري ۽ نه وري هو ڪنهن کي پسند ڪري.[42]

8. حضرت رديم ﷫ جن فرمائين ٿا ته، ”صوفي“ اهو شخص آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي بلڪل خدا جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏي.[43]

9. حضرت شيخ ابوالحسن نوري ﷫ جن ”صوفيءَ“ جي صفت بيان ڪندي فرمايو ته سنت جي اتباع ڪان سواءِ اسلام جو رستو نه ٿو ملي ۽ ”صوفيءَ“ جي تعريف هيءَ آهي ته نه اُهو ڪنهن جي قيد ۾ هجي ۽ نه ڪو ان جي قيد ۾.[44]

10. هڪ دفعي پاڻ صوفيءَ جي تعريف بيان ڪندي، فرمايائون ته ”صوفياء“ جا روح غلاظت بشريءَ ڪان آزاد، ڪدورت نفسانيءَ ڪان صاف ۽ خواهشن ڪان مُبرا ٿين ٿا.[45]

11. هڪ ٻئي صوفي بزرگ ﷫ جو قول آهي ته، صوفي اهو آهي، جڏهن ان جي سامهون ٻه سنيون شيون يا سنيون عادتون اچن ته هو بهترين شيءِ کي اختيار ڪري.[46]

12. مشهور صوفي بزرگ حضرت سهل بن عبدالله جن جو مبارڪ قول ٻين صوفين صاحبن ڪجهه هن طرح بيان ڪندي پنهنجي ڪتابن ۾ ان کي جاءِ ڏني آهي. هو صاحب ”صوفيءَ“ جي تعريف بيان ڪندي فرمائي ٿو ته ”صوفي“ اهو آهي جيڪو ڪدورت ڪان صاف ۽ فڪر شوق ۽ مستيءَ سان معمور هجي. انسانن ڪان الڳ صرف الله جل شانه سان دل لڳائي وينو هجي ۽ هن جي نظر ۾ سون، چاندي ۽ مٽي برابر هجن.[47]

13. هڪ ٻيو صوفي بزرگ ۽ عالم حضرت علامه ڪتاني ﷫ جن فرمائين ٿا ته، ”صوفي“ اُهو آهي جيڪو شخص توهان مان حسن اخلاق ۾ زياده آهي، اهو توهان ڪان دل جي صفائيءَ ۾ به زياده آهي.[48]

14. مشهور صوفي بزرگ حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي ﷫ پنهنجي مشهور تصنيف عوارف المعارف ۾ رقمطراز آهي ته ”صوفي“ اهو آهي جيڪو هميشه نفس جي پاڪيزگي ڪندو رهي ۽ پنهنجي قلب کي نفساني آلائش ڪان صاف ڪري، هميشه پنهنجي وقت کي ڪدورتن ڪان صاف رکي جيئن ته هو هر وقت پنهنجي مولا جي

19. تصوف جي اصطلاحي معنيٰ بابت بزرگانِ دين رحمهم الله تعاليٰ عنهما جو هيءُ قول بہ نقل ڪيو وڃي ٿو تہ، "تصوف" هيءُ آهي تہ، ذڪر "باجماعت" هجي ۽ ٻڌڻ تي "وجداني" ڪيفيت طاري ٿئي ۽ "اتباع" سان "عمل" ٿئي.[34]

20. الله وارن صوفين جو تصوف بابت هڪ هيءُ قول بہ مختلف ڪتابن ۾ ملي ٿو تہ: "تصوف" "حجابن" کي ڇڏي ڏيڻ ۽ "روحاني قربانيءَ" جو ٻيو نالو آهي.[35]

## (ج) صوفي ڇا کي چئجي ٿو؟

اسان مٿي صوفيءَ بابت بہ چڱو مباحثو ڪري چڪا آهيون ۽ هاڻ صوفي حضرات جي زباني "صوفيءَ" جي اصطلاحي معنائن جو تذڪرو هنن صفحن ۾ ڪرڻ چاهيون ٿا. جنهن کي صوفي حضرات جي اقوال جي صورت ۾ قارئين ڪرام اڳيان پيش ڪريون ٿا:

1. حضرت جنيد بغداديؒ جن فرمائين ٿا تہ "صوفي"، "زمين" وانگر آهي، جنهن تي هر خراب شيءِ اڇلائي ٿي وڃي، مگر هن جي اندران اها عمدي شڪل ۾ تبديل ٿي نڪرندي آهي.[36]

2. حضرت جنيد بغداديؒ جن هڪ ٻئي موقعي تي فرمايو تہ صوفي "زمين" جي مثل آهي، جنهن تي "نيڪ" ۽ "بد" ٻئي هلن ٿا. يا هُو "بادل" وانگر آهن، جيڪو هر شيءِ کي "پاڇو" ٿو عطا ڪري، يا هو "بارش" جي مثل آهي جيڪا هر شيءِ کي "سيراب" ڪندي آهي.[37]

3. حضرت ذوالنون مصريؒ جن فرمايو تہ "صوفي" اُهي ماڻهو آهن، جن سڀ ڪجهہ ڇڏي خدا کي ورتو هجي.[38]

4. حضرت ذوالنون مصري ؒ جن جو هڪ ٻيو قول صوفيءَ بابت اهو ملي ٿو تہ "صوفي" اهو آهي، جنهن کي ڪنهن بہ شيءِ جي طلب تنگ نہ ڪري ۽ نہ ڪنهن شيءِ جي ضرورت ۽ ان جو نہ ملڻ ان کي پريشان ڪري[39]

5. حضرت جنيد بغدادي ؒ جن فرمائين ٿا تہ، "صوفي" اهو آهي جنهن جو جيئڻ، مرڻ فقط خدا تي هجي.[40]

6. حضرت ابو محمد جريريؒ فرمائين ٿا تہ، "صوفي" ان کي چئبو جيڪو سڀني حسنہ اخلاقن جو "جامع" ۽ تمام "دستور اخلاق" کان آزاد هجي.[41]

10. هڪ ٻيو شهير صوفي سڳورو حضرت ابو محمد جريري ﷫ "تصوف" جي تعريف ڪندي فرمائين ٿا تہ: "تصوف"اعليٰ اخلاق کي اختيار ڪرڻ ۽ ڪريل اخلاقن کان پرهيز ڪرڻ جو نالو آهي.[25]

11. پنهنجي دؤر جو عظيم ڄاتل سڃاتل صوفي حضرت ابوالحسن نوري﷫ "تصوف" بابت فرمائيندي چوي ٿو تہ "تصوف هڪ اخلاقي شيءِ" آهي. جيڪا الله تعاليٰ جي اخلاق و عادات اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿي.[26]

12. هڪ ٻئي قول ۾ پاڻ ارشاد فرمايائون تہ "دنيا دشمني" ۽ "خدا دوستيءَ" جو نالو "تصوف" آهي.[27]

13. هڪ ٽئي قول ۾ حضرت ابوالحسن نوري ﷫ جن تصوف بابت فرمايو تہ "تصوف" نہ تہ "رسم" آهي نہ "علم". جيڪڏهن "رسم" هجي ها تہ "مجاهدات" سان "علم" هجي ها تہ "تعليمات" سان حاصل ٿئي ها.[28]

14. حضرت ابوعلي قزويني ﷫، حضرت ابو محمد جريري﷫ ۽ حضرت محمد بن القصاب ﷫ جن مجموعي طور تي "تصوف" کي "حسنِ اخلاقي" جو نالو ڏنو آهي.[29]

15. حضرت ابو نصر سراج ﷫ پنهنجي مشهور و معروف تصنيف: ڪتاب اللمع ۾ هڪ جڳهہ تي تصوف جي تعريف ڪجهہ هن طرح تحرير فرمائي آهي: "مسلسل" مجاهدة نفس "مخالفت خواهشات" ۽ "نفسِ اماره" سان دشمني کي "تصوف قرار ڏنو آهي.[30]

16. مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت علامہ جلال الدين رومي ﷫ جن فرمائين ٿا تہ: "تصوف" هيءُ آهي تہ، "نفس" کي خدا جل شانہ جي مرضي ۽ ارادي تي ڇڏي ڏجي.[31]

17. هڪ ٻئي مشهور صوفي بزرگ حضرت عمرو بن عثمان المڪي ﷫ جن جو تصوف بابت ارشاد آهي تہ، "تصوف" هيءُ آهي تہ بندو هميشہ وقت مطابق افضل ڪم ۾ مشغول رهي.[32]

18. هڪ ٻئي صوفي بزرگ جو قول، حضرت محمد عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي ﷫ پنهنجي معروف تصنيف: عوارف المعارف ۾ نقل ڪندي لکي ٿو تہ، "تصوف" جي شروعات "علم" آهي. ان جو روح "عمل" آهي ۽ ان جو آخري انجام الله تعاليٰ جل شانہ جي "بخشش" آهي.[33]

4. هڪ واعظ دؤران فرمايائون تہ تصوف هيءُ آهي تہ انهيءَ تصوف سان الله تعاليٰ تنهنجي خوديءَ کي متائي ماري ڇڏي ۽ پوءِ انهيءَ تصوف سان توکي زنده ڪري.

5. حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جن تصوف جون "اٺ" بنيادي خصلتون بيان ڪندي فرمايو تہ: تصوف جون "اٺ" خصلتون انبياءَ عليہ السلام سان مخصوص آهن، جيڪي هن طرح آهن:

(1) "سخاوت": جيڪا حضرت ابراهيم عليه السلام جن جي خاص وصف آهي، پر هڪ ٻي روايت مطابق تہ صوفيءَ جي دل حضرت ابراهيم عليه السلام وانگر دنيا جي دوستيءَ کان پاڪ هجي.

(2) "رضا": جيڪا حضرت اسحاق عليه السلام لاءِ مخصوص هئي، ٻي روايت ۾ حضرت اسماعيل عليه السلام جو مثال ڏنو ويو آهي.

(3) "صبر": جنهن جو حق حضرت ايوب عليه السلام ادا ڪيو.

(4) "اشارو": جيڪو حضرت ذڪريا عليه السلام لاءِ مخصوص آهي.

(5) "اندوهہ غم": جنهن کي حضرت دائود عليه السلام لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي.

(6) "غريب الوطني": جنهن کي حضرت يحيٰ عليه السلام لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي.

(7) "سياحت": جنهن کي حضرت عيسيٰ عليه السلام لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي.

(8) "فقيري ۽ درويشي": جيڪا آقا مصطفيٰ ﷺ جن کي خاص طور بخشي ويئي هئي. ٻي روايت موجب تہ: "مناجات" ۾ صوفيءَ جو اخلاص حضور ﷺ وانگر هجي.

6. حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جن فرمايو تہ، "تصوف" جي معنيٰ هيءَ آهي تہ: حق تعاليٰ جل شانہ تنهنجي نفسانيت کي تڏو ڪري توکي پاڻ سان زنده رکي.

7. حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه جن فرمائن ٿا تہ: "تصوف" هيءُ آهي تہ تون الله جل شانہ سان ڪنهن بہ قسم کان سواءِ گڏ رهہ.[23]

8. هڪ صوفي بزرگ حضرت رديم رحمة الله عليه جن جو قول آهي تہ "تصوف" ٽن خصلتن تي ٻڌل آهي. (1) "فقر" اختيار ڪرڻ، (2) "سخاءَ" ۽ "ايثار ڪرڻ" (3) "اعتراض" ۽ "اختيار" کي ترڪ ڪرڻ.

9. مشهور صوفي حضرت ابو حفص رحمة الله عليه تصوف جي اصطلاحي معنيٰ ٻڌائيندي فرمايو تہ: تصوف سراپا ادب جو مجموعو آهي.[24]

شيءِ ڪان منهن ڦيري ويهڻ. بهرحال انهيءَ ساري ڪم کي "تصوف" چون ٿا ۽ انهيءَ تي عمل ڪرڻ واري کي "صوفي" چون ٿا.[21]

اهڙيءَ طرح پروفيسر سليم چشتي صاحب پنهنجي تصنيف: "تصوف جي تاريخ" ۾ لکي ٿو ته: "تصوف" جي لغوي معنيٰ"صوف" جو لباس پهرڻ آهي، مگر ان جي هڪ اصطلاحي آهي، تزڪيءِ نفس (پاڪائي) ۽ تجليه (صفائي) ڪرڻ ته جيئن قلب جي آئيني ۾ "يار جو عڪس" منعڪس ٿي سگهي."[22]

تصوف جي تاريخ جي قديم ڪتابن ۾ اهڙو تذڪرو پڙ ملي ٿو ته تصوف جي دنيا ۾ سڀ ڪان پهريائين جنهن صوفي بزرگ کي "صوفيءَ" جي لقب سان پڪاريو ويو آهي، انهيءَ جو نالو حضرت ابو هاشم ڪوفي ﷫ آهي، جنهن سنه 161هه بمطابق 777ع ۾ رحلت فرمائي. پاڻ حضرت سفيان ثوري ﷫ جن جا استاد هئا ۽ تصوف جي موضوع تي جيڪو سڀ ڪان پهريون جامع ڪتاب لکيو ويو هو، انهيءَ جو مصنف حضرت امام ابوبڪر الڪلابزي هو. انهيءَ بزرگ جو تعلق چوٿين صدي هجريءَ سان آهي. سندس ان تصنيف جو نالو: "التعرف المذهب اهل تصوف" آهي. (22)

(ب) تصوف ڇا آهي؟

جيئن ته اسان مٿي تصوف ۽ صوفيءَ جي سلسلي ۾ سير حاصل بحث ڪري آيا آهيون، تاهم به صوفي حضرات جي مختلف اصطلاحي معنائن ذريعي وري به پهريائين "تصوف" ۽ "صوفي" تي صوفين حضراتن جي زباني روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

1. حضرت جنيد بغدادي ﷫ کان پڇيو ويو ته: "تصوف" ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون: تصوف هيءُ آهي ته الله سبحانه و تعاليٰ ۽ تنهنجي وچ ۾ ڪو واسطو باقي نه رهي.
2. هڪ دفعي فرمايائون ته: تصوف ته هڪ جنگ آهي، جنهن ۾ صلح نه آهي. جنگ مان مراد نفس جي خلاف جنگ آهي ۽ نفس آخري پساهه تائين باقي رهندو آهي، ان لاءِ نفس سان صلح نٿي ٿي سگهي.
3. هڪ ڏينهن وري فرمايائون: تصوف الله تبارڪ وتعاليٰ سان معاملات جي صاف هجڻ جو نالو آهي ۽ انهيءَ جو بنياد هيءُ آهي ته دنيا کان روگرداني ڪئي وڃي.

انهيءَ ڪري ”صوفي“ جي نالي سان مشهور ٿيا. وري هڪ ٻي جماعت چيو تہ، ”صوفي“ ”صفا“ مان نڪتل آهي، مطلب تہ هر ڪنهن جا هن لفظ جي معنيٰ ۽ هن طريقي جي تحقيق ۾ گهڻا نڪتا آهن. پر لفظ ”صفا“ لغت جي خيال کان صحيح نظر اچي ٿو ۽ اهو ئي سيني معنائن ۾ عمدو آهي. ڇا جي ڪري جو هن جو ضد ڪدورت آهي ۽ گندگي آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ، ”ذُهَبَ الدُّنيَا وَبَقِيَ كِدُوْهَا۔“ يعني عمده شين جو نالو بہ ”صفو“ هوندو آهي. بس انهن جڏهن پنهنجي اخلاقن ۽ معاملن کي مذهب بڻايو، آفتن ۽ بلائن کان پنهنجي طبيعت کي پاڪ ۽ صاف ڪيو تہ انهن جو نالو ”صوفي“ رکيو ويو.

حضرت علي هجويري رحمة الله عليه جن هن لفظ جي تحقيق لاءِ اڳتي وضاحت فرمائيندي لکن ٿا تہ لفظ ”صوفي“ اسمِ علم آهي، ڇو تہ انهن جي بزرگي ۽ مرتبو هن لاءِ آهي تہ: انهن جا معاملا لڪي سگهن ٿا. انهيءَ امر جي ڪري انهن کي هن نالي ۾ استحقاق جي ضرورت آهي. هن زماني ۾ گهڻي مخلوقات کي الله انهيءَ تصوف ۽ اهل تصوف کان پردي ۾ ڪيو آهي.

الشعر: اَنَّ الصَّفَا صِفَتُ الصِّدِيْقِ۔ اَنْ اَرَدْتَ صُوْفِيَاءَ عَلَى التَّحْقِيْقِ۔

يعني: سمجهي ڇڏ، تہ صفا حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جن جي صفت آهي. جيڪڏهن تو صوفيءَ جي تحقيق جو ارادو ڪيو تہ ان کي ڏس! انهيءَ ڪري تہ صفا جو هڪ اصل ۽ بنياد آهي ۽ هڪ فرع ۽ شاخ جو اصل آهي.(20)

مٿيون وضاحتون اوهان مطالعي ڪيون، پر اسان چاهيون ٿا تہ صوفي لفظ جي لغت جي اندر ڇا معنيٰ ۽ مطلب ورتو ويو آهي. انهيءَ جي بہ ٿورڙي وضاحت ڪئي وڃي تہ بهتر ٿيندو.

لغتن ۾ ”تصوف“ لفظ جي معنيٰ پشمي لباس پهرڻ. اهو لفظ ”صوف“ صاد تي پيش سان بمعنيٰ پشم= پشمينہ جو قسم اصطلاح ۾ ان جي معنيٰ ٿيندي پنهنجي نفس کي خواهشن کان روڪڻ ۽ جهان جي شين کي مظهرِ حق ڪري ڄاڻڻ. جيئن اڳئين زماني ۾ صاحب صفت ذڪر ڪيل صوف يعني پشم ڍڪڻ جي ڪري مجازاً انهن جي اعمال ۽ افعال جي، انهن کي ”تصوف“ جو نالو ڏين ٿا، انهيءَ ڪري اهو سمجهڻ گهرجي تہ ”تصوف“ ”صوف“ لفظ کان ورتل آهي. ۽ لفظ ”صوف“ صاد مٿان زبر جي معنيٰ، هڪ طرفو تي ويهڻ، دنيا کان روگرداني ڪرڻ، واصل بالله ٿيڻ، الله کان سواءِ ٻي هر

پسند ڪيو آهي. انهيءَ ڪري جو زمين تي ڪِريل ٽڪرا، پيل ٽڪرا ۽ ليڙون صوف (صوفہ) وانگر آهن. جنهن ڪي ڪير بہ پسند نٿو ڪري ۽ نہ انهن ڏي توجهہ ٿو ڏيئي، تنهن ڪري "صوفہ" جي نسبت سان هن کي "صوفي" چيو وڃي ٿو. جيئن ڪوفي جي صفتِ نسبتي ڪوفي آهي." هيءُ گهڻن اهلِ علم جو قول آهي ان جو مفهوم بہ ان جي لفظن جي لحاظ کان مناسب آهي.

بهرحال اوني پوشاڪ هميشہ کان زاهد، عابد ۽ نيڪ ٻانهن جي پوشاڪ رهي آهي. جيئن اسان جي شيخ ابو زرع طاهر رحمة الله عليه پنهنجي مشائخن جي سَنَدَ جي حوالي سان، حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جن جي هيءَ حديث پاڪ بيان ڪئي آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: "جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام خدا جل شانہ سان ڪلام ڪيو هو ان وقت ڪيس سڄو اوني لباس پاتل هو. سندن جبو سلوار، چادر ۽ ٻانهون وغيره سب اُن جا هئا. سندن جتي گڏهہ جي بغير رڱيل چمڙي جي ٺهيل هئي."

ان سواءِ هيءُ بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ هنن جو نالو "صوفي" ان ڪري آهي، جو هو پنهنجي بلند همت، خدا جل شانہ سان پنهنجي دلي تعلق ۽ هن جي سامهون باطني اسرار پيش ڪرڻ خدا جل شانہ جي روبرو صفِ اول ۾ آهن. هن جي وڌيڪ وضاحت جي سلسلي ۾ هيءُ بيان ڪيو ويو آهي تہ هيءُ نالو دراصل "صفوي" هو جيڪو ڪجهہ ڏکيو هجڻ ڪري "صوفي" بڻجي ويو.(19)

برصغير جو مشهور صوفي بزرگ حضرت سيد ابوالحسن علي بن عثمان جلابي هجويري (داتا گنج بخش لاهوري رحمة الله عليه) پنهنجي معروف ڪتاب ڪشف المحجوب ۾ لکن ٿا تہ: مَنْ سَمِعَ صَوْتُ اَهْلُ التَّصَوّفِ لاَيُؤمِنْ عَلٰي دُعَائِهِمْ كَتَبَ اللهُ عِنْدَالْغَافِلِيْنَ. يعني حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ: "جيڪي اهل تصوف جو آواز ٻڌي آمين نٿا چون، اهي الله تعاليٰ وٽ غافلن ۾ لکيا ويندا."

حضرت داتا گنج بخش رحمة الله عليه جن اڳتي صوفي لفظ جي تحقيق ۾ لکن ٿا تہ: "تصوف نالي تحقيق ۾ ماڻهن گهڻو ڪلام ڪيو آهي. هڪ جماعت تہ "صوفيءَ" کي "صوفي" انهيءَ ڪري چوي ٿي تہ هو پهرين صَف ۾ هوندو آهي ۽ هڪ جماعت ايئن چوي ٿي تہ هو "صوف" (پشم) جا ڪپڙا اوڍيندا آهن.

بنجي ويو. علاوه ازين اها تحقيق علامہ ابو ريحان البيروني ﷫ پنهنجي ڪتاب, ”ڪتاب الهند“ ۾ بہ لکي آهي. جڏهن تہ ڪشف الظنون جي صاحب جي عبارت مان بہ انهيءَ طرح جو اشارو ملي ٿو.

اهڙيءَ طرح ”تصوف“ جي عنوان ۾ لکن ٿا, ”حڪماءِ شراقيہ“ مشرق ۽ اصطلاح ۾ صوفين جي مشابهہ هئا ۽ جيڪڏهن هيءُ اصطلاح انهن مان ورتل هجي پري نہ آهي.[17]

صوفي لفظ جي تحقيق ۾ مشهور صوفي بزرگ حضرت احمد ڪبير ﷫ پنهنجي مشهور ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ, ”جنهن جماعت کي ”صوفي“ چيو وڃي ٿو ان متعلق ماڻهن, هن نالي (صوفي) جا مختلف سبب بيان ڪيا آهن. (مگر اصل ۾) هن جو سبب عجيب آهي, جنهن کي تمام گهڻا درويش نٿا ڄاڻن. اهو هيءُ تہ ”مضر“ قبيلي جي هڪ شاخ جو نالو ”بنو صوفيہ“ آهي ۽ صوفہ غوث بن مر بن طانجہ ربيط جو لقب آهي. ان جي ماءُ کي ڪو بہ ٻار نہ بچندو هو. ان باس اسي تہ جيڪڏهن سندس ٻار زنده رهيو تہ اُن جو ٽڪرو (علامت ۽ نشاني طور) ٻڌي ڪيس خانہ ڪعبہ جو خادم بنائيندي. يعني ان کي خانہ ڪعبہ جي لاءِ وقف ڪندي. جيئن تہ غوث بن مر پيدا ٿيو ۽ اُهو زنده رهيو تہ ان جي مٿي تہ اُن جو ٽڪرو ٻڌي ڪيس خانہ ڪعبہ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو ويو جنهن ڪري سندس لقب ”بنو صوفيہ“ ٿي ويو.

هو صاحب اڳتي لکي ٿو تہ اهي ماڻهو حاجي صاحبن جي خدمت ڪندا هئا ۽ انهن کي خلعتون ۽ پوشاڪون ڏيندا رهندا هئا. ايستائين جو الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان دين اسلام جو ظهور ٿيو تہ انهن بہ اسلام قبول ڪيو. اهي وڏا عبادت گذار هئا, انهن مان بعض حضرات تہ رسول الله ﷺ جن جي احاديث مبارڪ جا راوي بہ آهن. ان ڪري جيڪي بہ ماڻهو انهن جي صحبت ۾ رهيا يا سندن صحبت يافتہ جماعت سان جڙيا رهيا تہ انهن جو لقب ”صوفي“ ٿي ويو نہ صرف ايترو پر جيڪي انهن وانگر عبادت ۾ مشغول رهيا ۽ اوني ڪپڙن پائڻ جا عادي ٿي ويا تہ انهن کي ”صوفي“ چيو ويو.[18]

صوفي لفظ جي وضاحت جي سلسلي ۾ مشهور صوفي حضرت عمر بن محمد شهاب الدين سهروردي ﷫ پنهنجي مشهور تصنيف: عوارف المعارف ۾ رقمطراز آهي تہ: ”صوفي“ نالي هجڻ جو وڏو سبب هيءُ بہ بيان ڪيو ٿو وڃي تہ جيئن صوفين, تواضح, انڪساري ۽ گمناميءَ کي گهڻو

هئا ۽ ڏينهن رات الله جي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. انهن سڀني کي ”اهلِ صُفه“ يا ”اصحابِ صُفه“ چيو ويندو هو.

ڪجهه بين محققن لفظ ”صوفيءَ“ جو ماخذ ”صفا“ کي قرار ڏنو آهي. يعني صوفي اهو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ دل جي صفائي عطا ڪئي هجي.[13]

پروفيسر يوسف سليم چشتي پنهنجي تصنيف، ”تصوف جي تاريخ“ ۾ رقمطراز آهي تہ: اڪثر صوفين جو اتفاق آهي تہ ”صوفي“ لفظ ”ماصوف“ مان نڪتل آهي جيئن اڪثر صوفي، صوف (اُنَ) جو لباس پهريندا هئا، ان ڪري ماڻهو کين ”صوفي“ چوڻ لڳا.

شيخ ابو نصر سراج پنهنجي مشهور تصنيف ”ڪتاب اللمُع“ ۾ لکن ٿا تہ: ”صوفين“ کي انهن جي ظاهري لباس جي بنياد تي صوفيءَ جي لقب سان نسبت ڏني ويئي. اهي ماڻهو اُنَ جو لباس ان ڪري پهريندا هئا، جو صوف جو لباس پهرڻ اڪثر نبين، ولين ۽ پهتل هستين جو امتيازي شان رهيو آهي.[14]

ان خيال جي تائيد ان ڳالهہ مان بہ ٿئي ٿي تہ ايران ۾ صوفين کي ”پشمينہ پوش“ بہ چوندا هئا، تنهن ڪري حافظ شيرازي رحمۃ اللہ علیہ فرمائي ٿو تہ:

سرمست در قبائہ زر افشان چوب گذاري،
يک بوسہ نذرِ حافظ پشيمينيءَ پوش کن. (15)

امام قشيري رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي مشهور رسالي ۾ لکي ٿو تہ، آنحضرت صلی اللہ علیہ وسلم جن جي زماني تائين اصحابِ صُفہ جي لقب کان سواءِ ٻيو ڪو لقب ايجاد نہ ٿيو هو. ڇاڪاڻ تہ صحبت جي شرف کان وڌيڪ ٻيو ڪو شرف نٿي ٿي سگهيو. اصحاب کانپوءِ تابعين ۽ پوءِ تبع تابعين جو لقب پيدا ٿيو.[16]

حضرت امام غزالي رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب الغزالي ۾ لفظ ”تصوف“ جي تحقيق ۾ لکي ٿو تہ، هن بحث جي خاتمي تي هيءُ راز ظاهر ڪري ڇڏڻ ضروري آهي تہ ”تصوف“ جو لفظ اصل ۾ ”س“ سان هو ۽ انهيءَ جو مادو ”سوف“ هو جنهن جي معنيٰ يوناني زبان ۾ ”حڪمت“ جي آهي. ٻي صدي هجريءَ ۾ جڏهن يوناني ڪتابن جو ترجمو ٿيو تہ هيءُ لفظ عربي زبان ۾ آيو. ڇاڪاڻ تہ صوفي حضرات ۾ اشراقي حڪماءِ (حڪيمن جو اهو گروهہ جيڪو تصفيہ قلب ۽ ڪشف جي ذريعي، شاگردن کي پري ويهاري تعليم ڏيندو رهندو هو.) جو اندازو ملندو هو انهيءَ ڪري ماڻهن انهن کي صوفي چوڻ شروع ڪيو جيڪو آهستي آهستي ”سوفي“ مان ”صوفي“

## اسلامي تصوف:

مٿين عمومي تذڪرن ۾ انهن قديم مذهبن جي ڪتابن کي ان وقت جي تصوف جا بنيادي ماخذ تسليم ڪيا ويندا آهن. جن جو تعداد ۾ ڏڌر مختلف آهن ۽ انهن جا باقاعدي سلسلا يا طور طريقا بيان ڪو نه ڪيا ويا آهن. جن مان اها خبر پئجي سگهي ته فلاڻو طريقو فلاڻي صوفيءَ جو آهي ۽ فلاڻو سلسلو يا طريقو فلاڻي بزرگ يا پڪشوءَ جو آهي....؟ جيڪو اڳتي هلي فلاڻي سان مليل ٿو. جيئن اسلام جي تصوفي طريقن ۾ ملي ٿو ان جي بجاءِ ايئن ضرور ملي ٿو ته، فلاڻي ڏاهي، فلاڻي ڏاهي جي خيالن کي اڳتي وڌايو ۽ فلاڻي ڏاهي وري فلاڻي ڏاهي جي قائم ڪيل ۽ ٺاهيل اصولن ۽ خيالن کي قبول ڪيو. انهن ۾ پنهنجي مخصوص عبادتي ۽ پوڄا پاٺ جي طور طريقن کان سواءِ ٻيو ڪو ذڪر ۽ فڪر جو باضابطه نمونو نه آهي. ليڪن ان جي ڀيٽ ۾ اسلامي تصوف جا بنيادي طور به وڏا ماخذ ”قرآن ۽ حديث“ آهن جيڪي اظهر من الشمس ۽ بلڪل پڌرا آهن.

اسان چاهينداسون ته اسلامي تصوف جي اهم بنيادي ڳالهين، صوفيءَ تي نالي پوڻ جو سبب ۽ تصوف جو مفهوم جهڙين مکيه بنيادي ڳالهين تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪيون، جيئن هڪ عام قاريءَ کي انهن اهم ۽ بنيادي نڪتن بابت هتيڪي جاڻ ملي سگهي.

### (الف) صوفيءَ جي نالي پوڻ جو سبب:

محقق لفظ ”صوفيءَ“ جون ڪئين توجيهون بيان ڪيون آهن. ڪجهه جو خيال آهي ته هيءُ لفظ ”صوف“ کان مشتق آهي، جيڪو هڪ قسم جو سادو ۽ ٿلهو اوني لباس آهي، جيڪو سادگي، ترڪ دنيا ۽ قناعت جي علامت سمجهيو ويندو هو. بعض محققن جو چوڻ آهي ته جيئن ته انهن ماڻهن جي زندگي ”اصحابِ صُفه“ جي زندگيءَ جو نقشو پيش ڪري ٿي، انهيءَ لاءِ انهن کي ”صوفي“ چيو ويو ٿو.[12]

اصحاب صُفه جن جو تعداد ستر هو (هڪ ٻي روايت ۾ 400 هو) جن عام زندگيءَ ۾ ئي دنياوي تعلقات ختم ڪري ”فقر الي الله“ اختيار ڪيو هو. اهي صرف هڪ ڪپڙي ۾ زندگي گذاريندا هئا ۽ ڪڏهن به انهن کي ٻن قسمن جو کاڌو نصيب نه ٿيندو هو. اهي مسجد نبويءَ جي قريب هڪ ”صُفه“ ۾ رهندا هئا ۽ آقا مصطفيٰ جن جي نوراني تعليمات مان مستفيد پيا ٿيندا

اسلامي تصوف جي تعليمات نہ صرف وزنائتي آهي، پر پنهنجي طاقت ۽ پنهنجي مانَ ۽ مرتبي جي لحاظ کان بہ اعليٰ ۽ عظيم درجات تي فائز آهي. اسلامي تصوف جون جيڪي بہ تعليمات آهن اُهي خالصاً قرآن ۽ سنت جي سونهري اصولن تي ٻڌل آهن. انهيءَ جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اڱوٺي جي پيٺ ۾ اسلامي تصوف ٻين مڙني مذهبن جي تصوف تي حاوي نظر اچي ٿو جنهن جا حوالا انگريز مصنف بہ پنهنجي ڪتابن ۾ ڏين ٿا. هڪ انگريز مصنف پنهنجي هڪ تصنيف ۾ اهڙو مثال ڏيندي لکي ٿو تہ حضرت خواجہ معين الدين چشتي رحمة الله عليه جن جڏهن هندستان تشريف کڻي آيا ۽ پنهنجي خانقاهہ لاءِ هڪ پراڻو قلعو دڙو پسند فرمايو ۽ پنهنجن مريدن کي حڪم فرمايو تہ خانقاه جي جاءِ جي پيڙهہ لاءِ چري کوٽيو! مريد جڏهن هڪ ماڻهوءَ جي قد برابر چري کوٽي هيٺين تهہ تائين پهتا تہ انهن کي هڪ لاش ڪفن ۾ ويڙهيل نظر آيو. هنن ان ڳالهہ جو اطلاع حضرت خواجہ معين الدين چشتي رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ ڏنو. حضرت خواجہ معين الدين چشتي رحمة الله عليه جن فرمايو تہ اسان کي ڏيکاريو! جڏهن پاڻ انهيءَ هنڌ پهتا ۽ پاڻ پنهنجي نوراني نگاهہ جڏهن ان لاش مٿان وڌي تہ ان ڪپڙي ۾ ويڙهيل لاش وارو همراهہ اٿي ويٺو جنهن پهريون سوال اهو ڪيو تہ اسان کي پنهنجي ننڊ مان ڪنهن سجاڳ ڪيو آهي؟ حضرت خواجہ معين الدين چشتي جن ان کي مخاطب ٿيندي فرمايو تہ: "اسان اوهان کي جاڳايو آهي." هن جواب تي ان شخص خواجہ جن ڏانهن نهاريو مگر سندن اکين جو تاب نہ سهي هن پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون ۽ يڪدم اٿي ٻينو ۽ عرض ڪيائين تہ اوهان ڪير آهيو؟ خواجہ رحمة الله عليه جن فرمايو تہ منهنجو نالو معين الدين چشتي آهي، هتي تصوف جي پرچار لاءِ آيو آهيان، هن جاءِ تي پنهنجي خانقاهہ بنائڻ چاهيان ٿو. اوهان پنهنجو احوال ڏيو! انهيءَ تي هن وراڻيو تہ قبلا آئون هڪ يوگي آهيان ۽ پنهنجي عبادت ذريعي پنهنجي ساهہ کي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ لاءِ هڪ هزار سالن تائين سمهي رهيو هوس مگر اڃا مون کي نو سؤ سال گذريا آهن ۽ مون تي جڏهن اوهان جي توجهہ ۽ نگاه ٿي تہ ان ۾ ايتري تہ قوت هئي جو جهٽڪي سان منهنجي ننڊ ختم ٿي وئي ۽ آئون سجاڳ ٿي ويس. ان مان ثابت آهي تہ منهنجي هڪ هزار سال جي محنت ۽ "تپسيا" تياڳ ٿي وئي ۽ منهنجي سموري عبادت مٿان اوهان جي اسلامي ۽ نوراني نگاهہ غالب پئجي وئي[(11)].

گذريل تحرير ۾ ”اپنشدن“ جي پيش ڪيل تصوف جي ڪتاب، ”برهم سُوتر“ جو خلاصو ۽ شنڪر آچاريہ جي حوالي سان جيڪا شرح شري شنڪر اچاريہ لکي انهيءَ جو گيتا جي تعليم جو خلاصو ۽ اختصار پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو ويو آهي. هندن جي تصوفي فلسفي ۾ ”اپنشد“، ”برهم سُوتر“ ۽ ”گيتا“ آهي. ٽيئي ڪتاب نهايت مستند مڃيا وڃن ٿا ۽ هر زماني ۾ انهن ٽنهي ڪتابن کي هندي تصوف (يوگ ۽ گيان) جو سرچشمو قرار ڏنو ويو آهي ۽ مذڪوره بالا ٻنهي قديم ۽ غيرمسلم مذهبن جي مذهبي ڏاهن ”صوفي“ ۽ انهن جي مذهبي يا اخلاقي ڪتابن جي اصولن کي تصوف جا ڪتاب ۽ ”تصوف“ ڪوٺيو آهي. انهن ڪتابن ۾ هندن جي عقيدي جي مطابق شري ڪرشن مهاراج مهاڀارت جي جنگ ۾ ارجن کي جيڪو اُپديش (سنيهو) ڏنو هو رشي وياس ان کي ڪتابي صورت ۾ قلمبند ڪيو ۽ ان جو نالو ”ڀڳوت گيت“ رکيو جنهن کي عام لفظن ۾ ”ڀڳوت گيتا“ چئجي ٿو. ان جي تصنيف جو زمانو پنجين صدي قبل مسيح کان وٺي ٻي صدي عيسويءَ تائين بيان ڪيو ويو آهي.

ڀڳوت گيتا ۾ برهم وديا يعني فلسفو آهي ۽ يوگ شاستر يعني ”تصوف“ بہ آهي. يعني اهو بہ ٻڌايو آهي تہ حقيقت يا خدا ڇا آهي؟ ۽ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ انسان ان تائين ڪيئن پهچي سگهي ٿو؟ خدا تائين پهچڻ جا ٽي رستا آهن:

1. ڄنان مارگ: يعني علم جو رستو.
2. ڀڳتي مارگ: يعني عشق جو رستو.
3. ڪرم مارگ: يعني عمل جو رستو ڪن وري چوٿون رستو بہ ٻڌايو آهي ۽ اهو آهي.
4. ڌيان مارگ: يعني مراقبي جو رستو.

جيتوڻيڪ هندو قوم ويدن کي پنهنجي مذهب جو بنياد مڃي ٿي، مگر ان جي توجهہ جو مرڪز ويدن جي بدران ”اپنشد“، ”برهم سُوتر“ ۽ ”گيتا“ اهي ٽيئي ڪتاب آهن ۽ ان ڪري انهن کي ”پرستان تريا“ (ٽي بنيادي ڪتاب) جو لقب ڏنو ويو آهي. گيتا جا بنيادي خيال، اپنشدن مان ورتل آهن، يعني ايشور سنسار ۽ آتما جي باري ۾ اها ئي تعليم ڏني ويئي آهي، جيڪا اپنشدن ۾ آهي.(10)

مٿين ٻنهي مذهبن جي تاريخي تصوفي جائزي مان اها پروڙ بخوبي ملي ٿي تہ يوناني، عيسائي ۽ هندوئن جي تصوفي تعليمات جي پيٽ ۾

سگهي. متين ڪتابن ۾ هندوئن جي ننڍين وڏن ديوتائن ۽ ديوين، پنڊتن، پروهتن، گياني ۽ وڏوانن جيڪي طور طريقا پوڄا پاٺ ذريعي اعليٰ روحاني مرات تي پهچڻ لاءِ اختيار ڪيا، انهن کي هو "تصوف" ڪوٺين ٿا ۽ ذڪر ڪيل "اپنشد" جو مطلب آهي هندن جا اهي مذهبي ڪتاب جن ۾ ويدن جو انتخاب درج هجي ۽ اپنشد جي لفظي معنيٰ آهي: "ڪنهن وٽ باادب ويهڻ" ۽ شري شنڪر آچاريه مطابق ان جي اصطلاحي معنيٰ آهي. "برهم گيان" حاصل ڪري جهالت جو ازالو ڪرڻ ۽ وري برهم گيان جو مطلب آهي، "عرفان حقيقت" يعني معرفت جي حقيقت.(8)

اسان مذڪوره هندوئن جي صوفين جو عمومي ۽ تمهيدي تذڪرو ان ڪري به ڏيڻ ضروري سمجهيو جيئن هڪ عام قاريءَ کي هندو مذهب جي تصوفي گهاڙيٽي جو بنيادي خاڪو ملي سگهي. هاڻي وري يونانين وانگر هندوئن جي تصوفي ڏاهن جو تذڪرو ڪنداسون. هندوئن جي مکيه ليکڪ ۽ محقق ۽ ڄاڻو شري شنڪر آچاريه جنهن جو شمار دنيا جي عظيم ڏاهن ۾ آهي، هن فقط 32 سالن جي عمر ماڻي، مگر حياتيءَ جي انهيءَ مختصر عرصي ۾ هن فقط ڏهن "اپنشدن"، "برهم سوتر"، "شريمد" ۽ "ڀڳوت گيتا" جون جيڪي شرحون لکيون، انهن جي ڪري سندس نالو قيامت تائين ء زنده رهندو ۽ توحيد جا متوالا ان جي تصنيفن مان مستفيد ٿيندا رهندا.

جن ڏاهن اپنشدن جي شرح لکي انهن ۾ شري شنڪر کان سواءِ هيٺيان ڏاها قابل ذڪر آهن: ڀاشنڪر، يادو پرڪاش، رامانج، مڌو اچاريه، شري ڪنٺ، نمبارڪ، شري پتي، ولڀ و جنان ڀڪشو ۽ بلديو. مگر انهن مان فقط چئن ڏاهن جا فڪري مڪتب مقبول ٿيا: (1) شنڪر (2) رامانُج، (3) مڌو ۽ (4) ولڀ. انهن چئن مان وري عام مقبوليت جي سَند فقط شنڪر آچاريه کي حاصل ٿي. انهيءَ عام مقبوليت کان علاوه مغرب جا ڪجھ بيا ڏاها به انهن جي فڪر کان مستفيد بلڪ متاثر ٿيا. مثلاً: اسپنوزا، لائبنز، نختي، هيگل، شوپن هاور، بازنڪوٽ ۽ بريڊلي قابل ذڪر آهن. انهن مان وري شنڪر ۽ نختي جي بنيادي ذڪرن ۾ ايتري قدر هڪ جهڙائي آهي، جو پروفيسر ريورڊ الف اوٽو پنهنجي تصنيف: "مشرقي ۽ مغربي تصوف" ۾ لکيو آهي ته: "جيڪڏهن ڪوئي شخص نختيءَ جي افڪار جو غور سان مطالعو ڪندو ته ان کي اهو محسوس ٿيندو ته هن جرمن مفڪر جي قالب ۾ شنڪر جو روح ٻيهر اچي ويو آهي".(9)

تي ڪتاب ۾ تاريخون لکيون آهن. اهڙيءَ طرح هنن اسلامي تاريخ جي هڪ اهم موضوع ”تصوف جي تاريخ“ تي پڻ گهڻو ڪجهه لکيو آهي ۽ پاڻ موکيو آهي. تاريخدانن تصوف کي هزارين سال پراڻو مذاهبِ عالم ۾ محسوس ڪيو ۽ لڌو آهي. سمورا محقق ان ڳالهه تي به متفق آهن ته گهڻو ڪري هندو مذهب جي اپنشدن جي تصنيف جو زمانو انين صدي آهي. تنهن هوندي به ان ۾ شڪ نه آهي ته ڪجهه اپنشد پوءِ واري زماني جي پيداوار آهن ۽ هڪ اپنشد جنهن جو نالو: ”الله اپشند“ آهي، سو اڪبر (جلال الدين محمد اڪبر) جي دؤرِ حڪومت ۾ تصنيف ڪيو ويو هو.[5]

هن ڳالهه تي به دنيا جي مڙني محققن جو اتفاق آهي ته: اپنشد تصوف تي پراڻي ۾ پراڻيون تصنيفون آهن. جن ۾ تصوف جا سمورا بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري پروفيسر روائيس (Royce) پنهنجي مشهور تصنيف: ”ڪائنات ۽ فرد“ (ج: پهريون. باب: چوٿون ص 156) ۾ اعتراف ڪندي لکيو آهي ته: ”صوفياڻن عقيدن جي پوري داستان جو انهن ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.“

مذڪوره بالا اپنشدن جو تعداد هڪ سؤ اٺ آهي، تنهن ڪري ”مڪينڪ اپنشد“ ۾ انهن سڀني کي ناليوار شمار ڪيو ويو آهي.[6]

هندستاني محقق شري شنڪر اچاريه جي راءِ مطابق انهن مان يارنهن اپنشد اهم آهن. تنهن ڪري هن انهن سڀني جي شرح لکي آهي ۽ ”برهم سوتر“ جي شرح ۾ جيئن وڏيڪ اپنشد جو حوالو ڏنو آهي. علاوه ازين ڊاڪٽر راڌا ڪرشن تي وڏيڪ اپنشد شامل ڪري جملي (18) اپنشدن کي اهم قرار ڏئي، انهن جو ترجمو انگريزي زبان ۾ ڪيو آهي. جڏهن ته شهزادي محمد دارا شڪوه قادري مرحوم (مريد حضرت مدار شاهه رحمة الله عليه) ۽ خليفو حضرت ميان مير سنڌي رحمة الله عليه) سنه 1656ع ۾ ”52“ اپنشدن جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو هو. علاوه ازين ان جو وري لاطيني زبان ۾ ترجمو سنه 1801ع ۾ شايع ٿيو. شيلنگ ۽ شوپن هاور انهيءَ ترجمي مان استفادو ڪيو هو. مذڪوره اپنشد جو وري سنه 1808ع جرمن زبان ۾ ترجمو ٿيو ۽ انهيءَ فارسي ترجمي جو هندي ترجمو سنه 1720ع ۾ شايع ٿيو ۽ سنه 1861ع ۾ وري ان جو اردو ترجمو ٿيو.[7]

مذڪوره بالا برسبيل تذڪري ۽ تبصري ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن هڪ عام قاريءَ کي هندومت جي پيدا واري تصوف بابت ڄاڻ ملي

مذڪوره بالا فلوطين يوناني ڏاهي بابت سندس هڪ شاگرد فرفريوس لکي ٿو تہ: " روحاني طاقت ۾ ايتري قدر وڌيل هو جو جيترا بہ ٻار سندس تربيت ۾ رهندا هئا، انهن سڀني بابت هن جيڪي بہ پيشنگوئيون ڪيون اُهي اکر بہ اکر سچ ثابت ٿيون. اهڙي طرح مون (فرفريوس) هڪ ڀيري خودڪشيءَ جو ارادو ڪيو تہ هن پنهنجي ڪشف ذريعي پروڙي ورتو ۽ مون کي منهنجي ڪمري ۾ اچي چيو تہ ٻڌ! جيڪو تو خودڪشيءَ جو ارادو ڪيو آهي ان جو اصلي سبب دليل آڌر نہ آهي، جيئن تون سمجهيو آهي، بلڪ فقط مايوسيءَ جو سخت غلبو آهي، جيڪو تنهنجي مٿان طاري ٿي ويو آهي."[2]

اهڙيءَ طرح هيءَ يوناني صوفي فلوطين تاريخ ۾ عيسائيت تي غالب ٿيندي نظر اچي ٿو. فلوطين کان پوءِ نطش جنهن جي فلسفي عيسائيت جي عمراني خيالن تي اهڙي ڪاري ضرب لڳائي، جو اهو مذهب زماني جي نگاهن ۾ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو.[3]

يوناني تصوف جي، تصوفي روحاني شخصيتن ۽ انهن جي پوئلڳن جو تعداد گهڻو آهي ۽ حقيقت اها آهي تہ عيسائي ڪليسا غير شعوري طور تي سڄي نو افلاطوني فلسفي کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏيو آهي ۽ فلوطين جي شخصيت انهيءَ روحاني قافلي ۾ هڪ نمايان حيثيت رکي ٿي. جنهن ۾ سقراط، افلاطون، ارسطو، آگسٽن، ٿامس، ايڪوئناس، جديد فلسفي جو باني برونوپسيڪل ۽ اسپنوزا جهڙا ناليوارا ڏاها شامل آهن.

يورپ ۾ جيترا بہ صوفي گذريا آهن، اهي سمورا فلوطين جا شاگرد آهن. اهڙيءَ طرح، ڊانٽي، مائيڪل اينجلو شلربليڪ، اسپنسر، ڪالرج، ورڊس ورٿ، ايمرسن ۽ ٽينزسن وغيره سڀني ان جي فڪر جي ترجماني ڪئي. علمي دنيا جن حڪيمن کي "ڪيمبرج جي افلاطون جا پيروڪار" جي نالي سان سڃاڻي ٿي، انهن ۾ ڪڊورٿ ۽ ان جا ساٿي، اهي سڀئي فلوطين جا روحاني شاگرد هئا. اڄ بہ برگسان ۾ وهائٽ هيڊ جي فڪر ۽ فلسفي ۾ فلوطين جي شخصيت ۽ ان جي بنيادي فلسفي جي جهلڪ نظر اچي ٿي.[4]

بهرحال يوناني ۽ عيسائيت رکندڙ افراد اهڙن ڏاهن ۽ فلسفين کي پنهنجي زبان ۾ "صوفي" چون ٿا.

(ب) هندو مت جو تصوف:

دنيا جي تاريخدانن جهڙيءَ طرح دنيا جي مختلف تاريخي موضوعات

# مقدمو
# (معارف الانوار)

تصوف جهڙي هڪ اهم موضوع ۽ هڪ الله واري جي سوانح حيات تي مقدمو لکڻ تمام ذکيو لڳي ٿو. ڇاڪاڻ جو ڪنهن جي تقدس پائمال ٿيڻ جو انديشو ممڪن ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اسان ڏاڍي محتاط انداز ۾ پنهنجي اُيري قلم کي جنبش ڏئي رهيا آهيون. ڇو ته 'من آنم ڪه من دانم' جي مصداق اسان کي پنهنجي ڪم علمي ۽ بي بضاعتيءَ جو به بخوبي علم آهي.

بهرحال موضوع جي مناسبت کي مدنظر رکندي اسان تصوف بابت ڪجهه ضروري ۽ بنيادي ڄاڻ ڏيڻ به لازمي سمجهون ٿا. جيئن هڪ عام قاريءَ کي دنيا ۾ رائج تصوف جي تاريخ ۽ مختلف مذهبن ۾ تصوف جي صوفيانه تحريڪ جي بابت تاريخي ڄاڻ ملي سگهي. ان ڪري اسان هيٺئين ترتيب سان تصوف جي مختصر تاريخ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون. جيئن ڪوزي ۾ سمنڊ بند ڪري سگهون.

**(الف) يوناني ۽ عيسائي تصوف:**

دنيا ۾ اصولن جو بنياد وجهندڙن کي يونان جا ماڻهو "سوفسطائي" چون. انهن جي اصولن جو بنياد وهم ۽ خيال تي مبني هوندو آهي ۽ اهي حقيقتن جا منڪر هوندا آهن. اهڙن سوفسطائي حڪيمن ۽ ڏاهن جي ذڪر تحت يونان ۾ سڀ کان پهريائين، جنهن انهن اصولن جو بنياد وڌو اهو ۾ حڪيم فلاطينوس هو هيءَ عام طور تي يوناني ڏاهن ۾ گهڻو مقبول "افلاطون" جي نالي سان آهي جيڪو (428 – 348 ق. م) ۾ اٿينس ۾ پيدا ٿيو.(1) پر ان کان سواءِ هڪ ٻئي يوناني ڏاهي "فلوطين." جيڪو 203 کان 205ع تي پيدا ٿيو هو فيلسوف هئڻ سان گڏوگڏ "نوافلاطونيت" جو باني به هو. بهرحال اهو

ضروري هو تہ انهن سيني اسلامي درسگاهن جي مڪمل تاريخ قلمبند ڪجي ها ۽ ان سان گڏ انهن مان فيض يافتہ عالمن جي شخصيتن ۽ انهن جي تصنيفن ۽ تاليفن کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ محفوظ ڪيو وڃي ها! پر وري بہ شڪر آهي تہ هيريٽيج سوسائٽي ٺٽي طرفان اسان جي فاضل دوست جناب حافظ حبيب سنڌي صاحب کي انهيءَ موضوع تي لکڻ لاءِ گذارش ڪئي ۽ حافظ صاحب جن نهايت عرق ريزيءَ سان ٺٽي ضلعي جي 166 مدرسن جو تفصيلي ذڪر ڪري انهيءَ کوٽ کي پورو ڪيو آهي.

حافظ صاحب کي پنهنجي هن عالمانہ ۽ فاضلانہ مقالي لکڻ لاءِ ڪيترن ڪتابن جي مدد وٺڻي پئي، ڪيترين لائبريرين ڏسڻيون پيون ۽ ڪيٽِن ضلعي جي ڪنڊڪڙڇ جا دورا ڪري معلومات حاصل ڪئي. ان جو ثبوت ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل حوالا ۽ واڌارا آهن.

حافظ صاحب ڪتاب ۾ ٺٽي ضلعي جي اسلامي درسگاهن جي زوال پذيريءَ تي پڻ روشني وڌي آهي تہ ساڳئي وقت انهن درسگاهن کي نئين سر جيارڻ لاءِ تجويزون پڻ ڏنيون آهن. جن ان مقالي کي وڌيڪ جاندار بڻايو آهي.

حافظ صاحب ان مقالي ۾ جديد تحقيق جي اصولن پٽاندڙ تحقيق، روايت ۽ مشاهدي نگاريءَ کي گڏوگڏ ڪٽي هليو آهي، جن سان مقالي ۾ جامعيت نظر اچي ٿي. دُعا آهي تہ اسان جو هيءُ نوجوان محقق پنهنجي قلم سان ٺٽي جي عظمت کي اجا بہ وڌيڪ وزندار طريقي سان اجاگر ڪندو رهي.

# ٻه اکر
# (هڪ قلمي ڪتاب جو مهاڳ)

ٺٽو ڪيترين صدين تائين علم و ادب جو مرڪز پئي رهيو آهي. ان جي علمي اوج جو مشرق خواهه مغرب مداح ۽ معترف پئي رهيو آهي. مشرقي توڙي اسلامي علوم جي اشاعت سبب ڪيس ”عراق ثاني“ سڏيو ويو ته ڪڏهن ”باب الاسلام“ سان پيٽيو ويو.

انگريز سياحن پنهنجن سفرنامن ۾ سندس قدامت جو ذڪر پئي ڪيو آهي، ڪيس مدرسن (يونيورسٽين) جو شهر پئي سڏيو آهي. ان جي عالمن جون تصنيفون بغداد ۽ قاهره کان ٽينديون فيض (مراڪش) تائين پهتيون ۽ اتان جي نصابن ۾ شامل ٿي ويون. اڄ به ٺٽي جي ڪيترن ئي عالمن جون تصنيفون ۽ تاليفون مشرق وسطيٰ جي ڪيترين ئي لائبريرين جو سينگار آهن. سنڌ ۾ موجوده قلمي مخطوطات جي سروي ڪبي ته ان ۾ به ٺٽي جي عالمن جو نالو سڀ کان نمايان نظر ايندو ۽ هن وقت به ٺٽي شهر جي قديم خاندانن وٽ اهڙا سوين قلمي نسخا موجود آهن، جيڪي اڄ ڏينهن تائين منظرعام تي اچي نه سگهيا آهن.

يقيناً ٺٽي جي انهيءَ علمي عروج ۾ اسلامي درسگاهن جو وڏو ڪردار رهيو آهي، جن جي فيض سان ٺٽي جي علمي ۽ ادبي زمين سيراب ٿيندي رهي ۽ نتيجي ۾ انهن درسگاهن مان اهڙا عالم، فاضل، اديب، شاعر، محقق، تاريخدان، خطاط ۽ ڪاتب پيدا ٿيا، جيڪي علم و ادب جي ميدان ۾ ٺٽي جي زينت بڻيا. ٺٽي جي اسلامي درسگاهن جو سلسلو معلوم تاريخ جي آڌار تي سما دؤر جي مولانا حماد جماليءَ جي مدرسي کان شروع ٿئي ٿو جيڪو مختلف دؤرن ۾ وڌندو ويجهندو رهيو. هن وقت ضلعي اندر سوين مدرسا قائم آهن، جيڪي پنهنجي پڄت آهر دين جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ڪلب ۾ نائب صدر جي عهدي تي فائز آهي، جڏهن ڪانئس هن ڪتاب "ڏونگر مون مَ ڏکوءِ" جي ڇپائڻ بابت پڇيو ويو تہ پاڻ مرڪي چيائين تہ مون کي سدائين بزم شعراء سنڌ جا دوست همٿائيندا رهيا تہ آئون پنهنجو ڪتاب شايع ڪرايان تہ جيئن، جيڪو ڪجهہ لکيو اٿم، اهو محفوظ ٿي وڃي. ان کان پوءِ منهنجي صحافي دوستن سامي ميمڻ، طارق پٺاڻ، زاهد ڪلهوڙي، علي محمد گبول، حمزو پنهور، حنيف سومرو، جميل چانڊيو ناز شر، مير ذوالفقار ۽ ٻين دوستن بہ ان سلسلي ۾ منهنجي حوصلي افزائي ڪئي. ان سلسلي ۾ سيد محمد علي شاهہ ۽ عبدالستار ڦل هن ڪتاب جي اشاعت ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

سيد سلطان شاهہ ساقي هڪ سدابهار شخصيت جو مالڪ آهي. هن جي چهري تي سدائين مرڪ پئي رهندي آهي، هي مرڪڻو ماڻهو يارويسي، ملنساري، خيرخواهي همدردي ۽ خلوص دل جهڙين خوبين سان مالامال آهي.

رزاق آباد جي هن زنده دل شخصيت کي خداوند ڪريم دل وندرائڻ لاءِ سليمان شاهہ، ذوالفقار علي شاهہ ۽ نياز حسين شاهہ نالي ٽي پٽ ۽ بہ نياڻيون عطا ڪيون آهن.

سجاول 1 آگسٽ 2006ع

پڻ درس ڏيندو هو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو اڄ ساقي شاهه جي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف جي فڪر جو عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڳوٺ جي اوطاق تي ٿيندڙ رس رهاڻين ۽ رنگن هن کي 14 سالن جي عمر (1976ع)۾ ڇڪي شاعريءَ طرف مائل ڪيو. مطلب ته پاڻ 14 سالن جي ڄمار ۾ ئي شاعري ڪرڻ لڳو. جوانيءَ ۾ قدم رکندي هو غزل جو سنو شاعر ٿي اُڀريو. انهيءَ دوران شاگرد سياست ۾ اچي سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ شامل ٿيو هاڻي سندس شاعريءَ ۾ حسن ۽ محبت سان گڏ سنڌ ڌرتيءَ جو درد به جاڳي پيو جنهن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏيڻ شروع ڪئي. اهڙي نموني هو گيت نظم جو به پلوڙ شاعر ٿي پيو پر سندس شاعري صرف اوطاق ۽ چند دوستن جي سيني تائين محدود رهي. سن 1995ع ۾ هن، هنن سٽن جي لکندڙ (عزيز جعفراڻي) رسول بخش تميمي ۽ حافظ حبيب سنڌيءَ جي ڪوشش سان بزم شعراء سنڌ جو قيام عمل ۾ آندو ويو ته رزاق آباد وارا سڀ دوست انهيءَ ۾ شامل ٿي ويا، جن ۾ ساقي شاهه به هو. پوءِ ماهانه مشاعرن جو هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ ساقي شاهه جوهر ڏيکاريندو رهيو. اهو پهريون موقعو هو جو ساقي شاهه سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ پنهنجو نقطه نظر پيش ڪندو رهيو. جنهن ڪري ويتر سندس اعتماد جي قوت اُڀرندي رهي، ان بعد سندس ڪافي شعر، ڪافيون، غزل، گيت وايون ۽ بيت وقت به وقت مختلف رسالن کان سواءِ هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو ڪاوش، پاڪ، برسات ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا. انهيءَ دوران ملير ضلعي جي اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ: حاجي سليمان بروهي ”بيڪس“، عبدالله ملاح ”بيمتيو“ سيد عمر شاهه، شاهه محمد شاهه، عالم شير گبول، عبدالغفور شاهه، اصغر مهرائي، گل حسن ڪلمتي، علي محمد ڪلمتي ۽ ٻين سان تبادله خيال ٿيندا رهيا. ساڳئي وقت سنڌي ادبي سنگت، ملير ڪراچي ۽ بزم طالب المولىٰ ڪراچي جي ڪچهرين ۾ به ويندو رهيو. مرحوم اصغر هالي ۽ اقبال شاهين جي معرفت ڪيترا دفعا پي ٽي وي (PTV) جي نعتيه مشاعرن ۾ شرڪت ڪري چڪو آهي.

هن وقت ساقي شاهه هڪ استاد هئڻ سان گڏ صحافي پڻ آهي، هن صحافت جو سفر 1995ع کان سلطان احمد عرف سامي ميمڻ جي استاديءَ ۾ شروع ڪيو. سندس پهرين اخبار دعا هئي، ان بعد هلال پاڪستان بن قاسم ٽائون ڪراچي ۽ روزنامه سوڀ جو ڊسٽرڪٽ رپورٽر، هن وقت ملير پريس

# مرڪ ڪٺارو ماڻهو

ڪراچيءَ جي قديم بستي لانڍي (قائدآباد) کان 7 ڪلوميٽر اوڀر طرف نيشنل هاءِ وي روڊ تي رزاق آباد (ڪانٽو ڪالوني) جو علائقو اچي ٿو. رزاق آباد جي مين بس اسٽاپ کان چند قدم اتر طرف وڻن جي ساون جهڳٽن ۾ ڳوٺ سيد محمود شاهه آباد آهي. ان ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي لائبريري ۽ ان سان لاڳاپيل چلڊرن پارڪ، سدائين علمي، ادبي ثقافتي ۽ سياسي مرڪز پي رهيو آهي. ان مرڪز جو روح روان سيد خدا ڏنو شاهه آهي. جنهن جي طفيل هتي هر وقت ڪا نه ڪا محفل متل هوندي آهي. انهن محفلن ۾ ڪڏهن علمي ۽ ادبي رنگ شامل هوندو آهي تہ ڪڏهن سنڌ جي ثقافت تي بحث مباحثا ٿيندا رهندا آهن تہ ڪڏهن ملير جي سنڌي وسندين کي بچائڻ جي لاءِ غور ويچار ڪيو پيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن وري سنڌ جي سياسي مسئلن جي پچار هوندي آهي. انهن محفلن ۾ نہ صرف سائين خدا ڏني شاهه جي خاندان جا فرد شريڪ هوندا آهن، پر آس پاس جا ڪيترائي ماڻهو انهن محفلن ۾ شريڪ ٿي لطف اندوز ٿيندا رهندا آهن. جتي اهڙين محفلن جو ٿيڻ معمول هجي تہ يقيناً اتي انهن جي اثر ۾ ڪي قومي جذبو رکندڙ ڪارڪن، شاعر ۽ اديب پيدا ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي.

اهي محفلون سياسي توڙي علمي ۽ ادبي، پانڌيئڙن لاءِ هڪ تربيت گاهہ ثابت ٿيون آهن. انهن محفلن ۾ جن فردن پيرپاتو آهي. انهن مان سيد سلطان شاهه ساقي پڻ هڪ آهي، هو پنهنجي ڳوٺ سيد محمود شاهه پيريءَ ۾ 25 آگسٽ 1962ع تي سيد فتح محمد شاهه جي گهر ڄائو.

سيد سلطان شاهہ ننڍپڻ کان ئي ادبي مزاج رکندڙ هو. اجا ننڍو ئي هو تہ کيس سندس مامي سيد بهادر شاهہ جي صحبت ۽ شاگردي نصيب ٿي، جيڪو کيس قرآن شريف جي تعليم سان گڏوگڏ شاهہ لطيف جي بيتن جو

# ڪتابن جا مهاڳ

وفدن ۾ شامل پئي ڪيو آهي. 1955ع واري اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ پاڪستاني وفد جو وائيس چيئرمين مسٽر بروهي هو. 1958ع ۾ پئرس ۾ ٽيندڙ يونيسڪو جي ڪانفرنس ۽ مشرق بعيد ۽ ايشيا لاءِ اقتصادي ڪميٽيءَ جو اجلاس منعقد نيودهلي، تنهن ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي بہ هن صاحب ڪئي مسٽر بروهي 1960ع تائين هندستان ۾ پاڪستان جو سفير بہ ٿي رهيو.

جيتري قدر چوٽ جي بين الاقوامي ڪارنفرنسن جو تعلق آهي، بروهي صاحب 1963ع ۾ بين الاقوامي وڪيلن جي ڪانفرنس، اٿينس، يونان ۽ 63_1964 ۽ 1966ع ۾ لڳاتار ڊيلاس سمپوزيم ميٽنگن ۾ شرڪت ڪئي. 1965ع ۾ عالمي ايڪسٽڪ سوسائٽي، اٿينس، يونان جو وائس صدر چونڊيو ويو.

پاڪ سرزمين جو هيءُ فرزند جليل، پنهنجي خداداد لياقت، سبب عالمي شهرت جو مالڪ آهي. بين الاقوامي قانون ۾ سندس اهميت دنيا تسليم ڪري چڪي آهي، ڪيس 1962ع ۾ هيگ ائڪڊمي آف پبلڪ انٽرنيشنل، هيگ، هالنڊ ۽ 63_1964ع ۾ گرئجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل لا، جنيوا، سئٽرزلينڊ جي طرفان خصوصي دعوتون ڏئي، ڪيس بين الاقوامي قانون تي ليڪچر ڏيڻ جا موقعا فراهم ڪيا ويا. فيبروري 1965ع ۾ جڏهن اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل طرفان دنيا جي ستن ممتاز قانوندانن کي ”بين الاقوامي تعاون“ تي جنرل اسيمبلي هال، نيويارڪ ۾ ليڪچر ڏيڻ جي خصوصي دعوت ڏني وئي تہ پوري ايشيا مان مسٽر بروهيءَ کي ئي انهيءَ ليڪچر لاءِ چونڊيو ويو.

پاڪستان جو هيءُ عالمي شهرت يافتہ قانوندان هن وقت سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو سينئر ايڊووڪيٽ ۽ پاڪستان بار ايسوسيئيشن جو صدر آهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي مرحوم جو هيءُ روحاني پُٽ، تصنيف و تاليف ۾ بہ شوق رکي ٿو. سندس بہ ڪتاب An adventure in Self Expression ۽ Fundamental Rule of Pakistan انگريزي ۾ ڇپيل آهن ۽ هڪ ڪتاب حيات طيبہ رسول اڪريم ﷺ تي اچي رهيو آهي.

❊

# محترم اي - ڪي بروهي

سرزمين سنڌ کي اهو فخر پئي حاصل رهيو آهي تہ اُن جي گود ۾ اهڙن ڪيترن سپوتن جنم ورتو آهي، جن جي خداداد لياقتن ۽ صلاحيتن سبب سنڌ جو نالو عالمي شهرت اختيار ڪري چڪو آهي. اهڙن سپوتن مان جناب اي ڪي بروهي جن بہ هڪ آهن.

سنڌ جو هي عظيم فرزند، شڪارپور ضلعي جي ڳڙهي ياسين شهر ۾ 24 ڊسمبر 1915ع تي توليد ٿيو. ابتدائي تعليم کان پوءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج مان، جو ان وقت بمبئي يونيورسٽيءَ سان ملحق هو، فلسفي ۽ قانون ۾ گريجوئيشن حاصل ڪئي ۽ فلاسافيءَ ۾ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ 1937ـ 1938ع ۾ ساڳئي ڪاليج جو فيلوف تي رهيو ۽ ٽن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين آئيني ۽ دستوري قانون جو پروفيسر تي ڪم ڪيو.

وڪالت جي شوق ڪري هو 1941ع ۾ وڪالت ۾ داخل ٿيو سنڌ جي چيف ڪورٽ ۾ ساڍهہ ڏهہ سال وڪالت ڪرڻ بعد کيس سنڌ صوبي جو ائڊوڪيٽ جنرل مقرر ڪيو ويو. رياستي مقدمو جنهن کي عام طرح ”راولپنڊي سازش ڪيس“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو انهيءَ ۾ پڻ کيس حڪومت طرفان چيف پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو ويو هو.

مسٽر بروهيءَ جو جيتريقدر ملڪي سياست سان تعلق آهي، هو 1953ع ۾ مرڪزي وزير ۽ مرڪزي دستور ساز اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ڪجهہ وقت، قانون، دستور ۽ پارليماني امور سان گڏوگڏ اطلاعات ۽ نشريات جا محڪما بہ سندس حوالي ڪيا ويا، پر ڪن سببن ڪري انهيءَ عهدي تان 23 آڪٽوبر 1954ع تي استعيفا ڏيئي وري بہ وڪالت ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين.

هڪ عظيم مدبر، فلسفي، مفڪر ۽ سياستدان هجڻ جي حيثيت سان حڪومت پاڪستان وقت بوقت کيس بين ملڪن ڏانهن ويندڙ پنهنجي

آئون ڏسان پيو تہ هن جي چهري جا تاثرات بدلجندا پيا وڃن. مون کي روئڻهارڪي لهجي ۾ چوي ٿو تہ:

”ادي سسئي پليجي کي وزارت ملڻ تي منهنجي طرفان مبارڪباد ڏيندا ۽ چئجوس تہ توهان ۽ شمس صاحب بئي نئي ضلعي جا آهيو اوهان کي ٿي ضلعي جي توڙي سنڌ جي نادار ۽ غريب اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي پارت هجي. بهتر ٿيندو محمد خان مجيديءَ جي رهيل شاعريءَ جي ڇپرائڻ جو ثقافت کاتو اهتمام ڪري. هاڻي سڄاول ۾ توهان ۽ ادي مريم مجيدي سينئر اديب وڃي رهيا آهيون اوهان کي ذوالفقار، اياز امر شيخ، محمد خان ٻارڻ ۽ ٻين نون لکندڙن جي پارت هجي، انهن جي لکڻين جي اصلاح ڪندا رهجو.

منهنجي پاڙي وارن پناڻن، ٻارهيڙين ۽ سيدن کي منهنجا سلام چئجو ۽ کين چئجو تہ مون کان کين ڪا شڪايت يا ڏک هجي تہ اهو خدا ڪارڻ معاف ڪري ڇڏين ۽ منهنجي پٽڙن کي بہ چئجو تہ پاڙي وارن جو خاص خيال رکو. منهنجي صحافي دوستن هدايت الله کٽي، جي ايم سومرو ۽ ڊاڪٽر رام چند کي سلام چئجو. نئي سڄاول پل تي ويهي ڪري منهنجو نظم ”جنت الفردوس آهن بئي ڪنڌيون مهراڻ جون“ پڙهي سنڌوءَ کي منهنجي طرفان پيغام ڏجو شل سنڌ ۽ سنڌو سدائين آباد هجن“.

ايئن چوندي هن جي اکين مان لڙڪ ڪري پون ٿا آئون بہ شاعر جي احساسن سان متفق ٿيندي ڪائنس اجازت گهران ٿو.

ايتري ۾ مسجدن مان الله اڪبر جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. آئون اکيون پٽي اُٿي ويهان ٿو ڏسان ٿو تہ منهنجي وهاڻي جي پرسان سرويچ سڄاولي جو ڪتاب ”آليون اکيون اُٺيا وار“ ۽ سندس نئون ايندڙ ڪتاب ”بئي ڪنڌيون مهراڻ جون“ جو مسودو پيل آهي“.

(سرويچ سڄاولي جي پهرين ورسي 22 آڪٽوبر 2008ع سرويچ ننگر سڄاول)

---(8)---

ڦاٽڪ ڦاٽڪ نوڙهي ڦاٽڪ، ٽيندي جڏهن ڪنڌڪوٽ،
موري موري ڪيسانہ ۾ ڳوٺ سمورا طيب ڳوٺ.
ماڙي ماڙي روپا ماڙي، ڪوٽ سمورا وڳهہ ڪوٽ،
ڪوئي مانگر مڇ نہ هوندو، موتي ايندو مورڙو گهوٽ.
موتي ايندو مورڙو گهوٽ ۾ گهوٽن سان گڏجاڻي هوندي،
گهوٽن سان گڏجاڻي هوندي، آجي سنڌ سياڻي هوندي.
آجي سنڌ سياڻي هوندي، راڻي راڄ ڏيجاڻي هوندي.

---(9)---

جُوءِ جُوءِ منجهان جودا اٿيا، سر سر منجهان، سوڍا اُٿيا،
ديهہ ديهہ منجهان دودا اٿيا. سر جا ڪرڻ سودا اٿيا.
هي ڳاٽ اوچي ساڻ ڳوڻن مان، لکين ڳوڏا اٿيا،
هي بي ڊپا بانڪا بهادر بانورا جاڳي پيا.
اي دوست! پنهنجي سنڌ جا ڇيڙا سرا جاڳي پيا،
آسون ڪرون موڙي اٿيون ۾ آسرا جاڳي پيا.

---(10)---

دشمن اڳيان داڻي توڙي، ناڻي تي پيا ناچ نچن،
سنڌ ۾ سنڌي وڪڻيو پوءِ بہ، اوچي اوچي ڳاٽ اچن.
شرم حيا ۾ شايد آهن، ڏاڍا جهڪا قومپرست،
ٽڪي پئسي تي پيا وڪامن ڪچا پڪا قومپرست.

---(11)---

اي! ننڊ پيل، غفلت ۾ ٻڏل، ويو سج لڙي ڪو سڌ تہ ڏيو
هي وقت وڏي آواز اوهان کي، روز پُڪاري يار پيو.
ڇا؟ بات، انڌيرن ۾ بہ اوهان کي، ڪو نہ ڪپي ڪو لات ڏيو
هٿ پير هڻو ۾ ڪنڌ ڪڍُو ڪيڏو نہ اجايو وقت ويو
ڪجهہ اک پٽيو اوڳا نہ ٿيو هو ماڻهن جا معيار ڏسو!
اي! منهنجي وطن جا ماڻهو جاڳو! قومن جا ڪردار ڏسو!

چڱو سر ويچ صاحب اوهان جي وڏي مهرباني جو توهان مونکي پنهنجو قيمتي وقت ڏنو.

---(2)---

توکي ڏسڻ پسڻ لئہ، توسان ملڻ کلڻ لئہ،
مشتاق ڪئين مري ويا، سجدا ڪري ڪري
ايڏي نہ لڪ لڪان ڪر، درشن ٿئي تہ دلبر،
ماڻهن جا وات ڦاٽن، وهہ واهہ ڪري ڪري

---(3)---

سنڌ امڙ تان سرڙا گهوري، مانجهين ماڳ بچايا،
مانجهين ماڳ بچايا، ڪوہن ڪنڌ ڪپايا.
ننگر پونگر پُٽ اسان جا، اسين تِن جا جايا،
اسان تہ سهڻي سنڌڙيءَ خاطر، ڪيهر پٽ ڪهايا.

---(4)---

سڀ بيت اسان جا بارودي، سڀ گيت اسان جا گهوباٽا،
هي نظم اسانجا ناد ۽ نعرا، ڳائيندا پيا ڳوناٽا.
هر ڪافي ڪات ڪهاڙو آ، هر وائيءَ ۾ آ ويڙهہ وڏي،
هرنقطو پختو پٿر آ، جت ماڳ اسان جا مائيتاڻا.

---(5)---

پوڙهيون تي وبون مايون، لوڙهيون ڪيڏي ڪيڏي،
لوڙهيون تي وبون مايون، لوڙهيون ڪيڏي ڪيڏي
پاپ پيڙ منجهہ پچندي، پورن تي پور پالي،
پوڙهيون تي وبون مايون، لوڙهيون ڪيڏي ڪيڏي

---(6)---

چوري چتا نہ چوڙ تون، چورا چتا تي پوندا!
مينڊيا نہ منهن تي موڙ تون، چورا چتا تي پوندا!
ڪارين ڪُنڊين اکين ۾، ڪانيون ڪجل جون پائي،
چيچڙا نہ چوٽ چوڙ تون، چورا چتا تي پوندا!

---(7)---

هن قوم جي همت جرئت کي، بد چال، پلا چا ياد ڪندين،
بد چال پلا چا ياد ڪندين، بي حال، پلا چا ياد ڪندين.
جنهن قوم کي تو للڪار ڪئي، سا قوم گهٽو بيباڪ اٿئي،
چپ چو تون چتين؟ چپ ڪري، بندچنڊال، پلا چا ياد ڪندين.

---(1)---

جهنگن جهرن يرن ۾، جاوا ڪيا جنهن سنڌوءَ،
بستان باغ بر تر، ساوا ڪيا جنهن سنڌو.
بکيا اڃيا سمورا، ڍاوا ڪيا جنهن سنڌوءَ،
وڻ ترڻ وليون ۽ گلڙا، واهه واهه ڪيا جنهن سنڌوءَ.
پوتر ندي پياري- احمد لطيف سچل!
سنڌو سُڪي وئي ساري- احمد، لطيف، سچل!

---(2)---

ڪيڏا هئا سنڌوءَ ۾، ڪڙ ڪڙ ڪُنن جا ڪڙڪا،
گجگوڙ گوڙ گوڙبون، دهمان داب دڙڪا.
سُٽبا هئا سنڌوءَ جا، ڌرتيءَ سڄيءَ تي ڌڏڪا،
ياري يٽن کي يوري، يڙڪي ڪندي هئي يڙڪا.
آهي اسان وساري- احمد، لطيف، سچل،
سنڌو سُڪي وئي ساري- احمد، لطيف، سچل.

---(3)---

سنڌو آ سينڌ سنڌ جي، سا پڻ سڪي وئي آ،
رهزن جي رهزنيءَ سان، رُڪجي رُڪي وئي آ.
پاڻي چُڪي جي لاءِ، ڌرتي چڪي وئي آ،
ساري سمان اڳوٽا، جيجل جهڪي وئي آ.
آهيون اسين ڏوهاري- احمد، لطيف، سچل،
سنڌو سڪي وئي ساري- احمد، لطيف، سچل.

چڱو سرويچ گهٽيون ڳالهيون ٿيون هاڻي ڪا پنهنجي تازي شاعري ٻڌاءِ؟

”شاعري ته ڪافي ڪئي اٿم، چند ٽڪرا ٻڌيان ٿو“. باقي شاعري ذلفي وٽ آهي، ان کان وٺندا.

---(1)---

اڄ ته ڪنهن اهڙي طرف، اي ناز وري نڪرون هلون،
جت نه پهرا پيار تي، ۽ جت نه جذبن تي جهلون.
جت نه چاهت تي چڪاسون، چوڪسيون ۽ چئون پُڇون،
جت نه دل کي دل کان، توڙڻ جون ڪري ڪو اٽڪلون.

تو هيٺن جي حمايت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين،
تو اپرن جي امامت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين.
تو بگهڙن سان بغاوت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين،
تو مُلن تي ملامت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين.
ملان مڪار مُنهن ڪارا، سدا بي عزتا هوندا،
پيل توڪي پيتا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا.

---(3)---

اوهان جو ويرِ ويرين ڪان، وڏي واڪي سان ونٺو آ،
اوهان جي قاتلن کي ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڇڏٹو آ.
اسان جو انتقامي رت نہ مرٽو آ نہ نرٽو آ،
علل اعلان وڙهٽو آ، علل اعلان وڙهٽو آ.
مڪارن جا تہ منهن هوندا، جوانن جا جُتا هوندا،
پيل توڪي پيتا صاحب، گلي ۾ گل رتا هوندا.

هن جي اکين مان پاڻي زارو قطار وهي رهيوآهي، هو سڏڪندي سڏڪندي چوي ٿو تہ ظالمن سنڌ راڻي بينظير کي بہ شهيد ڪري ڇڏيو ۽ هو گلو گلير آواز ۾ چوي ٿو تہ:

---(1)---

جمهوريت لاءِ جيڪي وڙهندا، تن جي آهين تون اڳواڻ،
صدرن تائين جيئري هوندينءَ، سالارن جي تون سرواڻ.
تنهنجو نانءُ ونڻ سان وسرن، ويس وڳا ۽ ڪاڏا ڪيڻ،
جس هجيئہ او مارئي ٻاگهي، جس هجيئہ او جوڏي پيڻ.

---(2)---

سانگين کي تون سر کان پياري، سانگين جو تون ساهہ پساهہ
تنهنجي قولن عملن تي آ، وانگيءَ وانگيءَ کي ويساهہ.
باقي نجس نياڳن جي لاءِ، تنهنجو نالو وڍ ۽ ويڻ،
جس هجيئہ او مارئي ٻاگهي، جس هجيئہ او جوڏي پيڻ.

هو اکيون صاف ڪندي موڏانهن مخاطب ٿئي ٿو ”منهنجي وقت ۾ مهراڻ پنهنجون موجون ۽ پنهنجو جوبن وڃائي چڪي هئي پلا ڪيئن هاڻي مهراڻ ۾ اڳوٽي سوج موٽي آئي آهي يا نہ؟“

طريقي سان مانيٽرنگ ڪن ۽ پنهنجن ڪارڪنن کي جيڪي اڪثر سرڪاري ماستر آهن، کين ان ڳالهه تي آماده ڪن تہ اُهي پنهنجي پيشيوراڻين ذميوارين کي نڀائين تہ جيڪر سنڌ سجاڳ ٿي پوي ۽ اها سجاڳي سنڌ ۾ آجپي لاءِ ضمانت هوندي.

سنڌي ادب ۽ ثقافت جا ڪهڙا حال آهن؟ هو مون کان پڇي ٿو. آئون کيس ٻڌايان ٿو تہ سنڌي ادب ۾ ثقافت جا سرواڻ پنهنجي ضلعي سان تعلق رکن ٿا. محترمہ سسئي پليجو سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت جي وزير آهي، جڏهن تہ شمس جعفراڻي جنهن جو تعلق سجاول سان آهي. اهو صوبائي سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت آهي ۽ ٺٽي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڪلچر کاتي جو ڊائريڪٽر آهي. هوڏانهن سنڌ جي فعال ۽ متحرڪ ادبي تنظيم سنڌي ادبي سنگت يوسف سنڌي جي اڳواڻيءَ ۾ نهايت سرگرم آهي.

”پوءِ چئبو تہ سنڌ جو ادب ۽ ثقافت ٺٽي ضلعي جي هٿ ۾ آهي، مون کي پڪ آهي تہ هاڻي ادي سسئيءَ جي دور ۾ مجيديءَ جا ڪتاب بہ ڇپبا“. انشاءَالله ادي سسئيءَ سان جلد ئي ملاقات ٿيندي تہ کيس اها ڳالهه ٻڌائيندس آئون کيس چوان ٿو.

”يلا سرويچ ياڻي ڏي خبر شهيدن جي باغ جي؟“

اسان جي باغ کان اوير طرف شهيدن جو باغ آهي جتي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو وڏي مان مرتبي سان رهن ٿا. مون کي چوٿين اپريل 1979ع وارو ڏينهن نٿو وسري جڏهن اسان جي محبوب قائد ذوالفقار علي ڀٽي کي فوجي آمر هٿان شهادت جو جام پيئڻو پيو. ايئن چوندي هن جون اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون. هن بي اختيار چئي ڏنو:

———(1)———

اوهين آهيو سدا جيئرا، مري انصاف بلڪل ويو.
اوهان کي ڪير ماريندو، مري ڪرنل ۽ جنرل ويو.
اوهين مرڻا نہ آهيو ميان، مري اسلام جو مُل ويو.
اوهان کانپوءِ پاڪستان، مري سچ پچ مڪمل ويو.
سندس بنياد ۽ بازو بلاشڪ بي ستا هوندا،
پيل توکي پڻا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا.

———(2)———

3_ اُهي ٿي ڏاريا ڏوڪيو اچن پيا ديس پنهنجي ۾،
اُهي ٿي ديس جا وارث، پيا ڏڪجن اجا تائين!

4_ اها انڌير نگري ۽ اهو چربٽ اجا راجا،
اها "ڀها ڀاڄي ۽ کاڄا" پيا وڪجن اجا تائين!

5_ اُهي ٿي خونريزيون اڄ، اهوئي قتل قائم آ،
اُهي ٿي قوم جا ڪلها، پيا ڪسجن اجا تائين.

6_ هتي ڏاڍو سو گابو ۽ هتي هڙٻوڙ حاڪم سڀ،
هتي هيٺن جي ڇاتيءَ تي، ٿا مُگ ڏرجن اجا تائين!

7_ سونهارن سنڌين جي لاءِ ٿيون عيدون بہ عاشورا،
وهائن لڙڪ وانگيٽڙا، متي عيدن اجا تائين!

8_ هو روس ۽ آمريڪا جا ڪتا ويا چنڊ تي پهچي،
مگر سنڌي اَٽي اَنَ کي نٿا پهچن اجا تائين!

9_ هتي پل قهر ڪيڏو ٿئي، مگر جيڪي ڪچن تن لئہ،
ڪٽا ها تيل جا هر دم، پيا ڪڙهن اجا تائين!

10_ هتي فرعونيت قائم، هتي آ، طرز "نمرودي"،
هتي پيا "زار" جهڙا لک هلن رهزن اجا تائين!

"تنهنجي معنيٰ سنڌي ماڻهو اجا تائين بہ ويل ۾ آهن. يلا جعفراڻي صاحب پنهنجي سڌرڻ جي اُميد ڪو آسرو؟" هو ڏک ڀري انداز ۾ مون کان پڇي ٿو وري پاڻ ئي جواب ڏئي ٿو تہ سنڌ ۾ سنڌي قوم کي فقط اهليت قابليت ۽ تعليم بچائي سگهي ٿي. باقي سڪٽن نعرن سان نہ سنڌ جيئندي نہ سنڌي ماڻهن ۾ سڌارو ايندو. آئون ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي ڪائنس پڇان ٿو تہ ڇا سنڌ جون قومپرست پارٽيون ان سلسلي ۾ ڪجهہ نٿيون ڪري سگهجن. جيڪي سنڌ سنڌ ڪري پنهنجي سياست چمڪائين ٿيون؟ هو چوي ٿو تہ "سنڌ جون قومپرست پارٽيون سنڌ جي تعليم کي بچائي سگهن ٿيون. رسول بخش پليجو قادر مگسي بشير قريشي ۽ عبدالخالق جوڻيجي وارا پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج کولين ۽ ان جي صحيح

ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو رهن ٿا.

آئون سرويچ جي محل وٽ بيٺو آهيان چوڪيدار محل اندر داخل ٿئي ٿو ٿوري دير بعد سرويچ ٻاهر نڪري ٿو اُهائي هيڊي رنگ واري سنڌي ٽوپي، اُهي ئي سنڌي ڪپڙا، اُهائي چپن ۾ جهونگار، وڏي حب سان ملي ٿو ۽ اندر وٺي ويهاري ٿو. اسان جنهن ڪمري ۾ ويهون ٿا ان ۾ سامهون سنڌ جو نقشو ٽنگيل آهي ته ٻئي پاسي سنڌس ئي شعر ٿلهن اکرن ۾ ڊرائنگ پيپر تي لکيل ڏسان ٿو.

سنڌ جي هر هڪ چيز پياري،
سون هجي يا هوئي واري،
واري ٻه ان جو نور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان.
ڪين انهيءَ تي ڪجهه ٻه سهان ٿو
عشق ۾ تنهن جي مست رهان ٿو
مست رهان مخمور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان....
سنڌيئڙا سرويچ سپيئي،
جان سان ڪيڏن، جنگ اهئي.
ٻالڪ، پوڙها جهور الا! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان....

ويهندي شرط هو منهنجي لاءِ پنهنجي محل واري باغيچي مان تازي صوف، وڏا انگور، ڏاڙهون ۽ ڪارا انگور ٿالهيءَ ۾ پيش ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته جعفراٽي هيءَ ڪارا انگور جنهن کي هتي وارا "عزرق شيرين" سڏين ٿا. ڪاٺ ۾ تمام مٺا آهن وڃڻ مهل يادگيري ڏيارج ته منهنجي گهر لاءِ تنهنجي گهر لاءِ توکي ٽوڪرو پيري ڏيان هي پاڻي پيي ڏس جو ماکيءَ کان ٻه مٺو آهي.

پنهنجي ملڪ ڇڏڻ ڪانپوءِ توهان پنهنجي ملڪ جا پهريان شخص آهيو جنهن مونسان ملاقات ڪئي آهي. پلا ماروئڙن، جهانگيئڙن ۽ سانگيئڙن جا ڇا حال آهن. آئون سمجهان پيو هن جي دل ۾ سنڌي ماڻهن جي بدحاليءَ جو درد اُٿلون ڏئي رهيو آهي. هو تجسس ڀريل نگاهن سان مونکان جواب طلبي ٿو. آئون ڪيس ٻڌايان ٿو ته:

1ـ سڄي هيءَ سنڌ سورن ۾، سڙي پيئي اڙي ساٿي،
نٿا ڪو سُک سڄڻ سانگي، صفا سنيرن اجا تائين!

2ـ ڏڪويل ڏوٿين کي ڏوجهرا پڻ ڏاج ۾ مليا،
ڏکن ۾ هي سندم ڏيهي پيا ڏسڪن اجا تائين!

# ڪنهن سان سو رسليان
# سرويچ سجاولي

آئون ڪنهن اجنبي شهر ۾ آيو آهيان. شهر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي عاليشان محل ماڙيون ۽ چؤطرف ساوڪ ٽي ساوڪ ۽ اڻ ڪٽ ساون وڻن جا سلسلا عجيب و غريب ماڻهو ڪي جاتل ڪي سجاتل، هرڪو آسوده حال ۽ خوشحال شهر گهمندي ڪافي دير ٿي وئي آهي، سوچيان پيو ته ڪنهن پر واري باغ ۾ سير ڪجي ۽ ٿڪ لاهجي، ڪجهه قدم اڳتي هڪ باغ نظر اچي پيو. آئون اوڏانهن وڌندو وڃان پيو نيٺ باغ جي دروازي وٽ پهتو آهيان، اُتي اهو ڏسي حيرت ۾ پئجي وڃان ٿو ته باغ جو نالو باغ ارم يا باغ پيتائي آهي، گيٽ تي بيٺل چوڪيدار پڇڻ تي ٻڌايو ته هن باغ ۾ سنڌ جا وڏا شاعر رهن ٿا، جهڙوڪ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شيخ اياز مولوي حاجي احمد ملاح، مخدوم طالب المولي، استاد بخاري، محمد خان مجيدي، لطف الله قادري گرهوڙي ۽ سرويچ سجاولي وغيره. ڏاڍو خوش ٿيان ٿو ته هڪ ئي هنڌ سنڌ جي ناليوارن شاعرن سان ملاقات ٿي ويندي. باغ ايترو ته وڏو آهي جو ان جي دنگ جي خبر ئي نٿي پوي، سيني شاعرن سان ملڻ جي لاءِ گهڻو وقت گهربل آهي جيڪو مون وٽ نه آهي. چوڪيدار سيني جي محلن جا پار پتا ٻيو ڏئي پر مون ڪي پاڻ ۾ ايتري پنڌ ڪرڻ جي همت ئي نه پئي ٿئي. آئون چوڪيدار کي چوان ٿو ته مون کي سرويچ سجاوليءَ جي محل تي وٺي هل اسان گهاٽن گهاٽن وڻن جي درميان رستي تان هلندا هڪ ٻه ڪسيون ٽپندا هڪ عاليشان جڳهه جي اڳيان اچي بيهون ٿا. چوڪيدار ٻڌائي ٿو ته هن جي محل ۾ سرويچ سجاولي رهي ٿو. جيترو پنڌ ڪري آيا آهيون، اوتري پنڌ تي اسان اوير طرف محمد خان مجيدي رهي ٿو. هن باغ ڪانپوءِ ٻيو باغ شروع ٿئي ٿو جيڪو شهيدن جو باغ چئجي ٿو جنهن ۾

معصومي ۽ چچ نامي جهڙا ڪتاب بہ منهنجي لائبريريءَ جي زينت آهن“.

مون ڪي هن جي تڪ جو احساس ٿيو مون چانهہ جو آرڊر ڏنو ۽ ڪائنس سوال ڪيم:

”مجيدي صاحب! توهان جا ڪهڙا ڪتاب لکيل آهن؟“

”ها۔ تذڪره لغاري، تذڪره مندرا، جا قلمي نسخا موجود آهن. ڪن اڻٽر مجبورين سبب انهن کي اجا ڇپائي نہ سگهيو آهيان. البت هڪ ڪتاب ”سنڌڙي ۽ ان جون قومون“ طبع ڪرائي چڪو آهيان، جنهن جو سنڌي خواندن دلي قدر ڪيو آهي. آهيون غريب....ڏسجي تہ زماني جي رفتار ڪٿي ٿي بيهي!!“ هن چانهہ جي ڍڪ کي ڳڙڪائيندي وڌيڪ چيو تہ ”شاعر ۽ اديب، قدرتي طرح تنگدست ۽ مفلس ٿين ٿا. جيڪڏهن انهن ۾ قدرت طرفان مفلسي ۽ غربت واسعيت نہ ڪئي وڃي ها تہ جيڪر هو هن مظلوم معاشري جي ڪڏهن بہ نقاب ڪشائي نہ ڪن ها“.

اسان جو اجا ادبي بحث پورو ئي نہ ٿيو هو تہ ريڊئي جي ڪنهن اسٽيشن تي آمريڪي بمباري جي مذمت ٿي رهي هئي. مون ڏٺو تہ هن جي نڪ جون چونٽيون ڪلي ويون ۽ آمريڪا جي رويي جي مذمت ڪندي هن چيو تہ: ”فتح نيٽ عوام جي ٿيڻي آهي. شاباس آهي ويٽنامين جي جرئت کي، جيڪي هيڪل ديوَ جهڙي ملڪ سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي وڙهي رهيا آهن“.

هن وري بہ پيل اخبارن ۾ ڇپائي ڏنو ۽ مغربي عورتن جي آزادي ۽ فڪر تي بڌايائين تہ:

”جعفراڻي، مغربي عورتون ڪيتريون نہ آزاد آهن. اسان جي مظلوم معاشري ۾ عورت چوڪيداريءَ ۾ بند آهي. هن جي لاءِ هي وسيع ڪائنات، بہ قيد آهي، هتي عورتن جي آزادي هئڻ گهرجي. مردن جهڙا حقوق هن کي بہ حاصل هجن، تڏهن ئي هي ملڪ ترقي ڪندو“. هو اُٿي بيٺو ۽ مون کان اجازت ورتئين تہ يار زندهہ صحبت باقي....ون ٿو آل....

هو ويندو رهيو ۽ آئون سندس شيرين گفتگو تي سوچيندو رهيس.

وني ۽ تصوير ڪڍي ته اها ترقي پسندي ۽ مذهب دشمني چئبي! اسان ڪي دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻو آهي. اسان رجعت پسنديءَ تي ملامت ڪريون ٿا“. هن جي اکين ۾ تجلي پيدا ٿيءِ ڏٺم ته پيشاني تي پگهر جا قطرا جمع ٿي چڪا هئا. هو پنهنجي رومال سان ان کي اُگهي رهيو هو.

”مجيدي صاحب! آزاد نظم بابت توهان جي ڇا راءِ آهي“.

خيالي سلسلي ۾ آزاد تسلسل جونالو آزاد نظم آهي. البت موزون شاعريءَ کان ڪجهه سولي آهي. جو منجهس رديف ۽ قافيه جو بند نه آهي. هن جواب ڏنو.

”مجيدي صاحب! توهان کي شاعريءَ جي ڪهڙي صنف سان شوق آهي ۽ ڇو!“ مون سندس ادبي ذوق کي پرکڻ چاهيو.

”ڪامريڊ! مونکي نظم شاعريءَ جي صنفن مان پسند آهي. انهيءَ ڪاڻ ته نظم ۾ هرڪا حقيقت واضح نموني سمائجي وڃي ٿي؟“

”ڇا انهيءَ سلسلي ۾ توهان پنهنجي نظم جون ڪي سٽون ٻڌائڻ گورارا فرمائيندا؟“ ڇو نه هن ڪنڌ کي جهڪايو ۽ چوڻ لڳو.

ويس وڳا سڀ فئشن وارا ڪاڏو ڪپڙو پيٽ ڪپي،
فيشن ۾ ته اڄ فرانس جي پئرس سان ٿي پيٽ ڪپي.
ايل ڪيو پي آر ڪهون، سنڌءَ جي نه سار لهون،
فور ٽري ون ٽري نائن، فورٽ سيون ايٽ ڪپي.

”مجيدي! توهان کي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙا شاعر وڌيڪ پسند آهن؟“

”حيدر بخش جتوئي، نياز همايوني، سرشار عقيلي، شيخ اياز منهنجا پسنديده شاعر آهن. مون کي جتوئي جي باغيانه شاعري سان دلچسپي آهي“.

”مجيدي صاحب! نثر نويسي ۾ توهان جي پسند؟“

”ادا. جي ايم سيد. جمال ابڙو ۽ مولانا وفائي، وفائيءَ جي قلم سان خاص لڳاءُ اٿم. جي ايم سيد جي ڪتابن جو دلداه آهيان. هن جا نئين سنڌ، فرياد سنڌ، سنڌ جا سياسي مسئلا ۽ انهن جو حل، سنڌي زبان ۽ قومي زبانون منهنجي مطالعي ۾ خاص اهميت رکن ٿا. افسانن جي صنف ۾ جمال ابڙو پسند اٿم ۽ تاريخ نويسيءَ ۾ مولائي شيدائي ۽ پير حسام الدين شاهه راشدي جي مضمونن کي چاهه سان پڙهندو آهيان. شيدائي جي ”جنت السنڌ“ ۽ مير علي شير قانع ٺٽوي جو تحفته الڪرام، مخدوم امير احمد جا تاريخ

اوج تي رهيل هوءِ پرسان سورجن ۽ راڻتن جا ڦٽل شهر بہ سجاول تعلقي جي تهذيب و تمدن جي نشاندهي ڪري رهيا آهن“. هن هلڻ جا سانباها ڪندي وڏيڪ چيو تہ: ”علاوه انهيءَ جي نوري جي پرسان بہ بہ ٽي تاريخي دڙا آهن ۽ پنهنجو هي سارو ماجرا، ڪنهن زماني ۾ درياءَ جي وهڪرن جو گهر هو. سجاول تعلقي جون ڊنڊون ۽ ڪُن اُن جا ثبوت آهن“.

هن هلڻ جي تياري ڪئي، ۽ مون ڪائنس ٽائيم ورتو تہ جيئن آئون ڪائنس ڪا وڏيڪ معلومات اخذ ڪري سگهان“. بس لاهوريءَ سان گڏ هوندس، ڪٿي نہ ڪٿي لڀي پونداسين“. مون ڏنو تہ تاريخ جو مجموعہ انساني صورت ۾ فرمان مجيديءَ جي نالي منهن جي نظرن اڳيان غائب ٿي ويو ۽ آئون شام جو انتظار ڪندي گهر ڏانهن روانو ٿيس.

منهنجو انتظار شدت اختيار ڪندو ويو. آئون دل جو دل ۾ ”ون ٿو آل“ ڪندو شهر جون گهٽيون ماپيندو اشرف واري هوٽل ۾ داخل ٿيس. مجيد لاهوري ۽ مجيدي حال روان جي سياست تي بحث ڪري رهيا هئا. ”ا سلام عليڪم مجيدي صاحب“ مون بي اختيار چئي ڪڍيو ۽ پرواري بئنچ تي ويهي بحث ۾ شامل ٿي ويس. ”بهرحال جمهوريت ناهلن جي حڪومت جو نالو آهي“. مجيدي لاهوريءَ جي جمهوريت واري بحث جو اختتام ڪيو. ”جعفراڻي ڪر خبر! صبح واري ملاقات ڪيئن لڳي؟“ ”واهہ واهہ سائين واهہ! الاجي ڪٿي لڪا پيا هئا“. مون خوشامدڙين اکڙين سان ڏانهنس نهاريو. ”يلا مجيدي! ڪا چانهہ چڪو؟“ مون ڪائنس چانهہ جي تمنا رکي. ها! مجيدي چانهہ پيار عزيز کي.... آيو آهي“. لاهوري منهنجي تائيد ڪئي. ”اج چڏيو پئسا نہ آهن. ڏسو.... ڏسو... کيسو ٿي خالي آهي. باقي سياڻي حاضر!!“ هن کيسي مان اچڙو رومال ڪڍيو جنهن تي ناس جا ڳاڙها ڳاڙها داغ عجيب نماءُ پيدا ڪري رهيا هئا.

”چڱو! مجيدي سياڻي بہ اچي ڏسبو!“ مون چانهہ جو بحث ختم ڪيو ۽ ارادي بحث کي شروع ڪيو.

”مجيدي! اجوڪي ”مهراڻ“ ۾ شيخ اياز خلاف ڪجهہ پڙهيو اٿئي؟“ مون ڪائنس، موجوده سنڌي ادبي نظرياتي ڇيڙ ڇاڙ بابت پڇڻ گهريو.

”سنڌي ادب ۾ هي اهڙو موڙ آهي، جهڙو اج کان 50 سال اڳ اردو ادب ۾ آيو هو. اقبال، سعدي، رومي، جامي، خيام جيڪڏهن فاحشيات ۽ خمريات بڪن تہ ان ۾ فلسفو سمايل آهي، ليڪن هڪ سنڌي ڪجهہ زمان حال کي

ٽيندي آهي“. هن پنهنجي جواب ۾ وڌيڪ چيو تہ:

”سجاول شهر گذريل صديءَ جي پيداوار آهي. هن تي نالو سجاول خان خاصخيليءَ جي پويان پيو. جنهن جا گهر موجوده سنڌي اسڪول واري هنڌ تي آهن جنهن جا شخص اڄا بہ شيخ زاده وٽ رهن. گهوڙتارو واهہ اصل کان هڪ وڏو واهہ هوندو هو. سجاول ان وقت جي حيثيت رکندو هو ۽ ٻيلو ان وقت تعلقو هو. سجاول کي تعلقي جي حيثيت 1894ع ۾ ملي ۽ سجاول ننڍي وارو پتڻ 1924ع ۾ شروع ٿيو. شهر ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جو زور هو. مطلب تہ شهر جي ترقي آزاديءَ کان پوءِ ٿئي ٿي“.

”مجيدي صاحب ٻيلي بابت توهان کي ڪهڙي خبر آهي؟“ مون ٻيهر چانهہ جو آرڊر ڏنو مجيدي صاحب پيشاني تان پگهر اگهندي فرمايو تہ ”ٻيلي تي ٻيلو نالو انهيءَ ڪري پيو جو هن جي پرسان گهاٽا ٻيلا هئا. هي شهر ٽي دفعا ٻڏو آهي. پهريون شهر ميرن جي دور ۾ ترقيءَ تي رسيل هو. ميرن جا ڪاردار ۽ صوبيدار منجهس رهندا هئا ۽ اهو 1894ع ڌاري درياءَ ۾ داخل ٿي ويو. ٻيون ۽ ٽيون اعليٰ ترتيب 1917ع ۽ 1922ع ۾ درياءَ ۾ داخل ٿي ويا ۽ چوٿون شهر اُهو آهي جيڪو هينئر آهي“.

”يلا! مجيدي صاحب! ٻيلي شهر جي ٻڏڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟“ مون، ٻيلي جي تاريخ تي امدادي سوال ڪيو.

”ڪامريڊ! هونءَ تہ درياءَ جي بلڪل نزديڪ بہ آهي ليڪن، چيو وڃي ٿو ڏيٺن تہ ڏٽين ۾ (اُها قوم پرين کان هتي رهندڙ آهي) هڪ شخص الهڏنو ڏيٺو رهندو هو جو وقت جو شاعر ۽ خدا رسيده شخص هو. تنهن هڪ دفعو ٻيلي کي پاراتو ڏنو هو تہ:

بيلا شل! پاتاڙيو ٿئين، وڃني ڪڏ ڪڇي،
هُجائي هالن کي، ويا ٻجورا ٻري،
ڏنگائي، تان وري، لهج سار ماڇين جي.

چون ٿا تہ انهيءَ پاراتي کانپوءِ ٻيلي جو زوال شروع ٿيو. هن چانهہ کي ختم ڪندي، پاسا بدلائيندي چيو.

”مجيدي! انهيءَ جو مطلب تہ سجاول تعلقو بہ قديم آثارن سان ڀرپور آهي“. مون لاشعوري طور چئي ڪڍيو.

”چو نہ- رڳو ٻيلي جي پرسان سيد حسين شاهہ شيرازي عرف شاهہ مراد شيرازي مرادپور وارو شهر آباد ڪيو هو جو شهر ڪنهن زماني ۾ وڏي

”مجيدي صاحب! توهان ڪٿي ۽ ڪڏهن ڄاوا؟“

”ميرانپور ۾ جيڪا هاڻ جهوڪ سڏجي، 5 جنوري 1918ع تي“.

هن ناس جي دٻلي کوليندي جواب ڏنو.

”سائين! جهوڪ تي جهوڪ نالو ڪيئن پيو؟ مون سوال ڪيو. يار جعفراڻي! جهوڪ تي نالو ايئن پيو جو هتي صوفي شاهہ عنايت الله پنهنجي مرشد عبدالملڪ شاهہ جي چوڻ تي اچي ويٺو. جهوڪ جي معنيٰ آهي جهڪڻ، جو سرائيڪي ٻولي جو لفظ آهي. اهڙي نالي سان پنجاب ۾ ٻہ ٽي ڳوٺ آهن“.

مون چانهہ جو ڍڪ ڀريندي پڇيو تہ:

”توهان پنهنجي ادبي لائين ڪڏهن ڪان شروع ڪئي!“ ”ادا، هونئن تہ آڳاٽو پر ڀرين تخليق روزانہ ”الوحيد“ ۾ ”فئشن“ جي عنوان هيٺ هڪ شعر جي صورت ۾ شايع ٿي بعد ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مضامين ۽ اشعار شايع ٿيندا رهن ٿا“. هن چانهہ جي آخري سُرڪ ڀري.

”مجيدي صاحب! توهان ڪهڙي علم کي وڌيڪ پسند ڪيو ٿا!“ مون هن جو نفسياتي ڇيد ڪيڻ شروع ڪيو. ”علم تاريخ منهنجو پسنديده علم آهي. هن پرسان رکيل ڪتاب جا ورق اٿلائيندي جواب ڏنو. ”ڇو؟“ مون امدادي سوال ڪيو ”جعفراڻي! تاريخ ماضيءَ جو آئينو آهي، مستقبل کي خوشحال ٻڻائڻ لاءِ اسان کي حال ۽ ماضيءَ جون روايتون ٺي گهربل آهن“. هن جي منهن مان افسردگي ظاهر هئي، هن پنهنجي اڇڙي رومال سان نڪ اگهندي ”تاريخ“ جي ٻئي رخ تي روشني وڌي، هن چيو تہ: تاريخ ۾ عام طرح مبالغو ۽ مدح سرائي ٿئي، جنهن ۾ صحيح حقيقتون لڪي وڃن ٿيون، ان ڪري ايندڙ مورخن کي صحيح حقيقتن تي پهچڻ لاءِ دقت پيش اچي ٿي.

”توهان سڄاول جي ادبي تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ منهنجي ڪهڙي مدد ڪندا؟“ مون ڪياڙي کي کنهندي ڪائنس سوال ڪيو.

”جا چاهيندا!! سڄاول جي ادبي تاريخ مرتب ڪرڻ ڪان اڳ ۾ توهان کي سڄاول جي تاريخ بيان ڪرڻي پوندي؟ هن مون کي سوالانہ جواب ۾ چيو.

”مجيدي صاحب! هن سلسلي ۾ ڇا توهان مونکي ڪجهہ ٻڌائي سگهندا؟“ مون، نواءِ سنڌ جو ورق ويڙهندي ڪائنس سوال ڪيو.

”ڇو نہ- اسان کي پنهنجي شهر جي ڪهاڻي ٻڌائڻ ۾ خوشي محسوس

ڪمري اندر داخل ٿيو. هيلو! مسٽر مجيدي!! بابا، بزرگ جي ڪيڪار ڪئي. مون ماضيءَ کي دهرايو ۽ ٻڌائي ڏنو تہ هن جي گول ڇهري تي پيريءَ جا آثار نظر اچي رهيا هئا. بابا هن سان منهنجو تعارف ڪرايو. هن ناس جي چپٽي چونئين ۾ رکندي مونکي تلقين ڪئي تہ پڙهندو رهہ... علم ئي انسان کي سڀ ڪجهہ سيکاري ٿو.

بعد ۾ هو وقتاً بہ وقتاً ملندو رهيو. ليڪن پنهنجي صغير پٽي جو فائدو وٺي، ساڻس ايترا گهرا تعلقات قائم نہ ڪيا، جن جو هتي ذڪر ڪرڻ قابل هجي. انقلاب جي ٻن سالن بعد، جڏهن سجاول ۾ ادبي ويا ڦهلجڻ شروع ٿي تڏهن ساڻس روابط وڌندا رهيا.

سن 1962ع جو ذڪر آهي، جڏهن آئون لاڙ جي ادب نوازيءَ تي هڪ ڪتاب لکڻ جي غرض سان مختلف ادبي شخصيتن سان ملي رهيو هئس، تڏهن انهيءَ سلسلي ۾ مجيدي صاحب جن سان بہ ملڻ ٿيو.

مجيدي صاحب، ۽ منهنجو ملڻ هڪ پيرو هڪ هوٽل تي ٿيو. هو صاحب وقت ڪاٽڻ جي غرض سان هڪ اهڙي چوڪ تي هو جتي هڪ سنڌي چوٽيءَ موجب حرامي ۽ حلالي سڀ جو منهن چٽي طرح ڏسي سگهيو ٿئي. منهنجون نگاهون جيئن ئي سندس ٽوپي تي پيون تيئن ئي سوچيم موقعو ڏاڍو سٺو آهي، چو نہ مجيدي صاحب سان خبرون چارون ڪري وٺان. مون قدم وڌايا. هن منهنجي آڌرياءُ ڪئي ۽ "ويهہ" چئي، هن پنهنجو انقلابي فرض پورو ڪيو. آئون ويهي رهيس، هن مون کان منهنجي سلسلي تعليم بابت سوال پڇيا ۽ ائون ڪيس جواب ڏيندو رهيس. مون چانهہ جو آرڊر ڏئي، ڪائنس اجازت ورتي، تہ سائين، ناراض نہ ٿيو تہ جيڪر ڪجهہ سوالات ڪريان؟ "ان ۾ ناراض ٿيڻ جو ڪهڙو سبب!" هن هوٽل جي پيشگير کي چانهہ ڪٽندي ڏسندي چيو.

"توهان مجيدي چو سڏايو ٿا؟" مون سوال پڇيو.

1944ع کان 1946ع تائين ٺٽي ۾ مسٽر خالد صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ ادبي ماحول سرجڻ لڳو ۽ وڏيون ادبي ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون. ان کان اڳ آئون شعر ۾ جتوئي تخلص ڪم آڻيندو هوس. خالد مون کي مشورو ڏنو تہ آئون پاڻ کي مجيدي سڏايان. هن گذريل وقت کي ياد ڪندي سرد لهجي ۾ چيو.

مون موقعو غنيمت سمجهي مٿس هڪ ٻئي سوال جي بوڇاڙ ڪئي تہ

# محمد خان مجيدي
# باباءِ تاريخ

ڪيترن ڏينهن کان پئي سوچيم ته پنهنجي حلقي وارن سان ملاقاتون ڪري سندن زندگي جا عبرتناڪ نظارا پسان ۽ مختلف علمن ۽ فنن جي ماهيت کان واقف ٿيان. انهيءَ سلسلي ۾ ٻه ٽي سال اڳ ”سجاول شهر جي ادبي تاريخ“ لکڻ جي ارادي سان شهر جي مڙني دوستن سان ملاقاتون ڪري، هڪ مضمون به اخبارن کي موڪليو هئم، ليڪن اها تشنگي رهجي وئي، جنهن جي پوري ڪرڻ لاءِ دل مجبور ٿي هئي ۽ اهڙيءَ ريت اهو سلسلو هڪ دفعو وري به جاري ٿيڻ لڳو آهي.

اڃا سوچي رهيو هئس ته ڪهڙي دوست کي نوڪ قلم بنائجي ته ايتري ۾ اوچتو ئي والد صاحب جا اُهي لفظ ياد پيا، جيڪي مون کي 8_10 سال کن اڳ هڪ تعليمي مسئلي کي سمجهائيندي چيا هئائون....بابا صاحب، جن مونکي مخاطب ٿيندي چيو: ”ابا! اهو محمد خان مجيدي سجاول جو اُتوَ جنهن پنهنجن حقن ميرائڻ خاطر بک هڙتال ڪئي آهي“. منهنجي ذهن، سجاول جي تاريخ تي نظر ڊوڙائيندي، مجيدي کي آئينه تصورات تي آندو ۽ سوچڻ شروع ڪري ڇڏيم ته آخر مجيدي ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ شايد ڪو ٽلهو متارو هوندو يا سائين سردار علي شاهه عرف شهپر علي شاهه جون سڪون لاهيندو هوندو! خير....1956ع ڌاري اسان جو به سجاول اچڻ ٿيو.

منهنجي ساڻس پهرين ملاقات، بابا صاحب جن وٽ ٿي جڏهن والد صاحب جن سنڌي اسڪول سجاول جا هيڊ ماستر هئا.

صبح جا ڏهه ٿيا هئا، آئون ڪنهن ڪم سانگي بابا وٽ ويٺو هوس. ايتري ۾ هڪ عمر رسيده بزرگ (ڏاڙهي سواءِ) ناس جي گول ڊٻليءَ سان

پيو تہ ھو ڪجھہ ڳالھائڻ چاھي پيو پر ڳالھائي نہ پيو سگھي. نيٺ ھمٿ ٻڌي روئڻھارڪي لھجي ۾ مون سان مخاطب آھي.

"جاتي وارن کي منھنجا گھاتا ۽ گھرا اسلام. ملڪاٽي پائرن، خليفن ۽ ٽالپر خاندان کي سڪ پريا سنيھا، تنھنجي نياٽي منھنجي نياٽي جاتي جي نياٽي مس پروين ٽالپر لاءِ انيڪ دعائون ۽ چئجوس تہ بابا حوصلو بلند رک. سنا سنا انگريزي ڪتاب پڙھہ ۽ شيخ اياز جو مطالعو ڪر. مون کي اميد آھي تہ ھڪ ڏينھن تون ضرور ملڪي توڙي عالمي سطح تي مڃتا ماڻيندينءَ. جيڪڏھن سيد مھر علي شاھہ ۽ خميسو خان انصاري مان ڪو ملي تہ انھن کي بہ منھنجا سلام چئجو. ڪميونٽي ۽ بيسسٽ ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جي ڊاڪٽر برڪت خواجہ ۽ عبدالحميد ميمڻ ۽ اسڪول جي اسٽاف کي منھنجي طرفان ڪوڙ ساريون دعائون. جاتي مئگزين جي شمس الدين ميمڻ، زاھد اسحاق سومرو جاتي اخبار جي رمضان ميمڻ ۽ لاڙ نيوز جي علي محمد شاھہ کي منھنجا سلام چئجو. ان ڪانسواءِ مڙني شاگردن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، استادن خصوصن تميمي صاحب ۽ حافظ حبيب صاحب کي منھنجا سلام چئجو".

اجا سلامي واريون ڳالھيون جاري ھيون تہ لائوڊ اسپيڪر مان آواز اچي ٿو تہ "فلائٽ نمبر A_I_723 نيو دھليءَ لاءِ تيار آھي، مسافرن کي گھرجي تہ اھي ڊپارچر لائونج ۾ پھچي وڃن.

آئون اٿي ڪڙو ٿيان ٿو ھو مون کي ياڪر پائي نراڙ تي چمي ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

جاتي جو نجھارن جي جُوءِ
شل جڳ ۾ جيئندي رھي.

آئون ڊپارچر لائونج ۾ داخل ٿيان ٿو ۽ ھو مون کي سي آف ڪندو نظرن کان اوجھل ٿي وڃي ٿو.

”گرگلاڻي صاحب زندگي جي ڪا تمنا يا حسرت؟“

اهو ٻڌي هو ٿڌو ساهہ کڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ ”اها دلي تمنا اٿم تہ زندگيءَ ۾ ڪم از ڪم هڪ ڀيرو جاتيءَ ڪي پنهنجي اکين سان ڏسان ۽ جاتي، سجاول ۽ ٺٽي ضلعي جي ماڻهن سان ملان، گونگڙي واهہ ۾ وهنجان. مغلڀين بادشاهہ ۽ پير پٺي جو سلام ڀريان ۽ هنگلاج ماتا جي ياترا ڪريان، موهن جو دڙو، ڪينجهر ڍنڍ ڪي ڏسڻ جي بہ خواهش اٿم. دل چاهي ٿي تہ شاهہ، سچل، سامي ۽ شيخ اياز جي مقبرن جي زيارت ڪريان ۽ مهراڻ ڪي پنهنجي موج ۾ وهندو ڏسان. اها بہ تمنا اٿم تہ آئون پنهنجي آتم ڪهاڻي لکان جنهن ۾ جاتي ۽ ڪراچيءَ جون يادگيريون محفوظ ڪريان. پنهنجي سنڌي شاعري ۽ انگريزيءَ شاعريءَ جا مجموعا ڇپايان ۽ انهن افسانن ڪي ڪتابي صورت ڏيان جيڪي منهنجي رسالي Sindhi Ratan ۾ ڇپيا آهن.

حسرت ۽ ارمانن جو ذڪر ڪندي هو وري بہ روئي پوي ٿو ۽ لڙڪ وهائيندي چوڻ شروع ڪري ٿو تہ ”حسرتن ۽ ارمانن جي پورائيءَ لاءِ دعائن جي ضرورت آهي، توهان ۽ توهان جا دوست درگاهہ مغلڀين تي وڃي منهنجي لاءِ اها دعا گهرو تہ شل خدا تعاليٰ مون ڪي منهنجي مرڻ کان يا وڏيڪ پوڙهي ٿيڻ کان اڳ منهنجو وطن ڏيکاري ۽ منهنجون حسرتون پوريون ڪري“.

ماحول مغموم ٿي چڪو آهي ماحول جي تبديليءَ لاءِ هو پنهنجي پٽ ڪي سڏائي ڪار گيرج مان ڪڍڻ لاءِ چوي ٿو. هاڻي اسان ٽئي ڄڻا ڪار ۾ حيدرآباد دکن شهر جو نظارو ڪري رهيا آهيون. يونيورسٽي روڊ تي هڪ وڏي شاپنگ مال مان هُو مون ڪي سوکڙيون وٺي ڏئي ٿو جنهن ۾ هڪ ڪلمي ڀريل چادر بہ شامل آهي، جنهن لاءِ هو چوي ٿو تہ اها درگاهہ مغلڀين تي وڃجهو ۽ هي هڏدو وڳو منهنجي نياڻي پروين ڪي منهنجي طرفان تحفو ڏجو. گهمندي ڦرندي رات جا ست ٿي ويا آهن، اسان ڪي هاڻي جلدي موٽڻو آهي ماني کائي ايئرپورٽ پهچڻو آهي، جتان 9 بجي منهنجي فلائيٽ نيو دهليءَ ڏانهن آهي. چند منٽن کانپوءِ اسان گهر پهتا آهيون. ماني کائي ڪار ۾ سوار ٿيون ٿا هو مونکي ايئرپورٽ وٺي اچي ٿو آئون ڏسان پيو تہ هن جي ڪيفيت جيئن پوءِ تيئن مغموم ٿيندي وڃي. خبر پئي تہ جهاز ۾ اڌ ڪلاڪ کن دير آهي، اسان ويٽنگ روم ۾ هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺا آهيون.هو مون ۾ نهاري نہ پيو سگهي. شايد منهنجي اکين ۾ هن ڪي جاتي ڏسڻ ۾ پئي اچي. سمجهان

Award نائب صدر جمهوريہ هنڌ شري آر وركا ترارن جي هٿان ڏياريو ويو جيڪو آئون پاڻ لاءِ وڏو اعزاز سمجهان ٿو“.

”سروس دوران توهان غير ملڪي دورا بہ ڪيا هوندا؟“

”بلڪل جعفراڻي صاحب، 1968ع ۾ مغربي يورپ جي ملڪن ڏسڻ جو موقعو مليو. جڏهن تہ آئون هاليند ۾ پبلڪ ائڊمنسٽريشن جو ڪورس ڪري رهيو هئس. 1987ع ۾ مون انڊين انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ائڊمنسٽريشن، نيو دهلي طرفان ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن جو دورو ڪيو. 1980ع ۾ مون انڊين انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ائڊمنسٽريشن، نيو دهلي طرفان ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪن جو دورو ڪيو. 1980ع ۾ انڊين فارم ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران ڏکڻ ايشيا جي ملڪن جو دورو ڪيو. 1982ع ۾ تائيوان ۾ هڪ ٽريننگ جي سلسلي ۾ هڪ سال رهڻ ٿيو. 1985ع ۾ ڊائريڪٽر فشريز ۽ ايف اي اوز Bay of Bengal Project جي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ٿائيليند جو دورو ڪيو. ساڳئي سال انڊين فشريز ۽ ڊيليگيشن جي سربراهہ جي حيثيت سان يورپين اڪنامڪ ڪميونٽي ڪنٽريز جو دورو ڪيو“.

گهڙيال ۾ اڍائي ٿيا آهن. گرگلاڻي صاحب اٿي بيهي ٿو ۽ مون کي ڪمري ۾ پيل پلنگ ڏانهن اشارو ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ جعفراڻي صاحب ڪجهہ دير لاءِ آرام ڪيو. پوءِ ڳالهائي ونداسين. ايئن چئي گرگلاڻي صاحب گهر ڏانهن روانو ٿئي ٿو ۽ آئون بستري تي ليٽي پوان ٿو.

مون کي ننڊ اچي وئي آهي. خواب ڏسان ٿو تہ جاتيءَ ۾ ڪو ڊرامو ٿي رهيو آهي. ڊرامي جو ڊائريڪٽر بہ مغليين اسڪولن جو ماستر ڪُندن مل آهي. ڊرامي ۾ موتي پرڪاش چوڪريءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ گرگلاڻي صاحب سامعين ۾ ويٺل آهي ۽ موتي پرڪاش جي ڊانس تي تاڙيون وڄائي رهيو آهي ايتري ۾ اک کلي پوي ٿي گهڙيال ڏانهن نهاريان ٿو تہ ڏينهن جا ساڍا چار ٿيا آهن. ٿوري دير ڪانپوءِ چانهہ اچي ٿي ۽ گرگلاڻي صاحب بہ تشريف فرما ٿئي ٿو.

”اڄ ڏاڍو مزو آيو ذهن ۾ اڌ صدي اڳ جون يادون تري آيون آهن ۽ پاڻ کي اڄ بہ لوڪل بورڊ اسڪول مغليين جي اولهندي ڪمري واري ڪمري ۾ اڳين بئنچ تي ويهندي ڏسان ٿو“. گرگلاڻي صاحب ڪرسيءَ تي ويهندي چوي ٿو تہ آئون پنهنجي گذريل گفتگو کي دوباره جاري رکندي ڪائنس پڇي وٺان ٿو تہ:

اخبارون ۾ فائل هڪ پاسي رکي ٿو آئون سمجهان ٿو ته ڪجهه ٽيڻ وارو آهي. ايتري ۾ ماني لڳي ٿي اهي ئي ننڍيون ڪٽوريون ڪنهن ۾ ڀاڄي، ڪنهن ۾ دال، ڪنهن ۾ ڏورو ته ڪنهن ۾ پٽاٽا، ننڍا ننڍا ڦلڪا. جيڪر هڪ گرهه ۾ سڄو ڪائي ڇڏجي. پاپڙ ۽ آٿاڻو اها آهي ماني جيڪا اسان گڏجي کائون ٿا. ماني کائڻ کانپوءِ اسان وري به پنهنجي گفتگو کي جاري رکون ٿا.

”سائين توهان لکڻ جي شروعات ڪڏهن ڪئي؟“ آئون ڪائنس ادبي زندگيءَ متعلق پڇان ٿو.

”مون ڪاليجي زندگيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو هيستائين منهنجا 4 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن جيڪي سڀ جو سڀ انگريزي ۾ آهن.

1_ Circle in Search of Circumence (May 1977)

2_ Former in the Far East 1982

3_ Mirage in Meadows June 1990

4_ Immortal Poetry of Shie Kh Ayaz feb 2003

جن مان پهريون ۽ ٽيون منهنجي انگريزي شاعري جا مجموعا آهن.

”سنڌي رتن Sindhi ratan ڪڍڻ جو اوهان کي ڪيئن خيال پيدا ٿيو؟“

”مون ڏٺو ته هندستان ۾ 70 سالن کان گهٽ عمر وارا سنڌي نه سنڌي لکي سگهن نه پڙهي سگهن ٿا، انهن کي پنهنجي ٻولي جي ادب کان واقف ڪرائڻ لاءِ هڪ انگريزي پرچي جي ضرورت محسوس ڪيم. نتيجي طور سيپٽمبر 2000ع ۾ سنڌي رتن نالي ماهوار انگريزي رسالو ڪڍيم جيڪو هن وقت ته ماهي آهي، ان کانسواءِ گذريل 25 سالن کان I.A.S آفيسرس ايسوسيئيشن جو ترجمان رسالو House Bulletin ۾ 6 سالن تائين عثمانيه گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جو رسالو The Greduate به ايڊٽ ڪندو رهيس، پنهنجي ڪاليجي زندگيءَ دوران ڪاليج جي مئگزين جو جوائنٽ ايڊيٽر ۽ 5 سالن تائين Ciril Execvtive رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيس“.

”اوهان جي انگريزي شاعريءَ کي عالمي ميڃتا ملي آهي ان جو ڪو تفصيل“.

”جعفراڻي صاحب World Poetry Society, Arizona, USA جو اجلاس 1990ع ۾ مدراس ۾ ٿيو جنهن ۾ مون کي Eminent International Poet

مصروفيتون رهيون؟“

”جعفراڻي صاحب مون سيپٽمبر 1986ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي ان ڪانپوءِ بہ حڪومت منهنجي قابليت ۽ ايمانداريءَ جو قدر ڪندي گذريل 19 سالن يعني سيپٽمبر 1986ع کان وٺي آگسٽ 2005ع تائين مختلف ڪمن ڪارين ۾ مشغول رکيو انهن ۾ وزيٽنگ پروفيسر، انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ انٽر پرائز، ميمبر اسپيشل ڪورٽ انڊر لينڊ گريبنگ پري وينشن ائڪٽ، ميمبر سيڪريٽري ايڪسپرٽ ڪميٽي آف پنچائت راڄ ۽ روينيو ائڊمنسٽريشن ائٽ ڊسٽرڪٽ ليول شامل آهن. ان ڪانسواءِ آئون صوبائي سطح تي قائم ٽيل ريويو ڪميٽي جو ميمبر ۽ سيڪريٽري ٿي رهيس. انهيءَ دوران مون 40 مکيہ ڪاتن تي رپورٽون لکي حڪومت کي اماڻيون انهن رپورٽن کي نہ صرف رياستي حڪومت پر عالمي بئنڪ بہ ساراهيو آهي. اپريل 2001ع ۾ گورنمينٽ مون کي هڪ ڪميشن جو سربراهہ بڻايو جنهن ۾ فقط آئون ئي واحد ميمبر هئس. ڪميشن جي نالي اهو ڪم رکيو ويو تہ آنڌرا پرديش جي تيلن گانا علائقي ۾ انهيءَ صدارتي حڪم جي پيچڪڙين تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي، جنهن مطابق انهيءَ علائقي ۾ مقامي ماڻهن کي ئي نوڪريون ملنديون. مون اها رپورٽ سيپٽمبر 2003ع ۾ گورنمينٽ جي حوالي ڪئي جنهن تي اسٽيٽ اسيمبليءَ ۾ 13 ڪلاڪ بحث جاري رهيو جنهن عوام، سياسي ليڊرن ۽ پريس جو توجهہ ڇڪايو جنهن تي اڄ بہ بحث جاري آهي، اهو اڄ بہ علائقي جو مکيہ سياسي مسئلو آهي. آمريڪا ۾ رهندڙ تيلگو واسين ان سلسلي ۾ مون سان ٢ ڪلاڪ فون تي پريس ڪانفرنس ڪئي. هن وقت آنڌرا پرديش جي وزارتي ڪائونسل انهيءَ رپورٽ تي غور ڪري رهي آهي. ٿوري ساهي پٽڻ ڪانپوءِ گرگلاڻي صاحب اڳتي ٻڌائي تو تہ آگسٽ 2005ع ۾ مون تيلن گانا ۾ قبائلي زمين جي مسئلي تي هڪ رپورٽ پيش ڪئي، جيڪا اڄ تائين مخفي آهي، منهنجو اندازو آهي تہ اها جڏهن بہ پڌري ٿيندي تہ وڏو ممڻ مچندو“. ڳالهہ ختم ڪندي گرگلاڻي صاحب ميز جي خاني مان ڪجهہ ڪاغذ ڪڍي تو ۽ مون کي پهرين رپورٽ ڏيکاري تو. آئون ڏسان تو تہ اها هڪ جامع تحقيقاتي دستاويز آهي، جنهن ۾ تحقيق سان گڏ اهي سڀ سرڪاري گر شامل آهن، جيڪي هڪ سرڪاري رپورٽ ۾ شامل هجڻ ضروري هوندا آهن.

گهڙيال هڪ وڄائي تو گرگلاڻي صاحب ميز تي رکيل ڪتاب،

جو سيڪريٽري تي بہ رهيس“.

”اوهان جي سروس جو ڪو يادگار واقعو؟“

”جعفراڻي صاحب اسان جي سڄي سروس يادگار واقعن سان ڀري پئي آهي، ڪهڙا واقعا ٻڌائي ڪهڙا ٻڌايان. هڪ واقعو جنهن منهنجي عزت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، اهو اهو آهي تہ جڏهن آئون سري ڪاڪ لم ضلعي جو ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هئس ان دوران ومساديرا نديءَ ۾ ٻوڏ اچڻ سبب ضلعي جو وڏو علائقو زير آب اچي ويو ۽ ماڻهن جو لکين رپين جو نقصان ٿيو. مون زير آب علائقي ۾ مصيبت زده ماڻهن کي ٻاهر ڪڍڻ ۽ انهن جي هر طرح مدد ڪرڻ ۾ جنهن حوصلي کان ڪم ورتو ان کي سڄي هندستان جي ميڊيا ساراهيو. عوامي ۽ سياسي سطح تي مون کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. مون آفت ستيل ماڻهن لاءِ گهٽ قميت وارا 10 هزار گهر جوڙايا پر مون ڪنهن بہ هائوسنگ ڪالوني تي پنهنجو نالو نہ اُڪرايو چاڪاڻ تہ سول سروس ۾ اهڙيءَ ريت پنهنجي نالي ڳڻائڻ جي گنجائش نہ آهي“.

”گرگلاڻي صاحب ڏٺو ويو آهي تہ بيورو ڪريٽن جون بيگمات پنهنجن مڙسن تي مختلف شاپنگ جون فرمائشون ڪنديون آهن، انهن جي پورائيءَ لاءِ بيوروڪريٽ حضرات الائجي ڪهڙا ڪهڙا ڪڏا ڪرتوت ڪندا آهن، ڇا توهان کي بہ ان قسم جون فرمائشون ڪيون ويون“.

”اهو صحيح آهي جعفراڻي صاحب تہ بيورو ڪريٽس جي ڪرپشن وڌائڻ ۾ بيگمات جي فضول فرمائشن جو وڏو هٿ رهيو آهي پر ڀڳوان جي ڀلائي سان مون سان ايئن نہ ٿيو. منهنجي پتني شريمتي ماڌوري هڪ سلڇڻي ۽ سگهڙ عورت هئي، اسان جو هڪٻئي سان ڏاڍو پيار هو. هن هميشہ مونسان ڏک سک ۾ ساٿ ڏنو. خصوصن هندستان لڏي اچڻ جي پهرين 10 سالن ۾ جنهن انداز سان هن گهر هلايو ۽ مون کي آٿتون ڏنيون اهي آئون ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس. هوءَ هميشہ منهنجي سروس دوران ايمانداريءَ جي جذبي کي ساراهيندي هئي سڀ ڪجهہ هوندي بہ هوءَ سادي زندگي گذاريندي هئي ۽ اسان کي بہ سادو کائڻ ۽ پهرڻ لاءِ زور ڀريندي هئي. ڪاش اڄ اُها زندهہ هجي ها. هن عمر ۾ زال جو ساٿ وڏو ڏڍ هوندو آهي“.

ايئن چوندي هن جون اکيون ڀرجي اچڻ ٿيون.

”اوهان جي رٽائرمينٽ ڪڏهن تي ۽ ان کان پوءِ توهان جون ڪهڙيون

انهيءَ ڪانپوءِ مون کي پروموشن وسيلي 1972ع ۾ انڊين ائڊمنسٽريٽو سروس يعني I.A.S لاءِ چونڊيو ويو. انگريز دور ۾ جيڪا I.C.S يعني Indian Civil Service سڏبي هئي يا هاڻي I.A.S يعني Indian Admimstrative Service سڏجي ٿي“.

گهڙيال ڏينهن جا 12 وڄائي ٿو گرگلاڻي صاحب بيل وڄائي ٿو اهو ساڳيو نوجوان حاضر ٿئي ٿو ۽ گرگلاڻي صاحب ان کي چوي ٿو ته ”پٽ جاتي ڪان مهمان آيو آهي سياري جي موسم آهي ڪو ڪافي ڪپ ڏي وڃي. نوجوان اندر وڃي ٿو ۽ اسان پنهنجي گفتگو کي جاري رکون ٿا.

آئون ڪائنس پڇان ٿو ته ”سائين ڪجهه ماڻهو سروس دوران به پنهنجي تعليم جاري رکندا پيا ايندا آهن توهان سان ته ايئن نه ٿيو؟“

هو گنڀير ٿي سان جواب ڏئي ٿو ته ”جعفراڻي صاحب علم حاصل ڪرڻ جي نه ڪا خاص مند هوندي آهي نه ڪا خاص عمر! نوڪريءَ دوران حڪومت هالينڊ جي فيلو شپ تحت مون کي ڇهن مهينن جي ڪورس لاءِ پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما لاءِ انسٽيٽيوٽ آف سوشل اسٽڊيز هيگ موڪليو ويو. انهيءَ فيلو شپ حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي هندستان ۾ مقابلو ڪرايو ويو جنهن ۾ آئون ڀڳوان جي ڪرپا سان پهريون نمبر آيس. اهڙيءَ ريت حڪومت آنڌارا پرديش جي خرچ تي مونکي انڊين انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ 9 مهينن جي لاءِ ايڊوانس پروفيشنل پروگرام ان پبلڪ ائڊمنسٽريشن جي لاءِ موڪليو ويو. انهيءَ دوران ئي مون حيدرآباد جي لا ڪاليج جي شام واري شفٽ مان فرسٽ ڪلاس ۾ ايل ايل بي ڪئي“.

تڏ وڏندي وڃي ٿي ايتري ۾ نوجوان ڪافي کڻي اچي ٿو اسان ڪافي پيئڻ ڪانپوءِ گفتگو جو سلسلو وري شروع ڪريون ٿا.

”آئون ڪائنس ملازمت بابت پڇان ٿو؟“

هو ٿورو سنجيده ٿئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته:

”اسٽيٽ سول سروس ۽ اسٽيٽ ائڊمنسٽريٽو سروس ۾ مون ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر تي ڪم ڪيو. جڏهن ته I.A.S ۾ پروموشن ملڻ ڪانپوءِ مون کي مختلف هنڌن تي ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ مختلف کاتن جو سربراهه ۽ ڪيترن سرڪاري ڪارپوريشن جو وائيس چيئرمين يا Managing Director مقرر ڪيو ويو. آئون رياست

حقيقت ۾ هندستان ۾ خاندانن کي رهائڻ ۽ پاڪستان ۾ پنهنجي ملڪيت کي بحال رکڻ جو بهانو آهي. اهي حالتون ڏسي ڪري بابا جن تڪڙ ۾ هندستان ڏانهن واپس موٽيا. بابا جن کي بمبئي راس نه آئي ان ڪري اهي حيدرآباد دکن منتقل ٿيا. آئون ۽ منهنجي گهرواري بمبئيءَ ۾ رهياسين جتي مون کي ڊسمبر 1959ع ۾ هڪ نياڻي پيدا ٿي“.

”اوهان حيدراباد دکن ڪڏهن شفٽ ٿيا؟“

”1952ع ۾ بابا ٽي بي جي مرض ۾ ورتجي ويو جيڪو ان وقت لاعلاج مرض هو. بابا جي بيماري ڏسي اسان پنهنجي لاءِ حيدرآباد دکن ۾ رهڻ کي ئي بهتر سمجهيو جتي بابا سائين جن 49 سالن جي عمر ۾ 1956ع ۾ پرلوڪ پڌاريو“. آئون ڏسان پيو ته ان جون اکيون پنهنجي پيءُ جي ذڪر ڪرڻ سان لڙڪن سان پرجي اچن ٿيون هو آهستي پنهنجي واسڪوٽي مان رومال ڪڍي ٿو ۽ لڙڪ اگهي ٿو.

”حيدرآباد دکن ۾ آباد ٿيڻ دوران توهان کي ضرور ڪي نه ڪي مشڪلاتون پيش آيون هونديون؟“

”ضرور- نئين ماحول کي اختيار ڪرڻ ۽ ان ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ ۾ نه صرف مشڪلاتون پيش اچن ٿيون پر وقت به لڳي ٿو. جولاءِ 1959ع تائين اسان آباد ٿيڻ جي سلسلي ۾ ڪيئن مشڪلاتون برداشت ڪيون، مختلف قسمن جون نوڪريون ڪيون ۽ عجيب و غريب ڏنڊا ڪيا پر انهيءَ دوران ئي مون پنهنجي تعليم کي به جاري رکيو. 1955ع ۾ اجمير سيڪنڊري ايجوڪيشن بورڊ مان انٽر آرٽس پرائيويٽ اميدوار جي حيثيت سان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو. 1957ع ۾ عثمانيه يونيورسٽي حيدرآباد مان شام واري ڪاليج مان بي اي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪئي ۽ 1959ع ۾ پولٽيڪل سائنس ۾ ايم اي ڪئي. انهيءَ دوران مون کي حيدرآباد يونيورسٽي جي ايوننگ ڪاليج ۾ عارضي ۽ جز وقتي ليڪچرر شپ ملي جيڪا پوءِ جلد ئي مستقل ڪئي وئي. انهيءَ دوران آئون پوليٽيڪل سائنس سان گڏوگڏ ايم اي انٽرنيشنل رليشن جا پڻ ڪلاس وٺندو رهيس“.

”توهان I.A.S تائين ڪيئن پهتا؟“

”هو سنجيدگيءَ سان ٻڌائي ٿو ته مون ڊسمبر 1960ع ۾ آندرا پرديش اسٽيٽ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پهرين نمبر سان پاس ڪيو جنهن بعد مون کي ڊپٽي ڪليڪٽر طور 9 جنوري 1961ع تي مقرر ڪيو ويو.

حڪومت 1946ع ۾ ئي ”جسٽس آف پيس“ Justice of Peace مقرر ڪيو
جنهن ڪري شادي منهنجي جسٽس ٻڌڻ جي لاءِ هڪ دستوري پورائي هئي“.

گهڙيال ڏانهن ڏسان ٿو تہ صبح جا 11 ٿيا آهن. ايتري ۾ پهريون نوجوان ڪمري اندر داخل ٿئي ٿو ان جي هٿ ۾ پاڪستان کان آيل ڪتابن جو پارسل آهي جيڪو گرگلاڻي صاحب وصول ڪري ٿو ۽ ان کي کولي ڏسي ٿو تہ ان ۾ رسول بخش تميمي جو ”ننڍو صدين کان“ ڪتاب پيل آهي. هو جذبات ۾ اچي ڪتاب کولي ٿو تہ اچانڪ سندس نظر سندس ڏاڏي ريوا چند ۽ پيءُ منگل داس جي سوانح عمرين تي پوي ٿي ۽ چوي ٿو تہ يار جاتيءَ وارن مون تي وڏا وڙ ڪيا آهن. جن بغير سچاڻپ جي اسان جي پوري خاندان کي ايتري اهميت ڏني آهي. سچ پچ تہ انهن تاريخ سان سچائيءَ جو ثبوت ڏنو آهي. هو ڪتاب بند ڪري چمي ميز جي خاني ۾ رکي ٿو ۽ آئون پنهنجي مقصد ڏانهن وڌڻ شروع ڪريان ٿو.

”اوهان هندستان ڪڏهن لڏي ويا؟“ منهنجي ان سوال تي هن جي چهري تي عجيب تاثرات پيدا ٿيڻ لڳن ٿا.

ٿوري سوچ کانپوءِ هو ٻڌائي ٿو تہ ”اها 6 جنوري 1948ع جي تاريخ هئي، جڏهن ڪراچيءَ ۾ هندو-مسلم فسادن ڪري هتان جي هندن ۾ ڀاڄ پئي. آئون، منهنجي گهرواري ۽ هڪ ڀيڻ بمبئيءَ لاءِ روانا ٿياسين. جڏهن تہ بابا، امان ۽ منهنجا ٻہ ڀائر ۽ ڀينرون جاتيءَ ۾ رهجي ويا. انهيءَ اميد سان تہ اسان سنڌ موٽي ايندا سين. پر افسوس! ايئن ٿي نہ سگهيو. آڪٽوبر 1950ع ۾ بابا پنهنجي رهيل خاندان سان ٽن مهينن جي ويزا تي اسان کي ملڻ لاءِ بمبئي روانو ٿيو. بمبئي اچڻ کان اڳ ۾ هن جام نگر جو دورو ڪري اتي آباد ٿيل لاڙ سان واسطو رکندڙ سنڌي هندن سان رابطو ڪيو تہ جيئن هندستان ۾ آباد ٿيڻ جي ضرورت پيش اچي تہ اتي ئي رهي پئجي. جام نگر جي سفر دوران منهنجو هڪ ڀاءُ سخت بيمار ٿي پيو جيڪو جهونا ڳڙهہ ۾ ديهانت ڪري ويو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ بابا ۽ امان مون وٽ بمبئي ۾ آيا. خدا جي ڪرڻي اهڙي ٿي جو منهنجي ڀاءُ جي وفات جو صدمو برداشت نہ ڪرڻ سبب امان بہ هڪ هفتي اندر موڪلائي وئي. اسان لاءِ اهو ڏينهن نهايت ڳرو ثابت ٿيو جنهن رات امان گذاري وئي. اها ڏياري جي رات هئي ان کانپوءِ ترت ئي بابا جاتيءَ موٽي آيو. انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ انگريزي اخبار سنڌ آبزرور ۾ انهن موتن جو ذڪر ڪري اهو اظهار ڪيو ويو تہ اهي موت

”توهان جي ابتدائي تعليم ڪٿي ٿي؟“
”مون پنهنجي شروعاتي تعليم پنجين درجي سنڌي ۽ پهرين ڪلاس انگريزيءَ تائين پرائمري اسڪول جاتي، جنهن کي ان وقت لوڪل بورڊ اسڪول جاتي چيو ويندو هو مان حاصل ڪئي“.
”اڳتي سيڪنڊري تعليم؟“ آئون پنهنجي پهرين سوال کي وڌائيندي پڇان ٿو.
”ٻئين کان ڇهين ڪلاس تائين تعليم انگريزي ميڊيم ۾ سينٽ پئٽرڪ هاءِ اسڪول صدر ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ پري سينئر ڪيمبرج ۽ سينئر ڪيمبرج سينٽ جارج اسڪول مسوري (يو پي) مان حاصل ڪئي، جيڪو هندستان جي ممتاز تعليمي ادارن مان هڪ ليکيو ويندو هو. انهيءَ دوران آئون ويٽ بئنڪ ڪئسل نالي ان هاسٽل ۾ رهندو هئس جتي مقامي راجائن جا ٻار رهندا هئا. ممتاز علي ڀٽو (سابق وزيراعليٰ سنڌ) ۽ ان جا ٻه ڀائر معشوق علي ۽ عاشق علي ٻه ساڳيءَ هاسٽل ۾ رهندا هئا پر اهي هيٺين ڪلاس ۾ پڙهندڙ هئا. مون 1945ع ۾ سينئر ڪيمبرج جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو“.
عام طور ڏٺو ويو آهي ته هندو ماڻهو ٻارن کي جلدي شادي ڪرائيندا آهن توهان جي شادي ڪڏهن ۽ ڪٿان ٿي؟ منهنجي نظر ٽيبل جي شيشي هيٺيان پيل هڪ تصوير ڏانهن کڃي وڃي ٿي جنهن ۾ گرگلاڻي صاحب کنهن عورت سان گڏ ويٺل نظر اچي ٿو.
”ها جعفراڻي صاحب واقعي اسان وٽ ٻارن کي جلد شادي ڪرائڻ جو رواج آهي. آئون ڏهن سالن جو هئس ته بابا مونکي ٽنڊي باگي جي هڪ زميندار فيمليءَ ۾ مڱائي ڇڏيو. سادن سترهن ورهين جي عمر ۾ مئي 1946ع ۾ منهنجي شادي ٿي. اوهان جي سامهون هن شيشي هيٺيان پيل تصوير ماڌوريءَ جي آهي، جنهن جو ديهانت 12 مارچ 1985ع تي دل جي دوري سبب ٿيو“. آئون ڏسان ٿو ته گرگلاڻي صاحب پنهنجي پتنيءَ جو ذڪر ڪندي آبديده ٿي ويو آهي، هو پنهنجا ڳوڙها نه پيو لڪائي سگهي.
”جعفراڻي صاحب هڪ مزيدار ڳالهه ٻڌايان؟“ هو ملي جلي ڪيفيت ۾ مونکي چوي ٿو.
”ها ڀلي ٻڌايو“.
”سادن سترهن ورهين ۾ شادي ڪيم ته 18 ورهين ۾ مونکي سنڌ

دوست هو. هندو ۽ مسلم زميندار سڄي ضلعي جا ٻڌيءَ ۾ هئا. پيو وڏو زميندار مسلمان جو شهر جي ٻاهرين پاسي رهندو هو. سو هو ملڪاڻي، جت هو پر وڏي زميندراي هيس. ڪل مک هو اسان جو قرضدار هو ۽ آخر تائين قرض پري نہ سگهيو. اسان جي ٿهيءَ جو خليفو لالا هو خليفو ماڪر پيو جو والد يعني لالا جو ڏاڏو هڪ وڏي حيثيت رکندڙ شخص هو. اهو خليفو ۽ پهلاج راءِ ٻئي وڏا زميندار هئا، هڪٻئي جا حريف هئا. جڏهن سيٺ پهلاج راءِ گذاري ويو تہ ڪن شخصن خليفي کي مبارڪباد ڏني. خليفو روئي پيو پڇيائونس "ڇو؟" چيائين "پهلاج راءِ هڪ شينهن هو ان سان دشمني ڪرڻ مون لا سنهايو تي هاڻي گدڙن سان دشمني ڪندس ڇا" اهڙا هئا فراخدل ماڻهو انهيءَ زماني جا. مرحوم خميسو خان انصاري هڪ خاص شخصيت هو غريب خاندان مان هو پرڏهن سنو هئس. منهنجي پيءُ کيس پڙهڻ ۾ مدد ڪئي هئي. 47_1946ع ۾ لوڪل ليگ جو اڳواڻ ٻڻجي ڪافي اهميت حاصل ڪئي هئائين. لاڙ پاسي خاص ڪري جاتي تعلقي ۾ کيس جاتيءَ جو جناح ڪري چوندا هئا. سنهو ڊگهو شيرواني ڪوٽ ۽ جناح ڪئپ سان واقعي جناح لڳندو هو. جيئرو هجي ها تہ اڄ 80_82 سالن جو هجي ها. جڏهن بہ جاتي ياد پوي ٿي تہ دل ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ٿي وڃي ٿي".

"چڱو گرگلاڻي صاحب قسمت سانگي آهيو آهيان تہ ڇو نہ "جاتي مئگزين" لاءِ توهان ڪان توهان جي زندگيءَ متعلق ڪجهہ معلوم ڪري سگهجي".

"اسان حاضر آهيون" هو چانهہ جو آخري ڍڪ پريندي چوي ٿو.

"گرگلاڻي صاحب ٻڌو اٿئون تہ توهان جو خاندان جاتيءَ جي ديهہ تل جو رهاڪو هو اوهان بعد ۾ جاتي لڏي آيا؟"

"هائو جعفراڻي صاحب اها ڳالهہ سئو سيڪڙو درست آهي، منهنجو ڏاڏو سيٺ ريوا چند ديهہ تل جو رهاڪو هو جتان هو 1900ع ڌاري لڏي جاتيءَ ۾ اچي رهيو جتي هو زميندراي ڪرڻ سان گڏ سيٺ پهلاج راءِ جي ڪمن جي پڻ نظرداري ڪندو هو. هن کي منگل داس يعني منهنجو پيءُ لوڪو مل ۽ شيوو نالي پٽ ۽ ٽي نياڻيون ٿيون جن مان سيٺ منگل داس جاتي واري پٽ جو معزز ماڻهو ٿي گذريو آهي".

"توهان جو جنم ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿيو؟"

"منهنجو جنم اوهان جي شهر جاتيءَ ۾ 21 سيپٽمبر ۾ 1928ع تي ٿيو".

ڪتڪو ۽ تنبو جا باغات پنهنجو اصلي اوج وڃائي چڪا آهن. جاتيءَ جو شهر وڏي اڇي اتر طرف ليٽندا واهه. ذڪرڻ ۾ راڄ ملڪ ويندڙ روڊ تائين پهتو آهي. اڳوڻي اسپتال جي جڳهه ختم ٿي چڪي آهي، اتي دڪان ۽ رهائشي جڳهيون قائم ٿي چڪيون آهن. اوهان جي دور واري لائيٽ هائوس 1956ع ۾ بند ٿي وئي هاڻي ان جا کنبر ڏسي سگهجن ٿا".

"تنهن جي معنيٰ جاتي جو شهر ڪافي وڏي چڪو آهي پر اسان جي جڳهين ۽ مل جا ڪهڙا حال آهن؟" گرگلاڻي صاحب مون کان پڇي ٿو.

"آئون ڪيس ٻڌايان ٿو ته اوهان جي جڳهه ۾ هن وقت پٽني جو خاندان رهي ٿو. اڌ صديءَ جي عرصي ۾ سيٺ منگل داس جي جڳهه ۾ ڪافي تبديليون ڪيون ويون آهن. اوهان جي رائيس مل هاڻي نه رهي آهي، رئيس محمد علي ملڪاڻي مملڪتي وزير خوراڪ. زراعت ۽ لائيو اسٽاڪ حڪومت پاڪستان جي قبضي ۾ آهي، جتي اهي هاڻي ڪا جاءِ تعمير ڪرڻ چاهين ٿا".

"اهي ته ٿيون جاتي جي شهر جون خبرون. پلا ڪا ادبي هل چل؟" هو مون کان سوال ڪري ٿو.

جاتيءَ ۾ هينئر بزم پياڻي سرگرم ادبي تحريڪ آهي، جنهن کي خليفن خاندان جو هڪ شخص زين العابدين قريشي پنهنجي ساٿين سان هلائي ٿو. رسول بخش تميمي جاتيءَ جو مڃيل اديب آهي، حاجي صدرالدين هنڱورجو جاتيءَ جو پڪو پختو شاعر آهي. عورتن ۾ مس پروين ٽالپر علم و ادب ۾ هاڻي پير پاتو آهي. جاتيءَ مان ڪجهه وقت اڳ ۾ "جاتي" ۽ "لاڙ نيوز" اخبارون نڪرنديون هيون جن جا پرچا توهان لاءِ آندا اٿم". واهه ڀائي واهه! جاتي مان ٻه اخبارون پيون نڪرن.

"گرگلاڻي صاحب توهان کي جاتي ياد پوي ٿي؟"

"ڇو نه ڪير آهي جنهن وطن وساريو. اسان جي زماني ۾ گهڻو ڪري هندو رهندا هئا جي سڀ آسوده هئا، گهڻا منجهن زميندار هئا. ڏنڌو ڏاڙي، دڪانداري سڄي هندن جي هٿ ۾ هئي. شهر ۾ آسوده مسلمان ڪي ٿورا ئي هئا. 1942ع جي راشنگ جي زماني ۾ اناج جي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ڪي نوان شاهوڪار هندن ۾ پيدا ٿيا، صرف هڪ مسلم واپاري اڳتي وڌيو هو. سو هو ذڪريا. هو لوهار هوندو هو. خليفا شهر کان ٻاهر گونگڙي جي ڪپ تي رهندا هئا. اسان جي زماني ۾ خليفو ماڪر پيو هو جو منهنجي پيءُ جو

سامهون پيل ڪرسي تي ويهڻ جي آڇ ڪري ٿو ۽ خاموش ٿي وڃي ٿو.

آئون ڪمري جو جائزو وٺان ٿو جائزي وٺڻ ڪانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ سچو ڪمرو سنڌيت جو اظهار آهي. ٽيبل تي منهنجو ڪتاب ؟"تاريخ جاتي جا نوان ورق" ان جي هيٺان مس پروين ٽالپر جو "موتي مٺيادار"، ان جي هيٺان سي بي ايس جو رسالو "العلم"، ان جي هيٺان سنڌي رتن (Sindhi Ratan) جو تازو پرچو پيل آهي. ميز جي ٻي ڇيڙي تي تميميءَ جو حضرت مغلپين رحہ ۽ حافظ حبيب سنڌيءَ جو "ماجر ـ ڪڪرالہ ۽ ڪاري جي ٻولي" ۽ ان جي هيٺان سنڌي اخبار "هندستان، انگريزي اخبار "دڪن هيرالڊ" ۽ اردو اخبار "سازي دڪن" پيل آهن. پرسان جاتي مگئزين ۽ پيج پياٽي جا پرچا پيل آهن. ڪمري جي ساڄي پٽ تي ميز جي بلڪل سامهون سنڌ جو نقشو ۽ ان جي هڪ پاسي ڪان جي ايم سيد جي وڏي تصوير ۽ ٻئي طرف پڳت ڪنور رام جو پورٽريٽ لڳل آهي، نقشي مٿان شاهہ لطيف جو شعر:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!

لڳل آهي. ڪمري جي ايرندي پٽ تي هندستان جو نقشو ٽنگيل آهي، ان جي هڪ طرف سيٺ منگل داس تہ ٻئي طرف سيٺ ريوا چند جون تصويرون فريم ۾ جڙيل آهن، جن تي گلن جا هار پيل آهن. ڪمري جي اترئين پٽ تي ساڌ ٻيلي ۽ موهن جي دڙي جون وڏيون تصويرون لڳل آهن تہ ڏاکڻين ديوار تي شاهہ سچل جا مقبرا ۽ ساميءَ جي سماديءَ جي منظر ڪشي ڪيل آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ اهو نوجوان پاڻي چانهہ ۽ بسڪيٽ کڻي اچي ٿو. چانهہ جو ڍڪ پريندي گرگلاڻي صاحب خبرن چارن جي شروعات ڪري ٿو.

"ڏي جعفراڻي صاحب جاتي جا ڪهڙا حال آهن؟"

"جاتي هينئر چڱو موچارو شهر آهي، منجهس يونين ڪائونسل، هائير سيڪنڊري اسڪول، سي بي ايس اسڪول، تعلقي اسپتال ۽ پوليس اسٽيشن قائم آهن. شهر جي واپار تي ميمڻن ۽ خواجن جو قبضو آهي. جاتي سجاول روڊ هينئر پڪو روڊ آهي، جاتي هينئر ڪراچي، حيدرآباد ۽ بدين سان! پڪن رستن ڪري ڳنڍيل آهي. شهر ۾ فقط هڪ هندو خاندان پڳت جيوت رام جو رهي ٿو. ملڪاڻي هتان جو بااثر خاندان آهي، پرائمري اسڪول جي ڪبن واري عمارت جنهن ۾ توهان پڙهيا هوندا، اتي پٽر جي نئين عمارت ۾ اسڪول هلي ٿو. سنڌو بندر مڪمل ويران ٿي چڪو آهي،

# جڙيو جيءَ جاتيءَ سان!
## ڄيٺو مل گرگلاڻي

سياري جي سبب ننڍو وڏو پنهنجي گهرن ۾ بند آهي، رستن تي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو نظر اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪا موٽرڪار زوزات ڪندي لنگهي وڃي ٿي. آئون حيدرآباد دکن جي پوش علائقي جي ٻلي هلس جي پلاٽ نمبر 167 تي اڏيل بنگلي جي ڳولا ۾ آهيان جنهن لاءِ مون کي ٻڌايو ويو ته ان بنگلي کي "ماڌوري" نالي سڏيو وڃي ٿو. پڇڻا نه منجهڻا، پڇائيندو پڇائيندو گهٽي نمبر 13 ڪي جي هڪ بنگلي وٽ اچي پهتو آهيان جنهن جي مکيه دروازي تي اوم جو نشان اڪريل آهي ۽ ان جي هيٺان وڏن اکرن ۾ ماڌوري لکيل آهي.

دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وڃي ٿي، چاڪاڻ ته پاڻ کي منزل تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ڏسان ٿو دروازي تي دستڪ ڏيڻ سان هڪڙو 40 ورهين جو جوان ٻاهر نڪري ٿومون کي ڏسي نمستي چوي ٿو.

"اوهان جاتي جا جعفراڻي صاحب آهيو نه؟"

"ها آئون اهو ساڳيو آهيان جيڪو توهان سمجهيو آهي".

"ڪاڪا اندر اچو پتا (گرگلاڻي صاحب) اوهان جي انتظار ۾ آهي".

آئون ان نوجوان سان گڏجي بنگلي اندر داخل ٿيان ٿو هو مون کي گيسٽ روم ۾ وٺي هلي ٿو ڏسان ٿو ته گيسٽ روم ۾ هڪ 75_80 سالن جو پوڙهو پر صحت جي لحاظ کان چاق و چوبند شخص آرام ڪرسي تي ويٺل آهي. مون کي ڏسي هو اٿي بيهي منهنجو سواگت يعني آدرڀاءُ ڪري ٿو.

"ڀلي ڪري آيا منهنجا جاتي جا جوان" ان جي اکين ۾ پاڻي تري اچي ٿو جڻ ته هن جي اڳيان گونگڙي تي چوهڙ ڏانهن ويندڙ رستي تي بيٺل وڏي ٻڙ جي وڻ تان ٽپا ڏئي گونگڙي ۾ وهنجڻ جو دور دل تي تري اچي ٿو. هو مونکي

# خاکا

پرائمري اسڪولن جي لاءِ هيٺين آفيسرن جو ٻار وڇايو ويو آهي، انهن کي ترت ختم ڪيو وڃي.

## 12۔ تعليم کي نجي شعبي يا فوج جي حوالي ڪيو وڃي:

حالتون، ان حد تائين بگڙجي چڪيون جو تعليم کي سرڪار جي حوالي ڪرڻ سان مسئلي حل ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. انڪري تعليم کي بہ Privatise ڪيو وڃي. يونيورسٽي کان پرائمري ليول تائين استاد ٻن سالن جي Contract جي بنياد تي کنيا وڃن يا وري تعليم کي فوج جو هڪ يونٽ بڻايو وڃي.

### 9_ ٽريننگ جي کوٽ:

ڪنهن بہ شعبي جي افاديت، ان جي تربيت يافتہ افرادي قوت تي منحصر آهي. محڪمہ تعليم ۾ ڏنو ويو آهي تہ هڪ Row Post_ Graduate بغير ڪنهن پيشورانہ تربيت جي لڪيچرار ٿيو وڃي. جڏهن تہ ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگرد، جيڪي بلوغت کي پهچي وڃن ٿا، انهن جي نفسيات ڄاڻڻ لاءِ ٽريننگ نهايت ضروري آهي. ان لاءِ ليڪچرار ٿيڻ لاءِ ايم اي، ايم ايڊ هئڻ ضروري شرط لاڳو ڪيو وڃي. ڊاڪٽر وانگر، انهن کي بہ مقرري کان اڳ ڪم از ڪم هڪ سال هاءِ اسڪول ۾ ”هائوس جاب“ تي رکيو وڃي. جيئن تہ اهي اعليٰ تعليم سان واسطو رکن ٿا، انڪري انهن جي پررموشن کي تحقيقي مقالي لکڻ سان مشروط ڪيو وڃي.

### 10_ پرائيويٽ امتحانن جو ڪردار:

اڄ ڪلهہ پرائيويٽ امتحان ڏيڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي، هڪ جي بجاءِ ٻيو وڌيو آهي. ڪم از ڪم مئٽرڪ جي سطح تائين پرائيويٽ امتحان کي مڪمل بند ڪيو وڃي يا عمر ۽ تعليم جو شرط لاڳو ڪيو وڃي ۽ پرائيويٽ پاس ٿيل اميدوارن کي فوج ۽ پوليس ۾ ڀرتي ڪيو وڃي. انهن کي محڪمہ تعليم ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ رکيو وڃي.

### 11_ تعليم جو ٻٽو نظام:

ڏٺو ويو آهي تہ اسان وٽ ٻٽو تعليمي نظام آهي. هڪ طرف انگريزي ميڊيم اسڪول آهن تہ ٻئي طرف سرڪاري اسڪول. انگريزي ميڊيم اسڪول يا پبلڪ اسڪول، انهن ماڻهن لاءِ آهن، جيڪي ڳريون فيون ڀري سگهن ٿا ۽ پوءِ اڳتي هلي انهن جا ٻار سول سروس کي والارين ٿا تہ ٻئي طرف سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهيل ٻار، اڪثر ڪري رهجي وڃن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي تہ تعليم جو نظام يڪسان بڻايو وڃي ۽ تعليم ۾ طبقاتي ڪشمڪش ختم ڪئي وڃي.

ان سان گڏوگڏ پرائمري اسڪولن کي تعليمي لحاظ کان ويجهي هاءِ اسڪول جي زير انتظام ڏنو وڃي ۽ مڊل اسڪولن کي ويجهي هاءِ اسڪول جي حوالي ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت هاءِ اسڪول کي ويجهي ڪاليج سان ڳنڍيو وڃي. انهيءَ تعلق جو بنياد صرف Academic side هئڻ گهرجي.

ڪارڻ آهي. ماستري يا ليڪچرر شپ کي اج ڪلهه ضمني ڌنڌو سڏيو وڃي ٿو. گسائڻ، پيرڊ نہ وٺڻ، سجو وقت ٽيوشن کي ڏيڻ، امتحانن جي ڏينهن ۾ شاگردن سان گهرا ناتا قائم ڪرڻ، پوءِ پيپرن جي پويان مٺي ۾ لاڙڪاڻي جا پنڌ ڪاٽڻ، اسان جون اهڙيون خوبيون آهن، جن کان اوهان بخوبي واقف آهيو. ذميداريءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ هڪ ريڊنگ پارٽي تشڪيل ڏني وڃي ۽ ملزمن کي جوڳي سزا ڏني وڃي.

### 5۔ آفيسرن جو ڪردار:

تعليم جي تباهيءَ ۾ آفيسرن جو بہ وڏو هٿ آهي. انهن تي ڪڙي نظر رکڻ لاءِ، قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسين کي حرڪت ۾ آڻڻ گهرجي ۽ انهن جي تقرري ڪنهن بہ صورت ۾ سياسي بنياد تي نہ هئڻ گهرجي.

### 6۔ شاگردن جو ڪردار:

سپريم ڪورٽ جي تجويز تي عمل ڪندي نائين ڪلاس کان يونيورسٽيءَ تائين شاگردن کي سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ لاءِ پابند بڻايو وڃي. پيحڪڙي ڪرڻ واري کي اسڪول/ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ طرفان سخت سزا ڏني وڃي. جڏهن تہ ان سزا کي ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري نہ سگهبو. ڪاپي ڪندڙ شاگرد کي ڪنهن بہ صورت ۾ نہ بخشيو وڃي. هر نوڪري لاءِ لکت ۽ زباني امتحان ورتو وڃي.

### 7۔ والدين جو ڪردار:

اسان جا والدين پنهنجي اولاد جي تعليم جي سلسلي ۾ سست واقع ٿيا آهن. انهن کي گهرجي تہ اهي استادن سان رابطي ۾ اچن، پنهنجن ٻارن جي پروگريس کان واقف ٿيندا رهن ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن غلط ڪم لاءِ استاد تي بار نہ وجهن.

### 8۔ اسٽاف ۽ فرنيچر جي کوٽ:

جتي ڪٿي اسڪول يا ڪاليج کولڻ جي بجاءِ، موجوده اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ جتي جتي اسٽاف يا فرنيچر يا لئباريٽريءَ جي کوٽ آهي، اها تقاضا پوري ڪئي وڃي.

1_ رياست جا پاليسي ساز ادارا:

رياست جي تعليمي پاليسي ناهڻ وارن ادارن ۾ هڪ پرائمري استاد کان وٺي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر تائين نمائندا هجڻ گهرجن. تعليمي پاليسي مرتب ڪرڻ وقت عالمي حالتن ۽ ضرورتن سان گڏ استادن جي مالي مرتبي جو پڻ خيال رکيو وڃي. وفاقي توڙي صوبائي تعليمي سيڪريٽري، محڪمہ تعليم مان کنيا وڃن. تعليمي وزارت ڏيڻ وقت، وزير موصوف جي علمي لياقت جو خاص خيال رکيو وڃي.

2_ سياسي نمائندن جو ڪردار:

تعليمي تباهيءَ جو مکيہ ڪارڻ اسان جا آڱوٺي ڇاپ عوامي نمائندا آهن، يا وري اهي سياسي شخصيتون، جيڪي پاڻ کي چمڪائڻ گهرن ٿيون. انهن جي مداخلت کي بنجي ڏيڻ خاطر سڀ کان پهريائين انهن تي تعليم جي پابندي لڳائي وڃي. نيشنل پاليٽڪس اڪيڊمي نالي جهڙو ادارو وجود ۾ آڻي، ان ۾ انهن کي باقاعده پڙهايو وڃي ۽ امتحان ورتو وڃي. جيستائين ايئن ٿئي (جنهن جو في الحال ڪو امڪان ئي ڪونهي) تيستائين تعليمي اداري ۾ ڪنهن بہ سياستدان کي اچڻ جي اجازت نہ هئڻ گهرجي. پرائمريءَ کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين، تمام مقرريون ميرٽ تي ڪيون وڃن ۽ ڪنهن بہ عوامي نمائندي جي سفارش نہ ٻڌي وڃي ۽ ميمبرن جي ڪوٽا وارو سسٽم مڪمل طور بند ڪيو وڃي.

3_ استادن جي جماعتن جو ڪردار:

هيستائين ڏٺو ويو آهي تہ اپلا، سپلا، گهپلا، شٽلا، ماٽا ۽ پٽا جو ڪردار منفي رهيو آهي. بدڪردار، نااهل، گوسڙو ڪم چور استادن جي طرفداري ڪرڻ ۽ انتظام ۾ رخنو وجهڻ، آفيسرن کان دٻڙ دونس ڪري ڪم وٺڻ ۽ شاگردن کي رستن تي آڻڻ ۾ استاد جماعتن جو وڏو هٿ آهي. انهن تي مڪمل پابندي وڌي وڃي ۽ محڪمہءِ تعليم کي ٽريڊ يونينزم کان پاڪ ڪيو وڃي.

4_ استادن جو ڪردار:

اسان جي استاد طبقي جي غيرذميواري، اسان جي بدحاليءَ جو مکيہ

# تعليمي ماحول کي بهتر بنائڻ لاءِ
# چند تجويزون

اها ڳالهہ هاڻي واضح ٿي چڪي آهي تہ اسان تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جي ڪنڌي تي اچي پهتا آهيون ۽ نتيجو ڪڍيو اٿئون تہ انهيءَ جو سچو ڪارڻ اسان جي تعليمي بدحالي آهي.

معاشري جي هر فرد جي غيرذميوارانہ رويي سبب اسان جو تعليمي مسئلو ڏينهون ڏينهن ڳنڀير ٿيندو وڃي، مونکي ياد آهي تہ جن ڏرين، سنڌ جي نوجوانن کي مختلف نعرا ڏئي هنيوچيون هٽائي، پنهنجي الو سڌو ڪرڻ خاطر، ڪلاسن جا بائيڪاٽ ڪرايا، ڪاپيءَ جي مرض جي شروعات ڪئي، استادن جون بيعزتيون ڪرايون ۽ انقلاب، آزادي ۽ سنڌ جونالو وني، سنڌ جي تعليمي ادارن کي تباهہ ڪيو اڄ اُهي قومي جرڳو سڏائي اعلان ڪن ٿيون تہ ”سنڌ جي تعليمي ادارن کي ڪم از ڪم ڏهن سالن تائين فوج جي حوالي ڪيو وڃي“.

انهيءَ کي چئبو آهي تہ ”پنهنجي ڪئيءَ جو نہ ويج نہ طبيب“.

وري بہ شڪر آهي جو احساس تہ ٿيو. ظاهر آهي تہ جڏهن برائي حد ٽپي وڃي ۽ اصلاح جا سڀ رستا بند ٿي وڃن تہ دل خوبخود ڪنهن سخت گير نظام لاءِ واجهائي ٿي ۽ انقلابي تبديلين جي خواهش ظاهر ٿئي ٿي. اڄوڪو سيمينار پڻ انهيءَ خواهش جو واضح ثبوت آهي.

سائين، اسان جي تعليمي بدحالي هڪ گهڻ پهلو مسئلو آهي. هڪ استاد جي حيثيت سان پنهنجن ٽيهن سالن جي تجربن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ مسئلي جي مختلف پهلوئن جي سڌاري لاءِ چند تجويزون پيش ڪندس. جڏهن تہ مسئلو اسان جي اڳيان آهي ۽ ان جي وضاحت ڪرڻ وقت وڃائڻ ٿيندو.

محمد رمضان بليدي جيڪب آباد واري چيو تہ: "استادن جون تنظيمون، تعليم جي واڌاري لاءِ هئڻ گهرجن نہ ڪ ڪم چور ۽ گوسڙو استادن تي چشم پوشي ڪرڻ لاءِ."

سيد امير علي شاهہ گهوٽڪيءَ واري چيو تہ: "استادن ۽ ٻارن کي تعليمي سير و سفر ڪرڻ گهرجي جيئن انهن جي مشاهدات جي قوت ۾ اضافو ٿئي. ساڳئي طرح جاگرافيءَ جهڙو ڪم دلچسپيءَ سان پڙهيو وڃي، جيئن ٻارن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار پيدا ٿي سگهي.

ديوان جسونت سنگهہ ميرپورخاص واري چيو تہ: "اهڙيون گڏجاڻيون هر ضلعي ۾ ٿيڻ گهرجن. جيئن هڪ ٻئي سان ملي، تعليم جي واڌاري لاءِ سوچي سگهجي."

آخر ۾مک مهمان شري ٻُٽاڻيءَ پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ: "علم جي ميدان ۾ دنيا اڳتي وڌي رهي آهي، استادن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي اڳيان تبديل ٿيندڙسماج جو جائزو وٺن ۽ پنهنجي مطالعي کي وسيع بڻائين."

آخر ۾ مختياڪار صاحب ٺٽو ديوان گلاب راءِ گيت پڙهندڙ ٻارن کي پنج رپيا انعام ڏنو ۽ ٻاهران آيل خاص مهمانن لاءِ ٻنپهرن جي ماني ڏني. مانيءَ ۾ ٺٽي شهر جي معزز مان ديوان ڪشنچند، نبي بخش عقيل، عابداڻي صاحب ۽ صاحب جي دوست ڏٽي بخش ناقص سجاوليءَ شرڪت ڪئي. اهڙي نموني هي علمي ميڙاڪو شام 3 بجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

(ننڍ گزيٽ _ 28/ 12/ 1929ع)

حڪيم کهنباتيءَ چيو: (شايد ڊاڪٽر فضل ۽ انجنيئر شفيق کهنباتي وارن جو پنهنجو هجي) مان ڪو ماستر نہ آهيان. پر استادن جي پيرن جي خاڪ آهيان جنهن قوم استاد جو قدر ڪيو اُها ڪٿي ويئي.

هرمل سنگهہ ساڪري واري چيو: "اسڪول گهر مثل آهي، استاد پيءُ مثل. هڪ سٺو پيءُ ئي گهر کي سٺي نموني هلائي سگهي ٿو.

ديوان اُڌا رام سجاول واري چيو تہ: "استاد جو ڪردار اڇي ڪپڙي وانگر هئڻ گهرجي."

استاد خدا بخش شيدي گڏاپ واري چيو: "ٻار گل وانگر آهن ۽ استاد مالهيءَ مثل آهي. ٻارن کي استاد جي شفقت گهرجي، جيئن اهي پنهنجون لياقتون بنا ڊپ جي ظاهر ڪري سگهن."

ميون حاجي عثمان ڪڏي واري پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ: "استاد هڪ مثال آهي، ٻار استاد جي هر عادت کي محسوس ڪن ٿا. اهي وڏا جج آهن. استاد جو لباس ڳالهائڻ ۽ صفائي ٻارن تي سڀ کان زياده اثرانداز ٿين ٿا."

محمد صديق مسافر ٽنڊي باگي واري چيو: "سٺي استاد جي خوبين مان وڏي خوبي مطالعو ڪرڻ آهي، جنهن استاد جو مطالعو وسيع هوندو اهو ڪامياب استاد آهي."

ديوان حشمتراءِ حيدرآباد واري چيو تہ: "ڪجهہ استادن ۾ بيڙي پيئڻ ۽ بازار سان دوستي رکڻ جي عادت پئجي وئي آهي، انهن کي گهرجي تہ اُهي ماستري ڇڏي ٻيو ڪو ڌنڌو اختيار ڪن."

ديوان ٽلهرام شهدادپور واري چيو: "تعليم مت پيد متائي ٿي، استاد کي تعليم ڏيڻ وقت رنگ، نسل، قوم ۽ مذهب جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي، هن جي اڳيان سڀ شاگرد سندس اولاد مثل آهن."

مير عنايت ٽالپر خيرپور واري چيو تہ: "پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ استادن جي وچ ۾ مقابلا هئڻ گهرجن."

ديوان آسو مل سيوهڻ واري چيو "پرائمري تعليم جيڪڏهن آفيسر ٿيڻ لاءِ ضروري آهي، تہ اميدوار ڪم از ڪم ڏهہ سال پرائمري اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو آهي."

نوجوان شاعر ۽ استاد ڪشن چند بيوس چيو تہ: "ٻارن ۾ علمي ذوق پيدا ڪرڻ استاد جو ڪم آهي، دنيا جا وڏا وڏا اديب ۽ شاعر اسڪولن جي استادن کان ئي علم و ادب جي واٽ سکيا."

رهيون هيون. پنڊال جو منهن اوڀر طرف هو. تقريرن ڪرڻ واري هنڌ مٿيءَ جو ٿلهو بنايو ويو هو جتي وڏيون چادرون وڇايل هيون ۽ پاسي کان رليون ٽنگيل هيون، جيئن ڏيک ويک به مانائتو ٿئي ۽ هوا کان به روڪ ٿئي. ٿلهي کان هيٺ پلال وڇائي اُتي فراسيون وڇايون ويون هيون، جتي ٻيا استاد ۽ عام خلق ويٺي هئي. ڪانفرنس جو مک موضوع شري يُتاٽي هو (شايد اهو يُتاٽي جنهن جو رنگي حساب مشهور هو) مسلمانن قرآن شريف مان آيت جو ٽڪرو ۽ هندن سري ساوڪتاولي مان هڪ پوٿي پڙهي، ڪانفرنس جي شروعات ڪئي."

"نئي جي انهيءَ تعليمي ميڙاڪي ۾ سڄي سنڌ جي ماسترن ڪي سڏ ڏنل هو ڪيترائي استاد نمائندا پنهنجا پال پلائي کهي اچي نئي پهتا. اُهي هئا ماستر خدا بخش شيدي گڏاپ وارو، ميون حاجي عثمان ڪڏي وارو، محمد صديق مسافر ٽنڊي باگي وارو، ديوان حشمتراءِ حيدرآباد وارو، ديوان ٽلهرام شهدادپور وارو، مير عنايت ٽالپر خيرپور وارو، ديوان آشو مل سيوهاڻي، نوجوان شاعر ۽ استاد ڪشنچند بيوس لاڙڪاڻي وارو، محمد رمضان بليدي جيڪب آباد وارو، امير علي شاهه گهوٽڪيءَ وارو ۽ جسونت سنگهه ميرپور خاص وارو."

"نئه گزيٽ" اڳتي لکي ٿي ته: "ديوان نرملداس، هيڊماستر پرائمري اسڪول نئو آيل مهمانن جو سواگت (خيرمقدم) ڪيو ۽ پوءِ ننڍڙن ٻارن "هي استاد آهي وڏي مان وارو" گيت، گڏجي ڳائي ٻڌايو جيڪو ويٺلن کي ڏاڍو پسند آيو.... پوءِ تقريرون ٿيون."

"نئه گزيٽ" جو ٽيون ۽ چوٿون صفحو انهيءَ ڪانفرنس جي ڪارگذاري سان ڀريل آهي، جنهن ۾ تمام تقريرن جي مکيه حصن کي گڏ ڪيو ويو آهي. اها ڳالهه دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندي، جيڪڏهن انهن تقريرن جي چند ٽڪرن کي اخبار جي زباني هتي دهرايو وڃي، شايد اهي اسان جي ڪم جون نڪري پون.

آخوند محمد صديق نئوي (شايد آخوند برادري وارن مان هجي) نئي جي علمي ترقيءَ تي تقرير ڪندي چيو: "نئو زمانه قديم کان وٺي علم جو مرڪز رهيو آهي. شيخ حماد، مخدوم معين نئوي ۽ مخدوم محمد هاشم نئوي جهڙي عالمن هتي درس ڏنو، اڄ اُهو نئو اُهو نه رهيو آهي، اچو ته گڏجي نئي کي پنهنجي اڳوڻي اوج تي آڻيون."

# ذڪر خير - اڄ کان 60 سال اڳ جي تعليمي ڪانفرنس جو

اها ان دؤر جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺٽي جي لائبريريءَ جو انچارج هئس. هڪ ڏينهن پراڻن ڪتابن جي ڪٻٽن جي صفائي ڪندي "ٺٽہ گزيٽ نالي هفتہ روز" اخبار جا ٻہ ورق هٿ آيا. اخبار تي 28 ڊسمبر 1929ع جي تاريخ پيل هئي. اخبار جو پهريون، ٻيون ۽ ستون اٺون صفحا غائب هئا. چوٿين ۽ پنجين صفحن تي ٺٽي جي آسپاس جون خبرون هيون. اخبار جي اهڙي حالت هئي جو ان کي فقط سنڌالاجي سنڀالي سگهي ٿي. ٺٽي ضلعي جي تاريخ سان دلچسپي هئڻ جي ڪري مون اخبار جي تمام خبرن کي پاڻ وٽ هڪ ڪاپيءَ ۾ لکي محفوظ ڪري ڇڏيو جيڪي اڄ بہ منهنجي لاءِ وڏي ڪشش جو سبب آهن.

اڄ جڏهن ٺٽي جهڙي تاريخي شهر ۾ تعليمي ڪانفرنس ٿي رهي آهي تہ ان موقعي تي مذڪوره اخبار جي حوالي سان اڄ کان 60 سال اڳ جي هڪ تعليمي ڪانفرنس جو ذڪر ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان، جيڪا بقول اخبار جي شاهي مسجد ۽ شاهہ مسڪين جي وچ واري ميدان ۾ 22 ڊسمبر 1929تي وڏي اهتمام سان ٿي هئي. اهو بہ حسن اتفاق چئبو تہ اڄوڪي ڪانفرنس بہ شايد ساڳئي هنڌ تي رهي آهي.

اخبار جي ٽئين صفحي تي ايڊيٽوريل جي ٻرسان بہ ڪالمي سرخيءَ ۾ ٺٽي ۾ تعليمي ميڙاڪو جي سري هيٺ انهيءَ ڪانفرنس جو احوال ڏنو ويو آهي.

ڪانفرنس جي اهتمام جو ذڪر ڪندي، اخبار لکي ٿي:

"شاهي مسجد جي اولهہ واري خالي پيل ميدان تي، پڪن جو هڪ وڏو پنڊال وڏي قريني سان سينگاريل هو. جنهن ۾ رنگارنگي بانبٽيون ڦڙڪي

# تعليمي مضمون

گرلس ڪاليج ۾ ليڪچرارن جي کوٽ، پرائمري اسڪولن جي عمارت جي زبون حالي، ضلعي اسڪائوٽنگ فنڊ جو غلط استعمال، اسڪولن جي ڊيولپمينٽ فنڊن جو غلط استعمال، اهڙا مسئلا آهن جن تي روزاني ”جاڳو“ تفصيل سان لکيو آهي. البته سجاول هاءِ اسڪول متعلق ”باڪس“ ۾ آيل خبرن سجاول جي سنجيده حلقن کي مايوس ضرور ڪيو پر استادن جي جماعت گستا ءِ پ ٽ الف کي جاڳو ۾ نمايان جڳهه ملندي رهي آهي.

”جاڳو“ صحافتي تقدس کي برقرار رکڻ لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيو آهي. جاتي جي صحافي ۽ ”جاڳو“ جي نمائندي علي نواز شيخ تي قاتلانه حملي خلاف، جيڪو سجاول جي نمائندي جي حوالي سان قلمي جهاد شروع ڪيو ويو اهو ”جاڳو“ جي پنهنجن سان ”پنهنجائپ“ جو بهترين مثال آهي. جاڳو جي 28 فيبروري وارو ايڊيٽوريل صحافتي حلقن ۾ پنهنجو پاڻ مڃرائي چڪو آهي. علي محمد جتوئي جي مذڪوره خبر ۽ لاشاري صاحب جي ايڊيٽوريل جي حوالي سان فرنٽيئر پوسٽ لاهور پڻ انهيءَ واقعي کي پنهنجن ڪالمن ۾ جڳهه ڏني آهي.

12 مارچ واري پرچي ۾ سجاول جي نمائندي جي حوالي سان ”جهمپير فوجي چانوٽي“ جي مذمت ۾ هڪ خبر آيل آهي. ”جاڳو“ عوامي اخبار آهي، اهوئي سبب آهي جو عوام پنهنجا مسئلا انهيءَ اخبار وسيلي بالاحڪام تائين پهچائڻ گهري ٿي. جاتيءَ جي هڪ ڳوناٽي جي دردناڪ داتهن، سجاول جي نمائندي جي حوالي سان 28 مارچ واري پرچي ۾ شايع ٿي، ڪئپشن اٿس ”وزير ٽيوءِ پراين ملڪيتن تي قبضا ڪرايو“. تفصيل سمجهي سگهو ٿا.

جاڳو هن علائقي جي سماجي مسئلن جي حل لاءِ عام براين خلاف جدوجهد ۾ شهرين سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهي آهي. جاڳو جي مختلف اشاعتن ۾ سجاول ۾ نشي جو آزار (13 جنوري) بجلي ٻاري هڪڙو بل ڀري ٻيو (21 جنوري) سجاول ٽاڻي جي منشيءَ سميت 4 اهلڪار چور نڪتا (30 جنوري) مختيارڪار جي صحيح جي قيمت هڪ هزار رپيا (3 مارچ) ٻوڏ جي ستايلن لاءِ مليل رقم معتبر شخص جي انتظار ۾ (12 اپريل) ناني ويڙهو ڪري زڪوات ڪائي ويا (3 مئي) سجاول ۾ مڇر (7 مئي) ڪوڙا ڊوميسائيل بند ڪري (4 نومبر) وغيره تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي.

اهڙي ريت جاڳو سجاول جي مسئلن کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏئي پنهنجو مقام پاڻ پيدا ڪيو آهي.

1986ع ۾ سجاول پريس ڪلب جو بنياد ڊاڪٽر محمد هدايت فوزي جي ڪوشش سان پيو. پريس ڪلب کي علمي ادبي ۽ سماجي پليٽ فارم طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. افسوس جو هو ڪا به هلڪي ڦلڪي تقريب منعقد ڪري نه سگهيو جس آهي پريس ڪلب سجاول جي نئين قيادت کي جن پريس ڪلب ۾ نئين سر جان وجهڻ لاءِ اهڙي علمي ادبي رهاڻ رچائي آهي.

جيئن ته اڄوڪي محفل سنڌي صحافت جي هڪ بيباڪ پرچي روزانه "جاڳو" جي سالگره جي سلسلي ۾ آهي، اڄو ته ڏسون ته "جاڳو" جي ڪالمن سجاول کي ڪهڙي اهميت ڏني آهي.

هن مقابلي جي دور ۾ سنڌ ۾ هر زبان ۾ ڪئين اخبارون ۽ رسالا نڪتا پر فقط پنهنجي اشاعت جاري رکي سگهيا جن سنڌ جي معروضي حالتن کي صحيح سمجهيو ۽ ان تي لکيو ۽ مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن کي پنهنجن ڪالمن ۾ جڳهه ڏئي سنڌي قوم جي بڌيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو منهنجي هن خيال سان اڪثر دوست متفق هوندا ته "روزانه "جاڳو" ان سلسلي ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. "جاڳو" جي ايڊيٽر محترم فقير محمد لاشاري جي قلم سان رقم ڪيل "ايڊيٽوريل" سنڌي صحافت ۾ اعليٰ مقام رکن ٿا. جاڳو جون علمي ادبي خدمتون به وساري نٿيون سگهجن.

جيستائين سجاول جو تعلق آهي، "جاڳو" سجاول کي پنهنجن ڪالمن ۾ حتي الوسع جڳهه ڏني آهي. "جاڳو" ۾ سجاول جي حوالي سان پهرين خبر، جاڳو جي پهرين شماري مورخه پهرين جنوري 1991ع ۾ مولانا عزيزالله ٻوهيو جي انهيءَ تقرير سان لڳي آهي جنهن ۾ هن صاحب چيو ته "اسان کي سياسي عقيدي نه پر سچائيءَ جي بنياد تي هڪ ٽيڙ گهرجي".

محترم علي محمد جتوئي نمائنده جاڳو بڻجڻ ڪانپوءِ سجاول جون خبرون مسلسل ايندڙيون رهن ٿيون. جاڳو جي 2 فيبروري 1991ع جي پرچي ۾ "سجاول تاريخ جي آئيني ۾" علي محمد جتوئي جو هڪ مضمون شايع ٿيو آهي.

26 جنوري 1991 تي "پوليس جي غيرملڪي امن پانڌيئڙي سان بدسلوڪي" جي هيڊنگ سان يوگوسلاويه جي هڪ سياح ڊاڪٽر گاسپرا وهيڪ سان پوليس جي رويي خلاف هڪ مفصل خبر ڏني وئي آهي. انهيءَ خبر ضلعي انتظاميا کي لوڏي ڇڏيو.

"جاڳو" سجاول جي تعليمي مسئلن تي کلي طرح سان لکيو آهي.

خلافت ڪان اڳ جون اخبارون هونديون هيون، انهن ۾ بہ سجاول جو ذڪر ملي ٿو ليڪن ”خاطن“ جا نالا ملي نہ سگهيا آهن. 1918ع ۾ سجاول ۾ ڪليڪٽر صاحب جي درٻار جي پوري روئداد ۾ خصوصي نمائندي جي حوالي سان ”الامين“ ۾ شايع ٿي آهي.

مارچ 1920ع ڪان ”الوحيد“ جو دور شروع ٿئي ٿو. 1922ع ڪان شيخ ڏٽي بخش جي حوالي سان سجاول جون خبرون شايع ٿيڻ شروع ٿيون. شيخ ڏٽي بخش ”ناقص“ هن، خطي جو پهريون عامل صحافي هو جنهن، ڪنهن اخبار سان منسلڪ ٿي باقاعده ڪم ڪيو. هو 1935ع ۾ الوحيد ۾ سب ايڊيٽر ٿيو ۽ 1946ع تائين ان ۾ ڪم ڪندو رهيو. سيد جمن شاھ بيلائي بہ الوحيد ۾ سب ايڊيٽر ٿي رهيو.

”هندو“ ۽ ”سنسار سماچار“ سنڌ جي هندو طبقي ۽ ڪانگريس جون ترجمان اخبارون هيون. ساقي سجاولي جي حوالي سان ڪانگريس جون خبرون انهن اخبارن ۾ ڇپبيون رهنديون هيون.

1938ع ڪان 1940ع تائين حاجي حجام ۽ محمد اسماعيل عمراڻي الوحيد کي خبرون موڪليندا رهيا. آزاديءَ ڪانپوءِ ساقي سجاولي ۽ گل حسن طاهراڻي، صحافت جي ميدان ۾ آيا. انهن ٻنهي گڏجي ڪراچيءَ مان ”اهل قلم“ رسالو ڪڍيو جيڪو ٻن سالن تائين برابر شايع ٿيندو رهيو.

1906ع ڪان 1960ع تائين چيلارام چمن سجاولي، سجاول جو واحد صحافي هو. هو هڪ ٺي وقت جدوجهد، نئين سنڌ، ڪاروان ۽ نواءِ سنڌ جو عيوضي هو.

عبدالله سومار مرحوم 1962ع ڪان 1990ع تائين عبرت جو نمائندو رهيو. شمس جعفراڻي (هاڻي اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد) 1967ع ڪان 1970ع تائين روزنامہ ”مهراڻ“ جو سب ڊويزنل نمائندو رهيو.

هن وقت سجاول ۾ تمام اخبارن جا نمائندا آهن، جيڪي پنهنجين پنهنجين اخبارن وسيلي هن خطي جي خدمت ڪري رهيا آهن.

”سجاول“ تي مختلف اخبارن جهڙوڪ روزانہ هلال پاڪستان 29 نومبر 1975ع تي، روزانہ عبرت 14 آگسٽ 1982ع ۽ 1983ع تي ۽ روزانہ جسارت ڪراچي 3 نومبر 1982 تي ضميما پڻ ڪڍيا آهن.

1988ع ۾ سجاول مان پهرين اخبار هفتہ روز ”الذوالفقار“ نالي سان اياز ڪتريءَ جي ادارت هيٺ شايع ٿي، جنهن جو فقط هڪ ئي پرچو منظر عام تي آيو.

# سجاول ۾ ”جا ڳو“

اسلام آباد مان نڪرندڙ روزنامہ ”دي مسلم“ جي سري تي هيءُ لفظ The, Rise a Fall of the Press, is the rise and fall of the Nation يعني ”پريس جي ترقي ۽ تنزلي، دراصل قوم جي ترقي ۽ تنزلي آهي. يار عرب دنيا جي مشهور اخبار ”الاهرام“ قاهره جي پيشاني تي هيءَ مقولو ”الصدق ينجي والڪذب يم للڪ“ يعني سچائي ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي ۽ ڪوڙ هلاڪت جو وسيلو““ صحافت جي اعليٰ قدرن جي نشاندهي ڪن ٿا. سچي صحافت، تعميري صحافت، قوم جي تقدير کي بدلائي سگهي ٿي. آزاديءَ جون تمام تحريڪون وقت جي صحافت جون مرهون منت آهن.

برصغير ۾ صحافت واقع نگاريءَ سان شروع ٿي. ٺٽي ضلعي ۾ مغلن جي دور حڪومت ۾ ٺٽي شهر جي غلام علي بلگرامي ۽ قاضي عبدالاحد وقائع نويسن جا نالا ملن ٿا، جن جي ذمي هن علائقي جي حالت ۽ سرڪاري فرمانن کي لکڻ جو ڪم رکيل هو.

ٺٽي ضلعي جي صحافتي تاريخ ۾ سڀ کان پهريائين ٺٽي گزيٽ جو ذڪر ملي ٿو جيڪا 1924_1920ع ڌاري ٺٽي مان نڪرندي هئي. ديوان ساڌو رام ان جو ايڊيٽر هو.

سجاول ۾ صحافت جو بنياد 1880ع کان بہ اڳ پئجي چڪو هو. ان جي واحد سنڌي اخبار هفتہ روزه ”سنڌ سڌار“ هوندي هئي، جنهن ۾ هن علائقي جون خبرون چارون پيلي پرائمري اسڪول جو استاد ٽيئون مل موڪليندو رهندو هو. ”سنڌ سڌار“ جڏهن روزانيءَ ۾ تبديلي ٿي تہ ان وقت ديوان گلاب راءِ سجاول جو خاطو هو.

هفتہ روزه ”الحق“ سکر ۽ هفتہ روزه ”الامين“ حيدرآباد، تحريڪ

نالي هڪ ڪوڪڙيءَ تي چوريءَ جو الزام لڳايو. ڳالهہ راڄ ۾ پئي، فيصلو ٿيو تہ درياءَ شاهہ تي هلجي، ملزم ۽ مدعي ٻنهي کي مقرر وقت تائين سنڌوءَ ۾ ٽٻيون هڻائجن. جنهن جو ساهہ کٽي ويندو اهو ملزم قرار ڏنو ويندو. ٺٽو سجاول پل جي قريب، ملزم ۽ مدعيءَ کي، راڄ جي چڱن مڙسن اڳيان ٽٻيون هڻايون ويون، ڪيشو جو ساهہ کٽي ويو هن جيئن ئي ڪنڌ پاڻي مان ڪڍيو تہ ڪيس مجرم قرار ڏنو ويو هن چوريءَ جو اقرار ڪيو ۽ حقدار کي حق مليو.

**

هٿيار مليا (18 جون 1991ع) لانڍي ريسٽ هائوس، فحاشيءَ جي اڏي ۾ تبديل (19 اپريل 1992ع) سجاول ۾ امن و امان جي صورتحال بگڙي رهي آهي (6 مئي 1992ع)، فائزا عمراڻيءَ جي اغوا جي واردات جي رپورٽ (11 نومبر 1992ع) تي شايع ٿي.

اخبار جو ڪم اصلاح ڪرڻ آهي. اصلاح هميشہ غلطيءَ جي ڪبي آهي، ان ڪري غلطيءَ جي نشاندهي ڪرڻ بہ صحافتي فرائض ۾ شامل آهي. سجاول جي عوامي آواز واري نمائندي انهيءَ غلطيءَ کي ”گهوٻي“ سان تعبير ڪيو آهي. اسلم ميربحر صاحب، پنهنجي قلم سان ڪيترين گهوٻين جو انڪشاف ڪيو آهي. مثال طور: ٻيلي کاتي ۾ يونيسيف جي اسڪيمن ۾ گهوٻيون (25 فيبروري 1992ع) تعلقي سجاول ۾ زڪوات جي اسڪيمن ۾ گهوٻيون (11 جون 1992ع) زرعي قرضن جي وصوليءَ ۾ گهوٻيون (10 آگسٽ 1992ع) سجاول ايجوڪيشن ورڪس ۾ بدعنوانيون ۽ گهوٻيون (10 آگسٽ 1992ع) نئي ضلعي اندر ڪٽڪ جي ورهاست ۾ گهوٻيون، 17 ٻوريون ڪٽي ويندڙ ٺيڪيدار کي شهرين جهلي ورتو. (30 سيپٽمبر 1992ع) سرڪاري زمين جي نيلام ۾ گهوٻيون، (5 ڊسمبر 1992ع) ۽ سجاول پرسان ڳجهيون پاٽاريون، چوريءَ جو چوپايو مال ڪراچيءَ اماڻيو ٿيو وڃي، پاٽاريدار ايترا تہ بااثر آهن جو پوليس آفيسرن جي انهن اڳيان ڪا بہ حيثيت ڪونهي. (10 جنوري 1993ع)

”عوامي آواز“ هن علائقي جي سماجي مسئلن جي حل ڪرڻ ۽ عام برائين خلاف جدوجهد ۾ شهرين سان ٻانهن ٻيلي ٿي رهي آهي. ”عوامي آواز“ جي مختلف اشاعتن ۾: ٻوڏ ستايلن کي امداد نہ ملي (1 جون 1990ع)، سجاول ۾ لاڳيتو 48 ڪلاڪ بجلي بند، (23 جولاءِ 1990ع) مليريا وارا غائب، (17 آڪٽوبر 1990ع) سجاول پوسٽ آفيس ۾ عملي جي کوٽ، (16 اپريل 1991ع) سجاول ۾ منشيات جو ڪاروبار چوٽ چڙهيل، (6 اپريل 1991ع) ديوان شگرمل ۾ مقامي پورهيتن سان ڄُٽ (7 نومبر 1991ع) ۽ سجاول ۾ شراب جي گتي خلاف جلوس (12 جنوري 1992ع) تي ڪافي لکيو ويو آهي.

مقالي ختم ٿيڻ کان اڳ، هڪ مزيدار خبر مان لطف حاصل ڪري وٺو: ”انصاف پلئہ وجهڻ جو انوکو طريقو“ جي سِري سان، اسلم ميربحر جي هڪ خبر 22 مارچ 1992ع جي پرچي ۾ شايع ٿي آهي. خبر ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ ٻکُو ڪوڪڙي جي گهران ڪا چوري ٿي وئي، گهروارن، ڪيشو

تائون ڪميٽيءَ جي ملازمن جي هڙتال ۽ تائون ڪاميٽيءَ جي مالي حالتن تي ”عوامي آواز“ ڪافي ڪجهه لکيو. 18 ۽ 19 جنوري 1993ع جي پرچن ۾ انهيءَ متعلق ڪافي مواد ڇاپيو ويو آهي.

”سجاول جي پراسرار بلا“ ڪيترا ڏينهن اخبارن جي سُرخي بڻيل رهي، بلا ڪٿان آئي ڪيڏانهن وئي، ان جي خبر نه اسلم ميربحر کي پئي نه اسان کي. البت، پراسرار بلا جي حوالي سان صحافين سجاول جي خوب سجاٽپ ڪرائي. بين وانگر، اسلم ميربحر به دعويٰ ڪئي ته بلا، رات جو گهر ۾ ٽپي، عورتن سان ڇيڙڇاڙ ڪري ٿي. انهيءَ ڇيڙڇاڙ کان وٺي، مولوي رمضان پٽي جي گرفتاري تائين جنهن بلا کي پڪڙڻ جي دعويٰ ڪئي هئي، ”عوام آواز“ 6 سيپٽمبر 1992ع کان 15 سيپٽمبر 1992ع تائين خوب لکيو.

لڄالٽ ۽ جنسي تشدد جا واقعا، هن خطي ۾ به ظاهر ٿيا آهن. ”عوامي آواز“ اهڙن واقعن کي پوري پوري ڪوريج ڏني آهي. ڳوٺ حسن جاکرو جي نابين عثمان جاکرو جي نياڻيءَ جي لڄالٽ تي ”عوامي آواز“ 2 جون 1991ع تي آواز اٿاريو آهي. سجاول ۾ 13 سالن جي معصوم سان 4 وحشين جي زيادتيءَ جي خبر 19 جون 1992ع واري پرچي ۾ ڏني وئي آهي. سڀ کان دردناڪ خبر 7 سالن جي محبوب ۽ 6 ساله فاروق ڪوسي جي بيدردانه قتل ۽ مارڻ کان اڳ جنسي هوس جو نشانو بنائڻ ۽ انهن جا لاش ڪمند مان ملڻ ـ کي عوامي آواز پنهنجي 5 جولاءِ 1992ع واري پرچي ۾ نمايان طور شايع ڪيو. سول اسپتال سجاول ۾ نوجوان ڇوڪري جي لڄالٽ وارو واقعو ”عوامي آواز“ جي 13 ۽ 14 آڪٽوبر 1992ع جي پرچن ۾ شايع ٿيو آهي.

”عوامي آواز“ پاڻ کي هر دؤر ۾ هڪ بيباڪ پرچو ثابت ڪيو آهي. اداري جي بيباڪيءَ جو سنئون سڌو اثر نمائندن تي پيو آهي. اهوئي سبب آهي جو ”عوامي آواز“ جا نمائندا بغير ڪنهن خوف جي جرائم جي سلسلي ۾ خوب لکندا رهندا آهن. سجاول ۾ جرم جي حوالي سان ”عوامي آواز“ ۾ ڪيتريون خبرون آيل آهن. جن مان ڪي خاص هي آهن: سجاول پوليس جا ڪڌا ڪرتوت، چوري ڪندي پڪڙڻ تي چوڪيدار ۽ واپاريءَ کي مارڪٽ (1 فيبروري 1991ع) جهيڙي ۾ شمس پارهيڙي مارجي ويو (25 فيبروري 1992ع)، صادق کان ڦرڪندڙ ڪارو ٻاگهل گرفتار (25 فيبروري 1992ع) سجاول ۾ چورن ۽ ڦورن جو راڄ (17 اپريل 1992ع) بااثر ڀاڻاريدار جي چُرچ تي ايس ايچ او بدلي (29 اپريل 1991ع). رانتن ۾ وڌي تعداد ۾

ڪارڪنن جون گرفتاريون.“ ضلعي جي سياسي حلقن ۾ هلچل مچائي ڇڏي ۽ ضلعي انتظاميه ان خبر جو خاص نوٽيس ورتو.

4 نومبر 1991ع جي پرچي ۾ محترمه بينظير جي سجاول دوري جي رپورٽ ڏني وئي آهي، محترمه پبلڪ پارڪ سجاول ۾ تقرير ڪندي چيو ته شهرن تي دهشتگردن جو قبضو ۽ ڀهراڙين ۾ ڌاڙيلن جو راڄ آهي. اسان سنڌين جو ڪهڙو جرم آهي، ڇا اسان پاڪستاني ۽ مسلمان نه آهيون.

13 آڪٽوبر 1991ع تي مولانا فضل الرحمان جو سجاول جي ”عوامي آواز“ جي نمائندي کي ڏنل انٽرويو شايع ٿيو. 20 آڪٽوبر 1991ع تي مولانا فضل الرحمان جي سجاول ۾ ڪيل تقرير کي نمايان طور شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مولانا جن چيو ته: ”چند ماڻهن جي عياشي ۽ جاگرافيائي ليڪ جو نالو آزادي ناهي.“

”عوامي آواز“ سجاول جي تعليمي مسئلن تي ڪُلي طرح لکيو آهي ۽ ڪيترين بي قاعدگين جي نشاندهي ڪئي آهي. مثال طور: اوپن يونيورسٽي سجاول آفيس ۾ گهوٽالن جي انڪشاف جي خبر 30 سيپٽمبر 1990ع واري پرچي ۾ آئي آهي. ڊي اي او آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم (8 آڪٽوبر 1990ع)، جاتي هاءِ اسڪول تي غنڊن جو حملو (3 ڊسمبر 1990ع)، سجاول هاءِ اسڪول جي زرعي زمين جي آمدنيءَ جو ناجائز استعمال، (5 مارچ 1991ع) هاءِ اسڪول مان ٽي وي چوري (17 مارچ 1991ع) هاءِ اسڪول ۾ انگرو ٽيڪنيڪل منصوبا بي ڌيانيءَ جو شڪار (12 سيپٽمبر 1991ع) ٺٽي ضلعي ۾ تعليم جو ٻيڙو ڪيئن ٻوڙيو پيو وڃي. (1 نومبر 1991ع) شاگردياڻي کي تنگ ڪرڻ خلاف سجاول ۾ مظاهرو ۽ چئن ملزمن خلاف ايف آءِ آر داخل ۽ گرلز ڪاليج جي شاگردياڻيءَ کي غنڊن نيشنل بئنڪ وٽ ڇڙتڙ هٽي ڪڍي جي خبر 22 جنوري 1992ع واري پرچي ۾ آئي آهي.

سجاول ٽائون ڪميٽي جيڪا شهري مسئلن لاءِ ذميوار آهي، ”عوامي آواز“ جا ڪالم انهيءَ متعلق هميشه متحرڪ رهيا آهن. ٽائون ڪميٽيءَ ۾ گهوٽالن جي خبر 14 مارچ 1990ع واري پرچي ۾ شايع ٿي. 24 جون 1990ع تي عوامي آواز ۾ هڪ فوٽو شايع ٿيو جنهن جو ڪئپشن هو: ”هن شهر کي پئرس بڻائيندڙ عوامي نمائندا: ڏسو پنهنجا حال.“ اهو فوٽو مامون لاڏو هوٽل کان، بس اسٽاپ ويندڙ روڊ جو هو جنهن ۾ جتي ڪٿي ڪڏون پيل هيون ۽ گندو پاڻي بيٺل هو.

جمهوري حڪومت جي خاتمي کان پوءِ يونس ڀان جي گرفتاريءَ جي خبر 28 آگسٽ 1990ع تي ۽ بابو شاهه جي گرفتاريءَ جي خبر پهرين سيپٽمبر 1990ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

19 سيپٽمبر 1990ع واري پرچي ۾ ”ننڍي جي قسمت جا ڏٽي“ جي عنوان سان، باڪس ۾ ڪجهه عجيب جملا شايع ٿيا آهن. سجاول تڪ سان تعلق رکندڙ اميدوارن لاءِ لکيو ويو:

- سيد غلام مصطفيٰ شاهه: تعليم جو ماهر، اسلام آباد جو راهي، عوام تي آزار پر ڇا ڪريون بي نظير کي دعا ڪري.
- احمد ميمڻ: وقت مان فائدو وٺي ڄاڻي، سياسي ليکي چوکي جو ماهر....
- شفقت شاهه شيرازي: عوامي وڏيرو آهي، متان کٽي وڃي.
- سيد بابو شاهه: عوام سان لٺ ڏڪي ۾ گڏ هوندو آهي، پر پوءِ به سادات آهي.
- مولوي عبدالغفور: اليڪشن وارن ڏينهن کان سواءِ سارو وقت مسجد ۾ گذاريندو آهي.

27 سيپٽمبر 1990ع واري پرچي ۾ محترمه بينظير صاحبه جي سجاول واري تقرير کي نمايان جڳهه ڏني ويئي آهي. جنهن ۾ محترمه چيو هو ته اجوڪي صورتحال جا مارشل لا جا ساٿاري ۽ پنهنجا غدار ذميوار آهن.

بابو شاهه جي وفات جي خبر 9 نومبر 1990ع تي شايع ٿي. بابو شاهه مرحوم تي هڪ تفصيلي فيچر اسلم ميربحر جي قلم سان 15 نومبر 1990ع واري اشاعت ۾ شايع ٿيو.

مرحوم بابو شاهه جي وفات کان پوءِ سندس سيٽ لاءِ مختلف قياس آرائيون ٿينديون رهيون. ان سلسلي ۾ محترم اسلم ميربحر نمائنده ”عوامي آواز“ جو هڪ نهايت جاندار تجزيو 22 ڊسمبر 1990ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ هن انهيءَ تڪ سان وابسته حقائق کي معروضي بنياد تي پيش ڪيو. اهڙو هڪ ٻيو تجزيو 9 جنوري 1991ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

سجاول ضمني چونڊن جي سلسلي ۾ آيل هي خبر: ”پي ايس 71 ٺٽو ۾ پ پ اميدوار جي حامين جون وڏي پئماني تي گرفتاريون. لانڍي ريسٽ هائوس سجاول ۾ وزير جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس کان پوءِ ڪارروايون. پرڏيهي صحافين، متبادل اميدوار صديق سوهو سميت پ پ اڳواڻن ۽

هاشماڻي ”عوامي آواز“ لاءِ اعزازي خدمتون ڏيندا رهيا. جنوري 1990ع کان محترم اسلم ميربحر، ”عوامي آواز“ ۾ سجاول جو آواز پهچائيندو رهي ٿو.

سجاول جي حوالي سان ”عوامي آواز“ ۾ جيڪا اهم خبر ڇپي، ان جو تعلق برسات جي سٽيلن جي امداد لاءِ آيل چيڪن جي ورهاست ۾ ڊانڊلي هو جنوري 1990ع جي اڪثر پرچن ۾ ان جو ذڪر ٿيندو رهيو.

قصو هيئن آهي جو ”عوامي آواز“ جي تعلقي رپورٽر طرفان هڪ امدادي چيڪ، ته جي هڪ بااثر عوامي نمائندي کي ملڻ جي سلسلي ۾ 16 جنوري 1990ع جي اشاعت ۾ مذڪور چيڪ جي فوٽو سان هڪ خبر شايع ٿي، جنهن لاڙ جي وڏيرن ۽ آفيسر شاهي ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. ترديدن، تنقيدن ۽ تحسينن جي فضا ۾ ”عوامي آواز“ پنهنجو پاڻ ملهايو. ”عوامي آواز“ انهيءَ مسئلي تي مبصر جي قلم سان 24 جنوري 1990ع جي پرچي ۾ هڪ طنزيه ڪالم به رقم ڪيو. جنهن ۾ هيءُ الفاظ قابل غور آهن: ”ته رهيو مسئلو نمائندي جو. تنهن لاءِ چوندس ته واقعي عوامي آواز جا نمائندا سخت سزا جا مستحق بلڪ واجب القتل آهن. ڇاڪاڻ ته انهن نمائندن الائي ڇو، عام رواجي، چاپلوسي ۽ چمچاگيريءَ واري صحافت کان هٽي ڪري، خطرناڪ وات ورتي آهي.“

عوامي آواز جي انهيءَ خبر کي سنڌ جي صحافين خوب ساراهيو ۽ نمائندي کي ڏنل ڌمڪين جي خوب مذمت ڪئي. ”عوامي آواز“ انهيءَ مسئلي تي 24 مارچ 1990ع واري پرچي ۾ ”سجاول ٽائون ڪميٽي ۽ سنڌ حڪومت جو ڪردار“ جي عنوان سان ۽ 14 مارچ 1990ع تي سجاول واسيو: انصاف وٺي ڏيو جي هيڊنگ سان، زوردار ايڊيٽوريل نوٽ لکيا.

سجاول جي سياسي صورتحال تي ”عوامي آواز“ طرفان ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت جي خاتمي تي، نئين ضلعي جي عوام جا تاثرات بيان ڪندي، ”سجاول ڊيٽ لائين“ جي سري سان اسلم ميربحر جو هڪڙو مڪتوب 11 آگسٽ 1990ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. مڪتوب ۾ سجاول جي عوامي شاعر محترم سرويچ سجاولي سان، هي جملا منسوب ڪيا ويا آهن: ”لالچي ۽ فراڊي حڪومت مان، اسان جي خدا جند ڇڏائي، مان خدا جي حضور ۾ سربسجود آهيان ۽ سي او پي اڳواڻن ۽ جام صادق علي کي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جن اڇي مايوس عوام جي منهن تي پاڻي وڌو آهي.“

جو نمائندو رهيو. شمس جعفراڻي 1967ع کان 1970ع تائين روزنامہ ”مهراڻ“ جو سب ڊويزنل نمائندو رهيو.

هن وقت، سجاول ۾ اڪثر اخبارن جا نمائندا رهن ٿا، جيڪي پنهنجي قلم وسيلي، هن خطي جي خدمت ڪندا رهن ٿا.

سجاول تي مختلف اخبارن جهڙوڪ: روزنامہ هلال پاڪستان 29 نومبر 1975ع، روزنامہ عبرت 14 آگسٽ 1982ع۔ 1983ع تي ۽ روزانہ ”جسارت“ ڪراچي 3 نومبر 1982ع تي خصوصي ضميما پڻ ڪڍيا آهن.

1988ع ۾ سجاول مان پهرين هفتہ روزا اخبار ”الذوالفقار“ نالي سان، اياز کتريءَ جي ادارت هيٺ شايع ٿي، جنهن جو فقط هڪ ئي پرچو منظرعام تي آيو.

1986ع ۾ ڊاڪٽر هدايت فوزي، نمائنده ”نواءِ وقت“ جي ڪوشش سان سجاول پريس ڪلب جو بنياد پيو. پريس ڪلب جنهن کي علمي، ادبي ۽ سماجي پليٽ فارم طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. افسوس جو هُو ڪا هلڪي ڦلڪي تقريب بہ منعقد ڪري نہ سگهيو. 1992ع ۾ پريس ڪلب جي قيادت طرفان ”جشن جاڳو“ جو اهتمام ڪيو ويو ۽ اڄوڪي محفل ”جشن عوامي آواز“ ڏانهن منسوب آهي، جنهن جا روح روان، محترم اسلم ميربحر صدر پريس ڪلب سجاول جن آهن.

اها حقيقت آهي تہ گذريل پنجن، ڇهن سالن ۾ سنڌي صحافت ۾ نمايان اضافو آيو آهي، ڪيترين نين اخبارون جاري ٿيون آهن ۽ نئين پرنٽنگ ٽيڪنالاجيءَ کي استعمال ڪيو ويو آهي. ”عوامي آواز“ جو ڪمپيوٽر تي ڇپجڻ سنڌي صحافت جي تاريخ جو يادگار اهڃاڻ آهي. جناب سهيل سانگي صاحب جا لکيل ايڊيٽوريل ۽ ادارتي تجزيہ ۽ مختلف صفحن جي حوالي سان سنڌ ۽ سنڌ واسين جي علمي ادبي، سماجي، معاشرتي ۽ سياسي خدمت ڪرڻ ۾ ”عوامي آواز“ جي خدمتن کي وساري نہ ٿو سگهجي. اڄ بہ ”عوامي آواز“ سنڌ جي سنجيده طبقي جي اخبار ليکي وڃي ٿي، جيڪو پنهنجي ليکي هڪ وڏو اعزاز آهي.

جيئن تہ اڄوڪي محفل، سنڌي صحافت جي هڪ بيباڪ پرچي روزنامہ ”عوامي آواز“ جي سالگرهہ جي سلسلي ۾ آهي، اڇو تہ ڏسون ”عوامي آواز“ جي ڪالمن سجاول کي ڪهڙي اهميت ڏني آهي.

”عوامي آواز“ جي پهرين سال ۾ سجاول کان رميش ڪمار ۽ مشتاق

مهراڻ“ جا بہ ڪجهہ پرچا نڪتا. ماضي قريب ۾ فراق نثوي جي ادارت ۾ هفتہ روز ”پنيور“ جا بہ ڪجهہ پرچا شايع ٿيا.

سجاول ۾ صحافت جو بنياد 1880 کان بہ اڳ چئجي چڪو هو ان وقت هفتہ روز ”سنڌ سڌار“ واحد سنڌي اخبار هئي، جنهن ۾ هن علائقي جون خبرون بيلي پرائمري اسڪول جو استاد ٽيئون مل موڪليندوهو. ”سنڌ سڌار“ جڏهن روزنامي ۾ تبديل ٿي تہ ان وقت ديوان گلاب راءِ، سجاول جو خاطو هو.

هفتہ روز ”الحق“ سکر ۽ ”الامين“ حيدرآباد، تحريڪ خلافت کان اڳ جون اخبارون هونديون هيون، انهن ۾ بہ سجاول جو ذڪر ملي ٿو ليڪن خاطن جا نالا ملي نہ سگهيا آهن. 1918ع ۾ سجاول ۾ ڪليڪٽر صاحب جي درٻار جي پوري روئداد ”الامين“ ۾ خصوصي نمائندي جي حوالي سان شايع ٿي آهي.

مارچ 1920ع کان ”الوحيد“ جو دؤر شروع ٿئي ٿو. 1920ع کان شيخ ڏٽي بخش جي حوالي سان، سجاول جون خبرون شايع ٿيڻ شروع ٿيون، شيخ ڏٽي بخش ”ناقص“ سجاولي، هن خطي جو پهريون عامل صحافي هو جنهن ڪنهن اخبار سان منسلڪ ٿي باقاعده ڪم ڪيو. 1935ع ۾ الوحيد جو سب ايڊيٽر ٿيو ۽ 1946ع تائين ان ۾ ڪم ڪندو رهيو سيد جمن شاهہ بيلائي بہ الوحيد ۾ سب ايڊيٽر ٿي رهيو.

”هندو“ ۽ ”سنسار سماچار“ سنڌ جي هندو طبقي ۽ ڪانگريس جون ترجمان اخباورن هيون. ساقي سجاوليءَ جي حوالي سان انهن اخبارن ۾ سجاول جون خبرون ڇپبيون رهنديون هيون.

1938ع کان 1945ع تائين حاجي حجام ۽ محمد اسماعيل عمراڻي الوحيد کي خبرون موڪليندا رهيا.

آزاديءَ کان پوءِ ”ساقي سجاولي“ ۽ گل حسن طاهراڻي، صحافت جي ميدان ۾ آيا، انهن ٻنهي گڏجي، ڪراچي مان ”اهل قلم“ رسالو ڪڍيو، جيڪو ٻن سالن تائين برابر شايع ٿيندو رهيو.

1952ع کان 1960ع تائين چيلا رام ”چمن“ سجاولي، سجاول جو واحد صحافي هو جيڪو هڪ ئي وقت جدوجهد، نئين سنڌ، ڪاروان ۽ نواءِ سنڌ جو عيوضي هو.

عبدالله سومار مرحوم 1962 کان 1988 تائين روزنامہ عبرت حيدرآباد

# سجاول ۾ ”عوامي آواز“

اسلام آباد مان نڪرندڙ روزنامہ ”دي مسلم“ جي سَري تي هي لفظ:
'The Press and the nation rise and fall together'

يعني: ”پريس ۽ قوم جي ترقي ۽ تنزلي گڏوگڏ ٿئي ٿي.“ يا عرب دنيا جي مشهور اخبار ”الاحرام“ قاهره جي پيشانيءَ تي هيءَ حديث پاڪ ”الصدق ينجي والڪذب يهلڪ“ يعني: سچائي، ڇوٽڪاري جو ۽ ڪوڙ هلاڪت جو ذريعو آهي. يا نواءِ وقت، جي ايڊيٽوريل صفحي جا شروعاتي لفظ: ”بهترين جهاد، سلطان جي اڳيان حق جو ڪلمو چوڻ آهي.“ يا روزانہ ”فرنٽيئر پوسٽ“ پشاور جي ايڊيٽوريل پيج جا ابتدائي الفاظ:
And cover not truth with falsehood, nor conceal the truth ye know (Al_ Quran)

يعني: ”اوهان ڪوڙ سان سچ کي نہ ڍڪيو ۽ نہ ئي سچ کي لڪايو جيڪو توهان ڄاڻو ٿا.“ اهي سيئي اصول صحافت جي اعليٰ قدرن جي نشاندهي ڪن ٿا، سچي صحافت ۽ تعميري صحافت، قوم جي تقدير کي بدلائي سگهي ٿي. آزاديءَ جي تمام تحريڪن ۾ وقت جي صحافت جو اهم ڪردار رهيو آهي.

برصغير ۾ صحافت، واقع نگاري سان شروع ٿي. ٺٽي ضلعي ۾ مغلن جي دؤر حڪومت ۾ ٺٽي شهر جي غلام علي بلگرامي ۽ قاضي عبدالواحد، واقع نويسن جا نالا ملن ٿا، جن جي ذمي هن علائقي جي حالتن تي ۽ سرڪاري زمانن تي لکڻ جو ڪم سونپيل هو.

ٺٽي ضلعي جي صحافتي تاريخ ۾ سڀ کان پهرين ”ٺٽہ گزيٽ“ جو ذڪر ملي ٿو. جيڪا 1924 _ 1925ع ڌاري ٺٽي مان، ديوان ساڌو رام جي زير ادارت نڪرندي هئي. پاڪستان کان پوءِ ٺٽي مان هفتہ روز ”الحيدر“ بہ ڪافي وقت شايع ٿيندي رهي. ڊاڪٽر يوسف زئي جي هفتہ روز ”نواءِ

انقلاب لاءِ زمين هموار ڪئي“. مثلاً صادق الاخبار جنوريءَ جي پرچي ۾ هيءَ خبر ڇاپي ته روس ۽ ترڪي انگريزن خلاف جنگ ۾ ايران جي حمايت ڪندا ۽ شهنشاهه روس هڪ لک سپاهين جي هڪ فوج انهيءَ مهم لاءِ تيار ڪئي آهي، انهيءَ اخبار اهو به ٻڌايو ته شاهه ايران اهو به فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته ڪهڙن ڪهڙن درٻارين کي بمبئي، ڪلڪتي ۽ پوني جي گورنري سونپي ويجي؟ ۽ انهيءَ واعدو ڪيو آهي ته بهادر شاهه سڄي هندستان جو بادشاهه ٿيندو“. مارچ ۾ انهيءَ اخبار ۾ خبر ڇاپي ته: ”نوسو ايراني آفيسر ۽ سپاهي هندستان ۾ داخل ٿي چڪا آهن ۽ پنج سئو آفيسر ۽ سپاهي ويس بدلائي، دهلي ۾ پهچي چڪا آهن“. آخر وڪيل صاحب هن تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته ”قلعه معليٰ ۽ صحافت جي درميان ڪا به سازش نه ٿي آهي ۽ جو ڪجهه ٿيو اتفاق سان ٿي ويو“.

- اخبار نويس جي شهادت:

”اردو اخبار“ جو مدير مولانا محمد باقر هو جو شمس العلماءَ مولانا محمد حسين آزاد جو والد هو. انگريزن جي واقع نگار جيون لال پنهنجي روزانامچي ۾ انهيءَ جو جنهن رنگ سان ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو بهادر شاهه جي خاص مشيرن مان هڪ هو ۽ انقلاب جي دوران بادشاهه لاءِ خصوصي خدمتون سرانجام ڏنيون هئائين.

بيان ڪيو ويجي ٿو ته هنگامن قتل و خون جي دوران ۾ دهلي ڪاليج جي پرنسپل ٽيلر کي هن پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏني، جڏهن هندستانين کي معلوم ٿيو تڏهن انهن بغاوت ڪٽي ڪڙي ڪئي. انهيءَ تي مولانا پرنسپل کي زنانو لباس پهرائي ٻئي دروازي کان ڀڄائي ڇڏيو. هندستانين ٽيلر کي ڏسي ورتو ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيائون ۽ جنگ جي بعد انگريزن بنا ڪنهن عذر ٻڌڻ جي مولانا محمد باقر ايڊيٽر روزانه ”اردو اخبار“ کي ٽيلر جي قتل جي الزام ۾ ڦاسي ڏئي ڇڏي“.

اهو هو بلوي هند دوران صحافت جو معيار ۽ ڪردار!!

هڪ طويل اقتباس 11 مئي 1857ع (جلد 3، نمبر 19) جو "صادق الاخبار" مان پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ ۾ شاهه ايران جو فرمان ۽ سرحد تي جنگي تيارين جي باري ۾ "دي پنجابي" (لاهور)، "انگلشن متن" (ڪلڪتہ) ۾ ڏنل آهي. جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪارپوريشن سال 63-1962 دوران رورل سپلاءِ ڪوآپريٽو ڪارپوريشن جي ريزڪي وڪري جي مرڪزن معرفت 2 لک 60 هزار ٽن ڪيميائي ياڻ، اولهہ پاڪستان جي هارين ۾ وڪڻڻ لاءِ سپلاءِ ڪيو.

انهيءَ ڪان اڳ پاڪستان ۾ بيڪار ٻج هُئا جيڪي زراعت کاتي جي ماتحت هلندا هئا. ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي حوالي ڪيا آهن. اهي مختلف هنڌن تي 28 هزار ايڪڙن ڪان وڏيڪ ايراضي تي پکڙيل آهن. ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن هاڻي انهن هنڌن تي شروع ۾ بنيادي ٻج پيدا ڪرڻ گهري ٿي.

ايراني هيءَ موقعو وڃائڻ نٿا چاهين. اهي 50 هزار فوج تنڌار ڪان وٺي هتي پهتا آهن. امير دوست محمد خان اڃا تائين لعنتي ڪافرن سان دوستي قائم رکيو وينو آهي، ليڪن خفيہ طور تي ايرانين جي هر ممڪن حوصلہ افزائي ڪري رهيو آهي. اهوئي سبب آهي. ايراني فوجون جنهن ۾ ڪابل جا بہ بعض امير شامل آهن. نهايت تيزي سان هندستان طرفان وڌي رهيون آهن. عيسائي جيئن جيئن اهي خبرون ٻڌن ٿا، خوفزده ٿين ٿا ۽ تسليم ڪن ٿا تہ هاڻي ڪمپني جو زوال يقيني ٿي ويو آهي".

"ايراني فوج جون خبرون جي عنوان سان 23 آگسٽ 1857ع جي "اردو اخبار" ۾ خبر ڏني وئي هئي تہ پشاور ۽ پنجاب ڪان اچڻ وارا ماڻهو چون ٿا تہ ايراني فوجون اٽڪ تائين پهچي ويون آهن، جيڪي آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيون آهن".

**قلعي معليٰ ۽ صحافت ۾ سازش:**

فوجي عدالت ۾ وڪيل استغاثہ "ميجر ايف-جي هيرئيٽ" پنهنجي طويل بيان دوران هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "1857ع جو انقلاب جن سببن ڪان عمل ۾ آيو. انهيءَ ۾ قلعي معليٰ ۽ صحافت جي درميان سازش بہ ڪارفرما هئي. انقلاب ڪان اڳ جي اخباري اقتباس جو حوالو ڏيندي وڪيل صاحب انهيءَ خيال جو اظهار ڪيو تہ اخبارن اچڻ واري

شاهي وقئع نگار امداد علي بيگ جي اهتمام سان شايع ٿيڻ شروع ٿي هئي، ”امداد صابري“ پنهنجي ڪتاب ”تاريخ صحافت اردو“ ۾ ٻڌائين ٿا ته ”شاهي روزنامچن کان علاوه آخر ۾ خاص خاص خبرون به هونديون هيون، جي عمومن بين سلطنتن ۽ رياستن متعلق هونديون هيون يا ڪڏهن دهلي جون مقامي شڪايتون، حاڪمن جون بدعنوانيون، يا موسم وغيره جي ڪيفيت متعلق ٻڌايو ويندو هو. انهيءَ اخبار جي فارسي نهايت نيٺ هوندي هئي. انهيءَ کان علاوه سندس ٻولي فصيح بليغ هوندي هئي“.

بهادر شاهه ظفر جي خلاف مقدمي جي روئداد ۾ دهلي جي اخبارن جا 14 اقتباس ڏنا ويا آهن. اصل اردو ۽ فارسي جي اقتباس جو رڪارڊ موجود نه آهي. صرف انگريزي ترجما موجود آهن. خواجه حسن نظامي مرحوم انهن کي درباره اردو ۾ ترجمو ڪري ”عذر دهلي جي وقت جون اخبارون“ نالي هڪ ڪتابڙو ڇپايو هو. انهن اقتباس ۾ زياده تر ”صادق الاخبار“ جا اقتباس آهن ۽ باقي ”اردو اخبار“ ۽ ”خلاصته الاخبار“ مان ورتا ويا آهن، چوڏهن مان ست اقتباس جنگ کان اڳ جا آهن ۽ ست پوءِ جا. پهريائين جنگ کان چند ڏينهن اڳي جو هڪ اقتباس مطالع ڪريو جو ”خلاصته الاخبار“ دهلي جي شماري مورخ 13 اپريل 1857ع (جلد نمبر8) مان ورتو ويو آهي.

**- مقامي خبرون- ايران:**

ڪجهه ڏينهن ٿيا، جامع مسجد جي ديوار تي هڪ اشتهار ڏنو ويو انهيءَ تي تلوار ۽ ڍال جي تصوير نڪتل هئي. هيٺان شاهه ايران جي مبينه حماريت تي لکيل هو ته سيني مومنن جو فرض آهي ته هو شاهه ايران جي تائيد حمايت ۾ ڪمر ڪشي بيهن ۽ انهيءَ حڪم جي نهايت وفاداري سان تعميل ڪن انگريزن جي خلاف جنگ ۾ انهيءَ جي امداد ڪن، جيئن انگريزن کي جنگ ۾ بري طرح شڪست ملي. ٻئي اعلان ۾ هي به ٻڌايو ويو ته: ” شاهه ايران يا جمشيد ثاني نهايت جلد هندستان ايندو ۽ هندستان کي پنهنجو مرڪز بڻائيندو“. ايران جا بيشمار ماڻهو جمع ٿي ويا آهن ۽ پڪارين پيا ته اي خدا! جيستائين خاڪ ۾ هوا زنده آهن، تيستائين ايران کي بدبختي جي هوا کان بچاءِ“.

واقع نگار جو بيان آهي ته مٿيون اقتباس فارسي مان ترجمو ڪيو ويو آهي. ليڪن اصل متن اچا تائين نه ڏنو ويو آهي.

ويهندو هو البتہ مسلمان انهن ۾ سني دلچسپي وٺندا هئا ۽ انهيءَ جي بعد جتي بہ ويندا هئا، فخر سان چوندا هئا تہ ايراني اچي رهيا آهن، اهي هيئن ڪندا، هونءَ ڪندا وغيره“.

”چونيءَ“ هي بہ ٻڌايو تہ ”دهليءَ ۾ جمال الدين جي ادارت ۾ هڪ هفتيوار اخبار ”صادق الاخبار“ جي نالي سان شايع ٿيندي هئي. جنهن جا مضمون حڪومت سان دشمني ظاهر ڪندا هئا. هيءَ اخبار ليٿو پريس ۾ ڇپي هئي ۽ انهيءَ جي اشاعت 200 هئي جيڪا نہ صرف دهليءَ ۾ پڙهي ويندي هئي، بلڪ ٻاهر بہ ويندي هئي. جڏهن بہ ڪا اهم خبر ڇپجندي هئي تہ انهيءَ جو يڪدم ضميمو نڪرندو هو. انهيءَ جي خريدارن ۽ مداحن ۾ هندو مسلمان سڀ شامل هئا. ”صادق الاخبار“ دهليءَ جي سڀ کان وڏي اخبار هئي. انهيءَ ۾ سنا سنا مضمون ڇپوندا هئا، ۽ مسلمانن جي دلچسپيءَ جو مواد، انگريزي اخبارن تان ترجمو ڪري ڏنو ويندو هو“. آئون اهو نہ ٿو چئي سگهان تہ ”انهيءَ اخبار جي اشاعت جو تناسب ٻين اخبارن جي مقابلي ۾ ڇا هو؟ بلڪ هيءَ ڳالهہ يقيني آهي تہ ”صادق الاخبار“ جي اشاعت پنهنجن تمام همعصرن کان زياده هئي ۽ خريدارن جي حلقي ۾ بہ هيءَ وسيع و عريض هئي“. انهيءَ هيءَ راءِ بہ ظاهر ڪئي تہ ”ايران يا روس جي باري ۾ جيترا مضمون ڇپيا هئا، انهن جو انداز تحرير ۽ لهجو انگريزن جي خلاف بہ نہ هو پر ساڳئي وقت تلخ و تنگ بہ هو!!“

جڏهن حڪيم احسن الهہ خان کان ”صادق الاخبار“ جي باري ۾ پڇيو ويو تہ انهيءَ چيو تہ: ”بهادر شاهہ صادق الاخبار جو باقاعده مطالعو نہ ڪندو هو. البتہ هي ممڪن آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ جا ضروري اقتباس وٽس پهچايا ويندا هُجن. مون خود اها اخبار ڪڏهن نہ پڙهي ليڪن ٻڌو هئم تہ انهيءَ اخبار ۾ عام طور تي اهوئي ڇاپيو ويندو هو تہ ايراني انگريزن کي شڪست ڏئي رهيا آهن ۽ عوام انهيءَ تي يقين رکندو هو.

”چوني“ هيءَ بہ فوجي عدالت ۾ ٻڌايو تہ: ”بادشاهہ جي حڪم سان قلعي معليٰ ۾ واقع ڇاپخاني مان ”سراج الاخبار“ جي نالي سان فارسي زبان ۾ هڪ ڪورٽ گزيٽ بہ نڪرندي هئي. انقلاب کان اڳ انهيءَ ۾ صرف قلع معليٰ جون اهم خبرون ڏنيون وينديون هيون، ليڪن ڪڏهن ٻيون خبرون بہ ڇاپيون وينديون هيون.

هيءَ اخبار ”سراج الاخبار“ 1841ع ۾ سيد اولاد علي جي زير ادارت ۽

انگريزي زبان ۾ ڇپيل آهي، پر خواجہ حسن نظامي انهيءَ جو ترجمو اردو ۾ ڪيو آهي. انهي ڪان علاوه ”غدر دهلي جي وقت جون اخبارون“ نالي جيڪو ڪتابچو شايع ڪرايو اٿس، ان ۾ بہ صرف چند اقتباس ڏنا ويا آهن ۽ بس! اسين اصل انگريزي روئداد مطبوعہ 1870ع کي ذرا غور سان ڏسون تہ معلوم ڪنداسين تہ انهيءَ وقت صحافت جو معيار ۽ ڪردار ڪيتري قدر هو؟

24 جون 1857ع تي بهادر شاهہ هڪ شخص جمال الدين کي اجازت ڏني تہ هو هڪ اخبار جاري ڪري، ليڪن ان سان گڏ هيءَ هدايت بہ ڏنائينس تہ ان ۾ ڪوڙيون خبرون نہ ڏنيون وڃن ۽ نہ وري اهڙا بيان ڏنا وڃن جنهن مان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي(صفحہ 11)

”بادشاهہ جي طبيب حڪيم احسن الله خان عدالت ۾ پنهنجي بيان دوران چيو تہ: ”اردو ۽ فارسي اخبارن ۾ ايران ۽ برطانيا جي باري ۾ خبرون ڇپيون هيون ۽ اهي اخبارون محل ۾ بہ پڙهيون وينديون هيون، ليڪن بهادر شاهہ انهن خبرن۾ ڪڏهن بہ گهري دلچسپي نہ وٺندو هو. حڪيم احسن الله هي بہ ٻڌايو تہ اردو ۽ فارسي اخبارن مسلمانن کي ڪڏهن بہ ايئن نہ چيو تہ هو انگريزن جي خلاف جهاد جو اعلان ڪن. (صفحو 5_104)

سر ٿيوفلس ميٽڪاف جو بيان انهيءَ کان مختلف هو. انهيءَ جي راءِ ۾ انهن ڏينهن ۾ هر ديسي اخبار جو هڪ هڪ نامہ نگار ڪابل ۾ مقيم هو. ڇئن طرفن ڪان مواصلات جو سلسلو مستقل طور قائم هو. هر هفتيوار اخبار ۾ ايران ۽ انگلستان جي جنگ جي باري ۾ خبرون ايندڻون هيون. (صحفو 123)

_ قلمي اخبار:

دهليءَ کان هڪ قلمي اخبار بہ شايع ٿيندي هئي انهيءَ جو ايڊيٽر هڪ شخص ”چوني“ هو. انهيءَ جو بيان آهي تہ ”آئون هر روز هڪ اخبار لکندو هوس ۽ انهيءَ کي پنهنجن خريدارن اڳيان پڙهندو هوس. منهنجي اخبار ۾ اڪثر ڪري سيني دلچسپين تي مضمون شايع ٿيندا هئا. انهيءَ جي علاوه آئون ڇپيل اخبارن مان بہ خبرون وٺندو هوس. مونکي ياد آهي تہ بعض موقعن تي مون فوج تي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکيو هو. آئون عام طرح سان ايران جون اهي خبرون درج ڪندو هوس، جيڪي دهليءَ جي اخبارن ۾ اڳي ئي ڇپيل هونديون هيون. انهن خبرن کي ٻڌي هندن تي تہ ڪو بہ اثر نہ

ڪيو ۽ عدالت انهن کي ڊسچارج ڪري ڇڏيو "سماچار سڌبرشمن" پنهنجو ڏوهہ نہ قبوليون تنهن ڪري هن کي آزاد ڪيو ويو.

ڪلڪتي جي ہي اخبارن "گلشن نؤبهار" پنهنجي 21 جون 1857ع جي شماري ۾ بہ اهڙا مضمون ڇاپيا جيڪي شديد باغيانہ نوعيت جا هئا ۽ ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ حڪومت جي خلاف نفرت ڦهلائي پئي وڃي. جنهن پريس ۾ هي فارسي اخبار ڇپي هئي ان جو لائسنس منسوخ ڪيو ويو ۽ پريس جي ساري مشينري ۽ ٻيو سامان ضبط ڪيو ويو. اهڙي طرح "گلشن نؤبهار" خود بخود ختم ٿي وئي.

اڄ ڪلهہ جي علائقا ڏورانهان آهن اتي وري ديسي اخبارن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪئي وئي. جيئن ئي جنگ جا اطلاع موصول ٿيا، تيئن اتي جي اخبارن تي سينسر لڳائي وئي.

19 مئي 1857ع تي پشاور جي هڪ هفتيوار فارسي اخبار "مرتضائي"، قلات جي غلزئي ريجيمينٽ جي باري ۾ هيءَ خبر ڇاپي تہ: "انهيءَ ريجيمينٽ انگريزن جي خلاف بغاوت ڪئي آهي ۽ سپاهي پنهنجن انگريز آفيسرن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو آهي".

هيءَ خبر غلط هئي، انهيءَ تي ڪرنل نڪلسن "مرتضائي" جي ايڊيٽر کي جيل موڪلي ڇڏيو ۽ اخبار هميشہ لاءِ بند ٿي وئي.

لاهور ۾ انهيءَ وقت بہ اخبارون اردو ۾ شايع ٿينديون هيون. انهن مان هڪ "ڪوهنور" ۽ ٻي غالبن "لاهور گزيٽ" هئي. انهن ٻنهي تي 22 مئي 1857ع تي سينسر لڳائي وئي ۽ انهن ۾ ڇپجڻ وارن مضمون تي سينسر ڪرڻ جو فرض اسسٽنٽ ڪمشنر "مسٽر پرڪنز" کي سونپيو ويو. انهيءَ کان پوءِ جڏهن محسوس ڪيو ويو تہ سيالڪوٽ جي هفتيوار "چشمہ فيض" بہ "صراط المستقيم" کان هٽي رهي آهي ، تڏهن ان کي زبردستي لاهور منتقل ڪيو ويو ۽ اها بہ سينسر تيڻ لڳي. انهن ٽنهي اخبارن کان علاوه ملتان جي هڪ اخبار تي پڻ سينسر عائد ڪئي وئي. پنجاب ائڊمنسٽريشن رپورٽ 1858ع ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سيالڪوٽ ۽ ملتان ۾ هڪ هڪ پريس بہ بند ڪئي وئي، ليڪن "پنجاب ميوٽني" ۾ انهن جو ڪو بہ تذڪرو ڪونهي.

دهليءَ جي اخبارن انقلاب ۾ ڪهڙو حصو ورتو؟ انهيءَ لاءِ اسان کي بهادر شاهہ جي مقدمي جي روئداد جو مطالعو ڪرڻو پوندو. اصل ڪارروائي

ڪري اينگلو انڊين صحافت کي بہ قانون زبان بندي جي زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃي“.

وري ”لاهور ڪرانيڪل“ جو معاصر ”دي پنجابي“ (مالڪ مسلمان، پاليسي انگريز جي هٿ ۾) 11 جولاءِ 1857ع تي هڪ ايڊيٽوريل ۾ نئين قانون کي ساراهيندي لکيو تہ:

”ديسي صحافت“ عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ اعتدال پسنديءَ کي پنهنجو بنياد بڻايو نہ سچائي کي، هاڻي انهيءَ کي سزا ملي چڪي آهي. شرارت جا دروازا بند ٿي ويا آهن، اسان تہ ڪڏهن بہ نہ ٿي چاهيو تہ انهن اخبارن کي آزادي ڏني وڃي، جن جا هلائڻ وارا پنهنجي عظيم جهالت جي سبب ڪان زماني ۾ ذليل آهن. اسان کي يقين آهي تہ اجوڪي لڳايل پابندي ڪڏهن بہ نہ هٽائي ويندي ۽ ڪم از ڪم هڪ سئو سالن تائين ضرور قائم رهندي“.

بهرحال هيءَ اظهار ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ قانون زبان بندي هڪ سئو سالن جي بجاءِ صرف هڪ سال تائين نافذ رهيو.

انهيءَ قانون جي ماتحت ڪيترين اخبارن جي خلاف ڪارروائي ٿي. روزانہ ”بنگال هر ڪارو“ پنهنجو لائسنس وڃائي ويٺي. جڏهن سندس ايڊيٽر مستعفي ٿيو تڏهن لائسنس ٻيهر نئون ڪيو ويو. سيرام پور جي انگريزي اخبارن ”فرينڊ آف انڊيا“ کي ”پلاسي جي صد سالا ورسي“ جي عنوان سان هڪ ”خطرناڪ ۽ اشتعال انگيز“ مضمون ڇاپڻ تي تنبيهہ ٿي، جيئن تہ هن جو بہ لائسنس رد ٿيڻ وارو هو پر سندس مالڪ حڪومت کان معافي ٿائيم تي وٺي ڇڏي.

ڪلڪتي جون ٽي ٻيون ديسي اخبارون بہ انهيءَ قانون جي زد ۾ اچي ويون، اهي هيون: ”دوربين“، ”سلطان الاخبار“ ۽ ”سماچار سڌ برشمن“ انهن ٽنهي اخبارن جو قصور هيءُ هو تہ انهن هڪ معزز اينگلو انڊين اخبار تان مغل حڪمران جو اهو شاهي فرمان نقل ڪيو هئائون، جنهن ۾ مسلمانن کي اپيل ڪئي وئي هئي تہ انگريزي حڪومت جي خلاف بغاوت ڪن ۽ اهو فرمان زياده ماڻهن کي پڙهايو وڃي. سپريم ڪورٽ ۾ ٽنهي اخبارن خلاف مقدمہ داخل ڪيا ويا.

”دوربين“ ۽ ”سلطان الاخبار“ جي ايڊيٽرن، پنهنجي جرم جو اقبال

14 تي ٻڌايو آهي تہ: ”قلمي ۽ مطبوعہ ديسي اخبارن جنگ آزاديءَ کان ڪجھ هفتا اڳ عوام ۾ آزاديءَ جا جذبات پيدا ڪرڻ ۾ انتها ڪري ڇڏي. حڪومت جي حقيقت ۽ مقصد کي اهي مروڙي سروڙي پيش ڪنديون هيون. اهي حاڪم ۽ رعيت جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ ۾ لڳاتار مصروف لڳيون هيون“. بهرحال هيءُ بيان جنگ کان 24 سال بعد جو آهي. انهيءَ لاءِ اهو قابل يقين نہ آهي. انهيءَ اسان ديسي صحافت جو ڪردار سمجهڻ جي لاءِ اسان کي گهرجي تہ انهن اخبارن جي هم عصرن ڏانهن رجوع ڪريون.

فيبروري 1857ع جو ذڪر آهي تہ آگري جي اخبار ”سول اينڊ ملٽري گزيٽ“ جي مورث اعليٰ حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ ”هيءُ ديسي اخبارن تي سنسر عائد ڪري ڇڏي“. انهيءَ تي تبصرو ڪندي لاهور جي انگريزي اخبار ”دي پنجابي“ پنهنجي 28 مارچ 1857ع واري شماري ۾ انهيءَ امر تي تشويش جو اظهار ڪيو تہ ديسي اخبارون فوج ۾ مقبول ٿي رهيون آهن“.

انهيءَ مثال طور هڪ لکنوءَ جي اخبار جو حوالو ڏنو جنهن بار ڪپور جي هنگامن جون خبرون ”شرارت پسندانہ“ انداز ۾ پيش ڪيون. هوڏانهن هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ڪئننگ، جنگ جي شروعات ۾ اخبارن جي آزادي سلب ڪرڻ جي غرض سان پنهنجي ڪائونسل ۾ هڪ قانون جو مسودو پيش ڪيو جنهن کي صحافي حلقن ۾ ”قانون زبان بندي“ جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

اينگلو انڊين اخبارن جو هيءُ مطالبو هو تہ قانون زبان بندي صرف ديسي صحافت سان لاڳو هجي. لارڊ ڪئننگ انهيءَ جي جواب ۾ چيو تہ ”انگريزي اخبارون جيڪي خبرون ڇپن ٿيون اهي يورپي قارئين جي لاءِ مناسب آهن، ليڪن اهي ساڳيون خبرون ديسي اخبارون نقل ۽ ترجمو ڪن ٿيون، جيڪي هندستاني پڙهندڙن جي لاءِ خطرناڪ بڻجي وڃن ٿيون.

اينگلو انڊين اخبارن ”قانون زبان بندي“ جي خلاف شديد احتجاج ڪيو. هر هڪ صحافت جي آزاديءَ کي هڪ سونهري اصول قرار ڏنو. ليڪن صرف انگريزي اخبارن جي لاءِ ”لاهور ڪرانيڪل“ 11 جولاءِ 1857ع ۾ پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ لکيو تہ:

> ”اسان وٽ انهيءَ ڳالھ جو ثبوت موجود آهي تہ ڪيتريون ئي ديسي اخبارون سازش ۽ بغاوت ۾ مصروف آهن، ليڪن انهيءَ سان گڏ اهو ناحق آهي تہ ديسي صحافت جي بغاوت

# جنگ آزاديءَ ۾ صحافت جو ڪردار

برصغير پاڪ و هند ۾ اجنبي راڄ جي خلاف جدوجهد ۾ صحافت هميشہ کان ئي مددگار پئي رهي آهي. 1800ع جو ذڪر آهي، ڏاکڻين هندستان ۾ هڪ شخص وسيع پئماني تي قلمي اخبارون تقسيم ڪيون، جن ۾ مسلمانن کي اپيل ڪئي وئي تہ ”هو متحد ٿي وڃن ۽ فرنگين خلاف ڪمر ڪشي بيهن“. 1806ع ۾ ويليور جو فساد ٿيو.

سر جان ميلڪم جو بيان آهي تہ ”انهيءَ غدر ۾ قلمي اخبارن جو وڏو دخل هو“. 1836ع ۾ هندستان جي گورنر جنرل لارڊ آڪلئنڊ، انهيءَ راءِ جو اظهار ڪيو تہ: ”جڏهن بہ اسان تي ڪو نازڪ وقت اچي ٿو تہ قلمي اخبارون اشتعال انگيزيءَ ۾ ذرو بہ نہ ٿيون گهٽائين. خصوصن برما جي جنگ دوران اها حد بہ لنگهي ويون هيون“.

انهيءَ سال گورنر جنرل جي ڪونسل جي رڪن مسٽر ميڪالي، هڪ نوٽ ۾ لکيو تہ: ”صرف دهلي کان هر هفتي هڪ سئو ويهہ قلمي اخبارون ٻاهر موڪليون وينديون هيون ۽ انهيءَ جي مقابلي ۾ ديسي اخبارن جي ڪلي هفتيوار اشاعت 300 آهي“. انهيءَ اهو بہ ٻڌايو تہ: ” مطبوعہ ديسي اخبارون تہ اڃا بہ احتياط ڪن ٿيون. ليڪن قلمي اخبارون اڪثر اسان ۽ اسان جي ملازمن کي ڪرڙي نظر سان ڏسن ٿيون ۽ اسان جي قومي ڪردار ۽ اطوار تي طنزيہ نڪتہ چيني ڪن ٿيون“.

انهيءَ پس منظر جي روشنيءَ ۾ اسان ڏسنداسون تہ عوام ۾ اجنبي راڄ جي خلاف بيچيني پيدا ڪرڻ ۽ انهيءَ کي جنگ تي آماده ڪرڻ ۾ اخبارات ڪيتري حد تائين حصو ورتو؟

مسٽر ايس-سي سانيال 1911ع ۾ ۾ ”ڪلڪتہ ريويو“ جي هڪ شماري ۾ ”تاريخ صحافت هند“ تي پنهنجي سلسلي مقالات جي دوران صفحي 13 ۾

# صحافتي مضمون

سامهون رکنديءِ مسلمانن جي عملن ۽ ڪمن ڪارين کي جيڪڏهن غور سان جاچي ڏٺو وڃي تہ پلي پيت معلوم ٿيندو تہ انهن ٿن نظرياتي دنيا ۾ هڪ دکدائڪ ۽ افسوسناڪ منظر پيش ڪيو آهي. جيتريقدر انساني ثقافت ۽ تهذيب جي واڌاري ۾ پنهنجي حصي ڏيڻ جو تعلق آهي، مسلم دنيا هن ڏس ۾ مڪمل خاموش آهي ۽ هر مسلم ملڪ شرم ۾ ٻڏل آهي. اها حقيقت ۾ سيني مسلمانن "عام بداخلاقي" نہ آهي، جيڪا هر مسلم لاءِ تشويشناڪ آهي، پر اصل ۾ اها اسان جي جهالت، بي همدردي ۽ بي حسي آهي.

منهنجي اندازي مطابق اسان مسلمانن تي لالچ، بي شڪري ۽ حسد نهايت ئي سخت ترين حملو ڪري ڏنو آهي. اهو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اهي سڀ، هڪ ئي مادي "بغاوت" مان نڪتل آهن ۽ اها بغاوت اُن نظريي جي انڪاري صورت آهي، جنهن ۾ "اسان کي خدا جي ٻانهي" هئڻ جي حيثيت ۾ سڏيو ويو آهي. قرآن شريف، اسان کي، انهن ماڻهن جي تياس جوڳي حالت ڏانهن ڏيان ڇڪايو آهي، جيڪي سڄو ڏينهن "اچا ڪپي، اچا ڪپي" ۾ مشغول آهن ۽ جيڪي جيترو پيئن ٿا، اوتري ڪين اُڃ آهي. قرآن شريف ۾ واضح آهي تہ: "اها گهڻائي توهان کي ونيو هلي، جيستائين توهان سڌو قبر ۾ وڃو." اسان کي حقيقتاً انهيءَ "لالچي اصول" اسان گڏوگڏ، بي صبري، فخر، احساس برتري ۽ ٻئي کي گهٽ ڄاڻڻ وارن اصولن کي بہ ڏسڻو آهي، جن اسان کي برغلايو ۽ گمراھ ڪيو آهي، جيڪي حقيقت ۾ شيطاني ڪم آهن ۽ شيطان پنهنجي پاڻ کي قرآن ۾ چورايو آهي تہ: "آئون توهان سيني مان بهترين آهيان." ۽ اسان مسلمان بہ هن جي انحرافي ۽ تڪبر واري روايت تي عمل پيرا آهيون.

هاڻي جيڪڏهن هڪ مسلمان، جيستائين مٿين شيطاني ڪمن کان پاسو نہ ڪندو، تيستائين هو ڪنهن بہ حالت ۾ اسلامي نظريي کي دنيا اڳيان پيش ڪري نہ سگهندو.

انهيءَ ۾ ڪو بہ عجب ڪونهي، اسان جي مخالفانہ احتجاجن جي باوجود، پوري اسلامي دنيا، جيڪا عالمگير مذهبي حيثيت رکي ٿي، خانداني ۽ قبيلائي خدائن ۽ ديوتائن کي جهڪائي ڇڏيو ۽ قرآن شريف جي لفظن ۾ "اسان هڪ اهڙي منزل تي پهتا آهيون، جتي اسان پنهنجن ڪمزور جذبن کي پنهنجا ديوتا ڪري ڪنيو آهي."

مشرق بعيد جا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا هن ۾ شامل نہ ٿي ويندا. جڏهن مختلف ماڻهو ڪنهن ويجهي مقصد لاءِ گڏجي ڪم ڪن ٿا تہ اُهي هڪ ٻئي تي اعتماد ڪرڻ سکن ٿا ۽ هن نتيجي کي نظر ۾ رکندي محسوس ڪن ٿا تہ اسان انساني جوش جي انهيءَ عام سرمايہ ۾ تيستائين ٻهرو وٺنداسين، جيستائين "انسانذات" جو خواب شرمنده تعبير ٿيڻ سان گڏوگڏ اجوڪي روزمره جي زندگيءَ جي عملي حقيقت بڻجي وڃي.

"پاڪستان جو تاريخي ڪردار" جيڪو مٿي پيش ڪيو ويو آهي، اُهو انساني اخوت واري اسلامي نظريہ جي انهيءَ مجاهدانہ ڪوشش جو پيش خيمو آهي، جنهن جي بناءَ انسانذات جي اخلاقي، ذهني ۽ روحاني جذبات تي ٻڌل آهي، اهو صرف تڏهن تي سگهيو آهي، جڏهن اسان پاڪستانين، قومي مفاد جي خاطر خود غرضي واري تنگ خيال کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ پنهنجي "انهيءَ منزل" تي ابتدائي ۽ بنيادي طور سوچڻ شروع ڪيو اٿئون. جنهن جا تعجب خيز جذبات ۽ آمنگون ترت بيدار ٿيڻ واريون آهن، جيڪي درحقيقت ۾ اسان جي دٻيل اندروني قوتن جي پالوٽ آهن ۽ اُها ئي "پالوٽ" ماڻهن کي سماجي بندڻن کان آزاد ڪرائي ٿي ۽ انسان کي سندسن لائق وقار تي پهچائي ٿي. اهو صحيح آهي تہ اسان تيستائين انسانذات جي ترقي واري مقصد کي نہ پهچنداسون، جيستائين پنهنجي دلين مان تنگ نظري نہ ڪيدنداسون.

خداوند ڪريم، قرآن شريف ۾ سچ فرمايو آهي تہ: "توهان مون کي تيستائين پڪاري نٿا سگهو جيستائين توهان اُنهن کي نہ ٿا ڇڏيو جنهن کي توهان وڏيڪ پيار ٿا ڪريو." حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ: "عظمت، مخالفت ۽ نفرت جي پيدائش آهي." ۽ انسان جي حقيقي عظمت جا بنياد ڪنهن قوم يا انسان جي چڱائي جي نتيجن يا انهن جي صحيح ۽ مناسب سوچ جي تعاقب تي رکيل آهن.

مون، مٿيئن صفحن ۾ اسلامي تصور جي هر نڪتہ کي پاڪستاني عوام جي ڪردار سان جانچي پئي ڏنو آهي. اسلامي نظريي حيات جي فلسفيانہ صلاحيت ۽ عملي اپيل، مون کي سچ پچ متاثر ڪري ٿي. انسان ذات جي ڀلائي لاءِ هي نظريو انسان اڳيان رکندي، رسول اڪرم ﷺ جن چيا چا نہ ڪيو. حقيقت ۾ پيغمبر اسلام ﷺ، انسان کي جهالت مان ڪڍي، هڪ اهڙي روشنيءَ ۾ آندو جنهن انسان جي اندرين طاقتن ۽ ذريعن کي روشن بنائي، دنيا تي خدائي حاڪميت قائم ڪئي. تصوير جي ٻئي رُخ کي

حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ هيءُ هڪ خيالِ خام آهي، جڏهن تہ هن دؤر ۾ ”پاڙيسريت وارو نظريہ“ تبديل ٿي چڪو آهي. هن وقت گهڻو ڪري هر ڪو ٻئي جو پاڙيسري بڻجي چڪو آهي، جسماني مفاصلا پنهنجي معنيٰ وڃائي چُڪا آهن. ”ويجهي“ ۽ ”پري“ جا لفظ مواصلات جي جديد نظام ۾ ڪا بہ معنيٰ ۽ وقعت نٿا رکن. بهرحال، هن دؤر ۾ اسان هڪ ٻئي جي بخت سان ڳنڍيل آهيون ۽ اهو ڳانڍاپو ڪنهن اعليٰ فلاسافي جي بنياد تي ناهي ۽ نہ ئي وري اهڙي مدبرانہ اپيل تي، جيڪا ڪن عظيم روحن طرفان موڪلي وئي هجي. ليڪن درحقيقت اهو ڳانڍاپو لازمي طور ۽ بنيادي طور اسان جي دعا جي مفاد وٽان آهن. هاڻي موزون ٿيندو تہ اسان ٻين جي مسئلن ڏانهن بہ ڪجهہ توجهہ ڪريون، هڪ دفعي ٽالسٽاءِ چيو تہ: ”دنيا ۾ سڻي ٿيڻ جو ڇا فائدو آهي؟ پر هو ڪو اطمينان بخش جواب حاصل ڪري نہ سگهيو. ليڪن اڄ جواب پڌري پٽ آهي تہ هر ڪنهن کي ”بقا“ لاءِ سُٺو ٿيڻو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسانذات مقابلا ڪرڻ جي بجاءِ گڏجي رهڻ ۽ اتفاق ڪرڻ کي پنهنجو ايمان سمجهڻ شروع ڪري ڏنو آهي، جڏهن تہ هن کان اڳ انسانذات ”ڊارون جي نظريہ ارتقا“ جي آڌار تي ”مقابلو“ ڪندي رهندي هئي.!!“

**علائقائي تعاون**

علائقائي تعاون (معاهده استنبول) جيتوڻيڪ پنهنجي اهميت تسليم ڪرائڻ خاطر، اڃا شروعاتي مرحلي ۾ آهي، ليڪن اهو چوڻ مبالغو نہ ٿيندو تہ انهيءَ جي ٿيلهہ اسان جي دؤر جي هڪ تاريخي ضرورت کي پورو ڪيو آهي. پنهنجي پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ علائقائي تعاون حاصل ڪرڻ واري تحريڪ جا پاڪستان شروع ڪئي آهي، سا اسان جي دؤر جي زندگي جي قانونن سان نهڪي اچي ٿي. دنيا جي اُنهن ماڻهن سان اسان جو تعاون-جيڪي انساني اخوت ۽ برادريءَ تي يقين رکن ٿا، اسلامي اخوت جي تصور ڏانهن اولين قدم آهي انهيءَ کان علاوه پاڪستاني عوام، هن علائقي جي ماڻهن جي ڀلائي حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ آهي ۽ قرآن شريف جي نظر ۾ ”الله جي راهہ ۾ تولن جا تولا“ جي مصداق، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ آهن. انهيءَ کان علاوه، انهن جيڪو اسلامي اخوت واري تصور جو حقيقي عڪس پيش ڪيو آهي. اُهي ڏينهن پري ناهن، جڏهن آر سي ڊي واري اتحاد ۾ افغانستان، مشرق وسطيٰ ۽ اتر آفريڪا جا عرب ممالڪ ۽

عرصي تائين ضروري ٿي پوندو ۽ اها آفيسر شاهي ڪن وڙهندڙن سماجي گروپن جي وچ ۾ مصالحت ڪندڙ هوندي يا ڪن طبقن جي اتحادي هوندي. انهن ئي حالتن ۾ آفيسر شاهي (هڪ نئون ڪم ڪندڙ ايڪو) ڪي خبر پوندي تہ اها پنهنجي ضابطي هيٺ هڪ هتي ڪيئن قائم ڪري سگهي ٿي ۽ وقت سان گڏوگڏ اها ٻاهرين طاقتن سان بہ ايستائين گهري ٿيندي ويندي جيستائين اها پنهنجي خدمتن کي موروثي ۽ خانداني نہ بڻائي." اهو انهيءَ ڪري جو: غلاميءَ ڏانهن رستو موروثي حڪومت ئي هموار ڪيو آهي ۽ هڪ حڪومت جيڪا پنهنجي عوام لاءِ "تمام گهٽي سنڀال" جو اعلان ڪري ۽ مهيا ڪيل "گهوڙين ۽ ٽيڪن" ذريعي عوام کي پنهنجي عشق ۾ مبتلا ڪري، تہ اهڙي قوم، هڪ ٻنگلي قوم رهجي ويندي ۽ اها سوسائٽي يا قوم نہ سوچي سگهندي ۽ نہ ئي ڪجهہ محسوس ڪري سگهندي ۽ اُها فقط "جيءُ حضوري" ۾ پوري هوندي.

(3) اجوڪي دؤر ۾ ڪنهن مخصوص سوسائٽي ۾ ماڻهن جو ماڻهن، ٽولن جو ٽولن درميان ۽ هڪ بين الاقوامي سوسائٽيءَ جي مقابلي ۾ قومن جي قوم سان جو هڪ ٻئي تي دارومدار رکندڙ رشتو آهي، سو انهيءَ "سوسائٽي کي جمهوري بڻائڻ" واري اصول جو پڌرو ثبوت آهي.

اڪيلائي ۽ خلوت نشيني وارا ڏينهن هليا ويا ۽ جيڪي ڪڏهن بہ نہ موٽڻا آهن. اڄ اسان کي پنهنجن پاڙن جي حفاظت ڪرڻي آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ انهن جو جسم ۽ روح، اسان کي گڏريل دؤر کان وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. اجوڪي ماحول ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي بچائڻو آهي تہ پاڙيسري کي بچائڻو آهي، پوءِ اُهو بچاءُ ڇاهي جسماني هجي يا نفسياتي!

ڪنهن وقت اها پلي پاليسي رهي هجي تہ پنهنجي پاڙيسري رياستن کي بيمار ۽ ڪمزور ڏسڻ جي خواهش ڏارجي، پر اجوڪي دؤر ۾ هر رياست لاءِ ضروري آهي تہ پاڙيسريءَ سان سنو سلوڪ ڪجي، ان لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪجي ۽ ٿي سگهي تہ پرواري رياست جي امن ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪم بہ ڪجي، اهو انهيءَ ڪري تہ ايئن ڪرڻ سان نہ فقط ڏارين ملڪ جي عوام تان سرحدي گوڙ ۽ ڏڦير جو خطرو ناپيد ٿي ويندو پر ساڳئي وقت بين پرواڙين رياستن جو عوام بہ بي خبر ٿي ويندو.

ڏکيو محسوس ٿئي ٿو. اتي هڪ انسان جڏهن اِهو چاهي ٿو تہ آئون طبيعتاً ـ سوسائٽيءَ جي اجتماعي زندگيءَ ۾ حصو وٺان تہ ان حالت ۾ هو هر ڪنهن کي شعور ۽ سمجهہ واري حد تائين آڻڻ لاءِ ٿوري ڪ گهڻي ضرور ڪوشش ڪري ٿو. تہ ٻئي طرف هڪ ٻيو ٽولو آزاد هئڻ جي حق جي نفي ڪندي، متئين جمهوريت کي موٽائي ٿو. جا درحقيقت آمرانہ پاليسي واري ٽولي جي منشا ٿئي ٿي.

وقت جي هڪ مشهور سوشالاجسٽ ڪارل منهيم (Karl Mannheim) هن اهم مسئلي تي پنهنجي اعليٰ ذهانت ۽ قابليت سان روشني وڌي آهي، هو چوي ٿو تہ:

”سماجي گڙٻڙن ۽ فسادن جو فقط هڪ ئي مستقل حل آهي، تہ انفرادي قوتن کي هڪ مرڪز ماتحت ڪيو وڃي. بهرحال هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو آهي تہ موجوده صنعتي سوسائٽي جي زندگي جي حالتن تي انهن ڪوشش جو ڇا رد عمل ٿيو آهي؟ ترقي جي متئين جمهوري طريقي جي لاءِ مخالفت ۾ جيڪي قوتون ڪم ڪري رهيون آهن، انهن جو توازن هن دؤر ۾ ڪرڻ مشڪل آهي. ڪارل مارڪس ۽ مئڪس ويبر (Max webber) جي چوڻ مطابق، سوسائٽيءَ جي مادي ذريعن (پيدائش جي ذريعن سان گڏوگڏ سياسي ۽ فوجي هٿيارن جي مرڪزيت) کي مرڪزيت ڏانهن گهڻو وارو قدم، جمهوريت پسندي وارن بيش بها اصولن ڏانهن وڌندڙ ڌمڪي آهي ۽ اهو قدم ننڍڙين اقليتن کي ”سرمايہ داري يا ڪميونزم“ جي زير تسلط بڻائي ٿو. پهرين حالت (سرمايہ داري) اهو سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي جاگيرداري ڏانهن نئي ٿو ۽ ٻي حالت (ڪميونزم) ۾ ذهني ۽ انتظامي رجحانن کي افسر شاهيءَ جي اعليٰ ترين منزل تي پهچائي ٿو.“

هو اڳتي هلي چئي ٿو تہ:

”آزادانہ دؤر جي انفرادي تنظيم ۽ موجوده ۽ مستقبل قريب جي تنظيم ۾ مرڪزي فرق: نون مفاد پرستن طبقن جي قيام ۾ موجوده پورهئي جي ورڇ جي اهليت سڀان نہ ٿو پيو ڏسڻ ۾ اچي. بيشڪ اهي عنصر (پورهئي جا جزا) تمام ضروري آهن. پر انهن جي نتيجي ۾ ”ذاتوار طبقاتي آفيسر شاهي جو قيام“ گهڻي

صلاحيت سان جيڪڏهن دنيا جي سامهون پيچيدهہ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو ويندو. حقيقت ۾ جيڪڏهن غور سان جاچيو وڃي تہ اسلامي نظريہ زندگي، فرد جي انفرادي توڙي اجتماعي حيثيت جي سنڀال ڪئي آهي ۽ ان اسلامي زندگي جا نتيجا ٻن طرفن کان نظر ايندا.

(الف) فرد جي ذاتي پاڪائي ۽ پاڻ تي ضبط ڪرڻ وارو رويو جيڪو نماز روزي ۽ زڪوات جي حڪمن جي پورائي ڪرڻ سان حاصل ٿئي ٿو.

(ب) انسانذات جي اجتماعي زندگي، جيڪا هر سال لاءِ حج جي موقعي تي مڪة المڪرم ۾ گڏ ٿئي ٿي.

هاڻي انسان ذات جو اُهو طبقو جيڪو انهيءَ نظريي جي تعميل ڪري ٿو ۽ "اُمت واسط" جي فلسفي جي فرمان جي بجاآوري ڪري ٿو. هڪ اهڙي روحاني برادري پيدا ڪري ٿو جا انتهاپسندي ۽ ڪٽرپڻي کان پاسيرو رهي ٿي ۽ اها "روحاني برادري" ڪن لائق ۽ ذميوار افراد جي ميل جول سان قائم ٿئي ٿي. جا پوري انسانذات کي هڪ "سماجي اجتماع " قرار ڏئي ٿي. انهن ئي نظرين جي بنا تي، هيءَ طبقو انساني ارتقا لاءِ مشعل راهہ ٿي سگهي ٿو.

(2) اسلام۔ غلامانہ سوسائٽي جو دشمن آهي. جيئن تہ پيغمبر ضلعم جن چيو تہ: "منهنجي امت جي نقطہ نظر ۾ اختلاف, منهنجي اُمت جي صحت جي نشاني آهي." هاڻي اسان اقتصادي ترقيءَ جي نالي ۾ پنهنجي عوام کي سندن سچي مقصد کان هٽائي ڇڏيون ۽ "سچي مقصد" مان مراد اها ڪا ناهي تہ اُهو ڪو ٻاهران مليل حڪم آهي، پر اُهو مقصد انهن فردن جي دلين ۽ روحن جي درميان طاقتن جي هم آهنگيءَ کي تنظيم جي طور تسليم ڪرڻو آهي، جيڪي هڪ آزاد سوسائٽي ٺاهئين ٿا. اهي فقط آزاد ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن پائدار تهذيب جي بقا لاءِ ڪجهہ ڏيئي سگهن ٿا ۽ ڪري سگهن ٿا. سوسائٽيءَ جي تنظيم جو جمهوري طريقو عيش عشرت ناهي، پر هڪ انساني ضرورت آهي. هڪ ماڻهو جيڪو مٿئين حقيقت کي نہ ٿو مڃي، ان جو انساني تاريخ سان ڄڻ ڪو واسطو ئي ڪونهي، جڏهن ڪنهن مخصوص سوسائٽيءَ ۾ هيءَ جمهوري طريقو زياده وڌي وڃي ٿو تہ پوءِ عوام کي انهن پراڻن رسمن رواجن, جهالت ۽ انڌيري ۾ رهڻ ڏاڍو

اعتقاد جي باهہ کان سواءِ اڳيرو وڌي نٿا سگهن. هئرالڊ لاسڪي (Harold Laski) جيڪو ڪنهن بہ ذريعي ڪميونزم جي اپيل ڏانهن غير همدرد نہ رهيو آهي، تيهارو سال ڪن اڳ هن نتيجي تي پهتو تہ: "ڪميونزم پنهنجي تصورات جي ذريعي ٻڌايو ويو آهي نہ حقيقت پرستي جي ڪري، پنهنجي روحاني انجام ڪري نہ پنهنجي مادي حالتن ڪري" (ڪميونزم هيرالڊ هالٽ ڪمپني 1967ع ص: 25)

زندگي جي روحاني ۽ اخلاقي قدرن جي تشريح ڪندي ۽ زندگي جي ابتدا لاءِ انهن تي زور ڏيندي مون ڪي اهو نہ سمجهيو وڃي تہ آئون قومي ترقي جي ڏانچي لاءِ مادي ۽ اقتصادي وسيلن جي نفي ڪري رهيو آهيان. ليڪن مون جو ڪجهہ چيو آهي، اُنهيءَ جو مقصد آهي تہ انساني سوسائٽي جي انهن سڀني عنصرن، مادي، اخلاقي، دماغي ۽ روحاني ڪي هڪ جهڙي ترقي ڪرڻ کپي ۽ اها ترقي تڏهن ممڪن تي سگهندي، جڏهن ڪو انسان، انساني شخصيت جي انهيءَ هڪجهڙائي واري ترقيءَ ڪي پنهنجو ابتدائي قدم ڪري ليکيندو چاڪاڻ تہ اُهو ئي قدم، انهيءَ مخصوص ماڻهن جي خوش ڪن ترقيءَ تي پنهنجو اثر ڇڏيندو!

## پاڪستان جو تاريخي مشن ۽ ان کي ڪامياب بڻائڻ جا ذريعا

پاڪستان پنهنجي تاريخي مشن کي ڪئين سرانجام ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جو بهتر جواب تڏهن ئي ملي سگهي ٿو، جڏهن انهيءَ ڪي ڪا اهميت ڏجي ٿي هي هيٺ ڪجهہ رٿون پيش آهن، جيڪي حقيقت ۾ پاڪستان جي قومي جدوجهد جي ايجنڊا بڻائين ٿيون.

(1) پاڪستان کي انهن قدرن، جن لاءِ اهو وجود ۾ آيو آهي، جو مثال بڻجڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي يا ٻئي ڪنهن هنڌ، ڪو بہ ڪنهن کي سواءِ "مثال" پيش ڪرڻ جي ٻي ڪا بہ مدد ڪري نہ ٿو سگهي. اجوڪي دنيا تصورات ۽ نظرين جي باهمي ٽڪراءُ واري دنيا آهي، پاڪستان کي موجوده دؤر جي منجهيل مسئلن کي، پنهنجي اندروني تنظيم ۽ عمل سان ئي حل ڪرڻو آهي، جيڪي هن دؤر جي پيداوار آهن. سرمايہ داري ۽ ڪميونزم، انفرادي آزادي ۽ اجتماعيت نظام حڪومت، افراد ۽ سماجي قانونن درميان ڇڪتاڻ ۽ ٻيا اهڙا مسئلا، مون کي پورو يقين آهي تہ اسلام جي اصولن ۽ قانون سان حل ٿي ويندا. اهڙي ريت، پاڪستان اندروني صحت ۽

ان کان سواءِ اهو شروع ۾ ٿئي، ذهني، اخلاقي ۽ روحاني لاڳاپن تي زور ڏئي ٿو ۽ اسلام جي ڪائناتي ڏيک کي ظاهر ڪري ٿو.

رسمي طرح جيڪڏهن، جديد مغرب جي تيز ترقي يافته لامذهب رياستن (Secular States) کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي ته اُهي يڪدم نظر کان اوجهل ٿي وينديون. جڏهن اُنهن جي سامهون مملڪت پاڪستان جي اندرين رهبري، عمل ڪرڻ جي صلاحيت ۽ همت کي سمجهايو ويو.

مغربي مصنفن جي چوڻ مطابق موجوده رياست کي بڻائڻ لاءِ جيڪي ضروري اقتصادي جزا مهيا وڃن ٿا، انهن مان اجتماعي طور صرف هڪ "ناقابل تقسيم تخليقي ذريعو" ڪم ڪندڙ آهن، جيڪو دنيا ۾ سماجي تبديلين جو ڪارڻ بنجي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪو به انهيءَ ذريعي جو مطلب "اخلاقيات ۽ روحانيت" کي ڏار ڪرڻ سمجهي ٿو، جيئن مارڪس وارن يا دنيا جي ڪن نام نهاد آزادي پسند ملڪن سمجهيو آهي، ته ان سان يقيناً ڪنهن خوددار قوم جي قومي ترقي ۾ نقصانڪار قوت پوندي، ڇو ته ٻيو ڇا به هجي ليڪن قومي زندگي مجموعي طور تي ناقابل تقسيم آهي.

جڏهن انسان جون ڪيترين صلاحيتون بين جي نقصان تي پلجن ۽ وڌن ويجهن ٿيون ته پوءِ هڪ اهڙو قدرتي موقعو پيدا ٿي وڃي ٿو جو انساني صلاحيتن کي غيرمتوازن بڻائي ٿو ۽ اهو نامناسب توازن، فرد کي نقاص بڻائي ٿو ڇڏي. هڪ سوشلاجسٽ جي چوڻ مطابق هڪ ٻار ذهني طور ڪيتري به ترقي ڪري، پر هن جي مزاج ۽ فيصلي واري اخلاقي قوت ۾ ڪا به تبديلي نه ٿي اچي ۽ اُها ساڳي رهي ٿي. سماجي گروهن ۾ به اهو ساڳيو اصول ڪم ڪندڙ آهي، هاڻي جيڪڏهن انفرادي طور اهڙي غيرمتوازن اجتماعي ترقي نقصانده آهي ته پوءِ سماجي سطح ۾ اها يقيناً ڪنهن مونجهاري ڏانهن گهليندي. هتي هيءُ به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته جتي ڪنهن مخصوص سوسائٽي ۾ اخلاقي قدرن کان سواءِ ڪو صنعتي ۽ هنري معلومات ۾ اضافو اچي ٿو اُتي انهيءَ جو نتيجو لازمي اهو نڪري ٿو جو هڪ اهڙو غيرمتوازن ماحول پيدا ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ طاقت جي اخلاقي مشق ناپيد ٿئي ٿي، جا ٿي حقيقت ۾ ڪنهن صنعتي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ۽ اها صرف افراتفري پيدا ڪري ٿي، ڇاڪاڻ ته صرف "مادي ترقي" ماڻهوءَ لاءِ ڪا به معنيٰ نه ٿي رکي. ايتريقدر جو "مارڪس" جا پوئلڳ جي "مادي ۽ تحرڪ" (Matter and Motion) تي اعتبار ڪن ٿا، سي به ڪنهن تصور ۾

ڪي مڃين ٿا، سو اسلام آهي- جيڪو صرف مذهبي اعتقادات جو مجموعہ نہ آهي، نہ ئي هڪ جدا مادي وجود رکي ٿو، پر اُهو زندگيءَ جي طرفان لائحہ عمل ۽ مشعل راهہ آهي. جيڪو انسان کي اعليٰ ۽ ارفع منزل تي پهچائي ٿو. مسلمانن جي انهيءَ روحاني منزل کي ڏسندي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس ”علائقائي حدبندين“ جو سوال سامهون رکي واضح ڪيو تہ هندستان جا سڀ اصلوڪا رهاڪو ”هندستاني قوم“ بنائين ٿا، ليڪن مسلم ليگ پنهنجي ”جداگانہ حيثيت“ مڃرائڻ لاءِ مطالبو ڪيو. سر محمد اقبال رحہ جيڪو مطالبہءِ پاڪستان ۾ پيش پيش هو جغرافيائي حدبندين واري مملڪت جي مغربي نظريہ قوم کي خوب ننديو ۽ ظاهر ڪيو تہ اهو نظريہ اسلام سان عمومي ۽ انڊيا جي مسلمانن سان خصوصي طرح نہ ٺهڪندڙ آهي. اهڙي ريت هندستاني مسلمانن پنهنجي مرڪزي سياسي مقصد سان گڏوگڏ هن ڪرهءِ ارض تي پنهنجي مملڪت جي قيام لاءِ هڪ مخصوص زمين جي ٽڪري کي بہ شامل ڪيو آهي.“ (ص: 107)

”قوم“ جي انهيءَ روحاني اصول جي ڪوشش ۽ جدوجهد کي جنهن جو پڌرو مثال ”قيام پاڪستان“ آهي، اڃا تائين ڪليل نموني تسليم نہ ڪيو ويو آهي. مسٽر خروشچوف، وزيراعظم روس، 1955ع ۾ هندستان جي سرڪاري مهمان جي حيثيت ۾، ڪشمير جو ذڪر ڪندي چيو هو تہ: ”مذهبي جذبات کي سامراجين طرفان خوب اُڪسايو ويو، ليڪن مذهبي اعتقادات ڪڏهن بہ ڪنهن مملڪت جي قيام لاءِ مکيہ سوال نہ رهيا آهن.“ (اهڙا ساڳيا خيال، سنڌ ۾ ادب جي آڙ ۾ پيش ڪيا پيا وڃن ۽ روحانيت کي رجعت پسند ۽ فرسوده قوت جي نالي سان ياد ڪيو پيو وڃي. ع. ج)

**رياست جي قيام جا اقتصادي ۽ مادي جزا:**

پاڪستان جو قيام، جو حقيقت ۾ تازي عوامي تاريخ جو مسئلو آهي سو بذات خود اسان کي پنهنجي ترقي يافتہ مستقبل جي رهبري جي آڇ ڪري ٿو. پاڪستان ۾ پنهنجي تاريخي ۽ معاشرتي حدن ۾ ئي واقعي آهي،

ويچا خدائي مقصد ۾ الاهي امر جي وفاداريءَ آڏو ختم ۾ جذب ٿي ويندا.

پاڪستان جي قيام دنيا جي سوشيالاجيڪل (سماجي) ادب تي نهايت تيز ردعمل ڇڏيا آهن ۽ ان کي هڪ غيرمعمولي "قدرتي موقعو" سڏيو ويو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ربرٽ ايمرسن جو مثال ڏيڻ مبالغو نہ ٿيندو. هن پنهنجي ڪتاب "فرام ايمپائر ٽو دي نيشنل" (بادشاهت کان قوم تائين- مطبوعہ هارورڊ يونيورسٽي پريس 1960ع) ۾ نين مملڪتن جي وجود ۾ مسئلہ قوميت تي ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

"جيڪي تازيون وجود ۾ آيل قومون آهي، انهن مان پاڪستان جو مثال، هڪ غيرمعمولي ۽ تعجب انگيز آهن. پاڪستان هڪ اهڙو تصور هو جو هن کان اڳ، ڪنهن کي نہ خيال ۾ هو نہ گمان ۾ انهيءَ جي قيام جو امڪان صرف ڪن چند ماڻهن کي هو مطلب راتو رات، جتي ڪلهہ صبح، ڪجهہ نہ هو اتي اڄ هڪ قوم پنهنجو وجود تسليم ڪرائي چڪي آهي. "قوميت" جي تسليم شده اصول مطابق، اهو ظاهر هو تہ پاڪستاني قوم ڪا سچ پچ وجود ۾ نہ هئي; ايتريقدر جو ٽيهارو يا چاليهارو سال کن اڳ خود موجوده وقت جا پاڪستاني يا انهن جي آبن ڏاڏن جي سواءِ ڪنهن موقعي تي (سو بہ تشبيهي انداز سان) پاڻ کي اقوام ڪري تصور نہ ڪيو پوءِ جيڪڏهن واسطي رکندڙن ماڻهن "قوميت" جي انهيءَ تصور کي عمل ۾ آندو ۽ ان کي هڪ زندهہ جاويد حقيقت بڻائي ڇڏيو تہ پوءِ مفڪرن ۽ مدبرن کي خوامخواهہ انهيءَ کان پريشان ٿيڻ نہ گهرجي ۽ انهيءَ کي پنهنجي نوعيت جو واحد سمجهي ڇڏڻ گهرجي." (ص: 92)

مٿين خيالن جي روشنيءَ ۾ "پاڪستان جي قيام" کي روحاني اصول جو مظهر قرار ڏيئي سگهجي ٿو. ساڳئي لکندڙ (ربرٽ ايمرسن) اڳتي هلي لکيو آهي تہ:

"ڪيئن بہ هجي، ليڪن اهو سوال ڪو اهميت پريو نہ آهي تہ پاڪستانين کي هڪ اهڙي قوم تصور ڪجي، جنهن جون پاڙون روايتي علائقائي حدبندين ۾ کُتل نہ هجن يا انهن کي هڪ اهڙو مذهبي فرقو سڏجي، جنهن جون حدون هندستان ۾ هوندي پاڻ کي هن وقت "قوم" جي صورت ۾ تبديل ڪري ورتو هجي. بهرحال، اها اهميت پري ڳالهہ ضرور آهي تہ اُهي جنهن مذهب

جي بقا صرف مادي شين تي منحصر نہ آهي. هتي هيءُ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ اسان جي دؤر جا بہ ڪميونسٽ انقلاب, جن مان روسي ۽ عوامي جمهوريہ چين جون مملڪتون برپا ٿيون, اڄ ڏينهن تائين دنيا جي مزورن جي اتحاد حاصل ڪرڻ لاءِ بين سان ملڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. اهي ٻئي نظام روسي ۽ چيني جارحيت پسند ۽ فوج ڪش قوم پرستن جي جذبات جا مظاهر آهن. اُهي پنهنجي اندروني جماعتن ڪي جا نظرياتي تحريڪ ڏيڻ گهرن ٿا, سا ڪنهن بہ پَرَ ۾ شروعاتي قدم نہ آهن, ليڪن اهو ايئن آهي, جيئن ڪو مالهي ٻوٽن پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪي استعمال ڪري. حقيقت ۾ اهي نظام انسانذات جي ياٽپي ۽ برادريءَ لاءِ نہ پر روسي ۽ چيني قوم پرستيءَ جا سينگار ۽ گلڪاري آهن, جيڪي سنڌن حُرفتن ۽ اٽڪلن جو اختيار نہ پر اصل جوهر آهن.

مارڪس واري غيرطبقاتي سوسائٽي وارو نظريو پنهنجي سيني خوبين سان گڏوگڏ, انسانذات جي روحاني اتحاد واري نظريي کان گهٽ ۽ تنگ آهي. انهيءَ کان علاوه مارڪسي نظريو پنهنجي وجود کي تسليم ڪرائڻ خاطر, تاريخ مان ڪي بہ متحرڪ مثال پيش ڪري نٿو سگهي. هن کان پوءِ بہ اسان هڪ اهڙي غيرطبقاتي سوسائٽيءَ لاءِ ڪوشش ڪريون ۽ قربانيون ڏيون, هڪ ناموزون ڳالهہ آهي, جنهن جو جواب مارڪسي فلسفي کان اطمينان بخش ملي نٿو پيو سگهي. تڏهن صرف اسلام ئي هڪ تاريخي متحرڪ بنياد مهيا ڪري ٿو ۽ اهو بنياد جنهن وسيلي انسان پنهنجي تاريخي بنيادي تقاضائن ۽ ذميوارين کي پورو ڪري سگهي. اها اسلام جي تعليم آهي تہ اسان هر وقت انسانذات جي برادريءَ کي تسليم ڪريون, جو رب جو حڪم آهي ۽ اسان ان کي قبول ڪرڻ لاءِ ٻڌل اهيون.

### قيام پاڪستان:

خود پاڪستان جو قيام انهيءَ اسلامي جذبي جو مظهر آهي, جنهن جو مقصد اُن جي معتقدن ۾ اندروني لڳاءُ ۽ واسطو پيدا ڪرڻ آهي, جنهن کان سواءِ برادريءَ جي بنياد تي گڏيل سوسائٽيءَ ۾ رهي نہ ٿو پيو سگهجي. پاڪستان جو عوام جيڪو اعتقاد ۽ ايمان جي ڏاڍي سان ڳنڍيل آهي, اهو نهايت تندهي ۽ تيزيءَ سان هڪ اهڙي جٽادار مملڪت ڏانهن وڌي رهيو آهي, جنهن ۾ جلدي يا دير سان, زبان و روايت, رسم و رواج ۽ رنگ و نسل جا

ناخوش ناهي، جيترو هو دنيا جي بين حصن کان، ڇاڪاڻ تہ اُتان
جون حالتون ۽ ضرورتون انهيءَ نظرئي سان ٺهڪي نٿيون اچن.“

مسٽر ٽونئبي چوي ٿو تہ: ”قوم انهن ماڻهن لاءِ هڪ ناموزون سانچو آهي، جيڪي ان ۾ پاڻ کي جذب ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جڏهن تہ قوميت هڪ محدود ۽ خود مرڪزيت واري قوت آهي، جيڪا بين الاقواميت ۽ فطرت کان پريرو آهي ۽ ان کان روڪي ٿي ۽ سچ پچ تہ بين الاقواميت انسان ذات جي آخري منزل آهي.“

قدرتي طور، جڏهن بين الاقواميت انسان جي آخري منزل آهي تہ پوءِ نسل، زبان يا علائقائي حدبندين جا رشتا، انهيءَ بين الاقواميت ۽ عالمگيريت لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ اُهي پاڻ ڪي بين الاقوامي اصول نہ آهن. جيڪي سڄي انسانذات کي ڳنڍي سگهن ۽ ان سان لاڳو ٿي سگهن.

جڏهن اسان وٽ مختلف نسل آهن ۽ مختلف ماڻهو مختلف زبانون ڳالهائين ٿا ۽ مختلف عادتون رکن ٿا تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ فقط هيءُ فرمان تہ: ”اسان خد اکان آهيون ۽ خدا ڏانهن موٽڻو اٿئون.“ يا ”اسان آدم مان آهيون ۽ آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو.“ هڪ اهڙو بيش بها اُصول آهي، جنهن ذريعي پوري انسانذات پاڻ ۾ فڪر، خيال ۽ عمل ۾ ڳنڍجي هڪ ٿي سگهي ٿي.

## اسلامي رياست ۽ مارڪسي رياست

اسلام جيڪو قوم پرستيءَ کان بالاتر ٿي، انسان ذات جي اتحاد وارو نظريو پيش ڪيو ان سان ٺهڪندڙ ۽ ويجهو ڪو نظريو آهي تہ اهو ”مارڪس“ جو نظريو آهي، مارڪس چوي ٿو تہ:

”مملڪت، دراصل هڪ غير طبقاتي سوسائٽيءَ جي قيام طرف، انسانيت جي تاريخي پيش قدميءَ جو هڪ عارضي مرحلو آهي ۽ جڏهن هيءُ مقصد پورو ٿي ويندو تہ مملڪت جو وجود ازخود ئي متجي ويندو.“

انهيءَ تاريخي تجزيي ۽ راز افشانيءَ جي شروعات، مارڪس جي چوڻ مطابق مادي شين جي تصحيح سان ٿي آهي، ليڪن اهو ظاهر آهي تہ انهن

پنهنجي سماجي اصولن کي محدود ڪرڻ لاءِ.“

متي ذڪر ڪيل ڳالهين ۾ مون اقبال جا تمام گهڻا حوالا ڏنا آهن. اهو هن ڪري ته هن جو نظريءِ مملڪت جو تصور پيش ڪيو آهي، اهو ڪو نئون آهي. (جڏهن اسلام جي ڏسيل قانون مان اڳ ۾ ئي ظاهر آهي) پر هن ڪري جو اسان لاءِ هن جي لفظن جي حيثيت بي مثال آهي. اقبال هڪ اها شخصيت آهي، جنهن کي سمورن ڄاڻو ماڻهن انهيءَ ڪري انقلاب جو هڪ مجاهد تصور ڪري ورتو جيڪو دراصل پاڪستان جي مطالبي ميرائڻ لاءِ ذميوار آهي. متيئن ڳالهين مان ظاهر آهي ته علامه اقبال، مملڪت پاڪستان، انهيءَ جو آئيني ستاءُ، تنظيم ۽ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي قيام ۾ جيڪي قانون تيار ڪيا ويا ۽ نافذ ڪيا ويا، انهيءَ صورت ۾ قبوليندو جڏهن اسان پنهنجي نظام حڪومت کي انهيءَ تاريخي تحريڪ (نظريه پاڪستان) جي تڪميل طرف هڪ ”عارضي حوصلو“ سمجهون، جنهن ۾ قوميت جي اصول کان بالا تي، انسانيت جي مختلف طبقن کي گڏي هڪ ڪرڻ آهي، جا ئي اسلام جي منشا ۽ آرزو آهي.“

**قوميت جي ٻنهي پهلوئن جي ڀيٽ:**

هاڻي اسان کي ٻنهي طرفن جي اِفادي ۽ تقابلي پهلوئن کي ڀيٽي ڏسڻ گهرجي ته آيا انسان ذات لاءِ ڪهڙي قوميت وڌيڪ فائدي واري آهي. اها قوميت، جنهن جو بنياد رنگ، نسل ۽ علائقائي حدبندين تي آهي يا اُها قوميت جنهن جو بنياد روحاني رشتي ۽ اعتقاد تي آهي؟

هن سوال جو جواب موجوده زماني جي مشهور تاريخدان پروفيسر آرنولڊ ٽونبئي (Prof: Arnold Toynbu) ڏنو آهي، هن مغربي نظريه قوميت کي ڪليسائي آزادي ۽ اقتدار جي پراڻي بنياد تي، نون رجحانن ۽ اثرات جي ذريعي ”ماديت پرستي ۽ جمهوريت کان گمراهي“ قرار ڏنو آهي. اڳتي هلي، هو هن نظريه جي مذمت ڪندي چوي ٿو ته:

> ”اهو (مغربي نظريه قوميت) اسان جي جديد سوسائٽي جي سياسي زندگي کي زهر آلودهه بنائي رهيو آهي.“

رپرٽ ايمرسن (Rupert Emerson) هڪ مشهور عالمي تاريخ نويس ”ٽونئبي“ جي نقط نظر تي تبصرو ۽ وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

> ”ٽونئبي، مغرب ۾ قوم پرستيءَ جي ڦهلجڻ کان ايترو

آئي، جنهن کي شهري معاملات سان ڪو بہ واسطو نہ هو پر عملي طرح هوءَ "رومن" حڪام جي تابع هئي ۽ جنهن کي بنا ڪجهہ جي سڀ ڪجهہ ميٺو پوندو هو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جڏهن رياست "مسيحي" بڻجي وئي تہ رياست ۽ چرچ پاڻ ۾ ٽڪرجي پيا، جڏهن تہ ٻنهي جو مقصد ساڳيو ۽ رُخ جدا جدا هو. ليڪن انهيءَ جي برعڪس "اسلام" ۾ ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ ٿيڻي نہ هئي، ڇاڪاڻ جو اسلام شروع کان ئي هڪ شهري سوسائٽي هو جنهن کي پنهنجا اصول ۽ قانون سڌي ۽ سادي نموني ۾ قرآن شريف کان مليا. جهڙي نموني "رومن جا ٻارهن اصول" وسعت پذير، لچڪيدار ۽ توضيح پسندا آهن، اهڙي نموني نہ پر، انهيءَ کان بہ وڌيڪ قرآني اصولن ۾ ترقي ۽ اڳتي وڌڻ جي گنجائش موجود آهي، جيتريقدر ٽڪراءَ جو تعلق آهي، انهيءَ مان ظاهر آهي تہ قوم پرستيءَ وارو نظريہ مملڪت گمراهہ ڪندڙ (Dualism) آهي، اسلام هرگز نہ آهي."

(Principle of Movement in the Construction of Islam: Dr. Iqbal

اسلامي معاشري جي تشڪيل ۾ مذهبي مصلحن ۽ "فلسفہ اجتهاد" جي ڪردار تي تبصره آرائي ڪرڻ بعد، علامہ اقبال صورتحال کي هنن لفظن ۾ ظاهر ٿو ڪري تہ:

"موجوده زماني ۾ هر مسلم ملڪ کي پنهنجو پاڻ ۾ غرق ٿي وڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي نقطہ نظر کي عارضي طور صرف پاڻ تائين محدود رکي، ايستائين جو اسان ايترا طاقتور بنجي وڃون، جو جمهوريتن جو هڪ گهراڻو بڻائي سگهون. قوم پرست مفڪرن جي چوڻ مطابق هڪ صحيح ۽ زندهہ قومي اتحاد ايترو سولو ناهي، جو فقط علامتي ۽ تمثيلي رهبرين مان حاصل ٿئي. حقيقت ۾ اهو اتحاد تڏهن حاصل ٿي سگهندو جڏهن آزاد ۽ خودمختيار گروهن جون نسلي دشمنيون، هڪ روحاني رشتي ۾ متوازن ٿي وڃن ٿيون. هن کان پوءِ آئون محسوس ڪريان ٿو تہ خدا اسان کي حق جي راهہ ڏي موٽائي رهيو آهي تہ اسلام نہ تہ قوم پرستي آهي نہ سامراج- بلڪ قومن جي هڪ انجمن آهي. اهو صرف سهوليت خاطر، مصنوعي حدن ۽ نسلي فرق کي تسليم ڪري ٿو نہ

ڏيڻ ضروري نہ آهن، ممڪن آهي تہ خود اقبال، انهيءَ نظريہ مملڪت جنهن ڪي اسان آئيني ۽ سياسي طور "پاڪستان" چئون ٿا، ان ڪان بچاءُ ڪيو هجي، پر اقبال ڪي پاڪستان جي نظريي قبولڻ وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهم شرط وجهڻ گهرجي ها اهو هيءُ هو تہ:

"ان ۾ انسان ذات درميان روحاني اتحاد ڪي پنهنجو مقصد بڻائڻ گهرجي ۽ اُن تصور ۽ نظريي جي تڪميل يا اُن جي مقصد ڪي رنڊائڻ ۾ ڪا ڪوشش ٿي تہ ان جي سخت مذمت ڪري ها."

**دين سياست ڪان جدا ناهي:**

جيئن تہ مٿين ڳالھ غور طلب آهي، تنهن ڪري لازمي آهي تہ هتي اُن متعلق ڪجھ وضاحت ڪئي وڃي:

"مغربي پروپئگنڊا بازن جي هلايل "قوم پرست" نظريہ مملڪت جيڪو "چرچ" ڪي لاديني اعمال ڪان جدا ڪري ٿو. ان تي تبصرو ڪندي اقبال چئي ٿو:

"اسلامي نقطہ نظر ڪان مملڪت، انهن مثالي اصولن۔ (جن جو لائحہ عمل "توحيد" تي ٻڌل آهي، يعني برابري، اتحاد ۽ آزادي جا اصول) ڪي زمان و مڪان جي قوتن ۾ تبديل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي، جيڪا اُنهيءَ ڪي انساني تنظيم ۾ ڪنهن نوس عملي صورت ڏي گهلي ٿي، اهو ئي واحد سبب آهي، جيڪو اسلام ڪي هڪ نظرياتي تحريڪ بڻائي ٿو ۽ اُها تحريڪ هن لحاظ ڪان نہ آهي تہ ان جي سربراهي زمين تي خدا جي نمائندي طرفان ٿئي ٿي، جيڪو پنهنجي نااميدي ۽ مايوسيءَ ڪان مجبور ٿي، غيرمهذب رويو اختيار ڪري ٿو."

ساڳئي نموني هن تُرڪ مبلغين جي نظريہ مملڪت ڪي سامهون ڪي چيو تہ:

"حقيقت هن ريت آهي تہ تُرڪ قوم پرستن، رياست ڪي مذهب ڪان جدا رکڻ جو فڪر، يورپي سياسي تاريخ مان ورتو. جيڪڏهن تاريخ جو مطالعو ڪبو تہ ڏسڻ ۾ايندو تہ ابتدائي مسيحيت جو بنياد، ڪو سياسي ۽ شهري يونٽ تي ٻڌل نہ هو، پر مسيحيت، هن ناپاڪ دنيا ۾ هڪ راهبانہ طريقي سان وجود ۾

اهميت جو اصول آهي. انهيءَ لحاظ سان زندگي جا سمورا نمونا، ٿورو ڪي گهڻو متعصب آهن ۽ ڪين هئڻ بہ ايئن گهرجي جيئن هو پنهنجي اجتماعيت کي برقرار رکي سگهن. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سڀ قومون متعصب آهن. جيڪڏهن توهان ڪنهن انگريز جي مذهب تي تنقيد ڪندا تہ اهو نہ ڪُڇندو پر جي هن جي تهذيب، ملڪ ۽ قوم جي روين ۽ اخلاق تي نڪتہ چيني ڪندا تہ پوءِ اوهان کي خبر پئجي ويندي تہ هو ڪيتريقدر متعصب آهي. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ هن جي قوميت جو بنياد، مذهب تي نہ آهي، پر هڪ جاگرافيائي حدبندي يعني سندس ملڪ تي آهي. هن جو تعصب تڏهن ئي ظاهر ٿئي ٿو جڏهن اوهان سندس ملڪ تي تنقيد ڪريو ٿا. بهرحال، اسان جي حيثيت بنيادي طور تي ئي جُدا آهي. اسان وٽ قوميت هڪ خالص تصور آهي، ان جو ڪو بہ مادي بنياد ناهي.

اسان وٽ ناهہ جي صرف صورت آهي تہ دنيا جي ڪنهن ٺوس نظريي تي هڪ قسم جو ذهني ۽ روحاني ناهہ ٿئي تہ پوءِ جڏهن اسان جي مذهب تي نڪتہ چيني ٿئي ٿي تہ اسان متعصب بڻجون ٿا، آئون سمجهان ٿو تہ هن حالت ۾ اسان انهيءَ انگريز کان وڌيڪ حق بجانب آهيون، جيڪو پنهنجي تهذيب و روايات تي نڪتہ چيني بڌي متعصب بڻجي ٿو. جيتوڻيڪ ٻنهي طرفن جو احساس ساڳيو آهي، پر انهن جو رُخ جدا مقصدن ڏانهن آهي، تعصب، دين لاءِ قوم پرستي آهي ۽ قوم پرستي ملڪ لاءِ تعصب آهي.“

اسان لاءِ اسلام جيڪو مسلم قوميت جو تصور پيش ڪيو آهي، ان جي نظر ۾ اسان کي ڏسڻو آهي تہ اسان جا مملڪت برپا ڪئي آهي، ان بابت ڊاڪٽر اقبال ڇا چئي پيو سگهي. اسان جي مملڪت هڪ قوميت واري مملڪت آهي، جنهن جو بنياد علائقائي لاڙي تي بڌل آهي ۽ اسان هن زمين تي هڪ مخصوص تڪرو والاريون ٿا، پاڪستان جي شهريت وارو ائڪٽ ۽ ان سان ملحق آئيني ۽ دستوري اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسبو تہ قوميت جي علائقائي رغبت واري تصور کي هٿي ملندي، اهو هن ڪري تہ ورهاڱي وقت سيئي غيرمسلمان جيڪي اُن وقت رهيا پيا هئا، انهن کي پاڪستاني شهريت ملي ۽ جيڪي غير پاڪستاني مسلمان هئا، انهن کي نہ ملي. پاڪستان کان سواءِ ٻين مسلمانن کي پاڪستاني تسليم ڪجي، ايئن تي نہ ٿو سگهي ۽ اهو ايئن آهي جيئن هئڻ کپي. هن نظريہ جي حمايت ۾ ڪيترا تاريخي سبب آهن، جيڪي هن نظريہ مملڪت جي بچاءُ لاءِ هٿي

”علامہ اقبال جي ڊائري“ جا سندس پٽ جاويد اقبال جي ترتيب ڏنل آهي. تنهن ۾ ٻہ نهايت دلچسپ ۽ پڪيون ڳالهيون (Two interesting Story Thoughts) آهن، جيڪي اسلامي معاشري جي تشڪيل بابت ذڪر ڪيل روحاني اصول کي نهايت سهڻي نموني واضح ڪن ٿيون. هڪ هنڌ چيو ويو آهي:

”اسلام- بت پرستيءَ خلاف احتجاج طور نمودار ٿيو. قوم پرستي ڇا آهي؟ بت پرستيءَ جو هڪ صاف نمونو ۽ ڪنهن مادي چيز جو صاف نمونو. اسلام، بت پرستيءَ کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت ڪري نٿو سگهي. اهو اسان جو ابدي شيوو ۽ ازلي ڪم آهي تہ اسان بت پرستيءَ جي هر نموني مخالفت ڪريون. اسلام کي جو اصول ختم ڪرڻو هو انهيءَ کي وري ڪنهن سياسي سٽاءَ ۾ ڊانچي جي لاءِ بنياد بڻائي نہ ٿو سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ هيءُ بہ واضح اشارو ٿي سگهي ٿو تہ خود رسول اڪرم ﷺ جن، هڪ اهڙي جاءِ تي جيڪا سندن جاءِ ولادت نہ هئي، اتي ترقي ڪيائون ۽ وصال فرمايائون.“

اقبال پنهنجي دليل کي رسول اڪرم ﷺ جن جي خطبہ حجت الوداع جي حوالي سان بہ وڌيڪ وزن ڏيئي پيئي سگهيو. جنهن ۾ پاڻ فرمايو هو تہ:

”ڪنهن بہ عرب کي عجميءَ (غيرعرب) تي فوقيت ڪانهي ۽ نہ ئي ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عرب تي، سواءِ هڪ ڳالهہ جي تہ ڪير ڪيتريقدر متقي آهي ۽ پنهنجو پاڻ تي ضابطو ۽ اعتماد اٿس.“

اسلام مطابق ”تقويٰ“ انسان جي جسماني ۽ نفساني خواهشن کي فطري قانون مطابق فرمانبردار ڪرڻ سيکاري ٿي ۽ ساڳئي ئي نموني، جيئن اسان کي اڳ ۾ معلوم آهي تہ اسلام جي معنيٰ ئي آهي. ”انسان، خدائي قانون جي اڳيان پاڻ کي پيش ڪري ۽ ان مطابق حياتي گذاري، جتي ماڻهن جي ذاتي لياقت ۽ اهميت جو تعلق آهي، اُتي نسل، رنگ دولت يا ٻي ڪا ڪالهہ اهميت پري ناهي.“

متئين ڪتاب ۾ هڪ ٻي بہ مزيدار ڳالهہ آهي، سا هيءَ آهي تہ:

”سڀ قومون اسان کي ڪٽرمتعصب هئڻ جو الزام ڏين ٿيون. آئون انهيءَ الزام کي قبول ڪندي، اڳتي وڌي چوان ٿو تہ اسان متعصب هئڻ ۾ حق بجانب آهيون، علم حياتيات جي زبان ۾ تعصب، اجتماعيت ۾ انفرادي

مثال طور، پراڻي زماني جا يهودي ۽ هندو نسلي بنياد تي قومي تنظيم جو هڪ نمونو آهن. چاڪاڻ ته اهي شاعرن وانگر بنايا نه ويندا آهن، پر پيدا ٿيندا آهن. هن ڳالهه کي ڌيان ۾ رکندي هي ٻئي انساني نمونا ٻئي ڪنهن کي پوئلڳ نه بڻائڻ واري اعتقاد جي پيدائش آهن ۽ هنن ۾ ڪا اهڙي اندروني ڇڪ ۽ لچڪ ناهي، جو هو ٻاهران آيل اثرات کي پاڻ ۾ جذب ڪري سگهن. اهو انهيءَ ڪري ته بنيادي طور هندو ۽ يهودي ٻه ٿي ناقابل برداشت طبقا آهن، پر هنن کي ناقابل برداشت ٿيڻو ئي پوي ٿو تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ٻاهران اچي، هنن جي فڪر سان ملي منجهن جذب ٿي وڃي ۽ سندن فرقي ۾ شامل ٿي وڃي ته اهڙو امڪان ئي ختم ڪري ڇڏيو اٿن آريائي برتري وارو هٽلر جو نظريو نسليت جي اصول جي جديد تاويل آهي، پر ان جو بنياد فقط يهودين کي ميسارڻ جي جذبي هيٺ پيل آهي.

## اسلامي قوميت:

قومن جي پيدا ٿيڻ جا هي ٻئي نمونا، جيئن مون مٿي ظاهر ڪيو آهي ته اسلام کان اڳ جا آهن. اسلام انهن ٻنهي طريقن کي ختم ڪري هڪ نئون اصول ۽ هڪ نئون ضابطو پيش ڪيو جنهن موجب انسانيت جو ”روحاني اصول جي بنياد تي ۽ اعتقاد جي ٻنڌڻ ۾“ قوم جي صورت ۾ ڳانڍاپو ٿئي ٿو انهيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته ”ڪل انسانذات هڪ ئي شيءِ آهي، خدا جو سرچشمو آهي، جنهن جي آخري منزل خدا ڏانهن موٽ آهي.“ قرآن شريف ۾ فرمايو ويو آهي: ”اسان خدا مان مان آهيون ۽ اسان کي اوڏانهن ئي موٽڻو آهي.“ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: ”اسان سڀ آدم جو اولاد آهيون ۽ آدم مٽيءَ مان ٺاهيو ويو.“ اسلام- نسلي امتياز ۽ طبقاتي اوچ نيچ کي هرگز نٿو قبولي ۽ هن ۾ ڦيرڦار جي ڪابه گنجائش ڪونهي. بيشڪ اسلام ماڻهن جي ٻين طبقن کي تسليم ڪري ٿو پر اُهو فقط اُنهن جي سُڃاڻپ لاءِ قبولي ٿو ۽ هميشه انهن قانونن، اصولن ۽ ضابطن جي مخالفت ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن هيٺ انسان ذات کي نسل يا علائقائي رهائش جي بنياد تي طبقي وار ورهايو ويو. اسلام ۾ انهن جي ڪائي اهميت ۽ وقار ناهي. قرآن شريف جي چوڻ مطابق ”انسانذات“ کي هڪ ڪري پيدا ڪيو ويو ۽ اهو اعتقاد جو ڪيس وحدت ۾ ٻڌندي ٿو تنهن وسيلي اها پنهنجي هڪ منزل ڏانهن وڌي سگهي ٿي.

اهو ممڪن آهي تہ متي ذڪر ڪيل، ڪنهن قوم جي سياسي ۽ آئيني تنظيم پنهنجي اندروني واسطن ڪري ڪن خاص ماڻهن لاءِ هجي. پر، اهو ميٺو پوندو تہ.

”آخرڪار مملڪت، انهن خيالن جي مجموعي تاثر جو عڪس آهي، جن جو واسطو انهيءَ قومي سالميت سان آهي، جنهن ڪنهن روحاني لڳاءُ سان وجود ورتو هجي.“

هڪ ڪامياب ترين مملڪت، اهڙي عوام جي سچائي ۽ خلوص جي اعليٰ برتريءَ جو اظهار آهي، جا حقيقي ۽ مادي ترقي سان قوم جي تعمير ڪري ٿي، مملڪت، ٻين ڳالهين سان گڏوگڏ فقط هڪ رستو آهي، جنهن ذريعي ڪا قوم پنهنجي حفاظت ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجو وجود تسليم ڪرائي سگهي ٿي. سچ پچ، اهي قومون بخت واريون آهن، جيڪي پنهنجي عوام جي سياسي تنظيم واسطي مناسب قانوني ۽ آئيني طريقا اختيار ڪن ٿيون. اڳئين زماني ۾ هي حق بادشاهہ پاڻ کي قانون ٺائيندڙ سمجهي اختيار ڪندا هئا ۽ عمل ڪرائڻ وقت، ان جا اڳواڻ بہ پاڻ هوندا هئا. پر موجوده دؤر ۾ بادشاهن جو هيءَ پيدائشي حق، عوام جي پيدائشي ۽ بنيادي حق ۾ بدلجي چڪو آهي ۽ اڄ مملڪت جي قوت استعمال ڪرڻ جو قانوني ۽ جائز حق صرف هڪ اصول تي سمجهيو وڃي ٿو ۽ اهو اصول ”عوام جي حاڪميت ۽ اقتدار“ آهي، پر جيڪڏهن مملڪت جو وجود ڪنهن ٻئي اصول تي ٻڌو ويو تہ ناڪاميءَ سبب ان اصل کي هڪ ڏينهن، هڪ اهڙي اصول سان بدلائڻو پوندو، جيڪو ڪنهن جمهوري اصول جي قريب هوندو.

**اسلام کان اڳ قوميت:**

اسلام کان اڳ تاريخ انسانيت ۾ انسان، سياسي بنيادن تي ٻن نمونن ۾ ڳنڍيا ويا آهن ۽ ان بعد وڏي وڏن ٽولن جي صورت ۾ ٿي ويا. انهن بنيادن ۾ هو، هڪ ئي رت جي ڳانڍاپي جو اصول ۽ ٻيو علائقي جي محبت جو اصول آهي، انهيءَ کان سواءِ ڪي قومون نسلي لاڳاپن جي ٻنڌڻ تي بنياد رکن ٿيون ۽ ٻين وري پاڻ کي ڪنهن زمين جي ٽڪر سان پيار ۽ وفاداري جو بنياد ٺاهيو ۽ ڪن ٻين وري اهڙا طريقا اختيار ڪيا، جن ۾ ٻئي اصول ڪارفرما آهن. عام طرح تي موجوده دؤر جي قوميت، انهيءَ طبقي جي افراد ۽ جنهن مخصوص حصي تي هو رهن ٿا، انهن درميان علائقائي رغبت تي ٻڌل آهي.

# پاڪستان جو تاريخي ڪردار

اسان جي عوام جي منزل ۽ سندن اُمنگن جي باري ۾ گھڻيئي ڪجھ لکيو ويو آهي. نظريہ پاڪستان کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ هي نسل، جنهن طريقيڪار ۾ لاٿحہ عمل سان دوچار آهي، انهيءَ بابت ڪيترائي خاڪا ۽ تجويزون آڏو ٿري رهيون آهن. اسان کي روزانہ انهيءَ عزم کي دهرائڻ ۾ انهيءَ رٿ کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. جيڪو قيام پاڪستان وقت، هڪ آزاد خودمختيار ۾ پنهنجو پاڻ تي حڪومت ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيو ويو هو.

هن وقت آئون بين مسئلن کي ڇڏي، اوهان آڏو فقط اُهو پهلو پيش ڪندس، جنهن کي "پاڪستان جي تاريخي ڪردار" سان سڏيو وڃي ٿو. پاڪستان جي هن تاريخي جشن سان وفاداري، خلوص و محبت ۾ سچائي جي تقاضا وابستہ آهي. انهيءَ جي پوري ڪرڻ جي طريقيڪار تي آئون مختصر روشني وجهندس، جيئن توهان انهيءَ جدوجهد کي چڱي طرح سمجھي سگھو تہ جيستائين اسان منزل نہ حاصل ڪئي آهي، تيستائين انهيءَ اڻٿڪ ڪوشش جو اهميت وار ۽ ذري پرزي ڇڪاسڻ جو وقت نہ ملندو.

## قوم ڇا آهي

پاڪستان جي تاريخي ڪردار تي تفصيلي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾ هيءُ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ قوم ڇا آهي؟ ان جو دستوري جواب ڪنهن تفصيل کان سواءِ ملي سگھي ٿو. قوم، دراصل ماڻهن جو اهو طبقو آهي، جيڪو محسوس ڪري تہ "هو هڪ آهن ۽ هيءُ هڪ هئڻ جو رشتو. اڳتي هلي، ٻن حصن ۾ ڦٽي ٿو ۽ ٻن طرفن کان پاڻ ۾ ملي ٿو هڪ طرف هو اسان کي پنهنجي ماضي کان مليل ورثي جي ذريعي ڳنڍي ٿو ۽ ٻئي طرف سيني کي مستقبل ۾ هڪ ئي منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ همٿائي ٿو."

لغاري، رئيس جمال خان لغاري، مامون خان ملڪاڻي، محمد خان سومرو، ذوالفقار علي پتو، مخدوم امين فهيم، سيد شير علي شاهه، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه، غلام قادر ملڪاڻي، رسول بخش ملڪاڻي ۽ رئيس محمد علي ملڪاڻي هن خطي جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ سياسي نمائندگي ڪرڻ ۾ پيش پيش رهيا آهن.

(ادبي ڪانفرنس جاتي مؤرخه 1994_4_10 لاءِ لکيل مقالو)

علماءِ السلام قابل ذڪر آهي. سائين پاشا، ان جي بنيادي محرڪن مان هڪ آهي.

- آڪٽوبر 1970ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي هڪ وڏي جلسي کي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي خطاب ڪيو. حاجي صادق علي ميمڻ ۽ صابر حسين بہ ان موقعي تي خطاب ڪيو.
- 1970ع واري اليڪشن ۾ هتان جي هر طبقي جي ماڻهن پيپلز پارٽيءَ جي حق ۾ حمايت ڪئي. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو قومي اسيمبلي سيٽ ۽ محمد خان سومرو صوبائي سيٽ تي ڪامياب ٿيا.
- 1976ع ۾ محمد يوسف ٿهيم تحريڪ استقلال قائم ڪئي.
- 1977ع ۾ پاڪستان قومي اتحاد پاران ٽائون ڪميٽيءَ جي اڳيان هڪ انتخابي جلسو ٿيو. جلسي کي ضلعي پي اين اي جو اڳواڻ مولانا نور محمد سجاولي خطاب ڪرڻ وارو هو. اڃا تلاوت ڪلام پاڪ مس شروع ٿي تہ مخالفن وٽي دهل وڄائڻ ڪيا. اهڙيءَ ريت اهو جسلو درهم برهم ٿي ويو.
- 1983ع ۾ تحريڪ بحاليءِ جمهورت جي سلسلي ۾ عبدالستار لوهار ۽ شمس الدين سميجو پنهنجيون گرفتاريون پيش ڪيون، رئيس مامون خان ملڪاڻيءَ کي بيگنا موريءَ تان گرفتار ڪيو ويو.
- 1983ع ۾ بلدياتي اليڪشن جي رات ميان خميسي خان کي گرفتار ڪيو ويو. جاتي ٽائون جي اندر اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪندي هڪ ووٽ بہ نہ پيو. سئو فيصد بائيڪاٽ رهيو.
- 1985ع واري اليڪشن ۾ احمد خان ميمڻ قومي اسيمبلي تي ۽ غلام قادر ملڪاڻي صوبائي اسيمبلي تي چونڊجي آيا.
- 1988ع ۾ محمد نسيم ڪتريءَ، جماعت اسلاميءَ کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.
- 1990ع واري اليڪشن ۾ غلام قادر ملڪاڻي ۽ وزير ميمڻ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ نمائندگي ڪئي.
- 1993ع واري اليڪشن ۾ قومي اسيمبليءَ تي سيد شفقت حسين شاھ ۽ صوبائي اسيمبلي تي رئيس محمد علي ملڪاڻي چونڊجي آيا.

بهرحال: پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ رئيس محمد يوسف چانڊيو حاجي محمد علي شاھ، حاجي صادق علي ميمڻ، خانبهادر حاجي فضل محمد

ڪيو. ليڪن ڪيس اتان ڇڏائي مُکي جيرامر داس، گنگاڌر داس جي جاءِ تي لکايو ويو بعد ۾ ڪيس جاءِ جي پوئين دروازي مان پڇائي روانو ڪيو ويو. انهيءَ اليڪشن ۾ سيٺ يوسف هارون ڪامياب ٿيو.

- 1946ع جي اليڪشن ۾ هتان جي عوامر مسلم ليگ جي اميدوار حاجي فضل محمد خان لغاريءَ کي ڪامياب ڪرايو.
- 14 آگسٽ 1947ع تي قيامر پاڪستان جي موقعي تي خوشيون ملهايون ويون. مٺايون تقسيمر ڪيون ويون ۽ مسجدن ۾ تراويحن کان ڪانپوءِ شڪراني جا نفل ادا ڪيا ويا.
- قيامر پاڪستان کان اڳ پير عالي شاهه جيلاني، جي ايمر سيد، خانبهادر خير بخش خان لغاري، خانبهادر فضل محمد خان لغاري، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير غلامر حيدر شاهه، سيٺ يوسف هارون، محمد يوسف چانڊيو، محمد عثمان سومرو، نهچلداس وزيراڻي، راءِ بهادر هرچند راءِ ۽ راءِ بهادر شيوارام هن علائقي جي صوبائي ۽ مرڪزي قانون سازي ادارن ۾ نمائندگي ڪئي.
- جنوري 1953ع ۾ رئيس حاجي عثمان ملڪاڻيءَ جي صدارت ۾ شهر جي معززن جو هڪ اجلاس ٿيو جنهن کي حاجي عبدالله ميمڻ، سيٺ ذڪريا لوهار، ميان محمد صالح ٻارڻ، ميان محمد عارب ڪتي، سيٺ عبدالحڪيم ۽ حاجي محمد صديق ميمڻ خطاب ڪيو. ان جلسي ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ جاتيءَ کي بارڊر ايريا مان ڪڍيو وڃي.
- 1958ع ۾ خانصاحب ناٿو خان شهري ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. ڪميٽي شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ قائمر ڪئي وئي هئي.
- 1967ع جي آخر ڌاري هتي پيپلز پارٽيءَ جي شاخ قائمر ڪئي وئي. بنيادي ميمبرن ۾ ميان خميسو خان، عبدالستار لوهار، حاجي عمر ميمڻ، رئيس محمد موسيٰ ملڪاڻي، سومار ميمڻ ۽ محمد عمر مقتول شامل هئا. پيپلز پارٽيءَ جو پهريون عوامي جلسو ڊسمبر 1967ع ۾ ٿيو جنهن کي مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش ٽالپر، معراج محمد خان ۽ ٻين خطاب ڪيو.
- 1969ع ۾ صدر يحيٰ خان طرفان اليڪشن ڪرائڻ جي اعلان کان پوءِ ننڍيون ننڍيون سياسي پارٽيون تحرڪ ۾ اچڻ لڳيون، جن مان جمعيت

جي اڳواٽيءَ ۾ بدين پهتو.

- 1939ع ۾ ديوان پهلاج راءِ جي جاءِ تي هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ سنڌ ڪانگريس جي صدر ڊاڪٽر چوئٿرام خصوصي طور شرڪت ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ جاتيءَ ۾ ڪانگريس شاخ جو بنياد رکيو ويو. شرڪت ڪندڙن ۾ سيٺ منگلداس، لوڪو مل، گنگاڌر واسڻ، جيرام داس ۽ محمد يوسف پاتولي شامل هئا.
- 1945ع ۾ جاتيءَ ۾ مسلم ليگ جو بنياد پيو جنهن جو پهريون صدر سيد عباس علي شاهه عرف ابو شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري خانصاحب ناٿو خان چونڊيا ويا. بين خاص ڪارڪنن ۾ منو رونجهو اسماعيل ڪتي ۽ حاجي اسماعيل ميمڻ شامل هئا.
- 1945ع ۾ سيٺ يوسف هارون جي چونڊن ۾ هتان جي عوام نهايت دلچسپي ورتي. يوسف هارون مسلم ليگ جو اميدوار هو جڏهن ته هن جي مخالفت ۾ علي محمد راشدي هو جنهن کي سيد گروپ ۽ ڪانگريس جي حمايت حاصل هئي.

روزانه "الوحيد" 12 ڊسمبر 1945ع واري پرچي ۾ تفصيل سان هن دلچسپ مقابلي جو ذڪر ڪيو آهي. اخبار لکي ٿي ته "پهرين ڊسمبر 1945ع تي جاتيءَ ۾ مسلمانن جي طرفان هڪ زبردست جلوس نڪتو جيڪو الله اڪبر، سيٺ يوسف هارون، مسلم ليگ ۽ قائداعظم زندهه باد جا نعرا هڻندو پولنگ اسٽيشن تي پهتو. هن اليڪشن ۾ مٿين ماڻهن يوسف هارون جي حمايت ۾ ورڪ ڪئي. خليفو ماعريبو دوم، خليفو غلام قادر، ميان عبدالله مشائخ، وڏيرو اسحاق ٿهيم، ميان حاجي محمد ٻارڻ، محمد يعقوب منارو زميندار، ميان محمد ٽيلر ماسٽر، محمد يوسف ولد ذڪريا لوهار، ميان محمد صديق ميمڻ حاجي بابا، محمد اسماعيل احمد علي ميمڻ، محمد اسماعيل ڪتي، منڻ رونجهو ۽ خانصاحب ناٿو خان جڏهن ته مخالفت ۾ حاجي محمد يوسف پاتولي، ميان فتح علي نظاماڻي، وڏيرو غ هنگورجو، اسماعيل شاهه شاهه ڪپور وارو اسماعيل ڪنيٽرو ميان احمد علي ميمڻ ۽ ميون محمد ميمڻ ورڪ ڪيو.

ان سلسلي ۾ محترم رسول بخش تميمي، "تاريخ جاتي" ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته علي محمد راشدي جي فائدي ۾ جي ايم سيد ورڪ لاءِ جاتيءَ پهتو. مسلم ليگ جي ڪارڪنن کي خبر پئي ته انهن ڪيس اچي گهيرو

مغلڀين جي ميلي تي خلافت تحريڪ جو جلسو مولانا حاجي فتح علي جتوئي جي صدارت هيٺ ٿيو. ميان فتح محمد علي سيڪريٽري ضلعي خلافت ڪميٽي سجاول ڪانپوءِ طالب العلم محمد قاسم تقرير ڪئي. مولانا فتح علي لاڳيتو ٽي ڏينهن تقريرون ڪيون. ان وقت ڪن مخالفن ملاڪڙي جو ڍنڍورو ڏياريو پر ماڻهو نہ ويا.

- 1930ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ڪراچي ضلعي تڪ مان قانونساز اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهي. هن جي انتخابي مهم ۾ هتان جي مولانا حاجي محمد مولانا محمد يعقوب ۽ مولوي محمد يوسف خوب سرگرمي ڏيکاري. انهيءَ موقعي تي جاتي تعلقي جي هڪ عمر رسيده زميندار آريسر هنگورجي روزانہ "الوحيد" جي 13 نومبر 1930ع جي پرچي ۾ هڪ اشتهار وسيلي جاتي جي عوام تي زور ڀريو تہ اهي شيخ عبدالمجيد کي ڪامياب ڪن. بهرحال شيخ صاحب ڪاميابي حاصل ڪئي.
- 1931ع ۾ جاتيءَ ۾ هڪ جلسو ٿيو جنهن جي صدارت خليفي ماعريبو ڪئي، جنهن ۾ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو تہ جاتي تعلقي جي ساموندي علائقي تي بند ٻڌائي وڃي، جيئن سمنڊ جو پاڻي زرعي زمين کي خراب نہ ڪري سگهي. ان موقعي تي رئيس عبدالله خان، سيٺ ديوامل ۽ پرسرام تقريرون ڪيون ۽ خليفي حاجي غلام محمد کي سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني وئي.
- 1934ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ "تعميري پروگرام" جو اعلان ڪيو جنهن ۾ هن ٻين مسئلن سان گڏ سنڌي مسلمانن کي تعليم حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي. شيخ صاحب جي انهيءَ اعلان کي سڄي سنڌ ۾ ساراهيو ويو. جاتي تعلقي جي ارباب غلام محمد هنگورجي ۽ محمد اسماعيل ولد خليفي ملان جمع عباسي، ساڪن ملان تعلقي جاتي جا اهڙا ٻہ تائيدي خط "الوحيد" جي 23 جنوري 1930ع واري پرچي ۾ شايع ٿيا آهن، جن ۾ هنن صاحبن شيخ صاحب کي پنهنجي تعاون جو خوب يقين ڏياريو آهي.
- 1935ع ۾ مولانا حاجي احمد ملاح جي سڏ تي لنواريءَ واري ڪوڙي حج کي بند ڪرائڻ لاءِ جهاد جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ جهاد ۾ حصي وٺڻ لاءِ جاتيءَ کان بہ هڪ سئو ماڻهن جو جٿو. مولانا ميون حاجي محمد پيڳارو

ڪتاب ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هي علائقي سنڌ جي فتح کان پوءِ حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ جي شاهبندر ضلعي سان ملايو ويو جنهن ۾ ماڇر کان سواءِ شاهبندر چيچ ۽ ستاهہ نالي پرڳڻا شامل هئا. ان وقت ان جو انتظام ليفٽيننٽ جيمسن جي حوالي هو.

- بعد ۾ 1806ع ۾ هن علائقي کي وري ڪراچي ڪليڪٽوريٽ سان شامل ڪيو ويو. انهيءَ دؤر کان وٺي 1916ع تائين هن علائقي جي سياسي صورتحال جي واضح خبر پئجي نہ سگهي آهي.
- 1916ع ۾ ڪراچي جي ڪليڪٽر شاهبندر جي ڊپٽي ڪليڪٽر کان پڇيو تہ "هتان جي محمدن (مسلمانن) جا سياسي لاڙا ڪهڙا آهن؟" انهيءَ تي ڊپٽي ڪليڪٽر شاهبندر ائٽ سجاول پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو تہ هتان جا ماڻهو پرامن آهن ۽ انهن جو سياست سان ڪو بہ تعلق نظر نہ ٿو اچي.
- پهرين عالمگير لڙائي هلندي برطانيا سرڪار "وار رليف فنڊ" قائم ڪيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر شاهبندر، سنڌي بندر ڪئمپ مان 30 مارچ 1917ع تي سب ڊويزن جي تمام مختيارڪارن کان اهڙي رپورٽ گهري مختيارڪار جاتي پنهنجي ليک ۾ لکيو تہ وڏيري آريسر هنگورجي 40 رپيا ۽ ملڪ فريد خان هڪ سئو رپيا جنگي فنڊ ۾ رضاڪارانہ جمع ڪرايا آهن.
- 1917ع ۾ ڪمشنر ان سنڌ جي دربار ۾ سيٺ ديوا مل کي ڪرسي مليل هئي.
- هيءَ اهو دؤر هو جنهن ۾ هتان جا معزز سياسي تحريڪن کان تہ بلڪل پري هئا، پر ڪمشنر جي دربار ۾ "ڪرسي ملڻ" پنهنجي لاءِ فخر محسوس ڪندا هئا.
- 1918ع کان خلافت جو دؤر شروع ٿئي ٿو. ٿوري عرصي بعد تحريڪ پوري برصغير جي مقبول سياسي تحريڪ بڻجي وئي. جاتي تعلقي جي مولانا حاجي محمد ولد پيڳارو ٿهيم، مولوي محمد يوسف مڙهي وارو ۽ آمري جي جتوئي عالمن خلافت تحريڪ جو پيغام گهر گهر پهچائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو.
- 1924ع ۾ مغليين جي ميلي تي خلافت تحريڪ جي جلسي جو احوال روزانہ "الوحيد" جي 24 مارچ واري پرچي ۾ شايع ٿيو آهي. اخبار مطابق

# جاتي تعلقي جو مختصر سياسي جائزو

جيئن ماجر، مهاڻن ۽ ملاحن جو علائقو آهي، تيئن جاتي جتن جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سرحدي ۽ ساموندي علائقي هئڻ ڪري هن علائقي جي هر دؤر ۾ انفرادي حيثيت پئي رهي آهي.

- برهمڻ دؤر حڪومت ۾ هيءُ خطو راجا ڏاهر جي خصوصي توجهه ۾ رهيو جتي هو گرمي وارا مهينا اڪثر گذاريندو هو.
- سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ هن علائقي جو انتظام تميمي قبيلي جي حوالي ڪيو ويو، جيڪي اڄ ڪلهه ٿهيم سڏجن ٿا.
- سومرن جي دؤر حڪومت ۾ محمد طور، جنهن کي شاهه ڪپور چون ٿا، سومرن جي گادي جو هنڌ رهيو آهي.
- سمن جي دور حڪومت ۾ هن علائقي جا ڪجهه حصا ڪڪراله جي ڄامن جي قبضي ۾ پڻ رهيا آهن.
- ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ڪڪراله جي ڄامن جو پڄڻ ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڪڇ تي ڪاهه ڪرڻ جو عمل به هن علائقي کان شروع ٿيو.
- اڪبر اعظم، مغليين کي سنڌ جي آخري سرحد قرار ڏنو.
- ميرن جي دؤر ۾ جاتيءَ ۾ ميرن جا ناظم يا گورنر رهندا هئا. جن مان حيدر خان لغاري جو نالو مشهور آهي.
- انگريزن طرفان سنڌ جي قبضي ڪرڻ کان اڳ ۾ جيڪي سروي ٽيمون سنڌ پهتيون، انهن اڪثر ڪري مغليين وارو رستو اختيار ڪيو. انهن ٽيمن مان ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊلهائوسي جي مشن وڏي اهميت رکي ٿي.
- انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت هيءُ علائقو شاهبندر ضلعي جو هڪ پرڳڻو ظاهر ڪيو ويو آهي. ”غدر کان اڳ واري رڪارڊ“ جي هڪ

تعمير لاءِ اپيل 3 آگسٽ 1938ع ۾ شايع ٿي.

10_ مولوي محمد عثمان بنوري واري جو جيل مان آزد ٿيڻ تي نئي ۾ شاندار استقبال ۽ ميان علي محمد دڙي واري جو ميرپور بٺورو ۾ شاندار استقبال جون خبرون ۽ 3 نومبر 1923ع 4 ڊسمبر تي ترتيب وار شايع ٿيون.

11_ ميان پير محمد عقيليءَ کي "خانصاحب" لکڻ تي، عقيلي صاحب مٿان خانصاحب گبول، پريزيڊنٽ ڪراچي لوڪل بورڊ ۽ وڏيري محمد عثمان سومرو چيئرمين اسڪول بورڊ، ٺٽي جي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. اها خبر 28 مئي 1935ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

12_ مسٽر نور محمد پليجو ڪانگريس اميدوار مسلم ليگ جي حق ۾ دستبردار، اها خبر "الوحيد" جي پرچي 23 ڊسمبر 1945ع جي پهرين صفحي تي شايع ٿيو.

13_ جاتيءَ جي سپروائيزنگ تپيدار ڪشن سنگهه کي زهر ڏيڻ واري مقدمي جي خبر 8 آڪٽوبر 1941ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

14_ مسٽر قادر بخش نظاماڻي ۽ نور محمد پليجو تان بندش جا آرڊر رد. اها خبر "الوحيد" جي 8 مئي 1941ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

15_ مسٽر گبسن، ڪمشنر ان سنڌ جي صحتيابيءَ تي سجاول ۾ خيرات جي ماني ڪارائي وئي. ڪاڏي جو انتظام خير محمد چانڊيو مير محمد خان چانڊيو پير محمد شاهه ۽ محمد عثمان براهوي جي حوالي هو. اها خبر 2 مارچ 1933ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

6۔ سيد زمان شاهه ساقي لهدوي ٺٽوي (16 مئي 1928ع)
7۔ سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي (22 جون 1947ع)
8۔ حاجي احمد هيلايو آف ٺٽو (19 جنوري 1936ع)
9۔ سيد نواز علي شاهه برادر حاجي عبدالرحيم شاهه (8 شوال 1357هه جنوري 1936ع)
10۔ حاجي علي محمد پليجو آف ٻنون (13 ربيع الاول 1357هه مئي 1938)
11۔ حاجي ابراهيم گندرو آف سونڊا (18 اپريل 1932ع)
12۔ شيخ جلال الدين آف پير پٺو (6 سيپٽمبر 1930ع)
13۔ مولوي محمد عثمان سونڊوي (8 آگسٽ 1932ع)
14۔ ميان تاج محمد جوکيو زميندار تعلقو ٺٽو (30 مئي 1931ع)

12۔ "الوحيد" جون ڪي خاص خبرون:

1۔ شاهد جتوئي لاڏين واري ڪي نيڪاليءَ جي خبر 2 سيپٽمبر 1931 واري پرچي ۾ شايع ٿي.
2۔ شاهبندر پوليس انسپيڪٽر ساجن سنگهه تي هڪ مظلوم مسلمان جي مقدمي جي خبر 18 فيبروري 1930ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.
3۔ شاهبندر ۾ بڍل شاهه نالي هڪ پير طرفان ڀهراڙيءَ جي عوام کي ڦرڻ واري واقعي جي خبر 11 جون 1931ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.
4۔ جاتيءَ جي قاضي حاجي محمد جو شهر جي هندن طرفان مڪمل بائيڪاٽ واري خبر 3 جون 1934ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.
5۔ بداخلاق هندو جي حيواني هلت: ڪيس بچائڻ لاءِ سجاول جي ڪانگريس جون ڪوششون. اها خبر 1 مارچ 1939ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.
6۔ سجاول جي بدچال سمو حسين پٽ جمع ڪي معصوم نياڻي چاڳو ڏيءَ حليمان سومري سان زوري پرٽائڻ تي 4 سال جيل. (5 فيبروري 1936ع)
7۔ حمزو نوحاڻي سجاول وارو، جيڪو ڪيترن خونن ۾ گهربل آهي، ٺٽي مان گرفتار ڪيو ويو. اها خبر 15 جنوري 1936ع ۾ شايع ٿي.
8۔ راهب چوهڙ واري جو خون: ڪشنچند ڪاراڻي ۽ هاشو مل طرفان تاتلن جي سرپرستيءَ جي خبر 21 آڪٽوبر 1920ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.
9۔ مولوي ولي محمد، امام جامع مسجد ميرپور ٻٺورو طرفان مسجد جي

ٺٽو زميندار ي ايسوسيئيشن (صدر: سيد اسد الله شاهہ حسيني)
ﻳﺎﭘﮕﻴﺎ ڪميٽي- ٻنون (صدر: مولوي محمد يوسف)
ﻳﺎﭘﮕﻴﺎ ڪميٽي- سونڊا (صدر: مولوي عبدالحڪيم)
لاڙ هاري ڪانفرنس- ٻنون (ارباب نور محمد پليجو)
هاري ڪميٽي- دڙو (صدر: شيخ عبدالله)
بزم ادب ٺٽو (صدر: سيد مراد علي شاهہ شيرازي)
تحريڪ سرفروش سجاول- (صدر: مولوي علي محمد)
مسلم اسٽوڊنٽس يونين- سجاول (صدر: سيد غلام محبوب شاهہ)
مسلم اسٽوڊنٽس يونين دڙو (صدر: عبدالغفور ميمڻ)
تبليغي ڪميٽي- سجاول (صدر: مولوي محمد عثمان)
مدرسہ جامع العلوم ٻنون (سرپرست: مولانا حاجي محمد سليمان ٻنوي)
ڪراچي ڊسٽرڪٽ زميندارس ۽ جاگيردارس ايسوسيئيشن (سرپرست: سيد عبدالرحيم شاهہ)
سجاول هاري ڪميٽي- سجاول (صدر: محمد عارف بلوچ)
انجمن مجاهدان اسلام- ٺٽو (جنرل سيڪريٽري: ميان شفيع محمد)
ٻنورو زميندار ايسوسيئيشن- ٻنورو (صدر: محمد جعفر خواجہ)

## 11- "الوحيد" ۾ تعزيتون:

"الوحيد" کي ٺٽي ضلعي جي ماڻهن سان ڪيترو انس هو ان جو اندازو انهن تعزيتن مان لڳائي سگهجي ٿي جيڪي مختلف ميدانن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن جي انتقال جي موقعي تي شايع ٿينديون رهيون هيون. "الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي جي جن بہ شخصيتن جي انتقال جي خبر، تبصرو يا اداريو آيو آهي، ان جو تفصيل هن ريت آهي:

1- ڪيٽي بندر جو عرب پيش امام سيد عبدالله شاهہ (وفات 11 ڊسمبر 1926ع)
2- ارباب حاجي محمد صالح آف دڙو (18 جون 1941ع)
3- وڏيرو الهڏنو ميمڻ آف دڙو (19 نومبر 1941)
4- سيد گل حسن شاهہ شيرازي، ٺٽوي (10 جون 1930ع)
5- سيد حسن علي شاهہ ولد سيد علي بخش شاهہ، ٺٽوي (15 سيپٽمبر 1929ع)

ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:
سنڌ محمدن ايسوسيئيشن برانچ ٺٽو (صدر: سيد شاهنواز شاهہ ولد نجف علي)
مدرسہ اسلاميہ فيض احمدي- سونڊا (باني: مولوي احمد بخاري)
هندو مسلم لائبريري- ٻنو (ارباب نور محمد پليجو)
انجمن خادم الاسلام- دڙو (صدر: محمد يعقيوب عباسي)
مدرسہ هاشميہ- سجاول (سرپرست: سيد عبدالرحيم شاهہ)
مدرسہ رحمانيہ- جهمپير (ناظم: مولوي غلام محمد)
زميندار پبلڪ ايسوسيئيشن گڏائي تعلقو ٺٽو (صدر: سيد بچل شاهہ)
مدرسہ اسلاميہ- ٻنون (ناظم: مولانا محمد يوسف)
مدرسہ اسلاميہ ولهار تعلقو سجاول (ناظم: مولوي عبدالله ولهاري)
مدرسہ اسلاميہ- لاڏيون (ناظم: مولوي مير محمد جتوئي)
انجمن اصلاح- ٻنون (صدر: مولوي محمد يوسف ٻنوي)
سنڌ سنوار سنگت- ٻنون (سرپرست: ساقي سجاولي)
مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن- ٺٽو (صدر: عبدالحئي عقيلي)
انجمن مجاهدان اسلام- ٺٽو (جنرل سيڪريٽري: ميان شفيع محمد)
سيرت ڪميٽي- دڙو (سيڪريٽري: محمد اسماعيل زرگر)
ڪوهستان زميندار ايسوسيئيشن- جهمپير (صدر: محمد حسين محمد صالح شورو)
اسٽوڊنٽس ٽائون ڪلب- ٺٽو (صدر: علي بخش عقيلي)
انجمن حمايت الاسلام- جنگشاهي (صدر: سيد امين شاهہ)
انجمن تحفظ شريعت- ڪيٽي بندر (صدر: سيد محمود شاهہ قادري)
ڪراچي ضلعو مالدار ايسوسيئيشن (صدر: حاجي مير محمد بلوچ)
جهمپير وقف ڪميٽي (صدر: مولانا غلام محمد)
انجمن جمعيت الطلباءِ مدرسہ هاشميہ- سجاول (صدر: مولوي محمد عارف)
جاتي زميندار ايسوسيئيشن-جاتي (صدر: رائيس حاجي عثمان ملڪاڻي)
تنظيم المسلمين- ٻنون (مولوي محمد سليمان)
ڏاٻيجي مسجد ڪميٽي (صدر: پير غلام مرتضيٰ سرهندي)
سر فضل حسين لائبريري- دڙو (محمد سومار)
شاهبندر زميندار ايسوسيئيشن (صدر: رئيس خير محمد چانڊيو)

حمايتي اشتهار "الوحيد" جي 3 سيپٽمبر 1930ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو.

سيد عبدالرحيم شاهه جو مولانا اڪرم هالاڻي جي نالي مديني مان لکيل خط "الوحيد" جي 19 آڪٽوبر 1935ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ شاهه صاحب مولانا کي مدرسه هاشميه متعلق ڪجهه هدايتون ڏنيون آهن.

1941ع ۾ سجاول ۽ آسپاس ۾ ڪالرا جي بيماريءَ سبب مدرسه هاشميه جي ٻاهران ايندڙ طالبن کي اچڻ ۾ دير ٿي وئي. شاهه صاحب "الوحيد" جي 1 نومبر 1941ع واري پرچي ۾ هڪ اشتهار شايع ڪرايو جنهن ۾ مدرسي جي شاگردن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته اهي بلاخوف ۽ هراس جي اچن بيماريءَ جو خطرو ٽري چڪو آهي.

"الوحيد" شاهه صاحب جي وڏي مداح هئي. هن جي اڪثر سرگرمين کي "الوحيد" ۾ ڪوريج ملندي هئي. 15 آڪٽوبر 1937ع واري پرچي ۾ هيءَ خبر شايع ٿي ته: "سجاول ضلعي ڪراچيءَ جو معزز زميندار سيد حاجي عبدالرحيم شاهه صاحب حرمين شريفين فريضه حج ادا ڪرڻ لاءِ ويجي رهيو آهي ۽ سياڻي 15 آڪٽوبر حاجين جي پهرين جهاز جهانگير ۾ روانو ٿيندو".

30 اپريل 1942ع جي پرچي ۾ شاهه صاحب جو هڪ ڏکهو خط شايع ٿيو جنهن ۾ هن صاحب مطالبو ڪيو ته پنجاري واهه جو ڳنڍو دستور موجب 15 مئي تي کولايو وڃي.

2 آڪٽوبر 1928 تي "الوحيد" ۾ "ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ڪراچي ۽ ان جي پريزيڊنسي" جي عنوان سان هڪ ايڊيٽوريل لکيو ويو جنهن ۾ سيد عبدالرحيم شاهه سجاوليءَ تي زور پريو ويو ته هو صاحب پريزيڊنسيءَ لاءِ اميدوار بيهي. ايڊيٽوريل ۾ ٻڌايو ويو ته 21 مسلمان ميمبرن جي باوجود پريزيڊنٽ هميشه راءِ بهادر شيوارام ٿيندو پيو اچي. ائين هر وقت ڇو هجي؟ مسلمان اميدوارن کي غور ڪرڻ گهرجي".

شاهه صاحب 22 جون 1947ع تي وفات ڪئي. سندس وفات حسرت آيات جي خبر "الوحيد" جي 24 جون 1947ع جي صفحي-3 تي شايع ٿي.

**10- "الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي جي مدرسن، ادارن، تنظيمن، جماعتن ۽ ايسوسيئيشن جو ذڪر:**

"الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺٽي ضلعي ۾ مختلف سياسي، سماجي، مذهبي، ثقافتي تنظيمون جڙنديون رهيون آهن، جن جو

ڪرڻ چڏي ڏني. انهيءَ فيصلي تي مسلمانن طرفان قاضي فضل الله ٺٽوي ۽ هندن طرفان مهاراجا پيتامبرداس اوجها ۽ سرڪار طرفان مسٽر بولٽن، پريزيڊنٽ ٺٽو ميونسپل جون صحيحون ٿيل هيون.

(ب) متفرق مسئلا:

26 فيبروري 1935ع واري پرچي ۾ ٺٽي سول ڪورٽ ۽ هيڊ ڪوارٽر ٺٽي مان ڦيرائي ڪوٽڙي ڪرڻ تي اداره "الوحيد" هڪ احتجاجي نوٽ لکيو جنهن ۾ صلاح ڏني وئي ته ٺٽي کي هڪ مرڪزي حيثيت حاصل آهي، ان ڪري سول ڪورٽ کي هتي ئي رهڻ موزون آهي.

1 آگسٽ 1931ع ۾ ٽنڊو محمد خان ۽ مغليين ريلوي جي ضرورت تي اداره "الوحيد" طرفان هڪ خاص نوٽ لکيو ويو.

سجاول ۾ مسلمان اسٽامپ وينڊرن جي ضرورت تي 8 اپريل 1943ع تي اداره "الوحيد" هڪ تبصرو شايع ڪيو.

## 9_ سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي ۽ "الوحيد"

"الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اداره "الوحيد" جو ضلعي جي مشهور غيرمتنازعه شخصيت سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي سان گهرو لڳاءُ هو. سنڌ جو هي مشهور سخي مرد 14 ربيع الاول 1290ھ مطابق 18 مارچ 1878ع تي سجاول ۾ جائو. سجاول جو مدرسه دارالفيوض الهاشميه ۽ جامع مسجد عيدگاهه، هن عظيم شخص جا زنده جاويد يادگار آهن.

شاهه صاحب اسلام جو شيدائي هو، هن جي زندگي اسلام ۽ مسلمانن لاءِ وقف ٿيل هئي. مسلم ادارن ۽ اخبارن جي حمايت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. 1918ع ۾ جڏهن هفته روز "الحق" سکر تي انگريز سرڪار جي خلاف لکڻ تي هڪ هزار رپيا ڏنڊ وڌو ويو ته سڀ کان پهريائين شاهه صاحب هو، جنهن 25رپيا چندو موڪلي، مسلمانان سنڌ طرفان الحق جي مدد ڪرڻ جي شروعات ڪئي. "الوحيد" جي امداد جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

1925ع کان 1945ع تائين شاهه صاحب ڪراچي ڊسٽرڪٽ جاگيردارس اينڊ زميندارس ايسوسيئيشن جو صدر رهيو. انهيءَ عرصي دوران شاهه صاحب جون تقريرون "الوحيد" جي زينت بڻيون رهيون. 1930ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي چونڊ جي سلسلي ۾ شاد صاحب جو هڪ

جاگيردارس ايسوسيئيشن پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ "الوحيد" ۾ ايسوسيئيشن جون مڪمل ڪارروائيون شايع ٿينديون رهيون.

"الوحيد" جي 2 مارچ 1932ع واري پرچي ۾ ڪراچي ضلعي جي ٻيلن ۽ ان ۾ رهندڙ پاڳين جي تڪليفن بابت خبر آئي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ پنچري جون فيون گهٽايون وڃن ۽ رات جو مال چرڻ تي بندشون آهن، سي هٽايون وڃن.

1- ڊسمبر 1944ع تي "الوحيد" ۾ فوڊ گرين سنڊيڪيٽ طرفان شاهبندر سب ڊويزن مان چانور نہ ڪڍڻ واري پاليسيءَ تي هڪ مذمتي تبصرو آيو ۽ مطالبو ڪيو ويو تہ آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي.

12 نومبر 1927ع واري پرچي اداره "الوحيد" طرفان اخبار ۾ سجاول ۽ ٻنورو ۾ سخت برساتن پوڻ سبب فصلن جي تباهيءَ ڪري ڍلن جي عام معافيءَ جو مطالبو ڪيو ويو.

25 جون 1936ع واري پرچي ۾ جهرڪن وٽ برِيج تعمير ڪرڻ لاءِ "الوحيد" ۾ ادارتي نوٽ شايع ٿيو.

(ب) تعليمي مسئلا:

ڪراچي ضلعي جي تعليمي حالت تي تبصرو ڪندي اداره "الوحيد" طرفان 27 فيبروري 1932ع جي پرچي ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ سجاول ۾ بورڊنگ هائوس سميت اي وي ڪلاس کوليا وڃن.

3- جون 1939ع جي پرچي ۾ دڙي ۾ انگريزي ڪلاس کولڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

(پ) مذهبي مسئلا:

نيٺ مذهبي نوعيت جي مسئلن، جهمپير جي مسجد ۽ مقام ڏاٻيجي جي مسجد ڪي ديوان چينراءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي چوڻ تي شهيد ڪرائڻ، مسجد خضر حيات ۽ مندر واري تنازعي، ڪيٽي بندر ۾ گابي تان هندو مسلم جهيڳڙو ٺٽي جي مسجد ولي نعمت ۽ دڙي ۾ قرآن شريف جي بي ادبي ۽ دڙي ۾ مسجد شهيد ڪرڻ وارن مسئلن کي "الوحيد" ۾ نمايان جڳهہ ملي.

"الوحيد" ٺٽي جي مسجد خضر حيات ۽ مندر واري تنازعي جي سلسلي ۾ پنهنجي اشاعت مؤرخہ 10 آگسٽ 1938ع ۾ 53 سال اڳ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي ڪيل فيصلي مؤرخہ 5 سيپٽمبر 1895ع جو عڪس شايع ڪري، هندن کي اهڙو سبق سيکاريو جو انهن وري مسجد خضر حيات سان هٿ چراند

### 7_ "الوحيد" کي ٺٽي ضلعي مان مليل امداد:

1930ع کان 1935ع تائين، "الوحيد" سخت مالي بحران ۾ رهي. انهيءَ عرصي دوران شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم جون مختلف وقتن تي امداد لاءِ اپيلون شايع ٿينديون رهيون. انهن اپيلن کان متاثر ٿي ٺٽي ضلعي مان الوحيد جي ڪيترن همدردن امدادي رقم موڪلي "الوحيد" سان پنهنجي لڳاءَ جو اظهار ڪيو.

جولاءِ 1931ع ۾ وڏيري محمد عثمان سومري ۽ امام بخش ڳاهي "الوحيد" جي امدادي فنڊ ۾ 52 رپيا جمع ڪرايا.

اهڙي ريت اپريل 1935ع ۾ سجاول مان جن دوستن "الوحيد" کي امداد موڪلي انهن جا نالا هيءَ آهن: علي محمد بلوچ، ميان محمد صديق، ميان عبدالله ميمڻ، ميان محمد قاسم طالب، احمد خان ميمڻ درزي، محمد حسين درزي، سيٺ محمد عثمان، ميان محمد صديق حجام، ميان محمد يوسف حجام، ميان محمد عثمان حجام، غلام فقير رازو ۽ ميان غلام عباس. محمد طالب دڙو (30_11_1931)

اپريل 1935ع ۾ جنگشاهيءَ مان "الوحيد" جي امدادي فنڊ ۾ هيٺين دوستن چندو ڏنو. سيد امين شاهه، حاجي عبدالجبار خان، سيٺ علي محمد، ميان الاهي بخش، ميان محمد سليمان، ميان مرزو خان، مباد عارف جوکيو، سيد محمد شاهه، جان محمد، ڪاپٽ خان، عبدالعزيز، عبدالرزاق، نور محمد درزي، فيض محمد، ڏتي بخش، احمد الدين جيئند خان، علي محمد داد، فقير محمد،صيفل جوکيو محمد هارون، عبدالحق، ماستر الهڏنو ۽ قل خان.

"الوحيد" تي پيل ڏنڊ ۾ 1938ع ۾ سيد عبدالرحيم شاهه سجاوليءَ 100 رپيا عطيہ طور ڏنا.

"الوحيد" جي ٻہ هزار رپيا ضمانت ۾ ميان احمد خان لائق پوري واري 11 آگسٽ 1920ع تي هڪ رپيو چندو ڏنو.

1935ع ۾ "الوحيد" کي هند_مسلم لائبريري ٻنون طرفان 25 رپيا امداد موڪلي وئي.

### 8_ "الوحيد" ۽ ٺٽي ضلعي جا مسئلا:

#### (الف) زرعي مسئلا:

ضلعي جي زرعي مسئلن کي ڪراچي ڊسٽرڪٽ زميندارس ۽

"الوحيد" جو فاتح سنڌ نمبر ۽ سنڌ آزاد نمبر اڄ بہ سنڌي ادب ۾ اهم مقام والارين ٿا. 1926ع کان 1947ع تائين، ٺٽي ضلعي جي جن عالمن اديبن ۽ شاعرن جو تخليقيون "الوحيد" جي زينت بڻيون اُهي آهن:

پير حسين القادري۔ ڪيٽي بندر: حضرت جعفر طيار 1947_12_22

ارباب گل محمد ميمڻ۔ دڙو: ڪامل نبي 1947_09_29

فضل حسين شيخ۔ سجاول: ڪاش منهنجو سر قبول پوي 1946_08_13۔ 1939_01_08

محمد جمن سمون۔ جوهڙ جمالي: ڪماليت ۽ زواليت 1932_09_01

ڏتي بخش ناقص۔ سجاول:

| نظم | مضمون |
|---|---|
| 1935_03_19 | 1935_11_03 |
| 1938_06_07 | 1935_07_28 |
| 1938_08_05 | 1935_03_16 |
| 1938_06_28 | 1935_07_03 |
| | 1935_08_11 |

زمان شاهہ ساقي: نظم 1929_06_23

ساقي سجاولي: مضمون 1947_12_01 1936_12_16

مولوي محمد ٻنوي: مضمون 1938_07_13 1935_12_27

نور محمد نور ساعراٽي: نظم 1945_04_18

ميان احمد صديق سونڊوي: مضمون 1926_12_10

سيد بچل شاهہ بخاري آف سجاول: مضمون 1938_05_11

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ طرفان 1935ع ۾ ظاهر ڪيل تعميري پروگرام جي سلسلي ۾ هيٺين دوستن جا "الوحيد" ۾ خط شايع ٿيا: مولوي محمد اشرف پيرپٺو محمد جمن پير ڏنو سمون تعلقو گهوڙاٻاري، ارباب غلام محمد هنگورجو جاتي، ملان اسماعيل ولد خليفو ملاح، جمع عباسي جاتي، محمد ابراهيم، محمد سومار شيخ شاهبندر، هڪ خادم قوم سجاول، غلام احمد ساقي سجاولي، ميان عبدالرحيم چوهڙ جماليءَ وارو محمد عارب، محمد خان پليجو ميرپور ڪاري وارو آريسر عبدالله هنگورجو زميندار جاتي.

### 4ـ "الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي جي پهرين خبر:

"الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي متعلق پهرين خبر 14 مئي 1920ع تي "خلافت ڪميٽيون، ضلعو ڪراچي" جي عنوان سان شايع ٿي. خبر هن ريت آهي:

ڪراچي ضلعي ۾ هينيون ڪميٽيون هيل تائين ڪم ڪري رهيون آهن.

صدر دفتر ـ ڪراچي

پريزيڊنٽ: فخر قوم سيٺ حاجي عبدالله هارون صاحب

سيڪريٽري: مسٽر محمد خان

سونڊا برانچ: پريزيڊنٽ: ميان محمد ايوب صاحب

سن برانچ: پريزيڊنٽ: سيد غلام مرتضيٰ شاهه

سيڪريٽري: آخوند محمد سمن صاحب

هن ڪان سواءِ سجاول ۾ ڊاڪٽر علي اڪبر صاحب، ميرپور بٺورو ۾ سيد حسين علي شاهه صاحب، بني ۾ مولوي محمد سليمان ۽ ڏڙي ۾ ميان محمد اسماعيل صاحب خلافت اسلامي جوش ۽ خلوص سان خلافت جو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اهي جلد باقاعده جماعت ناهي ان جي عهديدارن ڪان جمعيت خلاف اسلاميہ صوبي سنڌ کي آگاهه ڪندا ۽ بيا اهل ايمان بہ پاڻ کي گهٽ ثابت نہ ڪندا".

### 5ـ "الوحيد" جو ٺٽي ضلعي تي آيل پهريون ايڊيٽوريل:

"الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي سان تعلق رکندڙ هڪ واقعي تي 26ـ27ـ29 جون 1920 جي پرچن ۾ ايڊيٽوريل پڻ قلمبند ڪيا آهن، جنهن جو عنوان هو: "نوڪر شاهي جي ظلمن جو سلسلو". ٺٽي ضلعي جي ڪنهن مسئلي تي "الوحيد" جو هيءُ پهريون ايڊيٽوريل سيريز هو.

ايڊيٽوريل سجاول جي خلافتي ڪارڪن شيخ غلام حسين کي جاتيءَ جي مختيارڪار طرفان تنگ ڪرڻ ۾ ڪيس حسب بيجا ۾ رکڻ جي سلسلي ۾ لکيو ويو.

### 6ـ "الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي جا اديب ۽ شاعر:

"الوحيد" ڪا رکي اخبار نہ هئي پر اهو هڪ علمي پرچو بہ هو. "الوحيد" جي علمي ايڊيشن جي اهميت کان اڄ بہ ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي.

۽ عملي خدمتون ڪنهن کان بہ ڳجهيون ڪو نہ آهن. ٻيو شيخ ڏٽي بخش ناقص سجاولي هو جنهن 1935ع ۾ ”الوحيد“ ۾ سب ايڊيٽر تي ڪم ڪيو. شيخ صاحب مشهور سماجي، سياسي ۽ ادبي ڪارڪن هو. 1945ع ۾ ”الوحيد“ کان عليحده ٿي ويو. ٽيون سيد جمن شاهہ بيلوي پاڳارو هو جنهن پڻ ”الوحيد“ ۾ ڪجهہ وقت سب ايڊيٽر تي ڪم ڪيو.

3۔ (الف) ”الوحيد“ جا ايجنٽ۔ 1943ع

جيئن تہ ”الوحيد“ خلافتي اخبار تي ميدان صحافت ۾ آئي ۽ هر مسلمان تحريڪ جي ترجمان ٿي هندو ۽ سرڪار نواز اخبارن جو مردانہ وار مقابلو ڪري، پنهنجن هٿان ئي 1956ع ۾ هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي. ان ڪري اخبار هر مسلمان تحريڪ وٽ رهي. البتہ 1940ع کانپوءِ اسان کي ڪن ايجنٽن جا نالا ملي سگهيا آهن، اُهي هي آهن:

ٺٽو: محمد صديق هاشماڻي

سجاول: محمد اسماعيل عمراڻي

دڙو: محمد سليمان

ٻنورو: حڪيم غلام قادر

(ب) خاطو:

جيستائين خاطن ۽ نمائندن جو تعلق آهي تہ ”الوحيد“ جي هر خبر ڪنهن مسلمان ذريعي کان وصول ڪئي ويندي هئي. البتہ ڪن پرچن ۾ خاطن جا نالا ملي سگهيا آهن مثلاً:

آخوند جمن۔ جهرڪ

اسماعيل زرگر۔ دڙو

محمد موسيٰ زرگر۔ ٻنورو

مولانا محمد عمر ڪٽي۔ چوهڙ جمالي

”الوحيد“ 1936ع ۾ سنڌ آزاد نمبر شايع ڪيو. ان جي اسپيشل نمبر کي ڪپائڻ لاءِ ٺٽي ضلعي جي هيٺين شخصيتن کي اپيل ڪئي وئي.

سيد مهر علي شاهہ۔ سجاول

ميان عبدالرحيم ڪٽي۔ چوهڙ جمالي

محمد عثمان سومرو۔ ٺٽو

قاضي محمد الياس۔ ٺٽو

عبدالعزيز محمد سليمان هو ۽ ايڊيٽوريل ”پيغامِ الوحيد“ هو. جڏهن تہ اخبار سيٺ عبدالله هارون جي ذاتي خرچ سان ڇپبي هئي. ڊسمبر 1920ع ۾ قاضي عبدالرحمان کي انگريز سرڪار خلاف لکڻ جي ڏوهہ ۾ جيل موڪليو ويو ۽ ”الوحيد“ کان بہ هزار رپين جي ضمانت طلب ڪئي وئي ۽ اخبار کي ڪجهہ مهينن لاءِ بند ڪيو ويو.

مانٽيگو چيلمسفورڊ جي سڌارن کانپوءِ ”الوحيد“ جو نئين سر اجراءَ عمل ۾ آيو. انهيءَ وقت سر حاجي عبدالله هارون، ”الوحيد“ پريس ۽ اخبار مجلس خلافت کي تحفي ۾ ڏني. ان کانپوءِ اخبار خلافت ڪميٽيءَ جي خرچ سان هلندي هئي. سيٺ عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي اخبار جا صلاحڪار هئا.

اين عليگ کي اخبار جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. ٻي جنگ عظيم تائين شيخ عبدالمجيد سنڌي، قاضي خدا بخش، نبي بخش شيخ، الله بخش ٽالپر، رئيس علي محمد مري بلوچ، مولانا دين محمد وفائي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي مختلف دورن ۾ ”الوحيد“ جا ايڊيٽر ٿي رهيا ۽ انهن مان ڪيترا سرڪار جي مخالفت ۾ جيل بہ پڙ ويا.

ٻي جنگ عظيم دوران ”الوحيد“ کي هڪ لميٽيڊ ڪمپنيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو. جي ايم سيد، خان بهادر محمد ايوب کهڙو، سيد محمد حسن بخش، سر عبدالله هارون، محمود هارون ۽ يوسف هارون ان جا ڊائريڪٽر هئا. 1943ع ۾ سر عبدالله هارون جي وفات کانپوءِ محمد ايوب کهڙو اخبار جي ڊائريڪٽرن ۾ شامل ڪيو ويو. ان کان پوءِ اخبار جي پاليسيءَ ۾ ڪي قدر تبديلي آندي وئي.

1940ع کانپوءِ اخبار پاڪستان جي مطالبي جي سخت حمايت ڪئي ۽ پاڪستان جي خلاف هر تحريڪ جو منهن توڙ جواب ڏنو.

آزاديءَ کانپوءِ ”الوحيد“ ڪراچي جي سنڌ کان جدائي، پاڻي، ڪليم ۽ سنڌ جي ٻين مسئلن تي کلي اظهار ڪيو. 1956ع ۾ حڪومت جي خلاف لکڻ جي الزام ۾ مسلمانان سنڌ جي هن قديم اخبار کي بند ڪيو ويو.

## 2ـ ”الوحيد“ جي ادارتي عملي ۾ ٺٽي ضلعو جو حصو:

”الوحيد“ جي ادارتي عملي ۾ ٺٽي ضلعي جي جن شخصيتن ڪم ڪيو. انهن ۾ سرفهرست شيخ عبدالمجيد سنڌي آهي، جنهن جون سماجي

# الوحيد ۾ نئين ضلعي جي ڪوريج

اوڻويهين صديءَ جي آخر ۾ سنڌي صحافت ۾ سنڌ سڌار اڪيلي اخبار هوندي هئي، جيڪا بمبئي پريزيڊنسيءَ جي شعبي تعليم طرفان نڪرندي هئي. ان کان پوءِ هن صديءَ جي اوائل ۾ "هندو" نالي اخبار نڪتي. سنڌ سڌار ۽ هندو ۾ اڪثر خبرون سرڪاري نوعيت ۽ هندو نوازيءَ جون ڇپبيون هيون. ان وقت فقط "الحق" سکر مان هڪ هفتہ روزه نڪرندي هئي، جيڪا مسلمانن جي اخبار لکيبي هئي، پر اها بہ پنهنجي سخت پاليسيءَ سبب ڪڏهن بند ڪڏهن جاري هوندي هئي.

23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ هڪ مرڪزي خلافت ڪميٽي قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ خلاف جو ڪم زور شور سان ڪرڻ گهرجي.

ان وقت سنڌ ۾ ڪا بہ اهڙي اخبار نہ هئي، جيڪا انهيءَ تحريڪ کي اڳتي وڌائي. جنوري 1920ع ۾ حيدرآباد ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي. ان ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ جي مسلمانن طرفان هڪ روزانہ سنڌي اخبار جاري ڪجي. شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين ساٿين جي تعاون سان سلطان عبدالوحيد جي مناسبت سان الوحيد اخبار جاري ڪئي وئي، جنهن جو پهريون پرچو 16 مارچ 1920 تي شايع ٿيو. پهرين پرچي جي سري تي قرآن شريف جي آيت لکيل هئي. الوحيد جي مونو گرام هيٺيان لکيل هو: "خلافت اسلاميہ جي متعلق مسلمانن کي ضروري واقفيت پهچائيندڙ هندو مسلم اتحاد ۽ هندستان جي آزادي جي حامي مسلمانن کي سندن ضرورتن کان واقف ڪندڙ حڪومت جو سچو مشير، رعيت جي خيالن جي صحيح ترجماني ڪندڙ".

"الوحيد" جو پهرين ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان ۽ پبلشر شيخ

باعث ان کان الڳ ٿي ويو. سندس اهڙو انٽرويو ”الوحيد“ جي 24 ڊسمبر 1938ع واري شماري ۾ شايع ٿيو.

”الوحيد“جي 13 جولاءِ 1938ع واري اشاعت ۾ دڙي جي غلام علي محمد سومار، حاجي عبدالله ميمڻ، الهڏنو نارو خان سومرو ۽ ٻين ٻارهن ڄڻن جو هڪ خط شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ انهن ڪانگريس جي مسلم دشمنيءَ کي ننديندي ان کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو آهي.

## آل انڊيا هندو مهاسڀا:

هن فرقہ پرست هندو جماعت جي سنڌ شاخ ويرو مل بيگراج قائم ڪئي. ”الوحيد“ ۾ ٺٽي ضلعي جي ڪنهن بہ مها سڀائي ڪارڪنن جو نالي سان تذڪرو نٿو ملي. البتہ مختلف موقعن تي هندن طرفان مسلمانن تي زيادتيون ڪرڻ وارين خبرن ۾ ڪانگريس ۽ مها سڀائين کي مورد الزام ضرور ٺهرايو ويو آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ٺٽي ضلعي ۾ پڻ مهاسڀا جو اثر هو.

## آل انڊيا خاڪسار پارٽي:

آل انڊيا خاڪسار پارٽي سنہ 1932ع ۾ علامہ عنايت الله مشرقيءَ قائم ڪئي. سنڌ خاڪسار پارٽيءَ جو امير غلام محمد پرڳڙي هو. ٺٽي ضلعي ۾ خاڪسار تحريڪ جي شروعات سيد بچل شاهہ ٺٽويءَ ڪئي، جيڪو سنڌ خاڪسار جو بنيادي ميمبر هو. ٻيلي تعلقي سجاول جو عبدالرحيم ڏيئو (پروفيسر) پڻ خاڪسار جماعت سان وابستہ هو.

ٻئي طرف هجرت تحريڪ کي بند ڪرڻ جي لاءِ انگريز حڪومت هر شهر ۾ امن سڀائون قائم ڪيون ۽ انهن طرفان انگريزن ۽ ترڪيءَ جي درميان ٿيل صلح تي جشن ملهائڻ شروع ڪيا ويا. سنڌ جي عالمن اهو موقف اختيار ڪيو تہ انگريزن ترڪي سان جيڪو صلح ڪيو آهي ان ۾ عالم اسلام جي جذبات جو ڪو بہ خيال نہ رکيو ويو آهي. ان ڪري جشن صلح ۾ شرڪت حرام آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪڍيل هڪ فتوي تي صحيح ڪندڙن ۾ هتان جو مشهور عالم مولانا حاميد الله ٻيلوي پڻ شامل هو.

هوڏانهن "امن سڀائن" خلاف بہ تحريڪ زور وٺڻ لڳي. سنڌ جي 33 عالمن هڪ فتوي ۾ ڄاڻايو تہ "جيڪو امن ڪميٽيءَ ۾ شامل ٿيو تہ جڻ ان ڪافرن جي مدد ڪئي". انهيءَ فتوي تي صحيح ڪندڙن ۾ هن ضلعي جو جيد عالم مولوي محمد سليمان ٻنوي بہ شامل هو. فتوي جي روشنيءَ ۾ نئي ضلعي مان برکو خان زميندار گجو ۽ مولوي محمد هاشم آف گهوڙاٻاري، امن سڀائن تان استيعفا ڏئي خلافت ڪميٽين سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

1925ع کان 1931ع تائين اسان کي شارڊا ائڪٽ ۽ سکر ٻئراج جي واهن ۾ آيل مسجدن جي شهيد ٿيڻ خلاف ٺٽي ضلعي جي مسلمانن جي جذبات جون رپورٽون ملن ٿيون.

### آل انڊيا ڪانگريس:

آل انڊيا ڪانگريس پارٽيءَ جي 1920ع ۾ سنڌ برانچ کولي وئي، جنهن جو صدر ڊاڪٽر چوئٿرام هو. ڊاڪٽر صاحب جي طوفاني دورن سبب ٺٽي ضلعي ۾ ڪانگريس جون شاخون قائم ٿيون جن ۾ ٺٽو سجاول، دڙو ۽ ٻنون شاخن جي ڪارڪردگي خاصي بهتر رهي. "الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ ٺٽي ۾ ڪانگريس جو وجود 1931ع ڌاري پيو. ٺٽي ڪانگريس جو صدر ڀائي وليداس ڪندن ۽ سيڪريٽري ڊاڪٽر ٺاڪر داس هو. نهچلداس وزيراڻي ۽ وڏيرو محمد عثمان سومرو سنڌ ڪانگريس جا مکيہ ڪارڪن شمار ٿيندا هئا. ٻني ڪانگريس 1937ع ۾ وجود ورتو. ارباب نور محمد پليجو ان جو روح روان هو. مهاراجا شنڪرداس سرگرم ڪارڪنن هو. سجاول ڪانگريس ۾ غلام احمد خاصخيلي "ساقي سجاولي" ۽ سيٺ هزاري مل سنا ڪارڪن هئا. ميرپور ٻٺوري ۾ ڪانگريس کي مولانا محمد عثمان ڪتيءَ مقبول بڻايو پر پاڻ 1938ع ۾ ڪانگريس جي مسلم دشمنيءَ

جنهن مطابق ڏيهي ماڻهن سرڪاري لقب ۽ خطاب ڦٽا ڪري ڇڏيا، نوڪرين کان استعيفائون ڏنيون ويون ۽ مدرسن گرانٽون وٺڻ بند ڪري ڇڏيون. عام ماڻهن محصولن ۽ ڍلن ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

"الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ نئين ضلعي ۾ بہ انهي تحريڪ جو سنئو اثر رهيو. انهيءَ وقت برصغير جي عالمن ترڪ موالات جي سلسلي ۾ جيڪا فتويٰ ڪڍي هئي، انهيءَ تي دستخط ڪندڙن ۾ هن ضلعي جو حافظ محمد احمد سونڊوي بہ شامل هو. تحريڪ ترڪِ موالات جي سلسلي ۾ آخوند محمد عمر، قاضي محمد محفوظ، قاضي عبدالڪريم سونڊوي، حافظ محمد يوسف شورو ۽ مولوي محمد حسن پنهنجن مدرسن جي گرانٽ وٺڻ بند ڪري ڇڏي، ميان محمد خان نائب ماستر مگينلڊو گگو ۽ مرزا عبدالمجيد ٽپيدار بنورو پنهنجين نوڪرين تان استيعفا ڏئي ڇڏي.

انهن کانسواءِ محمد ايوب زرگر سونڊوي ۽ حاجي خميسو، حاجي ابراهيم، بقادار شاهہ، غلام محمد شاهہ، صابو عبدالله ڪڏائي، حاجي داد محمد جاڪرو ۽ محمد صديق صاحب جاڪرو اسڪول ميمبري ۽ سينيٽري بورڊ سونڊا ۽ جهرڪ جي ميمبريءَ تان استيعفا ڏني ۽ ڪمشنر صاحب جي دربار ۾ مليل ڪرسي ۽ پروانو ڇڏي ڏنا. انهن سيني مجاهدن کي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙيءَ جي آفيس ۾ طلب ڪيو ويو ۽ انهن کي ايئن ڪرڻ کان منع ڪئي وئي، جڏهن اهي نہ ميچيا تہ انهن کي ڌهن ڏينهن تائين آفيس ۾ ويهاريو ويو. ان تي "الوحيد" 12 سيپٽمبر 1920ع تي "هڪ ڪاري ڪاموري جو ڪورو غرور" نالي ايڊيٽوريل لکي انگريز سرڪاري کان مطالبو ڪيو تہ اهڙي غلط قسم جي ڪاموري کي ڪڙي سزا ڏني وڃي.

**هجرت تحريڪ:**

خلافت تحريڪ کي زور وٺائڻ جي لاءِ هندستان جي مسلمان عالمن فيصلو ڪيو تہ انگريز حڪومت کي وڏيڪ دباءُ وجهڻ جي لاءِ هجرت تحريڪ شروع ڪئي وڃي ۽ مسلمان هندستان مان هجرت ڪري، ٻئي پاڙيسري مسلمان ملڪ ڏانهن وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا سنڌ هجرت ڪميٽي ٺاهي وئي، ان جي ميمبرن ۾ مولانا تاج محمد امروٽي، پير رشد الله شاهہ، سيد تراب علي شاهہ، رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي نئتوي شامل هئا.

افتخار هندّ منهنجي بي بي امان، مرحبا.
مشعل راهِ، هدايت، هر، حسين احمد جو لفظ
هن ڪيو راهه خدا ۾ پاڻ قربان، مرحبا.
حاميءِ دين خداء مصطفيٰ، محمد علي،
هن جي هر تحريڪ آ، حسن، ايمان مرحبا.
پاڻ، ساقي تون ۽ پنهنجي قوم جي پاران بہ چؤ
رهبرانِ قوم کي دادِ دل و جان، مرحبا.

هي نظم الوحيد جي 24 مارچ 1924ع واري پرچي ۾ صفحي اول تي شايع ٿيو.

**جمعيت العلماء:**

تحريڪ خلافت دوران برصغير جي عالمن پاڻ کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ "جمعيت العلماء هند" وجود ۾ آئي، جنهن جون شاخون سڄي هندستان ۾ قائم ٿيڻ لڳيون. ٺٽي ضلعي ۾ ٺٽو سونڊا، سجاول، ميرپور بٺورو ۽ ٻنون ۾ جميعت جون شاخون قائم ٿيون. "الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ تحريڪ خلافت ۾ ڪم ڪندڙ علماء ڪرام جو اڪثر طبقو جميعت سان وابستا هو. جمعيت جي ڪمن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندڙن ۾ مولوي فتح علي جتوئي، مولانا حاميد الله ٻيلوي، مولانا محمد نور ٻيلوي، مولانا محمد عثمان ٻنورائي، مولانا محمد سليمان ٻنوي، مولانا محمد حسين ٺٽوي ۽ قاضي محمد صالح سونڊوي شامل رهيا. "الوحيد" ۾ جميعت جي ڪارگذارين کي نمايان جڳهہ ملندي رهي. جميعت العماء ضلعي ڪراچيءَ جي ساليانى جلسي مورخہ 19 جنوري 1930ع بمقام سجاول جي مڪمل رپورٽ پورن ٻن صفحن تي الوحيد جي 14 فبيروري 1930ع واري پرچي ۾ شايع ٿي، جنهن ۾ پنڊت ڌرم ٻڪشوري جي ڪتاب "ڪلام الرحمان" تي مذمت جو اظهار ڪيو ويو ۽ "ڳئون جي ذبح تي بندش" بابت مرڪزي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ کي مسلمانن جي مذهبي ۽ اقتصادي حقن ۾ ناقابل برداشت دست اندازي قرار ڏنو ويو.

**ترڪ_ موالات:**

تحريڪ خلافت جي ڏينهن ۾ ئي "تحريڪ ترڪِ موالات" شروع ٿي،

شيخ ڏني بخش ناقص سجاولي، ڊاڪٽر علي اڪبر آ ف سجاول، عثمان زرگر آف دڙو علي محمد لائقپور، سومار قادر ڏنو آف ٺٽو سيد زمان شاهہ ”ساقي“ مهدوي ٺٽوي، مولانا حسين ٺٽوي، قاضي عبدالڪريم سونڊوي، ميان احمد صديق سونڊوي، قاضي محمد صالح سونڊوي، مولوي محمود ولهاڙي، مولانا محمد هاشم گجائي ۽ مولوي اشرف آف پير پٺو.

خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ ۽ انگريز سرڪار جي خلاف تقريرون ڪرڻ جي الزام ۾ مولوي فتح عليءَ کي هڪ سال، مولانا محمد يوسف بنويءَ کي 8 مهينا علي محمد دڙائي ۽ مولوي محمد عثمان بنورائيءَ کي ڇهہ ڇهہ مهينا قيد و بند جون مصيبتون برداشت ڪرڻيون پيون. هڪ طرف جانثاريءَ جو اهو عالم هو تہ ٻئي طرف سرڪار جا همدرد خلافت جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ ”الوحيد“ جي 4 جولاءِ 1920ع واري پرچي ۾ دڙي جي ارباب حاجي خميسو خان طرفان تحريڪ خلافت جي ڪمن ۾ رڪاوٽن وجهڻ جي خلاف هڪ ادارتي تبصرو آيو آهي.

خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ هونئن تہ ”الوحيد“ ۾ ڪيترين ئي رپورٽون ملنديون پر مکيہ رپورٽن ۾ ”ٺٽي ۾ جلسءِ خلافت“ جي عنوان سان 12۽ 13_1920ع وارن پرچن ۾ هڪ تفصيلي رپورٽ شايع ٿي آهي.

خلاف جي ڏينهن ۾ سيد زمان شاهہ ”ساقي“ ٺٽوي شاعرِ خلافت ڪوٺبو هو. ٺٽي ۾ خلافت جو ڪو بہ جلسو هن جي شعر کانسواءِ اڻپورو ليکبو هو.

مارچ 1924ع ۾ برصغير جا چند مسلم رهنما، جن ۾ مولانا محمد علي، مولا شوڪت علي ۽ مولانا حسين احمد ۽ ٻيا شامل هئا. دهليءَ کان ڪراچيءَ اچي رهيا هئا تہ ڪراچي ضلعي خلافت ڪميٽي مرڪزي صدر دفتر سجاول طرفان سيد زمان شاهہ ”ساقي“ طرفان معزز رهنمائن جي شان ۾ جنگشاهي ريلوي اسٽيشن تي هيٺيون نظم بطور ائڊريس پيش ڪيو. نظم جون چند مصرعون هي آهن:

سنڌ جي لئہ سعد تي، رفتارِ دوران، مرحبا
سرزمين سنڌ تي، رشڪِ گلستان، مرحبا.
شل خداءِ دوجهان بخشي اوهان کي عمر نوح،
بِسرَ تي اعداء جي هجو تيغ، بتران، مرحبا.
ڇوءِ ڪري غير از خدا، پيو قدر قرباني جو ڪير؟

ڪراڻ جو مسئلو مسجد خضر حيات ۽ صدر وارو تنازعو ڪيٽي بندر ۾ گابي تان هندو مسلم جهيڙو ٺٽي جي مسجد ولي نعمت جو مسئلو دڙي ۾ قرآن شريف جي بي ادبي ۽ انجنيئري ڪاتي طرفان مسجد شهيد ڪراڻ وارن مسئلن کي الوحيد ۾ نمايان جڳهه ملي. "الوحيد" ٺٽي جي مسجد خضر حيات ۽ مندر واري تنازعي تي خوب لکيو انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي اشاعت مورخه 10 آگسٽ 1938ع ۾ 53 سال اڳ جو هندن ۽ مسلمانن جي ڪيل فيصلي مورخه 5 سيپٽمبر 1895ع جو عڪس شايع ڪري, هندن کي اهڙو سبق سيکاريو جو اهي هميشه جي لاءِ خاموش ٿي ويا. انهيءَ فيصلي تي مسلمانن طرفان قاضي فضل الله ٺٽوي ۽ هند طرفان مهراج پيتامبرداس اوجها ۽ سرڪار طرفان مسٽر بولٽن, پريزيڊنٽ ٺٽي ميونسپل جون صحيحون ٿيل هيون. مقامي سطح تي مذهبي مسئلن کي حل ڪرڻ يا انهن متعلق آواز اٿارڻ يا معاشري جي اطلاح ڪرڻ ۾ هيٺيون جماعتون سرگرم هيون:

انجمن خادم الاسلام دڙو (صدر: محمد يعقوب عباسي), انجمن اصلاح بنون (صدر: مولوي محمد يوسف بنوي), انجمن مجاهدان اسلام ٺٽو (جنرل سيڪريٽري: شفيع محمد), سيرت ڪميٽي دڙو (سيڪريٽري: محمد اسماعيل زرگر), انجمن حيات اسلام جنگشاهي (صدر: سيد امين شاهه), انجمن تحفظ شريعت ڪيٽي بندر (صدر: سيد محمود شاهه قادري), مسلم جماعت جهرڪ (صدر: ؟) جهمپير وقف ڪميٽي (صدر: مولانا غلام محمد), تنظيم المسلمين بنون (مولوي محمد سليمان), دابيچي مسجد ڪميٽي (صدر: پير غلام مرتضيٰ سرهندي), تبليغي ڪميٽي سجاول (صدر: مولوي محمدعثمان) ۽ مسلم جماعت ٺٽو (قاضي محمد حسين).

"الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي متعلق جيڪا سي ڪان اڳ ۾ خبر ڇپي ان جو تعلق پڻ تحريڪ خلافت سان هو. "الوحيد" جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته موجوده ٺٽي ضلعي ۾ ٺٽو سجاول, ميرپور بٺورو لائقپور جهرڪ, دڙو بڍو ٽالپر, سونڊا, بيلو گجو گليل, سونيارا تعلقو ٺٽو بنون, ڪوٽ عالمون, جهرڪ, جهمپير, مگسيلڏو گگو ۽ گنج ولهار ۾ خلافت ڪميٽيون قائم هيون. ضلعي ۾ تحريڪ خلافت جا ڪيئن سرگرم ڪارڪن رهيا. جهڙوڪ: شيخ عبدالمجيد سنڌي, غلام حاميدالله لاڙائي, مولوي فتح علي جتوئي, مولانا محمد عثمان ڪٽي بنورائي, شيخ غلام حسين آف سجاول,

پليجو)، هاري ڪميٽي دڙو (صدر: شيخ عبدالله) ۽ هاري ڪميٽي سجاول (صدر: محمد عارف بلوچ).

(ب) تعليمي مسئلا:

ڪراچي ضلعي جي اندروني علائقن جي تعليمي حالت تي تبصرو ڪندي اداره "الوحيد" طرفان 27 فيبروري 1936ع جي پرچي ۾ مطالبو ڪيو ويو ته سجاول ۾ بورڊنگ هائوس سميت اي ون ڪلاس کوليا وڃن. 3 جون 1939ع واري پرچي ۾ دڙي ۾ انگريزي ڪلاس کولڻ جو مطالبو ڪيو ويو. "الوحيد" ۾ پرائمري اسڪول سجاول بيلو چوهڙ جمالي، جاتي، سنڌو بندر ميرپور بنورو دڙو بنون، راهوٽ، ابڙال، جهرڪ، ٺٽو گجو ساڪرو ٻهارا ۽ ڪيٽي بندر جي سالياني تقريبن جون رپورٽون ملن ٿيون.

شاگردن جي مسئلن کي پيش ڪرڻ ۽ شاگردن وسيلي تحريڪ پاڪستان جي راءِ عامه هموار ڪرڻ جي سلسلي ۾ هيٺيون جماعتون پيش پيش رهيون: سنڌ محمدن ايسوسيئيشن برانچ ٺٽو (صدر: سيد شاهه نواز شاهه ولد نجف علي شاهه)، مسلم اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن ٺٽو (صدر: عبدالحئي عقيلي)، اسٽوڊنٽس ٽائون ڪلب ٺٽو (صدر: علي بخش عقيلي)، مسلم اسٽوڊنٽس يونين سجاول (صدر: غلام محبوب شاهه بخاري) ۽ مسلم اسٽوڊنٽس يونين دڙو (صدر: عبدالغفور ميمڻ).

ديني تعليم جي سلسلي ۾ هيٺين مدرسن جو ذڪر اڪثر ڪري "الوحيد" ۾ ملي ٿو. مدرسه هاشميه سجاول (سرپرست: سيد عبدالرحيم شاهه)، مدرسه جامع العلوم بنون (سرپرست: مولانا محمد سليمان بنوي)، مدرسه اسلاميه فيض احمدي سونڊا (باني: مولوي احمد بخاري)، مدرسه رحمانيه جهمپير (ناظم: مولوي غلام محمد)، مدرسه اسلاميه بنون (ناظم: مولانا محمد يوسف)، مدرسه اسلاميه ولهار (ناظم: مولوي عبدالله ولهاري)، مدرسه اسلاميه لاڏيون (ناظم: مولوي مير محمد جتوئي ٽنڊو).

مدرسن جي شاگردن جي مسئلن کي حل ڪرائڻ ۾ انجمن جمعيت لطلباءِ مدرسه هاشميه سجاول (صدر: مولوي محمد عارف) ۽ تحريڪ سرفروش سجاول (صدر: مولوي علي محمد) جو ذڪر "الوحيد" ۾ اچي ٿو.

(ث) مذهبي مسئلا:

مذهبي نوعيت جي مسئلن ۾ جهمپير جي مسجد ۽ مقام جو مسئلو دابيجي جي مسجد کي ديوان چينراءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي چوڻ تي شهيد

فضل حسين لائبريري ڏڙو (سرپرست: محمد سومار) مسلم لائبرري ٺٽو (سرپرست: نبي بخش عقيلي) اداره مخزن ادب ٺٽو (سرپرست: ؟)، بزم ادب ٺٽو (صدر: سيد مراد علي شاهه شيرازي) ۽ سنڌي ادبي سنگت ٻنون (سرپرست: ساقي سجاولي).

### "الوحيد" ۽ ٺٽي ضلعي جا مسئلا:

"الوحيد"، سنڌ جي مسلمانن جي ترجمان هئڻ جي حيثيت سان ٺٽي ضلعي جي مسئلن تي بہ لکيو. مکيہ مسئلا هيٺيان هئا:

**(الف) زرعي مسئلا:**

12 نومبر 1927ع واري پرچي ۾ ادارت "الوحيد" طرفان سجاول ۽ ٻنوري ۾ سخت بارش پوڻ سبب ڍلن جي عام معافيءَ جو مطالبو ڪيو ويو. 2۔ مارچ 1936ع واري پرچي ۾ ڪراچي ضلعي جي ٻيلن ۽ ان ۾ رهندڙ پاڳين جي تڪليفن بابت خبر آئي، جنهن ۾ چاٽايو ويو تہ پنچري جون فيون گهٽايون وڃن ۽ رات جو مال جي چرڻ تي جيڪي بندشون آهن سي لاٿيون وڃن. 25 جون 1936ع واري اشاعت ۾ جهرڪ وٽ ٻئريج تعمير ڪرڻ لاءِ ادارتي نوٽ شايع ٿيو.

ضلعي جي عام زرعي مسئلن کي ڪراچي ڊسٽرڪٽ زميندارس ۽ جاگيردارس ايسوسيشن پنهنجي هٿ ۾ڪنيو ۽ "الوحيد" ۾ ايسوسيئيشن جون مڪمل ڪاروايون شايع ٿينديون رهيون. تعلقي سطح تي زرعي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ جيڪي جماعتون سرگرم رهيون ۽ جن جو ذڪر "الوحيد" ۾ ملي ٿو اهي هيون: زميندار پبلڪ ايسوسيئيشن ڳوٺ ڪڏائي (صدر: سيد بچل شاهه)، ڪوهستان زميندار ايسوسيئيشن جهمپير (صدر: محمد حسين شورو)، جاتي زميندار ايسوسيئيشن (صدر: رئيس حاجي عثمان ملڪاڻي)، شاهبندر زميندار ايسوسيئيشن (صدر: رئيس خير محمد چانڊيو)، ٺٽہ زميندار ايسوسيئيشن (صدر: سيد اسد الله شاهه حسين) ۽ ٻنورو زميندار ايسوسيئيشن (صدر: محمد جعفر خواجہ).

پاڳين ۽ هارين جي مسئلن متعلق هيٺيون جماعتون سرگرم رهيون: ڪراچي ضلعي مالدار ايسوسيئيشن (صدر: حاجي مير محمد بلوچ)، پاڳيا ڪميٽي ٻنون (صدر: مولوي محمد يوسف)، پاڳيا ڪميٽي سونڊا (صدر: مولوي عبدالحڪيم)، لاڙ هاري ڪانفرنس ٻنون (صدر: ارباب نور محمد

## "الوحيد" جو ادارتي عملو ۽ ٺٽو ضلعو:

"الوحيد" جي ادارتي عملي ۾ ٺٽي ضلعي جي جن شخصيتن ڪم ڪيو انهن ۾ سرفهرست شيخ عبدالمجيد سنڌي آهي، جنهن جون سياسي، سماجي، علمي ۽ صحافتي خدمتون ڪنهن بہ سنڌ واسي کان ڳجهيون نہ آهن. ٻيو شيخ ڏتي بخش ناقص سجاولي هو، جيڪو 1935ع کان 1945ع تائين "الوحيد" ۾ سب ايڊيٽر تي رهيو. شيخ صاحب مشهور سماجي، سياسي ۽ ادبي ڪارڪن هو. ٽيون سيد جمن شاهہ پاڳارو ٻيلوي، هو جنهن پڻ "الوحيد" ۾ ڪجهہ وقت سب ايڊيٽر تي ڪم ڪيو.

## "الوحيد" ۾ ٺٽي ضلعي جو علم و ادب:

"الوحيد" ڪا رڳي اخبار نہ هئي، پر اهو هڪ علمي پرچو بہ هو. "الوحيد" جي علمي ايڊيشن کان ڪو بہ عالم يا اديب انڪار ڪري نٿو سگهي. "الوحيد" جو "فاتح سنڌ نمبر" ۽ "سنڌ آزاد نمبر" اڄ بہ سنڌي ادب ۾ نمايان جڳهہ والارين ٿا.

1926ع کان 1941ع تائين ٺٽي ضلعي جي جن شخصيتن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جون تخليقون "الوحيد" جي زينت بڻيون اهي هي آهن: شيخ عبدالمجيد سنڌي، ميان احمد صديق، سونڊوي، سيد زمان شاهہ ساقي مهدوي ٺٽوي، محمد جمن سمون چوهڙ جمالي، ڏتي بخش ناقص سجاولي، ساقي سجاولي، مولوي محمد ٻنوي، سيد ٻچل شاهہ بخاري آف سجاول، فضل حسين شيخ سجاول، ارباب گل محمد ميمڻ دڙو، پير حسين القادري ڪيٽي بندر ۽ عبدالله رنگريز ٻنورو.

شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ طرفان 1935ع ۾ ظاهر ڪيل تعميري پروگرام جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي هيٺين شخصيتن جا تائيدي خط شايع ٿيا: مولوي محمد اشرف پير پٺو، محمد جمن پير ڏنو سمون چوهڙ جمالي، ارباب غلام محمد هڱورجو جاتي، ملان اسماعيل عباسي جاتي، محمد ابراهيم محمد سومار شيخ شاهہ بندر، هڪ خادم قوم سجاول، غلام احمد ساقي سجاولي، ميان عبدالرحيم صباغ چوهڙ جمالي، محمد عارب محمد خان پليجو ميرپور ڪاري وارو ۽ آريسر عبدالله هڱورجو جاتي.

"الوحيد" ۾ هن ضلعي جي جن بہ عالمي ادارن جو ذڪر ايندو رهيو اُهي هئا: هندو مسلم لائبرري ٻنون (سرپرست: ارباب نور محمد پليجو)، سر

# ”الوحيد“ جي حوالي سان: ٺٽي ضلعي جو ٽيهه سالا سماجي ۽ سياسي جائزو“

(1920ع ـ 1950ع)

سنڌي صحافت ۾ ”الوحيد“ جي ڪردار کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. ”الوحيد“ جو قيام حيدرآباد خلافت ڪانفرنس 1919ع جي فيصلي مطابق شيخ عبدالمجيد سنڌي ٺٽوي ۽ ٻين ساٿين جي تعاون سان سلطان عبدالوحيد جي نالي جي مناسبت سان عمل ۾ آيو. ”الوحيد“ جو پهريون پرچو 15 مارچ 1920ع تي شايع ٿيو ۽ اها 1956ع تائين باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندي رهي.

ميرپور ٻٺوري جي هڪ ادبي دوست غلام محمد جوهر جي وڏن ”الوحيد“ جي پرچن کي محفوظ ڪري جڻ تہ سنڌ جي تاريخ کي محفوظ ڪيو. هن وقت ”الوحيد“ جا اهي پرچا سنڌ الاجي ۾ محفوظ آهن. هي مقالو ”الوحيد“ جي مدد سان ئي لکي سگهيو آهيان.

”الوحيد“ ابتدا کان انتها تائين سنڌ جي مسلمانن جي مسئلن کي کنيو. هر تحريڪ, جيڪا مسلمانن جي فائدي ۾ هئي, ”الوحيد“ ان جي ترجمان ٿي ڪم ڪيو. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اها ”الوحيد“ هئي, جنهن سنڌ جي مسلمانن کي تحريڪ پاڪستان کان آگاهہ ۽ ان لاءِ آماده ڪيو.

آزادي کانپوءِ ”الوحيد“, ڪراچي جي سنڌ کان جدائي سنڌ ۾ مهاجر آباد ڪاري, ٻولي, پاٽي, ڪليمن ۽ سنڌ جي ٻين مسئلن تي کليل لفظن ۾ اظهار ڪيو.

ضعيف العمريءَ جي باوجود اسلامي آئين لاءِ پتوڙيندو رهيو. هن انهيءَ سلسلي ۾ ”مجلس العلماءِ پاڪستان“ جو بنياد وڌو. جنهن جو مقصد هو تہ علماءِ ڪرام حڪومت سان تعاون ڪري پاڪستان جو ايندڙ آئين اسلامي خطوط تي استوار ڪن. مولانا، جو خود اسيمبليءَ جو ميمبر هو تنهن ۽ مجلس العماءِ پاڪستان ڪوشش ڪري ”قرارداد مقاصد“ پاس ڪرايو. قرارداد پاڪستان جي بحالي جي موقعي تي تقرير ڪندي، مولانا مرحوم چيو تہ: ”اسلام هڪ مڪمل نظام حيات آهي، پاڪستان انهيءَ نظام حيات کي اختيار ڪرڻ لاءِ ورتو ويو آهي ۽ پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت ئي عالم اسلام کي متحد ڪري سگهندي“.

عالم اسلام جو هي جيد عالم، فاضل مفڪر ۽ مدبر، تحريڪ پاڪستان جو بيباڪ مجاهد. بهاولپور ۾ 13 ڊسمبر 1949ع ۾ بروز اڱارو ٻارهين وڳي منجهند جو حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب انتقال ڪري ويو. سندس لاش ڪراچيءَ آندو ويو. مولانا مفتي محمد شفيع نماز جنازه پڙهائي. اهڙي نموني تحريڪ آزاديءَ جو هڪ زرين بابت هميشہ لاءِ پيوند خاڪ ٿي ويو.

خدا رحمت کنند اين عاشقان پاڪ طينت را.

مضمون کي ختم ڪرڻ کان اڳ پاڪستان جي موجوده سياسي حالت متعلق علامہ جي هڪ تقرير جو اقتباس پيش ڪجي ٿو:

”توهان سڀ ڄاڻو ٿا تہ تحريڪ پاڪستان دوران مختلف تڪليفن تي اسان صرف قرآن ۽ اسلام جي نالي سان فتح حاصل ڪئي هئي. هاڻي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ جنهن شئي جي نالي ۾ ايڏي ڪرامت آهي، انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ڇا نہ حاصل ٿيندو...“(مشرق ڪراچي، شوڪت اسلام نمبر، 1970ع)

”انهيءَ ڳالهہ کي ڪڏهن بہ نظرانداز نہ ڪيو وڃي تہ دؤر جديد ۾ اقتصاي ناهموارين جي سبب ڪميونزم ۽ سوشلزم مقبوليت حاصل ڪندا پيا وڃن. صرف اسلام ئي ڪميونزم ۽ سوشلزم جو مقابلو ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان اهو چاهيون ٿا تہ پاڪستان ۽ عالم اسلام کي ڪميونزم کان محفوظ ڪيو وڃي تہ انهيءَ جو علاج صرف هيءُ آهي تہ پاڪستان ۾ اسلامي اصولن تي مشتمل حڪومت قائم ڪئي وڃي“. (البلاغ آگسٽ 68 ص_33).

ذڪر ڪيو آهي. پشاور ۾ ريفرنڊم تحريڪ دوران مولانا عثمانيءَ تقرير ڪندي چيو تہ "مسلم ليگ. تاقيام رهڻ تائين وجود ۾ آئي آهي. جيڪڏهن ڪو هي سمجهي ٿو تہ "بهار" جي واقعن سان مسلمانن کي ختم ڪري ٿو سگهجي تہ اها حماقت آهي. مسلمان قوم انهيءَ کان وڏيڪ طوفان انگيز انقلابن مان گذري آهي ۽ اهڙين هزارين خونخوار جنگين مان فاتح ٿي نڪتي آهي. حقيقت ۾ جيترو هن قوم کي ڪچليو ويو اوترو ئي اها قوم طاقتور بڻي آهي. (نواءِ وقت، جولاءِ 47)

سلهٽ جي ريفرنڊم واري انتخابي مهم ڏانهن روانو ٿيڻ کان اڳ ۾ مولانا ظفر احمد عثماني هڪ خواب لڌو. مولانا، اهو خواب مولانا عثماني مرحوم کي ٻڌائيندي چيو تہ: "آئون ڏسان ٿو تہ مولانا حسين احمد مدني صاحب جو جنازو ٿاڻہ ڀون ۾ خانقاهہ جي اندر مولانا اشرف علي ٿانويءَ جي اڳيان آندو ويو آهي.(مولانا جي انتقال کي ڪافي عرصو ٿي ويو هو) آئون ان وقت توهان جي ڪمري ۾ ڪنهن ڪم ۾ مشغول آهيان. ايتري ۾ مولانا اشرف علي ٿانوي وينلن کان پڇي ٿو تہ ظفر احمد ڪٿي آهي. ان کي چئو تہ جنازي نماز پڙهائي. مون مولانا حسين احمد جي جنازي نماز پڙهائي، جنهن بعد آئون سجاڳ ٿي پيس. مولانا عثماني مرحوم جيئن ئي خواب ٻڌو فرمايائون تہ انتخاب وانگيان ريفرنڊم ۾ بہ انشاءَالله اسلام جي فتح ٿيندي".
(حيات شيخ السلام ص 14)

حقيقت بہ اها هئي تہ صوبي سلهٽ ۾ مولانا مدني مرحوم جو نهايت وسيع حلقو هو. اٽڪل 500 علماءُ ڪن جمعيت العلماءُ هند جي ورڪ ۾ رڌل هئا. سلهٽ جي شاهہ جلال مسجد واري ميدان ۾ ڪيل تقرير مولانا شبير احمد عثماني جي علم و فضل جو زندهہ شاهڪار آهي. نتيجي طور سلهٽ ۾ پاڪستان جي ڪاميابي نصيب ٿي. قائداعظم مولانا جي خدمتن جو اعتراف ڪندي مبارڪباد جي پيغام ۾ چيو تہ : "اهو اوهان جي پرخلوص ڪوشش جو نتيجو آهي، جنهن مسلم ليگ کي ايڏي عظيم ڪاميابي عطا ڪئي".

علماءِ حق جي جدوجهد جو ثمر 14 آگسٽ 1947ع تي "پاڪستان" جي نالي سان دنيا جي نقشي تي سبز هلالي پرچم سان نمودار ٿيو. اهو سندن خدمتن جو اعتراف هو جو ڪراچيءَ ۾ 14 آگسٽ تي پاڪستان جي سائي جهنڊي ڦرڪائڻ جي افتتاحي رسم، ڪانئن ئي سرانجام ٿي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ مولانا عثماني مرحوم پنهنجي

نصيب تي، اهو ئي بزرگ آهي جنهن اڪبر اعظم جي ٻٽايل نام نهاد متحده قوميت ۽ "دين الاهي' جي خلاف جهاد ڪيو هو. هن جي انهيءَ مذڪوره ڪشف ڪان ممڪن آهي تہ هن طرف بہ اشارو هجي تہ اڳتي هلي جڏهن اڪبر جي متحده قوميت ۽ دين الاهي، "گانڌي ازم" جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو ان وقت رسول اڪرم ﷺ جن جي توجهہ گرامي ۽ التفاق خصوصي جي بدولت لاهور ئي اهو مقام هوندو جتان ڪان ئي انهن نون بتن کي ٽوڙڻ جو آواز بلند ٿيندو، بلند ٿيندو ۽ ضرور بلند ٿيندو". (حيات شيخ الاسلام ص۔ (41_39

ٽيو بہ ائين پاڪستان جو قرارداد انهيءَ "لاهور" ۾ منظور ڪيو ويو! عام انتخابات جو دؤر هو. قائداعظم جي چوڻ تي مولانا عثماني پنهنجي ٻين رفيقن سان هندستان جي چپي چپي ۾ پاڪستان جي حمايت ۾ تقريرون ڪندو رهيو. انهيءَ دؤر جو واقعو آهي تہ مولانا ظفر احمد عثماني (حال تندوالهيار) کي جالنڌر ڪان هڪ خط پهتو. خط لکندڙ خط ۾ هڪ خواب جي تعبير جو پڇيو هو. خط ۾ لکيل هو تہ : "مون خواب ۾ حضرت مجدد الف ثاني رحہ کي ڏٺو جو مون کي هڪ چمڪندڙ تلوار عطا ڪندي، هي اشارد فرمائي رهيو هو تہ توهان ديوبند وڃي رهيا آهيو. آئون توکي هيءَ تلوار ڏيان ٿو هي تحفو پهچندي ئي سلامن سان گڏ شبير احمد عثماني کي ڏئي ڇڏج. ان بعد منهنجي اک کلي وئي". مولانا عثماني جڏهن خواب جي حقيقت ٻڌي تہ هن فرمايو تہ "مسلم ليگ جي فتح يقيني آهي، هيءَ اهائي مجددي تلوار آهي ، جنهن سان اڪبر جي متحده قوميت ۽ دين الاهي کي ختم ڪيو ويو ۽ هاڻي انشاءَالله انهيءَ مجددي هٿيار سان انگريزن جي متحده قوميت ۽ "گانڌي ازم" کي هميشہ لاءِ دفن ڪيو ويندو". (حيات شيخ الاسلام ص 43)

انهيءَ دوران 9 جون 1947ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس ۾ مولانا شبير احمد عثمانيءَ کي بہ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي. انهيءَ اهم اجلاس ۾ صوبي سرحد ۽ سلهٽ ۾ ريفرنڊم متعلق سوچڻو هو. 11 جون 1947ع تي قائداعظم سان ملاقات ڪندي، مولانا ظفر احمد عثماني ۽ مولانا شبير احمد عثمانيءَ هن کي واعدو ڏنو تہ اُهي ريفرنڊم ۾ پاڪستان جي حمايت ۾ پنهنجو پورو زور لڳائيندا. انهيءَ موقعي تي قائداعظم ساڻن واعدو ڪيو تہ پاڪستان جو قانون قرآن ۽ سنت هوندو. مولانا ظفر احمد عثماني پنهنجي سوانح حيات "انوار النظر" جي صفحي 66 تي انهيءَ واقعي جو

انگريز جو مضمون پيش ڪيو جنهن ۾ تقسيم جي مسئلي تي بحث ڪندي، برصغير جي تقسيم کي ئي هندستان جي سياسي ڪشمڪش جو حل ٻڌايو ويو هو. مولانا مدنيءَ جو موقف هو تہ هن مضمون مان ثابت ٿئي ٿو تہ تقسيم جو مطالبو انگريزن جي مدد سان ڪيو پيو وڃي. مولانا عثماني مرحوم ٻڌايو تہ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي لکت سڄي حڪومت جي نمائندگي ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟

مسلم ليگ ڪانفرنس ميرٺ ۾ صدارتي خطبو ڏيندي مولانا عثماني مرحوم مسلمانن تي زور ڏنو تہ آهي اينڊز اليڪشن لاءِ تيار ٿين. جيڪي شخصيتن جي بنياد تي نہ پر اصولن تي لڙيون وينديون. لارڊ ويل جي 17 ڊسمبر 1944ع واري مرڪزي اسيمبليءَ ۾ تقرير جو حوالو ڏيندي مولانا ٻڌايو تہ ڪانگريس ۽ انگريز ٻئي تقسيم جي خلاف آهن.

پاڪستان جي قيام ۾ هڪ سال اڃا رهيو هو. ڪانگريس عالمن پاڪستان جي مخالفت ۾ هر حربو استعمال ڪيو پر ڪامياب نہ ٿيا. 1946ع جي شروعات ۾ ئي پاڪستان خلاف طرحين طرحين جا الزام لڳي رهيا هئا. انهيءَ دؤر جو هڪ وڏو الزام هيءُ هو تہ "پاڪستان اقتصادي طور هلي نہ سگهندو". انهيءَ موقعي تي شاباس هجي مولانا عثمانيءَ کي جنهن محترمينن حضرات جي لکڻين مان ئي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ پاڪستان، هندستان کان اقتصادي خواهہ زرعي لحاظ کان خوشحال رهندو. "پاڪستان جي قانون" متعلق هن جواب ڏنو تہ "پاڪستان، قرآن ۽ سنت جي بنياد تي نهندڙ اسلامي رياست ڏانهن اولين قدم آهي ۽ اها رياست جلدي ئي اسلامي بڻجي نہ سگهندي، پر مستقبل ۾ اهو يقيني چئي سگهجي ٿو تہ اها اسلامي رياست هوندي". ("منشور" دهلي 12 نومبر 1945ع)

قرارداد پاڪستان جو لاهور ۾ بحال ٿيڻ بہ مولانا شبير احمد عثماني مرحوم لاءِ نيڪ فال هو. لاهور جي اسلامي اهميت متعلق مولانا فرمائي ٿو تہ: "اڄ کان اٽڪل ٽي سئو سال پهرين حضرت مجدد الف ثاني رحمت الله عليہ پنهنجي هڪ تحرير ۾ لکيو هو تہ اڄ ڪلهہ رسول اڪرم ﷺ جي خصوصي توجهہ ۽ نظرالتفات لاهور تي مرڪوز آهي. آئون سوچيان ٿو لاهور جي حق ۾ ڇا هن محبوب الاهي ﷺ ۽ آقاءِ دوجهان صلي الله عليهہ وسلم جي ڪيميائي نظر اثر کان خالي وڃي سگهي ٿي؟ هيءَ ڳالهہ بہ غور جي لائق آهي تہ حضرت شيخ مجدد الف ثاني رحہ جن کي مٿين سعادت

12 کان 46 تائين مولانا عثماني مرحوم سان ڪانگريسي عالمن جي هڪ ڊگهي ملاقات جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب مطابق ڪانگريس جي همنوا جمعيت طرفان مولانا حسين احمد مدني، مولانا احمد سعيد، مولانا حفظ الرحمان، مولانا عبدالحليم صديقي، مولانا عبدالحنان ۽ مفتي عتيق الرحمان تي مشتمل هڪ وفد ڊسمبر 1945ع تي مولانا عثماني سان "مسلم ليگ ۽ پاڪستان" متعلق هڪ مناظري ڪرڻ لاءِ ديوبند پهتا. مولانا حفظ الرحمان، تقرير دوران الزام لڳايو ته جمعيت العلماءِ اسلام، حڪومت جي چرچ تي جمعيت العلماءِ هند جي سرگرمين کي ڪچلڻ لاءِ وجود ۾ آندي وئي آهي. هڪ ٻئي الزام ۾ هن چيو ته پاڪستان جو قيام، مسلمانن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو.

مولانا شبير عثماني مرحوم جمعيت جي قيام واري الزام جي ترديد ڪندي چيو ته: "جمعيت جو قيام، مسلمانن جي سواد اعظم جي منشا مطابق آهي، پر اهو ته ٻڌايو ته ڪانگريس جو باني ڪير هو؟ ۽ ڇا انهيءَ جي اسٽيسج تان برطانيا جي ساراهه جا نغما نه ڳايا ويا هئا؟"

قيام پاڪستان متعلق الزام جو جواب ڏيندي مولانا عثماني ٻڌايو ته "مجوزه پاڪستان ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي نسبت 30 سيڪڙو ٿيندي. جڏهن ته جميعت العماءِ هند جي تجويز مطابق متحده هندستان ۾ مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي نسيت 30 سيڪڙو ۽ 40 سيڪڙو ٿيندي ۽ باقي 20 سيڪڙو اڇوت رهندا. انهيءَ مان ثابت آهي ته اوهان جي فارمولي مطابق متحده هندستان ۾ 60 سيڪڙو غير مسلم رهندا. جڏهن ته مسلم ليگ جي تجويز مطابق غير مسلمانن جي نسبت 30 سيڪڙو ٿئي ٿي. ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته مسلمانن کي اوهان جي تجويز مان فائدو پوندو يا مسلم ليگ جي فارمولا مان. انهيءَ تي مولانا حفظ الرحمان چيو ته "عيسائي اسان جي فارمولا سان آهن". مولانا عثماني کلي پيو ۽ طنزيه انداز ۾ چوڻ لڳو "جڏهن اسان پاڪستان فارمولا پيش ڪريون ٿا ته توهان عيسائين کي مسلمانن کان جدا ڪريو ٿا، پر جڏهن توهان پنهنجو فارمولا پيش ڪريو ٿا ته اهي ساڳيا عيسائي، مسلمان ٻڻجي توهان جي طرفدار ٿين ٿا عجيب منطق آهي!!"

احمد سعيد جي هڪ سوال جي جواب ۾ مولانا عثماني مرحوم ٻڌايو ته: "جيڪڏهن علماءِ ڪرام مسلم ليگ ۾ شامل ٿي وڃن ته جيڪر مسلم ليگ کي وڏيڪ طاقت ملي وڃي". مولانا مدني مرحوم، انهي موقعي تي هڪ

انهيءَ فتوي تي ڪانگريسي عالمن طرفان طرحين طرحين جا الزام مسلم ليگ تي لڳايا ويا. مولانا عثماني مرحوم روزانہ ”منشور“ دهليءَ جي 12 نومبر 1945ع جي پرچي ۾ انهن کان پنهنجي جواب ۾ سواليہ انداز ۾ پڇيو تہ ”ڇا توهان ڪانگريس ۾ رهي ڪري هندن جي مسلمانن ڏانهن روئي کي تبديل ڪري سگهون ٿا؟ جي ها تہ پوءِ مسلم ليگ ۾ ڇو نٿا شرڪت ڪريو؟“

مولانا عثماني مرحوم پنهنجن تقريرن ۾ بي شمار هنڌن تي شرعي نقطئہ نظر سان نظريئہ ۽ تحريڪ پاڪستان کي صحيح قرار ڏنو. جميعت العلماءَ اسلام جي صوبي پنجاب جي ڪانفريس منعقد لاهور مؤرخہ 25_27 جنوري 1946ع تي تقرير ڪندي، مولانا موصوف فرمايو تہ: ”تقسيم هند جي تجويز، جنهن جو اصطلاحي نالو ”پاڪستان“ آهي، اوهان جي شهر لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان پش ڪئي وئي آهي ۽ اج پاڪستان ۽ هندستان جي مسلمانن لاءِ محض هڪ گرمجوشي پيدا ڪرڻ وارو نعرو نہ آهي، بلڪ هو مضبوط ۽ اٽل سياسي عقيدي جي حيثيت رکي ٿو“.

بمبئيءَ ۾ پهرين جمعيت العماءَ اسلام ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مولانا فرمايو تہ: ”پاڪستان نہ ڪو نعرو آهي نہ پنهنجي نوعيت جي اعتبار کان ڪو منفي قدم. هيءَ نفرت جي پيداوارنہ آهي. (”عصر جديد“ ڪلڪتہ 12 مارچ 1946ع)

18 مئي 1946ع تي جمعيت علماءِ اسلام جي زير اهتمام ضلعي اعظم ڳڙهہ ۾ هڪ عظيم الشان ڪانفرنس کي خطاب ڪندي فرمايو: ”پاڪستان مسلمانن جو پيدائشي حق آهي. هن وقت پلي هندو ۽ انگريز پاڪستان کي نہ مڃين ليڪن اهڙو وقت ضرور ايندو جڏهن اهي ٻئي تومون ازخود پاڪستان ڏٽين کي ڏئي ڇڏينديون ليڪن انهيءَ جي حصول لاءِ اسان کي پنهنجي وساريل فرض اسلامي جهاد کي نئين سر ياد ڪري، انهيءَ تي عمل ڪرڻو پوندو“.(البلاغ صفہ 1389 صفحو 53)

26 ڊسمبر 1945ع تي ديوبند ۾ هڪ وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي مولانا مرحوم هن ڳالهہ جو برملا اظهار ڪيو تہ: ”وقت جي پيچيده حالتن تحت، مون فيصلو ڪيو آهي تہ پاڪستان جي لاءِ منهنجي جان بہ حاضر آهي“.
(حيات محمد علي جناح ص_458)

جميعت العلماءِ اسلام جي مجلس عاملہ جي ممتاز رڪن مولانا طاهر احمد القاسمي جو مرتب ڪيل ڪتاب ”مڪالمتہ الصدرين“ جي صفحي

انگريزن، ڪوڙ ۽ فريب ۾ رنگي چڏيو آهي. محمد علي جناح هڪ ڪامياب بئريسٽر آهي، اهو ئي ڄاڻي ٿو تہ هندن ۽ انگريزن جي مڪروهہ فريب جو جواب ڪهڙي طرح انهن جي ئي زبان ۾ ڏنو وڃي، قوم هن کي پنهنجو وڪيل ڪري ڪنيو آهي ۽ انهيءَ راهہ ۾ هو اسان جي قيادت ڪري رهيو آهي". (عصر-جديد ڪلڪتہ 27 اپريل 1946ع)

مولانا حبيب الرحمان طرفان، مولانا مرحوم کي هڪ خط ۾ لکيو ويو تہ "توهان جناح کي مسلمانن جو ليڊر تسليم ڪري ۽ تحريڪ پاڪستان جي حمايت ڪري مون ۽ ٻين لکين مسلمانن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. توهان جي وڏن تہ سر سيد جي خلاف فتويٰ ڏني هئي، ليڪن توهان تہ هن جي روحاني وارثن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهيو. انهيءَ جي برعڪس مولانا ابوالڪلام آزاد، ڪانگريس جي صدر جي حيثيت سان اسلام جي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ هن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هڪ ملان سياست ۾ بہ رهنمائي ڪري سگهي ٿو. توهان جناح جي فائدي ۾ بيان ڏئي اهو تسليم ڪيو آهي تہ علماءَ ڪرام، سياست ۾ ڪورا آهن ۽ "مفسر قرآن" نہ جديد سياست کي سمجهي سگهن ٿا نہ رهبري ڪري سگهن ٿا، ڇا اها "فتويٰ قتل" نہ آهي؟"

آل انڊيا مسلم ليگ دهلي طرفان ڇپايل ڪتاب "سياسي خط و ڪتابت" جي صفحو 47 ۾ مذڪور خط جي جواب جو ذڪر آيل آهي. مولانا عثماني مرحوم، مولانا حبيب الله جي خط جي جواب ۾ لکيو تہ: "آئون هن ڳالهہ کان بخوبي واقف آهيان تہ اڳتي ڇا ٿيندو؟ پر منهنجي خيال ۾، مڪيہ ذميواري انهن ماڻهن تي عائد ٿيندي، جيڪي هن وقت ڪانگريس ۾ انڌي تقليد ڪري رهيا آهن. منهنجي تہ خواهش آهي تہ سڀ علماءَ مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪن. مسلم ليگ تہ مسلم مفاد لاءِ ڪم ڪري رهي آهي، پر توهان انهيءَ جماعت جي ڪڍ آهيو جا مسلمانن کي هندستان مان ختم ڪرڻ جو عزم ڪري چڪي آهي. آئون مولانا ابوالڪلام آزاد جي ذاتي قابليت ۽ علم و فضيلت تي بحث ڪرڻ نٿو چاهيان، ليڪن پڪ اٿم تہ هن جيڪو هينئر رستو اختيار ڪيو آهي، سو ڪيس انهيءَ منزل تي نہ رسائيندو جنهن جي نشاندهي هن پنهنجي "الهلال" ۾ ڪئي هئي".

45-1946ع جي چونڊن دوران مولانا عثماني هڪ فتويٰ ذريعي ظاهر ڪيو تہ ايندڙ چونڊن ۾ مسلم ليگي اميدوارن کي ڪامياب بڻايو وڃي.

ڪرڻ گهرجي. خدانخواسته جيڪڏهن هينئر مسلم ليگ ناڪام ٿي ته شايد ڪيتري وقت تائين مسلمانن کي هن ملڪ ۾ پلجڻ جو موقعو ئي نه ملندو. انهيءَ لاءِ وقت جي ضرورت آهي ته مسلم ليگ کي مضبوط ڪيو وڃي".(حيات شيخ الاسلام صفحو 37)

جميعت العلماءِ اسلام جي قيام ڪانپوءِ جمعيت العلماءِ هند جون وايون بتال ٿي ويون. ڪانگريسي عالمن جي سرخيل مولانا حسين احمد مدني مرحوم، آڪٽوبر 1845ع ۾ هڪ فتويٰ ذريعي ظاهر ڪيو ته "مسلمانن جو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ حرام آهي ۽ قائداعظم، ڪافراعظم آهي".مولانا عثماني مرحوم، 28 آڪٽوبر 1945ع جي روزانه "رهبر دڪن" حيدرآبد دڪن جي پرچي ۾ مولانا مدنيءَ کي جواب ڏيندي چيو ته : "آئون نٿو سمجهي سگهان ته مولانا مدني مسلمانن جي مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪرڻ کي ڇو جرم ۽ حرام قرار ڏئي رهيو آهي. مون لاءِ ته ڪو اهڙو سبب ئي ڪونهي جو آئون انهن کي روڪيان. ساڳئي وقت اهو به ته ضروري ناهي ته هڪ عالم ڪو راءِ ڏئي ۽ ٻيا هن جي انڌي پيروي ڪن".

قائداعظم متعلق لڳايل الزامن جي ترديد ڪندي مولانا مرحوم ٻڌايو ته:

"بيشڪ مسلم ليگ ۽ انهيءَ جي قائد ۾ انساني ڪمزوريون آهن ۽ هن جون ڪيتريون ڳالهيون اسان جي عالمن وٽ قابل اعتراض پڻ آهن، ليڪن جيتريقدر آئون اندازو لڳائي سگهيو آهيان، مون کي يقين آهي ته مسٽر جناح اڄ ڪلهه جي سياست جي لاهين چاڙهين ۽ دائن ڪان مسلمانن مان سڀ کان زياده واقف آهي. ياد رکو! ته هوءَ ڪنهن قيمت تي خريدجي سگهجي ٿو ۽ نه ڪنهن دٻاءَ جي سامهون مٿو ٽيڪي سگهي ٿو". (البلاغ مئي 69 صفحو 52)

هڪ ٻئي موقعي تي "عصر جديد" ڪلڪتي جي نمائندي کي انٽرويو ڏيندي علامه عثماني مرحوم قائداعظم جي مخالفن ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو ته: "هي (قائداعظم) ڏاڙهي ڪوڙيل گناهگار سهي، مگر مسلمان ته آهي. اسان هن کي وقت اچڻ تي خدا ۽ رسول جو واسطو ڏئي مذهب جي نالي تي هن کي خاموش ته ڪرائي سگهون ٿا. اسان کي هيءُ ٻڌايو ته گانڌي ۽ نهروءَ کي ڪنهن جو واسطو ڏئي توهان خاموش ڪرائي سگهو ٿا؟ مون مسٽر جناح کي قائداعظم انهيءَ ڪري مڃيو آهي ته موجوده سياست کي

متحده قوميت جو مطلب ونن ٿا تہ پوءِ هن دليل کي استعمال ڪرڻ وقت ان معاهدي جو هي فقرو تہ ”ڪنهن بہ جهڳڙي جي صورت ۾ فيصلو رسول اڪرم ﷺ جن ڪندا“. کي ڇو نظرانداز ڪيو پيو وڃي، ڇا متحده قوميت جا علمبردار ڪو اهڙو شرط قبولڻ يا قبول ڪرائڻ لاءِ تيار آهن؟“. (حيات شيخ الاسلام، ص_32)

(هڪ ٻئي موقعي تي مولانا مرحوم هڪ خطجي جواب ۾ لکيو تہ:)

نظريئہ متحده قوميت، جو ڪانگرس جو بنيادي پٿر آهي، منهنجي نزديڪ شرعي نقطہ نظر کان ڪڏهن بہ قابل قبول ٿي نہ ٿو سگهي. نام نهاد متحده قوميت جي وهڪري ۾ پاڻ کي سرن جي ٻُتن جيان حوالي ڪرڻ خودڪشيءَ جي برابر آهي. مسلمان ٻين قومن سان صلح ڪري سگهن ٿا، عهد و پيمان ڪري سگهن ٿا، تعاون ۽ اشتراڪ ڪري سگهن ٿا. پر اهي پنهنجي مستقل هستي ۽ وجود کي ٻين ۾ مدغم ۽ ضم ڪري نٿا سگهن“.(تحريڪ پاڪستان ۽ نتشنلت علماءَ ص_314)

”مسلم قوميت“ جي وضاحت ڪندي، مولانا مرحوم هڪ هنڌ لکيو تہ:

”هن وقت هي دردناڪ منظر تہ ڏهن ڪروڙن مسلمانن جي قومي ۽ سياسي مضبوطيءَ جي روح کي کهڙي نہ بي رحمي سان مسلمانن جي ئي ڪاتيءَ سان ڪنو پيو وڃي، ان تي ڪنهن بہ صورت ۾ خاموش رهي نہ ٿو سگهان. آئون چاهيان ٿو تہ مسلمانن کي ٻڌايان تہ اسلام جو مقصد اهو آهي تہ پنهنجي پوئلڳن جي ذريعي هن دنيا ۾ هڪ اهڙي قوميت جي تشڪيل ڪرڻي آهي جا وطن، نسل، رنگ، ڏنڌي، زبان ۽ مختلف قومن طرفان قائم ڪيل معاشرتي ۽ تمدني خصوصيتن کان مٿيري هجي“. (پيغام شيخ الاسلام_ ص 35_36)

جمعيت العلماءِ هند ۽ ڪانگريس جي گڏيل فتني”متحده قوميت“ کي فڪري ميدان تي شڪست فاش ڏيڻ کان پوءِ مولانا عثماني مرحوم مسلم ليگ جي حمايت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن جي نظر ۾ مسلم ليگ، ڪانگريس کان زياده سني هئي. علامہ مرحوم جمعيت العلماءِ اسلام جي پهرين اجلاس منعقد ڪلڪتہ (26 کان 28 آڪٽوبر 1945ع) ڏانهن پنهنجي پيغام ۾ چيو:

”آئون هڪ طويل مدت جي ويچار کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ مسلمانن کي حصول پاڪستان خاطر، مسلم ليگ جي تائيد و حمايت

شرڪت ڪئي. مولانا موصوف، اوچتو بيماريءَ سبب ان عظيم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري نہ سگهيو. مولانا متين خطيب، مولانا مرحوم جو پيغام پڙهي ٻڌايو. مولانا پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ "قديم جمعيت العلماءِ هند دهلي بہ پنهنجي شايع ڪيل مقصدن جي لحاظ کان ڪجهہ بري نہ هئي. اها پنهنجي خدمتن ۽ قربانين جي اعتبار کان چڱي تاريخ رکي ٿي. ان تي جو ڪجهہ اعتراض ڪيا وڃن ٿا، اهي انهيءَ جي گذشتہ چند سالن جي طرف عمل تي آهن. هندستان ۾ جا سياسي ڪشمڪش هن وقت جاري آهي، منهنجي نزديڪ انهيءَ سلسلي ۾ هن کان وڌيڪ ٻي کهڙي ديده دليري ۽ اشتعال انگيزي ٿئي جو هتي جي ڏهن ڪروڙ مسلمانن جي مستقل قوميت کان صاف انڪار ڪيو پيو وڃي. آئون تسليم ڪريان ٿو تہ غلط يا صحيح طور تي دنيا جي قومن جي ورهاست، وطن، نسل، زبان ۽ طرز تمدن جي لحاظ سان ٿيندي پئي رهي آهي ۽ اها تقسيم اڄ بہ موجود آهي. ليڪن خاتم النبياءَ ﷺ جي تشريف آوري کان جا دنيا جي تعمير ٿي، انهيءَ ۾ تخليق جي اعليٰ ترين مقصدن جي پيش نظر الله جي پيدا ڪيل انسانن کي قوميت جي اعتبار کان هڪ اهڙي ٻي تقسيم ۾ آندو آهي، جنهن جي احاطي کان ڪو بہ ماڻهو ٻاهر رهي نہ ٿو سگهي. هاڻي اسلامي نقطئہ نگاهہ کان هن روءِ زمين تي گويا ٻہ قومون آباد آهن. هڪ اها جنهن رب کي سچاڻي ۽ ان جي آخري ۽ مڪمل قانون کي هن زماني تي رائج ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. اها قوم مسلم يا مومن آهي ۽ ٻي ها قوم آهي، جنهن اهڙي عزم ڪرڻ کان ڪيٻايو آهي، انهيءَ جو شرعي نالو "ڪافر" آهي". (پيغام شيخ الاسلام صفحو 11 اطبلاغ. صفر 1389 صف_50)

ڪانگريس عالمن ۽ ٻالن پولن مسلمانن کي متحده قوميت جي جار ۾ ڦاسائڻ جي لاءِ جڏهن هندن جي چرچ تي دين کي سستي اگهہ ۾ نيلام ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ انهن اهو دليل ڏنو تہ "مديني پهچڻ کان پوءِ مسلمانن جو يهودي قوم سان معاهدو ڪيو هو انهيءَ ۾ "امة واحده" جا الفاظ موجود هئا".مولانا عثماني مرحوم نهايت چابڪدستي سان انهيءَ پرفريب دليل جون پڌيون رلائي ڇڏيون. مولانا مرحوم جن فرمايو:

"اهو معاهدو جو صحابہ رضہ ۽ مديني جي يهودين ۾ ٿيو هو. انهيءَ ۾ مسلمانن ۽ يهودين جي وچ ۾ "ملة واحد" جا الفاظ ڪم آيل نہ آهن صرف "اُمت واحد" جا لفظ ڪتب آيا آهن. فرض ڪريو تہ ڪي عالم انهيءَ مان

مولانا ابوالڪلام آزاد ڪري رهيو هو. اجلاس ۾ جڏهن مولانا محمد فخرالله لوڏيءَ هيءَ تجويز پيش ڪئي ته هندو مسلم اتحاد حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي ڳئُنِ جي بجاءِ ٻڪرين جي قرباني ڪرڻ کپي ته ان مهل مولانا عثمانيءَ جو روح تڙپي اُٿيو علامه انور شاهه ڪشميري ۽ علامه عثماني، ان نام نهاد نهراءُ جي مخالفت ۾ اهڙيون ته روزدار تقريرون ڪيون جو اجلاس ۾ اهو نهراءُ بحال ٿي نه سگهيو“.

مولانا عثماني مرحوم دور رس نگاهن جو مالڪ هو. مسلمانن جي تاريخ تي هن کي عبور هو. هن محمد بن قاسم جي فتح ۽ ڏاهر جي شڪست سومنات تي ڪاهن، محمد غوري جي شهادت، اڪبر جي نام نهاد دين الاهي، اونگزيب جي رواداري ۽ مرهٽن جي بهتانن بلاسي جي جنگ ۽ غدر جي واقعن کي بغور مطالعو ڪيو ۽ هن نتيجي تي پهتو ته مسلم فوج جي عليحده وجود کي ڪڏهن به ختم ڪري نه ٿو سگهجي ۽ غيرمسلم قومن جي اتحاد جي وڪڙ ۾ اچي اسلامي شعائرن جو احترام نه ڪرڻ شرعي موت جي برابر آهي. تحريڪ خلافت دوران مولانا عثماني پنهنجي هڪ پمفليٽ ۾ لکيو ته: ”هندو مسلم اتحاد بابت اڪثر خيرخواهه اهڙيون حرڪتون ڪندي ڏٺا ويا آهن، جيڪي انهن جي شرعي بلندي آهن. جهڙوڪ سينگاريل ڳئون، جي پوڄا ۽ هندن جي ميت سان گڏجي وڃڻ مهل ”رام رام ست هي“ جا الفاظ اچارڻ ڪنهن به پر ۾ اسلامي نه آهن“. (ڪريترين ڪراچي جون 69 صفحو-7)

مولانا عثماني مرحوم جمعيت العما هند سان 1948ع تائين وابسته رهيو. پنهنجي انهيءَ تعلق جي باوجود هو جمعيت جي هندو نواز پاليسيءَ تي تنقيدي نگاهون وجهندو رهيو. جمعيت جي اها ”هندو نواز پاليسي“ ئي هئي جنهن جمعيت کي ڪانگريس جي متحده قوميت جو همنوا بڻائي، هندستان جي ڏهن ڪروڙن مسلمانن جي عليحده قوميت کان انڪار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. مولانا عثماني جڏهن اهو محسوس ڪيو ته مسلمانن جي هيءَ عظيم ۽ ديني جماعت هندن سان گڏجي مسلم مفادن تي ڏاڙو هڻڻ ۾ برابر شريڪ ٿي رهي آهي ته هيءُ انهيءَ کان عليحده ٿي ويو ۽ ٻن قومي نظرين جي بچاءَ لاءِ هن ڪلڪته ۾ 26-27 آڪٽوبر 1945ع ۾ برصغير جي مختلف مڪتبه فڪر جي عالمن جي ڪانفرنس ڪوٺائي، ڪلڪته جي محمد علي پارڪ ۾ 500 کان مٿي علماءَ ڪرام انهيءَ افتتاحي اجلاس ۾

اهو معمول هو تہ ڏينهن ڪتابن جي حوالي هوندو هو ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن ديوبند ۾ ملازمت اختيار ڪئي. جتي هو صحيح مسلم جو درس ڏيندو هو. ديوبند ۾ ارڙهن سالن دوران مولانا ”صحيح مسلم“ جي شرح ”فتح العلهم“ جي نالي سان عربيءَ ۾ تصنيف ڪئي، جيڪا ٽن جلدن ۾ 1500 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي اهميت جي پيش نظر حيدرآباد جي نظام مڪمل اشاعت جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو. ديوبند دوران مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان گڏ مولانا عثماني ”انجمن انتصار الاسلام“ قائم ڪئي، جنهن هيٺ علماءِ ڪرام جي اتحاد لاءِ مراد آباد ۽ ميرٺ ۾ بہ وڏا جلسا ڪيا ويا. حيات شيخ الاسلام جو مصنف فيض انبالوي پنهنجي ڪتاب جي صفحي 21_22 تي هن ڳالهہ جو انڪشاف ڪيو آهي تہ مولانا عثماني پنهنجي ملازمت جي دوران ڪو نالي ماتر پگهار وصول ڪيو ۽ هميشہ چوندو رهندو هو تہ خدا اسان جي ڪمين پيشين کي درگذر ڪري. ديوبند ۾ جڏهن انتظاميا ۽ علامہ انور شاهہ ڪشميري جي درميان ڪجهہ اختلاف ٿي پيا، تڏهن مولانا ۽ شاهہ صاحب گڏ ديوبند کي الوداع ڪندي سورت ۾ ”جامعہ اسلاميا ڏابيل“ جو بنياد وڌو. افتتاحي دور ٽيڻ بعد هو اڳي جيان ديوبند جي اعزازي خدمت ڪندو رهيو ۽ جڏهن ديوبند ۾ مولانا حسين احمد مدنيءَ جي سرڪردگيءَ ۾ متحده قوميت جو پرچار ڪرڻ شروع ڪيو ويو تہ هن پنهنجي استعيفيٰ پيش ڪئي.

پهرين عالمگير جنگ کانپوءِ مسلم ملڪن جي حالتن عمومن ۽ ترڪي جي حالتن خصوصن هندستان جي سياست تي پنهنجا وڏا اثر ڇڏيا آهن. هندستان جي مسلمانن ترڪيءَ جي خلافت بچائڻ لاءِ پاڻ تي هر قسم جون مصيبتون سٺيون. مولانا عثماني مرحوم بہ پنهنجي اسلام جي روايتن کي زندهہ رکندي، تحريڪ خلافت ۾ حصو ورتو. ماهنامہ ”برهان“ (جنوري 1950ع) مطابق هن علي ڳڙهہ، بنارس، غازي پور ۽ ٻين شهرن ۾ تقريرون ڪندي خلافت لاءِ هزارين رپيا چندو گڏ ڪيو.

تحريڪ خلافت ۾ شامل مسلم رهنمائن، جڏهن تحريڪ کي پوئين پساهن ۾ ويندو محسوس ڪيو تہ انهن 23 نومبر 1919ع تي ”جمعيت العلماءِ هند“ جو بنياد وڌو. علامہ بشير احمد عثماني گهڻي غور کان بعد جميعت جي ٽئين اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. مولانا انورالحسن پنهنجي ڪتاب ”تجليات عثماني“ جي صفحو 652 تي لکيو تہ: ”انهيءَ اجلاس جي صدارت

# مولانا شبير احمد عثماني ۽ تحريڪ پاڪستان

”برادران اسلام! جيڪڏهن آئون اسلام ۽ پاڪستان جي رستي ۾ قتل ڪيو وڃان ته اوهان کي واسطو آهي الله ۽ ان جي رسول جو ته منهنجي لاش کي ڪنهن به حالت ۾ هندستان نه موڪلجو پر مون کي هر حالت ۾ پاڪستان ۾ دفن ڪجو ڇو ته پاڪستان جي سرزمين هندستان جي مقابلي ۾ مقدس هوندي“. هي جاذب ۽ پراثر الفاظ، اسلاميه ڪاليج لاهور جي اسٽيج تان هڪ ضعيف العمر مقرر هڪ ڏمڪي آميز چئني ملڻ تي پنهنجي تقرير کي ڪجهه دير لاءِ روڪيندي نهايت جوش ۽ جذبي سان ادا ڪيا. سامعين تي رقت طاري ٿي وئي ۽ انهن جي اکين مان پاڪستان جي محبت ۾ لڙڪ وهي رهيا هئا ۽ شايد اهي لڙڪ، پاڪستان جي قيام جو ثبوت ڏئي رهيا هئا.

هيءَ ضعيف العمر مقرر تحريڪ پاڪستان جو مجاهد، برصغير جو جيد عالم، مولانا شبير احمد عثماني مرحوم هو جنهن جي خداداد صلاحيتن سان تحريڪ پاڪستان کي عالمن جي حمايت حاصل ٿي ۽ جنهن پنهنجي زور خطابت سان ڪانگريسي عالمن جي متحده قوميت جي بت کي پاش پاش ڪري ڇڏيو.

شيخ الهند مولانا محمودالحسن رحه جو جانشين مولانا عثماني 10 محرم الحرام سنه 1305هه مطابق 1885ع ۾ بجنور (يوپي) ۾ تولد ٿيو. سندس والد مولانا فضل الرحمان عثماني، تعليم کاتي ۾ ملازم هو. هن پنهنجي تعليم جو ڪافي عرصو مدرسه ديوبند ۾ گذاريو، جتي هن کي مولانا محمد ياسين، مولانا منظور احمد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ علامه انور شاه ڪشميريءَ جهڙن استادن جي سعادت نصيب ٿي. دوران تعليم مولانا جو

هن شهر کي تاريخي اهميت حاصل آهي، ان ڪري تختگاهہ ڪميٽيءَ کي پنهنجي فيصلي ڏيڻ وقت ٺٽي جي اهميت کي نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي“.

بعد ۾ اطلاعن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪميٽيءَ اها سفارش قبول بہ ڪئي، پر افسوس ان تي عمل ٿي نہ سگهيو. ٺٽي کي سنڌ جو تختگاهہ بڻائڻ واري مهم دوران غلام احمد نظاميءَ جو هڪ طويل مسدس الوحيد ۾ 4 اپريل 1950ع واري اشاعت ۾ شايع ٿيو. انهيءَ جي هڪ بند سان هن مقالي جو اختتام ڪجي ٿو.

بعد صدين جي ٿيو ٺٽي تي راضي ذوالجلال،
جو هميشہ ٿي رهيو برباد ۽ زير–زوال،
تخت گاهہ سو سنڌ جو ٿي ۽ ڪندو حاصل ڪمال،
ملڪ ساري مان مٽائيندو وري رنج و ملال،
علم سان سائو ڪندو بستان، ساري سنڌ جو
۽ وڌائيندو و تجمل، شان، ساري سنڌ جو.

ٿيون، جن موجب اتي مڪمل هڙتال رهي.

7 ڊسمبر 1946ع تي سنڌ مسلم ليگ طرفان هڪ جلسو ٿيو جنهن ۾ راجا غضنفر علي، ميان ممتاز دولتانہ، ميان افتخار الدين ۽ مولانا دائود غزنوي تقريرون ڪيون ۽ آزاديءَ جو مطالبو ڪيو.

1946ع جي آخري ۾ ٻيلو تعلقو سجاول ۽ گجو تعلقو ساڪرو ۾ مسلم ليگ جون شاخون قائم ٿيون. ميان محمد صديق شاهاڻي ۽ محمد صديق، محمد خان ميمڻ، علي الترتيب شاخن جا صدر هئا.

نومبر 1946ع ۾ صوبي سنڌ مسلم ليگ طرفان "بهاري ڏي" ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو. الوحيد جي 21 نومبر 1946ع جي اشاعت ۾ ٺٽي ۾ بهار ڏينهن ملهائڻ جي رپورٽ آيل آهي، جنهن ۾ يوسف هارون، امير حسين صديقي، جي الانا، محمد پريل ٿانوري ۽ اي ايم قريشيءَ شرڪت ڪئي. تقريرن ۾ مظلوم بهاري مسلمانن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ويو.

14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان آزاد ٿيو. پاڪستان جي خوشيءَ ۾ جتي سڄي برصغير جي مسلمانن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي، اتي ٺٽي ضلعي جا مسلمان بہ ٻين کان گهٽ خوش نہ هئا. الوحيد ۾ "جشن پاڪستان تي خوشيءَ جو اظهار" جي سري هيٺ ڪيترا ڏينهن اهو ڪالم ايندو رهيو. 27 آگسٽ 1947ع واري پرچي ۾ جنگشاهي ۽ راهوٽ جي جلسن جو ذڪر ملي ٿو.

آزاديءَ کان پوءِ ٿُرت ئي ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جا سانباها ڪيا ويا. انهيءَ جي خلاف سجاول جي تحريڪ سرفروش ۽ ٺٽي جي مسلمانن جيڪي جلسا ڪري حڪومت کي استدعا ڪئي، ان جي پوري روئيداد الوحيد جي 11 فيبروري ۽ 11 مارچ 1948ع جي پرچي ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

ڪراچيءَ جو سنڌ کان جدا ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ سرڪار سنڌ جي نئين تختگاهہ قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي. شيخ عبدالمجيد سنڌي انهيءَ ڪميٽيءَ کي الوحيد 20 سيپٽمبر 1949ع واري پرچي ذريعي مشورو ڏنو تہ "ٺٽي ۽ ان جي آسپاس جي آبهوا معتدل آهي، نئين تختگاهہ ٺاهڻ واسطي اتي ڪافي هموار زمين ملي سگهي ٿي، پاڻي ۽ عمارتي ڪاٺ جي پڻ اتي سهوليت آهي. ٺٽي مان ڪراچي ۾ سهوليت سان آمد رفت ٿي سگهي ٿي. ان کان سواءِ تاريخي ۽ علمي، نقطہ نگاهہ کان پڻ

14 مئي 1943ع تي سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ الله بخش سومري کي شڪارپور ۾ قتل ڪيو ويو. سيپٽمبر 1943ع ۾ سنڌ جي هڪ وزير محمد ايوب کھڙي کي استعيفيٰ ڏياري الله بخش سومري جي خون جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو کھڙي صاحب جي گرفتاري خلاف سڄي سنڌ ۾ جلسا جلوس ٿيا. نيٺ انگريز سرڪار ڪيس آگسٽ 1945ع تي باعزت بري ڪيو. کھڙي صاحب جي آزادي تي ٺٽي ضلعي ۾ وڏا شادمانا ڪيا ويا. بقول الوحيد جي، "سجاول ۾ مسلم هوٽل وارن ڪجھ وقت پنهنجون هوٽلون مفت ڪيون هر هنڌ کھڙي صاحب لاءِ دعائون گھرويون ويون". لاڏيون ۾ "ديڳيون چاڙهائي غريبن کي کارايون ويون". دڙي ۾ "جلوس ڪڍيو ويو" بعد ۾ جلسي جي صدارت ارباب گل محمد ڪئي. مهراج لالچند تقرير ڪئي ۽ نور احمد عباسي غزل ٻڌايو. روزانہ الوحيد جي 19 آگسٽ 1945ع واري اشاعت ۾ ميرپور بٺوري جي هڪ شخص جي تار هوبهو نقل ڪئي وئي آهي. خبر هيءَ آهي "بٺوري مان ميان عبدالرحيم حاجي سومار تار ٿو ڪري تہ خادم ملت محبت وطن خان بهادر محمد ايوب خان کھڙي جي رهائي تي ميرپور بٺوري جي مسلمانن طرفان لک لک مبارڪون پيش ڪجن ٿيون".

1945ع ۾ هن ضلعي ۾ سيٺ يوسف هارون ۽ پير علي محمد راشديءَ جي چونڊ جو ڇهڇٽو ڏسڻ وٽان هو. سيٺ يوسف هارون لاءِ سيٺ محمود هارون ۽ مير مقبول جان سڄي ضلعي جو دورو ڪيو. پهرين ڊسمبر 1945ع تي پولنگ ٿي، اليڪشن جي مرڪزي آفيس سيٺ حاجي عبدالرحيم شاهہ جو سجاول وارو بنگلو هو. ڪل 8 پولنگ اسٽيشنون هيون. ميرپور بٺوري جي تقريبن سڀني برادرين يوسف هارون کي ووٽ ڏنو پهريون ووٽ محمد عيسيٰ خواجہ استعمال ڪيو. بٺوري ۾ راشدي جا ايجنٽ ستار ڏنو شاهہ وڪيل، حڪيم غلام قادر ۽ سجاول ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ سندومل هئا. يوسف هارون کي ڪاميابي نصيب ٿي، ضلعي ۾ هر هنڌ خوشيون ملهايو ويون.

1946ع ۾ قائداعظم محمد علي جناح جڏهن ڪانگريس ۽ انگريز سرڪار کان مايوس ٿي 16 آگسٽ تي "سنڌي قوم" جو ڏينهن ملهائڻ لاءِ مسلمانن کي اپيل ڪئي، تڏهن سنڌ جي مسلمانن ان تي لبيڪ چئي، سڄي سنڌ ۾ جلسا ۽ جلوس ڪڍيا. الوحيد جي 23 آگسٽ 1946ع واري پرچي ۾ جهمپير ۽ جنگشاهي ۾ "سنڌي قوم" واري ڏينهن ملهائڻ جون رپورٽون ملن

تي سگهي.

3_ مارچ 1943ع تي جي- ايم سيد سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي قرارداد پيش ڪئي. قراداد ۾ چيو ويو تہ "هندستان جا مسلمان الڳ قوم آهن ۽ الڳ قوميت تحت الڳ وطن جو مطالبو ڪن ٿا". اجلاس ۾ ڪل 27 ميمبر هئا، جن ۾ 24 ميمبرن قرارداد جي حمايت ڪئي. ٺٽي ضلعي سان تعلق رکندڙ ميمبرن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، محمد عثمان سومرو ۽ محمد يوسف چانڊيو شامل هئا. جنوري 1943ع ۾ چوهڙ جمالي مسلم ليگ جو بنياد پيو جنهن جو صدر عبدالڪريم کي چونڊيو ويو.

مارچ 1943 جي آخري هفتي ۾ ڪراچي ضلعي مسلم ليگ جون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ صدر پير غلام مرتضيٰ سرهندي ۽ نائب صدر صادق علي ميمڻ ۽ وڏيرو ناٿو خان چونڊيا ويا. ٺٽي ضلعي سان تعلق رکندڙن ۾ حاجي مهر علي شاهہ، سيد پير محمد شاهہ ۽ رئيس امام بخش ڳاهو کي سنڌ لاءِ عيوضي ڪري کنيو ويو.

30 جولاءِ 1943ع تي سنڌ جي تاريخي شهر ٺٽي ۾ جيڪا ڊسٽرڪٽ مسلم ليگ ڪانفرنس آقا پير غلام مجدد سرهندي جي صدارت ۾ شاهہ ڪمال جي پڊ ۾ ٿي. الوحيد ان جي پوري روئيداد پنهنجي 3 آگسٽ 1943 واري پرچي ۾ ڏني آهي. ڪانفرنس ۾ محمد حافظ، بارائٽ لا، خطبہ "استقباليہ پيش ڪيو. جڏهن تہ پير غلام مجدد سرهندي، جي- ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير الاهي بخش، علي اڪبر شاهہ، آغا نظر علي خان، مولوي محمد حسين، مولوي فضل احمد ۽ مولوي عبدالحئي صاحب تقريرون ڪيون. آخر ۾ هڪ نهراءُ ۾ چيو ويو تہ "جتي مسلمانن جي اڪثريت هجي، اتي انهن کي پنهنجون حڪومت گهرجن ۽ مٿس مقصدن جي حصول لاءِ هن صوبي جي مسلمانن کي آئينده پروگرم ۾ اهم فرض ادا ڪرڻو آهي، ان ڪري ڪيس هينئرئي منظم ڪرڻ گهرجي".

الوحيد جي 12 اپريل 1944ع جي پرچي ۾ جي ايم سيد جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي تہ ان وقت ٺٽي ضلعي ۾ مسلم ليگ جون تسليم شده شاخون هي هيون. ٺٽو (صدر ايم اي حافظ)، ڪاريون (صدر سلطان علي خواجہ)، ڳوٺ امام بخش ڳاهو (صدر امام بخش ڳاهو)، درويش (صدر رئيس عبدالله)، جنگشاهي (صدر حاجي عبدالجبار جوکيو)، جهمپير (صدر محمد رمضان) ۽ پنيور (صدر ابوبڪر).

ماڻهن کي ڪنيو ويو. اهي هئا سيد پير محمد شاهہ سجاولي، مولوڏنو عباسي نٽو وڏيرو محمد رحيم هيلايا، محمد دائود ڪپائي ۽ رئيس محمد علي چانڊيو لاڏيون، انهي سال سجاول ۾ مسلم ليگ جي ڪم ڪار کي منظم ڪرڻ لاءِ محمد اسماعيل عمراڻي، محمد يوسف ڪٽي، حاجي حجام ۽ سرور شاهہ جي ڪوشش جون خبرون ملن ٿيون.

1939ع ۾ ڪانگريس صوبائي وزارتن تان استعيفا ڏئي قائداعظم ان کي پنهنجي فتح قرار ڏئي سنڌ جي مسلمانن کي 22 ڊسمبر 1939ع تي يوم نجات ملهائڻ جي لاءِ اپيل ڪئي. الوحيد لائبريري ميرپور بٺوري ۾ الوحيد جي ذخيري مان فقط لاڏيون مسلم ليگ جو نالو ملي سگهيو آهي، جنهن انهيءَ سڏ جي موٽ ۾ مثبت رويو اختيار ڪيو.

28 جنوري 1939ع تي سنڌ مسلم ليگ جي ساليانې گڏجاڻيءَ ۾ حاجي عبدالله هارون کي صدر ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ڪاروباري ڪميٽيءَ تي هن ضلعي مان محمد حسين شورو کي ڪنيو ويو.

انهيءَ سال جهرڪ مسلم ليگ (صدر علي مير شاهہ شجاع شاهہ) سونڊا مسلم ليگ (صدر حافظ محمد يوسف) ۽ جنگهڙي مسلم ليگ (صدر حسين شورو) قائم ٿيون.

مارچ 1940ع واري آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري تاريخي اجلاس ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪندڙن ۾ هن ضلعي جو برک سياستدان شيخ عبدالمجيد سنڌي پڻ شامل هو. سنڌ ۾ مسلم ليگ جي سيني برانچن قرارداد لاهور جي حمايت ۾ نهراءُ منظور ڪيا. الوحيد جي 27 اپريل 1940ع واري شماري ۾ جهمپير شاخ جي جلسي جي مڪمل ڪارروائي ڏني وئي آهي.

فيبروري 1941ع ۾ ڪاري چاڙ ۾ مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪئي وئي، جنهن جو صدر ابراهيم ڪٽي کي چونڊيو ويو. 22 مارچ 1941ع تي دڙي ۾ ارباب گل محمد جي ڪوشش سان مسلم ليگ جي شاخ کلي، 23 مارچ 1941ع تي مسلم ليگ بٺورو طرفان حاجي محمد، صدر مسلم ليگ بٺورو جي هٿ هيٺ ”يوم پاڪستان“ ملهايو ويو. الوحيد جي 29 مارچ 1941ع جي شماري مطابق يوم پاڪستان جي موقعي تي مقررن ٻڌايو تہ سواءِ پاڪستان جي ٻيو ڪو بہ رستو باقي نہ آهي، جنهن ذريعي موجوده مشڪلاتن جو حل

صدر سر شاهنواز ڀٽو جنرل سيڪريٽري شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سنڌ ورڪنگ ڪميٽي ميمبرن ۾ ضلعي مان محمد عثمان سومرو ۽ سيد عبدالرحيم شاهه سجاولي ڪنيا ويا.

شيخ صاحب جي سڏ تي ٺٽي ضلعي ۾ "سنڌ آزاد پارٽي" جون جيڪي برانچون قائم ٿيون, انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

جهمپير (صدر: قاضي عبدالغفور) ٺٽو (صدر: مولوي محمد حسين), ڳوٺ گڏائي تعلقو ٺٽو (صدر: محمد سليمان), ڳوٺ هيلايا (صدر: حاجي محمد هيلايا), ڳوٺ هاشم سومرو (صدر: محمد فضل سومرو), سجاول (صدر: پير محمد شاهه), ميرپور بٺورو (صدر: حاجي محمد سومار واڍو), دڙو (صدر: الهڏنو ميمڻ), بنون (صدر: مولوي محمد يوسف), راهوٽ (صدر: حاجي ستار ڏنو شاهه), ڳوٺ خالق ڏنو تعلقو بٺورو (صدر: خالق ڏنو), ڳوٺ پروچاڻي (صدر: حاجي حبيب الله), جهرڪ (صدر: سيد علي مير شاهه بخاري) ۽ سونڊا (صدر: حاجي اسماعيل گندرو).

## مسلم ليگ جي نئين سر تنظيم:

1937ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ناڪاميءَ کان پوءِ مسلم ليگ کي سنڌ ۾ ٻيهر منظم ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ 11 آڪٽوبر 1938ع تي ڪراچي ۾ ڪراچي مسلم ڪانفرنس زير صدارت قائداعظم جي ٿي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ هن ضلعي جي برک سياسي اڳواڻ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جداگانه وطن جو مطالبو ڪيو. انهيءَ موقعي تي سنڌ مسلم ليگ پارٽيءَ جي تشڪيل پڻ ٿي, جنهن ۾ شيخ صاحب کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل تي هن ضلعي مان سيد مهر علي شاهه سجاول واري کي ۽ شيخ صاحب کي کنيو ويو.

ان وقت جي ڪراچي ضلعي ۾ مسلم ليگ جي شاخن قائم ڪرڻ جي ضرورت تي سيد بچل شاهه آف سجاول جو هڪ مضمون 11 مئي 1938ع جي الوحيد جي شماري ۾ شايع ٿيو. انهيءَ جي موٽ ۾ 2 ڊسمبر 1938ع تي ڳوٺ گڏايون, هيلايا ۽ چتو گندرو ۾ مسلم ليگ جون شاخون قائم ٿيون. 2 ڊسمبر 1938ع تي ڪراچي ضلعي مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جو صدر پير غلام حيدر شاهه ۽ نائب صدر محمد يوسف چانڊيو کي چونڊيو ويو. ورڪنگ ڪميٽيءَ جي عهديدارن کانسواءِ موجوده ٺٽي ضلعي جي جن

# ٺٽي ضلعي جو تحريڪ پاڪستان ۾ حصو

## آل انڊيا مسلم ليگ:

سنڌ مسلم ليگ جي شاخ 3 نومبر 1917ع ۾ قائم ڪئي وئي. ان جو پهريون اجلاس 11 نومبر 1917ع تي سيد اسدالله شاهہ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. 1919ع ۾ جڏهن قائداعظم کي مسلم ليگ جو صدر بڻايو ويو تہ هند ۽ سنڌ جا مسلمان انهيءَ ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺڻ لڳا. 1920ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جي جيڪا نئين تنظيمن ٿي، ان جي مرڪزي ڪائونسل ۾ هن ضلعي جي مشهور سياسي شخصيت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي کنيو ويو. هن صاحب 1929ع تائين سنڌجي نمائندي جي حيثيت سان آل انڊيا مسلم ليگ جي مختلف اجلاسن ۾ شرڪت ڪئي.

1929ع کان 1933ع تائين هندستان جون سڀئي سياسي جماعتون گول ميز ڪانفرنس ۾ مشغول رهيون. ان وقت سنڌ ۾ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ جي تحريڪ هلي رهي هئي.

1930ع ۾ بمبئي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هن ضلعي جي نمائندگي لاءِ شيخ عبدالمجيد فارم ڀريو. شيخ صاحب کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ سيد عبدالرحيم شاهہ سجاولي جو هڪ اشتهار الوحيد جي 3 سيپٽمبر 1930 واري اشاعت ۾ شايع ٿيو. مشتهرين جي نالن ۾ مولوي حاجي فتح علي، مولوي محمد يوسف بنوي، مولوي محمود ۽ ٻيا شامل هئا. عوام جي تائيد سان شيخ صاحب وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو.

## سنڌ آزاد پارٽي:

1931ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي ”سنڌ آزاد جماعت“ ناهڻ لاءِ اپيل ڪئي. ان موقعي تي ”سنڌ آزاد ڪانفرنس پارٽي“ جو بنياد پيو جنهن جو

# سياسي مضمون

## حوالا ۽ واڌارو:


1ـ قدوسي اعجازالحق ۽ تذڪره اولياء سنڌ
2ـ مڪلي ناموص ـ38
3ـ سيد طاهر محمد: تاريخ طاهري فارسي، سنڌي ادبي بورڊ 1964 صفحو: 52ـ53
4ـ الانا: لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ـ سنڌ الاجي 1977ـ ص 303
5ـ تحفتہ الڪرام ـ ص 466
6ـ ڊاڪٽر جمن تالپر، سنڌ جا اسلامي درسگاهہ، سنڌ ثقافت ڪاتو ڪراچي ـ 1982 ص ـ 146
7ـ تحفتہ الڪرام ـ سنڌي ادبي بورڊ ص 404
8ـ M.A Ghafur. Calligraphy of Thatta. K.u. 1978_78
9ـ اعجازالحق قدوسي، تاريخ سنڌ حصو اول، مرڪزي اردو بورڊ ـ ص 493
10ـ قدوسي، ص ـ 485
11ـ سنڌ جا اسلامي درسگاهہ ص ـ 171
12ـ هي احوال سنڌ جا اسلامي درسگاهہ مان ورتو ويو آهي.
13ـ الانہ ـ ص 337ـ339
14ـ Sh. Khurshid Hassan. Decoratire Art in Archeology of Sindh. 1975_ P_35
15ـ الانہ ـ ص 352
16ـ مولائي شيدائي: جنت السنڌ ـ ص404
17ـ تحفتہ الڪرام ج 3ـ ص 404
18ـ تحفتہ الڪرام ج 3
19ـ M.A Ghafur: Calligraph of Thatta. C.u. 1978_ P_57_58

ڪيس نئين ۾ وڏو ديني مدرسو هو جنهن ۾ ديني توڙي دنيوي تعليم ڏيندو هو.

### 13_ سيد ملوڪ شاهه:

سمن جي آخري ڏينهن جو مشهور عالم ٿي گذريو آهي. پنهنجي خانقاهه ۾ مريدن کي تعليم ڏيندو هو. 944هه ۾ وفات ڪيائين.

انهن ڪانسواءِ سمن جي دور ۾ اسان کي سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق مشهدي، مخدوم حامد، حاجي شيخ بهاءُالدين، پير البو شيخ حسن سومرو ۽ جمن جتي ۽ مخدوم جمعي جا نالا پڻ ملن ٿا، جيڪي پنهنجي دور ۾ ناليوارا عالم ۽ فاضل هئا.

### خطاط:

جيئن تہ سمن جي دور ۾ خطاطيءَ، مدرسن جي نصاب جو هڪ اهم رڪن هو ان ڪري ٺٽو خطاطي جو بہ مرڪز پئي رهيو آهي.

ٺٽي جي خطاطن تي ايم اي غفور هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ اسان کي سما دور جي ٻن خطاطن جو ذڪر ملي ٿو:

### 1_ قطب الدين بن محمود:

هيءُ ڄام نظام الدين جي ڏينهن جو مشهور خطاط ٿي گذريو آهي. هن جي دستخط سان لکيل ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڄام مبارڪ عرف دولهه دريا خان جي مقبري جي پوري خطاطيءَ جو ڪم هن جي حوالي هو جنهن جي تعمير جو ڪم دريا خان جي ڏينهن ۾ شروع ٿي ۽ سندس پٽ احمد بن دريا خان جي وقت ۾ پورو ٿيو. دريا خان واري ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو 898هه کان 928هه تائين خطاطي ڪندو رهيو. هو نسخ ۽ ثلث خطن ۾ مهارت رکندڙ هو.

### 2_ حافظ رشيد صديقي:

هي ڄام نظام الدين ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ نهايت اعليٰ قسم جو خطاط ٿي گذريو آهي. جڏهن شاهہ بيگ ارغون جي فوج ٺٽي تي چڙهائي ڪري شهر کي تلف و تاراج ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وئي تہ ان وقت، حافظ رشيد خطاط ٺي هو جنهن وچ ۾ پئي ٺٽي کي مڪمل تباهيءَ کان بچايو. هن جي وفات جي ڪا بہ خبر پئجي نہ سگهي آهي. هن جو پٽ عبدالرحيم پڻ سنو خطاط هو. عيسيٰ خان ترخان جي دور ۾ هن جي خطاطيءَ جا ڪجهہ نمونا ملن ٿا.[19]

قديم مشائخن مان هو. هن مهدوي عقيدو اختيار ڪيو هو. پاڻ مڪليءَ ۾ مدفون آهن.[18]

### 7_ شيخ عيسيٰ لنگوٽي:

سما دور جي مشائخن مان هڪ آهي. هي صاحب لانگوٽو ٻڌي، مڪلي ٽڪريءَ جي مهاڙ ۾ قلندرانہ نموني وينو هوندو هو ۽ گهمندو هو. شيخ حماد جو صحبتي هو ۽ ساڻس محققانہ گفتگو ڪندو هو پهرين ڏينهن ۾ شاهہ مراد شيرازيءَ جي جمڻ جي پيشن گوئي ڪيائين ۽ جمڻ واري ڏينهن، سندس زيارت لاءِ حاضر ٿي. مريدي جو اقرار ڪري ٽئين ڏينهن گذاري ويو. سندس مزار سيد علي شيرازيءَ جي مقبري جي اتر اوير ڪنڊ تي جبل جي لاهيءَ وٽ آهي.

### 8_ ملا عبدالرحمان عرف ملا لُتر:

ملان عبدالرحمان عباسي عرف ملان لتر، وقت جو وڏو ولي ٿي گذريو آهي، هميشہ پيو کلندو هو ۽ پنهنجي ظرافت آميز ڳالهين سان محفلن کي رنگين بڻائيندو هو. سما ڄام سندس نهايت معتقد هئا ۽ وقت جا بزرگ سندس ڏاڍي تعظيم ڪندا هئا. ساموئي جي ڪناري ۾ دفن ٿيل آهي.

### 9_ مخدوم رڪن الدين

مخدوم رُڪن الدين عرف مخدوم متو سمن جي آخرين ڏينهن ۾ وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل هو. حديث جي علم تي وڏي دسترس هيس. زاهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو. 949 هہ ۾ ٺٽي ۾ گذاري ويو.

### 10_ سيد نور حسين شاهہ بخاري ٺٽوي:

ڄام نظام الدين سمي جي ڏينهن جو مشهور عالم ٿي گذريو آهي. هو ٺلتي لڳ سيوهڻ ۾ درس ۽ تدريس جو سلسلو هلائيندو هو. مخدوم بلاول سمي جو استاد هو.

### 11_ قاضي نعمت الله عباسي:

ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي جي ڏينهن ۾ عالمن جو پيشوا ۽ پرهيزگارن جو اڳواڻ هو.

### 12_ قاضي محمد:

ڄام بايزيد جي ڏينهن ۾ ٺٽي ۾ برک عالم ۽ مدرس ٿي گذريو آهي،

الله جون چوڏهن معنائون ٻڌايون. اهو ڏسي ڪري شيخ صاحب چين ته! "اوهين مشائخن جي مراد آهيو ۽ اوهان وٽان ئي مرادون حاصل ٿينديون". ان ڪانپوءِ مٿن "مراد" لقب پئجي ويو ۽ پاڻ شيخ صاحب کي "حليم" جو لقب عطا ڪيائون. پاڻ 12 ربيع الاول 893 هه تي وفات ڪيائون. سندن جنازي نماز وقت جي حاڪم ڄام نظام الدين پڙهائي.

### 3_ سيد علي شيرازي

سيد مراد شاهه جو ننڍو ڀاءُ هو. هيءُ هڪ وڏو عالم، اهل دل ۽ اهل بصيرت هو. سندن بزرگيءَ سبب عوام توڙي خواص ۾ خاص اهميت حاصل هين. سيد حسام الدين شاهه راشدي "مڪلي نامي" ۾ لکي ٿو ته: "عمر ڪوٽ ۾ جڏهن اڪبر ڄائو تڏهن سيد صاحب جي پهراڻ مان ٽڪر ڦاڙي چولو سبي تبرڪ جي طور ڪيس پهرايو ويو".

سيد علي شيرازي عربي، فارسي ۽ سنڌي زبان جو وڏو اديب هو. ڊاڪٽر الانا، معارف الانوار جي حوالي سان سندن هڪ بيت پڻ نقل ڪيو آهي.[15] پاڻ 90 سالن جي عمر ۾ 981 هه ۾ وفات ڪيائون. سندن مزار پڻ مڪليءَ ۾ آهي.

### 4_ شيخ صدرالدين:

شيخ صدرالدين ٺٽوي وڏو عالم، پرهيزگار ۽ بلند پايه جو بزرگ ٿي گذريو آهي. سنڌ جي حاڪم ڄام نظام الدين سمي جو همعصر هو. سندس علمي حلقو نهايت وسيع هو ۽ ٺٽي ۾ سندس هزارين معتقد ۽ شاگرد هئا. سيد ميران محمد جونپوري جي مهدوي تحريڪ کان متاثر ٿي، مهدوي عقيدو اختيار ڪيو هئائون.[16]

### 5_ سيد محمد يوسف رضوي:

سيد محمد يوسف مير محمد ڄادم بکري پنهنجي وقت جو اهل الله ۽ صاحب ڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس ابا ڏاڏا اصل ۾ بکر جا وينل هئا. پاڻ اڪثر ڪري مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي گذاريندو هو. سندس مزار مڪليءَ ۾ آهي.[17]

### 6_ پير آسات:

هي مجذوب سالڪ، مخدوم عربي ڏياٽي هالائي جو ڀاءُ هو. ٺٽي جي

تماچيءَ جي مرضي آهي تہ هن ولي جي خدمت وسيلي هي حڪومت هٿ ڪري“. ڄام جوڻي، انهيءَ شڪ ۾ ڪيس پٽ سوڙهو قيد ڪرائي، دهلي موڪليو. هن واقعي کي ڪجهہ عرصو گذري ويو. هڪڙي ڏينهن شام شيخ صاحب کي انهن جي يادگيري پئي. خادم کي انهن جي حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليائين. جنهن سارو احوال هٿ ڪري شيخ صاحب کي اچي ٻڌايو. شيخ صاحب اهو ٻڌي هيٺيون دعا جو بيت پڙهيو:

جوڻو مت اوڻو ڄام تماچي آءِ،
سڀاجهي ٻاجهہ پيئي، توسين ڻتو راءِ.

اها خبر جڏهن ڄام جوڻي کي پئي، تڏهن گهوڙي تي سوار ٿي، شيخ صاحب جي خانقاهہ تي آيو ۽ شاگردن واري حلقي ۾ ويهي چيائين تہ ”درويشن جو سلطنت جي ڳالهين سان ڪهڙو واسطو؟“ انهن گستاخي وارن لفظن تي شيخ حماد هيڪاري رنج ٿيو ۽ جواب ۾ چيائين تہ ”جوهي لشڪر اسان کي مليل آهي ۽ اسين هن تمام دولت مان ڄام تماچي جي ڳچيءَ جو طوق ٿا ناهيون“. انهيءَ جواب ڪانپوءِ ڄام جوڻو ڏکوئجي موٽي ويو.

اڳتي هلي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ڄام تماچي جي قيد مان آزادي بہ هن بزرگ جي طفيل ٿي. هيءُ اهوئي ڄام تماچي آهي، جنهن جي حوالي سان هيءُ سيمينار ٿي رهيو آهي. ڄام تماچي هن بزرگ جي فرمائش تي جامع مسجد مڪلي تعمير ڪرائي.[13] ۽ شيخ صاحب جي اشاري تي سمن پير آر جي بجاءِ ساموئي کي پنهنجو مقام بڻايو. سندس مزار ڄام نظام الدين جي مقبري پرسان، زبون حالت ۾ موجود آهي. شيخ خورشيد حسن جي چوڻ مطابق شيخ صاحب جو مقبرو ڄام تغلق تعمير ڪرايو هو.[14]

## 2ـ مراد شاهہ شيرازي:

سيد محمد حسين المعروف پير مراد شاهہ شيرازي جي ولادت 831 هہ ۾ ٿي. ان وقت ڄام فتح خان بن ڄام سڪندر سمي جي سنڌ تي حڪومت هئي. چاليهين سالن جي عمر ۾ پنهنجي طريقي جو اظهار ڪيائون. هڪ دفعي شيخ صدرالدين ۽ پاڻ ڄامع مسجد ولي نعمت ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن اتي پهتا تہ ڏٺائون تہ پيش امام اڃا نہ پهتو آهي تہ سيد صاحب پنهنجي خادم کي چيو تہ ”ٻاهر وڃ، جيڪو بہ ڏسين تنهن کي وٺي اچ. خادم هڪ برهمڻ کي وٺي آيو. سيد صاحب هن تي هڪ نظر وڌي ۽ هن منبر تي چڙهي بسم

ويندڙ ھيون. منطق، رياضي، ھيئت، اقليدس ۽ خطاطي پڻ نصاب ۾ شامل ھئا.

سمن سلطانن جا تعلقات اسلامي دنيا سان دوستاڻا ھئا. تنھن ڪري سنڌ جي علم جو چرچو اسلامي دنيا تائين پھچڻ لڳو اھوئي سبب ھو جو شيخ مبارڪ ناگوري سنڌ جي علم جي ساک ٻڌي يمن کي ڇڏي ٺٽي ۾ اچي سڪونت پذير ٿيو.[11] مطلب تہ ٺٽو ان وقت ھڪ بين الاسلامي دارالعلوم جي حيثيت اختيار ڪري چڪو ھو.

## ٺٽي جا مدرسا:

سمن جي ڏينھن ۾ ٺٽي جي مشھور مدرسن ۽ درسگاھن جا جيڪي نالا ملي سگھيا آھن اھي آھن:

شيخ حماد جمالي جي درسگاھہ، قاضي محمد جي درسگاھہ، سيد محمد ۽ احمد جي درسگاھہ، مسجد ولي نعمت جي درسگاھہ، سيد ملوڪ شاھہ جي درسگاھہ، سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق جي درسگاھہ، سيد علي ثانيءَ جي درسگاھہ، مخدوم حامد جي درسگاھہ، شيخ صدرالدين جي درسگاھہ، مخدوم ڪتو جي درسگاھہ ۽ قاضين جي درسگاھہ.[12]

## مدرسا/عالم/اولياءُ:

سمن سردارن جي علم پروري ۽ آزادانہ ماحول ۾ ٺٽي جي سرزمين اھڙا ماڻڪ پيدا ڪيا، جن جي علمي جوت سان سنڌ ۽ ھند تہ ٺھيو پر عرب و عجم بہ واسجي ويا. ھتي ٺٽي جي انھن بزرگن، عالمن ۽ ولين جو ذڪر مقصود آھي، جن جو واسطو سمن جي دور سان رھيو آھي:

### 1_ شيخ حماد جمالي:

بن شيخ رشيد الدين جمالي، اُچ جي مشھور درويش شيخ جمال جو ڏوھٽو ھو. ھو ھميشہ ساموئي ۾ پنھنجي خانقاھہ ۾ درس و تدريس ۾ مشغول ھوندو ھو. ھن جي خانقاھہ کي وڏو علمي رتبو حاصل ھوندو ھو. تحفتہ الطاھري ۾ ھڪ واقعي جو ذڪر ڪندي شيخ محمد اعظم ٺٽوي لکي ٿو تہ:

” جام تماچي ۽ سندس پٽ صلاح الدين جو ھن بزرگ ۾ گھڻو عقيدو ھو. ڪن شرير ماڻھن، ان وقت جي حاڪم جام جوڻي جا ڪن ڀريا تہ جام

شيخ جمال الدين قريشي، مولانا فتح الله، مولانا عزيز الله، مير عماد گرديزي، مرزا شهيد، مرزا شيخ بهاوالدين قريشي، مولانا بهلول ۽ قاضي محمد جي مدد سان ملتان ۾ هڪ مدرسو پڻ قائم ڪيو.[6] ڄام نظام الدين (ننڍو) سمن حاڪمن ۾ نهائت متشرح ۽ سنت نبوي تي هلندڙ هو. هو خود بہ عالم هو ۽ عالمن جو قدر ڪندو هو. هن جي زماني ۾ سيد يعقوب ۽ سيد اسحاق، جيڪي ٺٽي جي مشهدي سيدن جا وڏا آهن. 901 هہ ۾ مشهد کان لڏي اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا. اهڙيءَ ريت سيد محمد عباس مشهدي جا فرزند سيد احمد ۽ سيد محمد بہ ايران مان لڏي اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيا. سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ جو آغاز بہ ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ ٿيو.[7] قاضي قاضن، قاضي شيخ، مولانا ضياءالدين راهوئي، مولانا مصلح الدين لاڙي، مراد شاهہ شيرازي، سيد علي شيرازي جهڙا بزرگ ۽ فاضل هن جا همعصر هئا. علامہ جلال الدين دواني جهڙا بزرگ بہ ڄام نظام الدين جي دعوت تي درس و تدريس جي سلسلي ۾ ٺٽي پهتا.[8]

ڊاڪٽراعجازالحق قدوسي "سمن جي دور کي علم و فضل ۽ معياري سنڌي زبان جي ارتقا ۽ سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي ترقيءَ جي اعتبار کان هڪ اهم دور قرار ڏئي ٿو". هن جي خيال ۾ سمن جي زماني کان ئي سنڌي زبان ۽ شاعريءَ ۾قوت بيان کي ترقي ملي، لساني سرمايي ۾ وسعت پيدا ٿي. انهيءَ زماني ۾ ماموئي جا بيت، شيخ حماد جمالي جا بيت ۽ قاضي قاضن جا شعر مليا آهن.[9]

### سمن جي دور ۾ علمي ترقي:

سمن جي زماني ۾ سرزمين سنڌ جا جهونا شهر عرب جي علمي مرڪزن جهڙوڪ بغداد، دمشق ۽ ڪوفي جي هم پلئہ هئا. انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ سيوهڻ، بکر، دربيلو تلتي، بوبڪ، ڪاهان، ٻيرلوء، هالہ ڪنڊي، نصرپور، اگها ماڻو ۽ ٺٽو مدرسن ۽ درسگاهن سان ڀرپور هئا. "صرف ٺٽي ۾ مدرسن جو تعداد هڪ هزار جي قريب هو".[10]

سمن کان اڳ ۾ اسلامي طريقي مطابق مدرسا، مسجدن ۾ قائم هئا ليڪن سمن جي حڪومت ۾ مدرسن جي لاءِ علحيده عمارتون تعمير ٿيون. مدرسن ۾ حديث، قرائت، تفسير، علم صرف ونحو فقهہ جا مضمون شامل هئا. از انسواءِ اسلامي دنيا سان رابطي رکڻ لاءِ ٻيون ٻوليون پڻ سيکاريون

درالسلطنت ٺاهيو ۽ ان جو نالو "ساموئي" (سمن جي رهڻ جو هنڌ) رکيو بعد ۾ ڪجهه عرصي کانپوءِ ٺٽي کي درالخلافہ جي حيثيت ڏني وئي.

عام طور تاريخن ۾ اهو بيان ڪيل آهي تہ ٺٽي جو بنياد ڄام نظام الدين نندي 900 ھہ ۾ وڌو ليڪن هاڻي ان ڳالهہ ۾ ڪا بہ صداقت نہ رهي آهي. ٺٽي تي سڀ کان زياده تحقيقات ڪندڙ ۽ مورخ سنڌ حسام الدين شاهہ راشدي اها ڳالهہ ثابت ڪري چڪو آهي تہ "ٺٽو ڄام نظام الدين کان بہ سئو ورهيہ اڳ موجود ۽ مشهور شهر هو".

ها، اهو صحيح آهي تہ سمن جي دور ۾ هن شهر جي عظمت ۽ شان ايتري قدر تہ ڪمال تي پهتل هئا، جو تاريخ طاهري جو مصنف لکي ٿو تہ "حقيقت ۾ ٺٽي جو بنياد ڪنهن اهڙي سڀاڳي گهڙيءَ ۾ پيو هو جو هتي جي رهواسين رنج ۽ تڪليف ڪڏهن بہ نہ ڏٺا، جيڪي وٽن آهي، ان تي قناعت ڪندا آهن. جهڙو آرام ۽ خوشي هنن کي نصيب آهي، اهڙي بئي ڪنهن بہ هنڌ ورلي ليندي".[3] مطلب تہ سمن جي دور ۾ ٺٽو جهڙو هو خوشحال، تهڙو هو علمي طور مالامال.

**سمن جي علم پروري:**

سمن جي دور ۾ اسان کي علم دوستيءَ جا ڪافي اهڃاڻ ملن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ "هن دور ۾، سنڌ ۾ علم پروريءَ جو خاص سبب هيءُ هو تہ خود سمن سردارن بہ علوم و فنون جي قدرداني ۽ علماء ڪرام جي عزت افزائي ڪرڻ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي ڪا نہ ڪئي. سمو سردار ڄام جوڻو فارسي زبان جو مشهور شاعر هو.[4] شيخ ابو تراب گجي واري جي مزار بہ ڄام جوڻي 872 ھہ ۾ تعمير ڪرائي ۽ ان تي جيڪو ڪتبو هڻايو اهو سنڌ پراونشنل ميوزيم ۾ موجود آهي". ڄام صلاح الدين بن ڄام تماچي جي وقت ۾ شيرازي خاندان جا بزرگ، ۽ سندس پٽ احمد شيراز ڇڏي، قندار ۽ سيوهڻ کان ٿيندا نعمت الله عباسي جي رشتيداري سبب ٺٽي ۾ قاضين جي محلي ۾ اچي مقيم ٿيا.[5] ڄام بايزيد ڄام نظام الدين جو ننڍو ڀاءُ هو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جيان پاڻ عالم ۽ علم جو قدردان هو. سندس دربار ۾ ڪيترائي عالم ۽ فاضل رهندا هئا. ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر پنهنجي ڪتاب "سنڌ جا اسلامي درسگاهہ" ۾ لکي ٿو تہ ڄام بايزيد جي علم پروريءَ جي هاڪ ٻڌي خراسان ۽ هند جا ڪيترائي عالم اچي وٽس گڏ ٿيا. هن

# سمن جي ڏينهن ۾ ٺٽي جو علمي عروج

**سمن جي حڪومت:**

سومرن جي پوئين حاڪم "همير" جي عزام آزار پاليسيءَ سبب سنڌ جي رعيت ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ بيچينيءَ کي محسوس ڪندي سنڌ جي سمن ڪاهه ڪري "همير" کي قتل ڪري سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي ۽ڄام انڙ کي پنهنجو سردار چونڊي، سنڌ تي پنهنجي حڪومت جو بنياد وڌو. اهو 752هه مطابق 1351ع جو واقعو آهي.

سنڌ جو اهو زمانو جنهن کي تاريخي نقطي نظر کان زرين دور سان تعبير ڪري سگهجي ٿو، اهو سمن جو زمانو آهي. سمن جي ڏينهن ۾ سنڌ، ڪيترين صدين تائين اهي ڏينهن ڏٺا، جنهن جو مثال سنڌ جي پوري تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. حقيقت هيءَ آهي ته سمن بادشاهن، سنڌ کي ترقي ۽ ڪمال جي انتهائي بلنديءَ تائين پهچايو. سما حاڪم سنڌ جي فلاح و بهبود جي ڪمن ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيا هئا ته اوچتو ڄام نظام الدين ننڍي جي وفات (سن 914 هه) کانپوءِ سنڌ جو امن ۽ سڪون ٿهُ و بالا ٿيڻ لڳو. اقتدار جي حصول ۾ باهمي خانه جنگيءَ جي ڪري سمن جي قسمت ڦٽڻ لڳي، تان جو 928 هه ۾ ارغونن جي روپ ۾ سنڌ تي غلامي جي اداس شام مسلط ٿي، جنهن جي تاريڪيءَ آزادي ۽ خودمختياريءَ کي صدين تائين اڀرڻ نه ڏنو.[1]

**ٺٽي جو بنياد:**

سمن، جنهن وقت سومرن کان سنڌ جي حڪومت هٿ ڪئي، ان وقت سومرن جي گاديءَ جو هنڌ "ڪلان ڪوٽ" هو تنهن ڪري ڪجهه وقت لاءِ سمن حاڪمن به ڪلان ڪوٽ کي پنهنجو گاديءَ جو هنڌ بڻايو. پرپوءِ هنن مڪليءَ پرسان اُتر ۾، جيڪو هينئر ڪٽ وارو علائقو ڏسڻ ۾ اچي ٿو

ڪي آباد ڪيو هو. انهيءَ درياءَ جي پوبان هن علائقي کي ”ديهہ ڪاڙڪ“ ڪري چيو ويندو آهي. اهوئي درياءَ جاتي تعلقي جي مشهور تاريخي شهر ”رڙي“ کي بہ آباد ڪندو هو. جنهن جي سڪڻ ڪري ”رڙي“ بہ برباد ٿي ويو.

نندڪوٽ ۾ استعمال ڪيل سرون پڪي مٽيءَ جون آهن. ٻاهريون سرون پڪيون ۽ سخت آهن، البتہ اندريون سرون ڪمزور آهن. ٿوري زور سان ٽٽي پون ٿيون. نندڪوٽ جي سرن کي هٿان جا ماڻهو ٽٽل عضوي يا وائي سور لاءِ علاج طور استعمال ڪندا آهن. هٿان کان مليل سڪا تمام ننڍڙا آهن جن تي ڪا بہ لکت پڙهڻ ۾ نہ ٿي اچي. نڪرن جي ٿانون ۾ هٿي سليٽ جي پٿر جهڙي ڪاري مٽي جا پڳل ٽٽل ٿانوَ جابجا ملن ٿا، جن تي چٽسالي بہ ٿيل آهي. اها مٽي عام مٽي کان سخت ۽ پائيدار محسوس ڪجي ٿي.

نندڪوٽ جي قلعي جي انهيءَ تاريخي سرگزشت کان پوءِ اميد تہ اسان جا محقق حضرات ۽ محڪمہ آثار قديمہ وارا هن طرف ڌيان ڏيندا.

چڪا آهن. وقت جي گردش، حڪومت جي عدم توجهي، برسات ۾ ٻنين جي پاڻيءَ سبب اهي ٻئي حصا تقريبن ختم ٿيڻ تي آهن. اترئين حصي ۾ 17 برج آهن ۽ ان جي ڊيگهه اٽڪل 1088 فوٽ ٿيندي، جڏهن تہ ڏاکڻئين حصي ۾ هڪ برج وڏيڪ آهي جيڪو انين برج ۽ نائين برج جي وچ واري قلعي اندر وڏيل ديوار جي ڪري آهي. ان ڪري اولهہ ۽ اتر طرف هڪ برج جي ڪوٽ سمجهہ ۾ اچي اتي. اترئين ديوار جي پهرين ۽ ٻئي برج وٽ ڪن ڪوٺين جا نشان آهن. پنجين ۽ ڇهين برج جي وچ ۾ دروازو محسوس ڪجي ٿو ستين ۽ انين برجن جي سامهون ڪوٽ اندر ڪن جاين جا نشان شروع ٿين ٿا، ٻن جڳهين کان پوءِ تقريبن 75 فوٽن جي مفاصلي تي زمين جي سطح کان اڍائي فوٽن جي بلندي تي هڪ عظيم محلات جا ڪنڊرات موجود آهن، جنهن متعلق چيو وڃي ٿو تہ راجا نند جي لاڏلي ڌيءَ مومل جي محلات هئي. اها تقريبن 95 فوٽ هم چورس آهي. محلات ۾ ٽيهارو ڪن ڪوٺيون آهن. دالان ۾ پيل پاين جا نشان اجا بہ چڱي طرح ڏسي سگهجن ٿا. محلات جي ديوار تي فوٽ وڪري آهي. ان ۾ ڪم آيل سر جي ڊيگهہ هڪ فوٽ ۽ ويڪر ڏهہ انچ آهي. ڪوٽ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي. ڏاکڻين طرف ٽائين برج تان هڪ سڌي ديوار وڃي ٿي، جيڪا ڪوٽ کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ٿي. ڪوٽ جون اڪثر عمارتون، ڪوٽ جي اڀرندي حصي ۾ واقع آهن. الهندي حصي ۾ مومل جي محلات ۾ ڪن جڳهين جا آثار ظاهر آهن.

نندڪوٽ جي مکيہ ڪنڊرن جي اوپر طرف هڪ فرلانگ پرڀرو واهہ جي ڪاپي ڪپ تي پنهون ٿهيم جي زمين ۾ ٻن عمارتن جا نشان نظر اچن ٿا. هر عمارت ٻارنهن ڪمرن تي ۽ اٽڪل 2816 چورس فوٽن تي مشتمل آهي. انهن عمارتن جي بنيادن تي چُن جو ڪم ڪيل آهي. اندازن، مني انچ جي چن جو راڳو آهي. محسوس ڪجي ٿو تہ شايد اهي عمارتون مهمان سراءِ هيون يا خدمتگارن جي رهڻ جون جڳهيون هيون. ان ڪانسواءِ انهيءَ علائقي ۾ پنهون ٿهيم ۽ حسين پٽيل جي زمين ۾ بہ دڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن تي ڪامل سرن جي ٽڪرات جابجاءِ پکڙيل نظر اچي ٿي ۽ ڪنيارڪي سامان جا پور بہ ڪثرت سان ملن ٿا. معلوم ٿئي ٿو تہ اهي ڪورا هئا.

قلعي جي ڏاکڻين طرف هڪ پراڻي ڍوري جا نشان محسوس ڪجن ٿا. ان متعلق مقامي پوڙهن جي روايت مطابق ڪاڙڪ درياءَ وهندو هو جيڪو ڪنهن زماني، پراڻي ڍوري (سنڌو جي اوڀرندي شاخ) مان نڪري هن خطي

جيڪڏهن انهن جي کوٽائي ڪجي تہ ڪافي معلومات ملي سگهي ٿي. ڪوٽ کي چار دروازا آهن جن مان ٻن جو نشان واضح آهي. هر دروازي جي ويڪر 33 فوٽ آهي. ڪوٽ جي ايرندي طرف اُچن برجن جا پڌرا نشان آهن، شايد هتي حفاظتي دستا ويهندا هئا. هر برج جي درميان 64 فوٽن جو سراسري مفاصلو آهي. هر برج جو قطر ساڍا ست فوٽ آهي. ڪوٽ جي ديوار ساڍا 6 فوٽ ويڪري آهي ۽ ان ۾ فوٽ ڊگهيون ۽ منو فوٽ وڪريون سرون استعمال ٿيل آهن. ڪوٽ جي ايرندي ديوار تقريبن 516 فوٽ ڊگهي آهي. هر برج جي اڳيان ڪن ڪوٺين جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هر ڪوٺي 36 فوٽ هم چورس آهي. برج نمبر ڇهين وٽ ڪنهن جاءِ جا نشان ڏسجڻ ۾ اچن پيا. ستين ۽ اٺين برج جي وچ ۾ هڪ دروازو آهي جيڪو 33 فوٽ ويڪرو آهي. ڪوٽ جي ڏاکڻين ديوار ۾ ڪل 18 برج آهن ۽ سندس ڊيگهہ تقريبن 1162 فوٽ ٿيندي ڪوٽ جي هن ديوار جا بنياد بلڪل پڌرا آهن، جيڪي شاهدي ڏين ٿا تہ ڪنهن سمي هت واقعي ڪو شاهي ڪوٽ هو. ان ديوار جي ٽئين ۽ چوٿين برج جي وچ ۾ هڪ دروازي جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. دروازي جي بلڪل سامهون هڪ ٻئي پويان ٽن جڳهين جا بنياد محسوس ڪجن ٿا. پهرين ٻن جاين جي ڪوٺين جي ماپ 12x7 ۽ 17x9 آهي. جڏهن تہ پوئين جڳهہ ڪا شاهي محلات محسوس ڪجي ٿي. مقامي روايت مطابق اها راجا نند جي لاڏلي ڏيئ مومل جي محلات هئي. محلات ۾ لاتعداد ڪوٺيون آهن. برج تعمير ستين کان ديوار جي لڳو لڳ ننڍن وڏن ڪمرن جي لاڳيتي قطار شروع ٿئي ٿي، جيڪا پندرهين برج تائين هلي ٿي. چوٿين ۽ پنجين برج جي وچ ۾ هڪ نڪر جو چرؤ لڳل آهي، جنهن جو قطر اڍائي فوٽ کن ٿيندو. اٺين برج جي اولهہ واري ڪنڌ جي ٻاهران اٺ ڪوٺيون آهن ۽ ٻن کوهن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ کوهہ جو قطرپنج فوٽ تہ ٻئي جو چار فوٽ آهي. ٻاهرين ڪوٺين جي ماپ 14x75 فوٽ آهي. ٻاهرين ڪوٺين جي بلڪل سامهون سورنهن ڪوٺين تي مشتمل هڪ ٻي جاءِ جا نشان موجود آهن. ٻارهين ۽ تيرهين برج جي ٻاهران هڪ وڏي عاليشان عمارت جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن ۾ لاتعداد ڪمرا آهن. اولهہ طرف ست برج آهن ۽ برج نمبر چوٿين ۽ پنجين جي وچ ۾ ڇهن ڪوٺين جا نشان آهن. برج نمبر ڇهين ۽ ستين جي وچ ۾ بہ ڪن ڪوٺين جا نشان محسوس ٿين ٿا. ڪوٽ جو الهندو حصو ايرندي ۾ ڏاکڻين حصن کان قدري زبون ٿي

هئي جا حسين هئي ۽ سندس ٻي ڏيءُ سُومل جادوگرياڻي هئي جنهن جيسلمير جي لڊاڻي شهر جي ڀر ۾ ڪاڪ نئين جي ڪپ تي جادوءَ جو رنگ محل اڏيو هو“.

تازو نئي ضلعي جي 50 سالا تاريخ لکڻ جي سلسلي ۾ مونکي جاتي تعلقي جي قديم آثارن ڏسڻ جو موقعو مليو. جاتي تعلقي ۾ ديرو سنڌو بندر ۽ رڙي کان علاوه ”نندڪوٽ“ به ڏسڻ جهڙي شئي آهي.

ڪنهن سمي کان وٺي ”نندڪوٽ“ کي مقامي ماڻهو ”راجا نند جو ڪوٽ“ ڪري چون ٿا ۽ انهي روايت کي سنڌ گريٽيئر ڪراچي ضلعي (1927) ۾ مغلن جو ذڪر ڪندي تسليم ڪيو ويو آهي“. هوڏانهن ڪڇ جا ماڻهو ڀڄ جي قريب تڪرائتي زمين جي هڪ ٽڪر کي راجا نند جي ڪوٽ سان تشبيهه ڏين ٿا ۽ اتان جي پٿرن جي گول ٽڪرن کي راجا نند جو پوريل ناڻو قرار ڏين ٿا. قصي ۾ ”ڪاڪ“ کي لڊائي (جيسلمير) وٽ ٻڌايو ويو آهي ته ٻئي طرف جاتي تعلقي جي ڏکڻ اولهه ۾ ”ڪاڪ“ نالي هڪ ڳوٺ موجود آهي، جنهن جي ڀرسان به ڪنهن پراڻي ڊوري جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪ طرف اهي ڳالهيون آهن جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته راجا نند جو به هن طرف سان ڪو تعلق رهيو آهي ته ٻئي طرف تاريخن راجا نند جي بادشاهيءَ کي ميرپور ماٿيلي سان منصوب ڪيو آهي. هڪ انگريز مورخ ائبٽ ”سنڌ جي تاريخ ۾ (ص-105) ۾ لکي ٿو ته“ ماٿيلي جي ڪوٽ جو بنياد پهريان راءِ گهراڻي 495ع ڌاري وڌو هو. ڪائنس پوءِ ايندڙ گهراڻا به مٿس عمارت اڏيندا رهيا. تان جو سنه 1395ع ڌاري جڙي راس ٿيو انهيءَ زماني ۾ راجا نند مٿس حاڪم هو.

آخر سوال ٿو اٿي ته هيءُ عظيم الشان ڪوٽ ڪنهن جو اڏايل آهي؟ ڪهڙن سببن ڪري هن کي راجا نند سان منصوب ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي تايخ جو هيءُ هڪ معمو آهي جنهن کي سمجهائڻ ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ نه صرف سنڌي محققن جو ڪم آهي پر محڪمه آثار قديمه وارن جو به فرض آهي. هاڻي اچو ته نندڪوٽ جي ڪنڊرن تي نظر وجهون.

نندڪوٽ جا ڪنڊرات جاتيءَ کان ساڍا چار ميل اوير طرف بيگنا واهه جي اولهندي ڪپ تي جاتي، ڪور واهه روڊ لڳ ديهه ڪاڙڪ ۾ واقع آهن. نندڪوٽ تقريبن 30 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن جي ايراضي تقريبن 134400 چورس فوٽ ٿيندي. ڪوٽ جا نشان ايترا ته واضح آهن جو اڄ به

# نندڪوٽ جو تاريخي قلعو
# تحقيق جي ضرورت

سونهاري سنڌ پنهنجي قديم تهذيب ڪان هنڌين ماڳين مشهور پئي رهي آهي. سندس ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل قديم آثار سندس عظمت ۽ قدامت جي گواهي ڏئي رهيا آهن. سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ ڏيهين توڙي پرڏيهين پنهنجو نور نچوئي ان جي کنڊرات مان شاندار ماضيءَ جو پتو لڳايو آهي. ليڪن اڃا به ڪي اهڙا هنڌ آهن جن تي ڪو خاص ڌيان ڏنو نه ويو آهي. وقت جي سرد مهري، محقق ۽ مورخ حضرات جي عدم دلچسپيءَ سبب سنڌ جي مختلف حصن ۾ سنڌ جو تاريخي ورثو تباهه ٿي رهيو آهي. اهڙي حصي ۾ جاتي تعلقي ضلعي ٺٽي جا قديم آثار اڃا وڃن ٿا. جن مان ديرو سنڌو بندر، نندڪوٽ ۽ رڙي جا آثار اهم حيثيت رکن ٿا. بهرحال اجوڪي مضمون ۾ ”نندڪوٽ“ تي بحث ڪيو ويندو.

”نندڪوٽ“ جي نالي ٻڌڻ سان .راجا نند“ جي دور جو تصور ذهن تي تري اچي ٿو جنهن سان سنڌ جو مشهور روماني داستان ”مومل ۽ راڻو“ تعلق رکي ٿو. جڏهن ته مومل راجا نند جي ڌيءُ هئي ۽ راڻو همير سومري جو هڪ وزير هو.

مومل راڻي جي انهيءَ قصي ۾ آيل تاريخي جڳهين تي تقريبن سيئي مصنف (جهڙوڪ ٽاڊ-راجستان ج-2 ص 191، گربخشاڻي شاهه جو رسالو ج-3 ص 237) ائبٽ- سنڌ جي تاريخ ص -105، مولائي شيدائي، ضياءِ لطيف ص-60) ڊاڪٽر بلوچ، شاعرن جو سرتاج ص-96، مولانا وفائي، لطف اللطيف ص-67 ۽ مومل راڻي جو قصو (امل حفيظ وارو- گڏيل ڪيل مرزا قليچ بيگ ص-1-8) متفق ٿا پائنجن ته ”هي قصو پندرهين صديءَ جو آهي. جڏهن راجا نند گجر راجپوت ماتيلي تي راج ڪندو هو. مومل سندس ڌيءُ

مبارڪ صلي الله عليہ وسلم جي زيارت ڪرائي ويندي آهي.

11_ سنڌو بندر:

سنڌو بندر يا سير ڳنڊيو جاتي شهر کان چار ميل پري ديھہ ڏجهو ۾ سير ڪاري جي ڦٽل وهڪري تي واقع آهي. هتان ڪڇ ۽ سنڌ جو واپار ٿيندو هو. 1874ع ۾ هتان 23، 6، 97 روپين جو سامان ڏيساور موڪليو ويو. جڏهن تہ 1916ع ۾ 171، 30، 2 روپين جو سامان سنڌ ۾ آيو. 1936ع کانپوءِ سنڌو بندر آهستي آهستي ڦٽڻ لڳو. هن وقت سرزمين تي فقط سرن جا ٽڪرا ملن ٿا.

هن مختصر مقالي جو اختتام، ايم پٿاوالا جي هن اقتباس سان ڪريان ٿو:

”مذڪوره مقامات جي ترقي ۽ زوال جو داورمدار، بہ درياهي نظام_ هاڪڙي ۽ درياءِ سنڌ، انهن جي ڪپن ڪنارن، ڍنڍن، ڍورن، شاخن ۽ چاڙن تي رهيو آهي. انهن جي خوشحاليءَ جو چرچو پڳل ٽٽل ٿانون، بسترن، پٿرن ۽ ڌاتوءَ جي شين، رانديڪن ۽ زيورن جي انهن ٽڪرن ۾ آهي، جيڪي جا بجا پکڙيا پيا آهن يا زمين دوز آهن، جن کي فقط هڪ ماهر آثار قديمہ جي ڪوڏر جو لپوئي ظاهر ڪري سگهي ٿو.

ڪتابيات:

1_ عبدالقادر منگي: ڀنڀور ۽ ديبل_ 1986ع.
2_ محمد سومار شيخ: بدين ضلعي جو مطالعو.
3_ ڊاڪٽر الانا: لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ.
4_ حافظ حبيب سنڌي: تاريخ شاهبندر (قلمي).
5_ رسول بخش تميمي: تاريخ جاتي.
6_ ايم بي پٿاوالا: ”هسٽاريڪل جيوگرافي آف سنڌ“.
7_ هيوگز: ”گزيٽيئر آف سنڌ پراونس“ 1886ع.

ڪچري مان هڪ اهڙو فائيل هٿ آيو جنهن ۾ 1892ع کان 1914ع تائين ڪيٽي بندر تي آيل جهازن ۽ اتي رجسٽرڊ ٿيل جهازن جو تعداد ۽ آمدني ۽ روانگي واپار جاٽايل آهي. انهيءَ مطابق انهيءَ عرصي ۾ 612 جهاز ڪيٽي بندر ۾ آيا ۽ 467 جهاز ۽ 232 وڏيون ٻيڙيون ڪيٽي بندر پورٽ اٿارٽي وٽ رجسٽرڊ ٿيون. ڪيٽي بندر جي 1936ع تائين بندر واري حيثيت قائم رهي. هن وقت 800 ماڻهن جي وستي آهي. ڪيٽي بندر جي پرسان، هڪ ننڍڙي بندر "سوڪي بندر" جا بہ آثار ملن ٿا.

### 9_ اورنگا بندر:

هيءَ بندر اورنگزيب عالمير تعمير ڪرايو جڏهن هو ٺٽي جو نواب هو. ان جي آثارن ڏسڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ اهو هڪ وسندڙ شهر ۽ مشهور واپاري بندر هو. جتي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فيڪٽري قائم هئي. شهر جي اولهہ ۾ هڪ قبرستان آهي، جنهن ۾ ڪن قبرن تي قرآن شريف اُڪريل آهي. اورنگا بندر جا آثار ديهہ چيچ جهان خان تعلقي شاهبندر ۾ چيچ جهان خان کان 6 ميل ڏکڻ طرف واقع آهن. ڊاڪٽر الانہ جو اهو چوڻ تہ انهيءَ جي دڙي کي "قتل ديرو" چوندا آهن، غلط آهي. "قتل ديرو" گيانچن جي ڳوٺ جي قريب پراڻي رياست ڪڪرالہ جو صدر مقام هو.

### 10_ شاهبندر:

هن بندر کي، مل درياءَ تي، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي 1709ع ۾ تعمير ڪرايو. هن اورنگا بندر مان ماڻهو لڏرائي شاهبندر کي آباد ڪيو. انگريزن جي ڪوٺي جيڪا اورنگا بندر ۾ قائم هئي، اها شاهبندر آندي وئي، شاهبندر ارڙهين صديءَ ۾ سنڌ جو مشهور بندرگاهہ هو. مکيہ واپاري مرڪز سان گڏوگڏ، اهو علمي ۽ ادبي مرڪز پڻ هو. حافظ حبيب سنڌي "تاريخ شاهبندر" ۾ شاهبندر جي پندرنهن فارسي شاعرن جو تذڪرو ڪيو آهي. 1819ع ۾ عظيم زلزلي اچڻ سبب پوري لاڙ ۾ طبعي تبديليون رونما ٿيون ۽ مل درياءَ جي رخ ڦيرائڻ ڪري شاهبندر ڦٽڻ لڳو. 1896ع تائين شاهبندر تعلقي هيڊڪوارٽر رهيو بعد ۾ تعلقي آفيسون لاڏيون منتقل ڪيون ويون.

چوهڙ جماليءَ کان 26 ميل ڏکڻ اولهہ طرف واقع شاهبندر اڄ ڪلهہ ٽن چئن مهاڻن جي گهرن جي وستي آهي، هتي هر سال 10 ذوالحج تي مُوءِ

هوندي هئي. هلڪا جهاز لاڙي بندر ڪان نڪري، ٺٽي تائين اچي نڪرندا هئا. اهڙي طرح ٺٽو بہ بندرن جي لسٽ ۾ شمار ٿيڻ لڳو. 1641ع ۾ هڪ پورچوگيز سياح، فري سيباسٽين مانري، ٺٽي آيو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو تہ "ٺٽو هڪ وڏو صنعتي مرڪز ۽ مکيہ بندر آهي، جنهن ۾ هميشہ جهازن جون قطارون بيٺل هونديون آهن. اهي جهاز هر قسم جو سامان ايشيا ۽ پورچاگال جي مختلف حصن ڏانهن کڻي ويندا آهن". اڌ صديءَ ڪانپوءِ يعني 1699ع ۾ جڏهن هئملٽن ٺٽي جو دورو ڪيو تہ اهو وهڪرو شهر کان بہ ميل پري هو. واضح رهي تہ ان وقت ٺٽي جو مرڪزي علائقو ٺٽي شهر جي موجوده ايراضيءَ جي ڳهڻوا ويرِ طرف هو.

5- **جاڪي بندر:**

هيءُ بندر، ڏاراجہ جي اوپر طرف هڪ شاخ تي هو، ان جي ڪنڌرن ۾ هڪ ڏنل ڪوٽ شامل آهي. ڪارو ڪاري وسيلي اتي پهچبو آهي.

6- **وڪر بندر:**

هن بندر جا آثار گهوڙاٻاري تعلقي جي ديهہ وڪر ۾ واقع آهن. هيءُ بندر، ان هنڌ واقع هوندو هو جتان درياءِ سنڌ، ٻن شاخن اوچتو ۽ قلندريءَ ۾ ورهائجي ويندو هو. 1837ع تائين انڊس ڊيلٽا جو هيءُ مشهور بندر هو.

7- **گهوڙاٻاري:**

گهوڙاٻاري يا "ٻاري گوراهہ" نالي هڪ بندر درياءَ جي اوچتو شاخ تي واقع هوندو هو. 1813ع ۾ انگريزن جو هڪ بحري دستو انهيءَ بندر ذريعي سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. انهيءَ جا آثار تعلقي ڪيٽي بندر ۾ ٽڪي جي ڳوٺ پرسان واقع آهن. هن وقت گهوڙاٻاري نالي ٺٽي ضلعي ۾ هڪ تعلقو آهي.

8- **ڪيٽي بندر:**

وڪر ۽ گهوڙاٻاري بندرن جي ريٽجڻ ڪانپوءِ ڪيٽي بندر کي وارو مليو. 1840ع جي لڳ ڀڳ ڪيٽي بندر کي بندر جي حيثيت ملي. هتان اناج ۽ ڪاٺ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو.

راقم الحروف کي ڪيٽي بندر جي پراڻي ڪسٽم آفيس جي گند

هندستان ۾ غلام گهراڻي جي حڪومت ۽ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت دوران جلال الدين شاهہ خوارزم ديبل کي لٽيو ۽ قريبو سومرن ست نہ ساري مقابلو نہ ڪيو. اهو 1212ع جو واقعو آهي. الصفاني آخري سياح ۽ مورخ آهي، جنهن 1239ع ۾ ديبل پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ان جو ذڪر پنهنجي سفرنامي ۾ ڪيو آهي.

ديبل جي تباهي، شديد زلزلي جي سبب ٿي، جنهن کي تاريخ طبري، ابن ڪامل ۽ تاريخ الخلفاءِ ۾ پڻ بيان ڪيو ويو آهي.

ڀنڀور ۽ ديبل، جي ٻہ جدا جدا بندر بہ آهن تہ بہ انهن جي ڦٽڻ جو تقريباً ساڳيو زمانو آهي. ٻارهين صدي کانپوءِ نہ ڀنڀور جو نہ ديبل جي وجود جو تذڪرو ملي ٿو.

### 3۔ لاڙي بندر:

هن بندر جا آثار ميرپور ساڪري تعلقي جي ٻهارا شهر کان اولهہ طرف. ٻگهاڙ ڦاٽ جي پراڻي وهڪري تي واقع آهن. ديبل جي ڦٽڻ کانپوءِ "لاڙي بندر" جو سڀ کان پهرين تذڪرو "ابن بطوطہ" ڪيو آهي. ان کي "لوهاراني"، "راهري" ۽ "سنڌي بندر" بہ سڏيو ويو آهي. اهو ديبل کانپوءِ هندستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ مکيہ رستو هو. پورچوگيزن ان کي هڪ وڏو بندر محسوس ڪيو. هئملٽن لکيو آهي تہ ٻاهران اينداڙ مال پهريائين هتي لهندو هو پوءِ ٻيڙين جي وسيلي ٺٽي روانو ڪيو ويندو هو. هتي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فيڪٽري قائم هئي. ٻگهاڙ جي ريٽجڻ ڪري اهو بندر ڦٽي ويو. ان بعد "ڏاراجہ" نالي بندر وجود ۾ آيو جنهن جا آثار ساڪري تعلقي ۾ ٻهارا جي نزد لاڙي بندر کان ٻہ ميل اوير طرف واقع آهن. انهيءَ بندر جو گهٽ تذڪرو ملي ٿو.

### 4۔ ٺٽو:

ٺٽو جنهن کي عرب جاگرافيدانن "مناباري" ۽ يونانين "مناگرا" سڏيو آهي. درياءِ سنڌ جي انهيءَ وهڪري تي آباد هو جيڪو مڪليءَ جي پرسان وهندو پير پٺي کان ٿيندو معروف ٻگهاڙ وهڪري وارو رستو وٺندو ٻهارا شهر جي قريب سمنڊ ۾ داخل ٿيندو هو. اها شاخ "ٻگهاڙ" ليکي ويندي هئي. "لاڙي بندر" جي عروج وارن ڏينهن ۾ ٻگهاڙ شاخ، جهاز رانيءَ جي لائق

2۔ ڀنڀور يا ديبل:

ڀنڀور يا ديبل، سنڌ جي تاريخ جو هڪ معمو آهي، جيڪو اڃا تائين اتفاق راءِ سان سُلجهي نہ سگهيو آهي. اسان کي هتي انهيءَ بحث سان ڪو غرض ڪونهي. هتي اسان ڀنڀور ۽ ديبل جو الڳ الڳ ذڪر ڪنداسين. ڀنڀور جو قديم شهر ۽ بندر، ٺٽي ضلعي ۾ گهاري شهر کان 5 ميل پري اولهہ طرف واقع آهي. اهڃاڻ ٻڌائين ٿا تہ ڀنڀور سنڌونديءَ جي الهندي شاخ گهارو ۽ سمنڊ جي گهارو ڪاري جي اترئين ڪپ تي هڪ عاليشان شهر هو. درياءِ جي اها شاخ يوناني دور کان وٺي سومرا دور تائين وهندڙ هئي. سسئيءَ جي پيتي بہ انهيءَ شاخ مان لڙهندي اچي ڀنڀور بندر وٽ پهتي هئي.

يونانين، پاتال بندر کانسواءِ، جنهن بندر کي بربريڪ ”باربريڪ“ ۽ ”باربريڪا“ يا ”باربريڪم“ جاڻايو آهي، قياس آهي تہ انهيءَ جو اشارو ڀنڀور ڏانهن آهي. مطلب تہ يونانين کان وٺي هيءُ هڪ بين الاقوامي بندر هو. هند، چين، مشرق بعيد ۽ مشرق وسطيٰ سان سنڌ جي واپار جو مرڪز هو. ”تاريخ طاهري“ جي لکڻ مطابق، چين جو ريشم ڀنڀور جي وسيلي روم تائين ويندو هو. ڪيچ ۽ مڪران جا واپاري قافلا پڻ هتي پهچندا هئا. ڀنڀور جو نالو ٻارهين صدي عيسوي تائين ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ دور ۾ سسئي پنهونءَ جي نيم تاريخي قصي جنم ورتو. ان کانپوءِ ڀنڀور جو ذڪر نہ ٿو اچي. ڀنڀور جي تباهيءَ لاءِ درياءَ جي وهڪري جو ڦٽڻ ۽ زلزلي جي اچڻ جا سبب ٻڌايا وڃن ٿا.

ديبل- سنڌ جو بين الاقوامي شهرت رکندڙ شهر ۽ بندر جي حيثيت سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اهو ڪڏهن آباد ٿيو ڪنهن آباد ڪيو تاريخ جا ورق خاموش آهن. البت ايترو ضرور آهي تہ 5 صدي عيسويءَ ۾ ديبل هڪ شاندار شهر ۽ بندر جي حيثيت سان تاريخ ۾ پنهنجي جڳهہ پيدا ڪري ورتي هئي. پنجينءَ کان ٻارهينءَ صديءَ جي مورخن، سياحن ۽ جاگرافيدانن جهڙوڪ بلاذري، ابن حوقل، مسعودي، خردازبہ، احمد بن يعقوب، ابن الفقيہ، همداني، مسحر بن مهلل، ابو ريحان البيروني، علامہ ابن اثير، يا قوت حمدي، شريف ادريسي، قاضي منهاج سراج، اصطخري ۽ الصفانيءَ ديبل جو تذڪرو پنهنجن تاريخن،ڪتابن ۽ سفرنامن ۾ ڪيو آهي. انهن سڀني جي راءِ مطابق ديبل سمنڊ جي ڪاريءَ تي واقع هڪ وڏو مصروف ترين بندر هيو جنهن عرب دور ۾ وڏيڪ ترقي ڪئي.

هوندا هئا. انهن مان ”ونگو پتڻ“ ۽ ”باغ جو پتڻ“ خاص شهرت وارا واپاري بندر هئا. انهن جي گڏيل وهڪري تي وري راهموڪي بازار علي بندر ۽ سنڌڙي وڏا واپاري مرڪز ۽ بندر هوندا هئا. 1819ع جي زلزلي ڪانپوءِ اهو علائقو ويران ٿي ويو.

لاڙ جي ٺٽي ضلعي وارو حصو هميشہ ڊيلٽا، ڊورن ۽ ڪارين جي سرزمين پئي رهيو آهي. درياءِ سنڌ جي پوڇڙ واري حصي هيٺ ڪري، اتي وقت بہ وقت طبعي تبديليون ايندي رهن ٿيون. درياءَ جون شاخون، جيڪي ڪلهہ وهندڙ هيون، اڄ ويران آهن. ڪئي بستيون برباد ٿي ويون تہ ڪئي بربادين بستيءَ ۾ تبديل ٿي ويون. اهوئي سبب آهي جو درياءِ سنڌ جي ڇوڙ وارو مرڪزي هنڌ مختلف زمانن ۾ تبديل ٿيندو نظر اچي ٿو.

درياءِ سنڌ جي ڇوڙ واري ايراضي تي تحقيق ڪندڙ جنرل هيگ، راورٽي ۽ سنڌ جي جاگرافيءَ تي ڪيترن ڪتابن جو مصنف ايم-پٿاوالا هن راءِ جا آهن تہ تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ درياءِ سنڌ جي ڇوڙ وارو هنڌ نصرپور، يونانين جي دور ۾ پٿالا، پوءِ نيرون ڪوٽ يا حيدرآباد، پوءِ ٺٽو يا ٺٽي جي قريب رهيو آهي. اڄ بہ مهراڻ ٺٽي ضلعي ۾ اڏيري لعل جي ٿورو ڏکڻ طرف ٻن شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ۾ ملي وڃي ٿي.

وري بندرگاهن جي سلسلي ۾ ٺٽي ضلعي جي سامونڊي ڪناري جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو هموار هئڻ سان گڏ ڏُٻڻ وارو پڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪليل سمنڊ جي ڪناري يا اڪثر ڪارين تي سامونڊي بندرن جا آثار نہ ٿا لڀجن. البت، ٻنڀور يا ديبل لاءِ اها ڳالهہ مڃيل آهي تہ اهو سنڌ جو واحد سامونڊي بندر هو.

هاڻي اچو تہ لاڙ جي ڪن خاص بندرگاهن تي روشني وجهون:

1 - **پاتال بندر:**

لاڙ جي حوالي سان تاريخ ۾ جنهن پهريائين دريائي بندر جو ذڪر هلي ٿو اهو ”پاتال“ آهي. پاتال جي صحيح محل وقوع جي خبر ڪانهي، پر قرين قياس آهي تہ اهو سڪندر اعظم وارو ”پٿالا“ آهي، جيڪو ان وقت درياءِ سنڌ جي ڇوڙ واري بہ مُنهين تي بندر هو. بعد ۾ گنگارام سمرات ”سنڌو سؤوير“ ۾ غلطيءَ وچان، انهيءَ کي ڪوٽڙي الهہ رکئي (گهوڙاٻاري تعلقو) وٽ ڏيکاريو آهي.

# لاڙ جا بندرگاهه

سنڌ جي طبيعي ڀاڱن مان "لاڙ" بہ هڪ آهي. سنڌ جي نقشي ۾ "لاڙ" کھڙي علائقي کي چئجي ٿو اهو تبديل ٿيندڙ موضوع آهي. جڏهن هاڪڙي جي هاڪ هئي ۽ پُراڻ پُر ٿي وهندو هو تہ موجوده نئون ضلعو بدين ضلعو ٽنڊو محمد خان سب ڊويزن، ٽنڊوالهيار سب ڊويزن جو هيٺيون ڀاڱو ۽ ٿرپارڪر ضلعي جو هيٺيون پاسو ويندي "پاري نگر" تائين لاڙ جي ايراضيءَ ۾ شامل هو. پوءِ درياهہ وهڪرو تبديل ڪيو ۽ سمنڊ هٽي ويو تہ لاڙ جو ٿرپارڪر وارو حصو "ٿر" بڻجي ويو ۽ باقي حصي کي "لاڙ" چيو ويو.

لاڙ جي موجوده تڪ بنديءَ مطابق موجوده نئون ضلعو ٺٽو ضلعو ٽنڊو سب ڊويزن ۽ بدين ضلعو لاڙ ۾ شمار ٿين ٿا. ڊاڪٽر الانا جي "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، مرحوم محمد سومار شيخ جا "لاڙ جا آثار قديمہ" ۽ "لاڙ جا مشاهير" جا قلمي مسودا، لاڙ جي لال، در محمد ڪمال جا "آفتاب" ۾ هلايل مضمون جا سلسلا لاڙ جي مذڪوره حدبندي ۽ ايراضيءَ کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪن ٿا.

لاڙ جي تبديل ٿيندڙ جاگرافيءَ جو جيڪڏهن جائزو ورتو ويندو تہ انهيءَ جو مکيہ ڪارڻ دريائن جي وهڪرن جي تبديلي ۽ سمنڊ جو هٽي وڃڻ محسوس ٿيندو. اڄ بہ لاڙ جي موجوده حدبنديءَ اندر ڪيترن وهڪرن جا اهڃاڻ ڪر ڪنيو بيٺا آهن. بدين ضلعي ۾ پراڻ، پٽيل، ريڻ ۽ ڳُنو ڍورن جي وهڪرن جا آثار اڄ بہ موجود آهن. ٺٽي ضلعي ۾ ميرپور بٺوري تعلقي ۾ ابڙال ۽ ڏُٺي جي ڀرسان هڪ قديم وهڪري جا آثار ملن ٿا. جيڪو ميرپور بٺوري شهر جي اوير ڪان ٿيندو اڳتي هلي، گونگڙي ۾ ملي ٿو. جاتي تعلقي ۾ گونگڙي، ڀنجاري، ڪاڙڪ دريائن جا وهڪرا ملن ٿا. درياء جي هُن پار ڪلري، بگهاڙ ۽ اوچتو شاخن جا وهڪرا ٺٽو جنگشاهي، گهارو پير پٺو ڀهارا ۽ ڳاڙهو شهر جي ڀرسان ليجن ٿا.

بدين ضلعي ۾ پراڻ جي ايرندي ۽ الهندي وهڪرن تي ڪيترائي پٽڻ

ڪونچي ۽ ڪوبر ڪاري پاڻيءَ سبب مڪمل تباهه ٿي ويا آهن. انهن مان راڦوڻه اڄ به قائم آهي. منجهس هڪ مسجد ۽ چار گهر آهن. راڦوڻه متعلق ڪليڪٽر لارينس (1910ع) ۾ لکيو ته راڦوڻه هڪ موزون هنڌ آهي. هتي حمالڪاري ۽ ڪسٽم لاءِ عارضي جهڳيون هئڻ گهرجن. بکرڙو "اوچتو" تي هڪ بندر هو جتان ٻيلي جو ڪاٺ ٻاهر ويندو هو.

ڪيٽي بندر کان اٺن ميلن جي پنڌ تي ڳوٺ بابو ڪانڌ جي پرسان "پراڻي ٻاري" جا نشان آهن. جتي هن وقت فقط سرن جا ڍير نظر اچن ٿا. جيڪو اصل ۾ بندر هو. انهيءَ ايراضي ۾ ڪجهه پريرو "واڻ" درياء تي سوکي بندر هو جتي 1451ع ۾ هڪ ايراني جهاز "فلاحي" سڪيءَ تي چڙهي تباهه ٿي ويو جيڪو هندستان جي بندر ڪٺليڪٽ کان 1951ع ۾ بنڌل بانس جا ڪنيو ڪويت ۽ ايران پئي ويو.

ڪيٽي بندر جي آسپاس ۾ مراد شاهه بخاري، سائين لطيف شاهه، احمد الاهيو بچل فوجي قدسياڻي، جيون شاهه بادشاهه، پير محمد شاهه، پير محمود ميان، پير مست شاهه ۽ پير ڪجريو جون درگاهون آهن. جن مان جيون شاهه بادشاهه لاءِ روايت آهي ته هو شاهه يقيق رحه جو ياءُ آهي، جنهن جي مزار چوهڙ جماليءَ کان 5 ميل اوير طرف آهي. پير ڪجريو جو ذڪر تحفته الڪرام ۾ اچي ٿو ته هو هڪ وڏو ناليوارو بزرگ ٿي گذريو آهي. درويش احمد الاهيو جي ميلي متعلق پير حاجي عبدالخالق ميان مونکي ٻڌايو ته ان ميلي تي گڏڻ به ايندا آهن. ياڳيا ڏهائي ڪري ڪير گدڙن کي پيارڻيندا آهن ۽ انهيءَ کانپوءِ پاڻ ۽ ٻيا ڪير پيئندا آهن.هتان جا ماڻهو پرامن، جهيڙي جهٽي کان پاسيرا خوش خلق، مهمان جي سٺي نموني خاطر ڪرڻ وارا، حلوي جا شوقين، مڇي کي سٺو پچائيندڙ ۽ پانن جا پياسي آهن. ننڍن جي ڪيسن ۾ پانن جو بنڊل هوندو ته وڏا وري سوپاري ۽ سوئڙي پاڻ سان گڏ رکن.

هتي پڪي رستي جي سخت ضرورت آهي. ڳاڙهي کان ڪيٽي بندر تائين پڪو رستو هئڻ گهرجي يا ڪم از ڪم ان تي سالبسال ارٿ ورڪ ضرور هئڻ گهرجي. اسڪولن جي مرمت ۽ ڊسپينسري ۾ دوائن جي کوٽ پڻ بنيادي مسئلا آهن. حڪومت جيڪڏهن هتي فشري جهڙو مڇي بندر گاهه ٺاهي ته هتان جا ماڻهو خوشحال ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح ڪيٽي بندر جو اڳوڻو اوج موٽي سگهي ٿو.

استعمال سبب دريائي رستي جي اهميت ڏينهون ڏينهن گهٽجي وئي، ڪوٽڙي-ڪراچي ريلوي لائين نڪرڻ ڪري متئين علائقي جو ڪافي سامان اڳ ۾ ئي اتان روانو ٿيندو هو. تنهن هوندي بہ هتي ”سي ڪسٽمر“ قائم رهيو. 1969ع تائين هتي ”لئنڊ ڪسٽمر“ جو انسپيڪٽر رهندو هو.

”ڪيٽي بندر“ جي آسپاس وارن علائقن جهڙوڪ جونو ڳاڙهو ٽڪي جو ڳوٺ، ٻگهاڻ ۽ بابو ڪنارو جي ايراضيءَ ۾ ڪيلن جا سنا فصل ٿين ٿا، ڇاڪاڻ تہ اتي منو پاڻي ملي ٿو. پاميتا مائنر جي پوڇڙ ڪانپوءِ ڪاري جو علائقو شروع ٿئي ٿو. ڪاري ۾ صرف لاٽي ٿئي ٿي.

اها حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ هن وقت ڪيٽي بندر شهر ۾ صرف ٻہ ڪجيون ۽ هڪ ناريل جو وڻ آهي. ستن ميلن جي قطر اندر ڪو بہ وڻ نظر نہ ايندو. ڪيٽي بندر جي ايراضي کي ”پل“ چئبو آهي. يعني اها زمين جيڪا درياءَ جي پاڻيءَ تي آباد ٿئي. جڏهن ”اوچتو ۽ حجامڙو“ ۾ منو پاڻي ايندو هو تہ هن علائقي مان لکين ربين جي پئداش ٿيندي هئي ۽ هي علائقو اناج جو مرڪز هو. 1902ع ۾ سيٺ شولداس چندو مل ۽ رئيس بيروز خان مشهور زميندار هئا. 1927ع ۾ هن علائقي مان سرڪار کي 12.914 ربيا ڍل وصول ٿي، اڄ بہ شهر جي آسپاس وارن علائقن ۾ ٿيهارو ڪن باغن جا نشان موجود آهن، جن مان سيٺ آڏو مل وارو باغ مشهور هو. 1956ع ۾ غلام محمد بئراج نڪرڻ ڪانپوءِ هي علائقو ڪاري جي نذر ٿي ويو.

ڪاري علائقي ۾ مينهن ۾ رڍن کي ”سونٽڻ“ نالي هڪ گاهہ سان ، جيڪو صرف ڪاري ايراضي ۾ ايري ٿو ڏاڍي دلچسپي آهي، جنهن جي چرڻ سان کير منوءِ سٽيو ٿئي ٿو. وري ڪاري پاڻي ۾ تمر نالي وڻ ٿئي ٿو جن جا پن مال کائي ٿو ۽ ڪاٺ عمارت سازي جي ڪم اچي ٿو.ڪيٽي بندر هن وقت مڇيءَ جي پيدائش ڪري مشهور آهي. هتي اڪثر ڪري پلو پاپليٽ، ڦالي، ڍانگري، سينئري، گول، ڦاڙ ڪوکر، ڏانٽي، چوڏيون، جهينگا، دوتر، سونو هيرو سورمنگرو ڍوڪان، ويسر مڇ ۽ مالهہ نالي مڇيون ملن ٿيون.

ڪيٽي بندر جي آسپاس ۾ حجامڙو، ڦتو ڍوري، سوپ، دبي، ڪتوري واري، مل، گهوڙي جي، ڪوبہ ڪو ڪيا واري، ڪيديواري ۽ ترساڻ وغيره ڪاريون ۽ درياءَ جون شاخون آهن. ڪودر جي نار جيڪا هتان فقط 2 ميل آهي، سنڌو ندي اتي چوڙ ڪري ٿي. ڪيٽي بندر جي آسپاس ۾ ڪيترائي ڳوٺ جهڙوڪ راقوتہ بکرڙو پاميتو ٽڪي جو ڳوٺ، جهپ، ٽڪر ڪاريون،

سروي رپورٽ 1905ع ۾ پيش ڪئي هئي، تنهن پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو آهي ته "1848ع کان هي شهر آمد ۽ برآمد جو مرڪز پئي رهيو آهي. هيءُ اناج جو مرڪز آهي. هتان ڪراچي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڏانهن ان اماڻيو ويجي ٿو. ان جو زنجبار سان سڌو سنئون واسطو آهي. هتان نه صرف مقامي ماڻهو پر ميرپور بٺوري، سجاول، شاهبندر، هالا، ٽنڊو محمد خان، مورو ۽ حيدرآباد جا واپاري پنهنجو اناج ڏورانهن ملڪن ڏانهن موڪلين ٿا. 2- 1903ع ۾ هتان 92705 مڻ اناج ۾ 22030 مڻ ڪاٺ ٻين هنڌن ڏانهن موڪليو ويو". هتان جي مشهور سيٺ ڏيپچند فتو مل جا گماشتا آسپاس جي ملڪن ۾ اناج جو واپار ڪندا هئا. ڪيٽي بندر جي ڪسٽم کي "ڪيٽي ڪسٽم هائوس" ڪري چيو ويندو هو. ان ڪسٽم جي هٿ هيٺ ٻه انسپيڪٽر رهندا هئا، جن کي "سي ڪوسٽ انسپيڪٽر" چئبو هو. جن مان هڪ جي حد ڪيٽيءَ کان ڪڇ تائين ۽ ٻئي جي حد ڪيٽي کان حب ندي تائين هئي، جيڪي غيرقانوني هلندڙ ٻيڙين ۽ ٻئي ڪاروبار تي نظر رکندا هئا. ڪسٽم جون عمارتون، جيڪي اڄ به خسته حالت ۾ هن عظيم بندر جي عظمت جي گواهي ڏئي رهيون آهن. 1923ع جون تيار ٿيل آهن. جڏهن ته 1883ع واريون عمارتون 9-فيبروري 1910ع واري ٻارنهن فوٽ وير اچڻ ڪري زبون ٿي ويون. ان ڪري ڪسٽم جون آفيسون عارضي طور مختياڪار، پوسٽ آفيس ۽ پوليس اسٽيشن سان گڏ ڪيٽي بندر جي نزد، راڻوٽه ۾ آنديون ويون. ڪسٽم جي پراڻي رڪارڊ مان معلوم ٿيو ته 1898ع کان 1923ع ۾ ڪيٽي بندر ۾ 276 نوان جهاز رجسٽر ڪيا ويا. جڏهن ته 1924ع ۾ فقط ڪيٽي بندر تي 600 کان 650 تائين ٻگلا (وڏيون ٻيڙيون) موجود هوندا هئا ۽ ان جي ڀيٽ ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ فقط هڪ سئو ۽ سکر ۾ پندرنهن وڏيون ٻيڙيون هئڻ جو ذڪر ان خط مان ملي ٿو. جيڪو ڪيٽي ڪسٽم وارن پنهنجي هيڊ آفيس کي 26 جنوري 1924ع جي پڇيل سوالنامي جي جواب ۾ ڪيو آهي. 1936ع ۾ هتان 432423 رپين جو مال درآمد ڪيو ويو جڏهن ته 231313 رپين جو مال برآمد ڪيو ويو. 1946ع ۾ هتان 13415 رپين جو مال ٻاهر موڪليو ويو. جڏهن ته 25341 رپين جو مال ٻاهران گهرايو ويو.

ڪيٽي بندر جي بندر واري حيثيت 1946ع کانپوءِ آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳي، جڏهن ته اوچتو جي وهڪري ۾ تبديلي اچڻ سان گڏوگڏ پاڻي جي ڪمي شروع ٿيڻ لڳي. گذريل صديءَ دوران آمدرفت جي جديد ذريعن جي

اچي آباد ٿيا. هن علائقي ۾ ”دبلا“ نالي هڪ قوم رهي ٿي جنهن جو گذران مڇي تي آهي. ”دبلا“، شايد ”ديبلا“ جي بگڙيل صورت آهي، جيڪا ديبل بندر ڏانهن اشارو ڪري ٿي تہ ديبل جو محل وقوع پڻ هن علائقي جي آسپاس ٿي سگهي ٿو. ماڻهن جو عام گذران مڇي ۽ واپار تي آهي. شهر کي پيئڻ جو پاڻي پاميتا مائنر سان ڇهہ ميل ڊگهي پائيپ لائين ذريعي ملي ٿو. هتي اندازن 6 انچ سراسري ساليانہ مينهن پوي ٿو.

هيءُ شهر اڳ ۾ محال ڪاري جو هيڊڪوارٽر هو. جڏهن تہ هينئر تعلقو هيڊڪوارٽر آهي. ان کي تعلقي جي حيثيت 27 اپريل 1977ع تي ملي. تعلقو 2532 چورس ميلن، 3 تپن ۽ 41 ديهن تي مشتمل آهي. 1951ع ۾ محال جي آدمشماري 13546 هئي. جڏهن تہ 1971ع ۾ محال واري ايراضيءَ 9726 فرد رهندا هئا.

شهري انتظام هلائڻ لاءِ هتي يونين ڪائونسل آهي جڏهن تہ 1853ع کان 1936ع تائين هتي ميونسپل ڪميٽي قائم هئي. ڪميٽي جا 12 چونڊيل ميمبر ۽ ٣ نامزد ميمبر هئا ۽ ٽئي جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر ان جو پريزيڊنٽ هوندو هو. 1921ع جا جيڪي انگ اکر مليا آهن، انهن مان خبر پوي ٿي تہ ان سال ميونسپل کي 3825 رپيا آمدني ٿي جڏهن تہ 21406 رپيا خرچ ٿيو. شهر ۾ اڄ بہ ميونسپل جي دور جي شمعدانن جا بہ لوهي ٿنڀا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ڪيٽي بندر جو پرائمري اسڪول 1871ع ۾ کليو. هن وقت 3 استاد ۽ 60 شاگرد آهن. جڏهن تہ ساري تعلقي ۾ فقط اٺ اسڪول ۽ ٻارنهن استاد آهن. شهر ۾ مڊل اسڪول پڻ قائم آهي.

هن پوري علائقي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل طرفان هڪ ڊسپينسري قائم آهي جنهن جي عمارت 1963ع ۾ تيار ٿي جڏهن تہ ٿرڊ ڪلاس ڊسپينسري 1862ع کان قائم ٿيل هئي. هن وقت شهر ۾ بہ ٽي پيا ڊاڪٽر خانگي پريڪٽس ڪندا رهن ٿا. شهر ۾ پوليس ٿاڻو مختيارڪار جي آفيس ۽ ٻيلي کاتي جون آفيسون آهن.

ڪيٽي بندر جو نالو ان جي ”بندر“ واري حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. ڪيٽي بندر، وڪر بندر ريٽجڻ ڪانپوءِ ڊيلٽا جو مشهور بندر پئي رهيو آهي. ”اوڇتو“ جي وهڪري سبب ان جا هنڌ بدليا پئي رهيا آهن، ليڪن نالو ساڳيو رهيو آهي.

مسٽر هڊس، جنهن ڪمشنر اِن سنڌ کي هن علائقي جي ريسيٽلمينٽ

ڪلري ڦاٽ جيڪو نئي ڪان ٿيندو گهاري ڪاريءَ ۾ ڇوڙڪندو هو سگهي ويو. 1937ع ڌاري ڪلري واري ۽ ڪوڪيا واري ڪاريون، ڇوڙ واري ايراضيءَ ۾ قابل ذڪر هيون. ڪوڪيا واريءَ ڪانپوءِ حجامڙي زور ورتو.

"اوچتو" ۽ "حيدري" سنڌو جون ٻه وڏيون شاخون آهن جن وسيلي درياءُ، عربي سمنڊ ۾ داخل ٿيندو هو. اهي ٻئي ڦاٽ گهوڙاٻاري تعلقي جي اڏيري ڳوٺ کان نڪري ٿا. "گهوڙا" هڪ ڪاريءَ جو نالو آهي ۽ "ٻاري" مقامي ماڻهو "نار" يا ڪاري کي چوندا آهن، انهيءَ تان هن خطي کي "گهوڙاٻاري" چيو وڃي ٿو.

گهوڙاٻاري ـ اڄ ٻه تعلقي ۾ ان نالي سان هڪ ڳوٺ آباد آهي. گهوڙاٻاريءَ واري ايراضي سنڌوءَ جي مختلف ڦاٽن، ڍورن ۽ سمنڊ جي ڪارين تي مشتمل آهي. البت ڪجهه علائقو ڪافي زرخيز آهي. گهوڙاٻاري کان ميل کن پري "وڪر" نالي هڪ بندر آباد هو جيڪو انگريزن جي ابتدائي زماني ۾ درياءَ جي شاخ حجامڙي ريتجڻ سبب بند ٿي ويو. امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا، بمبئي پريزيڊنسي (جلد پهريون صفحو 169) ۾ اچي ٿو ته "1845ع تائين"گهوڙا ٻاري" سنڌو نديءَ جي ڇوڙ واري ايراضيءَ جو مشهور تجارتي شهر هو. 1847ع ۾ درياءَ پنهنجو رخ بدلايو ۽ نئين ڪپ تي "ڪيٽي" جو شهر آباد ٿيو". جنهن کي "ڪيٽي بندر" جي نالي سان تاريخ ۾ ياد ڪجي ٿو.

ڪيٽي بندر سنڌوءَ جي اوچتو ڦاٽ تي ٻگاڙهو ڳوٺ کان 23 ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ ۾ واقع آهي. ڪيٽي بندر، جنهن کي ڪيٽي گهوڙاٻاري به چيو ويو آهي، تنهن لاءِ سنڌ گزيٽيئر ڪراچي ضلعي ۾ 1927ع ۾ اچي ٿو ته "وڪرجي ريتجڻ کانپوءِ واپار "ڪيٽي" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ مان هلڻ لڳو جيڪو ان وقت قائم هو. نالو ساڳيو رهندو آيو ليڪن بندر بدليو پئي رهيو آهي. پهريون بندر 53ـ1954ع ڌاري درياءَ پائي ويو ۽ وري بيو شهر تعمير ڪيو ويو. بيو دفعو 1877ع ۾ ۽ ٽيون دفعو 1910ع ۾ بندر درياءَ ۾ داخل ٿي ويو ۽ هاڻوڪو شهر چوٿون دفعو تعمير ٿيل آهي.

ڪاري جي ايراضيءَ ۾ ڪيٽي بندر هڪ ڪليل فضا ۾ صاف سٿرو شهر آهي، شهر جي ٽن پاسن کان اوچتو درياءَ وڪڙ جي صورت ۾ شهر کي گهيريو بيٺو آهي. شهر ۾ هن وقت اٺ سئو ماڻهو رهن ٿا. جڏهن ته 1871ع ۾ ان جي آدشماري 12527، 1900ع ۾ 2127، 1921ع ۾ 1409، 1951ع ۾ 1715 فردن تي مشتمل هئي. هتي جت، ٻبر، سمان، ميمڻ، شيدي، عباسي، مهاڻا رهن ٿا. هتان جا معزز قادري پير هڪ سئو سال اڳ ڪانياواڙ کان لڏي هتي

# ڪيٽي بندر

ٺٽي ضلعي جو 497 ميل ساحلي علائقو ان وقت کان وني پنهنجي اهميت مڃائي چڪو آهي. جڏهن سنڌ ۾ آمد رفت جا جديد ذريعا اجا متعارف نہ ٿيا هئا. ٺٽي ضلعي جي انهيءَ ئي علائقي ۾ واقع ديبل بندر جو تذڪرو سنڌ جي سيني تاريخدانن، جاگرافيءَ جي ماهرن ۽ سياحن وڏي مد و شد سان ڪيو آهي. انهيءَ ڪناري تي رتو ڪوٽ، سسئيءَ جو باغ، پنيور، مانگر مورڙو لهري بندر، ڏاريجا ۽ جاڪي بندر، شاهبندر ۽ سوڪي بندر، ارجن ڪوٽ ۾ سنڌو بندر جا قديم آثار هن علائقي جي تاريخي اهميت ٻڌائي رهيا آهن.

درياءِ سنڌ جي ڇوڙ واري علائقي هئڻ جي حيثيت سان ٺٽي ضلعو جو ڏاکڻيون علائقو هڪ عجيب و غريب خطو محسوس ڪجي ٿو. درياءِ سنڌ جي ڦاٽن ۽ سمنڊ جي ڪارين سبب هيءُ خطو" دريائن جو ديس" آهي. وقت جي وهڪري سان گڏ پاڻيءَ جو وهڪرو ۽ سمنڊ جي شورش، درياءِ سنڌ کي مختلف هنڌن تي عربي سمنڊ سان ملايو آهي. سنڌ جي سڀ کان پراڻي نقشي ۾ "پٽواهي"، حيدرآباد کي درياءِ سنڌ جي ڇوڙ وارو هنڌ ڏيکاريو ويو آهي. بعد جي نقشن ۾ ٺٽو ڏيکاريو ويو آهي، پر هن وقت درياءِ سنڌ ٺٽي کان 60 ميل هيٺ ڪيٽي بندر پرسان ڪودر جي نار وسيلي عربي سمنڊ ۾ ملي ٿو.

درياءِ سنڌ جي ڇوڙ واري ايراضيءَ جي تاريخ ۾ ان جي واڌ تي تبصرو ڪندي سنڌ جي جاگرافي جو مشهور ماهر ايم پٿاوالا لکي ٿو تہ "ڪلري ڪاري" سنڌوءَ جي ڇوڙ جي سڀ کان پراڻي منزل محسوس ڪجي ٿي، جتي پراڻ درياءُ وچي سمنڊ ۾ داخل ٿيندو هو. ارڙهين صديءَ جي شروعات ڌاري اهڙيون يارهن ڪاريون موجود هيون، جڏهن تہ بگهاڙ ۽ ستاهہ ڦاٽ جهاز راڻيءَ جي قابل هئا. 1819ع واري زلزلي هن علائقي ۾ ڪافي تبديليون آنديون. شاهبندر جيڪو مول شاخ تي هڪ وسندڙ بندر هو ويران ٿي ويو. 1926ع ۾

اولاد، ساڪوره (ساڪره) پرڳڻي ۾، جو سمن ڄامن جي وقت ۾ آباد هو، سڪونت اختيار ڪري ڳوٺ ٻڌو آهي، جنهن ڪي پڻ ساڳيو محمد طور سڏين ٿا“.

مرحوم مولائي شيدائي پنهنجي تاريخ ”تمدن سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته ”سومرن جي تختگاهه محمد طور ۾ ڪيترائي وڏا ماڻهو ۽ سردار شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني جا مريد هئا ۽ انهن مان ڪيترائي خدا جا نيڪ بندا ۽ صالح انسان پيدا ٿيا. انهن مان مخدوم محمد اسماعيل سومرو اگهم ڪوٽ ۾ مدفون آهي. سندس اولاد لاڙ ۾ اڄ تائين مخدوم سڏبا آهن“.

محمد طور جيڪو هينئر شاهه ڪپور جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو اتي سيد در محمد شاهه جي پرڪشش شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهي، پاڻ 1906ع ڌاري تولد ٿيا، زميندار ڪرت ڪن ٿا، علم و ادب جا مشتاق ۽ تاريخ تي گهري نظر رکن ٿا. سندن ذاتي لائبريري ڏسڻ وٽان آهي، پنجاهه موضوعن تي ڪم از ڪم ٽي هزار ڪتاب آهن. جن ۾ فارسي ترجمي سان هڪ قلمي حمائل شريف ۽ ٻي استنبول جي ڇپيل (1325هه) حمائل شريف شامل آهن، جن جي ڪيترن موقعن تي نمائش ٿي چڪي آهي.

سيد در محمد شاهہ (جيڪو اڄ بہ شاهہ ڪپور ۾ رهي ٿو) کي 19 مارچ 1941ع تي هڪ خط لکيو تہ "ڪِنِ يورپي عالمن ڄاڻايو آهي تہ عربن جڏهن سنڌ فتح ڪئي تڏهن سڀ کان اول ديبل بندر ۾ آيا هئا. سنڌن چوڻ هو تہ هاٽوڪو پير پنو اڳ ۾ ديبل بندر هو. مان سنڌن اها راءِ قبول ڪري نہ ٿو سگهان. اڳوڻو ديبل بندر يا تہ هن وقت تائين درياءَ پاڻي ويو آهي پر جيڪڏهن ان جو ڪو نشان اڄ تائين آهي نہ اهو شاهہ ڪپور آهي، اهوئي عاليشان هنڌ. پوءِ سومرن جي صاحبيءَ ۾ "طور" سڏجڻ ۾ آيو. سرزمين جاچي پوءِ مون پنهنجي ڪتاب "لطيف سير" ۾ لکيو هو تہ طور جو ويرانو اڄ تائين شاهہ ڪپور جي نزد آهي. مونکي ايئن ڏسڻ ۾ آيو تہ شاهہ ڪپور اصل ۾ بندر هو". ڪاڪي ڀيرو مل جي انهيءَ راءِ سان سنڌ جو ڪو بہ مورخ متفق ناهي تہ ديبل بندر ڪٿي هو؟ اهو اڃا هڪ معمو بڻيل آهي. البت نئي ۽ ڀنڀور طرف ديبل جا آثار محسوس ڪجن ٿا.

محمد طور جي دڙن تان عجيب و غريب پٿر مليا آهن. اهي چمڪندڙ پٿر جيڪي مختلف رنگن ۾ هئا، انهن متعلق مقامي ماڻهن ٻڌايو تہ ڪجهہ عرصو هتي اهڙا پٿر گهڻي انداز ۾ ٿيندا هئا، جيڪي گڏ ڪري حيدرآباد جي جواهرين وٽ وڪيا ويندا هئا. انهن پٿرن متعلق ماهانہ "اديب سنڌ" (ڊسمبر 1943ع) واري پرچي ۾ سيد در محمد شاهہ ڄاڻايو آهي تہ "دڙن تي هڪ عجيب قسم جا سفيد، زرد، سبز ۽ لعل رنگ جا پٿر بلڪل عام ڏسجن ٿا. جن جو وزن اڌ تولي کان چئن تولن تائين ٿيندو. جن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي ڏريل جواهر آهن. جي سومرن پنهنجي دشمنن جي ڊپ کان ڏري ڇڏيا هئا".

محمد طور جي ڦٽڻ لاءِ ٻہ سبب بيان ڪيا ويا آهن. هڪ هيءَ تہ سنڌو پنهنجو پراڻو وهڪرو ڦيرائي سيوهڻ طرف وهڻ لڳو. تنهن ڪري هي شهر پاڻي نہ ملڻ ڪري ويران ٿي ويو. ٻيو هيءَ تہ سلطان علاؤالدين خلجيءَ جي لشڪر سالار خان جي اڳواڻيءَ هيٺ انهيءَ کي ويران ۽ برباد ڪري ڇڏيو. علامہ دائود پوٽي "تحقيقات معصومي" ۾ ايڇ ٽي ليئمرڪ "سنڌ جنرل انٽرو ڊڪشن" ۽ علامہ نسياني "تاريخ طاهري" ۾ پهرين سبب کي وزندار ڄاڻائين ٿا. تاريخ طاهري جو مولف (1030هہ) چوي ٿو تہ "نہ فقط هن حقير بلڪ گهڻن ئي (لاءِ شهر جا دڙا) عبرت جي اکين سان ڏٺا آهن ۽ انهيءَ متعلق ڄاڻن ٿا بلڪ انهيءَ جڳهہ جي ويران ٿيڻ کانپوءِ اتي جي اڪثر رهاڪن جي

استيشن گواهي ڏئي رهيون آهن تہ عمارت عجيب هئي. شهر جي انهن کنڊرن مان اسان کي ڪيترا سڪا ۽ ٻيو سامان مليو. ڏهاڪو کن گهرن تي مشتمل ڳوٺ هر بنيادي سهولت کان محروم آهي. مقامي ماڻهن ٻڌايو تہ کين رستي ۽ سم نالي جي اشد ضرورت آهي.

هيءُ تہ ٿيو شاهہ ڪپور جي ويراني جو ذڪر پر اصل ۾ قابل ذڪر اهو ويرانو آهي، جنهن جي ڪري هر وقت شاهہ ڪپور جو مان مٿانهون رهيو آهي. ڳوٺ جي اپرندي طرف 4_5 ميلن تائين سرن جا جهونا دڙا جابجا پکڙيل آهن. انهن دڙن کي عام طور "مام طور جون ماڙيون" چيو ويندو اهي. ماڙين (دڙن) جي انهيءَ سلسلي مان ڪنهن عظيم شهر هئڻ جو پتو پوي ٿو. تاريخ ۾ انهيءَ کي "محمد طور" يا "مهاتم طور" ڪري چيو ويو آهي، جيڪو ٿرڙي ڪانپوءِ سومرن جو تختگاهہ هو.

تحفتہ الڪرام موجب محمد طور 775هہ ۾ اڏيو. لئمبرڪ جو چوڻ آهي تہ "پراڻ جي سڪڻ ڪانپوءِ سومرن پنهنجو تختگاهہ گنگڙي واهہ جي ڪپ تي قائم ڪيو جنهن کي عام طور محمد طور سڏيو ويندو آهي". سيد در محمد شاهہ جي حويليءَ جي اوير طرف کان دڙن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو جيڪو ميلن تائين پکڙيل آهي. تازين آبادين ڪري ڪيترائي دڙا، زمين بوس ٿي ويا آهن. دڙن جي مشاهدي مان معلوم ٿيو تہ انهن ۾ 23 انچن ۽ 15 انچن جون ويڪريون سرون استعمال ڪيل آهن، اوساري واري چري ڇهہ فوٽ اونهي ۽ چار فوٽ ويڪري هئي.

محمد طور جي انهيءَ ويرانيءَ ۾ مکيہ کنڊر هڪ جامع مسجد آهي جيڪا اڄ بہ هن تباهہ شده شهر جي عظمت جي گواهي ڏئي رهي آهي. مسجد سروي نمبر 365 ۾ واقع آهي. مسجد جي ويڪر 1520 فوٽ ۽ ڊيگهہ 216 فوٽ ۽ ديوار سادا چار فوٽ ويڪري آهي. مسجد جي پيڙهہ ۾ سوا بہ فوٽ، ڏيڍ فوٽ ماپ جا پٿر استعمال ٿيل آهن. مسجد جي اوير طرف ڪجهہ ڪوٺين جون قطارون محسوس ڪجن ٿيون. شايد، اهي امامن ۽ معلمن جا حجرا هئا، جيڪي مڪتب يا رهائش طور استعمال ٿيندا هئا. مسجد جي آسپاس ويهارو کن ننڍين وڏين عمارتن جا نشان موجود آهن. مسجد جي لڳو لڳ ڪجهہ کورن جا اهڃاڻ مليا آهن، جتي ڪاشيءَ لڳل ٽڪرن جا ٽڪر ملن ٿا.

ڪاڪو پيرو مل آڏواڻي جنهن "لطيفي سير" نالي ڪتاب لکيو آهي،

هيءَ پٿر آيو ڪٿان؟ جڏهن ته لاڙ واري پاڱي ۾ درياهه جي ڪابي طرف صرف ابن شاهه جا ٽڪر (نزد چوهڙجمالي) ۾ ننگر پار واريون ٽڪريون آهن. ليڪن انهن جو پٿر به عمارتي پٿر نه آهي. تحقيق ڪان پوءِ اهو پتو پيو ته اهي پٿر، سنڌوءَ جي گنگڙي شاخ ۾ ٻيڙين وسيلي جهوڪ ڪان آندل ٿا پائنجن. گنگڙي جو منهن، اڄ به ٻني شهر جي پر ۾ ڏسي سگهجي ٿو. شاهه ڪپور وٽ انهيءَ جو هڪ بند اجا به سالم حالت ۾ ۽ هڪ پل جيڪا 90 فوٽ ڊگهي آهي، ڏسي سگهجن ٿا. شاهه ڪپور جو شان، گنگڙي سان هو. اها ڦٽي ته شهر برباد ٿيو!

شاهه ڪپور، اڄ ڪان ڏيڍ سئو سال اڳ هڪ مشهور شهر هو. ليفٽيننٽ ڊلهائوسي، جنهن 1833ع ۾ سنڌ سروي ٽيم جي سربراهي ڪئي هئي، تنهن پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي ته ”اسان 18جنوري 1832ع چندن (تعلقي جاتي جو هڪ ڳوٺ) ڪان 18 ميل ڪري شاهه ڪپور پهتاسين. رستو نيڪ هو پر ڪٿي ڪٿي ننڍين ننڍين واٽر ڪورسن جي ڪري ڪٽيل هو. رستي تي ٻيرن جا وڻ هئا. هتي چانور جوءِ تماڪ جام ٿئي ٿو. تماڪ اڪثر ڪري ڳوٺ جي ويجهو پوکيو وڃي ٿو. شاهه ڪپور جي سرزمين مير غلام حسين ولد مير عبدالله خان جي زير تسلط آهي. شاهه ڪپور ۾ تقريبن 3 هزار ماڻهو رهن ٿا. جن مان اڪثر ڪري هندو لهاڻا آهن. شهر جي اوير ۾ هڪ وڏي واهه جي ڪناري هڪ عظيم شهر جا نشان آهن. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هتي دودو سومرو رهندو هو. ڪنڊرن ۾ ڪتب آيل سرون وڏي ماپ جون آهن. شهر درياءَ جي ڪنڌيءَ تي واقع هو. درياءَ جي ويڪر 80 وال هئي. هتي اسان ڪيتريون مال پريل ٻيڙيون ڏٺيون جن مان هر هڪ تي 5ـ6 خرار ان هو“.

ڊاڪٽر جيمس برنس، جيڪو 1827ع ۾ مير مراد علي خان جي علاج لاءِ سنڌ پهتو، تنهن به پنهنجي سفرنامي ”سنڌ جي دربار“ ۾ شاهه ڪپور جي شادابيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

انهن ٻن حوالن مان پڌرو ٿئي ٿو ته گنگڙي جي سڪڻ ۽ ريٽجڻ ڪان پوءِ شاهه ڪپور به آهستي آهستي تباهه ٿيندو رهيو. مون (ليکڪ) جڏهن شاهه ڪپور جو ويرانو ڏٺو ته حيرت ۾ پئجي ويس ته اهو شهر، جنهن جي ڪنهن زماني ۾ پل پلان هوندي هئي، اتي صرف چند سيدن جي حويلين ۾ انهن جي هارين نارين جي گهرن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به گهر ڏسڻ ۾ نه آيو. سيد در محمد شاهه جي حويليءَ پويان شاهه ڪپور شهر جون قتل بازارون ۽ پوليس

# شاهه ڪپور عرف محمد طور

ٺٽي ضلعي جي سرزمين ۾ سنڌ جي تاريخ بہ آهي. منجهس جابجا پکڙيل پراڻا آثار ان جي عظمت و قدامت جي گواهي بہ ڏئي رهيا آهن. اهو مڪليءَ جو مقام هجي يا ساموئي جي سنڌ. ڀنڀور جو پيڙو هجي يا ڪينجهر جا ڪنارا. ديري جو دڳ هجي يا ڪڪرالا جو ڪر. شاهبندر جو شاهي بندر هجي يا جهوڪ جو جاهہ و جلال. مطلب تہ ٺٽي ضلعي جي چپي چپي ۾ تاريخ جا ڪيترائي اڻ ميا خزانا لڪيل آهن.

ٺٽي ضلعي جو جاتي تعلقو ڪڇ جي سرحد وٽ هئڻ ڪري تاريخي لگنهہ پئي رهيو آهي. هونئن بہ سرحدي علائقي جي تاريخي اهميت کان ڪو بہ انڪار ڪري نٿو سگهي. جاتي تعلقي ۾ سنڌو بندر، رڙي، ننڊڪوٽ ڪانسواءِ شاهہ ڪپور جا قديم آثار پنهنجي اهميت ڪري سنڌ جي تاريخ جا زرين ورق آهن.

شاهہ ڪپور جاتي تعلقي جو هڪ پراڻو ڳوٺ، بدين-سجاول روڊ پرسان گهاڙي واهہ کان بہ ميل ڏکڻ طرف. ديهہ شاهہ ڪپور تپہ شاهہ ڪپور ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي پرسان امير اسماعيل شاهہ جو وسيع مقام آهي، جيڪو ساڍن ستاويهہ ايڪڙن تي مشتمل آهي. انهيءَ قبرستان ۾ امير اسماعيل شاهہ ۽ شاهہ ڪپور جون تربتون پڻ آهن. شاهہ ڪپور جو هڪ خدا ترس درويش، اٽڪل چار سئو سال اڳ هتي اچي آباد ٿيو هو. سندس واسطو ملتان وارن بزرگن سان هو. هن بزرگ جي نالي پويان هيءُ ڳوٺ سڏجڻ ۾ اچي ٿو. مقام ۾ ڪجهہ تربتون اهڙيون آهن جن جي ساخت مڪلي، سونڊا ۽ شيخ امير تراب رحہ جي مقامن وارين تربتن سان ملي ٿي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءُ مقام ڪم از ڪم چار سئو سال پراڻو آهي ۽ هيءُ ڳوٺ ڪنهن سمي ڪو وڏو شهر هوندو هو. تربتون پٿر جون آهن. پر سوال آهي تہ

سهوليت مطابق چئن گروپن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن تحت پهرين گروپ ۾ هينيون ديهون شامل ڪيون ويون آهن: بهاديپور، اپلاٽڪي وڏي اپلاٽڪي ننڍي دايڪي، سڪپور، شادپور، منارڪي، ورائڪي، پيرڻ، پاڏ، سيد الهه بخش، لطيفپور، هالاٽي، تل، ڪيتي، ڪيٽ، جاگير، ڇڇ براهوءِ ڍگهرائين شامل آهن.

ٻئي گروپ ۾ هينيون ديهون تجويز ڪيون ويون: گجو بهشتي، شاهه پور جاگير، شاهه پور ننڍي، پينوٽري محمد حسن اونو دوهو چاڙڪي، ڪوني، ميرپور نوڙڪي، انڙيا، ڪڏي اڇ، وراهين، چوينڊي چومائي، ڊوهڙ، تنگو موهاڙو پيلو ڏجو ڪاٽوڪنڊاڻ جاگير، ڪاراتر، ڪير سر ڏندو سمرڪو ملان، ستار ڏنو شاهه پنگڙ وڏو آمرچي، تنبو مغليين جريڙو لڪي، ڪانٽو سير ڳنڊو گجو ٻاري، ڪڙملڪ، بوهڙ ساڙهيجي، مٽڪي ۽ ڪينٽرا آهن.

ٽئي گروپ ۾: هيتما، راجڙ، هڙ، ور، تلي، ڪيري، مڙهو راهيجي، باڪائي، ٿلڪي، ڳيري، ڪيتي موالي، موڏي، مڙهو بولا خان، ڪينجهر، رهڙيا، بارگاهه رتني، لوبو ڇڇ درس، صاحيباٽي جاگير، گونگاڏو لنڊو ماڪيارو شاهه ڪپور، پنيلو ولهياري، پٽ مڪڙا، مالهيا، هاساٽي، ڪوچار، ڪاڙڪ، سار، گجو ڪُٽ پنگڙ ڍڙ راڏڻ، ڪلري، ڪوچونو سري ٻيلارو مڙهو مارو وارو پهلاري، وڪئي، ڳٽ، چوبتي، چاڻ ٻيلو جهم، ٽوپيڙو ۽ جهول شامل ڪيو ويون آهن.

چوٿين گروپ ۾: ماڪياڙو جتو، جيڪري، گونٽرا، ڪڏو ٻيهڙا، مڪراج، چنڊڻ، جبهو ڇَر، پهتنگ، دونهي، سر، گڏاپ واهه ڍانگ، مهري، آپن، گانٽڙو ڪاروند، ۽ اڙي شامل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته هينيون ديهون اڻ سروي ٽيل آهن: چالڪو احمد راجو ڳنڊو، اڪري، اورنگا، لاڪا، سري ۽ گرهوڙي.

مٿئين تجويز ڪيل گروپن جي آڌار تي خريف، ربيع، باراني زمين جي لاءِ مختلف ڍلن جا اگهه تجويز ڪيا ويا، مثال طور: پهرين گروپ ۾ سارين تي 3 ربيا 4 آنا، ٻئي گروپ لاءِ 3 ربيا، ٽئين گروپ لاءِ 2 ربيا 2 آنا ۽ چوٿين گروپ لاءِ 2 ربيا 8 آنا.

تعلقي ۾ چاراگاهن جا ٽڪرا ليز تي ڏنا وجن ٿا، اڻ سروي ٽيل ديهن ۾ اهي ٽڪرا ساليانی في تي ڏنا ويندا آهن. جڏهن ته سروي ٽيل ديهن ۾ ڪنهن معقول معاوضي تي ديهه جي مکي زميندار جي حوالي ڪيا ويندا آهن، جيڪو بعد ۾ ننڍن زميندارن ۽ مالدارن ۾ تقسيم ڪري ٿو. چراگاهن جي پنچري جو اگهه مختلف ٿئي ٿو چيڪو ڏهن ربين کان وٺي 135 ربين تائين ٿئي ٿو.

تہ وقت بوقت ٻوڏون ايندڙيون رهيون، فصلن جو بهتر اگهہ نہ رهيو. ماڻهن کي قرض کڻڻ جي عادت رهي ۽ مقامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ حاصل ٽيل پئسي تي ڀڳرو ورياج هئڻ شامل هئا.

1898ع ۾ راءِ بهادر چوئيٿ رام رامچند جنهن هن علائقي جي سيٽلمينٽ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، ان جي چوڻ مطابق 1898ع ۾ تعلقي ۾ ننڍين وڏن ڪاتيدارن جو تعداد 811 هو. ان وقت تعلقي ۾ 23 وڏا زميندار هئا، جن مان 7 هندو ۽ 16 مسلمان هئا. جنهن جو تفصيل زمين سميت هن ريت آهي: خليفو حاجي غلام محمد ولد خليفو ماڪرپيو قريشي 3441 ايڪڙ 19 گهنٽا، سيٺ پهلاج راءِ ولد شيوا رام ڀاٽيو 2736 ايڪڙ 42 گهنٽا، سليمان خان ولد چتا خان جت 632 ايڪڙ 15 گهنٽا، چوئيٿ ولد شيوا لوهاڻو 705 ايڪڙ 36 گهنٽا، پرمانند ولد چاندبو مل هندو لوهاڻو 1456 ايڪڙ 4 گهنٽا، حافظ ولد رتو هنگورجو 627 ايڪڙ 2 گهنٽا، محمد ولد عارب ڪيهر 688 ايڪڙ 30 گهنٽا، لطف علي شاهہ ولد قربان علي شاهہ 550 ايڪڙ 21 گهنٽا، روشن علي شاهہ ولد الهڏنو شاهہ 599 ايڪڙ 19 گهنٽا، آريسر ولد عبدالله هنگورجو 857 ايڪڙ 13 گهنٽا، گل محمد ولد سومار رهڙيو 574 ايڪڙ 13 گهنٽا، ساجن ولد علو مٽو 868 ايڪڙ 12 گهنٽا، ديوان گهنشام داس ولد ديوان پارو مل عامل 953 ايڪڙ 12 گهنٽا، ساجن ولد پنو ڳاڙهو 756 ايڪڙ 27 گهنٽا، عجائب ولد پانڌي سومرو 792 ايڪڙ 10 گهنٽا، پير صالح محمد شاهہ ولد ساجن شاهہ پير 953 ايڪڙ 5 گهنٽا، سليمان ولد برادبو هنگورجو 648 ايڪڙ 10 گهنٽا راهو ولد چتل مالهو 526 ايڪڙ 13 گهنٽا، هاشم ولد محمد بارڻ 575 ايڪڙ 17 گهنٽا، رامچند ولد ڪرمي مل لوهاڻا 897 ايڪڙ 25 گهنٽا، ڪجيتو مل ولد ڪانجي مل هندو لوهاڻا 767 ايڪڙ 35 گهنٽا، ڪلياڻ مل ولد پارپيو ڪڇي 1219 ايڪڙ 21 گهنٽا، مير الهہ بخش خان ولد مير علي محمد خان ٽالپر 623 ايڪڙ 20 گهنٽا.

تعلقي ۾ وقت بوقت ٻوڏون ايندڙيون رهن ٿيون، اهي ٻوڏون اڪثر ڪري منارڪي وٽان درياءِ سنڌ جي بند ٽٽڻ ڪري آيون. گذريل ڏهن سالن ۾ ڇهہ دفعا اهڙيون ٻوڏون آيون، سڀ کان وڏي ٻوڏ 93_1892ع ۾ آئي، جنهن تعلقي جي 9847 ايڪڙ ڏهن گهنٽن کي نقصان پهچايو. انهيءَ کان علاوه گونگڙو ۽ شير خان واهہ جا بند پڻ ٽٽندا رهيا.

تجويز ٽيل سيٽلمينٽ ۾ ديهن کي زميني صلاحيت ۽ آبپاشي جي

1887ع ۾ ڏڪار ۽ ٻوڏ جي ڪري 1989 رپيا معافي ڏني وئي. 96_1895ع ۾ ڏڪار، ڳڙڪوئن ۽ ٻين مرضن جي ڪري 6670 رپيا 9 آنا معافي ڏني وئي.

آبادگارن کي 94_1893ع کان 98_1897ع تائين زمين جي ڳاهڻ ۽ ٻج جي خريداري لاءِ 25559 رپيا نقد طور ڏنو ويو.

98_1897ع ۾ تعلقي ۾ ديهن جو تعداد 135 هو جنهن ۾ سرڪاري زمين ۽ جاگيرن جي ڪل زرعي ايراضي 1372625 ايڪڙ آهي، انهن مان ماپ ٿيل زمين 68662 ايڪڙ، 14802 سروي نمبرن ۾ ورهايل آهي، سروي نمبر جي سراسري ماپ 4 ايڪڙ 26 گهنٽا آهي.

نئين آبپاشي نظام ڪانپوءِ تعلقي جي آباديءَ ۾ نمايان اضافو ٿيو. 88_1887ع ۾ خريف، ربيع ۽ باراني ۽ ٻهرن جي هُڙين هيٺ آيل زمين 29970 ايڪڙ هئي، جڏهن تہ ڏهن سالن ۾ (98_1897ع) ۾ اها وڌي 41404 ايڪڙ تائين پيدائشي شرح چانور 15 کان 40 ڪاسا، ٻاجهري 10 کان 15 ڪاسا، جوار 10 کان 25 ڪاسا، سرنهن ۽ جانيو 7 ڪاسا، تر 7 کان 8 ڪاسا رهي ٿي. (هڪ ڪاسو برابر 18 سير). تعلقي ۾ فصلن جي ريزڪي قيمت في مڻ هيٺئين ريت آهي: ڳاڙها چڙيل چانور 2 رپيا، ٻاجهري 2 رپيا، جوَ هڪ رپيو چار آنا، منگ 1 رپيو 8 آنا، تر 4 رپيا 13 آنا، مختيارڪار جاتي جي چوڻ مطابق اهي قيمتون مغليين ۽ سنڌي بندر جي آسپاس وارن علائقن جون آهن، جڏهن تہ تعلقي جي اندرين حصن ۾ قيمتون اجا بہ گهٽ آهن.

زمين جي قدر ۽ قيمت، زمين جي آباديءَ واري صلاحيت، آبپاشي نظام سان لاڳاپيل رهي آهي. 1887ع ۾ تعلقي جي زمين جو سراسري اگهہ في ايڪڙ بہ رپيا بہ آنا هو جيڪو 1898ع ۾ وڌي 8 رپيا 2 آنا ٿيو. گذريل ڏهن سالن ۾ زمين جي وڪري جا 557 ڪيس ٿيا، جنهن تحت 36125 ايڪڙ 37 گهنٽا 200771 رپيا 13 آنا 10 پاين ۾ وڪرو ٿيا، جنهن جو سراسري في ايڪڙ اگهہ 5رپيا 9 آنا ٿيو. ان تان گورنمينٽ کي 105738 رپيا 5 آنا آمدني ٿي، وڪرو ٿيل زمين مان 7682 ايڪڙ 32 گهنٽا هندن کان مسلمانن ورتيون. جڏهن تہ 662 ايڪڙ 2 گهنٽا مسلمانن کان هندن خريد ڪئي. زمين کي گروي رکڻ لاءِ سراسري اگهہ في ايڪڙ 3 رپيا هو. 1887ع کان وٺي 1898ع تائين گروي جا 79 ڪيس ٿيا. جن مطابق 53819 رپيا 5 آنا 3 پاين جي عيوض 14973 ايڪڙ 6 گهنٽا زمين مسلمانن طرفان هندن وٽ گروي رکي وئي. مختيارڪار جاتي جي چوڻ مطابق زمين کي انهيءَ لاءِ گروي رکيو ويو

س-م پوي ٿو. 94_1893ع ۾ سادا چوڏنهن انچ جڏهن ته 98_1897ع ۾ سادا پندرنهن انچ مينهن پيو.

تعلقي جي آبپاشي نظام کي باقاعده سرڪاري حيثيت 87_1986ع ۾ ملي. تعلقي جا واهه اڪثر ڪري پنهنجو پاڻي درياءِ سنڌ مان سڌي طرح يا گونگڙي مان حاصل ڪن ٿا. گونگڙو سعيدا واهه، مرزا واهه ۽ ستاهه واهه درياءَ مان پاڻي حاصل ڪن ٿا. تعلقي ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ مختلف شاخن جي کوٽائيءَ کان علاوه حاجيا واهه تي ريگيوليٽر ۽ٺڻ تي 5840 رپيا خرچ ٿيو جڏهن ته مير خان واهه جي منهن تي پل ٻڌڻ تي 475 رپيا خرچ آيو. 88_1887ع ۾ واهن تي 27035، درياءَ سنڌ تي 1316 ۽ مينهن تي 80 ايڪڙ، ڪل 28401 ايڪڙن تي آبادي ٿي. جڏهن ته گذريل 11 سالن ۾ دوباري هيٺ آيل زمين 980 ايڪڙ 14 گهنٽا رهي.

تعلقي ۾ هن وقت 8 پڪا کوهه آهي، جن مان پيئڻ جو پاڻي حاصل ٿئي ٿو. پاڻي اڪثر ڪري 40 فوٽن کان هيٺ ملي ٿو. کوهن تي ڪا به آبادي نٿي ٿئي. جاتي تعلقي جي پهرين سروي 66_1865ع ۾ هڪ انگريز عملدار مسٽر مينس فيلڊ ڪئي. ان ۾ اهو جاچايو ويو ته ڍل حقيقي آبادي جي بنياد تي ورتي ويندي، ان کان پوءِ ٻي سروي ۾ زميندارن وٽ قبضي آيل زمين ليز تي ڏيڻ جو نهراءُ بحال ڪيو ويو. پهرين سيٽلمينٽ سروي ۾ موڪي پوک لاءِ ٻه رپيا 14 آنا 6 پايون في ايڪڙ، جڏهن ته چرخي پوک لاءِ هڪ رپيو 15 آنا، باراني آباديءَ لاءِ 15 آنا 6 پايون ڍل مقرر ڪئي وئي، جيڪا ٻي سروي ۾ موڪي 3 روپيا چرخي 2 رپيا ۽ باراني هڪ رپيو مقرر ڪئي وئي.

ٻي سروي (87_1886ع) ۾ تعلقي جي زمين کي آبپاشي جي لحاظ کان چئن گروپن ۾ تقسيم ڪيو ويو ۽ ان حساب سان ڍل جو تناسب رکيو ويو. گذريل ڏهن سالن ۾ تعلقي ۾ 312372 ايڪڙن تي آباد ٿي، جنهن تي سرڪار کي 369808 رپيا محصولات حاصل ٿي.

گذريل ڏهن سالن ۾ تعلقي انهن ٻوڏن سان مقابلو ڪيو هڪ طرف نقصان ٿيو ته ٻئي طرف 30751 ايڪڙن تي وڏيڪ پوکي ٿي، جنهن تان گورنمينٽ کي 61502 رپيا اضافي محصول حاصل ٿيو.

1887ع کان وٺي 1898ع تائين جاتي تعلقو مختلف قدرتي آفتن جو شڪار به رهيو. انهن ۾ ڏڪار ٻوڏون، گڏر ڪوئا شامل آهن. ان ڪري سرڪار وقت بوقت آبادگارن کي ڍلن ۾ معافي به ڏيندي رهي آهي. سال 88_

ڪان ٻئي ڳوٺ تائين وڃي سگهبو آهي، جيڪي مينهوڳي جي موسم ۾ هلڻ جهڙا نہ آهن. مغلڀين ڪان لڪپت ويندڙ رستو، جيڪو اڳتي هلي ڪڇ نارائڻ سر تائين وڃي ٿو. برساتن جي موسم ۾ ۽ ويرن ۾ ٻڏندو رهي ٿو. ان ڪانسواءِ درياءِ سنڌ جي لڳو لڳ آبادي ٻيڙين وسيلي پنهنجو سفر جاري رکي ٿي.

تعلقي ۾ ڪا بہ مستقل مارڪيٽ نہ آهي. ڳوٺن ۾ کليل ميدانن تي مقامي پيدائش کي وڪري لاءِ رکيو وڃي ٿو جتان پوءِ خريدار اُن مال کي انن وسيلي مغلڀين ڪان سنڌو بندر تائين پهچائين ٿا.

ڪن حالتن ۾ اهو مال ٻيڙين وسيلي ڪوٽڙي يا ڪيٽي بندر تائين پڻ پهچايو وڃي ٿو. مقامي پيدائش جو وڏو حصو مغلڀين جي ميلي جي موقعي تي نيڪال ڪيو وڃي ٿو جيڪو هر سال مارچ يا اپريل مهيني ۾ لڳي ٿو. 1896ع ۾ گورنمينٽ کي انهيءَ ميلي مان 79 رپيا محصول وصول ٿيو وري مئي مهيني ۾ اُنٺين جا مالڪ مغلڀين جي خليفي کي کير پيش ڪن ٿا. جتي پنهنجي اُنٺين جي وڳ سان مئي مهيني ۾ درگاهہ جي حاضري ڀريندا رهندا آهن. مغلڀين ڪان سواءِ هتي ٻيون ست درگاهون پڻ موجود آهن، جن مان هڪ هندن جي آهي، جن جا ڏهاڙا پڻ عقيدت سان ملهايا وڃن ٿا.

تعلقي جو مکيہ روانگي واپار ڳاڙها چانور، ٻاجهري، گيهہ ۽ ڳڙ آهي. ٻوڏ جي دوران هتي تر، سُرنهن ۽ جانيو گهڻو پوکيو وڃي ٿو جيڪو بعد ۾ آس پاس جي علائقن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. جڏهن تہ شهدادپور ڪان تماڪ ۽ ڪراچي ڪان ڪپڙو ڪنڊ، ڪٽڪ جو اٽو ڪارا مرچ، سوپاريون ۽ گاسليٽ وغيره گهرايو وڃي ٿو. سامان ڪٽائڻ جي مزدوري اُٺ وسيلي چار آنا في خرار في ميل ۽ ٻيڙي وسيلي چار ڪان ڇهہ پايون في خرار في ميل آهي. تعلقي ۾ ڪا بہ صنعت نہ آهي. البتہ 20 آڏاٽا موجود آهن، جن تي لونگيون ۽ فراسيون اُڻيون وينديون آهن. تعلقي ۾ بہ گهاڻا ۽ ويهہ چيچڙا موجود آهن.

31 مارچ 1898ع تي پوري تعلقي ۾ فقط هڪ سرڪاري اسڪول مغلڀين آهي، جنهن ۾ 28 هندو ۽ 17 مسلمان شاگرد زير تعليم آهن. 96-1895ع ۾ تعلقي جا چار ملان اسڪول بند ڪيا ويا، جنهن جي لاءِ تعليمي عملدارن جو چوڻ هو تہ انهن اسڪولن حڪومتي احڪامن جي پيچڪڙي ڪئي آهي ۽ انهن جي هيڊ معلمن دنيوي تعليم ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو آهي.

تعلقي جي آبهوا گهميل آهي. مارچ ڪان 15 آڪٽوبر تائين گرمي رهي ٿي. هتي ساليانو سراسري مينهن (10 سالن جي رڪارڊ مطابق) 8 انچ 82

ميل آهي. تعلقي ۾ هن وقت 120 سر وي ٽيل 13 اڻ سر وي ٽيل ڏيهون آهن.

تعلقي جي آدمشماري 1881ع ۾ 27033 هئي جيڪا 1891ع ۾ وڌي 27895 ٿي. 1891ع جي آدمشماري رپورٽ مطابق تعلقي ۾ مسلمانن جو تعداد 25400، هندو 2460، عيسائي 09 ۽ ٻين مذهبن وارن جو تعداد 26 هو. انهيءَ دوران تعلقي مان ڪا بہ لڏپلاڻ ڪا نہ ٿي. البتہ لابارن يا مال چارڻ سانگي پرپاسي کان ماڻهو ايندا رهيا، پر انهن جو اچڻ ۽ وڃڻ مڪمل طور عارضي هو.

هڪ ننڍو شهر مغلڀين تعلقي جو هيڊڪوارٽر آهي. 1891ع واري آدمشماري مطابق شهر ۾ 1613 ماڻهو رهن ٿا، جن مان هڪ هزار ڇاهتر (1076) مسلمان ۽ 537 هندو آهن. شهر ۾ اسسٽنٽ ڪليڪٽر جو بنگلو، مختيارڪار جي آفيس، پوليس ٿاڻو ورنيڪيولر اسڪول، پوسٽ آفيس، ڊڪ ۽ مسافر خانو آهن. شهر ۾ تازو اسپتال تعمير ڪئي وئي آهي، اميد تہ ان ۾ جلدي عملو مقرر ڪيو ويندو.

_ تعلقي جا ٻيا مکيہ ڳوٺ آدمشماريءَ سميت هي آهن: سنڌو بندر (400) ماڻهو، شاهہ ڪپور (323)، ملان (297)، بهاديپور (263). راڄ ملڪ (254).

1891ع کانپوءِ مسلسل ٻوڏن جي ڪري بهاديپور ڳوٺ تباهہ ٿي ويو آهي. هاڻي اتي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ گهر آباد آهن. سنڌو بندر مقامي پيدائش جي روانگي واپار جو مرڪز آهي. اهو سير کاري تي گونگڙي تي ٻڌل ڳنڊي کان بہ ميل ڏکڻ طرف واقع آهي. اهو ڳنڊو جنهن کي مقامي طور سيرڳنڊو چيو وڃي ٿو، جيڪو گونگڙي جي پاڻيءَ کي سمنڊ جي پاڻي کان بچائڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. سنڌ بندر کان مال، چاليهہ ميل ڏکڻ طرف ڪليل سمنڊ وٽ ٻيڙين وسيلي پهچايو وڃي ٿو جتان اهو مال وڏين ٻيڙين ۽ غورابن وسيلي ڏيساور وڃي ٿو. شاهہ ڪپور جي ويجهو هڪ پراڻي شهر جا آثار موجود آهن، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو شهر سنڌ جي سومرا حڪمرانن جو جوڙايل آهي، جتان مختلف شيون لڀجن ٿيون. چيو وڃي ٿو تہ اهو شهر برهمڻ آباد جو همعصر شهر هو.

93_1892ع کان بمبئي سرڪار ڳوٺن ۾ چوپائي مال جي اعداد و شمار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ هدايت نامو جاري ڪيو جنهن مطابق 98_1897ع ۾ جاتي تعلقي ۾ ڍڳن جو تعداد 4480، ڳئون 14556، مينهون 4394، اُٺ 961، گهوڙا 740، گڏهہ 846، ٻڪريون ۽ رڍون 15677 هيون.

تعلقي ۾ ڪو بہ پڪو روڊ نہ آهي. البتہ گاڏا واٽن وسيلي هڪ ڳوٺ

# ڪراچي ضلعي جو جاتي تعلقو : 1899ع ۾

سنڌ ۾ زمين جي سروي ۽ سيٽلمينٽ جو ڪم 1865ع ۾ شروع ٿيو جنهن ۾ وقت بوقت ترميمون ۽ تبديليون ٿينديون رهيون. جاتي تعلقي جي پيهر سروي (88_1887ع) ۾ ٿي. وري 1899ع ۾ ٽيهر سروي لاءِ هڪ انگريز عملدار ايل. ڊبليو سيمور سپرنٽينڊنٽ لينڊ رڪارڊس اينڊ ايگريڪلچر ان سنڌ ڪليڪٽر ڪراچي جي معرفت ڪمشنر ان سنڌ کي ڪئمپ آفيس ميرپور بٺورو مان ليٽر نمبر 329/1899 بتاريخ 20 اپريل 1899ع تي هڪ ترميم شده رپورٽ موڪلي جنهن ۾ ان وقت جي جاتي تعلقي جي زراعت، آبپاشي ۽ عام حالتن تي بحث ڪندي جاتي تعلقي جي گذشته ڪيل سروي ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ چند تجويزون پيش ڪيون. انهيءَ کان اڳ ۾ ”اينڊرسن“ پڻ جاتي تعلقي جي اٺن اڻ سروي ٿيل ديهن جي رپورٽ بمبئي گورنمينٽ کي موڪلي ۽ جاتي تعلقي جي نئين سر سروي ڪرڻ جي تجويز ڏني، اهڙي ريت آبپاشي جي سروي پڻ وقت بوقت ٿيندي پئي رهي آهي. جاتي تعلقي جي آبپاشي نظام جي پهرين سروي بمبئي سرڪار جي حڪم نمبر 2172 بتاريخ 6 اپريل 1887ع تي ٿي.

ايل ڊبليو سيمور جي روبزن سيٽلمينٽ ۾ جاتي تعلقي جي ان وقت جي حالتن جو جيڪو جائزو پيش ڪيو آهي ان جو ذڪر هتي مختصر پيش ڪجي ٿو:

”جيئن ته جاتي تعلقي جي سرحدن ۾ ڪا به ڦيرڦار نه آئي آهي، ان ڪري تعلقي جون حدون اهي ساڳيون آهن، جيڪي پهرين سيٽلمينٽ وقت موجود هيون. تعلقي جو ڏاکڻيون حصو لوڻيانو آهي، آبادي نه هئڻ جي برابر آهي. تعلقي جو اتر_ اوير وارو حصو زراعت جي لائق آهي، پر اتي آبپاشي جو نظام موزون نه آهي. تعلقي جي مجموعي پکيڙ 2,14,473 چورس

ڪجهہ گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ سميجا، سيد ۽ عباسي رهن ٿا. هتي پرائمري اسڪول، گرلس پرائمري اسڪول، گرلس مڊل اسڪول، بوائز برانچ مڊل اسڪول قائم آهي. ڳوٺ کي واٽر سپلاءِ اسڪيم ۽ بنيادي صحت مرڪز پڻ مليل آهي. ڳوٺ جاتي (مگرپيين) سان پڪي روڊ وسيلي مليل آهي. بوهڙ جا استاد محمد يوسف سميجو ۽ علي محمد سانگي سنڌ جي ناليوارن استادن مان ٿي گذريا آهن.

(7) چنڊڻ:

هن وقت چنڊڻ نالي سان جاتي يا (مگر پيين) تعلقي ۾ ڪو ڳوٺ واقع نہ آهي. البتہ چنڊڻ نالي سان ديهہ موجود آهي، جنهن جو مکيہ ڳوٺ حاجي قادر بخش موچيءَ جو آهي، اها ديهہ جاتي کان ڏکڻ اوير طرف ٻارڻ آباد کان ڏکڻ طرف واقع آهي.

(8) شاهہ ڪپور:

جاتي تعلقي جو مشهور تاريخي ڳوٺ آهي، سولائي سان پهچڻ لاءِ سجاول- بدين روڊ تي گهاڙي واهہ کان 3 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف واقع آهي. ڳوٺ جي اوير طرف سمن جي گادي وارو هنڌ محمد طور جا آثار موجود آهن.

(9) فتح پور:

فتح پور نالي سان هن وقت شاهہ ڪپور يا آسپاس ۾ ڪو بہ ڳوٺ نہ آهي، البتہ وڏڙن جو چوڻ آهي تہ هن وقت جي ڪورواهہ چوڪ جي ڏکڻ ۾ هڪ ڳوٺ هوندو هو جنهن کي فتح جو ڳوٺ چوندا هئا.

(10) اپلاٽہ:

جاتي تعلقي جو هي تاريخي ڳوٺ ديهہ بهاديپور ۾ درياءِ سنڌ جي ڪناري تي واقع آهي. هتي اُپلاٽہ قوم جا ماڻهو رهن ٿا. اُپلاٽہ پهچڻ لاءِ سجاول- چوهڙ جمالي روڊ تي روڊ موري اسٽاپ کان هڪ لنڪ روڊ وسيلي وڃي سگهجي ٿو.

(11) ڄتن جو شهر:

مقامي ماڻهن راج ملڪ يا راڄ ملڪ کان 2، 3 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ”ملڪ جو ٿلهو“ نالي سان ان شهر جي نشاندهي ڪن ٿا.

(12) ڪاجيره ڍنڍ:

هيءَ ڍنڍ اڄ بہ موجود آهي، جيڪا ديهہ چاڻ ٻيلو ٽپو سير ڳنڊيو ۾ واقع آهي. مغل پيين کان لڪپٽ ويندڙ رستي جون منزلون: بوهڙ- ڏيوري- ڏرم شالا- ٿلهو- وير- سُگنڊيو- لاهہ يا پکو- ڪوري- پاليا- لڪپٽ.

(واڌارن لاءِ مرتب، علي محمد ترڪ، سائين قمرالدين سميجو چاچا ميرو سميجو استاد محمد صديق سميجو محمد صديق رچو ۽ محمد رمضان پناڻ جو ٿورائتو آهيان.) (پاڪستان جو تاريخي ڪردار تصنيف: جناب اي ڪي بروهي)

## حوالاءِ واڌرا

(1) لاهہ:

مغل پيين کان لکپت ويندڙ رستي تي هڪ عارضي منزل هئي، جنهن کي بعد ۾ ”پکو“ بہ سڏيو ويندو هو. متيءَ جي هڪ وڏي دڙي تي پکن سان اڏيل جهوپڙي جي حوالي سان هن کي ”پکو“ چيو ويندو هو. مقامي پوڙهن ميرو سميجو ۽ صديق رچو جي چوڻ مطابق تہ اهو علائقو شاهہ سمابو جي درگاهہ کان ٿورو ڏکڻ طرف واقع هو شاهہ سمابو جي درگاهہ جاتي (مگر پيين) کان 35 کان 40 ڪلوميٽر اوپر طرف واقع آهي.

(2) پاليا:

لاهہ عرف پکي جي پرسان سمنڊ جي هڪ چاڙ واقع آهي، جنهن کي مقامي ماڻهو ڪوري چون ٿا. انهيءَ ڪوري جي ٻيءَ پر يعني ڪڇ طرف پاليا نالي سان هڪ ڳوٺ آباد هو اڄ بہ منجهس ڪجهہ ماڻهو رهن ٿا، هن کي مقامي ماڻهو گُنيري بہ چون ٿا. پاليا کان لکپت 20 ويهارو کن ڪلوميٽر پري ٿيندو.

(3) سڱدان:

ڪنهن زماني ۾ هتي مِٺو پاڻي زياده هوندو هو ۽ علائقي ۾ سڱداسي چانور گهڻي ٿيڻ جي ڪري علائقي جو نالو سُڱنديو يا سُڱدان پئجي ويو. سڱدان ۾ سرحدي محافظ پڻ رهندا هئا. سڱدان وارو علائقو لاهہ يا پکي کان اوريان جاتي طرف 10 ڪلوميٽر ۽ جاتي کان لکپت ويندڙ روڊ تي 30 ڪلوميٽر تي واقع آهي.

(4) وير يا وائير:

جاتي يا (مگر پيين) کان لکپت ويندڙ رستي تي چوٿين منزل وير يا وائير جي آهي، هن وقت اهو علائقو ٿلهو نالي سان سڏجي ٿو. هتي پراڻي ڳوٺ جا نشان واضح آهن.

(5) ڪنتاسر:

مقامي ماڻهن کان معلوم ٿيو تہ ڪنتاسر وير ۽ بوهڙ جي وچ ۾ ڪٿي واقع هو چاچا سميجي (وينل بوهڙ) ٻڌايو تہ بوهڙ کان 8۔ 10 ڪلوميٽر اوپر طرف لکپت روڊ تي هڪ منزل آهي، جنهن کي ”ڏيوري“ چئجي ٿو ۽ ان سڄي علائقي کي ”اُڪن واري“ چئجي ٿو. هتي جڙيون ٻوٽيون جام ملن ٿيون. اها ڏيوري شايد سنڌ جي سروي ڪرڻ وقت نهرائي وئي هجي. ”اُڪن واري“ علائقو ديهہ سري ۾ واقع آهي، ان جي ڏکڻ طرف بگهياڙي ڍنڍ واقع آهي.

(6) بوهڙ:

جاتي تعلقي جو قديمي ڳوٺ آهي. جيڪو اڄ بہ جاتي (مگر پيين) کان 16 ڪلوميٽر راڄ ملڪ روڊ کان نڪرندڙ لنڪ روڊ تي واقع آهي. هن وقت منجهس 800 ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ڪچن گهرن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ سرڪاري عمارتن کان سواءِ

۽ آبادي لائق نٿو رهي. سيرڪاري جي وسيلي وڏين ويڙن جي وقت ۾ ٻيڙين وسيلي سامان آڻي بندر تي پهچايو ويجي ٿو. جيڪو سامان وري گونگڙو ۽ پنجاري جي وسيلي اندرون سنڌ موڪليو ويجي ٿو. جهاز راني جي انهيءَ سهولت سبب مگريين کي ٻين شهرن جي مقابلي ۾ خاص اهميت آهي. ڪڇ ۽ سنڌ جو اڪثر واپار مگريين جي ذريعي ٿيندو هو. اسان هتي 25 ٻيڙيون ڏٺيون. جن مان وڏي ۾ وڏي ٻيڙي 25 خرار اَن کڻي پئي سگهي، جڏهن تہ ننڍي ۾ ننڍي ٻيڙي 4 خرار اَن کڻڻ جي قابل هئي. گونگڙو سنڌ جي ٻين ندين جيان مڇيءَ سان مالامال آهي. هتي اسان کي ٻڌايو ويو تہ هتي ڪم از ڪم 10 هزار اُٺيون آهن. هڪ وڳ ۾ اسان ڪم از ڪم 1200 اُٺيون ڏٺيون.

مگريين جي صورتحال وڏي خصوصيت جي حامل آهي. جيڪڏهن سنڌ تي حملو ڪرڻ ضروري ٿي پوي تہ آئون زوردار سفارش ڪندس تہ اهو مگر پين کان بهتر ٿيندو. ٻيڙيون آسانيءَ سان بند (سيرڳنڊو) تائين پهچي سگهن ٿيون. بند کان 15 ميل "جتن جي شهر (11)" وٽ فوجون لاهي سگهجن ٿيون، جتي فوج جي رسد لاءِ سڀ ڪجهہ موجود ٿي سگهي ٿو. مگريين کان حيدرآباد خشڪي يا درياءَ وسيلي آسانيءَ سان پهچي سگهجي ٿو. درياءَ وارو رستو آسان ۽ سڌو آهي.

سنڌ سان جيڪو تازو معاهدو ٿيو آهي، ان سان مگريين کي يقيناً وڏو فائدو پهچندو ۽ اهو معاهدو ان جي اهميت کي اجا بہ اجاگر ڪندو. سير ڪاري کان وڌ ۾ وڌ ٽي ٽن يا ٻن ڏينهن ۾ مگريين پهچي سگهجي ٿو جيڪا هڪ واپاريءَ لاءِ وڏي سهولت آهي، مگريين کان حيدرآباد 4 ڏينهن ۾ پهچي سگهجي ٿو.

8 مئي 1831ع تي اسان ڏکڻ اوڀر طرف 11 ميل مسافري ڪري "بوهڙ" پهتاسين، اسان ڳوٺ کان پريان هڪ سرسبز هنڌ تي ڪئمپ لڳائي. اهو سرسبز علائقو "ڪاجيره (12)" جي ڍنڍ جي ڪري وجود ۾ آيو هو. آبڪلاٽي جي موسم جي ڪري ٻوڏ جو خطرو محسوس ٿي رهيو هو. مون کي "ڪاجيره" جي ڍنڍ جي مهاڻن ٻڌايو تہ 15_20 ڏينهن اندر علائقو پاڻي هيٺ اچي ويندو ۽ اهي لڏي وڃي رڙي جا پٽ وسائيندا. بوهڙ کان پوءِ اسان لکپت وسيلي مانڊوي طرف روانا ٿياسين.

جنهن کي ونگي واري علائقي کان پوءِ گونگڙو چيو ويو ٿي، هتي اسان وڏيون بيڙيون ڏٺيون، جنهن مان هر هڪ تي 605 خرار ان سٽيل هو.

وفد انهيءَ کان پوءِ ميرپور بٺورو، بلڙي، ڊنڊي، سعيد پور ٽڪر جي رستي حيدرآباد پهتو، بعد ۾ حيدرآباد کان خيرپور سفر ڪيو. واپسيءَ ۾ خيرپور کان حيدرآباد جو سفر گهوڙن جي ذريعي ٿيو. حيدرآباد کان وري بيڙين جي وسيلي 28 اپريل 1831ع تي وفد حيدرآباد چڙهيو. ڊلهائوسي/ ڊلهوسٽ وڏيڪ لکي ٿو ته، ساڳئي ڏينهن تي اسان ٺٽي پهتاسين، جتان پنجاري ڦاٽ نڪري ٿو. ٺٽي پهچڻ کان اڳ ۾ اسان جو گذرڻ جهرڪ وٽان ٿيو جتي اسان ڪيترين پڪين عمارتن جا نشان ڏٺا جيڪي درياءَ سان لڳو لڳ ٽڪريءَ تي واقع هئا. اسان انهيءَ علائقي کي صحيح طريقي سان ڏسي نه سگهياسين، پر اسان جو گمان آهي ته سڪندراعظم هتي ضرور ڪو شهر ٻڌايو هوندو.

30 اپريل ڏينهن جو 12 وڳي اسان ٺٽي جي ويجهو پهتاسين، اسان جون بيڙيون ٺٽي کان ٽي ميل اوپر طرف لنگرانداز هيون. آئون ۽ مسٽر سنڪليئر گهوڙن تي چڙهي ٺٽي وياسون، جتي اسان محسوس ڪيو ته هي شهر پنهنجو اڳوڻو اوج وڃائي چڪو آهي، شهر جي آدمشماري 7 هزارن کان وڌيڪ نه ٿيندي.

2 مئي 1831ع تي اسان بگهياڙ ڦاٽ جي منهن وٽ پهتاسين، ان کان پوءِ ان جي سامهون ستاهه ڦاٽ مان گذرندا ڏينهن جو 12 وڳي هڪ ننڍي ڳوٺ "اُپلاڻه (10)" پهتاسين، جتي اسان بيڙين مان لهي گهوڙن تي سوار ٿياسين.

6 مئي 1831ع تي اسان صبح جو مگريين پهتاسين، اُپلاڻه کان مگريين جو رستو 20 ميل کن ٿيندو جيڪو ڪو قابل ذڪر نه آهي. ڪٿي ڪٿي چانورن جو فصل ڏسڻ ۾ آيو ٿي نه ته ننڍا ننڍا جهنگلي ٻوٽا هر هنڌ ڏسڻ ۾ پئي آيا. اهو علائقو سال جا چار مهينا ٻوڙ هيٺ رهي ٿو، واٽ تي اسان کي ڪيترا ننڍا وڏا ڳوٺ مليا جن ۾ 40 کان 50 کن گهر هئا.

مگريين هڪ وڏي جڳهه آهي، ان جي آدمشماري 3 هزار کن ٿيندي. شهر گونگڙ نديءَ جي کابي ڪپ تي واقع آهي، جيڪا هتي 200 وال ويڪري ۽ ڪم از ڪم 25 فوٽ اونهي آهي. شهر کان ڏکڻ طرف هڪ ميل جي مفاصلي تي گونگڙو نديءَ تي هڪ بند ڏنل آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سمنڊ جو پاڻي سير کاري جي وسيلي مگريين پهچي ٿو، جيڪو پوءِ پيئڻ

ٿئي ٿو. ڪن جو خيال آهي ته گورني ”گوني“ وڳي ڪان پوءِ گونگڙو سڏجي ٿو جڏهن ته اصلي گونگڙو مگرپين وٽ آهي. چنبڙ جي آدمشماري 900 جي قريب آهي. جن مان اڪثريت مسلمانن جي آهي، هتي اٽڪل اڍائي سؤ هندو رهن ٿا. هتان ڪان رڙي ۾ واقع پير نور شاهه جو مقبرو چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو چنبڙ ڪان اتر- اتر اوير ۾ واقع آهي. ”چنبڙ ۽ ان جي آسپاس واري زمين هموار ۽ آبادي لائق آهي. واٽر ڪورس تي ٻيرن جون قطارون هڪ سٺو منظر پيش ڪن ٿيون.

هتي ڪن هندن سان منهنجي ملاقات ٿي جيڪي منهنجي تنبوءَ ۾ مون سان ملڻ آيا هئا انهن مون کي اهو سمجهائڻ پئي چاهيو ته انهن سان حڪمران طبقي جو رويو نيڪ نه آهي ۽ سنڌ ۾ ڪو به انصاف نه آهي، انهن اهو به ٻڌايو ته برطانيه سرڪار هٿ هيٺ ڪڇ ۾ ج جا هندو ڪيتري قدر نه خوش آهن، انهن کي اميد هئي ته اسان جلد ئي ميرن ڪان سنڌ وٺڻ وارا آهيون.

18 جنوري 1831ع تي 18 ميلن جي مسافري ڪان پوءِ اسان ”شاهه ڪپور (8)“ پهتاسين، جنهن کي عام طور ڪپور چيو ٿي ويو. شاهه ڪپور ۽ ان جي آسپاس جي زمين هموار ۽ نيڪ ناڪ آباد ٿئي ٿي. رستي کي مختلف هنڌن تان واٽر ڪورسن جي ڪري ڪٽ پيل هئا. جيڏانهن تي نظر پئي اوڏانهن ٻير ۽ ٻيا وڻ ڏسڻ ۾ آيا ٿي، مکيه پيدائش ۾ چانور جوار ۽ تماڪ اچي وڃن ٿا. شاهه ڪپور مير غلام حسين ولد مير عبدالله خان سان واسطو رکي ٿو. منهنجو يقين آهي ته هي سنڌ حڪومت جو سچو پچو والي آهي.

شاهه ڪپور شهر جي ٽوٽل آدمشماري تي (3) هزار ٿيندي، جن مان اڪثر لوهاڻن هندن جي آهي. شهر جي اوير طرف هڪ پراڻي ڪوٽ ۽ وڏي شهر جا ڪنبرات ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو قلعو دودي سومري جو هو. دودو جيڪو سومرا گهراڻي جو آخري حڪمران هو هو 964هه مطابق 1299ع ۾ وفات ڪري ويو. اهي ڪنبرات پڪل سرن جا آهن. سرون 20x8 ماپ جون آهن. شهر جي ديوار جي پرسان ئي آبي گذرگاهه هو جنهن ڪري شهر جو نظارو يقينن وٹندڙ هوندو.

پراڻي شهر جي ڪنبرن سان لڳو لڳ وهندڙ واٽر ڪورس گونگڙو مان نڪري ٿو. جيڪو 36 ميل اڳتي ”فتح پور (9)“ تائين وڃي ٿو. ان واٽر ڪورس متعلق مون کي معلوم ٿيو ته اهو پراڻي گوني جو هڪ وهڪرو آهي،

"ڪنتاسر (5)" چيو ويو ٿي، جتي ٻه يا ٽي ماڻهو اسان کي مليا، جيڪي نهايت مهذب ڏسڻ ۾ آيا. جن اسان کي گهوڙن تان لهڻ لاءِ چيو ۽ ماني جي صلاح هنئي. بهرحال اسان انهن کان معذرت ونندي اڳتي وڌياسين. وري هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهتاسين جتي هڪ ڳوناٺي جت (مسلمان) اسان کي مکڻ، کير کائڻ لاءِ ۽ حقو ڇڪڻ لاءِ ڏنو جنهن کي مون هڪ نيڪ فال سمجهيو. انهيءَ لحاظ کان ته ڪم از ڪم هندستاني تعصب، سنڌ تائين نه پهتو آهي. هڪ ڪلاڪ جي سواري کان پوءِ اسان پنهنجي تنبوءَ لڳائڻ واري هنڌن تي پهتاسين. هيستائين اسان مجموعي طور 7 ڪلاڪن ۾ چاليهه ميل ڪري چڪا هئاسين.

"بوهڙ (6)" ڪن گهرن جو مجموعو آهي. هتي خاص طور سرواڻ، جت ۽ مهاڻا رهن ٿا. سرواڻ اُٺ پالين ٿا ۽ جت ڏراڙ آهن ۽ مهاڻا مڇي مارين ٿا. اهي سڀ مسلمان آهن. پر مهاڻن کي گهٽ ذات سمجهيو وڃي ٿو. "بوهڙ" ۽ ان جو آپس پاس ڪئنالن ۽ واٽر ڪورسن وسيلي آباد ٿئي ٿو. هتي چانور، تماڪ، ٻاجهري، ڪمند گهڻو ٿئي ٿو ۽ آبپاشي جي سلسلي ۾ جيڪو ڪئنال هن پٽ کي آباد ڪري ٿو اهو مگر پيين کان نڪري ٿو اسان موٽندي اهو واهه ڏٺو جيڪو چار فوٽ ڪشادو ۽ ڇهه فوٽ اونهو بمشڪل ٿي لڳو. تنهن هوندي به اهو ان علائقي کي سيراب ڪرڻ لاءِ ڪافي هو.

"بوهڙ" ۾ اسان کي آفيسر طبقي جا به ماڻهو مليا. جيڪي سنڌ جي امير طرفان وفد کي خوش آمديد چوڻ لاءِ آيا هئا. انهن مان هڪ محمد خان هو جيڪو جاتي پرڳڻي جو گورنر ۽ ٻيو حيدر خان ان جو نائب هو. انهن معززن جو لباس، انهن سپاهين کان ٿورو مختلف هو جيڪي اسان کي "لاهه" ۾ مليا هئا. فرق فقط ايترو هو ته لباس جو ڪپڙو ذرا مهانگو هو.

16 جنوري 1831ع اسان "بوهڙ" ۾ رهياسين. هتان ڪوٽڙي (سنڌڙي بندر) سڌوسنئون اٽڪل روءِ 38 ميل ٿيندو. فوج مختصر تياري سان انهيءَ رستي سنڌ ۾ داخل ٿي سگهي ٿي، بوهڙ ۾ ضروريات زندگيءَ جون اڪثر شيون ملي سگهن ٿيون. خاص طور چانور ۽ ٻيون شيون هتي ڀاڻي وافر مقدار ۾ موجود آهن ۽ ضرورت پوڻ تي چوپايو مال به ملي سگهي ٿو.

17جنوري 1831ع اسان "بوهڙ" کي ڇڏيو ۽ 13 ميل ڪري "ڇندڻ (7)" پهتاسين، جيڪو 20 گهرن تي مشتمل هڪ ننڍو ڳوٺ هو. "ڇندڻ" گونگڙي مان نڪتل هڪ ڪٽ تي آباد هو جيڪو ڳوٺ کان ٿورو پريان ختم ٿي

هنڌ جي سجاڻپ تي سگهي ٿي. هتي هڪ ٻوٽو ٿئي ٿو جنهن کي دارون يا لاٽو چيو وڃي ٿو رڻ پٽ ۾ اُٺ انهن تي پاليا وڃن ٿا.

هتي هڪ هندو مهتو رهي ٿو ۽ ڪجهہ سپاهي لاهہ ۾ رهن ٿا. هندو روانگي واپار تي محصول اوڳاڙي ٿو جڏهن تہ سپاهي سرحد جي حفاظت ڪن ٿا. انهن ماڻهن مون کي ٻڌايو تہ اسان جو ڪل تعداد 40 آهي، جن مان 15 هتي رهن ٿا. باقي ٻين علائقن جهڙوڪ "پالياءِ (2)"، "سگداڻ (3)" ۾ رهن ٿا. انهن مون کي ٻڌايو تہ اهي مينهن جي موسم ۾ بہ هتي رهندا آهن. پر آئون سندن بيان کي سچو نٿو سمجهان. مينهن جي موسم ۾ زمين گهوڙن ۽ اُٺن جي هلڻ لاءِ موزون نہ هوندي آهي.

"لاهہ" ۾ جيڪي سپاهي مون کي مليا اهي ٻهريان سنڌي هئا، جن سان منهنجي ملاقات ٿي. آئون انهن جي مهانڊن ۽ لباس کان ڏاڍو متاثر ٿيس. اهي يار ويس ڏسڻ ۾ آيا، منهنجو اندازو آهي تہ انهن جي ملڻي جلڻي طبيعت انگريزن کي هميشہ خوش ڪندي انهن جون ٽوپيون ٽلهي ۽ نرم ڪپڙي جون نهيل هيون. هرڪو ماڻهو تلوار ۽ ٻين روايتي هٿيارن سان مسلح هو.

13 جنوري تائين آئون "لاهہ" ۾ رهيس ۽ 14 جنوري تي ڪرنل پاٽينگر پنهنجي ساٿين سان مون سان اچي مليو.

15 جنوري 1832ع تي اسان صبح جو ستين بجي "لاهہ" کي ڇڏي "ٻوهڙ" لاءِ روانا ٿياسين، جيڪو هتان کان اٽڪل 40 ميل جي فاصلي تي واقع هو. مسافري جي ٻهرين پنجن ميلن دوران، اسان کي فقط لاڻن جا جهڳٽا نظر آيا. بعد ۾ ڪجهہ ننڍا ننڍا ٻير جا وڻ يا جهنگلي ٻوٽا نظر آيا. رستي تي اسان کي ڪن هنڌن تي لوڻ جا وڏا ذخيرا ڏسڻ ۾ آيا جن لاءِ چيو ٿي ويو تہ اهي گذريل مينهن جي ڪري ٺهيا آهن جيڪا ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نٿي اچي.

جنهن رستي تان اسين اچي رهيا هئاسين اهو ڪشادو هو هڪ ڪلاڪ جي سواري کان پوءِ اسان ڪجهہ وڻن جي جهڳٽن وٽ پهتاسين، اهو هنڌ بہ اسان کي "لاهہ" جهڙو لڳو مقامي طور ان کي "وير (4)" يا "واٿر" چيو ويو ٿي، اتان کان ٿورو اڳتي هلي اسان پنهنجو رستو ڀلجي وياسين. پر وري صحيح رستي تي موٽي آياسين. اسان اولهندي طرف هلندي هلندي تقريباً صبح جو ساڍي يارهين وڳي ڪجهہ گهرن وٽ پهتاسين، جن کي

وفدن جيڪا معلومات مهيا ڪئي اها انگريزن سنڌ تي 1843ع ۾ قبضي ڪرڻ ۾ ڪتب آندي.

انگريز سرڪار سنڌ ڏانهن جيڪي سياسي وفد موڪليا، انهن سان گڏ هڪ سرويئر به هوندو هو جنهن جي ذمي اهو ڪم هوندو ته هو علائقي جي آبادي، رسم رواج، فصل، جانور، روڊ، رستا زراعت، ۽ صنعت مذهب ۽ حڪومت، مطلب ته هر شيءِ تي معلومات حاصل ڪري ان کي قلمبند ڪري.

جون 1829ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڊائريڪٽرن، لارڊ وليم بنٽڪ کي مشورو ڏنو ته درياءِ سنڌ کي جهاز راني لاءِ کوليو وڃي، انهيءَ کان اڳ اليگزينڊر برنس درياءَ سنڌ جي سروي ڪري چڪو هو جنهن پنهنجي رپورٽ ۾ درياءِ سنڌ کي جهاز راني جي قابل قرار ڏنو هو. وائسراءِ هند لارڊ وليم بنٽڪ، مٿئين حقيقتن کي مدنظر رکندي بمبئي جي گورنر لارڊ ڪليئر کي لکيو ته هو هينري پاٽنگر جيڪو ڪڇ ۾ مقيم هو. ان کي سنڌ جي ميرن سان مشورو ڪرڻ جي لاءِ سنڌ موڪليو وڃي ته جيئن درياءِ سنڌ کي تجارت لاءِ کوليو وڃي.

نتيجي طور هڪ وفد ترتيب ڏنو ويو جنهن جي قيادت ليفٽيننٽ ڪرنل هينري پاٽنگر ڪئي. وفد ۾ پي اسڪارٽ (فرسٽ اسسٽنٽ) ڪئپٽن ڊبليو پاٽنگر، سيڪنڊ اسسٽنٽ آءِ اي سڪليئر، اسسٽنٽ سرجن، لفيٽننٽ جنرل جي مورس ڪمانڊنگ آفيسر ۽ لفيٽيننٽ ڊلهو سٽ/ ڊلهائوسي (سرويئر ۽ ڊرافٽسمين) شامل هئا.

وفد گهوڙن ۽ اٺن تي وڏي ساز و سامان سان 21 ڊسمبر 1831ع تي مانڊوي (ڪڇ) کان حيدرآباد. حيدرآباد کان خيرپور روانو ٿيو ليفٽيننٽ ڊلهوسٽ/ ڊلهائوسي پنهنجي سفر دوران جاتي واري علائقي کي جنهن نظر سان ڏٺو ۽ هن جو ڪجهه محسوس ڪيو اهو هن جي پيش ڪيل رپورٽ مان هوبهو نقل ڪجي ٿو.

آئون 12 جنوري 1832ع تي لکپت کان ٽيندو ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحدي علائقي ”لاهه (1)“ پهتس ته جيئن آئون وفد جي رهائش کاڌي پيتي ۽ سواري جي جانورن جي گاهه جو اڳواٽ بندوبست ڪري سگهان. رڻ ۾ ”لاهه“ هڪ منزل جو نالو آهي. جتي نقط به وڻ ۽ ڪجهه ٻوٽا ۽ 15 کان 20 تائين ننڍا ڪارا کوهه آهن، هتي ڪو به گهر نه آهي. رڻ ۾ نقط ٻيرن جي ٻن وڻن سان ان

# سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ مگر پيين موزون جڳهه آهي!

انگريزن ۽ سنڌ جي تعلقاتن کي ٽن دؤرن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. پهريون دؤر 1615ع کان شروع ٿئي ٿو جڏهن سر ٿامسرو ٻيڪو جهانگير جي دربار ۾ ايلچي هو. تنهن ايسٽ انڊيا ڪمپني کي مشورو ڏنو ته سنڌ سان تجارتي ناتا قائم ڪيا وڃن. نتيجي طور انگريزن 1635ع ۾ ٺٽي ۾ پنهنجي تجارتي ڪوٺي قائم ڪئي، جيڪا 27 سال ڪم ڪندي 1662ع ۾ بند ٿي ويئي. 1758ع ۾ ٻي انگريزي ڪوٺي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ شاهبندر ۾ قائم ڪئي وئي جيڪا 17 سالن کان پوءِ 1775ع ۾ بند ٿي وئي. انگريزن ۽ سنڌ جي تعلقاتن جو ٻيو دور تڏهن کان شروع ٿئي ٿو جڏهن انگريزن هندستان ۾ پنهنجو سياسي اقتدار حاصل ڪري ورتو هو. ان وقت برطانوي حڪومت چاهيو ٿي ته سنڌ سان دوستانه تعلقات هئڻ گهرجن ته جيئن روس، ايران ۽ افغان جي ممڪنه حملن تي نظر رکي سگهجي. برطانوي حڪومت سنڌ ۾ فيڪٽرين ۽ ڪوٺين قائم ڪرڻ ۾ پڻ دلچسپي رکندي هئي ۽ چاهيندي هئي ته ڪيس سنڌ جي ميرن کان تجارتي رعايتون ملن. انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ برطانوي حڪومت ڪيترائي وفد سنڌ ۾ موڪليا، جن ۾ ناٿن ڪرو (98_ 1799ع)، ڪئپٽن ڊيوڊ سيٽن ۽ نڪولاس هئنڪي سمٿ (1809ع) ۽ سي ايف سيڊ ليٽر (1820ع) شامل هئا. جن جي ذمي اهو ڪم هو ته سنڌ جي ميرن سان تجارتي معاملن ۾ صلاح مصلحت ڪن ۽ رعايتون حاصل ڪن.

سنڌ سان انگريزن جي تعلقاتن جو ٽيو دؤر 1830ع کان شروع ٿئي ٿو. جڏهن انگريزن طرفان سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف وفد موڪليا ته جيئن اهي سنڌ متعلق ڪا معلومات حاصل ڪري سگهن. انهن

"موراج مُگر" نالي مڪان واقع آهي.

"مُگر" سان گڏ لفظ "پين" استعمال ٿئي ٿو سومرن جي دؤر ۾ پين نالو مروج هو جهڙوڪ: پين، پسن، پر، پين يارو پين ياريل، جهڙا نالا ملن ٿا. لفظ "پين" پونءَ جي بگڙيل صورت پائنجي ٿو جنهن جي معنيٰ وسندي يا آبادي آهي. اجوڪي دؤر جيان حب الوطني يا قومپرستي جي ڪري جيئن ماڻهو سنڌو مهراڻ وغيره نالا رکندا آهن. اهڙي ريت اڳين دؤر جا ماڻهو پنهنجي ڌرتي سان پيار ڪرڻ خاطر "پينءِ" جو نالو رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. ان حساب سان "مُگرپين" لفظ جي لغوي معنيٰ "چنڊ جهڙي حسين سرزمين" ٿيندي.

**(ب) مغل پين:**

اندازو آهي تہ مغلن جي ڏينهن ۾ لفظ مگرپين بدلجي مغل پين جي صورت اختيار ڪئي. ان کان بعد جي رڪارڊ ۾ مغل پين نالي سان ئي موجوده جاتي شهر کي سڃاتو ويندو هو. 1899ع ۾ جي هڪ رپورٽ مطابق جاتي تعلقي جو هيڊڪوارٽر مغل پين ئي ظاهر ڪيو ويو آهي. اڻويهين صدي جي شروع کان جاتي ۽ مغل پين هڪ ئي وقت ساڳئي شهر جي نالي سان سڃاتا ويندا هئا. گورنمينٽ پرائمري اسڪول جاتي جي پراڻن جنرل رجسٽرن ۾ پڻ شاگردن جي جاءِ پيدائش مغل پين يا جاتي ظاهر ڪئي ويئي آهي. ساڳئي وقت اسڪول رڪارڊ ۾ ڳوٺ جاتي يا مغل پين ڏيکاريو ويو آهي. 1948ع تائين جيڪو سرڪاري رڪارڊ دستياب ٿيو آهي، ان مطابق 1947ع تائين مغل پين جاتي جو هيڊڪوارٽر آهي، جيڪو بعد ۾ آهستي آهستي جاتيءَ ۾ تبديل ٿي ويو.

**(ت) جاتي:**

سنڌ جي ڏاکڻي علائقي ۾ جتن جي زياده آبادي سبب ساموندي ڪناري سان لڳ هڪ وڏي علائقي کي جاتي سڏيو ويو. سنڌ جي تاريخ ۾ برهمڻ خاندان جي وقت کان جاتي جو نالو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انگريزن جڏهن 1856ع ۾ سنڌ جي ديهن، ٽپن ۽ تعلقن جي سروي ڪرڻ شروع ڪئي تہ ان وقت جاتيءَ کي تعلقو ڪري ظاهر ڪيو ويو. 1868ع جي گهر شماري رجسٽر مطابق جاتي تعلقي جو نالو هو ۽ مغل پين ان جو مرڪزي ڳوٺ هو. اهڙي ريت جاتي 1856ع کان وٺي اڄ تائين تعلقي جي حيثيت رکي ٿو. جڏهن تہ 1948ع کان پوءِ آهستي آهستي مغل پين ڳوٺ جو نالو ميٽبو جاتي شهر ٿي ويو. اڄڪلهہ جاتي تعلقو بہ آهي ۽ ان جو مرڪزي شهر پڻ جاتي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

# مگرپين، مغل پين ۽ جاتي

(الف) مگرپين:

جاتي جي علائقي ۾ مگرپين ۽ مغل پين ٻئي نالا استعمال ٿيندا رهيا آهن. اصلي نالو "مگر پين" آهي. "مگر" سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ. سُني معنيٰ ڏيندڙ هي لفظ، عام ماڻهن جي نالي طور به استعمال ٿيندو رهيو آهي. سومرن جي دؤر حڪومت ۾ "مگر" جي نالي سان ڪافي نالا ملن ٿا. جهڙوڪ مگر، مُنگر، پونگر، دؤنگر، منگر وغيره ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جي تحقيق مطابق ٺٽر ۽ لاڙ ۾ "مُگر" جو نالو ڪافي استعمال ٿيل آهي. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته ٺٽر علائقي ۾ هڪ "مُگر" پير به آهي. "مُگر" نالي سان هڪ ننڍڙو علائقو جهرڪ ويجهو به آهي. اُتي ئي نيشنل هاءِ وي تي هڪ اهڙي چاڙهي به آهي، جيڪا "مگر واري چاڙهي" سڏبي آهي. اها چاڙهي "لاکي لطف الله، جي مشهور قبرستان جي سامهون آهي، عمر رسيده ماڻهن جو چوڻ آهي ته انهيءَ هنڌ تي هڪ قديم ڊگهي قبر هوندي هئي، جنهن کي "مُگر" جي قبر سڏيو ويندو هو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته "مُگر" نالو ٺٽي ضلعي جي مختلف علائقن ۾ به رکيو ويندو هو.

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته سونڊا ويجهو سونهري ڍنڍ جي ڪناري تي ڪجهه قديم آثار آهن، جن کي "سون ماڙي يا مُگر واري ماڙي" ڪوٺيو ويجي ٿو.

آڳاٽن مذهبن جهڙوڪ ٻڌ ڌرم ۾ به "مُگر" ديوتا جو ذڪر ملي ٿو. انهيءَ جو هڪ اهڃاڻ جهرڪ جي پرسان ٻڌڪا ٽڪر جي پِر ۾ هڪ اهڙي ٽڪري آهي، جنهن کي مقامي ماڻهو "مُگر واري بني" ڪري چوندا آهن. ڊاڪٽر صاحب جي خيال ۾ جاتي وارو "مُگرپين" به اهڙو هڪ قديم ماڳ آهي، جتي ڪنهن "مُگر" نالي شخصيت جو آستانو يا قبر آهي.

مولانا محمد عثمان کٽي سابق سپروائيزنگ تپيدار جي چوڻ مطابق جاتي تعلقي ۾ ديهه ويڪئي تپو مغل پين ۾ "مُگر ڏيهه" نالي مڪان آهي، اهڙي ريت ديهه جهول جي چڪ نمبر 5 ۾ صحرا ڏي ناليءَ جي اولهه طرف

ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ملان حبيب جي ڳوٺ ۾ شاهه لطيف جو دائرو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهه لطيف هن علائقي ۾ آيو هو. پراڻن ڳوٺن ۾ هريپور راج ملڪ ۾ بوهڙ مشهور آهن. اُپلاٽہ هڪ تاريخي ڳوٺ آهي. شاهه واهه جي پراڻي منهن وٽ درياهه جي ڪنڌيءَ تي واقع آهي. هيءَ هندن جي بستي هئي. ڊلهائوسي جي سروي مشن بہ اپلاٽہ ڪان مغليين پهتي، ان تي اپلاٽہ قوم ڪري نالو پيو. اپلاٽو ۾ ”ناٿو تلسان“ جو رومان مشهور آهي.

تازن ڳوٺن ۾ تڙ خواجہ جاتي تعلقي جو وڏي ۾ وڏو ڳوٺ آهي. اها اسماعيلي خواجن جي بستي آهي. هتي جي باغات کي ٺٽي ضلعي جي ڪئليفورنيا چئجي تہ مبالغو ڪونهي.

شاهہ ڪپور تپي شاهہ ڪپور ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي پرسان پراڻي گونگڙي جا نشان واضح آهن شاهہ ڪپور جي موجوده ڳوٺ جي پرسان اپرندي طرف کان ميدان تائين سرن جا دڙا جابجا پکڙيل آهن انهن دڙن کي عام طور "عام طور جون ماڙيون" چيو ويندو آهي تاريخ ۾ انهيءَ کي "محمد طور" يا "مهاتم طور" ڪري چيو ويو آهي. جيڪو سومرن جو اوائلي تخت گاهہ هو لئمبرڪ جي راءِ ۾ "پراڻ جي سڪڻ کان پوءِ سومرن جو تخت گاهہ گونگڙي واهہ جي ڪپ تي قائم ڪيو جنهن کي عام طور محمد طور سڏيو ويندو هو."

سيد درمحمد شاهہ جي حويلي جي اوبر طرف کان دڙن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. جيڪو ميلن تائين پکڙيل آهي. تازين آبادين ڪري ڪيترا دڙا زمين بوس ٿي ويا آهن. موجوده دڙن ۾ ڪم آيل سرون 38_23 جون آهن. اوساري ڇهہ فٽ اونهي ۽ چار فوٽ ويڪري آهي. ڪن ماڻهن کي کنڊرن مان ٽامي ۽ چاندي جا سڪا بہ هٿ آيا آهن. ڪاڪي پيرو مل مهر چند آڏواڻي هن کي "ديبل" جو محل وقوع سڏيو آهي. ليڪن اهو صحيح نہ ٿو پائنجي. شاهہ ڪپور جي کنڊرن مان مکيہ کنڊر هڪ مسجد جو آهي جيڪا اڄ بہ هن مدفون شهر جي عظمت جي گواهي ڏيئي رهي آهي. مسجد سروي نمبر 365 ۾ واقع آهي. مسجد جي ويڪر 1530 فوٽ ۽ ڊيگهہ 216 فوٽ آهي ۽ ديوار ساڍا چار فوٽ ويڪري آهي.مسجد جي پيڙهہ ۾ بہ ۽ ڏيڍ فوٽ جا پٿر استعمال ٿيل آهن. مسجد جي پروارن دڙن تي عجيب قسم جا سفيد زرد ۽ سبز لعل رنگ جا پٿر عام ڏسجن ٿا. جن جو وزن اڌ تولي کان ڇهہ تولن تائين ٿيندو جن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ: "اهي ڏريل جواهر آهن جيڪي سومرن پنهنجن دشمنن جي ڊپ کان ڏري ڇڏيا هئا.

شاهہ ڪپور عرف محمد طور جي ٿيڻ لاءِ بہ سبب بيان ڪيا وڃن ٿا. تاريخ طاهري، تاريخ معصومي ۽ لئمبرڪ هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ درياءَ جي پاڻي نہ ملڻ ڪري هيءُ سرسبز ۽ شاداب علائقو ويران ٿي ويو. ليڪن اصل ۾ هيءُ شهر 1313ع ۾ سلطان علاؤالدين "ڏرم شيرين" جي هٿان تباهہ ٿي ويو جنهن کي چنيسر سنڌ تي چاڙهي آيو هو.

سيد ستار ڏنو شاهہ جو ٿتل ڳوٺ جاتي سجاول روڊ تي ٽڙ خواجہ ۽ بيگاهہ جي وچ ۾ گجرات ماڊل فارم جي قريب واقع آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُهڪ وڏو ڳوٺ هو. ڪڇ مان ايندڙ ماڻهو هتي گذران ڪري واپس ڪڇ ويندا هئا. ڪلهوڙن جي دور جي ٿن قبن واري مسجد جا آثار اڄان تائين

عضوي يا وائي سور لاءِ علاج طور استعمال ڪندا آهن. هتان مليل سڪا تمام ننڍڙا آهن، جن تي ڪابہ لکت نہ تي پڙهڻ ۾ اچي. نڪرن جي ٽانون ۾ هتي سليٽ جي پٿر جهڙي ڪاري مٽيءَ جا ڀڳل ٺڪر ٺانو جابجا ملن ٿا. جن تي چٽسالي بہ ٿيل آهي، نندڪوٽ ڪنهن اڏايو؟ ان متعلق ڪابہ تاريخي سند نٿي ملي.

نندڪوٽ کان تقريباً ڏهہ ميل ۽ جاتي کان اٽڪل روءِ 16 ميل ڏکڻ طرف "رڙي" نالي هڪ قديم بستي جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. رڙي، ڪڇ جي رڻ ۾ ڪنهن سمي هڪ برسيل شهر هو. رڙي، جتن جو شهر هو جاتي جي جتن ۾ کهيرن طرف جنگيون مشهور آهن. رڙي ساڳي وقت هڪ شاهوڪار شهر هو جو شايد ڪانئن ڪيهر قوم قرض جي عيوض پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ان ڪري اهو پهاڪو پئجي ويو تہ "رڙي تڪن ۾ پڙي، جتن کي مليو جواب." ان وقت جيڪو ماڻهو پئسي کي خوامخواه زيان ڪندو هو ان لاءِ چيو ويندو هو تہ ڪو رڙي جو شاهوڪار آهي.

سنہ 1828ع ۾ مير مراد علي جي علاج خاطر ڊاڪٽر برنس جيمس، ڪڇ وسيلي سنڌ پهتو رڙي ۾، جاتي جي نائب حيدر خان لغاري ۽ ميرن پاران بهادر خان لغاري، انگريز ڊاڪٽر جو استقبال ڪيو. ڊاڪٽر لکي ٿو تہ ڪجهہ وقت اڳ هتي وسندڙ شهر هو. هن وقت شهر جي آبادي پنج سون کان بہ گهٽ آهي اتي ان ايترو هو جو اسان جي "گهوڙن کي گاهہ بدران ڪچيون ساريون ڏيندا هئا. هتي "نور شاهہ" جي مزار آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو اسماعيلي آهي.

رڙي جي نالي پوڙ متعلق مختلف روايتون آهن چاچي محمد صالح عرف ڦرتو خان مون کي (ليکڪ) ٻڌايو تہ رڙي هڪ مائي هئي جا ميان نور شاهہ جي خدمتگار هئي ان جي نسبت سان ان ڳوٺ کي "رڙي" چيو وڃي ٿو. شيخ محمد سومار جي چوڻ مطابق هي جتن جو شهر هو ۽ جتن جي اُٺين جي رڙين ڪري هن تي رڙي نالو پئجي ويو.

جتن کان پوءِ هتي ڪيهر ۽ بارڻ آباد ٿيا بعد ۾ خواجہ آباد ٿيا. تڙ خواجہ جا اڪثر خواجہ رڙي جا آهن.

جاتيءَ تعلقي ۾ شاه ڪپور جا قديم آثار پنهنجي اهميت ڪري سنڌ جي تاريخ جا ورق آهن شاهہ ڪپور، تعلقي جاتيءَ ۽ ميرپور بٺوري جي سرحد وٽ بدين سجاول روڊ پرسان گهاڙي واهہ کان بہ ميل ڏکڻ طرف ديهہ

جاتي کان 5 ميل ڏکڻ طرف سمنڊ مان نڪتل ”سير“ ڪاري تي هڪ ڳنڊيو ڏنل آهي جنهن کي مقامي طور ”سيرڳنڊيو“ چون درياءَ سنڌ جي يگ گونگڙي جي ڪپر تي مغليين آباد آهي جو انهيءَ ڪاري ۾ چوڙ ڪري ٿو انهيءَ سير جي الهندي ڪپ تي جاتيءَ کان چار ميل ڏکڻ طرف ديهه ڏجهو تپو آهي. ڏجهو ۾ اڄ کان 60 سال اڳ هڪ وسندڙ شهر آباد هو. جنهن کي تاريخ ۾ ”سنڌو بندر“ يا ”سير ڳنڊيو“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي پراڻين تاريخن ۾ ان جو ڪو ذڪر ڪو نه ٿو ملي. البت ڪراچي ڪمشنر ڪليڪٽوريٽ جي پراڻي لکپڙهه مان پتو پوي ٿو ته سنڌو بندر جو ڪڇ جي بندرن ۽ آسپاس سان واپار هلندو هو. 1897ع ۾ ڪيٽي بندر ۽ سنڌو بندر جا بندر اختياري وارن کي ڪمشنر جا مڪمل اختيار ڏنا ويا. 13_1912ع ۾ هتان 414605 روپين جو مال ٻاهر موڪليو ويو جڏهن ته 23_1921ع جي درميان هتان 465353 روپين جو سامان ٻاهران گهرايو ويو. ڪڇ کان لاٻارن سانگي جيڪي ڪيچي سنڌ ۾ ايندا هئا، اهي به اڪثر ڪري هتان ايندا هئا. 1931ع کان پوءِ سيرڪاري تان پاڻي هٽڻ لڳو ۽ نتيجي طور 1940ع ڌاري هيءُ بندر ڦٽي ويو. هن بندر جا آثار اڌ ميل ۾ پکڙيل آهن. هتان جو سيٺ راءِ صاحب ڀهلاج راءِ شيوا رام پنهنجي سماجي ڪمن سبب اڄ به مقامي ماڻهن جي دلين ۾ ياد آهي. هن صاحب جاتي لکپت روڊ تي ”روڏو“ نالي منزل تي هڪ مسافر خانو ٺهرايو هو جتي مسافرن کي ٻجهڙا ۽ ٿڌو پاڻي ملندو هو.

جاتي کان سادا چار ميل اوڀر طرف جاتي ڪوروااهه روڊ تي بيگنا واهه جي اولهه ڪپ تي ديهه ڪاڙڪ ۾ هڪ عظيم ڪوٽ جا کنڊرات واقع آهن. جنهن کي مقامي طور ”نندڪوٽ“ چئجي ٿو. نندڪوٽ، تقريبا ٻن بلاڪن تي مشتمل آهي. ڪوٽ جا نشان بلڪل واضح آهن. ڪوٽ جي ايرندي طرف اٺ برج، ڏاکڻي طرف ارڙهن برج، اولهه طرف ست برج ۽ اتر طرف سترهن برج هئا. هر برج جو فاصلو سادا ست فوٽ آهي. هر برج درميان تقرياب 64 فوٽ جو مفاصلو آهي. ڪوٽ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي ڪوٽ جي الهندي حصي ۾ هڪ جاءِ جو ملبو زمين کان اڍائي فوٽ مٿي ايريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان لاءِ مقامي روايت آهي ته اها مومل جي ماڙي هئي. ماڙي تقريباً 90 فوٽ هم چورس آهي. ڪوٽ جي ديوار ۾ هڪ ۽ مني فوٽ جون سرون استعمال ٿيل آهن. نندڪوٽ جي سرن کي هتان جا ماڻهو ٽٽل

پين نالي بہ شيخ پيءُ پٽ هتي مدفون ٿيل آهن. تحفة الڪرام ۾ اچي ٿو تہ شيخ مغلپين ناليرو ۽ ڪليل ڪرامتن جو ڏٽي، بزرگ آهي. سندس مزار ديري ڪان ايرندي طرف ستن اٺن ڪوهن تي آهي[17]. مرزا قليچ بيگ جي تحقيقات مطابق، ”پين قريشي خاندان جو هڪ فرد هو. سندس پورو نالو شيخ سلامت هو ۽ مغل سندس پٽ هو. اهي ٻئي هالار جي هڪ هندو راجا سان جنگ ڪندي شهيد ٿي ويا. ان جنگ متعلق هيءُ مشهور آهي تہ پين وارن، هڪ سيد کي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو هو جنهن تي الزام هو تہ هن راجا جي پٽ کي قتل ڪيو هو.[18]

درگاهہ جي احترام ۾ هي پراڻي زماني ۾ ماڻهو شهري حدن ۾ داخل ٿيندي ئي جتيون لاهي هٿ ۾ کڻندا هئا، يا ڳوڻان ئي ڪونہ کڻندا هئا. ان ڪري پهاڪو پئجي ويو تہ ”جاتيءَ جا جوان پيرين اگهاڙا“ درگاهہ تي موتي پريل پڙ وجهڻ جي رواج ڪري هتي موتين جي پوڄ جو ڪم اڄ بہ سٺي نموني ٿئي ٿو. مغلپين جي نالي پويان، هتان جا ماڻهو ”پين ڏني“ جهڙا نالا رکندا رهيا آهن.

ليفٽيننٽ ڊلهائوسي، جنهن سنڌ سروي مشن جي سربراهي ڪئي هئي، تنهن ”مغلپين“ (عرف جاتي) متعلق پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي تہ ”اسان 6 مئي 1831ع تي صبح سويل اپلاٽہ کان مغلپين پهتاسين مغلپين هڪ وڏي جڳهہ آهي منجهس انداز مطابق 3000 ماڻهو رهن ٿا. شهر، گونگڙي واهہ جي ڪاٻي ڪپ تي واقع آهي. واهہ جي ويڪر 200 وال ۽ اونهائي 18 فوٽ هئي. هتان سيرڪاري وسيلي مال آندو ۽ چاڙهيو وڃي ٿو. اسان مغل پين وٽ 25 وڏيون ۽ 4 ننڍيون ٻيڙيون ڏٺيون. وڏي ٻيڙي ۾ 25 خرار ان جا ماپي سگهيو ٿي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ هتي ڏهہ هزار اُٺيون آهن اسان هڪ ڌڻ ۾ ڪم از ڪم 1200 اُٺيون ڏٺيون. مغلپين هڪ خصوصي حيثيت رکي ٿو جڏهن بہ سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ جو ارادو ڪجي تہ اهو مغلپين کان ئي بهتر ٿيندو.

ڊلهائوسي جي چوڻ مطابق 1831ع ۾ مغلپين جي آدمشماري 3000 کن هئي. جڏهن تہ 1891ع جي آدمشماري مطابق هتي 1706 مسلمان ۽ 537 هندو رهندا هئا. 1931ع ۾ 2790 آدمشماري هئي جڏهن تہ 1971ع جي انگن اکرن مطابق هتي 7231 ماڻهو رهن ٿا. شهر ۾ هن وقت ٽائون ڪميٽي قائم آهي جڏهن تہ 1878ع ڌائين هتي ميونسپل ڪميٽي قائم هئي.

مرحوم خيرمحمد سميجو محمد جمن جعفراڻي، مولانا علي محمد، عبدالمجيد نهڙيو ۽ حافظ محمد حسن هن تعلقي جي تعليمي خدمت ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نہ ڇڏي.

ادبي فضا ۾ بزم روح ادب ۽ خالد بن وليد لئبريريءَ جون خدمتون وساري نہ ٿيون سگهجن. هن وقت لطيف ادبي سنگت قائم آهي. شاهہ شريف ياڏائي رحہ هن تعلقي جو مشهور قديم شاعر ٿي گذريو آهي.[13] تڙ خواجہ جي آسر فقير ڪيترائي لوڪ گيت لکيا آهن.[14] ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ جاتي تعلقي جي تڙ خواجہ ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.[7]

صحت جي ميدان ۾ جاتيءَ ۾ سڀ کان پهريائين ٿرڊ ڪلاس ڊسپينسري 1899ع ۾ کلي جنهن تي ساليانو 4698 رپيا خرچ ايندو هو. اها ڊسپينسري 1951ع تائين قائم رهي.[8] جا بعد ۾ شهر ۾ "رورل هيلٿ سينٽر" ۾ تبديل ٿي وئي. ان کان سواءِ تڙ خواجہ ۽ حسين آباد اسماعيليہ هيلٿ سروس طرفان هيلٿ سينٽر قائم آهي جيڪو بغير ڪنهن امتياز جي علائقي جي ماڻهن کي مفت طبي امداد مهيا ڪندو رهي ٿو.

تاريخي لحاظ کان هيءُ تعلقو وڏي اهميت جو حامل آهي. ڪڇ جي سرحد جي ويجهو هئڻ ڪري، ڪڇي ۽ گجراتي قومن جو لنگهہ هتان رهيو آهي. هونئن بہ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جا سنڌ سان قريبي تعلقات پئي رهيا آهن.

جڏهن اڪبر جي (92_1591) فوج سنڌ تي قبضو ڄمايو ان وقت سمنڊ مغليين (جاتي) جي بلڪل ويجهو هو ۽ اڪبر جي لشڪر مغليين کي سنڌ جي آخري حد ٺهرايو هو.[15] ڪلهوڙن جي دور ۾ جاتي کي خاص اهميت حاصل هئي، ميرن جي وقت هتي گورنر ۽ نائب ناظم رهندا هئا.

انگريزن سنہ 32_1831ع ۾ ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊلهائوسي جي سربراهيءَ ۾ سنڌ ڏانهن هڪ سروي ٽيم موڪلي، ٽيم جي ذمي اهو ڪم سونپيل هو تہ اها ان قسم جي معلومات حاصل ڪري، جنهن وسيلي ضرورت وقت انگريز پنهنجون فوجون آساني سان سنڌ اماڻي سگهن. ٽيم ۾ ليفٽيننٽ ڊلهائوسي کان سواءِ پنج ٻيا بہ ميمبر هئا. ٽيم مانڊوي کان حيدرآباد، حيدرآباد کان خيرپور ۽ خيرپور کان مانڊوي جو تفصيلي دورو ڪيو. انهيءَ ٽيم ۾ سڀ کان پهريائين ۽ آخر ۾ هن علائقي جو سفر ڪيو.[16]

جاتي شهر جو اصلي نالو "مغليين" آهي. ان لاءِ مشهور آهي تہ مغل ۽

جي قومي سردار کي ”ماڪ“ چيووجي ٿو. جتن جي سردار هڪ دفعي راقم الحروف کي ٻڌايو تہ جت قوم کي اهو لقب ملون حسن، لڳ ڪورواهہ طرفان مليل آهي. ملڪ غوث محمد، ملڪ ڄام پنهون ۽ ملڪ ٻقادار، غلام حسين ۽ محمد حسين ماضي قريب ۾ جتن جا پڳدار ٿي رهيا آهن.هن هن وقت ملڪ غلام محمد ملڪ خاندان کي هلائي ڪري رهيو آهي. جتن کان علاوه هتي هنڱورا، هنگورجا، نهڙيا ۽ اوٺا ڪافي انداز ۾ رهن ٿا.

بنوري تعلقي جي آدمشماري 1881ع ۾ 27055 هئي جيڪا 1921ع ۾ وڌي وڃي 31846 تي پهتي 1910ع جي انگن اکرن مطابق هتي 4241 ماڻهو رهن ٿا. هاڻي 1998ع جي آدم شماري مطابق 123957 ماڻهو رهن ٿا.

جاتي تعلقي جي روينيو تاريخ جو ذڪر، مسٽر ايل. ڊبليو- سبيوئر، سپرنٽينڊنٽ لئنڊ ڪارڊس ائنڊ ائگريڪلچر ان سنڌ جي 20 اپريل 1899ع واري انهيءَ رپورٽ مان ملي ٿو جيڪا هن ڪمشنر ان سنڌ کي تعلقي جي رسيٽلمينٽ سروي جي سلسلي ۾ موڪلي هئي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ 98-1888ع جي ڏهاڪي دوران سرڪار کي 730167 روپيا ڍل وصول ٿي. (90) 1921ع ۾ 1.30084 رپيا ڍل ملي.[10] جڏهن تہ 1971ع ۾ 5.30000 رپيا ڍل جي مد ۾ سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرايا ويا. تعلقي جي مکيہ پيداوار چانور، ڪمند آهن. (3) خواجہ ۽ ڪڪن جي باغ جي رونق ختم ٿي وئي آهي.

تجارتي لحاظ کان هتان ڳاڙها چانور ۽ تيلي ٻج ٻاهر وڃن ٿا. تعلقہ جي ڏاکڻين حصي مان لوڻ ڪافي انداز ۾ ملي سگهي ٿو بشرطيڪ حڪومت ان کي تجارتي بنياد تي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تجارت ۽ مواصلات جو پاڻ ۾ چولي دامن جو واسطو آهي. جاتيءَ کان سجاول پڪو روڊ آهي. سنڌ سرڪار 1953ع ۾ ٽنڊو محمد خان مغلڀين ريلوي لائين منظور ڪئي هئي. ڪچو رستو بہ تيار ٿي چڪو هو. افسوس جو اهو منصوبو اڄ ڏينهن تائين پايہٴ تڪميل تي پهچي نہ سگهيو آهي.

تعليمي لحاظ کان، هيءَ تعلقو ضلع جي پوئتي پيل تعلقن مان هڪ آهي. پهرين نومبر 1811ع تي پوري تعلقي ۾ صرف هڪ اسڪول هو جيڪو مغلڀين (هاڻوڪو جاتي شهر) ۾ واقع هو[11] 1925ع ۾ جاتي، مغلڀين، چوهڙ، ملان ۽ سنڌو بندر ۾ اسڪول هئا.[12] تقسيم کان اڳ وارن استادن ۾ مرحوم شفيع محمد منڊرو تالا جو رهواسي، ڳولسي برڀداس، سرڳواسي ۽ ان ڪانپوءِ

نڪري سير ڪاري ۾ ڇوڙ ڪندو هو. تعلقي جي زمين، سمنڊ جي سطح کان 21 فوٽ 3 انچ بلند آهي.[3] تعلقي جي صورتحال ۾ تبديلي گهڻو ڪري 1819ع کان اڳ واري زلزلي جي ڪري ٿي. 12 آڪٽوبر 1892ع ۽ 18 جنوري 1983ع وارن زلزلن بہ هن علائقي ۾ ڪافي تباهي مچائي. هتان جي آبهوا گهميل آهي ۽ سراسري بہ انچ مينهن پوي ٿو.

جاتي ۾ اڪثر ڪري سمات قومون رهن ٿيون، ليڪن سڀ کان زياده هتي جت قوم رهي ٿي.

تاريخي طور هيءَ قوم سنڌ جي قديم قوم آهي. "جت" قوم تي تہ صرف ڏيهين پر پرڏيهين پڻ تحقيقات ڪئي آهي. عرب تاريخدانن، ان کي "زط" ڪري لکيو آهي. "صحيح التواريخ" جي چوڻ مطابق "جت ۽ سيد سنڌ جا سڀ کان قديم رهاڪو آهن". لئمبرڪ ابن حوقل جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ "منصوره ۽ مڪران جي درميان جيڪي مٽي پاڻي جون ڍنڍون آهن، انهن تي آفريڪي بربرن جيئان، "زط" نالي هڪ قوم جا فرد انڻين جي کير مڃي ۽ ڍنڍ جي پکين تي گذر ڪن ٿا". پروفسر گنگا رام سمرات هڪ مضمون ۾ لکي ٿو تہ "مغربي ابواب الامثال ۾ هڪ روايت آهي تہ عبدالله بن مسعود، پاڻ سڳورن سان جاٽن کي ڏٺو ۽ اهو ظاهري آهي تہ جاٽ اُهي سنڌي آهن، جن کي اسين "جت" چوندا آهيون، جنهن جو عربي ۾ "زط" مروج آهي.[5] علامہ بلاذري، "فتوح البلدان" ۾ لکي ٿو تہ: "جڏهن حضرت علي رضہ بصره فتح ڪيو تڏهن سندس خدمت ۾ ستر سنڌي جاٽ حاضر ٿيا ۽ اسلام قبول ڪري حضرت علي رضہ جي خلافت جو اقرار ڪيائون. انهن جنگ جمل، جنگ صفين، يوم محور ۽ يوم زبده ۾ حصو ورتو.[6] جسٽس امير علي جي چوڻ مطابق بغداد جي عباسي خليفي معتصم بالله جي ڏينهن ۾ سنڌي جتن جو تعداد تقريبن 15000 هو.[7] انهيءَ زماني ۾ انهن سنڌي جتن ساموندي ٻيڙين رستي عراق تي حملو ڪيو پر ترڪي فوجن کين شڪست ڏني، اسلامي سرحدن وٽ سليشيا لڳ آباد ڪيو پر پوءِ بہ ٿوري عرصي اندر يونانين انهن کي قيد ڪري ٿيرس ۾ پڪيڙي ڇڏيو. ايرندي يورپ جا زنگاري، بوهيمين، جپسي ۽ ٻيا قبيلا انهن سنڌي جتن جو اولاد آهن. اڄ بہ اُهي جيڪا ٻولي ڳالهائين ٿا سا سنڌي زبان کي ڪافي ويجهي آهي.[8] مٿين تاريخي حوالن مان اها ڳالهہ پڌري ٿئي ٿي تہ جت، سنڌ جي قديم ۽ بهادر قوم آهي. هن وقت جت، سنڌ ۽ بلوچستان کان سواءِ برصغير جي مختلف حصن ۾ رهن ٿا. جتن

# جاتي تعلقي جو سرسري جائزو

”جاتي ڪل جت، ماجر ڪل متي“. لاڙ ۾ هيءَ چوڻي ڪن صدين کان ٻڌبي پئي اچي انهيءَ لحاظ کان اها ڳالهه پڌري ٿئي ٿي ته جاتي جتن جو ملڪ آهي. هتان جا اصلوڪا رهاڪو جت آهن. جن کي عرب تاريخدانن ”زط“ ڪري لکيو آهي. ”چچنامه“ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ”جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهه ڪئي، انهيءَ وقت کان به اڳ شاهبندر سب ڊويزن جي ايراضيءَ ۾ جت قوم رهندي هئي ۽ سندن قديم بستين سبب ئي ٺٽي ضلعي جي ڏکڻ اوڀر واري ايراضي تي نالو ئي ”جاتي“ پئجي ويو“.[1]

جاتي ٺٽي ضلعي جي تعلقن مان هڪ وڏو تعلقو آهي. هن تعلقي جي پکيڙ 2145 چورس ميل آهي. ۽ 13 تپن ۽ 135 ديهن تي مشمل آهي. مختلف دورن ۾ ان جي سرحدن ۾ ڦيرڦار ٿيندي رهي آهي. محترم عبدالله چنه جيڪو پاڪستان سرڪار طرفان ”رڻ ڪڇ ڪيس“ واري وفد ۾ هڪ نمائندو هو تنهن ڪميشن اڳيان جيڪو بيان ڏنو هو ان ۾ هن صاحب انڪشاف ڪيو آهي ته 1105ع ۾ جاتي تعلقي ۽ ڪڇ جي راجائن ۾ سرحدي ڇڪتاڻ شروع ٿي جيڪا 1923ع تائين هلندي رهي. آخرڪار هند سرڪار 1924ع ۾ جاتي تعلقي جي ديهه ڳنڍي جا 89 چورس ميل صرف انهيءَ ڪري ڏنا ته جيئن ڏيهي رياستون خوش رهن سگهن.[2] تازو بدين ضعي جي نهڻ وقت جاتيءَ جي اوڀر جو ڪافي علائقو بدين ضلعي ۾ ضم ڪيو ويو آهي.

قدرتي لحاظ کان هن تعلقي کي ڪلر ۽ ميداني علائقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. تعلقي جو ڏکڻ اوڀر وارو حصو ڪلر آهي، جتان لوڻ ملي ٿو. جڏهن ته باقي حصو ميداني علائقي ۾ اچي وڃي ٿو جنهن کي گونگڙو بيگنا، مير خانا، شير خانا، گڏاپ، سعيدا، ننڍي گونگڙي، وڏي گونگڙي ۽ مرزا واهه آباد ڪن ٿا. گونگڙو اصل ۾ سنڌو جو ڦاٽ هو جيڪو ٻني کان

هاڻي اچو تہ موجوده مغلڀين جنهن کي هن وقت ”جاتي“ چيو وڃي ٿو، ان تي هڪ سرسري نظر وجهون.

جاتي سنڌ جو سرحدي شهر آهي، هن ۾ هن وقت ٽائون ڪميٽي آهي، جڏهن تہ 1878ع ۾ هتي ميونسپل ڪميٽي قائم هئي. شهر جي آدمشماري 8722 آهي. جڏهن تہ 1927ع ۾ 2790 ماڻهو رهندا هئا. ۽ 1891ع جي آدمشماري مطابق هتي 1706 مسلمان ۽ 537 هندو رهندا هئا.

صحت جي ميدان ۾ جاتيءَ ۾ سڀ کان پهريائين ٿرڊ ڪلاس ڊسپينسري 1899ع ۾ کلي، جيڪا 1950ع تائين قائم رهي. هن وقت رورل هيلٿ سينٽر قائم آهي، جنهن ۾ دوائن جي کوٽ جي عام شڪايت آهي.

تجارتي لحاظ کان شهر ۾ ڳاڙهو چانور، هربو سرنهن ۽ توريو ٻين علائقن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا. جاتي-سجاول ۽ جاتي-چوهڙ پڪا روڊ آهن. بهتر ٿئي تہ 1953ع واري مغلڀين ريلوي اسڪيم کي پايہ تڪميل تي پهچايو وڃي.

تعليمي لحاظ کان هتان جو سڀ کان پراڻو اسڪول مغلڀين آهي، جيڪو 1 نومبر 1991ع تائين سڄي تعلقي ۾ واحد اسڪول هو. هن وقت شهر ۾ ٻہ پرائمري اسڪول، گرلس اسڪول ۽ هاءِ اسڪول قائم آهن. سنڌي اسڪول ۾ هاءِ اسڪول ۽ سائنس جي سامان جي کوٽ هتان جا مکيہ تعليمي مسئلا آهن.

علمي ادبي سرگرمين ۾ هي شهر مانو آهي، محمد نسيم، محمد عثمان ميمڻ، رسول بخش انصاري، ڪريم بخش قاسمي، الهڏنو اداسي ۽ يوسف انصاري ڪنهن نہ ڪنهن نموني ادبي سرگرمين کي جاري رکندا پيا اچن.

تاريخي لحاظ کان جاتيءَ کان ڏيڍ ميل پري ڏکڻ طرف سنڌو بندر جا کنڊرات ۽ 5 ميل اوير طرف نند ڪوٽ جا آثار ۽ 16 ميل اوير طرف وڙي جا ٿبا ۽ تقريبن 24 ميل پري شاهہ ڪپور عرف محمد طور جا کنڊرات، هن علائقي جي تاريخي اهميت جي گواهي ڏئي رهيا آهن.

بزرگ آهي. هڪ دنيا سندس مريد آهي. سندس مزار ديري ڪان اپرندي طرف ستن ائن ڪوهن تي مشهور آهي“. مرزا قليچ بيگ مرحوم سنڌ جا قديم شهر-ص 126) ۽ سنڌ گزيٽيئر ڪراچي ضلعو (ص 76) هن ڳالهه تي متفق آهن تہ ”پيين، قريشي خاندان جو هڪ فرد هو. سندس پورو نالو شيخ سلامت هو ۽ مغل سندس پٽ هو. اهي ٻئي هالار جي هڪ هندو راجا سان جنگ ڪندي شهيد ٿي ويا. ان جنگ متعلق چيو وڃي ٿو تہ اها جنگ ان ڪري لڳي جو پيينءَ وان، هڪ سيد کي پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو هو. جنهن تي الزام هو تہ هن راجا جي پٽ کي قتل ڪيو آهي“. پر مسٽر سيموئر جنهن جاتي تعلقي جي سيٽلمينٽ رپورٽ 1899ع ۾ سنڌ سرڪار کي پيش ڪئي، تنهن ۾ لکيو آهي تہ ”شيخ سلامت، ننٽي جو هڪ قريشي نواب هو. جو نوابي ڇڏي جاتيءَ ۾ اچي فقيري اختيار ڪيائين“. سيموئر جي انهي راءِ سان عام راءِ متفق ناهي.

مغليين جا مقبرا ڪنهن اڏيا؟ اها ڪا مستند خبر ڪونهي. البت روايتي طور اها ڳالهہ معلوم ٿي آهي تہ اهي سندس هڪ خاص مريدياڻي مائي ڪيهرياڻيءَ نهرايا هئا. مغليين جي درگاهہ اڳيان هڪ ٻن ڪان اڍائي مڻن تائين وزن جو ڪارو پٿر پيل آهي، جنهن تي چيٽي جا نشان اڄ ڏينهن چٽا آهن. درگاهہ جي لڳو لڳ پيينءَ جي پوٽي تاجوءَ جي مزار آهي، درگاهہ جي اتر ۾ باقي راڻي، ٻنو صاحب، اسماعيل خان ۽ آري صاحب جون آرامگاهون آهن. درگاهہ جي ڏکڻ اوير طرف پنجاري لڳو لڳ ”ميران قدم“ جو مقبرو آهي. درگاهہ پرسان 1318هہ ۾ تعمير ٿيل هڪ مسجد آهي، ڪجهہ وقت اڳ درگاهہ اوقاف جي حوالي هئي. درگاهہ جو ساليانو ميلو هندن جي سال مطابق 27 ڦڳڻ تي لڳندو. ميلي جي شروعات 23 تاريخ اچي جي رسم سان ٿيندي آهي، جنهن ۾ اولياءَ جا مريد ڪير ۽ چُن سان مقبري کي ڌوئيندا آهن. خليفو طفيل احمد درگاهہ جو گادي نشين آهي.

درگاهہ جي احترام ۾ گهٽو ڪري ماڻهو شهري حدن ۾ داخل ٿيندي ئي جتيون لاهي هٿ ۾ ڪڻندا هئا يا ڳوٺان ئي ڪو نہ پائي ايندا هئا. ان ڪري پهاڪو ٻڌجي ويو تہ: ”جاتيءَ جا جوان پيرين اگهاڙا“. درگاهہ تي موتين پريل پٿر وجهڻ جي رواج ڪري هتي موتين جي پوڄ جو ڪم بہ سنو ٿئي ٿو. مغليين جي نالي پويان هتان جا ماڻهو پنهنجن ٻارن تي ”پيينڏنو“ ۽ ”پيينءَ رکيو“ نالا رکندا آهن.

سنہ 32_1831ع ۾ ليفٽيننٽ ايڊورڊ ڊلهائوسي جي سربراهيءَ هيٺ انگريزن هڪ سروي ٽيم موڪلي، ٽيم جي ذمي سنڌ جي اهڙي نموني جي سروي ڪرڻ جو ڪم سونپيل هو جيئن انگريزن کي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ لشڪر ڪشي جي ضرورت پوي تہ اهي اتان لشڪر موڪلي سگهن. ٽيم ۾ ڊلهائوسيءَ کان سواءِ پنج ٻيا بہ ميمبر هئا ٽيم مانڊوي کان حيدرآباد، حيدرآباد کان خيرپور ۽ خيرپور کان مانڊوي وايا مغليين سفر ڪيو. ڊلهائوسيءَ جي انهيءَ ٽيم جي روئيداد، "ڪمشنر سنڌ جي آفيس مان بغاوت هند کان اڳ واري رڪارڊ جو انتخاب نمبر5" ۾ صفحو 185 کان 238 تائين شايع ٿيل آهي.

ليفٽيننٽ ڊلهائوسي جنهن 1832ع ۾ سنڌ سروي مشن جي سربراهيءَ ڪئي هئي، تنهن "مغليين" متعلق پنهنجي ڊائري ۾ لکيو آهي تہ: "اسان سيئي 1831ع تي صبح سويل اپلائہ کان مغليين پهتاسين. مغليين هڪ وڏي جڳهہ آهي، منجهس اندازي مطابق 3000 ماڻهو رهن ٿا. شهر گونگڙي واهہ جي ڪابي ڪپ تي واقع آهي. واهہ جي ويڪر 200 وال ۽ اونهائي 18 فوٽ آهي. مغليين کان ڏيڍ ميل پري ڏکڻ طرف گونگڙي تي هڪ بند ٻڌي وئي آهي. وڏين ويرن وقت، سير ڪاري، جيڪا بند جي ٻئي طرف آهي، پاڻيءَ سان پرجي ويجي ٿي، تنهن ڪري سامونڊي مال، ٻيڙين رستي بندر تائين آندو ويجي ٿو جيڪو پوءِ گونگڙي وسيلي سنڌ جي اندرئين حصي ۾ موڪليو ويجي ٿو. آمد رفت جي انهيءَ سهوليت مغليين کي اهم حيثيت ڏياري آهي، جيڪا ٻين شهرن کي حاصل ناهي. جڏهن اهو سوچجي ٿو تہ ڪڇ ۽ سنڌ جي تجارت، مغليين جهڙي ننڍي جڳهہ تان ٿئي ٿي تہ عجب وٺيو ويجي ٿو! گونگڙي جنهن علائقي کي آباد ڪري ٿي، ان کي "ماڇر" چئجي ٿو. اسان مغليين وٽ 25 وڏيون ۽ چار ننڍيون ٻيڙيون ڏٺيون وڏيءَ ٻيڙي ۾ 25 خرار ان ماپي سگهي ٿو اسان کي ٻڌايو ويو تہ هتي ڏهہ هزار انٽيون آهن. اسان هڪ ڏڻ ۾ 1200 انٽيون ڏٺيون".

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ هن شهر تي اهو نالو ڪيئن پيو؟

هن لاءِ مشهور آهي تہ هتي مغل ۽ ٻين نالي بہ شيخ پيءُ پٽ مدفون ٿيل آهن، گڏيل درگاهہ کي "مغليين" جي درگاهہ ڪري چيو ويجي ٿو جيڪا گنگڙي واهہ جي لڳو لڳ شهر جي اتر_ اولهہ ۾ واقع آهي. (تحفتہ الڪرام ص_427) ۾ اچي ٿو تہ "شيخ مغليين، ناليوارو ۽ ڪليل ڪرامتن جو ڌڻي ۽

# مغليين عرف جاتي

"جاتي ڪل جت۔ ماجر ڪل متي".

لاڙ ۾ هيءَ چوٽي ڪن صدين کان ٻڌڻ ۾ پئي اچي. انهيءَ لحاظ کان اها ڳالهه پڌري ٿئي ٿي تہ جاتي جتن جو علائقو آهي، هتان جا اصلوڪا رهاڪو جت آهن، جن کي عرب تاريخدانن "زط" ڪري لکيو آهي. انهيءَ چوڻ جي تصديق "فتحنامہ سنڌ" ص۔19 (فوٽ نوٽ 73) مان پوي ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، انهيءَ وقت کان بہ اڳ شاهبندر ڊويزن جي ايراضيءَ ۾ جت قوم رهندي هئي ۽ سندن قديم وسندين سبب ئي نئي ضلعي جي ڏکڻ اوير واري ايراضيءَ تي (جاتي) نالو پئجي ويو.

ٺٽي ضلعي جي جنهن شهر کي هن وقت "جاتي" چيو وڃي ٿو، ان جو اصل نالو "مغليين" آهي. سنڌ جي سيني پراڻن نقشن، جاگرافي ۽ تاريخ جي ڪتابن توڙي آفيس رڪارڊ ۾ جاتي تعلقي جي صدر مقام "مغليين" کي "جاتي" سڏيو ويو ۽ هن وقت صورتحال هيءَ آهي، جو مغليين جي درگاهہ لاءِ جاتي جي ڄاڻ ضروري آهي.

تاريخي لحاظ کان هيءَ تعلقو وڏي اهميت جو حامل آهي، ڪڇ جي سرحد ويجهو هئڻ ڪري ڪڇي ۽ گجراتي قومن جو لنگهہ هتان رهيو. هونئن بہ ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ گجرات جا سنڌ سان قريبي تعلقات رهيا آهن.

"آئين اڪبري" جو حوالو ڏيندي "سنڌ جي ضلعي ۾ اقتصادي جاگرافي" جو مصنف امير بٺاوالا لکي ٿو تہ "جڏهن اڪبر جي فوج سنڌ تي قبضو ڪيو ان وقت سنڌ مغليين جي اتڪل ويجهو هو ۽ اڪبر جي لشڪر مغيلين کي سنڌ جي آخري حد ٺهرايو هو".

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ بہ مغليين کي خاص اهميت حاصل هئي. غلام شاهہ ڪلهوڙي جڏهن ڪڇ جي ڄاڙيجا حاڪمن تي ڪاهہ ڪئي تہ هن بہ پنهنجو لشڪر جاتي کان خشڪيءَ رستي ۽ شاهبندر کان سمنڊ رستي ڪڇ ڏانهن اماڻيو. ميرن جي وقت هتي گورنر ۽ نائب ناظم رهندا هئا.

قائم ٿي، 23 مارچ 1941ع ۾ مسلم ليگ ميرپور بٺورو طرفان حاجي محمد صاحب جي صدارت ۾ "يوم پاڪستان" ملهايو ويو. جنهن ۾ مقررن ٻڌايو ته سواءِ پاڪستان جي ٻيو ڪو به رستو باقي ڪو نه بچيو آهي. جنهن ذريعي موجوده مشڪلاتن جو حل ٿي سگهي. انهيءَ دوران دڙي ۾ مسلم اسٽوڊنٽ يونين جي قيام جون خبرون ملن ٿيون. جنهن جو صدر عبدالغفور ميمڻ هو.

14 مئي 1944ع تي سنڌ جي سابق وزيراعليٰ الهه بخش سومري کي شڪارپور ۾ قتل ڪيو ويو. سيپٽمبر 1943ع ۾ سنڌ جي هڪ وزير محمد ايوب کهڙي کي استعيفيٰ ڏياري الله بخش سومري جي قتل ۾ گرفتار ڪيو ويو. کهڙي صاحب جي سبب سڄي سنڌ ۾ جلسا ٿيا. نيٺ انگريز سرڪار ڪيس آگسٽ 1945ع ۾ باعزت بري ڪيو. کهڙي صاحب جي آزاديءَ تي ٺٽي ضلعي ۾ وڏا شادمانه ڪيا ويا. روزنامه الوحيد ڪراچيءَ جي چوڻ مطابق دڙي ۾ جلوس ڪڍيو ويو بعد ۾ جلسي جي صدارت ارباب گل محمد ڪئي. مهاراج لال چنا تقرير ڪئي ۽ نور احمد عباسي غزل ٻڌايو. الوحيد جي 19 آگسٽ 1945ع واري اشاعت ۾ ميرپور بٺوري جي هڪ شخص جي تار هوبهو نقل ڪئي ويئي آهي. تار جا هي الفاظ آهن. "بٺوري مان ميان عبدالرحيم حاجي سومار تار ٿو ڪري ته خادم ملت، محب وطن، خان بهادر محمد ايوب خان کهڙي کي رهائي ئي ميرپور بٺوري جي مسلمانن طرفان لک لک مبارڪون پيش ڪجن ٿيون."

14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان آزاد ٿيو. پاڪستان جي قيام جي ڪوشش ۾ جتي سڄي برصغير جي مسلمانن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي اتي ٺٽي ضلعي جي مسلمانن به پنهنجي بي انتها خوشي جو اظهار ڪيو. الوحيد ۾ "قيام پاڪستان تي خوشي جو اظهار" جي سري هيٺ هڪ باقاعده ڪالم مسلسل ڪيترا ڏينهن شايع ٿيندو رهيو. الوحيد جي آگسٽ 1947ع وارن پرچن ۾ جنگشاهي، راهوٽ، ڪوٽ عالمون، دڙو بٺورو ٻنون، سجاول، جاتي، لاڏيون، ڪيٽي بندر درويش، ٺٽو گجو سونڊيا، جهرڪ، جنگڙي ۽ جهمپير جو پاڪستان جي قيام جي خوشيءَ ۾ ٿيل جلسن جون رپورٽون ملن ٿيون، جن ۾ جناح صاحب جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ويو آهي.

بيدار ڪيو انهن ۾ مولانا حاميدالله ٻيلوي ۽ مولانا سيلمان ٻنوي سرفهرست آهن. تحريڪ خلافت دوران مسلمانن سان همدرديءَ جي آڙ ۾ آل انڊيا ڪانگريس پارٽي ڪي متعارف ڪرائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي 1920ع ۾ ڪانگريس جي سنڌ برانچ کولي ويئي جنهن جو صدر ڊاڪٽر چوئٿ رام هو آزادي جي نصب العين تي ڪيترا چڱا چوکا مسلمان ڪانگريس سان وابسته رهيا آهن. ڊاڪٽر چونٿ رام جي طوفاني دورن سبب ٺٽي ضلعي ۾ ڪانگريس جون شاخون شامل ٿيون، جن ۾ ٺٽو سجاول، ڏڙو ٻنون، ميرپور بٺورو ۽ جاتي جي شاخن جي ڪارڪردگي خاصي بهتر رهي، ٻني ۾ ڪانگريس جي شاخ 1937ع ۾ قائم ٿي. ارباب نورمحمد پليجو ان جو روح روان هو ۽ مهاراج شنڪران جو سرگرم ڪارڪن هو ميرپور بٺوري ۾ ڪانگريس ڪي مولانا محمد عثمان ڪتيءَ مقبول بڻايو پر پارٽي 1938ع ۾ ڪانگريس مسلم دشمنيءَ باعث ان کان الڳ ٿي ويو سندس اهڙو انٽرويو روزانه "الوحيد" ڪراچيءَ جي 24 ڊسمبر 1938ع واري شماري ۾ داخل ٿيو.

الوحيد جي 23 جولائي 1938ع واري اشاعت ۾ غلام علي، محمد سومار، حاجي عبدالله ميمڻ، الهه ڏنو ٺارو خان سومرو ۽ ٻين ٻارهن ڄڻن جو هڪ طويل خط شامل ٿيو آهي. جنهن ۾ انهن ڪانگريس جي مسلم دشمنيءَ ڪي ننديندي ان کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو آهي. 1930ع ۾ بمبئي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هن خطي جي نمائندگي لاءِ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ فارم ڀريو شيخ صاحب جي اليڪشن مهم ۾ جن سرگرميءَ سان حصو ورتو انهيءَ ۾ مولوي محمد يوسف ٻنوي به شامل هو شيخ صاحب عوام جي تائيد سان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو.

1931ع ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي سڏ تي سنڌ آزاد پارٽي جو بنياد رکيو ويو. جنهن جو مقصد سنڌ کي بمبئيءَ کان آزاد ڪرائڻ هو. سر شاهنواز ڀٽو کي پارٽيءَ جو صدر ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. شيخ صاحب جي سڏ تي ميرپور بٺوري تعلقي ۾ سنڌ آزاد پارٽي جون هينيون برانچون قائم ٿيون. ميرپور بٺورو (صدر حاجي محمد سومار واڌو) ڏڙو صدر (الهه ڏنو ميمڻ)، ٻنون صدر (مولوي محمد يوسف) راهوٽ صدر (حاجي ستار ڏنو شاهه)

مسلم ليگ جي شاخ ميرپور بٺوري ۾ مارچ 1941ع ۾ قائم ٿي. 22 مارچ 1941ع تي ڏڙي ۾ ارباب گل محمد جي ڪوشش سان مسلم ليگ جي شاخ

محمد هاشم گجائي ۽ مولوي محمد اشرف آف پير پنو.

خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ ۽ انگريز سرڪار جي خلاف تقريرون ڪرڻ جي الزام ۾ هتان جي مولوي فتح علي جتوئي کي هڪ سال، مولوي محمد يوسف ٻنوي کي اٺ مهينا، علي محمد دڙائي ۽ مولوي محمد عثمان ٻنورائي کي ڇهه ڇهه مهينا قيد و بند جون مصيبتون برداشت ڪرڻيون پيون، هڪ طرف جانثاري جو اهو عالم هو ته ٻئي طرف ڪي سرڪار جا همدرد، خلافت جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هئا. ان سلسلي ۾ "الوحيد" جي 4 جولاءِ 1920ع واري پرچي ۾ دڙي جي ارباب حاجي خميسو خان طرفان تحريڪ خلافت جي ڪمن ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي خلاف هڪ ادارتي تبصرو آيو آهي. تحريڪ خلافت دوران برصغير جي عالمن پاڻ کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ "جمعيت علماءِ هند" وجود ۾ آئي. جنهن جون شاخون سڄي هندستان ۾ قائم ٿيڻ لڳيون. ٺٽي ضلعي ۾ ٺٽو سونڊا، سجاول، ميرپور بٺورو ۽ ٻنون ۾ جمعيت جون شاخون شامل ٿيون. جمعيت جي ڪمن ۾ سرگرمي سان حصو وٺندڙن ۾ مولوي فتح علي جتوئي، مولانا حاميدالله پيلوي، مولانا محمد نور پيلوي، مولانا محمد عثمان ڪٽي ٻنورائي، مولانا محمد سليمان ٻنوي، مولانا محمد حسين ٺٽوي ۽ قاضي محمد صالح سونڊوي وغيره شامل هئا. جمعيت هتان جي مسلمانن ۾ مذهبي ۽ سياسي شعور ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي.

تحريڪ خلافت جي ڏينهن ۾ تحريڪ "ترڪ موالات" شروع ٿي، جنهن متعلق ڏيهي ماڻهن سرڪاري لقب ۽ خطاب ڦٽا ڪري ڇڏيا. نوڪرين تان استعيفائون ڏنيون ويون، مدرسن گرانٽون وٺڻ بند ڪري ڇڏيون، عام ماڻهن محصولن ۽ ڍلن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ميرپور بٺوري تعلقي ۾ حافظ محمد يوسف شورو پنهنجي مدرسي جي گرانٽ وٺڻ بند ڪري ڇڏي، جڏهن ته ميان محمد خان نائب ماستر مگينلڊو گگو ۽ مرزا عبدالمجيد تپيدار بٺورو پنهنجن نوڪرين تان استعيفا ڏيئي ڇڏي.

خلافت تحريڪ دوران ئي هڪ ٻئي تحريڪ "هجرت تحريڪ" جنم ورتو. هجرت تحريڪ کي بي اثر بڻائڻ لاءِ انگريز حڪومت هر شهر ۾ "امن سڀا" قائم ڪرائي. "امن سڀا" جي خلاف مسلمان انهيءَ ڪري ٿي بيٺا ته اها انگريزن جي هڪ چال آهي، جيڪي ترڪي کي هر حال ۾ پنهنجو غلام بڻائڻ چاهن ٿا. امن سڀا جي مخالفت ۾ هتان جي جن عالمن مسلمانن کي

### تحريڪ خلافت:

پهرين عالمگير لڙائيءَ دنيا جي نقشي تي ڪيترين سياسي ۽ جغرافيائي تبديليون آنديون. برطانوي سامراج جي جهنڊي ڪيترن مسلم ملڪن کي پنهنجي آغوش ۾ آڻي ڇڏيو. ترڪي، سڀ کان زياده زخم رسيده ملڪ هو. خلافت اسلاميه جي يادگار طور مسلمانن جو ان سان قلبي لڳاءُ هو. خلافت کي بچائڻ لاءِ هندستان جي مسلمانن نه صرف ترڪيءَ لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو پر باقاعدي تحريڪ خلافت جو قيام عمل ۾ آندو جنهن وسيلي سڄي هندستان جي مسلمانن انگريز سماج جي خلاف کلم کلا نفرت ۽ بغاوت جو علم بلند ڪيو. تحريڪ خلافت سان ئي مسلمانن جي سياسي شعور پختگيءَ ۽ پنهنجي پرائي کي سڃاڻڻ ۾ آساني پيدا ٿي.

1919ع ۾ حيدرآباد خلاف ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي نئتوي ۽ سندس ساٿين جي راءِ سان، سنڌ جي مسلمانن لاءِ ”الوحيد“ اخبار جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. الوحيد جو پهريون پرچو 15 مارچ 1920ع تي شايع ٿيو ۽ اها 1956ع تائين برابر شايع ٿيندي رهي. ”الوحيد“ سنڌ جي مسلمانن جي ترجمان ٿي ڪم ڪيو ۽ انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اها ”الوحيد“ هئي، جنهن سنڌ جي مسلمانن کي تحريڪ پاڪستان کان آگاهه ڪيو ۽ ان لاءِ آماده ڪيو.

”الوحيد“ ۾ نئتي ضلعي متعلق جيڪا سڀ کان اڳ ۾ خبر ڇپي، ان جو تعلق پڻ تحريڪ خلافت سان هو. ”الوحيد“ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته موجوده نئتي ضلعي ۾ نئتو سجاول، ميرپرو بٺورو لاڙقپور، جهرڪ، دڙو ٻڍو تالپر، سونڊا، ٻيلو گجو گليل، سونپارا، تعلقه نئتو ٻنون، ڪوٽ عالمون، جمهپير، مگينلڏو گگو ۽ گنج ولهار ۾ خلافت ڪميٽيون قائم هيون. ضلعي ۾ تحريڪ خلافت جا ڪئين سرگرم ڪارڪن هئا جهڙوڪ: شيخ عبدالمجيد سنڌي نئتوي، علامه حاميدالله لاڙائي، مولوي فتح علي جتوئي، مولانا محمد عثمان ڪتي ٻنورائي، شيخ غلام حسين آف سجاول، شيخ ڏٽي بخش ناقص سجاولي، ڊاڪٽر علي اڪبر آف سجاول، سيد حسين علي شاهه آف ٻنورو، مولوي محمد سليمان ٻنوي، ميان محمد عثمان زرگر آف دڙو، علي محمد لاڙقپوري، سومار قادر ڏنو آف نئتو، سيد زمان شاهه ساقي مهدوي نئتوي، مولانا محمد حسين نئتوي، قاضي عبدالڪريم سونڊوي، ميان احمد صديق سونڊوي، قاضي محمد صالح سونڊوي، مولانا محمود ولهاري، مولانا

تِر 110 رپيا ۽ چانيو 80 رپيا في ڪراڙجي حساب سان ملندا رهيا.

9. آدمشماري جي لحاظ کان 13658 ماڻهن جو ڌنڌو زراعت، تي 1860 ماڻهن جو جزوي زراعت تي ۽ 16678 ماڻهن جو ڌنڌو زراعت کان علاوه هو.

10. تعلقي ۾ ٻارهن وڏا زميندار آهن جن ۾ مراد شاهه، جمن شاهه، ابراهيم حافظ، گل محمد مگيلڏو گگو جتو مل تلو مل، عبدالستار سلطان علي شاهه، لاڏڪ مل ڏيوو ڪجي، ڪشن داس واڌو رام، محمد حافظ شاهه الهه بخش شاهه، سائين ڏنو خالق ڏنو گگو مبين عثمان ٻانهي پوٽو الهه ڏنو ولد فضل گگو ۽ محب علي ميان ڏنو خواجه. زميندارن کي جيڪا زمين مان اُپت ٿئي ٿي اها اڪثر ڪري عيش عشرت ۾ وڃي ٿي. تعلقي جا تمام ٿورا اهڙا زميندار آهن. جيڪي پنهنجي زمين جي سڌاري لاءِ ڪوشان آهن، انهن ۾ حيدر بخش لغاري ديهه لائقپور ۾ لال بخش شورو ڳوٺ فتح محمد ابڙو محب علي خواجه ڊنڊي ۾ خير محمد سوهو جنهن تازو وفات ڪئي آهي. ديهه لاڙ چاڙهه ۾ مبين ٻانهي پوٽو حسين پور ۾ ۽ سائين ڏنو گگو شاهه پور ۾ شامل آهن.[8]

## آزادي کان اڳ ميرپور ٻٺوري جو سياسي ڪردار

1909ع منٽو مارلي سڌارن جي عمل ۾ مسلمانن پهريون ڀيرو پنهنجا نمائندا منتخب ڪري ليجسليٽو ڪائونسل ۾ موڪليا. هي اهو دؤر هو جو انگريز سرڪار هڪ طرف ڏيهي ماڻهن کي اقتدار ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ عوامي نمائندگيءَ واري قانون تي عمل ڪرائڻ ۾ پرعزم ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي، ته ٻئي طرف لڪ چوريءَ ۾ مسلمانن جي سياسي ادارن جو جائزو وٺڻ لاءِ جاسوسي به ڪندي رهي. ان سلسلي ۾ ڪليڪٽر ڪراچي (موجوده ٺٽو ضلعو) ان ۾ شامل هو هڪ خفيه سرڪيولر ۾ ضلعي جي ڊپٽي ڪليڪٽرن کان محمدن (مسلمانن) جا سياسي لاڙا ۽ انگريز سرڪار متعلق سندن روين بابت، سرڪار کي آگاهه ڪرڻ لاءِ لکيو. ڊپٽي ڪليڪٽر شاهه بندر پنهنجي سنڌي بندر ڪئمپ آفيس مان ان سرڪيولر جو جواب بذريعي ليٽر نمبر 02 (ڪانفيڊيشنل) مؤرخ 30 مارچ 1917ع تي لکيو ته: ”محمدن (مسلمان) ڪي به سياسي عزائم نٿا رکن انهن جي سرڪار سان پاليسي مفاهمانه آهي.“ انهيءَ مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته گذريل صديءَ جي پهرين ڏاڪي تائين ٺٽي ضلعي جي مسلمانن انگريزن سان ٽڪراءُ واري پاليسي اجا اختيار نه ڪئي هئي.[9]